پيلارين جايون

(لس پلي جي عام سنڌي شاعري جو مختصر خاڪو)

سهيڙيندڙ، سموهيندڙ ۽ سلجهائيندڙ

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

صاحب خان سورهم ميراڻي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

پاڪستان جي علائقائي ٻولين ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪتاب سنڌي زبان ۾ شايع ٿيا آهن .

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر ، سورهه سنڌي ادب ويبسائيٽ تي سنڌي زبان جا اهم ڪتاب PDF ۾ پيش ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو .

ان سلسلي جي ڪڙي ، ڪتاب نمبر (68) پيلاين جا پول . ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پيش ڪجي ٿو .

اميد آهي ته اسان جي هن ڪوشش کي قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو .

صاحب خان سورهه ميراڻي

0344 – 3919786

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

صاحب خان "سورھ" ميراڻي - نئون ديرو
Cell No : 0344 - 3919786

پيلاين جا پول

(لس پيلي جي عام سنڌي شاعري جو مختصر خاڪو)

(وڌايل ۽ سڌارييل)

سهيڙيندڙ سمورڪيندڙ ۽ سلجهائيندڙ

ڈاڪٽر نبي بخش بلوچ

ايم. اي. ايل. ايل. بي (عليگ)

ايم. اڇ. ايل. ڊي (ڪولمبيا)

ڈائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن

سنڌ يونيورسٽي - حيدرآباد سنڌ

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

ڪراچي - 2014ع

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

ڪتاب جا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: هيلاين جا هوڻ
سهيڙيندڙ سموهيندڙ
۽ سلجهائيندڙ: ڊاڪٽر تبي بخش خان بلوچ
پهريون ڇاپو: مئي 1951ع
ٻيو ڇاپو: مئي 1970ع
نئون ڇاپو سال: 2014ع
تعداد: هڪ هزار
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: تنوير احمد سولنگي
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڈمي ڪراچي
فون: 021_32737290
ڇپائيندڙ: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ
مليو: 600/- روپيا

هي ڪتاب ڪلچر ڪتاب گھر، ويجھو ايم پي اي هاسٽل
سر غلام حسين هدايت الله روڊ ڪراچي سنڌ، وٽ وڪري لاءِ موجود آهي
فون: 021-99206073 & 99206144

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

فهرست

- پبلشر پاران 4
- بني چاپي جو ديباچو 5
- پهرين چاپي جو مهاڳ 8

مقدمو	: عام سنڌي شاعري	15
باب اول	: لس بيلي جو تاريخي پس منظر	23
باب ٻيو	: لس بيلي جون قومون ۽ قبيلا	56
باب ٽيو	: لس بيلي جي بولي	85
باب چوٿون	: بيلي جي شاعري جي نشو ونما	96
باب پنجون	: بيلي جي شاعرن جا مشاعرا ۽ فني ايجادون	104
باب ڇهون	: بيلي جي شاعري جا عنوان	150
باب ستون	: بيلي جي شاعري جا عنوان: جنگناما	179
باب اٺون	: ڪبير شاهه ۽ شيخ ابراهيم جي ملاقات ۽ مقابلو	272
باب نائون	: شيخن جو خاندان: شيخ حمر ۽ شيخ بڪر	290
باب ڏهون	: شيخ ابراهيم ۽ سندس شاعري	307
باب يارهون	: شيخ خاندان جا باقي شاعر	341
باب بارهون	: ڪبير شاهه: سندس خاندان ۽ شاعري	354
باب تيرهون	: سيد احمد شاهه ۽ سندس شاعري	388
باب چوڏهون	: شاعر نمر ۽ سندس قبيلي جا شاعر	400
باب پندرهون	: سنياسائي شاعر	423
باب سورهون	: رونجها شاعر	431
باب سترهون	: شاعر نامور دوست محمد	435
باب ارڙهون	: برادیا شاعر	451
باب اڻويهون	: باکڙا شاعر	461
باب ويهون	: موندرا شاعر	471
باب ايڪيهون	: لس بيلي جا باقي شاعر	491
ضميمو	: لس بيلي جو سفر 1946ع	520

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پبلشر پاران

سنڌي ٻوليءَ جي اساسي ماخذن ۽ ذخيرن بابت تحقيق جون سنڌ
۾ جيڪي ڪوششون ورتيون ويون. انهن ۾ نامياري عالم ڊاڪٽر نبي
بخش خان بلوچ جو نالو سرفهرست آهي. سنڌ جي قديم ڪلاسيڪي
شاعرن جو ڪلام ان سلسلي ۾ بيحد اهميت وارو آهي. ڊاڪٽر بلوچ
انهن جي سڃيڙ ۽ تحقيق ۾ ٻه ڀاڱ ٿوڪيو ۽ سڄي سنڌ جهاڳي ڳنڍ
ڳچ ۾ موجود ادبي ۽ علمي ذخيرن کي قولهيو.

مطالعي هيٺ ڪتاب "پيلاين جا ٻول" ۾ سندس ٻيلي جي عام سنڌي
شاعريءَ جو مختصر خاڪو آهي. جيڪو ٻنهرين دفعو 1951ع ۾
ڇپجي پڌرو ٿيو هو. ۾ سندس پرڪٿي جو حصو رهيو آهي ۽ اڄي
سنڌي ٻوليءَ جو واهپو عام جام آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن
ڪتاب ۾ سنڌ ٻيلي جي سنڌي شاعري واري رخ کي پيش ڪري سنڌي
ٻوليءَ جي هڪ اهم ذخيري کي محفوظ ڪري ورتو آهي.

ٻنهرين اشاعت ڪانپوءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وڌيڪ مواد
حاصل ڪرڻ لاءِ لڳاتار 19 سالن جي عرصي تائين اُتان جي ڳچيرن ۽
عالمن سان ملي ٻوليءَ جي ڊاڪٽر صاحب "مسلسل" ٽي دفعا اُتان جي ڪن
ايراضين جو گشت ڪري" ڪي سڌارا ڪيا ۽ ڪيترائي مواد ۾ واڌارا
آندا. جيڪي 1970ع واري ٻڌي چاپي ۾ هن ڪتاب جو حصو ٿيا.

اسان ثقافت کاتي جي پاران ڊاڪٽر بلوچ جي Collected Works
جي اشاعت جو جيڪو آغاز ڪيو آهي. اُن سلسلي ۾ هي ڪتاب اُميد
ته سنڌي ٻوليءَ جي محققن ۽ پڙهندڙن لاءِ بيحد لاڀائتو ثابت ٿيندو.

منظور احمد ڪناسرو

ايڊيشنل ڊائريڪٽر جنرل
ثقافت ۽ سياحت کاتو
حڪومت سنڌ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پبلشر پاران

سنڌي ٻوليءَ جي اساسي ماخذن ۽ ذخيرن بابت تحقيق جون سنڌ
۾ جيڪي ڪوششون ورتيون ويون. انهن ۾ نامياري عالم ڊاڪٽر نبي
بخش خان بلوچ جو نالو سرفهرست آهي. سنڌ جي قديم ڪلاسيڪي
شاعرن جو ڪلام ان سلسلي ۾ بيحد اهميت وارو آهي. ڊاڪٽر بلوچ
انهن جي سهيڙ ۽ تحقيق ۾ ٻه پاڻ ٻوڪيو ۽ سڄي سنڌ جهاڳي ڳنڍ
ڳچ ۾ موجود ادبي ۽ علمي ذخيرن کي ڦولهيو.

مطالعي هيٺ ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول" ان ٻيلي جي عام سنڌي
شاعريءَ جو مختصر خاڪو آهي. جيڪو ٻهرين دفعو 1951ع ۾
ڇپجي پڌرو ٿيو هو. ان ٻيلو سنڌ پرڳڻي جو حصو رهيو آهي ۽ اتي
سنڌي ٻوليءَ جو واهپو عام جام آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن
ڪتاب ۾ ان ٻيلي جي سنڌي شاعري واري زخ کي پيش ڪري سنڌي
ٻوليءَ جي هڪ اهم ذخيري کي محفوظ ڪري ورتو آهي.

ٻهرين اشاعت کانپوءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وڌيڪ مواد
هٿ ڪرڻ لاءِ لڳاتار 19 سالن جي عرصي تائين اُتان جي ٻڪهڙن ۽
عالمن سان ملي ٻڌل ڊاڪٽر صاحب "مسلسل ٽي دفعا اُتان جي ڪن
ايراضين جو گشت ڪري" کي سڏارا ڪيا ۽ ڪيترائي مواد ۾ واڌارا
آندا. جيڪي 1970ع واري ٻڌي چاپي ۾ هن ڪتاب جو حصو ٿيا.

اسان ثقافت کاتي جي پاران ڊاڪٽر بلوچ جي Collected Works
جي اشاعت جو جيڪو آغاز ڪيو آهي اُن سلسلي ۾ هي ڪتاب اُميد
ته سنڌي ٻوليءَ جي محققن ۽ پڙهندڙن لاءِ بيحد لاڀائتو ثابت ٿيندو.

منظور احمد ڪناسرو

ايڊيشنل ڊائريڪٽر جنرل
ثقافت ۽ سياحت کاتو
حڪومت سنڌ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باسمہ تعالیٰ

پئي چاپي جو ديباچو

هن ڪتاب جو پهريون چاپو سنہ 1951ع ۾ پڌرو ٿيو. ان چاپي جي آخري باب (بارهين) ۾ چاٽايو ويو هو تہ:

"هن ڪتاب ۾ فقط ايترو سرمايو گڏ ٿي چڪو آهي جيترو اسان پنهنجي فراغت موجب گڏ ڪري سگهيا آهيون. انهيءَ ڪري هي ڪتاب فقط بنيادي ديوار آهي جنهن تي نقش نگار ۽ چٽن گلن جي اڃا ڪافي گنجائش آهي. اُميد تہ سنڌي ادب جي ڪنهن سڄڻ کي سائين وڏي سگهہ ڏيندو جو هو دوباره لس هيلي جو گشت ڪري شعر جي باقي رهيل خزانن مان کي هٿ ڪندو ۽ هن بنيادي ديوار کي نئين نقش نگار سان ويتر سينگاريندو."

هن پئي چاپي جي اشاعت سان متين اميد جي "قدري" پوڙائي ٿي آهي. حالانڪ "ڪاري کسي تمام نڪرد".

پهرين چاپي جي اشاعت کان پوءِ وڌيڪ مواد هٿ ڪرڻ لاءِ پوين اٺوٺين سالن جي عرصي ۾ بقدر فراغت اسان پنهنجي جستجو جاري رکي ۽ جن سڄاڻ سگهڙن کان وڌيڪ حالات هٿ ڪيا ويا تن ۾ مرحوم الله بخش پالاري (سنڌ ڪوهستان). مرحوم محمد امين پوتائي (دريجي) ۽ وڏيري علي مراد ٻُري (شهر اُٽل) جا نالا قابل ذڪر آهين. سگهڙن جي سڌري روايتن کان سواءِ هيٺين قلمي ذخيرن مان پڻ قيمتي مواد هٿ ڪيو ويو آهي: (1) مرحوم شيخ ميان غلام حسين وارو ڪتاب. جو اسان 1946ع ۾ فقط تن ڏينهن لاءِ ڏنو هو سو دوست محترم حاجي محمد سومري بگهيار (ميرپور ساڪرو) جي معرفت تفصيلي مطالعي لاءِ مليو. (2)

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مرحوم عبدالرحيم "وفا" جو قلمي ذخيرو (3) منشي صالح محمد ٻُري جو قلمي ذخيرو جو ميان صالح محمد سمي جي معرفت مليو. (4) پير صاحب سجاده نشين درگاهه "ميران پير" (ڪراچي) وٽان مليل قلمي ڪاغذات. (5) ۽ وڏيري علي مراد ٻُري ۽ سندس فرزند ميان الله بخش وٽان مليل ٽنڊوَن ۽ ٻيو قلمي ذخيرو.

مٿي ذخيري جي ڪن عبارتن ۽ اهجاڻن جي درستي ۽ تصديق خاطر. توڙي مقامي سڳهڙن سان ملڻ ۽ ڪاڦين صدري خزاني حاصل ڪرڻ خاطر. اسان تي دفعا لس ٻيلي جي ڪن اراضين جو گشت ڪيو: سنه 1961ع (28_ آڪٽوبر کان 2 نومبر) ۾ ليارين ڪاڦين واري ۽ هاڙهي جي اُپرندين دامن ۾ ڪچهريون ڪري خاص طرح مبارڪ ڳونگي ۽ مگسي برادين جا وڏيڪ بيٺڪ هٽ ڪيا. سنه 1962ع (5 کان 7 آڪٽوبر) ۾ اڏل ليارين ۽ ٻيلي ۾ مارڪا ڪري ڪن نون شاعرن جا بيت قلمبند ڪيا: ان وقت اسان جو جهونو راوي ميان صالح محمد مگسٻار اڃا جيئرو هو ۽ اڏل ۾ ساڻس ڪچهريون ٽيون ٽيون پيرو سنه 1969ع (4 کان 6 جولاءِ) ۾ اُڏل ۾ منزل ڪري وڏيري ميان علي مراد ٻُري کان خاص طرح لس ٻيلي جي جنگين جي بيتن ۽ تاريخي اهجاڻن بابت حالات هٽ ڪيا ويا.

اهي ڪوششون قدري ڪامياب ٽيون ۽ هن ٻئي ڇاپي لاءِ نئين مواد جو ڪافي ذخيرو گڏ ٿي سگهيو. هن ڇاپي ۾ لس ٻيلي جي تاريخ توڙي لس ٻيلي جي قومن ۽ قبيلن بابت وڏيڪ معلومات گڏ ڪري جدا باب ڏنا ويا آهن. "جنگنامن" بابت "باب ڇهين" جو مواد نئون آهي جنهن کي وڏي محنت ۽ تحقيق سان سهيڙيو ويو آهي. شعر وشاعري ۽ جدا جدا شاعرن بابت پهرئين ڇاپي واري مواد ۾ جابجا اضافا ڪياويا آهن. "ڪبير شاهه" جي نسبنامي کي درست ڪيو ويو آهي ۽ پنج سندس شاعري ۾ "سينگار" وارن بيش بها بيتن جو اضافو ڪيو ويو آهي. هن ڇاپي جا پويان ڇهه باب گهڻي قدر نئين مواد تي مشتمل آهن. جن ۾ شاعر دوست محمد بابت "مترهون باب" هڪ قيمتي اضافو آهي. شاعر دوست محمد لس ٻيلي جي باڪمال شاعرن مان هو جنهن جي سوانح توڙي بيتن

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جو تفصيلي ذڪر پٺيرين پيرو هن ٻڌي چاپي جي زيب زينت بنيو آهي. انهن اضافن سان اُميد ته هيءُ ٻيو چاپو عام سنڌي شاعري جي شائقين لاءِ عموماً ۽ لس ٻيلي جي شاعرن ۽ سگهڑن جي قدردانن لاءِ خصوصاً مفيد ثابت ٿيندو.

هن چاپي لاءِ مواد گڏ ڪرڻ ۽ ان کي پايه تڪميل تي پهچائڻ لاءِ جن به دوستن ۽ سگهڑن مدد ڪئي آهي. تن سڀني جو آءٌ دل سان شڪر گذار آهيان. هن سلسلي ۾ هن صاحبن جا نالا قابل ذڪر آهن: محترم ممتاز مرزا قرب ڪري پريس ڪاپي تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي ۽ محترم احمد نبي بخش شيخ نه صرف وقت بوقت تقاضا ڪري هن چاپي لاءِ نسخي تيار ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو مگر ان جي ڇپائي ۽ اشاعت جو ٻار پڻ پنهنجي ڏمي ڪيو.

خادم العلم

سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد سنڌ
15 ـ مئي 1970ع

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پھرين چاپي جو مھاڳ

1945ع ۾ محترم رئيس مير محمد خان هيسباڻي جي اوطاق ۾ الڳ
دڙا تي ڇهڙين پيرو سڳيڙ دودي عاقلاڻي وٽان معلوم ٿيو ته لس بيلي ۽
سنڌي زبان جا وڏا سڳيڙ ۽ شاعر ٿي گذريا آهن ۽ موجود آهن. ان بعد
سنڌ جي ٻئي هڪ سڳيڙ حامد خان رند سان رئيس ميان احمد خان
عبدالمجيد خان ۽ عبدالله خان ملڪاڻي جي اوطاق تي ڳوٺ راج ملک ۾
(گڏجاڻي لڳا) مارکو ٿيو. جنهن ۾ هن سڳيڙ مٿين حقيقت جي تصديق
ڪئي. شيخ ابراهيم "لس واري" جا بيت ٻڌايا ۽ ڪيترا شاعر ۽ شيخ
ابراهيم جي شاعراڻ مناظري جو به ذڪر ڪيو. انهن اڻڄاڻن بيلي جي
سڳيڙن ۽ شاعرن جي احوال ۾ ڪڍ جو عشق پيدا ڪيو. مگر هي
عنقا آساڻي سان هٿ نه اچي ها. جيڪڏهن دوست محترم ميان صالح
محمد خان بلوچ منهنجي لاءِ لس بيلي جو اوکو ۽ اڻانگو سفر سؤلو ۽
سوکو نه ڪري ها. شل سائين سلامت رکيس.

تاريخ 23 جون 1946ع رات جوهين وڳين لس بيلي جي شهر "اٿل" ۾
پهتاسين. ٽي ڏينهن هن شهر ۾ بيلي جي ڪن سڳيڙن سان ملڻ ۽ مارکي
ڪرڻ جو موقعو مليو. اتان واپسيءَ بعد 11 ـ آگسٽ 1946ع/ 12 رمضان
1325ھ تي شيخ ميان غلام حسين سان ملاقات ٿي ۽ هن لائق ڪري
پنهنجي سڳيڙ والد ميان سائينداد جو ڪتاب ڏيکاريو. جنهن ۾ هن سڳيڙ
پنهنجو سڄو صنوري خزانو قلمبند ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ ڏينهن مون روبرو
ويهي هن ڪتاب کي جانچيو ۽ منجهانئس ڪجهه انتخاب ڪيو. اُميد
ٿئي ته ڪنهن وڏي واندڪائي ۾ ويهي ڪتاب تي ڳهري نظر وجهنس.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

مگر اوچتو آمريڪا جي سفر جو سڏ ٿيو ۽ 16 آگسٽ 1946ع تي ڪراچي مان روانگي جو پروگرام مقرر ٿيو. ڏکر ته حياتيءَ کي بقاءَ ڪونهي ۽ شايد هن ڪتاب کي وري ڏسڻ بدران نصيبُ سو شيخ غلام حسين جي ڪراچيءَ ۾ موجودگيءَ جو موقعو غنيمت جاڻي. ونس ويس ۽ پنهنجي ڏورانهين سفر جي سنبت ۽ ساڻئي وقت ڪتاب کي ڏسڻ جي انتهائي شوق جو ساٿس سوال اوريم. ايتري واندڪائي ڪا نه هئي جو ونس وينهي ڪتاب ڏسان ها پر ڪنهن استدعا ڪيم تہ ٻن ڏينهن لاءِ ڪتاب ڪنهي وڃڻ لاءِ ڏئي. ميان غلام حسين منهنجي ذوق بلڪ عشق جو قدر ڪيو ۽ ڪمال مهرباني فرمائي. سائن جي هن سائنديل سوڪڙيءَ کي ڪنهي منهنجي حوالي ڪيو. شل سائين هن سخا جو اجر ڏئيس.

ڪتاب ڪنهي آيس. مگر ڏينهن وارو سجو وقت سفر جي تياريءَ ۾ مشغول رهيس. البت تاريخ 14 ۽ 15 آگسٽ 1946ع جي ٻن راتين ۾ ڏينهن هن ڪتاب جي ورق گرداني ڪيم ۽ ٻيلي مان هٿ ڪيل ٻيٽن کي سکڻ سائيندڙ جي روايت سان پيٽيم. ازانسواءِ ڪي ٽوان ٽڪتا برٽوٽ ٻڌيم. انهن ٻن راتين جي اوجاڳي ۾ جيڪي پلڪ ٻيو سو ۽ ٻي اکين ڏٺا، ميڙي ساڻ ڪري 16 آگسٽ تي آمريڪا جو سفر شروع ڪيو. ٻيلي کان سڻ فرانسسڪو واري سفر ۾ آمريڪي ڪمپني جي جهاز "پريزيڊنٽ ڪارٽن" جي لوڻن هٿيءَ ۾ پڻ سمنڊن جي اوپارين لهوارين لهرين ۽ رمضان شريف جي روزن ۾ ٻه قلمي ڪشالي ڪڍڻ جو شوق پوري رهيو ۽ دوران سفر ۾ ڪتاب جو خاڪو ٻڌيم ۽ مڪمل ڪيو. پاڻ جوڙي واپس ڪيم. چوٽون ۽ پنجون باب نيويارڪ جي ڪولمبيا يونيورسٽي ۾ لکيم. مگر پوءِ تعليمي ڪم ايترو ته گهيري ويو جو هن سفر ڏانهن توجهه نه ڪري سگهيس. وري 1949ع ۾ وطن ورڻ بعد روزگاري جي نعمت نصيب ٿي جنهن کي غنيمت سمجهي. نومبر 1949ع ۾ سڄي ڪتاب جو مسودو مڪمل ڪيم. اُميد ته هي چند سٽون هن تصنيف جي سوانح جو حق ادا ڪنديون.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سنڌي ٻولي جي ڏهقاني ادب۔ جو نج سنڌي ادب آهي۔ جي تحقيق ۽ تلاش بنده جي ڪوشش ۽ ڪاوشن جو عين مقصد رهيو آهي. هي۽ موجوده تحقيق نه رڳو لس ٻيلي جي ادب کي اُجاري ٿي مگر سنڌ جي ڏهقاني ادب جي سنيار سنيڙ لاءِ هڪ اهم پيش خيمو آهي ۽ سنڌ جي اديبن کي نج سنڌي ادب جي روح کي محسوس ڪرڻ ۽ روڌي واهر ڪندي آسان هن ڪتاب ۾ فقط بيت گڏ ڪين ڪيا آهن. مگر چپي چڪي مفيد بحث ۽ تنقيد کي به پيش نظر رکيو آهي شروع ۾ مقدمي طور "عام سنڌي شاعري" تي مختصر تبصرو ڪيو ويو آهي. انهيءَ لاءِ ته جا جنس ڪتاب ۾ پيش ڪئي وئي آهي. پڙهندڙن کي ان جي سوچ سمجهه سرت فرت ۽ پرک ۾ آساني ٿئي. ان بعد لس ٻيلي جي تاريخ ۽ ٻولي. توڙي ٻيلي ۾ شاعريءَ جي نشونما ۽ ان جي خصوصي عنوانن تي مفيد باب بنايا ويا آهن. جيڏيءَ طرح "ٻيلي" ۾ انهن جو چرچو آهي. انهيءَ لحاظ سان شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهه متعلق جدا باب بنايو ويو آهي: چاڪاڻ ته هيءَ بيان ٻيلي ۾ شاعراڻ پهه پچار جو ماڳهن منڌ آهي.

جيتوڻيڪ آسان هن ڪتاب جو مواد هڪ قليل مدت ۾ ۽ صرف پنهنجي ادبي عشق جي جذبي هيٺ جمع ڪيو آهي. تاهم هي وڏو آسان ڏرواپارين ڪان وهايو آهي.

آسان ڪوشش ڪري ٻيلي جو شعر خاص ٻيلي جي شاعريءَ جي سرچشمن مان هٿ ڪيو آهي: آسان سگهڙن جا سينا ۾ ڦوليا آهن ته سگهڙن جا لکيل ڪارناما ۾ پوري تلاش ڪري هٿوليا آهن. آسان هن وڃايل وٽ کي خاص پاڳين جي پاڻ تي وڃي نهاريو آهي. جنهن ڪري هيءَ وٽ. ونڊ ۽ ورڇ آسان کي ڏر ڏئين وڏان ملي آهي.

آسان جي انهيءَ خاص ڪوشش جو فائدو هيءَ آهي جو آسان کي ٻيلي جي شاعريءَ جون مختلف روايتون ملي ويون آهن. سگهڙ شيخ سائينداد جي قلمبند ٿيل روايت سان گڏوگڏ سندس ڏري گهٽ همعصر. سائياري ۽ عزيز ٻيڙي شيخ الله ڏني جي روايت سندس زباني حاصل ٿي. اهي ٻئي روايتون ساڳئي شيخ گهراٽي جون آهن. جن سان گڏ ميان

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مڪر ڀمداد ڀري برفت ۽ ميان صالح محمد مگٽهار جون ٻه مستقل روايتون ٻڌ سنڌن پٽهنجي زباني ملي ويون. سنڌ جي سگهڙن مان. حاميد خان رند جي روايت. قدري حاجي سرماڻ ۽ سندس فرزند حاجي محمد سوڊي بگهياڙ جون روايتون سندن زباني مليون. حاميد خان خود سگهڙ شيخ سائينداد سان رهائي ٿيو هو ۽ حاجي سرماڻ پڻ شيخ سائينداد سان مارکا ڪيا هئا. انهيءَ ڪري اهي ٻئي روايتون سگهڙ حاجي شيخ سائينداد جي روايت سان وابسته آهن. سنڌ جي ٻي روايت سگهڙ حاجي محمد عاشر مگٽهار جي آهي ۽ چوٿين ان سان وابسته سگهڙ حاجي ظاهر گهرائي جي آهي. سنڌ جي انهن چئن روايتن. خاص ٻيلي جي روايتن کي ٻيٽن ٻر وڏي مدد ڪئي ۽ ازانسواءِ انهن روايتن وسيلي کي نوان بيت ملياجي ٻيلي جي ڪنهن به روايت ذريعي نه ملي سگهيا.

اسان انهن مڙني روايتن کي پيٽي ٻيلي جي هن سڄي شاعراڻ سرمايي کي نهايت ايمانداري سان سهيڙي سمهي. سوڊي سنواري سلجهائي سينگاري پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪيو آهي. مؤلفن جي بيجا دست اندازي کان اسان پاڻ بالاتر رکيو آهي. فقط اسان کي جتي يقيني طور محسوس ٿيو آهي ته هت بيت ڏيندڙ راويءَ طرفان بيت کي وڌ وڌل ۽ ڪکر ڏنل آهي ۽ نه اصلي شعر چوندڙ شاعر کي خامي يا غلطي. اتي اسان انهيءَ راويءَ جي وڌل ڏڌ جي اصلاح ڪئي آهي. تحقيق "بيگو" سگهڙ سچ چيو آهي ته:

"جيئن تا چيندڙ چين. تيئن جي ڏيندڙ ڏين.
ته بيٽن کي. بيگو چوي. هوند ڪکر کين پين"

مگر اسان جي انهيءَ سوڊ سنوار ۽ اصلاح جو بيت يا ست جي معنيٰ مطلب. لفظي ترتيب يا اصطلاحي ترڪيب تي ذري جيترو به اثر ڪونهي. اسان جي مختصر ڪج- وهت ۽ سوڊر سنوار گهٽو ڪري راوين جي زائد لفظن جي چانگ يا سندن خام اُچارن جي ترميم تائين محدود آهي. راوي اڪثر بيت ڏيڻ وقت پنهنجي طرفان بي ضرر مگر زائد الفاظ مثلاً: پوءِ. هائي. جڏهن. تڏهن. جنهن. تنهن. پلو سا. جا. تان. تان

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

چئي. تہ جي، سي وغيرہ سٽن جي شروع يا وچ ۾ وڃهندا آهن. اهڙن کن بي معنيٰ ۽ زائد لفظن کي اسان کن خاص جاين تي ڇانگي ڇڏيو آهي. جتي جتي روايت ناقص آهي ۽ کا سٽ يا سٽ جا کي الفاظ راوين کي ياد نہ هئا. اتي اسان انهيءَ خاميءَ کي عارضي طور درست ڪرڻ لاءِ پنهنجي طرفان اهڙن کٽل لفظن يا سٽ جو اضافو ڪيو آهي ۽ اهڙي اضافي کي چورس [] ڏنگين ۾ رکيو آهي تہ پل پڙهندڙن کي روشن ٿئي تہ اهو اضافو مؤلف جي طرفان آهي. انهيءَ احتياط سان. هي ڪنوار ناظرين ڏو بلڪل پنهنجي اصلي ويس وگي ۽ حقيقي سونهن سوڀيا سان نکري نروار ٿئي ٿي.

اسان هي قلمي ڪشالو صرف سنڌ جي نج ڏهقاني ادب سان محبت ۽ عشق سبب ڪڍيو آهي. اسانکي يقين آهي تہ اسان جي هي مخلصانہ محنت ۽ ڪوشش صاب پوندي سنڌ جي علمي سرمايي ۾ اضافو ڪندي ۽ نج سنڌي ادب جي تلاش ۽ تحقيق ۾ هڪ نئون ورق وڌائيندي اُميد تہ هن بعد اسان کان وڌيڪ ڪو تشنہ ڪام طالب ۽ سنڌي ادب جو سچو عاشق صحرائيو زدي ڪري سنڌ جي ڏهقاني ادب جا مڙيئي مٺا چشما ۽ سبز خيابان ڳولي لهندو سنڌي ادب جي سمورن اُڃايلن کي- سيراب ڪندو ۽ سنڌ جي ادبي بيابان کي سرسبز ۽ آباد ڪندو پر جي سائين ڪنهن ۾ اهڙي سگهہ وجهي!

آخر ۾ مؤلف انهن سڀني دوستن جو شڪر گذار آهي جن جو سڌي خواهہ اڻ سڌيءَ طرح هن ڪتاب جي تاليف خواهہ اشاعت ۾ هٿ آهي. خاص طرح محترم دين محمد (عليگ)، مئنيجر الوحيد پريس جي همت افزائي، ڪمپازيٽرن جي مسلسل ڪوشش، سردار علي شاهہ ۽ سندس ساٿين جي پروفن پڙهڻ ۾ اوچائي لاءِ بندہ نهايت احسانمند آهي.

ڪراچي
3- ڊسمبر 1949ع

خادم العلم
نبي بخش

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

يادگار

تِلکَ آثارُنا تَدلّ عَلَينا
فَانظُروا بَعدَنا اِلي الآثار.
(اهي اسان جا کارنامَا آهن جي اسان جي سڌ ڏين ٿا. اسان کان پوءِ انهن کارنامن ڏي ڏسجو.)

سُپار

لس ٻيلي جي سخين ۾ سورهين جي نالي. جن ڪاڻ ڪنا ۾ ميدان ملهايا.
لس ٻيلي جي سچاڻ شاعرن ۾ سگهڙن جي نالي. جن اهي ڳڻ ڳايا ۽ ٻڌايا.
لس ٻيلي جي عوام جي نالي. جن ٻيلي جي ٻولي ۽ جا جهنڊا جُهلايا
۽ پٽهنجا سخي. سورهيه. شاعر ۽ سگهڙ سارا هيا.

شڪريي جو اظهار

سنڌي ادب جي مرڪزي منتظر صلاحڪار بورڊ. حڪومت سنڌ طرفان سنه 1950ع ۾ هن ڪتاب لاءِ پنج سؤ روپيا انعام طور مليا. هن قدرداني جو مصنف مخلصانه شڪريو ادا ڪري ٿو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

علامات

نوٽ: ڪتاب جي متن ۾ اختصار واسطي ڪي علامات يا نشانيون استعمال ڪيون ويون آهن. جي هيٺ ڏجن ٿيون.

نشاني	مقصد
الخ.	= الي الاخر ـ يعني ته اها ست. اهو بيت يا قول ويندي آخر تائين.
ا.ھ.	= انتهيٰ ـ يعني ته هلندڙ قول يا ڳالهه ختم ٿي.
ح.	= حامد خان رند جي پڙهڻي يا روايت
ر.	= ڪاهي روايت يا پڙهڻي.
س.	= سائينداد شيخ جي روايت يا پڙهڻي.
ص.	= يعني اصل پڙهڻي.
صح.	= صحيح ـ يعني صحيح انين آهي.
تحقيق.	= يعني ته انهيءَ جي اڃا وڌيڪ تحقيق ڪرڻ گهرجي.
ک.	= ڪريمداد سڳهڙ جي پڙهڻي يا روايت
ڪذا.	= انهي طرح ـ يعني ته اهو لفظ يا پڙهڻي هوبهو انين ملي آهي.
م.	= محاورو ـ يعني لس بيلي جي محاوري مطابق اهو لفظ يا اها معنيٰ انهيءَ طرح آهي.
(؟)	= يعني اهو لفظ اها معنيٰ. اها راءِ يا اها ڳالهه اڃا تحقيق طلب آهي. 2 اشارو ائين ٿي سگهي ٿو ڇا؟
[]	= هي چورس ڪنگيون ڏيکارين ٿيون ته انهن اندر ڏنل الفاظ مصنف جي طرفان اضافو آهن.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مقدمو

عام سنڌي شاعري

وڏائي ۽ واکاڻ تنهن واحد کي جڳائي. جنهن انسان جي زبان کي اثر ڪنوءِ منجهس بيان جو سحر سمايو. قربان سنڌس نبيءَ تان. جنهن فرمايو ته: "شعر ۾ حڪمت ۽ دانائي آهي."

عربي شاعري متعلق خليفو عمر رضہ چوندو هو ته: "هي عربن جو عام دفتر آهي. ان کي ياد ڪريو ۽ ان جي حفاظت ڪريو." خليفي عمر رضہ جو قول نهايت وزندار آهي: تحقيق شاعري هر قوم جو عام دفتر آهي. جنهن ۾ هوليءَ جي مٽاءِ کان سواءِ انهيءَ قوم جي اخلاق. عادات اطوار. ريتن رسمن. تاريخ. فلسفي. سمجهه ۽ عقل جو سرمايو محفوظ آهي. سنڌ جي دهقاني يا نج شاعري خاص طرح سنڌين جي حيات جو آئينو آهي. جنهن ۾ اک وجهڻ سان اهل سنڌ جي رهڻي ڪهڻي جي اصليت پنهنجي سڄي جوبن جسم رنگ روپ. خال وخط خوبين توڙي خامين سميت سريستي نظر اچي ٿي.

مگر افسوس جو اسان يا ته رڳو "عروضي" شاعريءَ جي دام ۾ گرفتار ٿي. سنڌ جي پنهنجي اصلي شاعري ڏانهن توجهه ئي ڪا نه ڏني يا ته وري پنهنجي اڻ ڄاڻائي سببان سنڌ جي ڳوٺاڻن جي عوامي شاعريءَ جي جواهر پارن کي مٽيءَ جا ڪوڏ سمجهي ڪٽي ڦٽو ڪيو. اسان جي اونڌي سمجهه ڏسو جو اسان سنڌ جي شاعري جي سرتاج ۽ سردار سونهاري سيد عبداللطيف جي شاعريءَ جو به رڳو اڌورو قدر ڪيو! اسان سنڌس ڳوڙهن خيالن جا ته بيشڪ ڳڻ ڳايا. مگر سنڌس شاعري جي فن کي ڪين سڃاتو. جيڪڏهن اسان سنڌس فن جو قدر ڪريون ها ته هن اُستاد شاعر

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جي حقيقي شاگردن جي هنر. يعني ته سنڌ جي ڪوڻائن شاعرن جي شاعريءَ تي جيڪر بالڪل پاڻي ڦيري ڇڏيون ها.

سنڌ جي نج عوامي شاعري هڪ اعليٰ ۽ عجيب فن آهي. جنهن کي قابل استادن سموهي سينگاري هڪ مستقل علم يا سائنس جي درجي تي پهچايو آهي. هن فن جون گوناگون شاخون آهن: سٽاءَ جي لحاظ سان ڪاهر بيت ۽ قافي تي مڪيه قسم آهن. ۽ معنوي لحاظ سان ڏاڪ. معما. هنر. ڏور مولود ۽ سينگار مڙيئي هن فن جا مظهر آهن. وري هن فن کي پکيڙڻ ۽ پڌري ڪرڻ لاءِ به سمجهه وارن جو هڪ خاص نظام آهي. هڪڙا "شاعر" جي اڳ سيون اڳ ڏنيون ڳالهيون پنهنجي شعرن ذريعي نروار ڪن: ٻيا "سگهڙ" يا انهن شاعرن جا راوي جن شاعرن جي گفتن ۽ بيتن کي ياد ڪري هين تائين پهچائين. سڏڻ ٻڌڻ وارن مان هڪڙا "سالڪ" جي ڳالهه جو سر سهي ڪن ۽ گفتن جي معنيٰ ۽ مراد ڪن. ٻيا "سمجهو" جي ٻڌي سمجهي واهه واهه ڪن ۽ ٽيا "تالي ماڻهو" جي سڻن پر سمجهن ڪين. اهڙن اڃاڻن کي عام شاعرن جانورن برابر ڪيو آهي ته:

رڌ اڳيان رباب. وڄائيندي ورهيه ٽيا
تان هو ڪلي ڪس نه چڏي ۽ جوڙي ڏني نه جواب — الخ.

يا جيئن "بيلي جي شاهه" ڪبير شاهه چيو آهي ته:

ڳوهه اڳيان ڳالهاءِ. توڙي ڪٽي مرليون محبت جون هڻي.
تان هن موڳيءَ کي مجلس جو ناهي سر سماءَ ـ الخ.

لس بيلي جي شاعري "عام سنڌي شاعريءَ" جو هڪ مڪيه پاڳو آهي ۽ جنهن بهتر پاڳو: ڇو ته لس بيلي جي شاعريه بيلي جي سڃاڻ سگهڙن ۽ سمجهو سالڪن جي ذوق سبب پنهنجي اصلي صورت ۾ موجود ۽ مروج آهي ۽ زماني جي لٽ ۾ اڃا لٽجي نه ويئي آهي. مگر خاص سنڌ جي عام شاعريءَ مان رڳو ٻڌل ٻيڙيءَ واريون هريڙون وڃي باقي بچيون آهن. جن کي به ڪو سهيڙڻ ۽ سنيارڻ وارو ڪونهي. مگر جيئن ته بيلي جي شاعري به سنڌي شاعريءَ جو جز ۽ جگر آهي. انهيءَ ڪري ان جي اصليت کي برقرار رکڻ ۽ پروڙڻ ضروري آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

"عام سنڌي شاعري" مان اسان جي مراد اهو سنڌي شعر آهي جو سنڌ جي عوام ۾ مقبول ۽ مروج آهي: اهو شعر جو صرف پڙهيلن تائين محدود ڪونهي بلڪ سنڌ جي اڻ پڙهيل ڳوٺاڻي ڪڙمي خواهه ڪاسبي، هاري توڙي ٻيلي جي ذوق جو ورد وظيفو آهي: اهو شعر جو سنڌ جي جهر جهنگ واهڻ وسين ۾ ڳوٺ ٻني، جاري ساري آهي اهو شهر جو شهرن جي شهرت ڪان آجو آهي اهو شعر جو ٻهراڙيءَ جي عام ٻولي ۽ مضبوط محاورن ۾ چيل آهي ۽ اهو شعر جو بگڙيل ٻولي ۽ ضعيف اصطلاحن ڪان پاڪ آهي. اهو شعر جنهن جي زبان پڙهيلن جي عبارت ڪان وڌيڪ پختي ۽ جنهن جي ستاءَ ڪتاب خوانن جي ايجاد ڪيل لفظن ۽ لفظي بناوتن ڪان وڌيڪ شستي ۽ بلند آهي.

عام سنڌي شاعر جو خطاب عوام الناس کي آهي ۽ نه خاص پڙهيلن کي. انهيءَ ڪري عام سنڌي شعر، علمي پيچيدگين کان آجو آهي. عام شعر جي وزني ستاءَ لچڪدار آهي. انهيءَ ڪري عام شاعري علم عروض جي اپايل ۽ نپايل موزون شاعريءَ کان مختلف آهي. عروضي شاعري ۽ عام شاعري جي دائري کان خارج ڪانهي. بشرطيڪ عروضي شاعري جو خطاب عام هجي. خليفي گل محمد موزون شاعري کي عام محاوري ۽ اصطلاح ۾ نباهڻ جي ابتدائي ڪوشش ڪئي مگر آهستي آهستي عروضي شاعري جا مخاطب خاص علم وارا بنجي ويا. جنهن ڪري عروضي عروضي شاعري ۽ عام شاعريءَ ۾ هڪ وڏي ڳهاري پئجي وئي. عروضي شاعر ۽ پنهنجي عام خطاب سان عوام جو شاعر بنجي سگهي تو بشرطيڪ سندس خطاب عام هجي. انهيءَ معنيٰ ۾ خليفو گل محمد ۽ حافظ حامد عوام جا شاعر هئا. حالانڪ سندن شعر اڪثر عروض جي نپايل موزون شاعريءَ ۾ چيل آهي. انهيءَ معنيٰ ۾ اڄ جي شاعرن مان مولوي ثناءالله ثنائي ۽ مولوي احمد ملاح عام جا شاعر آهن.

عام شاعريءَ جو ٻول مٺو ۽ ستاءَ نهايت سادو ۽ نطري آهي. چو ته جهڙي آهي عام شاعرن جي زبان. تهڙو آهي سندن ڪلام. شعر جي واسطي خاص الفاظ بازي يا محاورن جي جڙتو جوڙجڪ ونڊ ڪانهي. سندن لفظي ۽ اصطلاحي گهڙ ويج ۾ بلڪل نطري آهي. ٺيڪ عروضي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

وزن جي کين ضرورت ڪانهي. سنڌن ساهمي؛ جي تراري ۽ اٽل جي ڪاني گنجائش آهي. رڳو ايترو لحاظ رکڻو آهي ته جيئن ٻيو ترارو بلڪل پٽ سان نه وڄي لڳي. قافيو عام شاعريءَ ۾ بلڪل ضروري آهي. مگر عام شاعريءَ جو قافيو عروضي قافيه جي قيد و بند کان آزاد آهي. ضروري صرف ايترو آهي ته هر قافيو ٻئي سان "آواز" ۾ لازمي طور مناسبت رکي. ڪن عام شاعرن پنهنجي آزاد طبع سان. وزني ڌار خواهه قافين ۾ نوان نوان رنگ پيدا ڪيا آهن: مثلاً ڏکهي وزن ۽ اندروني قافيي جي سلسلي کي شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهه ڪمال تي وڃي پهچايو. جيئن اڳتي بيان ٿيندو.

عام شاعري لغت جي اڻ ڪٽ ڪاڻ آهي. عام جو شاعر سرزمين سنڌ جي هر خطي ۽ ماحول جو نيپاچ آهي. هو عام فهم زبان ۽ ان جي اصطلاحن جي علاوه پنهنجي تر ۽ جوءَ جي خاص لفظن ۽ محاورن جو به ماهر آهي. جن کي هو پنهنجي شعر ۾ فطري طور ان کان اصلي حقيقي خواهه اصطلاحي معنيٰ ۾ استعمال ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح هر ماحول ۽ هر پاڻي جي شاعر پنهنجي ٻوليءَ کي شعر جي ماڻيءَ ۾ ولوڙيو آهي ۽ ڪيترن ئي نون ۽ انوکن لفظن کي مکڻ جي ڦڻين مثل پنهنجي ڪتي ملي جهڙ گاڏڻون پار ڪن جي آڏو پيش ڪيو آهي. جيڪڏهن ملڪ جي هر ونهين ولوڙيندڙ شاعر وٽان انهيءَ مهي ۽ جهڙ جي ورڇ ولڇي ته هوند لفظن ۽ لغت جي گيهه مکڻ جا ڍڳ لڳي وڃن ۽ اسان جي سنڌي زبان سائي. سرهي ۽ سٽيي ٿي پوي. مگر ويچارا نازڪ مزاج پڙهيل شهري بدقسمتيءَ سان اسان جي سنڌي ٻولي جا وارث بنجي وينا! پلا جن جو ذائقو رڳو چپن جي چس تائين محدود آهي. سي ڪٿي تا هنن پاڳوند پاڳين ۽ ونهين ولوڙيندڙن جو قدر سڃاڻن: هي ويچارا گاڏڙ ڪير پيئندڙ ڪٿي تا پلر پي سگهن. هي ڏيک ويک ۽ صفائي جا ستايل ڪٿي تا پٽ تي ويهي جهڙ جهڳي سگهن. هي ته انهيءَ سٽيي جهڙ کي ڪٿي لسي سمجهي ويجهوئي ڪين ويا آهن: ويچارن اهوجهن کي اها ڪل ئي ڪانه آهي ته ڪو مکڻ انهيءَ جهڙ جهڳڙ مان هٿ ايندو. هنن رڳو هيستائين بيڪار پاڻي پٽي ولوڙيو.

عام جا شاعر اصلي ۽ نج سنڌي ٻولي جا آيا آهن: هنن جي ارد گرد

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

روز مره جي گفتگو ۾ لفظن جي وڏ ٽڪ ۽ اصطلاحن جي فطري گھڙ ويچ لڳي پئي آهي. نوان نوان محاورا ۽ الفاظ برجستہ زبانن مان نڪري عام ڪچهرين ۾ پچي پختا ٿي. پيا رواج ۾ اچن. هولي، جو اصلي لفظن جو قديم ذخيرو به نج ٻهراڙين ۾، جن کي شهري هوا اڃا گندو نہ ڪيو آهي محفوظ ۽ سلامت آهي ۽ وڏن جي صدري دفتر ۾ سمايل آهي ۽ پشت پشت موروثي طور هلندو اچي. هر ڪنهن فن ۽ ڌندي جي اظهارن اوزارن محاورن ۽ معنائن جا نج سنڌي نالا اصلي سنڌي ڪاريگرن وٽ محفوظ ۽ مروج آهن. لوهارن. وڻڻ. ڪورين. ڪنڀارن ۽ ملاحن وٽ انهن فني نالن جون فهرستون موجود آهن. در حقيقت سنڌ ۾ لوهارن. وڻڻ. ڪورين ۽ ڪنڀارن جا دڪان مارڪن ۽ ڪچهرين جا اڏا هئا. جتي هميشہ محفل ۽ مجلس. رس ۽ رهاڻ جا رات ڏينهن رنگ لڳل هئا ۽ گفتي جي ملوڪت ۽ گھڙ ويچ جا منڊل متل هئا. اڃا تائين به انهن ماڳن مڪانن تي هرلن ۽ نارن تي يا پاڳين جي پاٽن تي انهيءَ جهوني وندر ۽ ورونهہ جا اهڃاڻ نظر ايندا. عام سنڌي سگھڙ ۽ شاعر لاءِ وکر وٽڻ توڙي پنهنجي وکر وٽڻ جون جايون اهي ئي پاڻ دڪان ۽ ماڳ مڪان رهيا آهن. جنهن ڪري عام شاعري جو سرمايو نهايت عجيب لفظن ۽ انوکن محاورن سان مالامال آهي. بلڪ عام شاعري هڪ بي بها بڻي آهي. جنهن جي ذريعي هزارن لفظ ۽ محاورا زبان زد عام ٿي. پيا پچي راس ٿين ۽ رائج ٿين.

عام شاعري پنهنجي آزاد هولي ۽ آزاد خيالي سبب نهايت پختي ۽ زوردار آهي. اسان چيو ته جا عام شاعرن جي زبان سو سنڌن ڪلام. جڙتو ناهر ڪان عام شاعر جو ڪلام آجو آهي، ڪيس جيڪي زبان چڙهي آهي سو چئي ڏنائين. هن سنئين سنڌي ڳالهہ ڪري پنهنجو حال اوريو آهي ۽ پنهنجي صاف سادي زبان ۾ پنهنجي اندر جو احوال ۽ بيان پيش ڪيو آهي. جنهن ڪري جو لاهو چاڑهو سنڌس زبان ۾ آهي. سوئي سنڌس ڪلام ۽ بيان ۾ آهي. عام شاعر پنهنجي ٻئي عام غير شاعر ياءِ وانگر ٿلهو ڪائيندڙ ٿلهو هنڌائيندڙ ۽ ٿلهو ڳالهائيندڙ آهي. سنڌس ٿلهو ۽ کهرو ڳالهاءِ سنڌس ڪلام ۾ ظاهر آهي. مگر خوبي به انهيءَ ٿلهي ۽ سادي ڪلام جي اصلي صورت ۾ آهي. سنڌس ڪلام انهيءَ ڪنوار جي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

مثل آهي. جنهن جون خاميون توڙي خوبيون سندس صورت ۽ ڪليل ۽ پڌريون آهن. مگر هڪ پاڪيزگي ۽ سادگي سبب پيو وري آٿاهہ جوانيءَ جي زور سبب سندس حسن ٻهڪي پيو. جواني موٽڻ بعد به نج نسل ۽ صاف خون سبب سندس رونق ۽ ڏيا باقي رهي آهي. ان عام شاعريءَ جي برعڪس، علمي ۽ عقلي شاعريءَ جي صورت انهيءَ سال خورده، عيار ۽ نازڪ مزاج عورت جي مثل آهي. جنهن صابڻ جي صفائي، مساڄ جي لالائي، وڳن جي سينگار ۽ ڳڻن جي جنسار سان پنهنجي حسن کي ٻهڪايو آهي ۽ آواز جي لطافت سان پڻ وڻايو آهي. مگر حقيقت ۾ سندس اها سوڀيا رڳو انهن جڙتو ٽيڪن تي ٻيهل آهي ۽ سندس رنگ ۽ لالائي رڳو پائوڊر جي مهٽ سهٽ ۽ مسي مساڄ جي آهي ۽ نه جواني ۽ جوبن جي. اڙي طرح علمي ۽ عقلي شاعريءَ جو چٽڪو ۽ چمڪو رڳو وقتي آهي: سندس دلچسپ نزاڪت ۽ دلڪش رنگت، زبان جي لهس لپيٽ، لوڏ ڏوڏ ۽ اٽل پٽل بعد جهڪي ۽ جهمي تي وڃي. مگر ان جي برعڪس عام شاعري فطري ۽ پائدار آهي: "جيئن ڳاءِ تيئن ملي، جيئن مهٽ تيئن سرهي."

عام شاعر ڳوٺ ۽ ڀهراڙيءَ جو پليل ۽ جير جهنگ جو نپايل آهي. صاف پاڻي، صاف هوا، سادي ڪاتي، سادي ڪپڙي ۽ سادي رهڻي ڪهڻي سبب سندس طبع ۾ به سادگي ۽ صفائي سمايل آهي. انهيءَ سادگي سبب جيترو سندس جسم پهلوان آهي اوترو سندس ذهن جوان آهي. سندس طبع جي صفائي ۽ ذهن جي قوت سندس ڪلام ۾ به زور ۽ رواني سبب، ڪلام جي اُٽل ڪري بات بيان جون موڪون لائي ڇڏي تو نه آهي ونءَ الفاظ جي ڪمي، نه بيان جي گهٽتائي. نه محاورن جي ڪوٽ ۽ نه معنائن جي ڪوتاهي. جڏهن زبان چوري تو ته پلٽجي پوي تو. جڏهن هولي تو ته جڙ هوڙي تو. انهيءَ زور ۽ برجستگي سبب، انهيءَ اچانڪ بول ۽ ٺهه پهه گفتي سبب، عام شاعر جو ڪلام ڪهرو مگر ڪرو آهي.

عام شاعر، عام وڪر جو وهائو آهي انهيءَ ڪري سندس ستاءِ پرلوڌ توڙي سوڌ ٻئي نظر ايندا. ڪوڏ ۽ سپون توڙي موتي ۽ ماڻڪ ٻئي ملندا. سڪا ڪڙا توڙي ساوا سلا ٻئي ڳڙوگڙ نظر ايندا. هن پنهنجي پارس زبان

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سان لوهه واري سامان کي لڄ وڃان لکايو ڪونه آهي. هن لوهه وارو سرمايو ۽ ان مان پيدا ڪيل سون وارا داٽا گڏي پيش ڪيا آهن. هن ٽيبون هٿي ڪوڏ ۽ سپون ڪٽا ڪري ان مان موتي ۽ مائڪ ڪڍيا آهن. مگر ڪوڏن ۽ سپن جا ڪرڪٽا لکايا ڪين آهن. بلڪ انهن کي به مائڪن موتين سان لڳولڳ پيش ڪيو آهي. هن سڪي زمين کي پاڻي ڏيئي. بج ڇٽي سلا اُپايا آهن. مگر انهن ساون سلن کي فطري طور ڪيڙي ۽ بيٽل ڏيکاريو آهي. اها عام شاعر جي سادگي ۽ ايمانداري جي حد ڪمال آهي. جو مخاطب کي پٺي جنسون گڏ وگڏ پيش ڪري ذهن نشين ڪرايون آهي ته هي لوهه ڪوڏ سپون ۽ سڪا ڪڙا بي ڪما نه آهن بلڪ سون. موتي. مائڪ پيدا ڪندڙ ۽ ساوا سلا اُپائيندڙ آهن. انهيءَ طور وڪر ونڊ ۾ تي سندس لياقت ۽ ڪمي نه ٿي اچي بلڪ سندس مرتبو سندس ايمانداري ۽ اخلاص ۽ سندس هنر اڳين کان اڳرو نظر اچي ٿو. ڇو ته هر ڪو مالڪ ۽ پارکو سمجهندو ته شاعر پارس آهي جنهن لوهه کي هٿي سون ڪيو: بلڪ ٽوبو آهي جنهن اونهي عميق مان ڪوڏ ۽ سپون ڪڍي موتي ۽ مائڪ پڌرا ڪيا: بلڪ استاد هاري آهي جنهن سڪي زمين کي سرسبز ۽ سائون بنايو. مطلب ته عام شاعر جيڪ مکڻ گلاڻي پيش ڪيا آهن. ممڪن آهي ته اڻ ڄاڻ جيڪ ڏسي منهن موڙي. مگر عاقل خوب سمجهي سگهي ٿو ته لعلون. مرجان ۽ پٽريون توڙي موتي. مائڪ ۽ ڪرڪٽا گڏ پوتل آهن. مگر جنسون پٺي حقيقي ۽ اصلي آهن ۽ نه بناوتي. نقلي مٽين ۽ موتين خواهه ڪوڙي ڪچ ۽ ڪائي جو عام شاعري ۾ نالو ٿي ڪونهي.

عام شاعري اهل سنڌ جي حيات جو آئينو آهي. عام شاعر سنڌ جي سرزمين جو اُپايل نپايل آهي. هن جي نظر تيز ۽ ذهن سليم آهي. هو پنهنجي ملڪ جي حال احوال ۽ ريتن رسمن کان واقف آهي: هو راڄ پاڻ جي اُٺڻ ويهڻ کان واقف آهي: هو مال متاع جي ٻڌڻ ڇوڙڻ کي سمجهي ٿو ۽ جهنگ جهر جي وٽن هوٽن کي پروڙي ٿو. هو زمين جي ننڍي وڏي پيچري کي چائي ٿو ۽ آسمان جي ڪٽ نڪٽ کي سڃاڻي ٿو. جيتوڻيڪ سندس خيال جي پرواز ڪي علم واري شهري کان گهٽ آهي مگر سندس نظر ۽

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

حافظو زياده تيز آهن. عام زندگي جي جملي پاڳن ۾ پاڻ ۾ تي گهري نظر آهي جا سندس روزمره جي فطري تربيت جو نتيجو آهي. سندس ڪلام جو واسطو به عام زندگي جي عام شعبن ۽ شغلن سان آهي. جن تي گهري نظر ۽ هوليءَ تي مالڪي هٿ سبب ڪيس وصف ۽ بيان جي بي انتها طاقت آهي. جيئن ته رهٽي ڪهٽي جي جملي اطوار جو "جزئياتي تفصيل" ڪيس ازبر آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڳالهه ڪندو ته ڏري پوزي بيان ڪندو ۽ انهيءَ بيان ۾ سڄي سوڏا پار پتا ڏيندو.

اسان چيو ته سندس نظر حياتي جي سڀني شعبن. شغلن ۽ شين تي آهي: اُٺ. گنهوڙا. مينهون. رڍون. ٻڪرين ۽ ٻيو سڀ مال متاع. جهنگ جهر. گاهه گلزار. تر ٻر. رڻ راڻو. اهي سڀ سندس شعر جا اعليٰ عنوان ۽ مٿا مضمون آهن. انهيءَ کان سواءِ عزت. غيرت. مردانگي. سيرت. صورت. سورهيائي. سچائي. سخا ۽ ٻين سڀني سهڻن ڳڻن کي. جي مرد خواهه عورت ۾ سونهن ٿا. خوب ڳايو اٿس. ورهي زندگي جا جذباتي پهلو مثلاً حسن عشق. ڏک درد ۽ جهيڙا جهڳڙا به پوري طرح سان بيان ڪيا اٿس. مطلب ته عام سنڌي شاعر اهل سنڌ جي رهٽي ڪهٽي. راڄ پاڳ ۽ تمدن ۽ تهذيب کي پنهنجي شعر ۾ پوريءَ طرح محفوظ ڪيو آهي. بقول حضرت عمر. "جيڪڏهن عربي شعر عربن جو عام دفتر آهي" ته عام سنڌي شاعري اهل سنڌ جو عام دفتر آهي. انهيءَ عربي "ديوان" وانگر سنڌي شعر جو دفتر ۽ ديوان به نهايت مڪمل آهي. جنهن ۾ ٻيو ته خير مگر وڻ ٽڻ. گاهه ڏاٽ. رڍ ۽ ٻڪريءَ جو ذڪر به پوري طرح ڏنل آهي: شايد سواءِ عربن جي. دنيا ۾ ڪنهن قوم جيڪڏهن حياتي جي انهن تنڊڙن شعبن ۽ شغلن. بابن ۽ پاڳن کي به ايتري قدر چٽيءَ طرح ۽ پوري "جزئياتي تفصيل" سان بيان ڪيو آهي ته اهي سنڌ جا سگهڙ ۽ شاعر آهن. جن پنهنجي عام سنڌي مقولن ۽ عام سنڌي شاعريءَ ۾ پنهنجي وقت جي چال چلت ۽ حال حقيقت متعلق جڏ سيکجهه چئي ڏني ڪيو. بمصداق "جَفَّ الْقَلَمُ وَمَاهُوَ كَائِن."

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باب اول

لس بيلي جو تاريخي پس منظر

لس بيلو سنڌ جي اُتهندين سرحد تي اٽڪل ست هزار چورس ميل اراضي وارو ملڪ آهي. لامر ۾ اٽڪل چار سؤ ميل ۽ برابر سؤ ڪن ميل ٿيندو. 1951ع جي انگن اکرن موجب لس بيلي جي آدمشماري پوڻا ڇاهٺ هزار ڪن هئي. اُتر طرف قلات جو جهالاوان وارو پرڳڻو اٽس ۽ اڀندي طرفان هالار پهاڙ ۽ ڪلمت نئن. مڪران واري علائقي کان جدا ڪنس ٿا. اپرندي طرفان ڪيرٿر قطار جو ڏاکڻين جهميل ڪرنگهو لس بيلي ۽ سنڌ جي سرحد کي جدا ڪري ٿو. ڏاکڻي ۽ ڏاڏو ضلعن جون سرحدون لس بيلي سان سينگن هني آهن. حقيقت ۾ لس بيلو نه رڳو سنڌ جو پاڙيسري علائقو آهي. بلڪ سنڌ جو جگر گوشو آهي.

قبل از تاريخ واقعا ۽ آثار

قبل از تاريخ دور کان لس بيلي جي سرزمين ۾ انساني آبادي جا آثار نظر اچن ٿا. هتي جا ڪتب ۽ ڏڙا انهن آثارن تي شاهد آهن. جن جي کوٽائي سان قديم دور جي تهذيب تان پردو کڄندو. شهر بيلي کان اتر — اولهه ۽ پورالي ندي جي پار هڪ شاهي ٽڪر جي ڏاکڻي ڀڪ جي مٿين پاڳي ۾ کوٽيل غارن ۾ ڪمرن مثل قطارون آهن. جي انهيءَ قبل از تاريخي دور ۾ انسان جي بود وباش تي غمازي ڪن ٿيون عام روايت موجب اها مائي ڪنداڻي جي بستي آهي. بلڪ اهي ديون ۽ پرين جي شهر 'روغان' جا عجائبات ۽ آثار آهن ۽ انهيءَ ڪري انهي پهاڙ کي 'پري وڌ' پڻ سڏين ٿا. 'سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال' جي داستان جي ياد ۾، هن ساڳئي علائقي ۾ هڪ نشان تي "سيف الملوڪ" جي قبر جو نالو پيل آهي. اڀندي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

طرف. جائولڪ واري رستي تي پهاڙ ۾ هڪ وڏو سوراخ آهي.* جو چون ٿا تہ فرهاد ڪاٽيو هو. ان سان لڳ ۾ نبرون "شيرين فرهاد" جي ناليءَ سان مشهور آهن. پرسان هڪ ٻي قبر انهيءَ شخص جي آهي جنهن هتن عاشقن تي چغلي هنئي هئي. انهيءَ چغل جي قبر تي ايندڙ ويندڙ لعنت وسائيندو آهي. لس بيلي جي الهندي پاڳي ۾ "ٻيٽ" جي سرزمين ۾ صدين ۽ ايامن جي وسائل "پرندڙ چوٽين" جا تعجب خيز آثار آهن. اهي چوٽيون جبل جيڏين گهنديون جي صورت ۾ ٻيٽ جي ميدان تي ايسيون ٽيون ٻيئيون آهن ۽ انهن جي چوٽيءَ مان گندرف جي بوءِ سان گڏ ۽ گاڙو جڙ تہ ٻڙهڪي ٽهڪي اُتلي ٻيو ٻاهر نڪري. علم الارض جي لحاظ سان اهي وسائل "جوالا مکي" وڏي اهميت رکن ٿا. عام طرح مقامي طور انهن کي "ٻيٽ" سڏين. انهن کان اولهه طرف "هگور ندي" قديم زماني کان قلات جي پهاڙن جو پاڻي آڻي سمنڊ ۾ وجهي ٿي. هگور ندي جي اولاهين ڪنڊي سان هڪ ڳچار "بي بي نانيَ" واري تڪڙي ڏانهن وڃي ٿي. انهيءَ تڪڙي تي اهو نالو غالباً عراق جي قديم معبود "نان" يا "اينون" جي نالي پويان ٻيو ۽ جنهن جي پرستش جو دائرو اوير لس بيلي جي سرحدن تائين وڌيو. اندازاً پندرهين صدي کان وٺي سنڌ ۽ هند جي جوڳي پنٿ جا گرو انهيءَ تڪڙي تي پهتا ۽ هگور هنگول يا هنگلور ندي جي نالي پويان انهيءَ تڪڙي کي "هنگلاج" سڏيائون ــ "وٺا جي هنگنور تہ ڪرمين ملندءِ ڪاپڙي" پر انهيءَ ماڳ جي قديم نالي "نانيَ" پويان ان جبل جو نالو پڻ "نانيَ" ٻيو ۽ اهو ئي نالو هميشہ مشهور ٿيندو رهيو آهي. ٻتائي صاحب چوي ٿو تہ:

جوڳي ٽين نہ يار ڪنهين سين قريب ٿي
اٽڪي پهر ان جي آهي "نانيَ" ڏانهن نهار

---

* سنہ 1888ع ۾ انهيءَ ناتمام سوراخ کي ٻوڙو ڪري اٽن جي ٻار برادري لاءِ تجارتي رستو ٺاهيو ويو. جو "جانولڪ" ڏيهي لس بيلي کي ڪولواهه سان ڳنڍي ٿو. هينئر اتان وڏي "شاهه راهه" جي تجويز تي عمل ٿي رهيو آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

نانگا ناني هليا. لوڪان لڪ ڪري

نانگا ناني هليا. هاڻ منهنجي حال

هگور ندي ڪان وڻي ويندي لس هيلي جي ايرندئين پاڳي تائين سون ميائي. هنيان ۽ ٻيٽي وارين واٽن سان. بلوچن جي سنڌ طرف هجرت جا نشان قديم قبرستان آهن. جن ۾ سهڻي چنسالي. گهوڙيسوارن. اُٺن ۽ جنگ جي هٿيارن جون تصويرون اُڪريل آهن. "ڪارڙي" لڳ "آدم پير" جو قديم قبرستان آهي. " آدم پير" ڪلمتي بلوچن مان هڪ درويش سردار هو[1] جنهن جي مزار تي سال بسال ميلو لڳي ٿو. سون ميائي مشهور مورڙي کي دلوراءِ جاگير ڪري ڏني ۽ انهيءَ آڳاٽي افساني سيبان مشهور آهي. اتر طرف ٻيٽي لڪ وٽ "سنگهر" جي سير ۾ مائي "سسئي" جي قبر آهي. جا "سسئي پنهون داستان" جو هڪ يادگار آهي.

تاريخي دور جي لحاظ سان لس ٻيلو "ٿوران" جي سرزمين آهي. سنه 326 قبل مسيح ۾ سڪندر اعظم لس ٻيلي مان ميڪران وقت هن سر زمين جو نالو "گيڊروشيا" (Gedrosia) هو. جنهن جي ياد گدور قوم ۽ گدور ڊوري (هگور) جي نالن ۾ اڄ تائين محفوظ آهي. اسلامي فتوحات ۾ لس ٻيلي جي شهر جو نالو آرمابيل ۽ هتي ارمن ٻيلو هو. جنهن مان شهر جي چوڌاري وٽن ۽ ٻيلن جو هڪڙ ثابت ٿئي ٿو. شهر ٻيلي ۾ "پير آري" (آري = هارون؟) جي نالي سان مشهور قبر غالباً پهرئين مسلمان فاتح "محمد بن هارون" جي آهي.

لس ٻيلي جو تاريخي دور

لس ٻيلو سنڌ جو تاريخي دروازو آهي. عرب دور حڪومت بعد

---

[1] سندس ٻاڻ لڪر خان سندس خليفو ۽ وارث هو جنهن جي ٻڌايو مان ميرپور ساڪري لڳ آدم پير جا خليفا رهن ٿا. جن مان اسان جا راوي مرحوم خليفو حاجي سرماڻ خان ۽ سندس پٽ حاجي محمد سوڏو آهن: خليفو حاجي محمد سوڏو بن حاجي سرماڻ بن لعل خان بن حاجي خان بن سرماڻ بن عيسب خليفو بن ٺڪر خليفو بن سرماڻ خليفو بن تندو خليفو بن عيسب خليفو بن ٺڪر خان خليفو جو آدم پير جو ٻاڻ هو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سومرن ۾ سمن جي حڪومت برلس ٻيلو سنڌ جو هڪ مڪيه پاڻ هو. سنڌ جي سمن گهڻي انداز ۾ وڃي لس کي وسايو. جنهن ڪري خاص سنڌ جو تمدن لس ٻيلي ۾ رائج ٿي ويو. عربن بعد هن جابلو ۽ خشڪ سرزمين ۾ ڪنهن به حڪومت جو پڪو پختو نظام قائم نه ٿي سگهيو. جنهن ڪري هي ملڪ مختلف طاقتور قومن ۽ قبيلن جو آماجگاهه بنيو. بلوچن توڙي سمن سردارن هتي حڪمراني ڪئي ۽ پنهنجا وارا وڃايا. ٻيلي جي مڪاني روايت موجب لس ٻيلي جي قبائلي تاريخ هن ريت بيان ڪئي وڃي ٿي ته پٿريائين هتي "ڪُجر" قوم حاڪر هئي ۽ پوءِ "رونجها" سردار ٿيا. رونجهن کان پوءِ "گونگا" حاڪر ٿيا ۽ گونگن کان پوءِ "برفتن" غلبو حاصل ڪيو. برفتن کان پوءِ "ڪوٽريجن جامن" جي حڪومت قائم ٿي. جا پاڪستان ٽائم ٽيڊ بعد سنه 1956ع ۾ ختم ٿي.

رونجهن جامن جي حڪومت

رونجهن جو وڏو ۽ سردار "ٻهو" نالي هو. جنهن جي باري ۾ عام روايت مشهور آهي ته: ڪيس غيبات کڻي وڃي "ٻپ جبل" ۾ روجهن جو ڪير پياريو. پوءِ اتان موتائي آندائونس ۽ هو "ڪانهيري" ڪوٽ ۾ سردار ٿيو. روجهن جي ڪير پيارڻ سبب پاڻ "روجهو" ۽ سندس اولاد "رونجها" سڏجڻ لڳو. اڃ هڪ حقيقت ۾ رونجها سنڌ جي سمن جي هڪ شاخ آهي. جنهن اٺين صدي هجري ڌاري اچي لس ٻيلو وسايو ۽ اتي پنهنجو راج رسوخ قائم ڪيو.

ٻهي جي اولاد مان اُنڙ ۽ چَڪار مشهور ٿيا. چڪار وڏو شهسوار هو. چون ٿا ته منزل ۾ سائس کي شخص گڏ چڙهيو. جنهن جو اولاڪ (سواري جو گهوڙو) اڳ وهو ۽ اهو پوئتي رهجي ويو. تنهن تي هڪ شاعر چيو ته:

چڙهين چَڪار سين. اولاڪ ڏارين ايرا.

اهو ٻناڪو پوءِ عام ٿي ويو ۽ اڄ تائين مشهور آهي.

رونجهن مان پوءِ چامر "چونا" نالي سردار ٿيو. جنهن جو پٽ "سڙ" وڏو سخي ۽ ڏاتار ۽ لس ٻيلي جو مشهور حاڪر ٿيو. چامر سڙ "ٻيلي" جي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

شهر ۾ پنهنجي گادي قائم ڪئي. هو "سچڙ چوتائي" (يعني جام چوتا جو پٽ سچڙ) جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ ڪافي عرصو حڪومت ڪيائين. جام سچڙ کي پٽائي صاحب توڙي ٻين شاعرن ڳايو آهي.

جام سچڙ کان پوءِ وري سندس پٽ "چوتا" نالي ٿيو جو پڻ وڏو سخي هو. جون ٽاٽ آنورهاءِ نالي حاڪر کان ناراض ٿي. سنڌ جو هڪ "لڳو" (سندو) چارڻ سچڙ جام وٽ آيو. سچڙ جام اُن جي خدمت خاطري ڪئي ۽ وڏا ڏان ڏنائينس. آخر هر پنهنجي پٽ "چوتا" فقير کان موڪلائڻ وقت "وندر" هڪ ماڳ وٽ اهي پنجاهه ٻڪريون گهوڙا فقير کي بخشي ڇڏيا. اهو ماڳ اڄ تائين "چوٽي جو ميدان" سڏجي ٿو.

رونجهن جي حڪومت جي پڄاڻي بابت روايت آهي ته رونجهن جي آخري سردار جام شنگر جي وقت ۾ "گونگا" قوم جا ماڻهو لاکڙي طرف هاڙهي جبل لڳ رهندا هئا. رونجهن سندن سردار "ڏگار" کي ماريو ۽ اقتدار حاصل ڪيو. جنهن تي قلات جي خان رونجهن تي ڏنڊ وڌو ته هو پنجاهه ان جون ڳوٺيون سالياڻو گونگن کي ڏيندا جيڪو هٿن قبول ڪيو پر گونگن ڏمر دل ۾ رکيو ۽ آخر گونگن جي سردار ڏينڌي (ڏيڏو) رونجهن جي حاڪر حاجي شنگر کي ماريو ۽ اقتدار حاصل ڪيو. انهيءَ روايت مان گمان ٿكري ٿو ته سترهين صدي عيسوي جي پوئين اڌ ۾ رونجهن جي حڪومت جي پڄاڻي ٿي. رونجهن غالباً تيرهين صدي ڌاري پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. سندن صاحبيءَ جي باري ۾ لس بيلي جي شاعر نرچيو آهي ته:

ٻبي پوتا پڌرا رونجها راڄ هٿا
سادي ست صاحبين جي هن هلائي هيجا.[1]

ٻي روايت موجب، رونجهن جون جملي چوهٽ پگهون ٿيون. "ميسن" پنهنجي سفرنامي ۾ لکي ٿو ته سچڙ رونجهن ۾ نالي وارو سردار هو. جنهن جي پوين کان گونگن پگ کسي.[2]

---

[1] راوي وڏيرو علي مراد بروهي ويلن اُتل. سادي ست - پنجاهه

[2] ميسن (Massen) جو قلات ڏانهن سفر. طبع 1843ع ص 302

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

گونگن جي حڪومت

گونگن مان پھريون حاڪر مير موسو گونگو ٿيو اُن بعد سندس پٽ مير دينار تي گونگن جي پڳ آئي جو ھڪ بيدار دماغ ۽ وڏو منتظر ھو. ھن لس ٻيلي ۾ وڏي شان شوڪت سان حڪومت ڪئي. ڪنھن شاعر سندس باري ۾ چيو ٿو:

"دينار تو دؤسو ڪري ٻيلو منجھ ٻيلي"

مير دينار لس ٻيلي جي جملي قومن کي مطيع ڪري ملڪ ۾ امن امان قائم رکيو. پاڻي جي نئين ۽ چشمن جي تقسيم ڪري زمينون ورھائي. ملڪ جي زرعي آبادي کي زور وڌايائين. اُتل لڳ "ٽڻ ڪرڙي" جي پاڻي ۽ زمين جو مانڊڻ ۽ ٻُرن جي وڃ ۾ ورھاڱو ڪيائين. انھي فيصلي جي سند ٻُرن جي سردار مير مريد کي ڏنائين. تنھن جو نقل ھيٺ ڏجي ٿو:

سند چام دينار گونگھ

ياداشت کرده باشد

برانکه من مير موريد ولد سرمان قوم بره ساکن وندر برين قصه که مير دينار ولد مير موسيٰ قوم گونگ حاکم شهر بيلو بطرف مايان خود در "وندر" آمده — من مير موريد را به همراهي خود آورده در زمين "کراري" نشانيده — من موريد لب "رود کراري" از زخرو قوم ماندڑه غصب کردم وزخرو فريادي در پيش مير دينار رفته — مير دينار آدم هائي خود را فرستاده آبِ کراري را نصف کرده: نصف بمن موريد داد و را نصف بحوالهٔ خود داشتم — و سرحد زمين از "وندر" و "کراري" [و] سر [حد] پير ٹيهارو و سرحد رود حب ياد گاري که بر اولاد کسي دعوي نکنند — في تاريخ شهر ذوحج سنه 1107 ويازدهم حصه از بندر سونميائي هم من مريد را حاصلات مير دينار داده از من مريد [مرخص باد]

(عبده دينار)	(شد مريدت مريد)
جاي مهر دينار گونگه	جاي مهر مير مريد
حاکم لس ٻيلو	سردار بره

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

[ترجمو :آءٌ مير مريد ولد سرماڻ قوم ہڑو ويٺل وندر ياد داشت طور قلمبند ڪريان ٿو تہ پيلي جي شهر جو حاڪم مير دينار ولد مير موسو قوم گونگو اسان وٽ وندر[1] ۾ آيو ۽ مون مريد کي پاڻ سان وٺي اچي ڪرڙي[2] واري زمين ۾ ويهاريائين. مون مريد ڪرڙي ننڍن جي ڪنڊي واري اراضي زحرو نالي ماندڙي[3] ڪان ڪسي هئي ۽ زحرو مير دينار وٽ فريادي ويو هو. جنهن تي مير دينار پنهنجا ماڻهو موڪلي ڪرڙي جي پاڻي[4] کي اڏواڏ ورهايو: اڏ مون مريد کي ڏنائين ۽ اڏ زحرو کي. پوءِ مون اُٽل جو شهر ٻڌايو[5] ۽ اڏ پاڻي جو هٽ ڪيو. [۽ پڻ مير دينار] زمين جي اراضي وندر ڪرڙي تلاءِ ۽ پير ٽيهارو[6] واري توڙي حب ندي جي ڪنڊي واري مون مريد کي ڏني. مير دينار هي ۽ چار لفظ يادگار [تصديق] طور لکيا. انهي لاءِ تہ [منهنجي] اولاد تي ٻيو ڪو دعويٰ نہ ڪري.

تاريخ مهينو ذوالحج سنہ 1107ھ

۽ پڻ يارهون حصو سونميائي جي آمدني جون مون مريد کي ڏيئي. مير دينار مون مريد [کي رخصت ڪري روانو ٿيو].

مير دينار جي مٿين مهر مان ظاهر آهي تہ هو هڪ خودمختار حاڪم هو. فقط ڏني ۽ جي هاٿپ جو اقرار هوس. باقي ٻئي ڪنهن جي بہ غلامي ڪانہ مڃيائين.

---

[1] وندر ٽنن

[2] ٽنن ڪرهڙي: اُتر ڪان اوڀر طرفان جبلن مان ڪراڇ طرفان گهٽو پاڻي لهي ٿو. ان مان زميندار آبادي لاءِ جيڪو پاڻي آڻين ٿا. سو ٽنن "ڪرهڙي" مان باقي پاڻي گهٽو ۽ ٻنا استعمال جي اُٽل جي اوڀر طرفان ڏکڻ طرف وهي وڃي ٿو. جنهن کي "ڪانڍو" چون.

[3] ماندڙا قوم جنهن جو سردار ان وقت زحرو هو.

[4] يعني زمينداري پوک لاءِ آندل پاڻي "ٽنن ڪرهڙي"

[5] موجوده شهر اُٽل.

[6] پير ٽيهارو اُٽل ڪان اندازا 28 ميل اُتر ۾ "ونڊي" ڪان ڏکڻ آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner



عکس سند جاري ڏيئاڻ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

جام دينار جي گهر ۾ برڪت مائي هئي، جنهن جو نالو غالباً "لال بائي" هو. جنهن مان ڪيس ابراهيم ناليءَ پٽ ٿيو. جنهن تي ڪائنس پوءِ بيلي جي ڀڳ آئي. ابراهيم عدل جي بدلي سرڪشي ڪان ڪم ورتو. هڪ روايت موجب "ابراهيم گونگي جڏ گال وٽ پندرهن سؤ گهوڙيسوارن جو لشڪر هو ۽ سيوستان مڪران ۽ ٺٽي تائين پنهنجي انهيءَ لشڪر سان لوڙهيون هٿندو هو. هڪ ڀيري ملڪ شوراب ۽ جهالاوان تي حملو ڪيائين ۽ ان کي تاراج ڪيائين ۽ ڪوئٽه تي پڻ حملو ڪيائين. ٻئي دفعي ٺٽي جو مال هٿيائين تہ مائٽن وڃي مبين شيخ عالي شيرازي کي ستايو. شيخ عالي شيرازي ٺٽي کان چار ڪوهہ پري وڃي ابراهيم سان مليو ۽ مال واپس ڪرڻ لاءِ چيائينس. پر ابراهيم هن بزرگ جي ڳالهہ کي مان نہ ڏنو. جنهن تي مبين عالي ابراهيم کي پاراتو ڏنو. نتيجو اهو نڪتو جو بيلي ۾ پهچڻ کان پوءِ جڏهن مال جي ورهاست ڪيائين. تڏهن گونگن مان هڪ ڪوهہ ناراض ٿي ٻيوءِ بالآخر پندرهن ڇڻ حملو ڪري ابراهيم کي قتل ڪري ڇڏيو[1]". وڏيري علي مراد ٻُري (ويڻل اُتل) جي روايت موجب: "ابراهيم" شڪار تي ويو. جتي سندس ڪتن وڃي گونگن جي پاڏي کي ورتو. جنهن تي گونگن ابراهيم کي ماري وڌو. هڪ ٻي روايت موجب ملڪ جي ورهاڱي تي گونگن ۾ اندروني وڪوڙ پيدا ٿيو. جنهن ۾ ملڪ ابراهيم مارجي ويو.

برفتن سردارن جي حڪومت

ابراهيم جي قتل ٿيڻ تي، عثمان گدور جيڪو سندس وڪيل هو. پيرين پيادو پڄي وڃي برفتن جي سردار پاهڙ خان بن ملڪ نور دين حملاڻي وٽ پهتو. جيڪو ابراهيم جو مامون هو. پاهڙ خان ڪوهستان مان لشڪر سنياهي پنهنجي پاڻيجي جي ويڑ وٽ لاءِ چڙهيو. ان باري ۾ هڪ شاعر چيو تہ:

---

[1] تاريخ بلوچستان مصنف هيتورام ص ص 587—588

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

چار ويهون جوڌهن فاتيون ڪري ڪنيائين
اچي اڪل ڪوٽ ۾ ديرو ڏنائين

اڪل جي ويجهو لڙائي لڳي. جنهن ۾ گونگن کي شڪست آئي. سنہ 1115ھ ۾ لس بيلي جي حڪومت پاهڙ خان جي هٿ ۾ آئي[1]. اڪل جي پُرا قوم ملڪ پاهڙ خان جو سات ڏنو. ملڪ پاهڙ خان اورنگزيب عالمگير جي نالي ۾ خطبو پڙهيو ۽ حڪومت جو انتظام سنڀاريو. قومن ۾ صلح ڪرائي ڪين پنهنجي قبضي ۾ رکيائين. ملڪ پاهڙ خان جي هڪ سند جو نقل هيٺ ڏجي ٿو[2]. جنهن مان ظاهر آهي ته سنہ 1125ھ/ 1713ع ۾ سندس حڪومت اوج تي هئي.

سند ملڪ پاهڙ خان

كل كارپردازان حال و استقبال بدانند كه مير بهرام ودره ذات بُرو و زهرو و بيگ ماندڙو كه يكي از خاص راج پهت مايان اند. بايد كه در موجب و غير ذلك اوشان مطابق عمل معمول مزاحمت نه كرده باشند و همواره در كارويار اوشان معاونت كار باشند ورنه سخت پرسان خواهد شد. آب كهرڙي و رود وندر كراره. وپيني و شهر اوتهل اوشان تصور نمايند. بابت تكلفات احدي تقاضا نه كرده باشند و در طريق "وديره پئي" موجب راه تدبير ابدي دانند

فقط 25 — رمضان المبارك سنہ 125؛

بنده بادشاه عالمگير 48

پهاڙ خان بن ملك نوردين

1115

---

[1] پاهڙ خان جي مهر سنہ 1115ھ (1703ع) جي آهي. جنهن مان اهو گمان نڪري ٿو.

[2] فوٽو عڪس جي 20 اصل سند وڏيري علي مراد وٽ محفوظ آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

[ترجمو

موجوده توڙي آئنده جي سڀني ڪامورن کي معلوم هجي ته وڏيرو ميرِ براهمُ پُرو [1] ۽ زخرو بيگ مانڊڙا [2] جي اسان جي راڄ پٿ [3] وارا آهن. تن جي مواجبن (سرڪار طرفان منظور ٿيل وظيفن) وغيره جي رعايتن ۾ ڪو به دست اندازي نه ڪري بلڪ سندن ڪاروبار ۾ هر طرح جي مدد ڪئي وڃي ورنه [پڇڙي ڪندڙ] سخت باز پرس هيٺ ايندو. نئن ڪوٽي [4] نئن وندر [5]. لڪ ڪراڙو [6]. لڪ پيوٽي [7] ۽ شهر اُٽل [واري سڄي اراضي] سندن [ملڪيت] شمار ڪرڻ گهرجي. ڪانئن ڪنهن به قسم [محصول وغيره] جي ڇُهر نه ڪئي وڃي ۽ ڪين اڳئين دستور موجب "وڏيرپ" جي درجي وارو سمجهيو وڃي] سنڌ ۾ نالو "بهرام" لکيل آهي. مگر صحيح براهمُ آهي. وڏيرو براهمُ وڏو بهادر هو. خان قلات. جام ميرخان ڏانهن لکيو ته گچڪي منهنجي برخلاف ٿيا آهن. انهن تي چڙهائي ڪر. پوءِ ڪاٿور جو جام لَلو اڳواڻ ٿيو ۽ هتان ميرِ براهمُ پُرو پنهنجي مائٽن سان لشڪر ڪري چڙهيو. جنگ لڳي جنهن ۾ وڏي بهادري ڏيکاريائين ۽ اُتي شهيد ٿيو. ڪنهن شاعر ڪيس شاباس ڏيندي چيو ته:

ڪاڇي آئون قلات ۾ براهمُ پير سندايَ
وڃهيو ڏس ڏاڙين. مانيِ ڪوند ڀِنايَ
لس نه لڃايائ آحدِي ميرِ اُٽل جا.

---

[1] يعني ميرِ براهمُ وڏيرو قلات پرو
[2] زخرو ۽ بيگ پڻ مانڊڙا جو اولاد موجود آهي.
[3] راڄ پٿ يعني راڄ وارو
[4] نئن ڪوٽي جي آبادي وارو پاڻي
[5] وندر ندي
[6] ڪراڙو لڪ جيڪو ڪاڇي کان اوڀر طرف ٻڌ جي ڪناري تي آهي
[7] يعني پيوٽي وارو لڪ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جبیتی سنٹر برائے تحقیق کتاب گھر

شجرہ اولاد ملک باھڑ خان



Scanned with CamScanner

ملک پاهڑ خان پنهنجي حڪومت جو دائرو ڪوهستان کان اولهه سنڌ طرف پڻ وڌائڻ تي چاهيو ۽ موجوده ضلعي دادو جي ڏاکڻي پاڳي تي پنهنجو تسلط پائم ڪيائين. ان وقت سنڌ ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙو پڻ پنهنجي حڪومت جون حدون ڏکڻ طرف وڌائي رهيو هو. بالاخر سنه 1117هـ/ 1705ع ۾ جنگ لڳي جنهن ۾ ميان يار محمد. پاهڑ خان کي شڪست ڏني. ان بعد پاهڑ خان سنڌ جي سرحد کي ڇڏي سجو ڏيان لس بيلي جي حڪومت ڏانهن ڏنو. ملک پاهڑ خان اندازاً پنجاهه سٺ سال ڪن جي چمار ۾ وفات ڪئي ۽ پنج ڇهه ميل "ڪيهارا مقام" (ڪيهن درويش جي مقام) ۾ ملک پاهڑ خان کي دفن ڪيائون.

پاهڑ خان کان پوءِ پگ سندس پٽ عزت خان تي آئي. جيڪو صغير هو. انهيءَ ڪري ملک جي سنيال سندس والده مائي چاڪلي جي هٿ ۾ آئي. ملک مائي چاڪلي ملک جي حڪومت نهايت دانائيءَ سان هلائي. پورالي ندي جي پاڻيءَ جو انتظام ڪري زراعت ۽ آبادي کي وڌايائين. اهڙي سٺي انتظام سان ملک ۾ خوشحالي ٿي ۽ خزاني ۾ پيسو آيو ۽ ملک چاڪلي خود خيال ٿي حڪومت هلائڻ لڳي. پورالي جي پاڻي ۽ آبادي جي انتظام جي لحاظ سان عوام ۾ مثل مشهور ٿيو ته:

"پورالي اتس پار، تڏ چاڪلي تي چاڪ ڪري"

ملک مائي چاڪلي جي خود خيال حڪومت سبان ڪن پاڙيسري سردارن کي حسد ٿيڻ لڳو ۽ خار وچان چوڻ لڳا ته

"ڏاڙهي ڪانهي ڏيهه ۾، تڏ چاڪلي تي چاڪ ڪري"

ملک مائي چاڪلي جي حڪومت جو ڪاروبار اڪثر رونجهن جي معرفت هلندڙ هو. ان وقت "ڪنراچ" علاقي ۾ جاموٽ قوم جي سردار جام عالي ڪٽوزيي ولد جام رينا عالياڻي جي سرداري هئي. سندس پاڻ جام ڏگار کي رونجهن. بيلي جي ويجهو "تانگ ديه" وٽ نماز پڙهندي شهيد ڪري ڇڏيو. انهيءَ خون جي عوض جام عالي. ملک چاڪلي کي بيلي مان بي دخل ڪري حڪومت جي واڳ سنيالڻ جو ارادو ڪيو.

جام عالي ۽ ٻين جاموٽن ڏٺو ته قلات جو حاڪم ميرِ محبت خان پڻ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ملڪ چاڪلي کان ناراض آھي. سو وفد ڪري محبت وٽ پھتا ۽ ڏانھن ڏنائونس. مير محبت خان کانئن پڇيو تہ "ھيلي جي حڪومت ڪيئن وڻجي؟" ھنن چيو تہ اوھان مھرباني ڪري "وڏ" اچو تہ اسان چاڪلي کي بيخبري ۾ شھر کان ٻاھر ڪڍي "ھيلو" اوھان جي حوالي ڪريون. بالاخر مير محبت خان صلاح ڪري آخوند محمد حيات کي لشکر ڏيئي روانو ڪيو. جنھن سان گڏجي چامر عالي پنھنجي قلات جو لشکر ٻاڻ جبل تي ھيلي جي حد ۾ داخل ٿيو تہ چامر عالي صبح ساڻ اوچتو ھيلي جي شھر تي حملو ڪيو. ھن اوچتي حملي سبب ملڪ چاڪلي جي ھارتي ۽ چامر عالي ھنڌھرن ڏاري ملڪ چاڪلي کي شھر مان ھڪالي ڪڍيو. ان بعد آخوند محمد حيات اچي ھيلي ۾ ڇانوڻي ھنئي. اھو سال 1155ھ/ 1742ع ھو.

مائي چاڪلي ھار بعد پنھنجي صغير پٽ عزت خان کي ساڻ ڪري پنھنجي اصل وطن يعني سنڌ جي ڪوھستان ڏانھن رواني ٿي ۽ باقي ڏينھن گوشہ نشيني ۾ گذاريائين. ملڪ مائي چاڪلي ھڪ وڏي سڄاڻ خاتون ھئي. سنڌ ۾ سندس وسطي وڏي عزت ھئي. سنہ 1214ھ ۾ وڏي عمر ۾ وفات ڪيائين ۽ ڪوٽڙي لڳ کيس دفن ڪيو ويو[1]. ھالن جي شاعر عبدالحميد رنگريز سندس "تاريخ وفات" تي ھيٺيون تطعو چيو جو اسان ھڪ قلمي بياض تان اُتاريو:

وفات ملڪ چاڪلي

از فقير عبدالحميد عفي عنہ رنگريز ھالائي

ملڪہ اھل کوہ يا رفعت	زبدۂ اھل پردہ و عصمت
برھمہ اھل کوہ حکمہ يراند	بود پر عقل صاحب حکمت
عقل صد مرد في المثل عقل او	کس ز مردم ندارد اين دولت
پيش او دست بستہ کوھان	داب دستور شاھيان شوکت
گرچہ جملہ نساء ناقص عقل	ليک آن بود عالي البر کت

[1] اھو مقام ڪوٽڙي شھر کان ٻہ ميل اولھ طرف ڪوٽڙي — حيدرآباد واري شاھراھ لڳ ڏکڻ طرفان آھي. عزت خان ۽ ٻيا ملڪ پڻ ھن مقام ۾ مدفون آھن.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

تاکہ او بود زنده در دنيا
معني و حڪمت پسرش بود
از خرد وصل او چو پر سيلم
روئي ابجد دوباره هاتف غيب

گرد شهرش نگشت گہ آفت
بعد ز ان رفت آن چنان عظمت
چيست سال وصال۔ آن مرءت
گفت "وہ چاڱلي بجنت رفت"

2

1212 = 1241هـ

ڪوٽريجن جامن جي حڪومت

"تاريخ مظهر شاهجهاني" جا سنہ 1044هـ ۾ لکي وئي. ان ۾ ڪوهستان واري اراضي ۾ جا ان وقت "چاڪر هالہ" پرڳڻي ۾ شامل هئي. جيڪي مکيہ طاقتور جاگيردار قومون آباد هيون. تن ۾ قوم "ڪوريجہ" جو نالو چاٽايل آهي. ان مان گمان نڪري ٿو تہ اهي ڪوهستان وارا ڪوٽريجا جام ئي هئا. جن پوءِ وڃي لس بيلي ۾ حڪومت قائم ڪئي.

ڪوٽريجن جامن سنہ 1742ع کان وٺي سنہ 1956ع تائين اندازاً ٻہ سؤ چوڏهن سال ڪن لس بيلي تي حڪمراني ڪئي ۽ منجهانئن جملي ٽوڙ جام حڪمران ٿيا (1). جن جو احوال مختصر طور هيٺ ڏجي ٿو:

1. جام عالي ڪٽوريو.

هن لس بيلي ۾ جامن جي حڪومت قائم ڪئي. ان کان اڳ هي خاندان چاموٽ قوم جو سردار هوءِ "جام زئي" سڏبو هو. جام عالي جو پيءُ جام رينو هو جنهن بلفتن (برفتن) سان تکرار تي پيو. جنهن ڪري هو لس بيلي مان هجرت ڪري وڃي مڪران ۾ سڪونت پذير ٿيو.

خاتون چاڱلي کي شڪست ملڻ کان پوءِ. قلات جي خان مير محبت خان. جام عالي ڪٽوريہ کي لس بيلي جو آڌ ملڪ ڏنو ۽ هو سنہ 1742ع ۾ جام ڳهراٽي جو پٽ ويٺن حاڪر ٿيو. جام عالي ڪٽوريي سنہ 1180هـ/ ـ 1774ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس وڏو پٽ جام غلام شاهہ سندس جاءِ تي بيلي جو حاڪر ٿيو.

---

[1] ڏسو شجروص 28

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner



شهر پلي ۾ 'پي آئي' جو ٻيو



شهر پلي جي نزديڪ 'جاسن جي مقبري' ۾ جاءِ خالي
ڪٿوريءَ، جاءِ ڏکار ۽ ٻين جوڻ آيرن

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

پهاڙ جي جامن جو شجرو



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

2. جام غلام شاھ

هن جي دور ۾ قلات جي خانن سان سندن سڳائيندي ٿي. ميرمحبت خان کان پوءِ قلات جو والي ميرنصير خان ٿيو. جنهن جام غلام شاھ کي پاڻهنجي نيائي ڏني. جام غلام شاھ پنهنجي حڪومت کي وڌيڪ مضبوط ڪيو. اُٽل جي ٻُرن وڏيرن کي سونميائي بندر جي آمدني جو ڏاڍون حصو سندن بهادريءَ ۽ شجاعت جي عيوض عطا ڪيو ۽ کين سند ڏنائين. جا هيٺ ڏجي ٿي[1]:

سند جام غلام شاھ

عاملان حال و استقبال تعلقه بندر معموره سونميانی بدانند که درين ولا از رويه شفقت عالیه مطابق عمل معمول و به موجب دستور مولڈي چهار دهم حصه از کل پيدايش حاصلات وغيره آمدني بندر مذکور به شجاعت شعار تهوّر آثار خلاصه خانندان مير ميران ولد مير نوت بُره عطا گرديده۔ درين صورت بشما لازم آنست که بملاحظه همين سَنَد دام و درم از رويه محسوب حصه مسطوره گماشته مير مشار اليه بلا عذر و حيله اداي مي نموده باشند و همين سند را منظور داشته درخواست سند جديد نکنند که بخاطر جمع حصه مذکور را متصرف شده به هر وقت از نيک خدمات سرکار عالي کوشيده باشد۔

زياده خيريت تحرير بتاريخ غره شوال سنه 1189

بنده درگاه

غلام شاھ بن جام عالي 1180

[ترجمو

تعلقي ۾ آباد بندر سونميائي جي موجوده توڙي ايندڙ آفيسرن کي آگاھ ٿو ڪجي ته هن وقت از روءِ شفقت عالي ۾ اهلي

---

[1] اصل سند اُٽل جي وڏيري حاجي مراد پري وٽ محفوظ آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

عمل ۾ دستور موجب بندر مذکور جي جملي آمدني جو
چوڏهون حصو بنادر سورهيه ۾ گهرائي گنجر جي ميرن ميران ولد
ميرنوت پري کي عطا ڪيو ويو آهي. انهيءَ صورت ۾ اوهان
تي لازم آهي هن سند موجب نقد ۽ پيسو متي ڄاڻايل حصي
موجب ميرمذکور جي گماشتي کي بغير ڪنهن حيلي بهاني
جي ادا ڪريو ۽ هن سند کي قائم سمجهي ٻي تڪين سند جي
تقاضا نه ڪريو. جيئن ميرمذکور اطمينان سان پنهنجي
ڄاڻايل حصي تي متصرف ٿي هر وقت سرڪار عالي جي
نيڪ خدمت ۾ ڪوشان رهي.
زياده خير لکيل تاريخ پهرين ماه شوال سنه 1179هـ]

جام ميرخان اول. جام غلام شاهه سنه 1776ع ۾ وفات ڪئي ۽ ڪانڌ پوءِ سندس ننڍو پاءُ جام ميرخان هيلي جو حاڪم ٿيو (1). خان نصير خان کيس پنهنجي نيابتي ڏني ۽ ٻئي هيلي جو باقي اڌ ملڪ پڻ کيس بخشش طور ڏنائين.

جام ميرخان ٻئي هيلي جي سڄي ملڪ کي پنهنجي حڪمراني هيٺ آندو. ملڪ جي مکيه سردارن ۽ قومي سالارن سان پنهنجي پاءُ جام غلام شاهه وارو سٺو سلوڪ ڪري پنهنجي طاقت کي مضبوط ڪيائين. پوءِ جي وڏيري ميرميران کي سنه 1118هـ/ 1784ع ۾ هيلين سند ڏنائين. جنهن موجب بندر سونميائي جي آمدني جو حصو دستور موجب کيس ملڻو ٿيو.

حڪمنامه ميرجام خان

اخوت پناه بتا جاموت مسرور باشد

چون لوازم رسم به شجاعت دستگاه ملا ميران عطوفت نشان ميرميران بعده از قديم الايام بر محال اين مقتدر است و سال بسال متصرف ميگردد. لهذا قلمي يافت که هالاهر بدستور اصلي از ورم تادم به ميران مذبور مرحمت شده. مي

---

(1) آخوند محمد صديق پنهنجي تاريخ ۾ سال 1203هـ (1733ع/34) لکيو آهي
سال تاريخ آن شد سرور دو صد يک هزار و هشت شمر

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باید که درین معنی هیچ تفاوت تجاوز تصور نه کرده. بلا فرصت به کار پردازان رخصت دهند که بدستورسابق متصرف شده در خدمات سر کار عالیه ما کمر ایستاده باهم بسته باشد۔ درین باب تاکید بلیغ دانسته از فرموده انحراف نسازند۔ زیاده خیریت تحریر بتاریخ دوازهم ماه رجب سنه 1198

(ز محمد میر خان دارد اُمید شفا)

مٿر جام ميرخان

مختصر طور مطلب ته جام ٻوٽا نالي آفيسر ڏي هيءَ حڪنامو لکيل آهي ته وڏيري مير ميران پُري کي دستور موجب سونميائي بندر جي آمدني جو حصو ڏنو وڃي.

جام عالي خان ثاني.

جام مير خان اول جي وفات کان پوءِ سندس پٽ جام عالي خان ثاني ٻيلي جو حاڪم ٿيو. هيءَ خان مير نصير خان جو ڏوهٽو هو. انهيءَ ڪري کيس قلات جي پٽيراني پڻ حاصل هئي. هن پنهنجي والد واري طرز طريقي تي حڪمراني ڪري سنه 1830ع ۾ وفات ڪئي ۽ جام ميرخان ثاني ٻيلي جو حاڪم ٿيو.

جام مير خان ثاني.

سندس والده نور بيبي مير مراد علي خان ايلتزئي جي ڌيءَ هئي. قلات جي خان ميرمحراب خان پنهنجي نياڻي بيبي الله ڏني جو سگ ڏنو[1] جام ميرخان پنهنجي طاقت وڌائڻ لاءِ لس ٻيلي جي قبيلي شاهي زئي هيڪل جي سردار نورالدين جي پيڻ بيبي عائشه سان شادي ڪئي. جنهن جي پيٽان کيس جام عالي خان (ثالث) پٽ ٿيو. خان قلات وٽ جام مير خان ثاني جو شمار جهالاوانجي سردارن ۾ هو مگر قريبي رشتي سبب سندس سردارن کان سندس رتبو مٿي هو.

---

[1] هي روايت موجب بيبي الله ڏني خان خداداد خان جي نياڻي هئي نه بيبي گنجان جي پيٽان هئي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

حاجي مير خان ٽالپر (١٨٣٠-١٨٨٩ع)
Haji Mir Khan (1830-1889 A.D.)



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

جام ميرخان هڪ بلند حوصلي ۽ وڏي همت وارو حڪمران هو. هن ملڪ جو اعليٰ انتظام رکيو. ڪافي عرصي تائين حڪومت جون واڳون سنڀاليائين. رعايا سان انصاف ڪيائين ۽ دين جي خدمت ڪيائين. سنہ 1283ھ/ 1766ع ۾ ٻيلي جي شهر ۾ جامع مسجد جوڙايائين. جنهن تي هيٺيون ڪتبو سندس دينداري ۽ نيڪنامي تي شاهد آهي[1]:

کتبہ مسجد جامع شہر بیلہ

بنا کردہ جام میرخان حاکم لس بیلہ
بہرِ رضاي خالق و بہر سجود خالق
تعمیر کرد مسجد رنگین و دل کشا
آبرِ عطا. محیطِ سخا. منبع حیا
بانيِ این خجستہ روضتہ الصفا
والیِ بیلہ اسم و لقب جام میر خان
کز قصر اوست چہرہء آفاق را ضیا
چون کلک مشیکار ز تاریخ زد رقم
بر لوح او نگاشت "زهي خانہء خدا"
مرزا جان محمد ترین 1283

قلات جو خان خداداد خان دوراندیشي کان خالي هو. هن پنهنجي مڪيہ سردارن ۽ سربراهن سان پائي ڪنئي ۽ بالاخر خان خداداد خان ۽ جام ميرخان جي وچ ۾ پنڌ تڪاع پيدا ٿي پيو. هوڏانهن انگريزن پنهنجن پيرن پختن ڪرڻ لاءِ ان موقعي کان پورو فائدو ورتو ۽ پنهنجي سازش ڪي ڪامياب بڻائڻ لاءِ خان خدا داد خان کي ويتر جام ميرخان جي خلاف پڙڪايائون. نتيجي طور جام ميرخان ثاني ۽ پنهنجا ماڻهو وڏي خان خدا داد خان سان فيصلڪن مقابلي لاءِ سنيري نڪتو. پر چوبدار وڃي خان کي سجاڳ ڪيو. خان پنهنجو لشڪر سنيرائي تيار ڪيو. صبح جو جڏهن جام جو لشڪر آڏو آيو. منجهند تائين اها جنگ جاري رهي.

---

[1] اسان 7- جمادي الاول 1382ھ (7- آڪٽوبر 1962ع) تي ٻيلي شهر ۾ منزل ڪئي ۽ مسجد شريف کي ڏسڻ جڏهن ان کي جڙيو هڪ سؤ سال گذري چڪا هئا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سر خان جا سادات اچي وچ ۾ پيا ۽ جام مير خان موڻي آيو. پر جام
ال مان ڪٽر نه ويو. جنهن ڪري هن وري خدا داد خان تي ڪاهيو.
ا بهنڪ خضدار ۾ لڳي جنهن ۾ جام هارايو. خان خداداد خان جام مير
ان کي هيلي مان پڃائي ڪڍيو ۽ شہ غاسي غلام جان کي قلات طرفان
ايل جو حاڪم مقرر ڪيو.

جام ميرخان ۽ سندس خاندان ڪراچي پهتو ۽ انگريزن جام کي
ايد ڪري ڪلڪتي ۽ پوني ڏي اُماڻيو. سندس پٽ جام عالي خان ۽
سردار نوردين جو پاڻ ميرابراهيم خان اچي ڪراچيءَ ۾ پناهه گزين ٿيا.
ي ڪمشنر سر وليم ميري ويدر کين نظربند ڪري حيدرآباد
موڪليو. جتان ڪجهه وقت بعد جام عالي خان ۽ ابراهيم خان پڇي
اچي لس هيلي پهتا ۽ سردار نوردين سان گڏجي مير خدا داد خان سان
مقابلا جاري رکيائون.

سردار نوردين مينگل.

مينگل. رند بلوچ جي شاخ آهن: شاهي زئي. زگر مينگل ۽
ساعلاڻي. مينگل قبيلي جون ٽي مکيه شاخون آهن. جن مان وڏ ۽ وسندڙ
"شاهي زئي" سردار خيل آهن. نوردين جو ڏاڏو ولي محمد قلات جي خان
مهراب خان سان گڏ انگريزي فوجن جو مقابلو ڪندي شهيد ٿيو هو. اِهو
خاندان قلات جي خانن سان پڻ سگيٽو هو. پر خان خدا داد خان جي روش
مکيه سردارن سان آڻ ٻُهائيندڙ هئي ۽ خاص ڪري جڏهن خان جام مير
خان ثاني کي. انگريزن سان ساز باز ڪري قيد ڪرايو. تڏهن کان سردار
نوردين مينگل پنهنجي پاڻيجي جام عالي خان سان گڏجي. سائس جنگ
سکني ۽ هيلي تي ٻيهر جامن جو قبضو ٿيو. انهيءَ ڪري سردار نوردين
۽ خان خدا داد خان لاءِ اک جو ڪنڊو ٿي پيو ۽ هن کيس ختم ڪرڻ
جو منصوبو ٻڌيو.

سردار تاج محمد زرڪزئي جهالاوان جي سردارن ۾ "مکيه سردار"
جو درجو رکندڙ هو. تنهن کي خان خداداد ماريو هو. جنهن ڪري

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جهالاوانجي سرداري جي جاءِ خالي هئي. خان حرفت ڪري نوردين سان صلح جون ڳالهيون هلايون ۽ ڪيس جهالاوان جي مکيه سرداري جي آڇ ڪيائين ۽ قرآن پاڪ وچ ۾ آڻي. قسم کڻي پنهنجي وزير عطا محمد داروغي جي معرفت نوردين کي قلات اچڻ جي دعوت ڏنائين. سردار نوردين خان تي اعتبار ڪري سنہ 1875ع ۾ قلات آيو. سنڊس پهچڻ کان کي ڏينهن پوءِ رابرٽ سنڊيمن به پنهنجي منصوبي سان قلات پهتو. سنڊيمن وڏو هوشيار ۽ حرفتي هو: هو خان قلات سردار نوردين جي معاملي کان واقف هو. ان ڪري هن خان سان پنهنجي هڪڙيون ڳالهيون ڪيون ۽ سردار نوردين کي پڻ چتاءِ ڏنائين ته خان جي نيت صاف نه آهي. انهيءَ ڳالهه کان سردار ملامحمد رئيسائي به نوردين کي آگاهه ڪيو. پر وزير داروغي عطا محمد جي خاطرين ۽ خان جي قسم تي اعتبار ڪري سردار نوردين قلات ۾ رهي پيو.

رٿيل تجويز موجب، سنڊيمن جي قلات مان روانگي کان پوءِ خان خدا داد خان کي پنهنجو منصوبو عمل ۾ آڻڻو هو. جڏهن سنڊيمن قلات ڇڏي هڪ منزل اڳتي وڃي ڪيمپ ڪئي تڏهن خان خدا داد خان، سردار نوردين کي وزير عطا محمد جي سرڪاري نشست گاهه تي مٿي "ميري" (قلعي) ۾ گهرايو. داروغي عطامحمد کي به خدا داد خان جي فريب جي خبر ڪانه هئي. سردار نوردين ۽ داروغو عطامحمد پنهنجن ساٿين سميت ويٺاهٽا جو خان پنهنجي پلٽڻ کي حڪم ڏنو ته سردار نوردين کي گرفتار ڪريو ۽ جيڪڏهن مقابلو ڪري ته قتل ڪري ڇڏيوس. نوردين کي هاڻي خان جي دغا جو احساس ٿيو. گرفتاريءَ جي حالت ۾ ڪيس يقين هو ته سنڊس عاقبت به آخر سردار تاج محمد واري ٿيندي- جنهن کي گرفتار ڪري مارايو ويو هو- سو پنهنجن ساٿين کي هڪل ڪيائين ته مڙسيءَ سان مقابلو ڪري مرڻو آهي. پوءِ پاڻ ۽ داروغو عطا محمد گولي لڳڻ سان زخمي ٿي وڃي ڪريو. سردار نوردين ۽ سنڊس ساٿي وڏي جوانمرديءَ سان وڙهيا. تانجو سردار نوردين، داروغي عطامحمد جو پاڻ محمد علي ۽ ٻيا ايڪهتر ساٿي انهيءَ ماڳ مکان تي مقابلو ڪندي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مارجي ويا. هي حادثو تاريخ 9_ ذوالحج 1293هـ (1876ع) تي ٿيو[1].
سردارنوردين مينگل جي شهادت کي وقت جي مشهور فارسي شاعر محمد تقي شاهه تائب پنهنجي رزميه مثنوي "گلستان شهادت" (جا هن 18_ صفر 1296هـ/ 1878ع تي لکي پوري ڪئي) ۾ ڳايو. ٻئي طرف پيلي جي مشهور شاعر "تمر" سنڌي ۾ بيت چيا. جيڪي پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

سردار نوردين جي قتل کان پوءِ سمورن سردارن ۾ سخت انتشار پيدا ٿي ويو. رابرٽ سنڈيمن جيڪواتي موجود هو تنهن جام عالي خان ۽ بين سردارن کي مستونگ ۾ سڏائي ٿاري ڇڏيو. سنڈيمن جام عالي خان جي تقاضا تي سندس والد جام ميرخان کي، جيڪو پوني ۾ نظربند هو، آزاد ڪرڻ واري ڳالهه قبول ڪئي ۽ جام ميرخان آزاد ٿي ڪراچي پهتو جتي جام عالي خان سائس ويجي ملیو.

جام ميرخان سنه 1877ع ۾ پيلي ۾ پهتو ۽ حڪومت جو انتظام سنڀاليائين. پٺس جام عالي خان جنهن ايڏا مقابلا ڪيا ۽ پنهنجي والد جي آزادي لاءِ پاڻ پتوڙيو. تنهن کي خيال هو ته سندس والد باقي وقت گوشه نشيني ۾ گذارينڈو ۽ حڪومت جون واڳون سندس حوالي ٿيندينون ۽ ائين نه ٿيو جنهن ڪري پيءُ پٽ جي وچ ۾ اقتدار لاءِ ڪشمڪش شروع ٿي وئي. جام عالي خان کي انهيءَ ڳالهه جو به ڊپ هو ته جام ميرخان پوني ۾ جيڪا شادي ڪئي هئي ۽ جنهن مان ڪيس ٿي پٽ هٿا_ غلام علي شاهه يعقوب خان ۽ ڪيچي خان_ تن کي حڪومت ڏيئي ڇڏيندو. جام عالي خان ڏاڏي پوٽي مان هو. انهيءَ ڪري جاموٽ ۽ ٻيا راڄ سنڌس طرف ٿيا. گونگا، انگاريا ۽ گدور جام ميرخان جي پاسي ٿيا. پيءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ جنگ لڳي. جنهن ۾ جام عالي خان کي شڪست آئي ۽ قيد ٿيو. جام ميرخان کيس ڪجهه وقت پاڻ وٽ رکيو ۽ پوءِ کيس انگريز ايجنٽ گورنر جنرل جي حوالي ڪيو.

جام عالي خان نوجوان ۽ باهمت شخص هو. تقريباً ڏهن سالن (سن

---

[1] تفصيل لاءِ ڏسو فارسيءَ ۾ تاريخي ياد داشت مرزا احمد علي، جنهن کي هيٺورائر تاريخ بلوچستان (ص ص 261_262) ۾ نقل ڪيو آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

1878_1888ع) تائين چام عالي خان انگريزن جي قيد ۾ رهيو. جنهن کان پوءِ کيس آزاد ڪيو ويو. جنوري 1888ع ۾ چام ميرخان ثاني وفات ڪئي ۽ وصيت ڪيائين ته ڪانشس پوءِ سندس پٽ يعقوب خان گادي تي ويهي. پر ائين نه ٿي سگهيو ۽ فيبروري 1888ع کان جنوري 1889ع تائين ملڪ جو ڪاروبار انگريزن جي هٿ ۾ رهيو.

چام عالي خان ثالث.

اِنهيءَ دوران رابرٽ سٽنڊمن يعقوب خان ۽ ڪيچي خان (عرف ايوب خان) کي ايچيسن ڪاليج لاهور تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ موڪلي ڏنو. ڊسمبر 1888ع ۾ رابرٽ سٽنڊمن چام عالي خان کي پاڻ سان گڏ وٺي آيو ۽ 21_ جنوري 1889ع ۾ دربار قائم ٿي. جنهن ۾ چام عالي خان کي ٻيلي جي تخت تي ويهاريو ويو. چام عالي خان جي تخت نشيني وقت. رابرٽ سٽنڊمن کي هڪ سپاسنامو پيش ڪيو ويو جنهن ۾ چام عالي خان جي تخت نشيني تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو. ان سپاسنامي تي ٻيلي جي هيٺين سربراهن ۽ معتبرن صحيحون ڪيون هيون: پير احمد شاهه صاحب. پير نور شاهه جيلاڻي، ساڪن اُٽل. پير ملوڪ شاهه جيلاني ساڪن اُٽل. سيد جعفر علي شاهه ساڪن اُٽل. سيد غلام شاهه لس ٻيلو. سيد جمن شاهه وڪيل خليفو ميان احمد بن خليفو رضا محمد پنڌ جوڪيو ساڪن سيران پير ڪراچي. خليفو محمد يوسف. خليفورحيم خان. خليفو شاهه بلاول. خليفو سائينداد (شاهه بلاول). مير فتح خان عالياڻي. مير جنگي خان عالياڻي. مير چڳير خان ولد علي خان جاموٽ چنڙه پوٽو. مير جمن خان ولد خان محمد چنڙه پوٽو مير جنيد خان ولد عظيم خان جاموٽ چنڙه پوٽو. مير ولي محمد جاموٽ چنڙه پوٽو. وڏيرو شير خان ولد سنگر وندرائي جاموٽ. چتو ولد الهڏو جاموٽ ڪٻڙ ۽ پولي وارو. علي محمد ولد صاحب ٻرو. حاجي دريا خان جاموٽ. حاجي صوب خان ٻرو. وڏيرو پنيلڏو ولد لعل خان گونگو. سليمان ولد ڪلاچ گونگو رئيس پوٽو. الهڏاد ولد محمد گونگو گهراماڻي. موسيٰ خان ولد الهڏو گونگو. فتيان گونگو. وڏيرو شير خان ولد فقير انگاريو باڙائي. دائود

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جام عالي خان ثالث (١٨٨٨ـ١٨٥٨ع)

Jam Ali Khan (1858-1896 A.D.)



اهي فوٽو جنب سير مٺيو خان جي ميراثي ملڪ ۽ دولت مختيار
آخب احمد جي سوڪ ۾ ڏسڻ ۾ آيو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

اڳاريو. علو اڳاريو. پنيه پوٽو. خليفو جان محمد شيخ. خليفو سومار شيخ. بچل شيخ. خليفو مگسيو ٻرو. ادريس ٻرو. داد محمد ٻرو. جانو ٻرو اُتلائي. وڏيرو شير خان ولد مٹو شاهيوڪ. وڏيرو لکمير مانگيو. خانو ولد اسماعيل مسوء. قدر ولد عمر بودره. عارب بودره. وڏيرو لعل خان ولد پنيلڏو باريجو. لعل بخش باريجو. ناکئو محمد صالح سونميائي وارو. ناکئو محمد يوسف سونميائي وارو. غلام محمد ولد رحمت پاڊي. فتيان ولد هيبت پاڊي ۽ ميان محمد دائود زرگر ڪراچي وارو.

جام عالي خان سردار نوردين مينگل سان گڏ شهيد ٿيل ساٿين جي وارثن جي دلجوئي ڪئي ۽ سندن واسطي لوازمات مقرر ڪيا. انهيءَ سلسلي ۾ هيٺيون ٻه سندون. هڪ سند 1303هـ ۽ 1310هـ ۾ جاري ڪيائين. جن موجب سالياتو 25 هزار روپيا لوازمن طور مقرر ڪيائين.

[1]

باعثِ تحرير آنکه اقرار کردم صحي و اعتراف نمودم شرعي مير جام عالي خان ولد جام مير خان ملقب جام زئي آنکه چون بهمراه جنت مکان خلد آشيان سردار نوردين مرحوم از دست قاتل مير خدا داد خان قلات شهيد شد و همراه مرحوم مذکور مقدار هفتاد و سه نفر مينگل وغيره — و باز مينگلان باقي وارثان از سر کار اين جانب چون مقتولان صدر دريافت نمود که مذکوران گفت که سردار نوردين بمعه مينگلان خاص بر سر آن سرکار عالي شهيد شد۔ از باز سر کار اينجانب چنان اقرار کرده که مبلغ بيست هزار روپيه بر مذکوران يعني وارثانِ ايشان خواهم داد۔ وقيمت شاهي زئي تک (۱) چار هزار. حمزه و حسن خان چار هزار. ديگر دولت خان زئي دو هزار. ديگر مينگلان رئيساني چار هزار و شادمان زئي و محمد زئي وحمل زئي ديگر وغيره دو هزار۔ اين چند اقرار همراه ايشان کرده و آئنده نيز

---

۱ تکا يعني يک قبيلي جو قبائلي قسم.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

دیگر خوبی همراه شان خواهد شد۔ این چند کلمه بطریق
حجت و دست آویز بدست وارثان مقتولان داده که فردا بکار
آید۔ عنه الشرع
الشریف مسموع باشد وحال تحریر
17۔ محرم سنه 1303ھ
(جام عالی خان)

[1]

باعث تحریر آنکه

اقرار میکنم صحي و شرعي من جام عالي خان ولد جام میر
خان تومر جام زئي بریښمعني آنکه مقدار پنجهزار روپیه ضرب
کلدار مي شود که مینگلان بابت خون سردار میر نور دین خان
مرحوم و مینگلان سال بسال دادني هستم۔ علاوه از ده هزار
روپیه ولد که در کاغذ دیگر نوشته داده ایم بر تفصیل دادني به میر
حمزه ولد حاجي خان یکهزار میر حسن خان ولد گهرام یکهزار
بمیر عالم خان ولد میران یکهزار۔ بمیر علي محمد ولد دین
محمد یکهزار۔ بملا گهرام و محمد ولد حیتان یکهزار و این
عذر وحیله تخوهم کرد
حال تحریر بتاریخ 10۔ ماه رمضان المبارک سنه 1310ھ
بمثبر
جام عالي خان
شاهد میر محمد رئیساني شاهد جنگو لانگو شاهد کیچي لانگو
و ملا گهرام برائي اینجانب بسیار خدمت و استخاره کرده
بر او میان خال بود مگر در کاغذ همین مقدار نوشته شد
باز علاوه خوبي همراه او خواهد شد۔ فقط تاریخ صدر

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جام عالي خان ڪجھ عرصو حڪومت هلائي تان جو سندس پٽ جام ڪمال خان ۽ سندس وچ ۾ ڪشمڪش شروع ٿي. انهيءَ موقعي تي مصالحت لاءِ رابرٽ سنڈيمن آيو ۽ سونميائي ۾ سيني کي سڏائي صلح ڪرايائين. سنڈيمن اُتي بيمار ٿي پيو. جتان کيس ڪٽائي ٻيلي ۾ آندو ويو جتي بالاخر 29_ جنوري 1892ع ۾ گذاري ويو [1].

جام ڪمال خان.

جام عالي خان سنہ 1892ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس پٽ جام ڪمال خان تي ٻيلي جي پڳ آئي. جنهن جي ايامڪاريءَ ڪان وٺي ٻيلي جي جامن تي پڻ انگريزن جو سياسي تسلط پوريءَ طرح قائم ٿي ويو. جام ڪمال خان 25 سالن جي حڪمراني بعد سنہ 1921ع ۾ وفات ڪئي. مرحوم مولوي عبدالحڪيم درس سندس وفات تي هيٺيون قطعو چيو:

جهان يڪسر بحڪم ذوالجلال است — ز قدرت او ڪمال و هر زوال است
چو جام خان ڪمال آن والي لس — ڪ درعهدش بسي لس شان حال است
شجاعت هر سخاوت ر يگانه — بدور اين زمان ديگر محال است
چو اين ماه منور رو بپوشيد — خلق را بس ازين رنج وملال است
'درس' گويد چنين از سال رحلت — "به بهشت جاودان جاي ڪمال است"

1340هـ [جون 1933]

---

[1] سندس قبر شهر ٻيلي ۾ ڪاڪي ياسي شاهي باغ ۾ آهي. جنهن تي انگريزيءَ ۾ هيٺيون ڪتبو لکل آهي:

In Loving Memory
Colonel Ser Robert Groves Sandeman
K.C.S.I., B.Sc.
Chief Commissioner of Baluchistan and Agent to the Governer General
Born at Perth Scotland 25 February 1835
Died at Las Beyla Baluchistan 23 january 1892
He died as he lived in the discharge of this duty
Fervent in Spirit Serving the Lord

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

مولوي محمد سليمان ٻُري هيئيون مزيد مصراعون منظوم ڪيون:

حڪمراني نموده بيست و پنج سال شمار عمر او تاشست سال است
غلام خان محمد او ولي عهد هم آن جام علي او تونيال است

جام غلام محمد خان سندس والد جام ڪمال خان 26_ جون 1921ع تي وفات ڪئي ۽ 29_ اپريل 1925ع تي ڪيس ڪُلي اختيار مليا 1927ع ۾ هن رونجها قوم کي گرفتار ڪرائي قلات ۾ انگريزن جي حوالي ڪيو.

جمعي ڏينهن پهرين رمضان سنہ 1356هـ/ 1937ع تي شڪار ڪندي ڪيس حاجي الله رکيي رونجهي جي گولي لڳي ۽ وفات ڪيائين:

درين گردش فلک دو اين زمان عجب حادثہ شد هلاکت چنان
ڪہ والي رياست بجاي شڪار شد از تير همدم قضاي شڪار
غلام محمد حڪمران لس عديلش نباشد درين عهد کس
زدست اجل جام چون خورد جام خلائق بماتم رسيده تمام
چو گويم ڪہ آن جام فرخنده خوء بہ شيرين زبان بود خوش نام جوء
رعيت نواز و عدالت پسند رياست ازين شد بسي ارجمند
نکو روئي باحلم دانش تميز بجود و ڪرم بود هر دل عزيز
ز غفلت غلامان محمد غلام شهادت چشيده بماه صيام
بملک بلوچي چنين انتقال بگفتار نادر بماند بحال
ز تاريخ بنده صدا شد چنان "غلام محمد بمنزل جنان"
(1356هـ)

برمضان بماه بروز بهين "شهادت غلام محمد ببين"
(1937ع)

جام غلام قادر خان پنهنجي والد جي وفات بعد سنہ 1937ع ۾ حڪمران ٿيو. لس بيلي جي حڪمران جامن جو هن تي خاتمو ٿيو. پاڪستان جي قيام بعد سنہ 1956ع ۾ حڪومت جي نئين نظام ۾ لس بيلي جي رياست واري حيثيت ختم ٿي ۽ ان کي هڪ ضلعي جي حيثيت ۾ ڪراچي ڊويزن سان ملايو ويو. جام صاحب مغربي پاڪستان صوبائي اسيمبلي جو ميمبر ۽ حڪومت جو وزير ٿيو. هن وقت هڪ معزز شهري جي حيثيت ۾ زندگي گذاري رهيو آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باب ٻيو

لس ٻيلي جون قومون ۽ قبيلا

لس ٻيلو قديم ۾ قبيلن جو آماجگاھ آھي. سڪندر يوناني جي وقت ۾ موجوده ڪراچي کان اولھ طرف لس ٻيلي جي حد ۾ "آرابي". "اوريتي" ۽ "گيدور" نالي قومون آباد ھيون. ساموندي ڪناري لڳ ماھي خور وسيل ھٿا. ھن وقت جا گدور ۽ ميد نالا غالباً انھن قديم قومن جي نالن جو ياد گار آھن. ساھي نسل قبيلا ۽ ڪھن سمي اڇي ھن ملڪ ۾ آباد ٿيا. جن جي وسيلي ٿي بي بي "ناني" جي تڪڙي جي آبياري ٿي. اسلام جي فتوحات سان عربي نسل جي قبيلن ھن اراضي ۾ سڪونت اختيار ڪئي. انعد نسبتاً ويجھي تاريخي دور ۾ ھڪ طرفان سنڌ جي قومن ۽ ٻئي طرفان بلوچ قبيلن اڇي لس کي وسايو. ۽ ان کي سنڌ ۽ بلوچستان جي گڏيل تھذيب جو آئيندو بنايو. موجوده دور ۾ لس ٻيلي ۾ آباد ٿيل سڀني قومن ۽ قبيلن جو بيان ڪرڻ مشڪل آھي. مگر ڪن جو احوال ھيٺ ڏجي ٿو. انھيءَ لاءِ ته اسان لس ٻيلي جي رھاڪن سان قدري روشناس ٿي سگھون.

سنڌ جي قومن آڪاڻي وقت کان وٺي لس ٻيلي کان پنھنجو وطن بنايو. بلڪ سنڌ جون قومون لس ٻيلي کان اڳتي وڌي وڃي بلوچستان جي ڪن علائقن ۾ پڻ آباد ٿيون ۽ اڄ تائين دودا. شاھوڪ. برياز (حسناڻي جي شاخ). مردوئي. ساسولي. ماندڙا وغيره بلوچستان جي حدن اندر آباد آھن. رونجھا. گونگا. چنا. صابرا. موندرا. ھُرا. جاموٽ. سيھان. آڻا. راھو. برادريا. لنگھا ۽ ٻيون سنڌي قومون خاص لس ٻيلي جي حدن اندر آباد آھن. ڪن زباني روايتن موجب لس جون سنڌي قومون جام

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

هالي جي اولاد مان آهن. جنهن کي ٻه پٽ ٿيا. هڪ ڏيرو ٻيو هوتي. ڏيري مان موندرا ٿيا ۽ هوتي مان صابرا. سينڌا. چتا وغيره ٿيا. اها روايت صحيح نه آهي. چاڪاڻ جو چام هالي کان گهڻو اڳ سمن اچي لس ٻيلي ۾ ويا ۽ وسايو هو.

بلوچ قومون پڻ لس ٻيلي ۾ ڪنهن آڪاڻي دور کان اچي آباد ٿيون. هن وقت بلوچن مان مشنگل. اڳاريا. راڏا. بنديچا. بزنجو. بڙدي. شهپات. مونڪ. گبول. رند. ڪوڪا وغيره قومون لس ۾ آباد آهن. جن مان اڳاريا قوم تعداد ۾ نه رڳو بلوچن ۾ مگر لس جي مڙني قومن ۾ وڏي ۽ وڏي قوم آهي. ڪڙي ۾ سيد ۽ ڪڙياٽي شيخ. اُتل ۾ جيلاني پير ۽ اُتل لڳ سنڌ جا ازميا سيد آباد آهن.

لس ٻيلي ۾ ڪاب قوم زمين کان خالي ڪانهي. سڀ ڪنهن کي مڃجهه نه ڪجهه زمين آهي. وڏي زميندارِي گونگن جي آهي. مينگلن. ساموٽن ۽ چٽن وٽ مال گهڻو آهي. مينگل ۽ چاموٽ ٻئي جنگجو قومون آهن. ٻرن ۽ ٻين قومن مان به وڏا بهادر ٿي گذريا آهن. ڪڙياٽي شيخ لس ٻيلي جو فاقيرو ۽ درويش گهر آهي.

رونجها

سڀ کان اول جنهن سنڌي قوم لس ٻيلي ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. سي رونجها هئا. اٺين صدي هجري (چوڏهين صدي عيسوي) ۾ سنڌ ۾ سمن جو عروج شروع ٿيو ۽ غالباً ساڳئي وقت لس ٻيلي ۾ رونجهن جو اقتدار شروع ٿيو. "رونجهو" نالي سمو وڏي بخت وارو ٿيو ۽ سندس اولاد رونجها سڏجڻ لڳا. چون ٿا ته رونجهو پٽ چپڙ جو هو. رونجهن مان سپڙ پوٽائي ٻيلي جو چام ٿيو. عام روايت موجب چام سپڙ رونجهي جي ارڙهين پيڙهي ۾ هو. سندس شجرو هن طرح آهي: چام سپڙ پٽ چام چونا پٽ چام جونا پٽ ٽاڻو پٽ چام پهو. چام پهي جو اولاد "پهي پونا" سڏجڻ لڳا. ظاهر ته سنڌن ياري ۾ چيو ته "پهي پونا پڏرا. رونجها راڄ هئا." چام پهي ان ڪري رونجهن چامن جو شجرو هن طرح چيو وڃي ٿو: پهو پٽ انڙ پٽ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هالو پٽ وکيو پٽ بيگ پٽ سرکند پٽ ميراس پٽ سلطان پٽ ذوالقرن پٽ وزير پٽ بادينڙ پٽ ڏيپار پٽ منگر پٽ راهو پٽ رونجهو. هن وقت رونجها خاص طرح بيلي جي شهر ۽ ان جي چوڌاري علاقي ۾ آباد آهن. ونگا. ڪماچا. سِسي. کٻڙا. ٻريا. کينڊرا وغيره سندن پاڙا آهن.

گونگا

رونجهن کان پوءِ گونگن لس بيلي ۾ اقتدار حاصل ڪيو. گونگا هن وقت خاص ڪري لاکڙي واري علاقي ۾ آباد آهن ۽ سڄي لس ۾ وڏي زميندار قوم آهي. پيروز پوٽا. ٺندراڻي. رئيس پوٽا. چڪير پوٽا وغيره سندن پاڙا آهن. هڪ روايت موجب * سندن وڏو ڏاڏو "جهلو" هو. جنهن کي ٽي پٽ ٽيا: پيرون زومڪ ۽ ميران. پيروز جو اولاد پيروزپوٽا ٽيا. پيروز کي چار پٽ ٽيا: هڪ لڏو. جنهن جي اولاد مان معتبر لکمير. ٻيو رئيس جنهن جي اولاد مان معتبر سليمان. ٽيون آدم جنهن جي اولاد مان معتبر علو عمراڻي ۽ چوٿون ڪهرام جنهن جي اولاد مان پريو عاريائي. جهلي جو ٻيو پٽ زومڪ. جنهن جي اولاد مان ڳهٽا پاڙا ٽيا. زومڪ کي چار پٽ ٽيا: هڪ سينار. ٻيو وهريو. ٽيون الانو (الهڏنو) جنهن جي اولاد مان جمن دوسواڻي معتبر ۽ چوٿين پٽ جي والاد مان مندفراڻي [مظفراڻي] ٽيا. جهلي جو ٽيون پٽ ميران جنهن مان "ميران پوٽا" ٽيا: ميران جو هڪ پٽ سرمان جنهن جو پٽ زوڙ جنهن مان معتبر جيئڻ. ميران جو ٻيو پٽ بودر ۽ ٽيو جنهن جي اولاد مان معتبر پريو.

نومڙيا: برفت

هيءَ قوم سنڌ ۾ لس جي ڪڏيل قوم آهي. عام روايت آهي ته هيءَ قوم سنڌ جي سمن جي نسل مان آهي: هن روايت موجب نومڙيا اصل ۾ سنڌ جي ونگي- ولاسيي [!] واري پاڳي جا سما آهن. ۽ "نهڙيا" ۽ "نومڙيا"

---

* راوي اوتمان اڳاريو.

[!] موجوده حيدرآباد ضلعي ۾ تنڊي ياڳي ۽ ٻڌين تعلقن جون اڪثريتون.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ساڪني نسل مان آهن. چون ٿا ته گهٽو آڪاڻو ونگي- ولاسيي واري اراضي مان "نومڑس" سنڌ- بلوچستان جي ڪوهستاني علائقي ۾ آيا جتي اڄ "نهه سرد" (نوچٽا) "نهه مردي" برادري جا بني بنيا. جنهن کي پوءِ عام زبان ۾ "نومڑي" يا "نومڑيا" ڪري سڏيو ويو. هڪ روايت موجب اهي نوچٽا هئا: چامر هوٽي جا پنج پٽ- عيسب. لالو. ٻرو. چانڙو. ۽ شورو- هڪ غلام. هڪ ميراثي ۽ ٻه ٻيا چٽا. هي روايت موجب چامر عيسب پنهنجي ٻي، چامر هوٽي سان ناراض ٿي راج جا هيٺيان اٺ چٽا ساڻ ڪري نڪتو: لالو. ٻرو. جاڙو. پتڑ سورو. سنگهار. الهڏنو. شبان ۽ هڪ غلام.

چون ٿا ته اهي نوچٽا اول بلوچستان جي حدن اندر اچي ويٺا جتي "مرک" نالي حاڪم کي عيسب ماريو. ان کان پوءِ لس ٻيلي ۾ آيا[1] 18- صدي جي پوئين نصف ۾ هي سنڌ جي ڪوهستاني علائقي طرف آيا. انهيءَ علائقي جو حاڪم "بارڻ" نالي چانگ هو جنهن جي نالي پويان هي علائقو "بارڻ" سڏجڻ ۾ آيو. چامر عيسب بارڻ چانگ کان اهو علائقو کسي پنهنجي نبضي ڪيو.[2] ها

ٻي روايت موجب مرک کي مارڻ کان پوءِ نوَ ئي چٽا اچي "رني ڪوٽ" واري علائقي ۾ ويٺا ۽ اتي ئي رهيا. پالارين جو وڏيرو ميراڻ پالاري به انهيءَ ماڳ ڏاري ساڻن مليو. ان وقت آري بدو سنڌن سردار هو ۽ سنڌ واري الهندي علائقي جو حاڪم دودو سورو هو. آري بدو دودي جو پٽ ڪٽي آيو جو ميراڻ مونارائي ڏنو. انهيءَ تي دودي سوري مٽي بادشاهه وٽ سفارش ڪئي ۽ آري بدو کي جاگير ملي.

تاريخي لحاظ سان معلوم ٿئي ٿو ته نومڑيا غالباً آڪاڻو سمن جي دور ۾ اچي سنڌ بلوچستان جي ڪوهستان واري پاڳي ۾ آباد ٿيا. شاهجهان بادشاهه جي دور ۾ نومڑيا هڪ طاقتور قوم هئي ۽ نيرن ڪوٽ (حيدرآباد) کان ونڊي شاهه اويس[3] تاڻين (موجوده ڪوٽڙي ۽ مانجهند تعلقن جي)

---

1 هڪ روايت موجب ان وقت چامر ديندار حڪمران هو ۽ چامر عيسب سنڌس نياڻي سان شادي ڪئي. جنهن مان چامر برفت جاڙو. ۽ اها روايت تاريخي اعتبار کان صحيح نه آهي

2 ٻي روايت موجب ڪوسن سان سندن جنگيون ٿيون

3 شاهه اويس اولياءَ. جو مانجهندن جي سامهون ڪنڌ طرف ٽڪرن تي مدفون آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ٽکر واري اراضي ۾ چانيل هئي [1]. انهيءَ عرصي ۾ هيا گهڻا راڄ پٽ "نومڙڪار" ۾ شامل ٿيا تان جو "برفت" نومڙين جو سردار بنيو ۽ برفت راڄ کي هڪ جداگانه حيثيت حاصل ٿي. جيئن ته برفتن جو تعلق آڳاٽي دور کان وٺي بلوچ قبيلن سان رهيو. انهيءَ ڪري برفتن کي بلوچ قوم ڪري پڻ شمار ڪيوويو.

برفت:

"برفت" بذات خود هڪ وڏي قوم آهي. جنهن تي اهو ناالو سندن وڏي ڏاڏي برفت (بوالفتح) تان پيو جو چون ٿا ته جام عيسب جو پٽ هو. روايتي نسبنامي موجب جنهن ۾ برفتن کي سمن ۾ شمار ڪيو ويو آهي. جام برفت جو شجرو هن طرح بيان ٿيل آهي: جام برفت پٽ جام عيسب پٽ جام هوتي پٽ جام چنرو پٽ جام هوتي پٽ جام هالو پٽ ساند پٽ پلي پٽ رائڊخ پٽ ڪاڪو پٽ سمو پٽ لاکو پٽ لاکيار پٽ ايو پٽ اودار پٽ نهڙيو پٽ نوتيار پٽ جد پٽ جودار پٽ سمو پٽ جادم. هي روايت موب ابوالفتح (برفت) بلوچستان جي سردارن مان هو. پر "بارخ" ۾ اچي نومڙين مان شادي ڪري سندن سرداري حاصل ڪيائين.

جام برفت جو اولاد "برفت" سڏجڻ لڳو. وقت گذرڻ سان پيا راڄ به ساڻن پيڙا ٿيا ۽ اهڙي طرح "برف" يا "برفت ڪار" جو دائرو به وسيع ٿيو. نسبنامي جي هڪ روايت گهڻن راڄن کي "برفت" جي اولاد ۾ شمار ڪري ٿي. پر خاطري سان چئي سگهجي ته اها ڪيتري قدر صحيح آهي. هن روايت موجب جام برفت کي ڇهه پٽ ٿيا: همرڪ. ڪارو. ڏيڻ. موچي. همير ڪوڙ شاهو. "ڪاري" جي اولاد مان "عاقلاڻي" آهي. ڏيڻ جو اولاد ڏيڻراڻي [2] ٿيا. موچي جي اولاد مان "موچيجا" آهن. همير کي جي اولاد مان "همير ڪا" ٿيا جي پوءِ جوڪين سان گڏيا. شاهي جي اولاد مان "شاهوڪ" ٿيا جي لس ۾ آباد آهن.

---

[1] مظهر شاهجهاني.

[2] هي روايت موجب "ڏيڻ" جو اولاد "ڏوهر" آهن.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جام برفت کان پوءِ جام همرڪ تي پڳ آئي. جنهن کي چون ٿا ته نو پٽ ٿيا: وڏو جام مڙجوڪ جنهن تي پڳ آئي ۽ سيني کان ننڍيو مهندو جنهن جي پٽ حسن جي پيڙهي مان گهٽو اولاد ٿيو. حسن جي پٽن مان هڪ "الاڻ" جنهن جو اولاد نوري- پوٽا حسنائي. ٻيو سجوٽو (يا سينهوٽو) جنهنجو اولاد فندرائي حسنائي. ٽيو ماندڙو جنهن جو اولاد ساهڪ پوٽا (سحاق- پوٽا يعني اسحاق پوٽا) حسنائي جي بارڻ جي علائقي ۾ آباد آهن.

جام مڙجوڪ جنهن تي پڳ آئي سو برفتن ۾ نالي وارو سردار ٿيو. هن چوويهه پائڙو (يعني چوويهه علائقن جا سردار) پاڻ سان پيڙا ڪيا. جام مڙجوڪ جي وفات کان پوءِ پڳ سندس پٽ جام بادينهه (يا بادينهه يعني ٻاهوالدين) تي آئي جنهن کان پوءِ سرداري سندس پٽ جام آري بدو کي ملي. جنهن جي اولاد مان چون ٿا ته موسيٰ ۽ ساسولي آهن جي قلات جي علائقي ۾ آباد آهن.

"جام آري". "آري بدو" جي نالي سان مشهور ٿيو. شايد "بدو" کيس انهيءَ ڪري سڏيائون. جو هو بدوئن وانگر پهاڙن ۾ رهڻ لڳو ۽ اتان لشڪر وٺي سنڌ جي آباد اراضي کي ڦرڻ لڳو. اهو اطلاع جڏهن دهلي جي مغل بادشاهه وٽ پهتو ته کانئس پڇا ٿي ته چو ٿو ڦرلٽ ڪرين؟ چيائين ته لاچار گذران لاءِ ٿو ڪريان. انهيءَ تي سنڌ واري اراضي (غالباً موجوده ڪوئٽري ۽ ڪٽي تعلقي) جو چوٽون حصو کيس جاگير ٿي ملي. اتي جون ٻه قومون. شورا ۽ منو پسايو سائس پيڙين ٿيون ۽ اڄ تائين برفتن جا پائڙ آهن.

جام آري بدو کي چار پٽ ٿيا: لهار، حمل، ٻاهڙو ۽ بادينهه. جام فقير ٿيو ۽ پڳ سندس ٻاهه حمل تي آئي. حمل جي ٻاهڙي جدا پڳ بڌي. جام حمل جي اولاد مان حملاڻي برفت ٿيا. جام لهار (جنهن جو پٽ خليفو يا حڪيم) ۽ سندس اولاد مان لهاراڻي برفت ٿيا جي تونگ ۾ آباد آهن. ٻاهڙي جي اولاد مان ٻاهڙا برفت ٿيا جي تونگ ۾ آباد آهن. ٻاهڙي جي اولاد مان "ٻاهڙا" ٿيا ۽ بادينهه جي اولاد مان چون ٿا ته ڪردوئي آهن. جي قلات

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

طرف رهن ٿا ۽ هينئر مينگل قوم ۾ شامل آهن [1].

جام حمل کي ٽي پٽ ٽيا: پهريون جام مڙجوڪ جنهن تي پڳ آئي. ٻيو اوتمان (عثمان) ۽ ٽيو چاڪلو. اوتمان کي چار پٽ ٽيا: وليداد، حاجي خان، ديگي خان (يا ديگي خان) ۽ سريو خان. وليداد جي اولاد مان اوتمائي پوٽا، جي لس ۽ بارڻ ۾ آباد آهن. حاجي خان جي اولاد مان کي "بارڻ" ۾ رهن ۽ باقي (فقير محمد جو اولاد) "نار وارا" ٻيزنجو حملاٽي سڏائين. ديگي خان جي اولاد مان ڏٽينائي. جيئند پوتا ۽ پنيلڏياٽي آهن. جي بارڻ ۾ آباد آهن. سريي خان جو اولاد مڪران وارا حسنائي آهن. چاڪلي جي اولاد مان چاڪلائي پوتا حملاٽي جي بارڻ ۾ رهن ٿا.

جام مڙجوڪ وڏي همت ۽ حوصلي وارو هو ۽ وڏي عمر ٽيس ۽ گهٽي وقت تائين سرداري ڪيائين. سندس وفات کان پوءِ سندس پٽ جام ڪيو سردار ٽيو. جنهن کان پوءِ سندس پٽ جام مڙجوڪ ٽئين تي پڳ آئي. ان کان پوءِ سندس پٽ جام مريد سردار ٽيو ۽ جام مريد کان پوءِ پٽس جام ڪانيو تي پڳ آئي. هي وڏي همت وارو هو ۽ هن ۾ جام آري بدو وانگر سنڌ طرف قرلٽ مچائي جنهن تي دهلي ۾ نظربند ٽيو. بالاخر بادشاهه طرفان سندس گناهه معاف ٽيو ۽ ڪيس سنڌ واري علاقي (غالباً تعلقي ڪوٽڙي) مان ٽيو حصو جاگير ۾ پڻ "ملڪ" جو خطاب مليو. اڳيان سردار "جام" سڏباهيا. ملڪ جام ڪانيو کي ٻه پٽ ٽيا: ملڪ نوردين جيڪو پڳ تي ويٺو ۽ ٻيڏي خان جنهن جو اولاد ٻيڏياٽي ۽ سنيڏياٽي بارڻ ۾ آباد آهن.

ملڪ نوردين کان پوءِ پٽس ملڪ پهاڙ خان پڳ تي ويٺو. جو وڏي بخت ۽ طالع وارو هو. تنهن ڪري جي نواب (الف خان يا لطيف خان) کي ماريو جنهن تي ڪيس دهلي گهرايو ويو پر بادشاهه سندس عرضداشت ٻڌي ڪيس معافي ڏني ۽ پڻ ڪوڪستان جو ملڪ هميشه لاءِ سندس حوالي ڪيو. باب پهرئين هيٺ بيان ٿي چڪو آهي ته ملڪ پهاڙخان گونگن کان لس ٻيلو کسي پنهنجي قبضي ڪيو. ملڪ پهاڙ خان کي هڪ پٽ

---

[1] موجوده سردار عطا محمد پٽ مشور خان پٽ سفر خان پٽ سومار خان پٽ سمنڊ خان پٽ شير خان پٽ لشڪر خان پٽ مرزا پٽ يعقوب پٽ فيروز پٽ بادينع

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

عزت خان ٽيو جو ستن مهينن جو هو تہ پهاڙ خان وفات ڪئي سندس ڏهري جو گنبذ پيلي جي علاقي ۾ "پير ٽيهارو" جي مقام ۾ موجود آهي.

حملاٽي ۽ ٻاهڙا.

جام آري بدو کان پوءِ برفتن ۾ پگهون ٽيون: جام آري جي وڏي پٽ جام لهار جڏهن سرداري ڇڏي فقيري اختيار ڪئي تہ سندس ننڍن ڀائرن مان حمل ۽ ٻاهڙي ٻنهي پڳ هڏي ۽ اهڙي طرح حملاٽين جي پڳ جدا ۽ ٻاهڙين جي پڳ جدا ٿي

حملاٽين جي سرداري.

حملاٽين جي پڳن ۽ جامن جو ذڪر مٿي ڪري آيا آهيون تہ حملاٽي جام بالاخر "ملڪ" ٿيا. ۽ پهاڙ خان لس پيلي ۽ بارڙ جو حڪمران ٽيو سندس گهر ۾ خاتون چاڪلي پُوتاٽي هئي جنهن جي پيٽان عزت خان جائو. عزت خان ايجا ستن مهينن جو هو جو ملڪ پهاڙ خان وفات ڪئي ۽ ملڪ جون واڳون خاتون چاڪلي سنڀاليون. وڏي همت ۽ حوصلي سان حڪومت هلايائين پر سردار سندس حڪماني سهي نہ سگهيا ۽ بالاخر ڪنراچ جي ڪوٽرجي جام عالي لس پيلي تي قبضو ڪيو. خاتون چاڪلي پنهنجي صغير پٽ سان لس مان نڪري اچي بارڙ واري جاگير (ڪوٽڙي) ۾ رهي ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. عزت خان جيستائين وڏو ٽيو تيستائين مليز جي جوڪين جام بجار جي سرداري هيٺ زور ورتو ۽ آخرڪار اونگر طرف حلڪن جي "سيري واري جاگير" تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. عزت خان. قلات جي خان وٽ مدد لاءِ ويو سندس غير حاضري ۾ لس جي جام عالي جوڪين جي مدد ۾ اونگر تي چڙهائي ڪئي. ان وقت حملاٽين مان عزت خان جا عزيز (؟) ۽ همت وارا سردار دريا خان ۽ جنگي خان ۽ سندن ڀاٽيجا مرزان ۽ ديگي هئا جي اونگر واري جنگ ۾ ماريا: شايد "سيري جي جاگير" ۾ ڪسجي ونئي ۽ اهڙي طرح حملاٽي ملڪن جي سرداري جو دائرو محدود ٿي ويو ۽

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

"ملک" جو خطاب به رسمي بنجي ويو. اهو ڪلهوڙن جو دور هو. ملک عزت خان کان پوءِ سندس پٽ ملک صوبدار خان پگدار ٿيو. جنهن کي تالپر اميرن وڏي عزت ڏني ۽ سندس درجو بلند ٿيو. صوبدار خان هڪ شادي سودن مان ڪئي جنهن مان ڪيس هڪ پٽ نهد خان ٿيو. سندس بي شادي سردار پوت پوتاڻي جي نياڻي بي بي سوني سان ٿي جنهن مان ڪيس احمد خان. محمد خان ۽ ٻيا پٽ ٿيا: ميرداد. عيسيٰ خان ۽ عيسب خان. جن مان ميرداد کي هڪ پٽ ابراهيم ٿيو ۽ باقي به پائر اولاد گذاري ويا. عزت خان کي به پٽ امين خان ۽ رحيم خان ٿيا. ملک صوبدار خان جي گهر ۾ جام ميرخان (ثاني) جي پيڻ هئي. جنهن مان ڪيس هڪ پٽ ملک سردار خان ٿيو جنهن جو پٽ ملک صوبدار خان هو جنهن 11- سيپٽمبر 1922ع تي وفات ڪئي. ڪيس چار پٽ ٿيا: سردار خان. علي احمد خان. انور خان ۽ نور محمد خان. جن مان پڳ ملک سردار خان تي آئي جنهن جو پٽ ملک سڪندر خان هن وقت سڀني برفت قبيلن ۽ راڄن جو پگدار آهي ۽ نئين ماحول سان نباهي رهيو آهي.

بارڙ ۽ حملاڻين جي سرداري ۾ اصل هيٺيان قبيلا شامل هئا: حملاڻي. عاقلاڻي. لوهاراڻي. لالاڻي. موسيٰ. ڏڏر. شيخا. ڪڙيرا. چنا. براهماڻي. ڪاسونا. سونهڻيرا. نياڙي. چورا. ٻرا. ڪانڙا. بنيرا. ڪاڇيلا. بانگهوريا. گجڻ. لوناري. رونجها ۽ شودا. انهن کان سواءِ هيٺيان راڄ پڻ سائڻ پيڙا هئا: چانگڙ بروهي. دل. شورا. گاهيچا. هيڙها. ٽونگل. سماءِ خاصخيلي.

ٻاهڙن جي سرداري.

جام ٻاهڙو پهريون سردار هو جنهن کان پوءِ سندس پٽ (يا اولاد مان) جام تماري (يا تهاري) تي پڳ آئي جنهن جي اولاد مان بولا خان (بن صفر بن دودن بن بهادر بن ٻاهرو بن جام تماري) بخت ۽ اقبال وارو ٿيو ۽ ڪيس "ملک" جو خطاب مليو. ملک بولاخان جو پٽ حيدر خان جنهن کي به پٽ ٿيا: هارون خان ۽ ملک بولا خان (ٻيو). ملک بولا خان کي به پٽ ٿيا: جيئند خان (لاولد) ۽ سالار خان جنهن پٽ سالار خان ٿيو. سالار خان جو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پٽ بولا خان جنهن جو پٽ علي بخش.

ٻاٻڙن جي پڳ سان اصل ۾ هيٺيان قبيلا هئا: ٻاٻڙا. پالاري. حماتي. ٽينگيا. تارا. هيلايا. ٻير. بحراڻي (بلوچ) ۽ گندرا. انهن قبيلن کان سواءِ هيٺيان راج ساڻن پيڙا هئا: جاکرا. سومرا. آڻا. ڪڏائي ۽ خاصخيلي. ملک بولاخان جي وفات کان پوءِ ٻاٻڙن جي جدا پڳ ختم ٿي ۽ پڳداري يڪي حملاٽين ۾ آئي ۽ هن وقت ملک سڪندر خان پڳدار آهي.

جام گهراٽو

اسان اڳ چئي آيا آهيون ته لس ٻيلي جا جام غالباً ڪوٺريجا آهن ۽ ڪوٺريجا سنڌ جي سمن جي هڪ شاخ آهن. خاندااني روايت موجب سندن شجرو هن طرح معلوم ٿئي ٿو. جام عالي ڪٽوريو ۽ جام ڏاهر (يا ڏڪار) جنهن کي رونجهن ماريو سي ٻئي ٻاڻ ۽ پٽ جام رڻي (ريڌڻي) جا هئا. شهر ٻيلي جي اتر طرف جامن جي قبرستان ۾ پنج قبرون پٿر جون لاڳيتيون ٻيٽل آهن جن. مان اولهه طرف کان پهرين قبر جام عالي جي. ٻي سندس ٻاڻ جام ڏاهر (۱) جي. ٽئين پٽ جام دودي جي. چوٿين جام جنگي خان جي ۽ پنجين بنا نالي آهي. شايد جام عالي. جام ڏاهر. جام دودو ۽ جام جنگي چاڑئي ٻائر هئا. جام رڻي جي پيڙهي مٿي هن طرح ڄاڻايل آهي: جام رڻو پٽ جام لالا پٽ جام ڏرو پٽ الله ڏنو پٽ جام ڏرو جام عالي (وڏو) پٽ جام ڏاهر پٽ جام صديق پٽ جام آرادين جنهن کي جهانگير بادشاهه جي دور ۾ شڪست ملي ۽ هو لس ۽ ڪنراڇ ڏانهن ڇڏي آيو جتي ڪيس جام صديق ڄائو. ان جي معنيٰ ته ان وقت جام آرادين سنڌ جي سرحد اندر پنهنجي قبيلي جو جام هو. جتان مغلن جي فوجن سان مقابلو ڪري لس ڏانهن آيو.

جام آرادين جي پيڙهي مٿي هن طرح روايت ٿيل آهي: جام آرادين پٽ جام آريسر پٽ جام ميهر پٽ جام آرادين پٽ جام صديق پٽ جام

---

۱ هن قبر تي نالي مان فقط "جام ڏا" جا اکر ڇڻا ٻيٽل آهن: ٻئي هي نالو هام طرح سان "ڏڪار" مشهور آهي جو اصل ۾ غالباً "ڏاهر" يا "ڏاهر" آهي. قبرستان ۾ جام غلام شاهه ولد جام عالي جي قبر تي سال وفات سنه 1290هـ لکيل آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

خيرو پٽ جام تماچي پٽ جام جيسر پٽ جام ميرخان پٽ جام هوت پٽ جام احمد پٽ جام ڪاهو پٽ جام مير پٽ جام واچو پٽ جام پنهون پٽ جام پار پيو پٽ جام ساهو پٽ جام خيرو جرار. روايت موجب جام خيري جروار کي سومرن تخت تان لاهي ڇڏيو پر سندس پٽ جام ساهو وري سنڌ ورتي.

جام خيري جرار جي پيڙهي متي هن ريت ملي ٿي: جام خيرو جرار پٽ جام ڏلوا پٽ جام ڪاهو پٽ جام سيرو (يا سيهڙو جو ناصرالدين قباچه جي عهد ۾ هو) پٽ جام دميئل پٽ جام ٺارو پٽ جام جيسر پٽ جام جوڙو پٽ باهو پٽ مهراڻ. جام جوڙي پهريائين سمورن کان سنڌ ورتي. مهراڻ هن قبيلي جو پهريون وڏو ڏاڏو هو جنهن اسلام قبول ڪيو.

شاهه بلاول صدقياڻي جا خليفا

شاهه بلاول نوراني اٽڪل ناڻين صدي هجري ۾ هن ملڪ ۾ آيو ۽ پب جبل جي لاهوت مڪان ۾ عبادت لاءِ سڪونت اختيار ڪيائين. لاهوت علاقي جي پکيڙ هاڻنهن ميل ڊگهي ۽ هاڻنهن ميل ويڪري آهي. شاهه بلاول کان پوءِ هن مڪان تي سندس خليفن جو قبضو رهيو هي، علاقو خانقاهه ۽ زيارتگاهه هئڻ سبب هر قسم جي محصول کان آزاد آهي. ڪنهن به حاڪم هن تي محصول ڪونه وڌو. خانقاهه جي پيدائش جا ٻي حصا صدقياڻي ۽ به حصا مزاراڻي ورهائي ڪڍ لڳا. صدقياڻي خليفن جو شجرو هن ريت آهي:

صدقي اول. چون ٿا ته هي "صدر" يا "صدقلعي" جي نالي سان مشهور ٿيو. تنهن کي هڪ پٽ سائيندڊ ٿيو. سائيندڊ کي به پٽ ٿيا: مدار شاهه ۽ مزار. سندن اولاد هيٺين ريت ٿيو:

مدار شاهه جو اولاد هن کي هڪ پٽ صدقي نالي ٿيو. تنهن کي چار پٽ ٿيا: رحيم خان. مدار شاهه علي بخش ۽ عيسپ رحيم خان (پٽ صدقي) کي هڪ پٽ صدقي ۽ هڪ ڌيءَ ٿي. صدقي (پٽ رحيم خان) کي به پٽ ٿيا: هڪ قيصر خان. جنهن جو پٽ عبدالرسول ۽ ٻيو جان محمد جو لاولد

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

گذريو. مدار شاھ (پٽ صدقي) کي ٻہ پٽ ٽيا: جمن ۽ جعفر خان. جمن کي ٽن پٽ ٽيا: مدار شاھ، علي بخش ۽ عيسيٰ.

مرزا جو اولاد مرزا کي چار پٽ ٽيا: محمد علي، مٹا خان، سائينداد ۽ مڪرم شاھ. (1) محمد علي جو پٽ ڏڪي بخش لاولد گذريو. (2) مٹا خان کي ٻہ نياڻيون ۽ پنج پٽ ٽيا: نور محمد (لاولد)، دين محمد، دوست محمد، صالح محمد ۽ محمد علي. دين محمد جا ٻہ پٽ محمد ۽ حاجي. دوست محمد جو پٽ مٹا خان ۽ صالح محمد جو پٽ شفيع محمد. (3) سائينداد (پٽ مزار) کي ٻہ پٽ ٽيا: مزار ۽ امام بخش (وفات مئي 1930ع). مڪرم شاھ کي ٽي ڏيئرن ۽ هڪ پٽ الھ بخش، جنهن جا ٽي پٽ: تاج محمد، مڪرم شاھ ۽ جنگي خان.

ماندڙا

ماندڙا لس ٻيلي هڪيترن ئي مڪانن ۾ آباد آهن. چون ٿا تہ چامر ڏينار گونگي جي وقت کان وٺي ماندڙا اچي لس ٻيلي ۾ آباد ٽيا ۽ کين زمينون ۽ "معافيون" مليون جي اڄ تائين سندن قبضي ۾ آهن. چامر ڏينار جي وقت ۾ سندن سردار "زهرو" هو. چامر ڏينار مريد ٻڌي ۽ زهرو جي وچ ۾ صلح ڪرايو ۽ اٽل ۾ ڪرهڙي واري زمين ٻنهي کي ورهائي ڏني. ان کان پوءِ ماندڙا ٻرن جا پائر ٽي رهيا. گوندن سُور صابرا ۽ آچرا ۽ ماندڙن جا راڄ آهن.

ماندڙن جا گهڻا پاڙا آهن جن مان هيٺيان مشهور آهن: الهدادئي، هاريائي، ٻيگهائي، ايلائي، حسن، پٺاڻ، چيٽو، زهرائي، حاجائي، بهرائي ۽ ٻيورم. سندن خاص علائقو اٽل آهي. سندن سردار قنبرائي پاڙي مان آهي. سندن وڏو ڏاڏو ماندڙو يا منڊڙو نالي هو، جنهن جي پيڙهي هڪ روايت موجب هن طرح آهي تہ: ماندڙو پٽ حسن پٽ مهندو پٽ همرڪ پٽ چامر. برلت پٽ چامر عيسب پٽ چامر هوتي. ٻي روايت موجب چون ٿا تہ ماندڙو پٽ همرڪ جو هو. ماندڙي کي ٻہ پٽ ٽيا ـ هارون ۽ حسن جن کي هيٺين روايت اولاد ٽيو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

(1) اولاد هارون جو.

هارون جو پٽ بير، تنهن جو پٽ مندو، تنهن جو پٽ الهيار، تنهن جو پٽ ندام، تنهن جو پٽ هارون، تنهن جو پٽ الهيار، تنهن جو پٽ ايوب، تنهن جو پٽ زهرو، تنهن جو پٽ جنگلي، تنهن جو پٽ هارون، تنهن جو پٽ بيگ، تنهن جو پٽ ايوب.

ايوب کي ٽي پٽ ٽيا: ايلو بيگ، الهداد، عارب ۽ زهرو. الهيار کي چار پٽ ٽيا: ايلو بيگ، الهداد ۽ ننگر. ايلو جو پٽ گاجي، تنهن جو پٽ الهيار، تنهن جو پٽ الانو [الله ڏنو] معتبر. بيگ جو پٽ عظيم خان، تنهن جو پٽ الياس. الهداد جو پٽ قنبر، تنهن جو پٽ الهداد، تنهن جو پٽ قنبر، تنهن جو پٽ الانو. ننگر کي ٽي پٽ ٽيا: حسن، چٽو ۽ هک ٻيو جن مان فقط حسن کي اولاد ٿيو. حسن جو پٽ کاپڙي، تنهن جو پٽ علو، تنهن جو پٽ مٺو، تنهن جو پٽ علو، تنهن جو پٽ مگيلڏو، تنهن جو پٽ جمعو، ايوب جي پٽ عارب جو پٽ خيرو، تنهن جو پٽ لعل خان، تنهن جو پٽ تاجو، تنهن جو پٽ جنيد. ايوب جي پٽ زهرو کي چار پٽ ٽيا: ٻير، جنگلي، حاجي ۽ خورم. جنگلي جو پٽ وريو، تنهن جو پٽ سمبڪ، تنهن جو پٽ وريو، تنهن جو پٽ الله بخش (معتبر). زهرو جي پٽ حاجي جو پٽ پنيو، تنهن جو پٽ بادار، تنهن جو پٽ چاکر، تنهن جو پٽ جونس، تنهن جو پٽ عبدالله، تنهن جو پٽ عثمان.

(2) اولاد حسن جو.

حسن جو پٽ ورٽو، تنهن جو پٽ موسو، تنهن جو پٽ ورٽو، تنهن جو پٽ حسن، تنهن جو پٽ موسو، تنهن جو پٽ خورم، تنهن جو پٽ صالح، تنهن جو پٽ سومار.

صابرا*

هڪ روايت موجب هي قوم سومرن جي شاخ آهي ۽ سندن وڏو ڏاڏو خواوڙ مٺي پيڙهي ۾ سنڌ جي سومري حاڪم ڏونگر راءِ سان گڏجي ٿو.

* راوي معتبر مٺو پٽ ميران پٽ عمر پٽ شير خان پٽ محمد پٽ شير خان پٽ محمد پٽ ابروج پٽ پيرداد پٽ ياجو پٽ ديگي پٽ آريسر (جو مقام گنراوت ۾ قتل ٿي دفن ٿيو) پٽ مونڌرو پٽ پيرو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

لس ٻيلي ۾ صابرن جو خاص ماڳ پيراني (علائقواڻل) آهي. لس کان ٻاهر صابرا سراوان. جهالاوان ڪوهياري ۽ باغبان طرف پڻ رهن ٿا.

لس ۾ صابرا ماندڻن جو راڄ آهي ۽ سندن هيٺيان پاڙا لس ٻيلي ۾ پيراني. رونبل وغيره ماڳن تي رهن ٿا: آري، پوٺا (معتبر فيضو). ڳاڙهي پوٺا (معتبر آڪو). موتي پوٺا (معتبر مصري ملان). حسن پوٺا (معتبر يعقوب). مودر پوٺا (معتبر دري خان). الياساڻي. مُنڪاڻي. جڪري پوٺا ۽ ڇُومريا.

سائڻون نالي صابرو آهاڻو مشهور ٽيو. هو گونگن سان مددگار ٽيو ۽ ڏيڏي گونگي سان گڏجي شهر ٻيلي ۾ جاسوسي لاءِ ويو. جتي ڏيڏي حاجي سنگر رونجهي حاڪم کي بندوق سان ماريو. جڏهن جام دينار گونگو حاڪم ٽيو تڏهن "امن" نالي سان صابري کي زمينون ۽ معافيون ڏنائين جن تي اڄ ڏينهن تائين صابرا قابض آهن.

آچرا

سندن خاص بستيون پيري ۽ وايارو (علائقو اُتل) آهن. آچرا ماندڻن جو راڄ آهن.

وچاڻي

وچاڻين جو خاص ماڳ ڪانوڙ آهي. وچاڻي ٻُرن جي برادري ۾ شامل آهن.

اڳاريا

هي، بلوچ قوم آهي ۽ لس ٻيلي جي قومن مان تعداد ۾ سڀ کان وڏي قوم آهي. لاکڙي ۽ ليارى جي علائقن ۾ لاکڙو هاڙهو ٻيهار. ڏگهو. ڪُڙڪيرو نور ۽ ڇِڪور اڳارين جون خاص بستيون آهن. اڳارين مان هڪڙا "ذڪري" فرقي ۾ شامل آهن ۽ ٻيا سُني مسلمان آهن. "راڏا" سندن سردار گهر آهن.

اڳاريا ڪلمتي بلوچن جو هڪ قبيلو آهن. سندن وڏو هلڪ طوطو ڪرمتي هو جنهن کي ٻه پٽ ٿيا: راڏو ۽ سومار. راڏي جو اولاد جيڪو سنڌ ۾ سڪونت پذير آهي. سو پڻ ٻهريائين لس ۾ رهندو هو. لس جي هيٺئين

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پاڳي ۾ "ڪهاڙيون" يا پٿر جون منقش قبرون ڪلمتي بلوچن جي قبيلي جي آڳاتين بستين جون يادگار آهن. اڪثر "ڪهاڙين" تي بلوچ بهادرن جا نالا ۽ گهوڙا اُڪريل آهن. راڄي جو اولاد سنڌ ۾ "ملڪ" آهن جي ميرپور ساڪري ۾ "راج ملڪ" ۾ رهن ٿا ۽ ٻيا جاتي وارا ملڪ آهن جي ڄت قبيلن جا سردار آهن.

سومار اڳارئي جو اولاد:

سومار جو پٽ حسن. تنهن جو پٽ جيسف. تنهن جو پٽ سونيون. تنهن جو پٽ حسن. تنهن جو پٽ راڏو راڄي کي ڇهه پٽ ٿيا: مغل (جنهن جو اولاد سنڌ ۾ آهي). پناڻ. دادو. ميراڻ. پنيو ۽ ملان محمود پناڻ جو پٽ احمد. تنهن جو پٽ شڪو. تنهن جو پٽ باجو. تنهن جو پٽ قطب. تنهن جو پٽ ڪمال. تنهن جو پٽ وٺويو. تنهن جو پٽ ڏرو. ڏري کي ٻه پٽ ٿيا: بهرام ۽ وٺويو. بهرام جو پٽ ميراڻ. تنهن جو پٽ موسو. تنهن جو پٽ روزي. تنهن جو پٽ سوکي. تنهن جو پٽ براد. تنهن جو پٽ رونهمان. تنهن جو پٽ براد (معتبر). وٺويو (پٽ درو) جو پٽ عيسپ. تنهن جو پٽ وٺويو. تنهن جو پٽ سايون. تنهن جو پٽ صاحبنو. تنهن جو پٽ موريو. تنهن جو پٽ شهه بيگ دادو (پٽ راڏو) تنهن جو پٽ نوت. تنهن جو پٽ اشرف. تنهن جو پٽ عالي. عالي کي ٻه پٽ ٿيا: ابرام ۽ فقير. ابرام جو پٽ عالي. تنهن جو پٽ ابرام ٿيو. فقير جو پٽ دريا خان. جنهن کي ٻه پٽ بچل ۽ يعقوب خان ٿيا ۽ هڪ ڌيءَ مائي گاجان نالي ٿي. يعقوب خان جو پٽ صفر خان (سردار) ٿيو.

سُور

مٽڙي پهوٽي ۽ ڪُڙڪيرو (علائقو سونمياڻي) وارين اراضين ۾ آباد آهن. اڳارين جا پاڙ آهن سومار پوتا. ٺهور پوتا ۽ عاقوب پوتا سنڌن پاڙا آهن.

باڪڙا

باڪڙا اصل ۾ "بيزنجو" جي نسل مان آهن. براهمر بيزنجو جي اولاد

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مان باکڙو ٿيو جو پنهنجو ملڪ ڇڏي بالآخر اچي ٽيل ۾ ڪڪ جي پاڙي ۾ رهيو ۽ شادي به ڪڪ راڄ مان ڪيائين. ڪيس چار پٽ ٿيا: علي، زنگي، مهوند ۽ سحاق. جن مان چار پاڙا علي پوٽا، زنگي پوٽا، مهوند پوٽا، ۽ سحاق پوٽا ٿيا. باکڙي کي هڪ ڌيءَ ٿي جا موٽيي جي گهر ۾ آئي جنهن مان "موٽيو" قبيلو ٿيو جن ۾ "ڪيڪوءَ پوٽا" شامل آهن. ڪجهه وقت باکڙا. جنا قوم جي راڄ سان پيڙا رهيا. پر صاحب نالي ٻڌي کين ڪنهن خون جي عيوض ۾ امداد ڏني ۽ ان وقت کان وٺي باکڙا ٻڌن جي راڄ سان شامل ٿيا*. سندن خاص ماڳ مڪان سونميائي علائقي ۾ تارا ڏڳهه. مڙي ۽ پهوٽي آهن. علي پوٽا سندن وڏيرا آهن. شاعر وٽ باکڙو سحاق پوٽن مان هو.

شيخ

سندن وڏي ڏاڏي شيخ ڪڙيي جي نالي پويان "ڪڙياڻي" سڏجڻ لڳا. سندن وڏو بزرگ بغداد مان آيو. لاکڙو سندن خاص سڪونت گاهه آهي. ۾ پوءِ کي گهرا جدا جدا جاين تي وڃي ويٺا. کي گهر سنڌ ۾ ساکري طرف پڻ آباد آهن. هي لس جو فاقيرو گهر آهي ۽ شيخن مان ڪيترائي ديندار بزرگ ۽ درويش ٿي گذريا آهن. شيخ حمر وڏو درويش ٿي گذريو آهي جنهن جو اولاد "حمراڻي" شيخ آهن.

جيلاني پير

هن وقت اُٽل ۾ آباد آهن. سندن وڏو شيخ حسڻ مڪليءَ تي رکيل آهي. ٿٽي مان پوءِ اُٽل ۾ آيا. منجهانئن نور شاهه جو پٽ قائم شاهه شاعر ٿيو.

مئينگل

براهوئي بلوچن جي هڪ وڏي رسوخ واري قوم. خاص ڏي واري پرڳڻي ۽ ڪنراچ علائقي واري سرحد تي آباد آهي. مالدار ۽ بهادر قوم

---

* راوي خميسو بهراڻي باکڙو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

آهي. لس بيلي جي حڪومت ۽ سياست ۾ هن قوم جو وڏو اثر رهيو آهي
جام ميرخان اول جي وقت کان وٺي مشينگل سردارن ۽ جامن حاڪمر
جي وچ ۾ رشتيدار ٿي ۽ انهيءَ قريبي رشتي سببان لس بيلي جي طاقت ۽
اضافو ٿيو.

بزنجو

هڪ بهادر بلوچ قوم آهي جا لس جي اتر- الهندين سرحد تي جائو
لڪ واري پاڻي ۾ آباد آهي. هيءَ وڏي قوم آهي جا ڪڇي پاڻي بيلي کان
ٻاهر بلوچستان جي لاڳيتي پر ڳڻي ۾ پکڙيل آهي.

مونڊ

بلوچ قوم آهي جا حب جي علائقي ۾ رهي ٿي.

شَهپات

بلوچ قوم آهي جا حب جي علائقي ۾ رهي ٿي.

گُجر

بلوچ قوم آهي جا حب جي علائقي ۾ رهي ٿي.

گبول

بلوچ قوم آهي جا حب جي علائقي ۾ رهي ٿي.

ڪُوڪا

بلوچ قوم آهي جا اُتل ۾ رهي ٿي: سندڻ ۾ "ٻاهوت" سڏجن.

برڙدي

بلوچ قوم آهي جا لياري واري علائقي جي ڳانڪو اراضي ۾ رهي ٿي.
ڏٺن ائن جا وڳ آهن.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ٻنديچا

بلوچ قوم آهي جا حب واري علائقي ۾ ڪيلو، ڪٽاراڻي ۽ پپ جبل جو "لسڪ ڪراڙو" واريون اراضين ۾ آباد آهي. "راڏا" سندن سردار گهر آهن. هن جا ٻه پاڙا آهن: هڪ مرزاڻي. ٻيا ڏراڻي. هيٺيان ٻنديچا راج راڏن جا پاڙ آهن: سنجا. موسي پوٽا يا موسا. ٻڌيجا. ڪڙيرا. عُمر. باندڙ پوٽا. ساريي پوٽا. ڪُونڊي پوٽا ۽ نوٽ.

گدور

هي٤ بلوچ قوم آهي جا غالباً صديون اڳ لس جي قديم قوم "گيادور" سان گڏجي ڪين پاڻ ۾ جذب ڪيو ۽ مقامي طور پوءِ سندن نالي سان سڏجڻ لڳي. هن وقت هي٤ قوم ٻيلي واري علائقي ۾ ڏان ۽ حب واري علائقي ۾ لال ڪچ پير واري اراضي ۾ اولهه طرف لاکڙي ۽ هاڙهي ۾ آباد آهي.

سينهان

ٻيلي علائقي جي پورالي واري اراضي٤ ۾ آباد آهن ۽ هيٺين وراڻن ۾ رهايل آهن: موندراڻي. آرياڻي. هَتڪو ساسولي. زهري ۽ تورائي هڪو سندن سردار گهر آهي.

مسڻ

ٻيلي واري علائقي ۾ پُورالي ندي جي ڪنڊي ۾ رهن ٿا. بلوچي ۽ سنڌي ٻيئي ٻوليون ڳالهائين.

مانگيا

ٻيلي جي گدور واري علائقي ۾ خاص طرح "ڏان" واري اراضي ۾ آباد آهن.

روڙ

هاڙهي جبل جي اپرندئين دامن ۾ خاص طرح "ٻٽبڙ پير" اراضي ۾ رهن ٿا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سينار

هاڑهي جبل جي ايرندئين دامن ۾ آباد آهن.

مسور

لاکڑي جي علائقي ۾ "ڳِدڙي" واري اراضي ۾ آباد آهن.

جاموٽ

هي قوم سنڌي نسل مان آهي "جاموٽن" کي لس بيلي جي جامن پنهنجي قوم ڪري سمجهيو. ۽ جاموٽ پڻ عالياڻي جامن مان سڏيا ۽ سائين پيڙا ٿيا.

لس ۾ ٻنڊيو ڳجري ڳنراڻ. شاهه لڪ ۽ وندر جاموٽن جي رهائش جا اصلي ۽ آڪاٽا مرڪز آهن. جاموٽ برادري جا گهڻائي پاڙا آهن. جن مان "چنري- پوٽا" سردار گهر آهن. "راڏي" نالي جاموٽ جو گهڻو اولاد ٿيو.جو هن وقت پنجن پاڻن ۾ ورڇيل آهي: جيئندائي. سيکرو. سومار پوٽا. سلطان پوٽا. ۽ پارپسي پوٽا. انهن کان سواءِ جاموٽن جا ٻيا پاڙا هي آهن: ڪُترا. ڳريا. بادين- پوٽا. ڏيپارجا. خسڙ پوٽا. برَاد پوٽا وغيرهم.

دودا

هيءَ قوم سونميائڻي جي علائقي ۾ ٻيهار. ڏکهو ۽ وندربالا ۾ آباد آهي. دودا ٻُرن جا پائر آهن ۽ هڪ روايت موجب مٽي نسل ۾ پڻ ٻُرن سان ملن ٿا. سنڌن وڏيرا "گهلڙيا" پاڙي مان آهن. ڏَنگڙيا. گوگن. گجَري- پوٽا ۽ گولي- پوٽا سنڌن ٻيا پاڙا آهن.

برَاديا

هيءَ قوم ليارِي علائقي ۾ ريلون. ڪاڪ وارو ٽپو وغيره اراضين ۾ آباد آهن. برادِيا شيخن جا پائر آهن. هن قوم مان مگسيو شاعر ٽي گذريو آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

موچي

شهر اٽل ۾ آباد آهن. اصل سنڌ جا سما آهن. سندن وڏو احمد پٽ داخل کارو اٽل آيو. احمد کي علي نالي پٽ ٿيو جنهن جو الانو (الله ڏنو) جنهن جو سنگر جنهن کي به پٽ ٿيا الانوءِ موسيٰ. موسيٰ جو پٽ سنگر جنهن جو پٽ موسيٰ.

شاهوڪ

هيءَ قوم اصل "ستربن- واري" (علائقو ٻيلو) جي رهاڪو هئي. جتان ٻوءِ اچي اٽل جي نيابت (تعلقي) ۾ وڏو. ماکوڙوءِ پپ جبل واري پاڳي ۾ آباد ٿي. سندن ٻيا پاڙا ايوب- پوٽا. لڏا. موسي- پوٽا. داؤد- پوٽا جعفر پوٽا ۽ ڏني- پوٽا وغيره آهن. ٻِلو شاهوڪ. جام ميرخان واري دور ۾ هڪ وڏو سرڪش مڙس هو جنهن قلات جي خان خدا داد خان کان سونميائي جي نيابت جو پروانو ورتو. جنهن تي جاموئن ۽ ٻُرن پاڻ ۾ ملي ڪيس ماريو.

ٻڪڪ

هيءَ قوم دريجي ۽ حب واري اراضي ۾ آباد آهي.

باريچا

هيءَ قوم اصل سنڌ جي دادو ضلعي جي رهاڪو آهي ۽ اتان اچي لس جي ڏريجي واري پاڳي ۾ آباد ٿي آهي. هڪ روايت موجب باريچن جو وڏو ڏاڏو تلندر شهباز جو معتقد هو. سندس تحمل سبب ان کيس "باري" سڏيو ويو ۽ سندس اولاد "باريچا" سڏجڻ لڳو. لس ۾ باريچا "فقير گهر" ڪري ليکيا وڃن ٿا.

موندرا

هيءَ قوم ڀَنڊو (ٻيلي کان ڏکڻ). گجري نئن ۽ سونميائي واري علائقي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ير آباد آهي. روايت موجب موندرا اصل ۾ سومرا آهن نِمائي. خاڪواڻي. پيراڻائي. عبدالياڻي. موسي پوتا. براهر پوتا. غيبي پوتا ۽ ساڪپوتا [سحاق پوتا] سندن مکيہ پاڙا آهن. شاعر يوسف موندرو "غيبي پوتن" مان هو. سنہ 1946ع ۾ جڏهن راقم پيلي جو سفر ڪيو تہ مرحوم جان محمد موندرو ٽرڪ ڊرائيور هو جنهن جي مدد سان سفر سولو ٿيو. ڪنيار واڙي ۾ ميان نبي بخش موندري جي دڪان تي اسان مرحوم حاجن حوالدار کان شاعر يوسف موندري جا بيت ٻڌا ۽ لکيا. موندرن مان حاجي پنهون برادر ۽ سيٺ الله بچائي (جي هن وقت ڪراچي ۾ هڪرا- پڙي ۾ رهن ٿا) اسان لاءِ هنگلاج جو سفر هموار ڪيو.

واهُرا

واهرا اصل ۾ موندرا آهن. واهرا ۽ موندرا پاڻ آهي. واهرا هن وقت "ميڙين واري" (علائقو سونميائي) ۾ حب واري اراضي ۾ آباد آهن.

ميدَ

سنڌ ۾ لس بيلي جي هيءَ قديم قوم آهي. ميد. سونميائي واري علائقي ۾ ان کان اولهہ طرف ساموندي ڪناري تي آباد آهن. مڇي جي شڪار جا ماهر ۽ ميڙين جا ناکٹا آهن.

ڪاتيار يا ڪوري

اڪثر اٽل ۾ آباد آهن. مقامي روايت موجب ڪاتيار ڪوري آهن.

خوجا

لاهوائي خوجا سنڌ مان پهريائين اچي "شيخ- راج" ۾ رهيا. بهرام نالي سندن وڏو جنهن جو پٽ پيسف جنهن کي ٻہ پٽ ٿيا: چتو ۽ بلائي. چتي کي ٻَرن وڏيرن "شيخ- راج" مان ونڊي آڻي اٽل ۾ رهايو ۽ ان کان پوءِ خوجا اٽل ۾ رهيا. چتي کي ٽي پٽ ٿيا: عيدو رمون ۽ الانو. عيدو کي ٻہ پٽ ٿيا: ورو جنهن جو پٽ آچار ۽ الهرکيو جنهن جو پٽ سياڻو. رمون جو پٽ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هجل الاني جو پٽ عيسو جنهن جو پٽ بصريو. چٽي جي پاڻ بلائي کي ٿي پٽ ٿيا: علي نواز. رحيمنو ۽ ڏنو. علي نواز کي ٻه پٽ ٿيا: کمون ۽ احمد جو اولد گذاري ويو. کمون کي پٽ چار: جعفر. خدو ابو ۽ بچايو. جعفر جو عليو ۽ ابو جو مصري. رحيمني جو پٽ بهرام جنهن جو الله ورايو. ڏني جو پٽ غلام جنهن جو حسيني جنهن جا پٽ ٻه ڏنو ۽ مولائي.

مياڻي جا سادات

بادشاهه پير جو اولاد آهن ۽ اصل بغداد جا آهن. ٻه سؤ سال کن اڳ سندن وڏو جماالدين شاهه ولد برخوردار شاهه هڪ تختي تي ٽُلکندو مياڻي بندر پهتو. ٻيڙي ڀڄي پيئي هئي ۽ سندس ٻيا ساڻي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويا هئا. جمال شاهه ولد وريل شاهه ولد بدرالدين شاهه ولد جمال الدين شاهه جو مقبرو مياڻي جي ويجهو آهي. جمال الدين شاهه کي ٻه پٽ ٿيا: نور شاهه ۽ وريل شاهه. نور شاهه کي ڇهه پٽ ٿيا: حسن شاهه. خير شاهه. بدرالدين شاهه. غلام حسين شاهه. متن شاهه ۽ محمد علي شاهه. هنن بزرگن جي درگاهه تي هر سال ماهه ربيع الاخر جي يارهين تاريخ "يارهين جو ميلو" لڳندو آهي.

جُٹا

هيءَ قوم دُريجي واري علاقي ۾ آباد آهي. چٽن جا گهٽا پاڙا آهن. جيئن تہ: پوتاٽي. ماڙچا. مِٺاڻي. گنجا. اَڏَڙ ٿوراڻي. کوري. اوٽماڻي وغيره. سردار گهر پُوتاٽي آهي. جنهن جو وڏو نوشيروان پنجاهيو پهلوان هو ۽ "مُرگز" جي جنگ ۾ قتل ٿيو. نوشيروان جو پٽ پوت هو جو موجود حيدرآباد ضلعي جي "گنجي ٽڪر" واري علاقي ۾ رهندڙ هو. سندس پٽ نوشيروان جنهن جو پٽ پوت جنهن جو پٽ نوشيروان ٿيو جو "ساروٽي" اچي سڪونت پذير ٿيو. هن نوشيروان کي ٻه پٽ ٿيا: هڪ مراد جو مڪران ۾ قتل ٿيو ۽ ٻيو "پوت کاسوٽي وارو".

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مراد جو اولاد.

مراد کي جهونجهارنالي پٽ ٽيو جنهن کي ٽي پٽ ٽيا: پير بخش. جعفر خان ۽ جيئند خان. پير بخش جو پٽ علو جنهن جو پٽ محمد صديق. جعفر جو پٽ وريل. جيئند خان جو نبي بخش جنهن جو پٽ جيئند خان.

پوت جو اولاد.

هن کي چار پٽ ٽيا: نوشيروان. صاحب خان. جنگي خان ۽ مير بهادين. نوشيروان کي ٻه پٽ: غلام حسين ۽ احمد خان ٽيا. احمد خان جو پٽ نوشيروان لاولد گذاري ويو. غلام حسين کي ٽي پٽ ٽيا: پوت. مراد علي ۽ موسيٰ خان جنهن کي ٽي پٽ ٽيا: دوست محمد. الهڏنو ۽ حمزو. دوست محمد کي هڪ پٽ موسيٰ خان.

پوت جي پٽ صاحب خان کي هڪ پٽ وڏيرو اميد علي ٽيو جنهن کي ٽي پٽ (صاحب خان. جان محمد ۽ صالح محمد) ۽ ٻه نياڻيون ٽيون جن مان مائي لالان جو نڪاح نوردين خان مڪينگل سان ٽيو. صاحب خان کي نرينو اولاد ڪو نه ٽيو. جان محمد جنهن جو پٽ ايوب خان. صالح محمد جو پٽ اميد علي خان.

سردار اميد علي خان پوتاڻي حال حيات. لائق ۽ همت وارو مڙس آهي. آڪاڙو ڪراچي ۾ اسان جو ساٿي مارکو ٽيو.

بشواڻي

بشواڻي شهر اٽل ۾ رهن ٿا. سندن روايت موجب هو قريشي آهن. ۽ هيٺين شجري موجب امير عثمان جي اولاد مان آهن: دوست محمد (معتبر) بن لعل محمد بن الهڏنو بن شهمير بن عرضي بن موسيٰ بن مجاهد بن بشو بن هوتڪ بن پيروز بن شاهي بن جڪرو بن پڙتي بن مورو بن حجازي بن جعفر بن حسن بن رڪن الدين بن صدرالدين بن بدرالدين بن صدرالدين بن بدرالدين بن شيخ سيف الدين بن عبدالوهاب بن شيخ شرف الدين بن عيسيٰ بن شيخ شمس الدين بن عبدالعزيز بن شيخ سراج

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

الدين بن عبدالجبار بن تاج الدين بن ابوبكر بن عبدالرزاق بن عبدالحق بن ابراهيم ابوالفضل بن عبدالرحمان بن عبدالله بن عباس بن مجدد الثاني بغدادي کنيت ابوسعيد بن شيخ ابو عبدالله وهب بن شيخ ابو اسحاق بن ابراهيم بن يحيىٰ بن سعيد بن اميرالمومنين عثمان ذي النورين.

ٻيا

ٻرا لس جي قومن مان هڪ وڏي قوم آهي. جا اُتل. وندر ۽ مهنبار وارن علاقن ۾ آباد آهي. ماندڙا. دودا. باکڙا. کاتيار (کوري) ۽ وچاٽي ان جا پاڙ آهن.

هڪ روايت موجب هي۽ قوم برفتن سان ملي ٿي. هن طرح جو برفت قوم جو وڏو ۽ سردار "آري بدو" هو. جنهن کي عيسب نالي پٽ ٿيو. عيسب کي به پٽ ٿيا: دودو ۽ ٻرو. دودي جي اولاد مان دودا ٿيا. ۽ ٻري جي اولاد مان "ٻرا" سڏجڻ لڳو.

پر پانڌجي ائين ٿو ٿئي ته کي قبيلا سنڌ جي سمن جا ۽ کي قبيلا برفتن جا پاڙ ۾ ملي "ٻرا" برادري بنيا. مثلاً ٻرن جو سردار گهر ڏريسائي آهي. جنهن مان "سرماڻ مريداڻي" هڪ روايت موجب اصل "سمون ارس" آهي. ٻئي طرف براهماڻي ٻرن جو سلسلو برفتن سان ملي ٿو.

سرماڻ مريداڻي جو اولاد ٿٽي ٺٽگر جي پسگردائي۽ ۾ لاکو درس نالي هڪ درويش هو. کيس به پٽ هٿا: وريو فقير ۽ امين محمد فقير. وريو فقير لاولد فوت ٿيو ۽ امين محمد فقيري حالت ۾ لس ملڪ ۾ آيو. اتي ٻرن جي سردار موٽي ولد مونی جي نياڻي فقير جي دعا سان چگي پلي ٿي. اهو سڳ هن فقير کي ڏنائون جنهن مان کيس سرماڻ نالي فرزند ٿيو جو سرماڻ مريداڻي جو وڏو ڏاڏو هو. فقير امين مکران طرف هليو ويو ۽ اتي ٻي شادي ڪيائين جنهن مان کيس اولاد ٿيو جو "چوکلشا" سڏجي ٿو[1].

---

[1] هيءَ شادي فقير گونگن مان ڪئي جنهن مان سندس اولاد "اِلي۔ پوتا"۔ ٻي شادي حماتين مان ڪيائين جنهن مان اولاد "سحاق پوتا"

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سرماڻ لس ۾ رهيو ۽ پنهنجي نالي موتي ٻڌي جو وارث ٿيو. اهڙيءَ طرح سرماڻ جو اولاد "سرماڻي درس" ٻڌن ۾ سردار گهر ٿيو. سرماڻ کي ٻه پٽ ٿيا: هڪ ٻڪر، جو فقير ۽ درويش ٿيو ۽ "ٻڪر پير" نالي سان مشهور ٿيو. سندس مزار ۽ خانقاهه وندر ۾ آهي. "ٻڪر پير" جو فرزند عيسو لاولد فوت ٿيو. سرماڻ جو ٻيو پٽ مريد هو. جنهن جو پٽ سرماڻ. جنهن جو پٽ مريد. جنهن جو پٽ ڏيوڙو. جنهن جو پٽ مريد. جنهن جو پٽ سرماڻ ٿيو جو "سرماڻ مريدائي" جي نالي سان مشهور ٿيو. سرماڻ کي ست پٽ ٿيا: مريد. برام. دريس. ڏيوڙو. نوت. موسو ۽ ميراڻ.

هي روايت (1) موجب عيسپ خان جو پٽ چام هوتي جنهن جو پٽ دودو جنهن کي به پٽ ٿيا: هڪ عاقل ٻيو حسڻ. عاقل جي نسل مان "قوم دودا" آهي. حسڻ کي هڪ پٽ ٻرو ٿيو جنهن کي ٽي پٽ ٿيا: ٻوئو. پيروز ۽ واڱو. واڱو جي اولاد مان "ڏونريا ٻرا" ٿيا جي هن وقت بارڻ ۾ آباد آهن. پيروز جو اولاد "پيروزپوتا" آهن. ۽ ٻوئي جي اولاد مان ٻوئا. ٻوئي جو پٽ موٽ جنهنجو پٽ ٽبو جنهن جو پٽ سرماڻ جنهن جا پٽ مريد. ميران. بکر پير. سمبڪ ۽ ٽي ٻيا ٿيا. مريد کي به پٽ ٿيا سرماڻ ۽ حسڻ. حسڻ جو اولاد "حسڻ پوتا" ٻرا آهن. سرماڻ جو پٽ مريد جنهن جو پٽ مست ڏيوڙو جنهن جو پٽ سرماڻ جنهن کي ست پٽ ٿيا: مريد. ڏيوڙو. نوت. براهم. ميران. موسو ۽ دريس. جن جو احوال هيٺ ڏجي ٿو:

(1) مريد. جنهن شهر اٽل آباد ڪيو ۽ لاولد فوت ٿيو.

(2) براهم جو "گهٽ واري جنگ" ۾ لاولد مارجي ويو.

(3) دريس جنهن جو اولاد "دريساڻي ٻرا" آهن. دريس کي پيراڻو پٽ ٿيو. تنهن جو پٽ دريس. تنهن جو پٽ پيراڻو. تنهن جو پٽ دريس. تنهن جو پٽ پيراڻو. پيراڻي کي مزار ٿيو. جنهن کي ٽي پٽ ٿيا: جمن. سومار ۽ حمزو.

(4) ڏيوڙو "گهٽ واري جنگ" ۾ ماريو ويو. ڏيوڙي جو پٽ ڏرو جنهن

---

[1] روايت دريا خان برو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سرداري براهمر کي ڏني. ڏري جو پٽ ڏيوڙو ٽيو جنهن کي چار پٽ ٽيا: چڱير. نٽالو. جنگي خان ۽ عالاين. جنگي خان ڳڙهه واري جنگ ۾ ماريو. چڱير جو پٽ ڪرم خان تنهن جو پٽ چڱير. تنهن جو پٽ بجايو. نٽالي کي حمزو ٽيو حمزي جو پٽ دادو تنهن جو پٽ وسايو تنهن جو پٽ نٽالو. جنگي خان کي ٻ پٽ ٽيا: درهٔ ۽ دوسو. درهٔ جو پٽ جنگي خان تنهن جو پٽ عبدالله. دوسو کي ٻ ٻ پٽ غلام محمد ۽ علي ٽيا. غلام محمد جو پٽ سليمان. تنهن جو پٽ دوسو. تنهن جو پٽ صديق. تنهن جو پٽ اِبو. علي کي هڪ پٽ حسن ٽيو جنهن جا پٽ احمد ۽ خير محمد.

(5) نوت کي ٻ پٽ ميراڻ ۽ براهمر ٽيا. ميربراهمر کيچ واري لڙائي ۾ ماريو ويو. ميراڻ جو پٽ اپوڙو. تنهن جو پٽ نوت. تنهن جو پٽ گل محمد. جنهن کي ٻ پٽ ٽيا: درياخان ۽ نوت. مير دريا خان ٻرن جو سردار هو جنهن کي ٽي پٽ ٽيا: گل محمد. علي مراد ۽ احمد. گل محمد جو پٽ چوٽا جنهن تي پگ آهي. وڏيرو علي مراد جنهن وٽ ستڏون موجود آهن ۽ وڏو باخبر نيڪ مرد آهي تنهن کي ٻ پٽ آهن: الله بخش ۽ قادر بخش. الله بخش اسان کي ٻيلي جي قومن ۽ شاعرن بابت مفيد معلومات لکي موڪلي. احمد کي ٻ پٽ آهن: علي محمد ۽ خير محمد نوت کي ٻ پٽ ٽيا: بچايو ۽ صالح. بچائي جو پٽ عمر ۽ صالح جو پٽ صديق.

(6) موسيٰ کي پنج پٽ ٽيا: ڏونگر. خوشحال. عمر. لاکو ۽ ڏگار. ڏگار جو اولاد "ڏگاراڻي" ٻڌا آهن جي "خليفا" (ٻڪر پير جا) سڏجن. ٻيراڻي ۽ پيراراڻي پڻ موسيٰ جي اولاد مان آهن.

(7) ميراڻ هي "ڏهي قد اصحابو" مشهور هو جنهن جو پٽ سرماڻ جنهن جو پٽ حسين. جنهن جو پٽ جام بجار جنهن کي ٻ پٽ ٽيا: دوست محمد ۽ رضا محمد. دوست محمد جو پٽ مٺنگل لاولد فوت ٽيو. رضا محمد جو اولاد "رضا محمدياڻي" ٻڌا آهن جيڪي "آدم پير" واري اراضي ۾ رهن.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

براهماڻي ٻُرا

هڪ روايت موجب براهماڻي ٻُرا، اصل ۾ برفت قوم جي شاخ آهن ۽ آڪاڻي وقت ۾ سنڌ جي تاريخ علاقي مان لس بيلي ۾ اچي آباد ٿيا. سندن شجرو مٿي "آري بدو" سان ملي ٿو. هن طرح ته: آري بدو جو پٽ عيسپ ٿيو. جنهن کي به پٽ ٿيا: ٻُرو ۽ دودو. دودي کي پنج پٽ ٿيا، جن جو اولاد جدا جدا پاڻ سان سڏجي ٿو جيئن ته: گجري پوٺا، گوگن، ڏنگڙيرا، گولي پوٺا ۽ گهڏليا.

عيسپ جي پٽ ٻُري جو پٽ هوسو. تنهن جو پٽ ٻُرو، جنهن کي ٽي پٽ ٿيا: واڱو، پيروز ۽ پوئو. واڱو جو اولاد بارخ ۾ رهي ٿو[1]. پوئي جو ميو. تنهن کي جو پٽ مير نالي ٿيو. پيروز جو پٽ سکيو. تنهن جو پٽ پنهيو. تنهن جو پٽ نندو: نندو ۽ نياڙي جن جون ماهيون "ڪرپڏان" ۾ آهن. سي براهماڻي ٻُرن جا وڏا آهن. نندي جو پٽ براهر ٿيو، جيڪو سنه 1100هـ ۾ شاهه بلاول جو خليفو هو ۽ اتي ئي مدفون آهي.

براهر کي چار پٽ ٿيا: صاحب، حاجي، راهب ۽ پهو، جن جو اولاد هيلين٤ريت ٿيو.

صاحب پٽ براهر جو اولاد هن کي به پٽ ٿيا: براهر ۽ زبير. براهر کي چار پٽ ٿيا: (1) پيرائو (2) قيصر، (3) صاحب ۽ (4) مريد (1) پيرائي جو پٽ جهونجهار جنهن کي قادر ڏنو ۽ احمد پٽ ٿيا. قادر ڏاڻي جو پٽ پيارو، تنهن کي به پٽ ٿيا: هڪ حاجي ۽ ٻيو نامعلوم. (2) قيصر کي ٽي پٽ ٿيا: الهرکيو، ميان وسايو ۽ صوبو. الهرکئي کي به پٽ ٿيا: عثمان ۽ عمر، جنهن کي ٽي پٽ ٿيا. ميان وسائي کي به پٽ حسين ۽ بجار ٿيا. حسين کي ٽي پٽ ٿيا: ڪارو، عارو ۽ نامعلوم. بجار کي پٽ دادو ۽ ڄمڙو ٿيا. جن مان ڄمڙي کي هڪ پٽ ٿيو. صوبي کي ست پٽ ٿيا: اسحاق (جنهن جو پٽ رشيد)، هارون (جنهن جو پٽ صادق)، ابراهر، عيسيٰ، آبو، جمن (جنهن جو پٽ محمد) ۽ قيصر (جنهن کي به پٽ ٿيا: هڪ پٽيو ۽ پهو

---

[1] واڱو ياڻرن کان ڏاڙيءَ منجهان ڪاوڙجي بارخ طرف هليو ويو: "ڪٽو واڱو ڪن ٽان ٿيو ڏاڙيءَ منجهان ڏار"

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

نامعلوم. (3) صاحب (پٽ براهم پٽ صاحب) کي ٽي پٽ ٽيا: حسن. براهم ۽ علي محمد. حسن کي چار پٽ ٽيا: زبير، مصري، عيسو ۽ نٽالو. زبير جو پٽ حسن جيڪو لاولد گذاري ويو. مصري جو پٽ صفر جنهن جو پٽ عيسو. حسن جي پٽ عيسي کي هڪ پٽ ميان وسايو ٽيو. جنهن کي جنيسر (؟). آچارج محبو نالي ٽي پٽ ٽيا. حسن جي چوٽين پٽ نٽالي کي هڪ پٽ دادو ٽيو. جنهن کي چار پٽ ٽيا: ميان داد، نٽالو، محراب ۽ آرادين. ميان داد کي ٻه پٽ ساماٽو ۽ عثمان ٽيا. جن مان عثمان کي ٽي پٽ ٽيا. نٽالي (پٽ دادو) کي ٻه پٽ ٽيا: علو ۽ دادن جن ٻنهي کي اولاد ٽيو. محراب (پٽ نٽالو) کي ٽرينو اولاد ڪونہ ٽيو. آرادين کي ٻه پٽ ٽيا: الهداد ۽ جمن. الهداد کي ٽي پٽ ٽيا: حسن، بچو ۽ آمٺ (جنهن جو پٽ وڏل). جمن کي ٽي ٽيا. صاحب (بن براهم) جو ٻيو پٽ براهم جنهن جو پٽ صاحب. جنهن جو پٽ براهم. تنهن کي اسمال (اسماعيل) نالي پٽ ٽيو. صاحب (بن براهم) جي ٽئين پٽ علي محمد کي چڪير نالي پٽ ٽيو. جنهن جو پٽ محمد ابراهيم. (4) مريد (براهم جو چوٽون پٽ) جنهن کي ٽي پٽ ٽيا: مريد، اوين ۽ ڏنو. فقط مريد کي پريو نالي پٽ ٽيو.

<u>حاجي پٽ براهم جو اولاد.</u>

حاجي جو پٽ حسن. تنهن جو پٽ ڪنگورو جنهن کي پنج پٽ ٽيا: حاجي راڌو، جيسپ، دودو، اسماعيل ۽ رمدان (لاولد). انهن پاڙن مان جيسپ جا ٻه پٽ رکيو ۽ پير ڏنو لاولد گذريا. باقي اولاد فقط راڌي کي ٽيو جنهن جو ذکر هيٺ ڪجي ٿو:

حاجي راڌي کي ٽي ڏيون ۽ ٽو پٽ ٽيا: شير محمد (لاولد). نائب محمد سليمان، حاجي احمد، حاجي فيروز، حاجي علو، حاجي محمد، عبدالله، تاج محمد (لاولد) ۽ حاجي صالح (لاولد). نائب محمد سليمان پٽ حاجي راڌي کي هڪ پٽ ٽيو. جنهن کي ٽرينو اولاد ڪونہ ٽيو. حاجي احمد (پٽ حاجي راڌي) کي ٽي پٽ ٽيا: وڏو نامعلوم، وليداد ۽ محمد صالح. وڏي کي ٽي پٽ ٽيا: علي مراد، ولي محمد ۽ محمد علي. وليداد کي ٽي ڏيئون ٽيون ۽ محمد صالح کي شير محمد ۽ مير محمد نالي ٻه پٽ ٽيا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

حاجي فيروز (پٽ حاجي راڏي) کي ٻه پٽ ٿيا: حاجي موسيٰ ۽ حسن.
حاجي موسيٰ کي هڪ پٽ محمد علي نالي ٿيو. حسن جو پٽ قاسم.
جنهن جو پٽ حاجي علي. حاجي علو (پٽ حاجي راڏي) کي ابراهم.
يعقوب ۽ اسحاق نالي ٽي پٽ ٿيا. ابراهم جو پٽ يوسف. تنهن جو پٽ
ڪمال. تنهن جو پٽ ايوب. يعقوب جو پٽ هاشم ۽ اسحاق جو پٽ بچل.
حاجي محمد (پٽ حاجي راڏي) کي پٽيلڏو نالي هڪ پٽ ٿيو. عبدالله
(پٽ حاجي راڏي) جو نور محمد. جنهن جو پٽ عبدالله

راهب پٽ براهم جو اولاد.

راهب جو پٽ رکيو. تنهن جو پٽ بکر. جنهن کي ٽي پٽ ٿيا: راهب. محبو
۽ نندو. راهب جو پٽ شڪاري. تنهن جو پٽ سليمان. تنهن جو پٽ
ڪرڙ. محبو کي پٽ ٿيو. نندي جو پٽ موسو.

ٻيو پٽ براهم جو اولاد.

پهي جو پٽ اوبايو. تنهن جو پٽ بيگ. تنهن جو پٽ پهو. تنهن جو
پٽ پنهو. جنهن کي ٻه پٽ ٿيا: بيگ ۽ علو. بيگ کي ٻه پٽ ڪرمي ۽
جعفر ٿيا ۽ علو کي پرياڻو نالي هڪ پٽ ٿيو.

هڪ روايت موجب براهم جي اولاد مان راڏي ۽ ڪنگوري جا پٽ
محمد ۽ بکر ۽ پاٽيجا راول ۽ رمدان (ٻئي پٽ سڪيي ولد راهب جا).
چارئي ننگر واري جنگ ۾ مارجي ويا. براهماڻي ٻُرن جون هيٺيون واڻڻون
آهن: بتيڻ. حالياڻي. راڏاڻي. ڪنداڻي. مُراڻي يا مُري- پوتا ڏئوراڻي (جي
ڏگ ڏئوراڻي، سنڌجن). پيرو زي ڏئوريجي- پوتا. مير ٻرو شاعر مُراڻين مان
هو.

ٻڌا يا ٻڌي- پوتا ٻرا. هيٺيون واڻڻون انهن ۾ شامل آهن: اِلاڻي.
پرياڻي. آرايڻ- پوتا. وِسرياڻي. اوبايڻي. جمالاڻي ۽ حسناڻي. مٽين کان
سواءِ ٻُرن جون ٻيون ٽُکون جهڙوڪ ٻُهراڻي. گهنڊير. ڏمڻاڻي. ڪيرين-
پوتا وغيره. لس ۾ آباد آهن.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باب ٽيو

لس ٻيلي جي بولي

لس ٻيلي جي عام زبان سنڌي آهي. مگر جنهن تر جو نيپاج تنهن تر جو رنگ: ٻيلي جي بولي تي ٻيلي جي ملڪ ۽ ماحول جو رنگ چڙهيل آهي. جهڙيءَ طرح سنڌ ۽ لاڙ سري تر ۽ ڪوهستان جي زبانن جا پنهنجا پنهنجا محاورا آهن. تيئن ٻيلي جي به خاص پنهنجي "بولي" آهي. جا لاڙ جي محاوري سان زياده مناسبت رکي ٿي.

لهجي جي خيال کان ٻيلاين جي بولي؛ هر هڪ قسم جي لوڙ ۽ جهيڪو آهي. هڪ لاهو چاڙهو آهي. هڪ قسم جي هيٺ مٿانهين آهي. جا صرف ٻڌڻ سان محسوس ڪري سگهجي ٿي. اها هن ٻيلي جي لهجي جي خاص خصوصيت آهي. ٻيلي جي بولي. هڪ مستقل محاورو (Dialect) آهي. جنهن موجب ٻيلي جي تلفظ ۽ اُچارن. نحوي سٽا ۽ اصطلاحن جي هڪ خاص نوعيت آهي. ان جا ڪي مثال هيٺ ڏنا وڃن ٿا:

(الف) رواجي حرڪات يا ماترائن (زير. زبر. پيش) کي ڪن موقعن تي ا. و. ي جي ڏنهن اُچارن ۾ بدلائيندا. مثلاً "نه ته" (جيڪر) کي وڌائي "نا تر" ڪري اُچارينداً:

"آءٌ شڪري مليس توکي سپرين. ناتي مان لوڪڻن وچ لڄائي هئي"
(شيخ ابراهم)

"ڪاڪل پير ڪاڻ وڃ جي. ناتي هوت آءٌ هوشياري هئي"
(ڪبير شاهه)

اهل سنڌ چوندا "پنهنجن متن مائٽن ۾" مگر ٻيلاني اڪثر چوندا:
"پنهنجين متين مائٽين ۾" مثلاً:

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

"تن سرتين ساهيڑهين جي. شال بري نه سڏيان بات" (شيخ ابراهم)
يعني سرتين ساهيڑين جي
"تنهنجين محلين وهان کينکي ڪري قواريون" (شيخ ابراهم)
يعني تنهنجن محلن ۾.

(ب) تنهنجي ۽ تنهنجي. کي قديم اُچار موجب "توجي" ۽ "توجي" ڪري اچارينداا. شيخ ابراهم جي بيت ۾ آهي ته:

"مي ڪيئن ڪيئُ ڪِين. توجي ءَ ست رچي، مؤن سومرا."

مٿين ءَ ست ۾ "ڪين" جو محاورو به سنڌ ۾ اُترين لاڙ (شاهه صاحب واروتر) واري محاوري موافق آهي. لس وارا به اڪثر "ڪِين". "ڏِين". "تِين" لفظن جي "ي" ساکن ڪري اچارينداا.

(ج) لس وارا. هيٺين لاڙي محاوري جي اچار وانگر. ڪن لفظن ۾ "ڻون" ساکن وڌائيندا. مثلاً "ڏنتر" يعني ستر 70. "سانجڙ" يعني ساجهر. "بانڙ" يعني باز وغيره.

شيخ ابراهم چوي ٿو:

"هلو هلان ڏڻ ڪي. سانجر صحيح وڃن."

سانجر اويون آب مان پرياڻون پريور"

"بانڙ. ڪانڙ. ڪبوتر. قمري ڪوئلون. جت ڪڏيو ڪن ڪوڪر"

(د) سنڌ جي ڪن ڳرن اچارن کي هلڪو ڪري اچارينداا. مثلاً "جهه" کي "ج" ڪري اچارينداا. جيئن ته ساجهر کي "سانجر": "ٻاجهه" کي "ٻاج"۔ شاعر نرچوي ٿو ته:

"تِتِ نَين ڪُهِي تو نرِ جِي وڃِي ٻاجَ منجهان ٻيهِي"

اهڙي طرح "ڊ" کي بعضي هلڪو ڪري "دال" اچارينداا. شيخ براهيم جي هڪ معما جي بيت ۾ آهي ته:

"مونکي جاڏ مڙوئي جند" يعني جنڊُ يا چڪي

(هـ) سندن محاوري جي لهجي مطابق ڪن لفظن مثلاً: "وڃي".

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

"رس" کي اکثر لوڏي سان وڌائي "وَيَڪِ" ۽ "رَمنِ" (پهرين حرفن تي زير، همزه هيٺان زير) ڪري اُچارينداَ. اهڙيءَ طرح "ڪِين" کي اکثر "ڪيَن" (زير سان) ڪري اُچارينداَ.

(و) انهن خاص اچارن جي علاوه، هيلي جي بوليءَ ۾ ڪيترائي الفاظ ملن ٿا جن انوکن بدليل حرفن سان اچارجن ٿا. مثلاً "ويهي رهه" ۾ واو کي "ب" سان بدلائي چوندا "بيهي رهه". ڪن جملن ۾ "ويٺو" جي بدلي "هيٺو" ڪم آڻيندا. علم اللغت جي اصول موجب و ب ۽ ب هڪٻئي جو بدل ٿي سگهن ٿا. سنڌ جي اپرندي ۽ اترين سرحد تي ماروائي خواهه بهاولپوري ويٺو کي "هيٺو" يا "هيٺا" ڪري اچارينداَ. مگر لس هيلي ۾ هن اچار جو رواج بالڪل عجيب وغريب آهي. گهٽو ڪري هيلي جي بولي، پنهنجي جغرافيائي بيهڪ موجب مختلف زبانن جي ميزبان ٿي رهي آهي. انهيءَ ڪري منجهس "لغوي جاذبيت" جهجهي آهي. جنهن ڪري "خصوصيت بدل" جو رنگ به هن بولي ۾ نهايت ئي گهرو ۽ گهاٽو آهي. اسين هيلي جي بولي ۾ "خصوصيت بدل" جا ڪي خاص مثال هيٺ ڏيون ٿا:

(ا) بدل جو هڪ عجيب مثال جو هيلي جي بولي ۾ رائج آهي، سو آهي "ت" کي "ت" ڪري پڙهڻ خصوصاً لفظ "تي" يا "تِي" ۾، چوندا "ڪيائين تي" يعني ڪيائين تِي.

شاعر نمر جي بيتن جا مثال ملاحظه هجن:

"اڳي ڏاڏس ڏيوڙي تي ڏر وڏا ڏينهن". يعني "تي ڏر وڏا".

"نر نوتاڻي سڳريئي تي ڏسايو ڏوکين". يعني "تي ڏسايو".

"وڙهيو ويرين سين تي ڪيائين شڪيلي سين شان". يعني "تي ڪيائين".

"تو تي ڌرا ڏنا دان. راهه وراهي رک جي". يعني "تو تي ڏنا".

"ناري تي مچ تو ٽوپئي تي ٽانڊوهري". يعني "تو ٽوپئي تي ٽانڊوهري".

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

"هي پيومن مجاج ۾ سو تون ڇپائين توڇاهه". يعني "ڇپائين ٿو ڇا".

---

(2) الف ۽ هـ جي تبديل مشهور لغوي بدل آهي. هي، تبديل ٻيلي جي محاوري ۾ اڪثر سنڌي اچارن جي ابتڙ آهي. يعني ته ڪن سنڌي لفظن ۾ جتي الف آهي اتي ٻيلائي "هـ" اچارينداء جتي "هـ" آهي اتي الف. مثلاً

"پائجي پاهمال (پهمال) ڪري تنهن منجهه نشونو وارو". يعني "پائمال ڪري".

"ساسنکهيي سرت سماهه ۾ رتي ڪري پو مغز موچار". يعني "سماءَ ۾".

"تت نيٽن روئي نينهن وهايو. انجهه ڳري هڪ واري هني". يعني "هنجهه ڳري (يا ڳڙي)".

"جيٽن مڇي پاهون ماهه تيٽن منهنجو ڪريءَ قول قريب سين". يعني "ماء".

هتي آخري سٽ ۾ عربي ي لفظ "ماء" (معني پاڻي) ۾ الف کي "هـ" ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. خصوصيت بدل موجب خود عربي زبان ۾ به "ماء" بصورت "ماهه" استعمال ٿيل آهي. مثلاً "ماهه البصر" وغيره "ماهات"[1]

(3) ل ۽ ر جي لغوي بدل مشهور آهي ۽ سنڌي ۾ به رائج آهي. مثلاً: جارءِ جال. تل ۽ تر. ٻيلي جي شاعر شيخ ابراهيم جو قول آهي تہ:

"تن کي کهڙا ملهر مڪين قولي مٿي قت" يعني "مرهر" (ملهر)

(4) ۽ هـ جي تبديل به ازروءِ لغت عمل ۾ اچي سگهي ٿي. هـ ۽ ي جي تبديل ٻيلي جي محاوري ۾ رائج آهي. مثلاً:

"ڪيندين هت ڪيت سين. لال پڪا ليهار" يعني لبيان ليار.

---

[1] سو ياقوت جو معجم البلدان (ماهه).

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

"ڏهن تان لاهه تون نيهر نظر محمد چئي ڪڙا قيد ڪبير". يعني نبير يا نير.

(5) ج ۽ ي جي تبديل به اُچاري مناسبت (تجنيس حرفي Alleteration) جي لحاظ سان هيلي جي محاوري ۾ ڪن شاعرن ڪم آندي آهي. مثلاً:

"مونکي جاد مڙوئي جند_ مونکي جاد مڙوئي جند". (شيخ ابراهيم) يعني "مونکي ياد مڙوئي جند".

"مي جهيڙا ڏک جتيم سين ڪن ڪاوڙ جا ڪستا". (ڪبير شاهه) يعني "يتيم سين".

"جيئن توکي جاد جت ڙي_ تيئن هوندين جاد جتن ڪي". (صدفي) يعني "ياد".

(6) ذ ۽ ج جي تبديل: جيئن ته شاعر ولي محمد چوي ٿو ته:

"جات نہ پائي جت هئا. ڪي ڪهل نہ ڪيچيڙن". يعني "ذات" پائي.

(7) د ۽ ذ (يا ز) جي مٽ سٽ به مشهور لغوي خصوصيت آهي. مثلاً استاذ ۽ استاد ۽ هيلي جي محاوري ۾ به موجود آهي. مثلاً:

"پٽر وجهن پوئيين ڪن پاڪيدا پت". يعني پاڪيزا.

(8) نهايت عجيب ۽ خاص سنڌي رنگ جي تبديل ک ۽ چ حرفن جي مٽ سٽ آهي (مثلاً: چچي. ڪڪي) جا هيلي جي هولي ۾ به ملي ٿي. غور سان جو ته ک ۽ چ جي اچارن جي اصليت ساڳي آهي ۽ انهي ڪري تبديل ٿيڻ فونيٽڪ انوکي آهي ته به ازروءِ علم تلفظ (Phonetecs) مناسب بلڪ جائز آهي_ شاعر نمر چوي ٿو:

"عالم آچين ان کي ڪوڙو ڪجسو ڪچ" يعني آکين يا چون.

(9) هي خاص سنڌي رنگ جي تبديل. ش ۽ چ جي آهي. جا پڻ هيلي جي محاوري ۾ رائج آهي. ش ۽ چ جي تبديل جا مثال سنڌ جي الهندين محاورن ۾ خاص طرح ضلعي لاڙڪاڻي ۽ ڪاڇي طرف ملن ٿا. مون لاڙڪاڻي ضلعي جي پهراڙي ۾ "ش" جو اچار "چ" وانگر ڪندو ٻڌو آهي. لاڙڪاڻي ضلعي جي مشهور شاعر چتي سانگي جو بيت آهي ته:

"چمچيريون چتو چوي ان جون رخ پريون زيني". يعني شمشيريون

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مگر ٻيلي ۾هي٤ تبديل زياده عام آهي ۽ شاعرن "بادشاھ" يا پاتشاھ کي هلکو ڪري "ٻاچا" يا "پاچا" جي صورت ۾ استعمال ڪيو آهي ۽ درحقيقت "دش" ۽ "تش" ۽ چ جي اچارن جي اصليت ۽ ازروءِ علم تلفظ (Phonetics) بالڪل ساڳي آهي. هن ئي لغوي تبديل موجب فارسي جي لفظ "چشم" کي بلوچڪي زبان ۾ "چم" جي صورت ۾ پنهنجو ڪيو آهي. ٻيلي جي ٻولي ۾ هن بدل جا کي خاص مثال هيٺ ڏجن ٿا:

"تنهنجو قدر قرين. آهي پاچاون ۾ پڌرو" (شاعر نمر) يعني "پاتشاھن ۾".

"ٻاچا باچايون پانهنجون اهين ٿي اوندايون ڪن" (شاعر نمر) يعني "بادشاھ بادشاھتون".

"گهر گهر ڪيرون چن. منهنجا جمعي جانب آٿيا" (صدقي) "چن" يعني ٽين.

"سا سپاھ ويندياءِ وسري پاچاياٽي پر" (شيخ ابراهيم) يعني "پاتشاھياٽي".

"چهين چم ڪني. جان ترتان ڪير نهار" (شيخ ابراهيم) يعني "چشم ڪني".

اسان مٿي چيو ته ٻيلي جي ٻولي مختلف ٻولين جي ميزبان ٿي رهي آهي. عربي حڪومت جي دور ۾ لس ٻيلو سنڌ جي عربي حڪومت جو هڪ علائقو هو ۽ منجهائنس واپاري قافلن جي وڏي آمد رفت هئي. ازان سواءِ عربي زبان هن ايراضي جي ديني. علمي ۽ تجارتي زبان هئي. انهيءَ زماني ۾ سنڌي ٻولي به شايد ٻيلي ۾ رائج ٿي. ڇاڪاڻ ته عربي حڪومت جي مضبوط نظام ۾ ماڻهن جي ميل جول سبب سنڌ جي سمات قومن به وڃي لس ٻيلو وسايو. عربي دور حڪومت بعد جڏهن فارسي نسل جون حڪومتون ڪڙيون ٿيون. تڏهن ٻيلي جي علائقي ۾ فارسي زبان جو اثر ۽ رسوخ وڌيو جو عرصه دراز تائين باقي رهيو. ٻيلي جو آخري تاريخي دور مختلف قومن جي عروج ۽ غلبي جو دور آهي. سڀ کان اول بلوچ قوم الهندي کان آهستي آهستي ايرندي طرف وڌي ۽ مڪران بلوچستان ۽

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ٻولي ۽ پنهنجون ٻيئڪون ٻنائيندي آخر اچي سرزمين سنڌ ۾ وارد ٿي.
انهيءَ ڪري بلوچي زبان جو اثر هن ملڪ تي تمام گهڻو ۽ ديرپا رهيو.
بلوچن جي براهوئي قبيلن جون به ٻولي ۾ دائمي ٻيئڪون ٿيون ۽ براهوئي
زبان به ٻولي جي هڪ زبان بني. ان بعد وري ٻولي جي سمات قومن جو
عروج ٿيو. انهيءَ سياسي ردوبدل سبب هر ٻولي. ٻولي جي زبان تي
ٻاهرجي ٻهر ثبت ڪندي رهي ۽ ٻيلو مختلف زبانن جو آماجگاهه بنجي
رهيو. انهيءَ ڪري ٻولي جي ٻولين جو اثر پذيري جي صلاحيت ۽ "لغوي
ماليت" جون خوبيون پيدا ٿيون. جنهن موجب ٻولي جو سنڌي محاورو
وڌيڪ براوا اکر پنهنجا ڪندو ۽ پنهنجي تمدني سرمايي ۾ اضافو ڪندو
رهيو. ۽ ڪو به شڪ ڪونهي ته سنڌي زبان جي مڙني محاورن مان ٻيلي
جي محاوري ۾ زياده ويجهه ۽ وسعت آهي. هي، محاورو هڪ ڪشادو
۽ مشڪل آهي جنهن ۾ هر طرفان پنج ڪٽي پئي ڳڏ ٿئي. بلڪ هي،
هڪ ٻڌي آهي جنهن ۾ اتوڪا الفاظ ملڪي مصالحي ۾ پچي ٻيا تيار ٿين.
ڪري هن محاوري جي معدي ۾ به اها هاضمي جي طاقت سمايل آهي جو
ٻهڪي ٻيو ڪائي سو ٻيو جيوَ رس. مطلب ته ٻيلي جو محاورو هڪ
معجون آهي جو مختلف پسار مان ٺنايل آهي. عربي. فارسي. بلوچي ۽
براهوئي مڙني هن محاوري کي قوت ۽ وسعت بخشي آهي. فارسي. بلوچي
۽ براهوئي زبانون ته فقط ٻيلي جون پاڙيسري ٻوليون آهن مگر ان جي
سڀن پاڳن ۾ مروج آهن. انهيءَ ڪري ٻيلي جا سالڪ ۽ سگهڙ انهن
ٻولين کي پوريءَ پر پروڙي سگهن ٿا ۽ عوام به انهن ٻولين کان بيگانا
آهن. انهيءَ ڪري ئي شاعر شيخ ابراهيم پنهنجي مدح ۾ فارسي
جملا آساني سان استعمال ڪندو وڃي ٿو:

ساراهيان سچو ڌڻي تنهنجي ڪريان تاري
صفت بگويم صاحب تيري رازق رب جباري
زبان چه گويد ظاهري واتان ويچاري
عرض كند اين عاصي بنده ضعيف اين زاري
همي داند نمي خواند هو جو حرف هزاري

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مدح گفتم عاشقان را بخشيندل باري
عاصي بندم درد مندم دوست ڏي دلداري
يار يار ڪردم قلب ناهر قراري
عالم تمام گشتم پرين ساڻ پياري
من مشتاق آن رويم جن سين جسو جاري
اگر او را نمي بينم اکين انجهه اُهاري
دور دوستا دم نه ڏارم نيڻن نند وساري- الخ

يا جيئن شاعر نم پنهنجي مدح بر فارسي سٽون برجسته تضمين ڪندو وڃي ٿو تہ:

مير خان جو مان ٿيو راضي ٿيو رازق جبار
خورده سال و بخت زاده نيڪ نيت نامدار
گهنڊي رکي گهٽ بر ڏنئين تڏ جود جنگي ايئ جواب
نه نشي در ملک من شب زود رؤ راهر شتاب

تنهن ڪري فارسي زبان سان ٻيلي وارا ڪافي ڪجهه آشنا آهن. البته سنڌ بر فارسي زبان عوام جي سمجهه کان ٻاهر هئي تنهن ڪري ئي شاهر صاحب کي سنڌ جي رهاکو سسئي سان هم خيال ٿي. فارسي زبان کان بيگانگي ظاهر ڪرڻي پئي تہ:

"بروبيا بي. ڏين پارسيون پاڻ بر"

مگر ٻيلي جي شاعر لاءِ پارسي ۽ بلوچکي پنهنجي زبان هئي. انهيءَ ڪري چيائين تہ "آءٌ سنڌي به سمجهان ڪينکي. هن وائي عربي واري هئي" (عثمان) چوتہ ٻيلي جي عوام چوتہ ٻيلي جي عوام جي سمجهه کان ٻاهر کا زبان هئي تہ عربي. انهيءَ ڪري هو پنهنجي مخاطبن ۽ پڌندڙن اڳيان پارسي يا بلوچکي جي اٽڪائي پيش ڪري ئي نہ ٿي سگهيو حالانکہ سسئي جي بيان بر اها اڻ واقفيت ۽ اٽڪائي مناسب ۽ موزون هئي. مگر شاعر تي سسئي جي حالت کان وڌيڪ پنهنجي ماحول جو رنگ غالب هو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

بلوچڪي زبان سان ٽ هيلي وارن جي گهڻي گهري وقفيت آهي. سنڌ ۾ شاهه صاحب بلوچڪي زبان ۾ چيل ريختہ آميخته بيتن ۾ پنهنجي وسيع معلومات جو ثبوت ڏنو. مگر هيلي جي شاعر بلوچي اصطلاح رواجي طور پنهنجي دوهري ۾ پوئي ٿو ۽ اهي اصطلاح نڪي ڪيس غير معمولي لڳن ٿا نہ نڪي سندس عام پڌندڙن کي. شيخ حمر بلڪل شاهه صاحب واري رنگ ۾ چوي ٿو:

برو پادا. زير بيا. بلا بات ڪهن
من گوشد نہ ٿيو سر بت نہ پيوم. تہ ڪو هلڻ هوتين من
ويري وسرڪ زادگ ٿيا هت نہ هير ڪن
نمائي٤ نشار سين جيڏي ڪي جتن
حمر هو ليگن پسوجا پر تي

اسان پنهنجي بالڪل محدود ۽ ٿوري ذخيري مان مثيان مثال پيش ڪري ڏيکاريو تہ هيلي وارن کي فارسي ۽ بلوچڪي سان ڪيتري قدر آشنائي آهي. شاعرن تہ رڳو موضوع ۽ موقعي جي مناسبت سان کي چند الفاظ ۽ اصطلاح استعمال ڪيا آهن. مگر هيلي جي تر بر سراسري طور عام ماڻهو يه انهن زبانن کان قدري واقف آهن. انهيء جو نتيجو اهو آهي جو انهن پولين جا لفظ هيلي جي هولي جي حمام دستي ۾ روز مره پيا گهوٽجن ۽ زبان زد عام ٿين. کي لفظ جي هيلي جي هوليء ۾ رائج آهن. سي سنڌ وارن کي بلڪل انوکان لڳندا. مثال طور کي انوکا لفظ هيٺ آهن تا جي يا تہ هيلي جي هوليء جي پيدائش آهن يا تہ وري هين هولين مان پاهنجا کيل آهن. بهرحال انهن انوکن لفظن مان معلوم ٿيندو تہ وسيع سنڌي زبان جي ذخيري سان گڏ ڪيترائي بيا الفاظ به هيلي جي محاوري ۾ مروج آهن. جي هن محاوري جي سرمايي کي وڌائين ۽ ويجهائين تا ۽ سجائين ۽ سينگارين تا.

ا ۾ ۽اڇو - بي قياس جهنگلي پيڏُ وار - مشهور

ڏ" وٺ. پادا - ڪٽي. زير بيا - ڪٽي اڻ. وسرڪ زادگ - سالي جو پٽ (وسرڪ - سالو). نہ هير هلڻ - نہ خبر ڪن نشار - پاڻجائي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

يا بي رحم بدو
اُستُ = لسي. ڏڏ
اِچون = قتل لسي جا سڪايل دڳ
ٿُسو = ذرا
پانڊِرَو = اقرار. بهادر شاناڻتو
پانواڻو = مقابلو
چَر = چشم. اکيون
چَمر = ڪکر
ساڻپرس = چڱا مرد
سَلو = پيچرو
مزار = شينهن
مِنگڻي = ڏينڊري
چيرو = باهر
خاصو = چڱو
ماهندا = مهندان
پي ما = پيءُ ماءُ
هَستي = ننڍي پلاٽي جا اُٺ تي رکجي وڃهجي
پڙيا پڙا = اڳ ٻريا آڳاهون
پنڊڻي = ڏاڻابندي
* بازيار = هاري
* پئي = پن چري
* گورمَ = ڏڳين جو ڏڻ

ڏاڄ = فصل
ڏڳي يا ڳڳي = گوڙ
چيهه = ڪنوڻ
چيڪل يا هَڙ = هرڻ
ڪڙهو = همت وارو. جوانمرد. پهلوان
آڻي = ٻڪري
ڳيهه = ڳنڍ
اُڃڻ = ائڻ
اڳارڻ = خرچ ڪرڻ
جَر = جڏهن
تَر = تڏهن
تي = تي. تڏهن. تنهنڪري
گر (ڳر) = ويجهو
سين = ساڻ
ياڏ = ڏاڻهن

* وس = خريف جو فصل
* واهُوندو. واندو = ربيع
* سُنگ = چونگي. محصول
* هاڙهو. هالهو جبل = شهه لياري
* هڪ سِري پوک = پهرين هر بعد ٻج ڪڍڻ نيابت جي الهندي پاڳي واري جبل جي قطار
* ٻه سِري پوک = ٻئي هر بعد ٻج ڪڍڻ * گڏ = جهنگلي ٻڪرو

---

* ستارن وارا الفاظ سوا سؤ سال کن اڳ لکندي وچرو برٽن پنهنجي ڪتاب "سنڌ" ۾ ڏنا آهن
11. Richard F. Burton: Sindh, London, 1851

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

(Sind ibex)

- مورانڊ = هلر
- ڪاروپاٽي = چشمي وغيره جو ٻاڦ جيڪو سڄو سال پيو وهي
- ڪيراگ = اهو گڏيل ٿڻ جنهن ۾ ٻئي ڪان ٻڪريون گهٽيون هجن
- لس ٽيڪ = سرهه جو گلن مان چڙهڻ
- هور (<خور) = ٽنڊڙو اپسمندڙو

* ڪُراندو = جابلو گهٽو مُڙيال
* ڪتو ڪڍڻ ڪڍائڻ = هيو دفعو چورون هڻي ڪتو رت ڪڍڻ
* لڏارڻ لڏارڻ = جهنگ وڃڻ
* پکياڙو = جهار هڪليندڙ

هيلي جي محاوري جا ٻيا انوکا الفاظ ۽ تلفظ آهن [1] جي سنڌ برلاڙ جي محاوري سان ملن ٿا. هڪ تحقيق موجب لس هيلي وارا پٺهنجي محاوري کي ڏاڍي سنڌي جو بهترين يا نج نمونو سمجهن ٿا [2].

---

[1] اسو گريئرسن: "لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا" جلد 8، ص ص 62 ـ 63

[2] اسو بري (Bray): "بلوچستان سينس ريپورٽ" سنه 1912ع ص 137

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باب چوٽون

ہيلي جي شاعري جي نشوونما

ہيلي جي سخي چامن شاعرن جي قدرداني ڪئي ۽ انهن کي پوري طرح نوازيو. تڏهن شاعرن جي دل آئي. قلب ڪليا ۽ سندن شاعرانه شعور ملڪ ۾ مشهور ٿيو. مگرشاباس هجي لس ہيلي جي سالڪن کي جن شاعري، جو ذوق زنده رکيو ۽ انهن سمجهو سگهڙن ۽ راوين کي جن شاعرن جو گهڻ ياد ڪري ملڪ ۾ ڳايو ۽ انهن شاعرن جي نالي کي اُجاريو.

ہيلي جا حاڪم اصل ڪان سخي ۽ سهاجها ٿي گذريا آهن. مڙني کان مهنداهون سخا جو سرتاج سپڙ چام هو. جنهن ڪيترن ئي ڏڻن کي ڏان ڏنا ۽ ڪيترن ئي منگتن کي مالا مال ڪيو. سخي سپڙ جي ساک سنڌ ہيلي پڏري هئي ۽ پتائي صاحب توڙي لس جي شاعرن سپڙ چام جي سخا جا گهڻ ڳايا آهن. اها سخا جي سنت ہيلي جي ہين چامن به پوءِ جاري رکي ۽ غريبن جا غم ڪاٽيا. حاڪمن جي حيثيت ۾ هنن پنهنجي درٻارن ۾ ڪچهرين کي شاعرن. سالڪن ۽ سگهڙن جو مرڪز بنايو. انهن شاعرن به پنهنجي مربي چامن جا اهي گهڻ ڳايا جو هنن حاڪمن جو نان، ناموس هنڌين ماڳين مشهور ٿي ويو. چام ميرخان اول خود وڏو داناءُ ۽ عقلمند هو. تنهن نه فقط پنهنجي تر جي شاعرن تي هٿ رکيو مگر جيڪو به باهريون سگهڙ شاعر ٿي سندس رخ چڙهيو تنهن کي مال ملڪيت ۽ عزت آبرو ڏيئي ٿي پنهنجو ڪيائين.

لس ہيلي جي شاعرن جو سرتاج شيخ ابراهيم. چام ميرخان جي ملڪ ۾ اڳيئي مشهور هو مگر جڏهن سنڌ مان ڪبير شاهه گهي شيخ ابراهيم جي مقابلي لاءِ ہيلي ۾ ويو ۽ ٻئي وڃي چام مير خان جي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مڪڇهري ۾ حدّ مقابل ٿيا تڏهن جام ميرخان محسوس ڪيو ته ڪبير شاهه به سنڌ جي سوڪڙي آهي. تنهن کي هٿان ڇڏڻ نه گهرجي: انهيءَ ڪري ڪبير شاهه کي زر زمين ڏنائين ۽ ٻيون به اهي اڇپائون ڪيائين جو ڪبير شاهه به هن حاڪماڻي قرب جي ڪمند ۾ قابو ٿي پيو ۽ سنڌ کي چڏي ڪٽي لس ٻيلو وسايائين. ڪانئس پوءِ جام ميرخان ثاني ۽ سندس فرزند جام عالي خان به شاعرن ۽ سگهڙن جو وڏو قدر ڪيو. شاعر نمر مگهار سندن درباري شاعر ۽ سگهڙ هو. جنهن جو ذوق هنن قدردانن جي دربار ۾ پرورش پائي. فهم ۽ فڪاهت جي انهيءَ بلند پايه کي پهتو جو هر مشڪل سوال جو جواب بلڪل بيساخته ۽ برجسته پئي ڏنائين.

6ـ جنوري 1876ع تي سردار نورالدين مينگل کي خدا داد شهيد ڪرايو. ان واقعي کي شاعر نمر، جام عالي خان جي حڪمرانيءَ ۾ 1893ع ڌاري ڳايو. جنهن جي جواب ۾ جام عالي خان طرفان شاعر نمر کي، قدرداني ۽ تحسين طور لکيو ويو:

سرڪار جام صاحب "حام عالي حا" صاحب بهادر والي [1]

عزت آثار نمر شاعر حفظ

آپ نے جو شعرہائے دربارہ سردار نورالدین خان صاحب مرحوم تیار کئے ہیں حضور این جانب سنکر بہت خوش ہوئے۔ آپ کو آفرین صد آفرین ہے اور ان شعرہائے میں ایک دو جگہ کچھ نقص ہے لیکن یہ آپ کا قصور نہیں ہے حاجی عمر وکیل سے غلطی ہوئی ہے۔ اس بارہ میں حضور ایں جانب نے راول لنگھ کو خوب طور پر سمجھایا ہے آپ سے بیان کرے گا۔ پھر آپ اسی موجب شعرہائے درست کرینگے۔ بعد درستی آپ بذریعہ نائب او تحصل حضور ایں جانب کو اطلاع دینگے۔ پھر جیٹا لنگھ کو اس جگہ اشعار سکھنے کے واسطے بھیجا جائیگا، پھر آپ [جب] جیٹا سیکھ جائیگا، بھیج دیوینگے۔ یہ کہ حضور این جانب اس شعر کے عوض میں انعام

---

[1] اصل خط مرحوم صالح محمد مگهار وت (اٽل) وٽ محفوظ هو، جنهن جا نقل. هڪ 8 آڪٽوبر تي ۽ ٻيو 9 آڪٽوبر 1314ع تي ڪن معاملن جي سلسلي ۾ ڪيا ويا. 1946ع ۾ اسان اهو اصلي خط ڏٺو جنهن ۾ "حام عالي حا" خود جام جو دستخط ٿيل آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

آپ کو ڏيڻا چاڄي ٿيل ڏيڻو چاهيے ته جنهن طرح کان آپ انعام طلب ڪريڳے حضور اين جانب بصد خوشي قبول ڪريڳا. يعني اگر آپ مشاهره ماهواري يا سالانه يا انعام زمين جنهن طرح جو ته آپ کو قبول هو تحرير ڪرائي معرفت نائب او تحلا اطلاع ڏيو ڇڏيڳے. آپ اس ۾ ڪوئي ڪنهن طرح جو انديشه نه ڪريڳے بيشڪ تحرير ڪريڳے.
20-نومبر 1893ع مڪرر آنڪه اگر آپ کو يڪدم انعام چاهيے تو بهي تحرير ڪرو.

اهڙيءَ طرح شيخ ابراهيم ڪبير شاهه ۽ منگتو نرجي نس هيلي ۽ چوٽيءَ جا شاعر هٿ سي مڙيئي جامن جي دربار جا مرهون منت هٿا. هيا ننڍا وڏا شاعر ۽ سگهڙ به جامن وٽ پنهنجو هنر پيش ڪري پيا هنن سخين کان دل گهريا داد ۽ دان ونندا هٿا. جامن جي انهيءَ فياضي ۽ سخا انهن شاعرن ۽ سگهڙن کي فارغ البال بنايو. سندن قدرداني ۽ عزت افزائي شاعرن جا حوصلا وڌايا ۽ قلب کوليا. ۽ هنن اهي چيدا بول پرليا جي سنڌي شعر جي تاريخ ۾ يادگار رهندا. هتي جي چوٽيءَ جي شاعرن پنهنجي چوڌاري ڏسين شاعرن جو حلقو پيدا ڪيو جنهن ڪري شعر شاعريءَ جو چرچو سڄي ڏيلي ۾ عام جام ٿي ويو.

جامن نه رڳو شاعرن جي پرورش ڪئي. مگر سندن شعر جي پرورش ڪئي. هنن حاڪمن پنهنجي طرفان خاص سگهڙ مقرر ڪيا. انهيءَ لاءِ ته هو شاعرن جي شعر کي ياد ڪري وڃي هنڌين ماڳين ڳائين. جام عالي خان جي مٿين خط مان ظاهر آهي ته جيئو لنگهو خاص جام عالي خان طرفان. شاعر نر جي شعرن ياد ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيل هو. انهن درباري سگهڙن کان سواءِ پڻ شعر و شاعري جي عام چرچي ملڪ ۾ ٻيا ڪيئي سگهڙ پيدا ڪيا جن جي ڪري لس ڏيلي جو شعر پشت به پشت مائڻن جي سينن ۾ سمائجي ويو ۽ انهيءَ ڪري هن سرمايي جو اهم حصو محفوظ رهجي ويو. ان جي برعڪس سنڌ جي شاعري سگهڙن جي ڪمي سبب اڪثر ضايع ٿي چڪي آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

لس بيلي جي شاعريءَ جا سرچشما

لس بيلي جي سگهڙن جا سينا لس بيلي جي شاعريءَ جا سرچشما آهن. انهن سگهڙن جي صدري مان ئي اسان کي بيلي جي شاعريءَ جو باقي بچيل سرمايو دستياب ٿي سگهي ٿو. هي جو ڪجهه اسان پيش ڪنداسون سو به انهن صدري دفترن جو انتخاب آهي. جيئن اسان مٿي بيان ڪيو بيلي ۾ سگهڙن جو سلسلو پشت به پشت پئي هليو آهي. آخري وڏي درباري شاعر مگهنهار نمر جي آکيه مان جيئو خود جام عالي خان طرفان شاعر جي شعرن ياد ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيل هو. راول لنگهو به جام جو خدمتگار هو. جنهن وٽ شاعر نمر جو شعر محفوظ رهيو ۽ راول بعد سندس پٽ صالح محمد وٽ اهو گڏ موروثي طور آيو. حالانڪ جيترو وڪر پهرين وٽ هو اوترو پوين وٽ ڪونه رهيو ۽ نه هنر جي ڪاند ڪا جنس ضرور محفوظ رهجي وئي. اسان شاعر نمر جو اڪثر شعر صالح محمد وٽان ورتو. صالح محمد وارا برفتن جا قديمي مگهنهار ۽ بيلي جا وڏا سگهڙ ۽ راوي ٿيٰ رهيا آهن. جنهن ڪري وٽن گهڻو گڻ پشتان پشت محفوظ رهيو آهي.

هن مشهور مگهنهار گهراڻي کانسواءِ برن برفتن مان سنياسائي گهراڻو به جهونن سگهڙن ۽ راوين جو گهر ٿي رهيو آهي*. هن گهراڻي مان "سنياسي اول" تورڻي "صدقي" وڏا سگهڙ ۽ شاعر هئا. سنياسي پيو خصوصاً وڏو سگهڙ هو. جنهن کي لس بيلي جي خواهه پئي شعر جا دفتر ياد هئا. هي صدري خزانو وري سندس پٽ ڪريمداد کي وراثت ۾ مليو. اسان کي ڪريمداد وٽان سندس وڏن جو خواهه بيلي جي بين شاعرن جي شعر جو گهڻو حصو هٿ آيو. ڪريمداد نهايت پختو مشق راوي ۽ وڏو سمجهو سگهڙ آهي[1]. مارکي ۾ سيني سگهڙن مٿان سوار هو ۽ هر ڪنهن کي پئي ٽاڪاٽا ڏنائين.

---

* آسو باب پنڌرهون.

[1] گهڻ سال ٿيا جو هي نامور سگهڙ ڪراچي ۾ رخت حالي ۾ گذاري ويو- رحمه الله عليه.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

افسوس جو ڪبير شاھ جي قبيلي مان ڪو سگھڑ ڪونہ رھيو آھي. ڪبير شاھ جي ڪتب مان رڳو احمد شاھ ئي ھڪ وڏو سگھڑ پيدا ٿيو. جنھن کي شاعريءَ جي ڏات پڻ ورثي ۾ ملي ۽ مٺي بيلي جي اُتر شاعريءَ جو پڻ خاتمو ٿيو.

بيلي جي حمراڻي شيخن جو خاندان سگھڑن جو گھر ۽ مڪي مرڪز ٿي رھيو آھي. شيخ حمر شاعري جو ورثو سندس پٽ شيخ ابراھيم کي مليو. شيخ ابراھيم ۽ ڪبير شاھ جو گن شيخ گھراڻي جي سگھڑن ۾ پشت به پشت ھلندو پئي آيو آھي. ھن وقت شيخ گھراڻي جو زنده سگھڑ ھڏڙو شيخ الله ڏنو آھي [1] جنھن جي عمر ھڪ سؤ ورھيه يا ايڏا به مٿي آھي. ان وٽان اسان کي ابراھيم شاھ ۽ ڪبير شاھ جا بيت مليا. سندس پاڻ مٺو به سگھڑ آھي. مگر سائس اسان جي ملاقات ڪانہ ٿي. ننڍين مان وري شيخ عثمان ۽ شيخ گنج بخش کي گھٽ گھٽ گن پاڻ آھي. جن سان اسان جو سڄو ڏينھن مارکو رھيو.

شيخن مان نالي وارو راوي ۽ بيت ڏيندڙ شيخ سنگر ھو. ڪريمداد چيو تہ "سنگر شيخ شاعر ڪونہ ھو مگر سگھڑ ھو. نڙي خدا تعالىٰ مٿي ڏني ھئس ۽ آواز پريل ھوس". شيخ گنج بخش چيو تہ "شيخ سنگر سگھڑ ھو ۽ شيخ ابراھيم ۽ حمر جا بيت ڏيندو ھو. نڙي مٺي ۽ آواز نهايت جھجھو ھوس. جنھنڪري سندس بيت ھن ڪوھن تائين ھڏبا ھئا. پھريائين شيخ سنگر شيخن سان گڏ پنھنجي ماڳ گذاريندو ھو مگر پوءِ وڃي وندر وسايائين". صالح محمد چيو تہ "شيخ سنگر جي زال مون ڏٺي ھئي. جنھن مان پانڻجي ٽوتہ شيخ سنگر سنہ 1900ع کان اڳ ڏاري وفات ڪئي". حاميد خان رند ڳوٺ ملڪ (گھاري لڳ) ۾ خٽنگ پٽ ۽ شيخ سنگر جي حڪايات ٻڌائي: چيائين تہ "خٽنگ پٽ ھتان (ڪراچي جي ترمان) ڪھي بيلي ۾ سنگر وٽ ويو ۽ وڃي ڪانئس پڇيائين تہ:

"الله جي الڪ جو مونکي سنگر ڏي سماء" الخ [2]

---

[1] شيخ الله ڏنو ڪجھ واڳ گذاري ويو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

مگر شيخ گهرائي جو نهايت نالي واروءِ مشهور سگهڙ شيخ سائينداد هو. جنهن جي متعلق سنڌ جي راوي ءِ سگهڙ، حاميد خان رند (ويڙل ڪڪراندو، ميرپور ساڪرو) اسان سان ذڪر ڪندي ٻڌايو تر "اٽڪل ٽيهه سال اڳ (1916ع ڌاري) مون پيلي جي شيخن مان شيخ سائينداد سان ملاکو ڪيو: مون جهڙس سگهڙ ڪٿي ڪين ڏٺو." شيخ سائينداد جو فرزند شيخ ميان غلام حسين حيات آهي.[1] جنهن سان اسان جو ڇڪيون رس رهاڻيون ٿيون. شيخ غلام حسين کي به هن گن جي ورڇ ملي آهي. مگر خود سندس چوڻ موجب "شيخ سائينداد کا هي شيءِ هو".

شيخ سائينداد جو پيلي جي شاعريءَ تي احسان عظيم آهي: هو پهريون ءِ پويون سگهڙ هو. جنهن جي دل ۾ هيءَ خيال پيدا ٿيوته: هي صدري خزانا سگهڙن جي سر سان ٻڌل آهن. نه معلوم پوين ۾ اهو اکر پيدا ٿئي نه ٿئي جو وڏن جو اهو گن ياد ڪري محفوظ ڪن. انهيءَ ڪري بهتر آهي ته پنهنجو سمورو صدري گن قلمبند ڪجي تان ته ضايع ٿيڻ کان بچي وڃي. ممڪن آهي ته شيخ سائينداد کي هيءَ تلخ تجربو حاصل ٿيو هجي ءِ محسوس ڪيو هجيس ته پيلي جي شاعري جو ڪافي خزانو سندس زماني ۾ئي ضايع ٿي ويو. انهيءَ ڪري هن پنهنجو صدري هنر سچو ڪتاب جي حوالي ڪيو. ڏٺيءَ جي مهرباني جو اکر به اکر ڇاپيندو هو سو جيڪي ڪجهه سيني ۾ هوس سو پنهنجي بڌسڌ موجب لکي ڪتاب راس ڪيائين ءِ ايتري تي به اڪتفا ڪانه ڪيائين. بلڪ هن ڪتاب جا ٽي نقل تيار ڪيائين: هڪ ڪنهن خاص حضرت کي تحفي طور ڏنائين. هڪ پنهنجي خاندان ۾ ڇڏيائين ءِ هڪ پنهنجو ذاتي نسخو پاڻ وٽ محفوظ رکيائين. شيخ ميان غلام حسين چيو ته "پهريون نسخوانهيءَ صاحب وٽان ضايع ٿي ويو. ٻيو پنهنجي خاندان ۾ رکيل نسخو به اڌ گابرو کاڄي ويو آهي ءِ باقي سقيم حالت ۾ آهي". شيخ عثمان ءِ شيخ گنج بخش به مون سان هن نسخي جي موجودگيءَ جو ذڪر ڪيو مگر ان

---

[1] شيخ غلام حسين 1955ع ڌاري گذاري ويو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

نسخي جي ڪٻڙي حالت آهي. اهو ڪونہ ٻڌايائون مگر ميان سائينداد وارو پنهنجو ذاتي نسخو ڪانئس پوءِ سندس پٽ ميان غلام حسين وٽ رهيو. اهو ڪتاب ب جيوڙهو جنهنجي درست خود شيخ سائينداد پنهنجي هٿن سان ڪئي هئي. ڪانئس پوءِ هن ڪتاب جا اوائلي توڙي آخري ورق پرندا رهيا. جي ميان غلام حسين اُتاري نوان پئي ڪيا ۽ ڪتاب جي اصلي صورت باقي رهي. سواءِ پنهرين ۽ آخرين ستن ڪنن ورقن جي. جيڪي ميان غلام حسين لکي نوان ڪيا آهن. هيو سجو ڪتاب خود شيخ سائينداد جي پنهنجي هٿ جو لکيل آهي. ازانسواءِ ڪتاب سجو شيخ سائينداد جيڙن سالڪ سمجهو سگهڙ جي روايت آهي. انهيءَ ڪري ازروءِ صحت بہ نهايت قيمتي آهي. هن ڪتاب ۾ تقريباً تي سؤ ست ورق متوسط سائيز جا آهن ۽ سجو ڪتاب ساڳئي خط ۾ (سواءِ چند پهرين ۽ پوين ورقن جي) شاهي قلم ۽ ڪاري مس سان عربي صورتخطي ۾ لکيل آهي. سنڌيءَ جا خاص حرف شيخ سائينداد پنهنجي طريقي تي لکيا آهن. مثلاً "خ" کي شوشي "ن" تي "ن" ڏيئي لکيو آهي. ڌ. ب. ڦ وغيره جي بدلي اڪثر د. ب. ف وغيره استعمال ڪندو ويو آهي. هي ڪتاب مرثيي جي منظوم معجزي سان شروع ٿئي ٿو ۽ چند معجزن ۽ مداحن بعد "تصو بيرام گورءِ بانوبرزا" جو تصنيف شيخ ابراهيم ولد شيخ حمر شروع ٿئي ٿو. جو سجي ڪتاب ۾ وڏي ۾ وڏو قصو آهي ۽ ستر صفحن تي مشتمل آهي. ان بعد وري شيخ ابراهيم جو جوڙيل قصو "مومل راڻي" جو شروع ٿئي ٿو. جو 39 ورقن ۾ آهي. ان بعد شيخ ابراهيم جو جوڙيل منظوم "قصو حضرت علي ۽ مبارڪ جو" (مبارڪ ڪافر جنهن عام روايت موجب امام وڻي نيا هئا) شروع ٿئي ٿو جو 16 ورقن ۾ آهي. ان بعد شيخ ابراهيم جو جوڙيل منظوم "قصو جمر جما سلطان جو" سڌين پنجن ورقن ۾ لکيل آهي ۽ ان جي پويان شيخ ابراهيم جو جوڙيل "قصو ابو شامر (؟)" سڌين اٺن ورقن ۾ پيو شيخ ابراهيم جو جوڙيل "قصو محمد حنيفي جو" سڌين اڙهن ورقن ۾ قلمبند ڪيل آهي. انهن جي پويان نون ورقن ۾ "حڪايت امام حسين جي شهادت" ۽ وري سڌين ڇهن ورقن ۾

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

"امام جي شهادت چيل اشرف شاهه" جون نوٽ ٽيل آهن. ان بعد وري شيخ ابراهيم جون چار مداحون چوڏهن ورقن ۾ ۽ سندس ٻئي منظوم روايت چئن ورقن ۾ ۽ وري سندس ٽي مداحون يارهن ورقن ۾ تلمبند ٽيل آهن. انهن کان پوءِ غلام محمد کتيءَ جا ٻه قصا- پهريون "قصو حضرت علي ۽ نانگ جو" (جو "قصو حضرت علي ۽ شاهه شمس جو" يا "قصو شاهه شمس جو" جي نالي سان عام مشهور آهي) ساڍين اوڙهن ورقن ۾ ۽ ٻيو "قصو غل (گل) راڻيءَ جو چيل غلام محمد کتيءَ جو" اٺن ورقن ۾ لکيل آهن. ان بعد "حڪايات جابر انصاري جي چيل خير شاهه سيد جي" ساڍين چئن ورقن ۾ تلمبند ٽيل آهي ۽ ان بعد "حجّة الاسلام کتاب فقرنامه" منظوم ڪيل عبدالحڪيم جو. ستن ورقن ۾ لکيل آهي. ڪتاب جا باقي آخري وارا اٽڪل اٺٽهه ورق. تن ۾ شيخ گهرائي جي شاعرن سندن هڪ ٻن ٻالڪن ۽ ڪبير شاهه جا بيت تلمبند ٽيل آهن. باقي چند ورقن ۾ ڏاڍ پرولين هندي دوهرا ۽ سندي سگهڙن جا دلچسپ گفتا ڏنل آهن.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باب پنجون

پيلي جي شاعرن جا مشاعرا ۽ سندن فني ايجادون

لس پيلي ۾ شاعري جو شيخ حمر سان شروع ٿي ۽ احمد شاھ تي ختم ٿي: يعني شيخ ابراھيم جي خاندان مان شروع ٿي ۽ ڪبير شاھ جي خاندان ۾ ختم ٿي: شيخ ابراھيم ۽ ڪبير شاھ ٻنھي پيلي جي شاعري کي انھيءَ بلند اوج تي پھچايو. جنھن تي نڪي ڪانئن اڳي ھئي ۽ نڪي ڪانئن پوءِ پھتي.

پيلي ۾ شاعري جي جيڪا روايت ھن وقت موجود آھي ۽ ھن شاعري جو سرمايو جيڪو اسان تائين پھتو آھي. تنھن مان سمجھجي ٿو تہ شيخ حمر لس پيلي جو پھريون پختہ مشق شاعر ھو. مگر شيخ حمر جي شعر جي جنس ۽ ان جي پختہ خيالي مان ظاھر آھي تہ پيلي ۾ سنڌي شاعري جو ذوق گھٽ آڳاٽو آھي ۽ بلڪل ممڪن آھي تہ شيخ حمر کان اڳ بہ پيلي ۾ ڇڳا خاصا شاعر موجود ھجن. مگر ھن دراز عرصي ۾ طويل مدت سبب سندن شعر اسان تائين نہ پھچي سگھيو ھجي. رات ڏينھن جي رڙي ۽ لٽ پيلي جي شاعري جا اھي اوائلي نشان نہ اسان کان لڪائي ڇڏيا آھن مگر ھن بلند ۽ بليغ شاعريءَ جو آخري دور اسان جي سامھون آھي ۽ عام راءِ آھي تہ سيد احمد شاھ پيلي جي شاعريءَ جو خاتمو ڪري ويو. شھر اُٽل ۾ ويٺا ھئاسون. مارڪو لڳويو ھو ۽ سگھڑن مان ميان ڪريمداد. راوي صالح محمد ۽ مگسيو مگنھار ويٺا ھئا: احمد شاھ جا بيت ھليا ۽ مگسي چيو تہ: "آخر ۾ احمد شاھ دنگ ڪري ويو": جنھن

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

تي راوي صالح محمد چيوتہ: "احمد شاھ بيلي جي شاعرن جي پچاڑي ڪري ويو". ميان ڪريمداد چيو تہ: "احمد شاھ بيلي جي شاعري جو ڏنگ ڪري ويو ۽ شيخ سائينداد رباني شيخن (يعني حمراڻي شيخن يا ابراھيمر جون خاندان) جي پچاڑي ڪري ويو." چيائين تہ: "شيخن مان شيخ عثمان بيت ڏاڪي ٻيو پر نڪي شيخن جي ڪڙي کي پھچي تہ نڪي لس جي شاعري کي انھيءَ حد تي پھچائي. بس سيد احمد شاھ بيلي جي شاعري جو خاتمو ڪري ويو." اسان جي خيال ۾ بيلي جي انھن سمجھو سگھڑن جي متفق راءِ قابل قدر آھي. بيشڪ احمد شاھ آخري شاعر آھي. جنھن جي شعر ۾ برجستہ شاعري جو رنگ ۽ طبع جي روانيءَ نظر اچي ٿي. ھن وقت شيخ عثمان ھڪ نوجوان سگھڑ آھي ۽ بيت ناھي تہ. اسان جو سائس مارکو ٿيو: پين جا بيت بہ ٻڌايائين ۽ پنھنجا بيت بہ ڏنائين: مگر سندس جنس البتہ سادي آھي. مون سندس گن ۾ گرانقدار جنس جي تلاش ڪئي. انھيءَ لاءِ تہ نموني طور پاڻ وٽ نوٽ ڪريان مگر سندس ڪافي ڪلام ھوندي بہ مون لاءِ انتخاب مشڪل ٿي پيو: ھڪ بيت ڏيئي ٻڌايائين تہ چوان تہ ٻيو ڏئي تہ من اھو لکڻ جي لائق ھجي. آخرڪار ڇار و ناچار اسان کي جنس ھٿ ڪرڻ جي خيال سان سندس ڪجھ ڪلام قلمبند ڪرڻو پيو. انھيءَ جي مقابلي ۾ احمد شاھ جو ڪلام اعليٰ آھي. احمد شاھ جي بيتن وري بہ قدري شيخ ابراھيم ۽ ڪبير شاھ جي بيتن جون سڪون لائيون. جنھنڪري تحقيق احمد شاھ انھيءَ رنگ جو آخري شاعر ھو: باقي "دگر داناي راز آيد ڪہ نہ آيد".

بيلي ۾ شاعراڻ مقابلا ۽ مشاعرا

حالانڪ بيلي جي شاعري شيخ حمر سان شروع ٿي. مگر حقيقت ۾ ھي شيخ ابراھيم ۽ ڪبير شاھ جي شعر جي بہ درياھي اچي ڳڏي ھئي. جنھن پلٽ ڪري ملڪ ۾ موڪون لائي ڇڏيون. شيخ ابراھيم ۽ ڪبير شاھ جو شاعري جي ميدان ۾ ھڪٻئي سان دوبدو مقابلو بيلي ۾ شاعري جو بنياد ي پٿر بنيو. ھتن ۾ جبلن جي ٽڪر. شاعريءَ جون اھي تجليون

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

ڏيکاريون ٿا شاعرانہ ذوق جا اهي شعلا اُتاريا جو هر سيني ۾ سوجهرو ٿي ويو ٿا شاعريءَ جو شعور سگهڙن جي سينن مان اُڀا ڏيئي اُپريو. شيخ ابراهيم ٿا ڪبير شاهه جو شاعرانہ مقابلو ٿا مناظرو (جنهن جو ذڪر اڳتي باب اٺين ۾ بيان ڪيو ويندو) در حقيقت عام شاعريءَ جو زبردست اوائلي مشاعرو هو. جنهن کي هنن ۾ اُستاد شاعرن تادم حيات جاري رکيو. هنن وقت بوقت هڪٻئي جي ۾ران ساڳئي وزن ٿا ساڳئي قافيي ۾ بيت ٻڌا ٿا شاعرانہ ذوق کي هميشہ لاءِ جاڳائي ٿا جياري ڇڏيو. سندن تتبع ۾. سندن همعصر خواهه ڪانڌن پوءِ جا شاعر. لس هيلي توڙي سنڌ ۾ بيت چوندا رهيا. هن قسم جو هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو. سسئي جي سُر مان شيخ ابراهيم بيت چيو ٿو:

محبت مائي کين قطر ٿئي. جا لنئون لعل لائي هئي [1]
عهد اندازي ٻول ٻڌءِ جي. مونکي ساک وچن پت سائي هئي [2]
کين پروڙيم ڪرهن ڪٿکا. جيکا وڃ جي تن واڻي هئي
ننڊ نهوڙيس. ڪيف قربان. ناتي مان ڏاهين ۾ گهٽو ڏاهي هئي
وات وندر جي. ساڻين جانجر. ليڙن ليل لنگهائي هئي [3]
همت. توڪل. سنگت سائنڌ هوت پنيان همراهي هئي
پير پچايم. رند پنهون ۽ جا. جت روهه تتي رڻ رائي هئي [4]
براهر چويہ رند بلوچان "هيءَ هيءَ" هاڪ هلائي هئي [5]
منزل ماري ٿا اٺ اولاڻيان. ڌارڻ جي جت ڏائي هئي [6]
دونهين پسي. دل دونهين هريا. جتي جانب باهه جلائي هئي
ساڪنهن نه دلاسي. دوستن ڏاران. آتش آڳ اُجهائي هئي [7]

---

1 فطر يا ذرو
2 ز: ٻڌم ٻڌو
3 ساجهر
4 پير پريان جا
5 اُٺن هڪلڻ جو آواز: هئي هئي
6 اولاڻيا = اُسريا. ڌارڻ = ڪوڙ. چوڻ ۽ جهوڪ ڪرڻ ڏاڻي - ڏاڻي ملڻ جي جاءِ
7 ز: اڌمين آتش آڳ ۔ الخ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هن ڪامڻ کي ڪهڙ ڪيڏي اندر عشق آگ اُڏائي هئي
"ويڙهه وري ور ويڙي اينڌءِ" اي ڏوهين ڏر هر لائي هئي
جنهن: "ڪين وهنديس مطلق سواران. جيڏيون ڪريو دلجائي هئي
دعا پڙهي تون دوست وري ويئين. آءٌ تان محبت ماري مت منجهائي هئي؟
آءٌ شڪر ملهيس توکي سپرين ناتي لوڪان وچ لڄائي هئي
سوڙ لڳين مر صدقي جي تو ور وهيلي واڃ وڃائي هئي [1]
هائي حد پڙهان ٿي هر دم هادي. تنهنجي واحد واهه وڏائي هئي
جيئن تو جاسن ميلير صاحب سائين. آڳا افضل آس پچائي هئي
(وس ملهيم. دلجاءِ ٿيم. هينڊڙي ٽاهر ٽوب ٽڏائي هئي [2]
اڄي واهر ٽڙم ور وندر ۾. جنهن ڏونهن منهنجي ثابت سڪ سچائي هئي
پٽ منهنجي جامر پنهون سين. رازق رب رهائي هئي
ملن سان تنهن ور جي ڪاڪ ڪچائي هئي. جنهن اڄي هٿا سهڙا ڪانڊ سنگهر ۾ [3]

هن ساڳئي وزن ۽ ساڳئي قافيي تي ڪبير شاهه بيت هڏو ت:

آڳ اندر جي ڪين اُجهامي. ٻاروچل جا ٻاري هئي
روز ڏيهائي ڏيرن کي. منهنجو پاند پلڙ زر- زاري هئي
آڏي ۽ ڏاري اُٺ اُڏمياڻون. واڳ وڃي ور واري هئي [4]
ڪاڪل پير ڪاڪ وڃڻ جي. ناتي هوت آڳ هوشياري هئي
تنين وڃي نيو ور کي ٽڪڙو. آن ويل تنهن ويساري هئي [5]
سُر پُر ڪين سُڃي مون سائين. ڪا توڏن جي تن تياري هئي
منهنجي ٻيڙڪ شهر پٽيور ۾. آڳ سڪي قراري هئي
جاڳيس تان جانب ڪونهي. جنهن ڪيچيءَ ساڻ ڪچاهري هئي

---

[1] وهيلي - سڳهي تهتان
[2] ر ٽور ٽوب = حسب توفيق ڏڌ ۽ دلجاءِ خوشحالي
[3] سنگهر جو مقام جتي مسڻي ۽ پنهون ٻاڻ گڏيا
[4] اڏمياڻون = اڻ ياڻون ٻلاڻيائون
[5] آن - آڳ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

صبح وسايرَ سرتي سپرين ويجهي جا آت واري هئي [1]
جوگڙ ساڻ جتن ڪيو جورن جا نيڻين نند خماري هئي
پار ڪيو پرپات روئي ڪا اجارات انڌاري هئي [2]
پرٽي مانکي پي، پلاڻيو آ، ڳالهه انهي، تر ڪاري هئي [3]
محبت تنهنجي مست ڪيس جا بار گهٽي آ باري هئي
ماڻهن ڪير منع "مرون منجهندين" سرتين ٻڌون سيڪاري هئي [4]
موتيس ڪين مرڻ مون باسيو ڪا جا ڪامر لڳي مون ڪاري هئي
عشق سنهايرَ وات وندر جي ناتي ڏس تہ ڪنهن ڏيکاري هئي
پرتڻون پاتر پير پين ٻرنگ پلي، آ، تهاري هئي
ڏاڍي برهه بلوچا آن جي، محب گهٽو آ، ماري هئي
جهٽڪيس پاس جبل جي جهوڪان ڌار اوهان جت ڌاري هئي
ٽيڻن روئي نير وهايو انجهه ڳري دل هاري هئي [5]
تيج نہ پوليان ڪارڙ ننگ جي، پر ٻوتن لاءِ پڪياري هئي
پر جاتڻون پرهه پلاڻي هلئين، سامهت ڪيڙي وجهه هاري هئي
وڃي لاٽي ويرَ وٽن ٻرهي هت ڪيڙي وهر ساري هئي
سرڪ سڪڻ جي هوت هٽن سين، پرتڻون پاڻ پياري هئي [6]
مرڻ جيڻ جي ميڙين ٻر منهنجي يار پٺهون توسان ياري هئي
سا پڳ نہ چڏيندي پورهيت تنهنجو ڏوڻ تو جا ڏاري هئي
برڪت ٽي جويرَ برڪڻين، ناتي توريءَ ور ويچاري هئي
ڪوڏ ڪچهري ڪيچي تنهنجي، ڏاتر مون ڏيکاري هئي "
ڪيچيءَ ڪبير شاهه چوي ٽرڪي تنهنجي تاري هئي
ڏک ڏکي گهٽو ڏاري هئي، پر اڄ ٽي تنهنجي عيد اچڻ سين.

ڏ: سرتي سرتين
ر: آدي رات انڌاري هئي
مونکي پرٽي مان ڪي مڙس اڃي نہ چڏي ويو
اصل صورتخطي: "مان نہ ڪير منع ٿيا منجهندين سرتين ٻڌون سيڪاري هئي" ـ ڪڏا
ڏ: ميڙين ٻر ڪا مرڻ جيڻ جي جاتب توسين جاري هئي
ر: تند ٻگي تنهنجي تاري هئي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سؤجُو لنگهو جو اصل سنڌ جو هو ۽ ڪبير شاهه جو خليفو هو تنهن انهن بيتن پران هيٺيون بيت جوڙيو. ڪن جو چوڻ آهي ته بيت ڪبير شاهه ڏو پر سؤچي جي نالي تي. والله اعلم.

آڪ اُجهامي ڪين اندر جي، جا هاروچل توهاري هئي
ڪاڪل پير ڪاڻ وڃڻ جي. ته ڪاتن هر اُن تلڪاري هئي [1]
تن روز ڏيهنا ڪو ڏيرن کي منهنجي پاند پلڻ زر- زاري هئي
پينرا! مونکي تن ٻلوچن ات ڪنهن جنهن بول بهاري هئي [2]
آءُ ساڪ وسوڙيس ساٿين جي. جن هوتن ڳالهه هزاري هئي
اوڏي نند اوجاڳي آرس. جنکي ۽ ڪهر خماري هئي
زيب ڪري تن رات ڪئي. جن چاهه چلڻ چلڪاري هئي
سي واڳ وڻي ور وات ٽيا. تن مهرين واڳ مهاري هئي
جيڏين مانکي جمع ٿبي. تن من وڻي مائياري هئي [3]
ته: وينه. وري ور ڏيئي اينڊو. اي، درس ڏني دلداري هئي
پر ڪاڻ هلي ٿي ڪهه ر ڪامڻ. ڏرئون اڳي آءُ ڏاري هئي
رچ. سچا پٽ. جهنگل جهوڪان. تن جي چنجن تي چمڪاري هئي [4]
مور لنگهي ويو ميائي ۽ تان. آءُ هور ڏسي ڏر ڏاري هئي
آيس وٽ اِچي. پوءِ تنهنجي ڏاءُ گهٽو ڏيچاري هئي [5]
تنهن ٻڌو ۽ ڪان رب بچايس. جنهن ڏٺهن آهه اپاري هئي
جنهن تونئس طلب تن تاري هئي. سا تون ڪاڏ سمنگ سؤچو چوي.

ان کان پوءِ وري احمد شاهه انهيءَ مشاعري جي ياد تازه ڪئي ۽ بيت ڏنو ته:

---

1 تلڪاري - تڑ- چمڪ ڪاوڙ ڪشمڪش
2 بهاري يعني بيهاري
3 مائياري يعني مائيارو (چپ ڪرائي) سڏائڻ مونکي
4 يعني ته جهوڪن وارن ڏڻن جي جوتين تي ياد جو چمڪارو هو
5 اچو - ٻڌو- جهنگلي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

آڳ اُجهامي ڪين انڊن جا باهه برهه پڙڪائي هئي
ساڪيي وسامي ڪينڪي، جا دلبر ڏمي ڏکائي هئي
ڪين پروڙبر جيڏيون تہ ڪاهن جي دل ڏغائي هئي
سنڌي صفا آءٌ مس ٿي سمجهان، هن کي هروچکي سين چائي هئي [1]
مردن مصلحت پاڻ هرکا، چرت ڪري تہ چپائي هئي [2]
سي هنر ڪري منهنجو هوت ولي ويا. آءٌ اُن ڏمرات اساري هئي [3]
سنجهي سجاڻان ساڻي سنيريا، تن منزل دور چتائي هئي
راهه روان سي رند ٿيا، "وڃ وڃ" تن جي واڻي هئي
نند نياڻي ناحق ڪاريس، نہ تہ سائن هوند سواري هئي
نينهن نشي جي آءٌ نهوڙيس، ورهه ڪئي ويچاري هئي
سرتيون! ساجن ساڻ وڃي ويا، هي محبت ماري مت منجهائي هئي
قابو قرب قريب جي، ڳڻن گهڻو هي ڳاري هئي
ناهه ڏوراپو ڏيرن تي، هي ڏيئر ڏران ئي ڏاري هئي
انگ اصل ڪان هٿس اپاڳو، چئي سندي ساچوري هئي
ڪانڊ ڪميڻي ڪيڄ ڏئي ما آريائي، اُجاري هئي
دمر نہ سريو تنهن دوست ري، جنهن پر جي ما پياري هئي
سوڪين چڏيندو ساجن سڙي، مان بدي گهڻو بدڪاري هئي
ڏکي، ڪي اچي ڏونگر ۾، تنهن ترت ڏني تلائي هئي
توهه تنهين جي آءٌ لڳيس، نہ تہ مشڪل ڏاڍي ماري هئي
سختيون گرميون سر تي سايم، لعل لئي لاچاري هئي
پوري ڪيس پاتشاهه جي، هر مراد جائي هئي
اُڪنڊ احمد شاهه چئي، ان جي مونکي اپاري هئي
جنهن لئي نڊر نهاري هئي، سو ساڃيو ملير ڪانڊ سنگهر ۾

ع هن بيت جي پران وري احمد شاهه جي همعصر شاعر مگئي برادئي

---

[1] جاڻي - ڄاڻ، لڳا
[2] چرت - چند، مڪر
[3] اساري - بنا سار جي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

بيت ہڏوتہ:

آڳ اُجهامي ڪين اندر جي. هاروچل جا هاري هئي
آءٌ سنڌي بہ سمجهان ڪانڪا. هن وائي عربي واري هئي
منهنجو پنهون وٽي نيائون پاڻ سان. منهنجو زور نہ هليو زاري هئي
پوءِ آهہ اُچايم انين الف تي. جيئن رڄ گهٽو مان رٹاري هئي
بي بنيہ خريئون بت تي (ڪذا). آءٌ تي پريان جي تاري هئي
ٿي ملنہ شال سپرين. جن سان جيہ سنڌي مون جاري هئي
حي هئي ڪري هلئين هن ڏنهن. نيڻ پٽي. مون نرت نهاري هئي
خي اُني جي خواهش ڪري عاشق دل اپاري هئي
دال سندا مان دست ڪٽي. ڪي ڏال سندي مون زاري هئي
ري رسيوم راهہ رڄ ہہ ناتي ڏک گهٽو مان ڏاري هئي
زي انهيءَ جو ذوق گهٽو هوم. آءٌ محبت ان جي ماري هئي
سينون ہڏوم سينئن صبر جو. مون پرت پنهونءَ سين پاري هئي [1]
شين سجاتم سرت سچيءَ سين. صاد سڃڻ سان سچاري هئي
دلبر منهنجو داد ڪيو نہ تہ. آءٌ ڏونگر وچ ڏساري هئي
طوئي تپيو ٿريس تن لئي. ور سنڌي مان واري هئي [2]
ظوئي ڏ ريو. وائين وريو. آءٌ چپر مت منجهاري هئي [3]
ڪٹي ڪوهيارو ڪيہ منجهہ رسيہ. عينئون جت اوکاري هئي
تنهن سور ستي. دک دور ڪيا. اُت مان غين گهٽو غمنائي هئي
في سندا مون فکر فنا ڪيا. هوت ڪئي همراهي هئي
قافئون ڪاف ڪاج بنام. مون تي لام معشوقن لائي هئي
ميم مدايون ميٹ مگيو چئي. تنهنجي واحد واهہ وڏائي هئي
بديون پيري بخش ڪرينہ نہ تہ ڏونگون نون نڳائي هئي
سامتوئي جسي پيس سپرين واهہ نہ مون وسيلائي هئي
هي پرين ڪي هت ملان جت چؤيار سندي چؤياري هئي

---

1 سينئن صبر جو يعني سڃاڻي صبر جو
2 مان واري هئي يعني مون واري هئي يعني بختو اوادو ڪري نڪتي هيس. تريس يعني ٹريس
3 ڪذا روايت

جيئي سنڌ ڊجيٹل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

يي سندي مون يقين تن تي. توڙان دل تہ قراري هئي
ڪر معاف گناهہ محابي تن جي. جن کي شرف ڏنو تو شاهي هئي
آءٌ تان اجهي جنين جي آئي هئي. سو ور اچي مون سان واهر ٿيو.
شاعر محمد اشرف هتن بيتن پران بيت چيو تہ:

آڳ اندر جي ڪير اجهامي. هاروچل جا هاري هئي
صفت ڪريان سبحان جي. جنهن قدرت ڪلتاري هئي
پنج ٽڻ پاڪ ليکيان جن جي چمڪ چوڏاري هئي
ساجهر اُٽي سات پلاٽيئون. آءٌ ڪا نند اساري هئي
نند نپاڪي. نفس ندوري خانن ڪڻ منڊ ڪاري هئي
تن هلڻ پچاڻان هوت پنهون، جي باهہ پنيوران هاري هئي
اڳ ہر ڳڏيس پنهور. جنهن بدونيئي بيهاري هئي
ان جو پرم شرم سائين رکيو ناتي وس نہ ڪنهن ويچاري هئي
آءٌ تون لهلڻ لوڙمٽي. جا احمد چامر اُڪاري هئي [1]
ڪهڙي سانگ نيئي تو ڪن جي وڃڻ ويهاري هئي
آءٌ تون يار پيارل پنهون. تنهنجي نگهہ نياري هئي
جهوڪن پاس جبل جي مان تان گوندر منجهہ گذاري هئي
هيلي چيو هروچ کي تہ: هي مون ويچاري ساري هئي [2]
ڪيڏ تون نمائي نهل وچان هي ويڙهہ ويڙهيچن واري هئي [3]
ويڙهہ ويڙهيچن ري نہ لهي. هن ڏاتر شال ڏيکاري هئي
اُلڙن ميڙهن مليہ تي. سر تين پاڻ سيکاري هئي (ڪڏا)
چامر سمي جي سام پٽي نوري ڪينجهر منجهہ قراري هئي
مومل پنهنجا محل اڏايا. جنهن جي هوش هوشياري هئي

---

[1] لوڻ لوڙهہ جهازو
[2] پنهون سان گڏ آٿ تي جڙهيل پياڻي هٿ جيس تہ هن ويچاري سان مون ظلم ڪيو آهي ظلاح: مونکي ماري چڏيئي)
[3] نهل > نڙ > نيڙو - زاهير

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڪونڙو چنيسر داسڙي ڪئي. نہ تہ چامر ڪئين جي مقداري هئي[1]
هن منڊ وڙي هير رانجهوءَ ڪؤن. جنهن جي جوشن سان جناري هئي
[مارئي مارئسان ڏار ڪري نيئي عمر ڪوٽ قراري هئي]
پر عدل عدالت اهلت ان جي. تنهن تي ڪا گلڪاري هئي (ڪذا)[2]
ليلئ ڪارڻ مجنونءَ جي برن منجهه بيهاري هئي
سنج ڪٽيو پٽي ٽي، سير پرسهڻي. جنهن درياهه پر ڏمڪاري هئي[3]
حسين جي محمد اشرف چئي. پرورس پچاري هئي
جن جي ڪلسي ساڻ قراري هئي. سي ويجي مليا محمد چامر کي.

سنڌ جي سدا حيات سگهڑ سانوڻ به هن قافيي تي بيت ٻڌن. جيئن ته سانوڻ جو حقيقي اُستاد ڪبير شاهه آهي. انهيءَ ڪري هي بيت ڪبير شاهه جي بيت جي تتبع سمجهڻ گهرجي:

آڳ اندر جي ڪيئن اجهامي. جا باهه باروچل ٻاري هئي
ڪهل ڪوهياريل ڪانه پيئي. شت ڏوهڻ ڏيءَ جا ڏاري هئي
گڏستي هئي جوڙ جانب سين اوٽين ڪين اُٽياري هئي
ننڊ نياڳي نيو نيهوڙي. جانگن تي نہ تہ چاري هئي
آڏي رات اُٽي ويا پر اُسورءِ اونداري هئي
ڏوهڻ اتي ڏوڙمٽي. بروسائي جا واري هئي
نينهڙو لايو اکيون اڙايو. وچ پر جا چاري هئي
حال محرم هوت مئي جو ساڻي ڳالهه ساري هئي
ننڊيِ هوندي نهين لڳو يار پنهون سان ياري هئي
چپر پر آءٌ چولون ٽيس ڪا لڪئي جي لاچاري هئي
سرهي ڪريو ها سانوڻ چئي نہ هي خان اوهان سان ڪاري هئي
پير پيادي پنڌ گهٽو پيو منزل جا هيءَ آماري هئي

---

[1] ڪئي يعني مشهود ڪئي
[2] اهلت - اهليت
[3] سنج - سامان. اوزار. سنڌ. سلح

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جبل مان سان جاڙون ڪيون ذات زور اوڍ زاري هئي
سڪ پٽي سون سڪ ڪيو نہ تہ اولين چا اختياري هئي
پنهل ڳالهہ پاري هئي پر ڏيرن تي منهنجو ڏک رهي ويو [1]

انهن بيتن جي پران وري لس ٻيلي جي شيخ گهراٽي جي موجوده سگهڙ شيخ عثمان بيت ٻڌو آهي تہ:

آڳ اندر جي ڪين اُجهامي. ٻاروچل جا ٻاري هئي
آءٌ ستيس سيج پلنگ تي. قاتل ڪيف قراري هئي
ان سنجهو ڏاري ساٿ پلاٽيو. آءٌ هوت نہ تڏ هوشياري هئي
ناتي پنهون ڪئي پير مانڪان. پر ڪارج نند مان ڪاري هئي [2]
چاڙهي آرياڻي اُڻين ويا جنهن سان يڪدل منهنجي ياري هئي
هوشياري تي جان مان هٽ هٺان. هن ڪيڏي مهل قطاري هئي!
هاڻي پيٽيون شهر پنهور برمانڪي ورهيہ رات ونهاري هئي [3]
منهنجو قلب نہ وندري ڪيچين ريہ ڏکن دل مان ڏاري هئي
هاڻي رند پوان تي روڏن جي. مان گورن ساڻ گذاري هئي
جهوتا ڏينديس جبلين برايءَ مونکي ڏيرن ڏيج ڏياري هئي [4]
اچي تڏ آءٌ اوچتي تي منهنجي ميار جي ياري هئي [5]
رات گذاريم رڄ برجت پون گهٽي پئي واري هئي
تت چيٽين. ٻانهين چڪر منڊيو منهن جي ڏينهن تي مداري هئي
صبوح اتي سويرو مان پاڻ هلڻ هاري هئي
سوڏي آيس سنگهر برتان رڌن جي رڙڪاري هئي

---

1 هي بيت محترم طالب لوهار کان مليو
2 "نند مان ڪاري هئي" مان يعني آءٌ يا مونکي
3 ونهاري يعني وهائي
4 جهوتو- جهوتا - جهوت- جهوتون
5 منهنجو ڀورو (نشن).

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پانتم پڑ کي پيس پهر جي مان اها سمجهه ساري هئي [1]
تان اچيندي اچو ڏئر جنهن جي بدشڪل بدڪاري هئي
پندي تنهن پنهور کي مان ڏپ گهٽي ڏيجاري هئي
سواچي ڏوڙي اوڏو ٽيم. تڏهن مان دانهن ڪئي درپاري هئي
بچاءِ هن بدوءِ ڪان. اي ءِ زبان تي زاري هئي
قادر سا قبولي. منهنجي پردي پت پاري هئي
پوءِ زاري ڪيم زمين کي. تنهن مونکي جڳهه ڏني جناري هئي
آءٌ پئي ويس پاتار ۾. جت هنڌ حويلي هزاري هئي
پر ذرو گندو ظاهر رهيو سو تنهن ذ بيهي ديداري هئي [2]
سواچي پلڪ ڪنڀڻ پنهور لڳو. تنهن مٿان بيحد ڏاڪ بيهاري هئي
تت پنهون اچي پاڻ رسيم جنهن سان پرت گهٽو مان پياري هئي
تنهن اچي پچيو زود پنهور ڪنان. ڪيئن چپل مٿان چاري هئي [3]
ته چوتو ڏنار نهارين ڏرتيءَ ۾ءِ. تڏ اچي ڪئي اظهاري هئي
ته: ڏکا ڪيندي ڏٽن سين. ڪا مونکي ڏاتر ڪنوار ڏيکاري هئي
سا چوڪر ڏيام چيرين جا زال بہ زينت واري هئي
سا دختر ذيءِ ڏرتي هن ڀگانپ ڪري هت ڀگاري هئي [4]
آءٌ ناريان نہ لهان نينگر سا. مونکي جنهن جي محبت ماري هئي [5]
تنهن کي حورون پسيو حيران ٿين. مونکي تنهن جي حيرت هموار هئي
تان چئي: پنهور پچي پري ٿي. مان ٿي اها نينگر ناري هئي [6]
هاڻي ڪيچ ڏٽي ڪاهي رسيا. توکي پنهنجي ڪر ڪاري هئي
تڏ اچو پگهو عثمان چئي. مان پي حق حقي حقداري هئي

---

[1] پانيءَ تہ ڪنهن ٻهر يعني ماڻهو جي وجهو (پوڙائا) اچي پئي آهيان
[2] يعني گندي ٻوتي ظاهر رهي
[3] چپل - پلڪ
[4] ڀگانپ ڪري - ڀگوانپ ڪري قرب ڪري
[5] ناريان - نهاريان
[6] ناري يعني نهاري

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پسوءِ گهڙي آيو غار ۾ جنهن لاءِ ڏوري مون دل ڏاري هئي
مونکي جنهن جي حب هنياري هئي سواڇي تيڙم ساڻي کاڌ سنگهر ۾ [1].

شيخ ابراهيم ٻيلي جو رهاکو هو ۽ شعر شاعريءَ جي ڳاهه جو ڄڻ
ميڙهي هو جنهن سان ٻين ٻاهرو شاعرن وقت بوقت اچي ٽي ڪلها ڏنا.
ڪبير شاهه سنڌ ۽ ان ڪهي اچي شيخ ابراهيم سان مقابلو ڪيو ۽ عام
شاعري جي مشاعري جي هن نيڪ رسم جو بنياد وڌو. هي رسم ٻين لاءِ به
مشعل راهه بڻي. ڇون ٿا ته عيدن شاهه نالي هڪ سگهڙ شاعر. جو شايد
سنڌ جو هو (؟) سو به شيخ ابراهيم وٽ هلي آيو ۽ پنهنجي سگهڙپائي
جي هيٺين عجيب، سوڪڙي اچي پيش ڪيائين ۽ شيخ کان ان جو بديهي
جواب طلب ڪيائين. عيدن شاهه بيت ڏنو ته:

ڏڙ ڏک. ڏونگر. ڏهلا. ڏنيون. جت ور وانڻون ۽ ونگ
ڏک. لٽ. لک. لاهوڙ لکيون. اوڙاهه جت اڙنگ
ٻل. گل. گهڻ. گهن. گهوپا. گهٽيون. جت دم دورون ۽ دنگ
بانڊ. ڪابڙ. ڪهري. ڪمري. ڪان. ڪبوتر. ڪنگ
ٻر. ٽر. مر. ٻيڊيون. جهر. جهولا هي جهنگ [2]
مها. مکڻ. ڪٽ. ڪاروڙا. جت ڏيل پکوئن ڏنگ
عشق جا عيدن شاهه چوي ات لڏا ٻانڍ ٻنگ [3]
سا سڃائين سنگ. ميان معذر ميلين [4].

واهه عيدن شاهه واهه لفظي پوڄ ۾ چيهه ڪري چڏيائين. جهڙي
تهڙي شاعر کان انهيءَ پران بيت طلب ڪرڻ جڻ ٻهرن کان هير گهرڻ ٿئي
ها.... پر شيخ ابراهيم ٿيڻ ٿهه جواب ۾ بيت ڏنو ته:

جر. مر. ٽر. ڪر. ڪڪر. ڳڻ ڪيترا جت جهول جبل جهنگ جهر

---

1 هنياري - هنڌين واري
2 ٻڌيان راوي: جر جوڙاهي
3 ۽ ان ۾ عيدن شاهه چوي سنڌا ٻانڍ ٻنگ
4 ٻڌيان راوي: ساهه سڃائين

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پت. رت. گهت. وڻ. وٽ. پٽيون جت ونگا واٽن ور
جل. جبل. کوهه. روهه. رڄ گهڻي. جت ڏينهن تتا ڏونگر
کوريون. هيريون. ککريون. ٿر ٽمڀچا. ٽوهر
کار. سنيا (يا سنهار). سرنهه. ورنهه. سکا ساوا سر
باغ باغيچا برن ۽ باس موچاري بر
سو. نور. ٽونڊڙا. جت هڪا خرگوش ۽ خر
بانڊ. کانڊ. کبوتر. کوئلون جت کڏيو کن کوکر
سرڙ. سوچانا کيترا جت هوا پپوهل پالير
مور. تلو. عقاب اُتهين. ٽا ڦرن ڪاڙها هر (هرڻ)
سي پٽئون پتين براهر چئي سندا هانيڙ ٻر [1]
هن پورئي جا پنيور ۽ وڏا هٿا وڇر [2]
سي سيپ ويچاري وساريا هلي باسي بر [3]
سيوڻي سج ۽ هوءَ ٽي ور لئي ڏئي ور
سا سئي منجهه سڳر. ميان معذور ميلين [4]

عيدن شاهه جي بيت جو جواب هوئي ڪوند پر شيخ ابراهيم شاعر هو تنهن جو لاجواب جو جواب جوڙي ڏنو. شيخ ابراهيم کان پوءِ اها مٽيا منگتي شاعر نه ٻ پٽي ۽ پيلي جي شاعري ۽ سگهڙپائي جوجهنجهو سندس هٿ ٻ آيو. شاعراڻ مقابلو ۽ مناظرو بدستور جاري رهيو ۽ شاعري جو عام ذوق ويران ويو وڃيو. چون ٿا ته موسو ڪنيار ائل شهر جو [5] ويٽل

---

1 هيٺين حوالو نمبر 2

2 هن مختلف روايتن جون پڙهٽيون - اسان پنهنجي کي مناسب سمجهي جمع ڪيو آهي.

3 بقول روايت: هلي ڪهوڙي گهر. "سير ڪوهستان" ۾ هن بيت جي ڏنل روايت ۾ هن موقعي جون هيٺيون ستون وڌيڪ آهن جن جي تصديق پيلي ۾ نٿي سگهي:

ويس وڃا سرتين چا. اتي ٻيلي ابچر
ڪمي. ڪسبي تنهن جا تا زر گهڙين زيور
هل ڏل هندورا هنڌ ٻيا محل ماڙيون ۽ گهر
سينهن. سيونگ. مک گهٽا وٽن موڪ مچر

4 ۾ روايت "سير ڪوهستان": سا سستي منجهه سنگهر - الخ

5 هي روايت صالح محمد مگٽهار کان شهر ائل ۾ ملي. مگر بقول سندس سوٽ. سگهڙ علي محمد

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هوءِ نہ جو همعصر ۽ هر شهر شاعر توڙي شاگرد هو. هڪ دفعي استاد نہ جي آڏو ويهي چيائين تہ: نہ!

"جي حجت هلائين. سي ڪافين رسن ئي ڪينڪي!"

بہ ٻڌي ڪٿي مات ڪئي. مگر موسي کي تہ شاعر نہ ڪان هن مشڪل مسئلي جو جواب وٺڻو هو سو وري ٻيو دفعو بہ شاعر نہ کي مخاطب ٿي چيائين تہ: نہ!

"جي حجت هلائين. سي ڪافين رسن ئي ڪينڪي!"

نہ وري بہ ٻڌي هاڻو ڪري ڪٿي مات ڪئي. مگر موسي کي ڪٿان مات اچي- هن تہ الائجي شاعر نہ جي پرکا لاءِ الائجي پنهنجي تسلي لاءِ ٽيو دفعو بہ سوال پيش ڪيو جو جو هي؛ مسئلو برابر نازڪ هو. يعني تہ محبت ۾ حجت ڪيتري قدر روا آهي:

سنڌ جي شاعر حمل تہ صاف فيصلو ڪيو آهي تہ:

"حمل حب جنهن دي تنهن نال حُج ڪيهي. جو پالڻ پرت ضرور پئي"

شاهہ صاحب تہ اڳيئي چئي چڪو آهي تہ "حجت حبيبن سان ڪاڻيارين ڪيئن ڪن." تحقيق! ڪاڻ هوندي ٻلا آڻ ڪهڙي! مگر جو ڪاڻ ڪان آجو آهي. جنهن جي محبت جي ماڻ ۾ ڪاڻ آهي ئي ڪانہ جنهن نفساني ارادن کي الاهي ارادن جي تابع ڪيو آهي. انهي عشق واري جو آروءِ انهي حب واري جي حجت بہ مقبول ٿي سگهي ٿي ڇو تہ "الااِن آولياءَ الله لاخوف عليهم وَلاهم يحزنون"- (تحقيق الله جي پيارن کي ڪوبہ خوف ڪونهي ۽ نڪي هو غمگين رهندا). احزن پلازن جا آراءِ حجتون مولىٰ بہ ڏيڻ تي. مگر حجت هلائڻ واري مرتبي تي پهچڻ لاءِ بہ ڪيئي منزلون طئي ڪري وڃي مولىٰ وٽ مقبول ٿين سيئي ڀل حجت هلائين. موسىٰ جي سوال جو اهوئي هڪ علمي ۽ عقلي جواب هو- پر الائجي، موسىٰ انڌي؟ متعالي کي سمجهي سوال ڪيو يا انهيءَ کي

مڪمل: شاهہ جو رسالو، ڪان هي سوال يارهون ڪيو ۽ نہ موسي ڪنهار.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سمجهڻ لاءِ. مگر مقصد هوس ته نه جيڪڏهن شاعر آهي ته انهي جو ضرور ڪوٺه پڇه جواب ڏئي. سو وري ٻيهر چيائين ته: نه! "جي حجت هلائين سي ڪافين رسن ئي ڪينڪي". ٽئين دفعي تي نه موسي کي مخاطب ٿي قافيي ۽ قافيو ملائي چيو ته:

1. پر نياز سين نه چوي جي پرت پگهه پائين
رکي محبت من ۾ جي پتو پچائين
صحبت سپيرين جي جي روح منجهه رچائين[1]
ڪڍي ڪچ قلوب مان جي سائين ساراهين
سندرو ٻڌي سچ جو جي توڪل تڳائين
ته سيئي ساڳائين. وڃي پيڇرو پريت جو.

واهه نه واهه! لک جو جواب ڏيئي چڏيائين ته جو اهي منزلون ٽڙي ڪري ۽ اهي شرط پورا ڪري ته اهو حجت هلائيندي به وڃي پريت جو پيڇرو هٿ ڪندو ۽ ڪافن ۾ به وڃي ڪوهيارل کي رسندو. مگر نه ڪو رڳو سوال جو جواب ڪوند ڏيڻو هو مگر موسي کي مات ڪرائڻي هئي سو اڇي پنهنجي شاعرانه پلٽ ۾ پيو ۽ ٻيو بيت ۾ بيت ملائيندو ۽ حب وارو جي يادگيري ۾ پنهنجي حب جو حال اوريندو ته:

2. پيڇرو پريت جو ساڳائين سيئي
رکن مولن ۾ رهاجهه منجهان ٻيهي
روزو رکن روح مان پنهنجي تن توڙي
الله اهيئ. ڪر انعامي احسان سان.
3. ڪر انعامي احسان جان اُهي ڇن انسان[2]
وسرن ڪين وجود مان موڪي محب مدام
انهي ڄاڻ جي عشق ۾ ٿو منهنجو ترسي من تمام

---

[1] راڻهائين
[2] جن = لين

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پرت پرين پيغام مون ڏي مهر منجهانئي موڪليو.
4. مهر منجهان ئي موڪليو پرزو پاڻ پرين
سولڻندي ڏک سڀ ڏور ٿيا جو آيو عجيبن
سوڻي مون وانچيو سندو سپرين
خوش من خوب ڪلائيو سو سڀي سڪ سندين
اهي شال اڇن. مون وٽ آڳي جي احسان سان
5. آڳي جي احسان سان مون گهر ايندا شال
ويران وجود ٻرندن سڪ سنيال
نيڻهن لڳي تان. نر چوي، ساڻون ٽين سال
جي منهنجي جيري اندر جال. سي ڪنديس رهائيون روح جون.
6. ڪنديس رهائيون روح جون جي منهنجي ارواح منجهه آهين
مون تي مهرون مهر سنديون شل پاڻ پرين پائين
دوس دلاسو دلبر دل کي درسڻون دلائين
اپر عشق اکيين ٻرجي تان محبت ملائين
جي خوش من ڪلاڪين. سي آهن پورا پاڻ پريت ٻر.
7. پورا پاڻ پريت ٻر پت سندين پوري
ورن گين وجود مان منان محب موري[1]
چڪيائون ڇهر جي ڪاڇت چڪي چوري
مون سان دليئون دهه ڏوري، الله لڳ اڇي ڪجان.
8. الله لڳ اڇي ڪجان پنهنجي اڇ سندا احسان
خاصا خط خوشي آمان منهنجا مينهڻن پرين مهربان
پرمان پريت جا چڱا باب بيان
اوهان منجهه گهٽ ڪان. سڄڻ منهنجا سونهٽا.
9. سڄڻ منهنجا سونهٽا. سندن سونهن چڱي سرخائي
ڪڪ جا سهڻي بولي صحبتي ٻيا سهڻا سڄائي

---

[1] موري - موران ٿي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سيٺا ڏند ڏاڙهون ڪئن اکرا. سهڻي لبن لالائي
سيٺون ڪ نرار سهڻي چشمن چگائي
سيٺو ڪنڊ قريب جو سهڻي سچي سيائي
سيٺو سينو سڃڻين سهڻي بت سچي برسائي
جن جي سيپ پر سهڻائي. سي مولئ سونڪي ميڙين.

10. مولئ مونڪي ميڙين دانهن دلبر يار
اکيون عجب تنهنجون ٽيون ڪڙن منجهه خمار
منهن مهتابڻون اڳرو ڏند ڏاڙهون پار
بت سڃوڻي بنيون جڙيو منجهه جنهار
سائين لڳ ستار ڪ مون تي نيهن جو نظر نمرچوي

اتي موسي دانهن ڪئي ته: سائين بس بس! نمرچيو ته: موسيٰ بس نه ڪرين ها ته اهائي الهندي اهائي اپرندي

هي، هو شاعر جو ذوق ۽ هي، هو شاعري جو شوق! هڪڙن پئي شاعرن جيّ پرکا ڪئي ته شاعرن پئيّ انهن کي پنهنجي طرفان تسلي ڏني. نمرجي مٿين پلٽ ۽ نڪتچين نقاد کي شايد تڪلف ۽ تڪرار نظر اچي مگر سمجهڻ لائق نڪتو هي، آهي ته نمر شاعر. خيال ڪري هي بيت ڪين جوڙي هڏايا مگر ويو ٽي زبان وهائيندو. اهي بيت سندس برجستي ۽ بديهي طبع جو نتيجو آهن.

موسي ۽ نمر جو هي مناظرو خاص اهميت رکي ٿو. هي گويا موجوده رنگ جو هڪ مشاعرو هو جنهن ۾ هڪ ست مصرع طرح پيش ڪئي وئي جنهن تي وڌيڪ بيت هڏا ويا. مگر هي مصرع طرح وڌيڪ مشڪل هئي چو ته هن تي نه رهگو وڌيڪ بيت گهربل هئا مگر ست جي معنيٰ جو راز سلجهائڻو هو ۽ مطلب ورجائڻو هو.

چون تا ته پئي هڪ سگهڙ شاعر نمرجي آڏوهي ست پيش ڪئي ۽ ان جوجواب گهريو:

چشمن جي چپول. تون ڪنهن ڪڻ سکئين سپرين؟"

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

شاعر نمر جواب ۾ چيو تہ:

اچي آڪاڻي تي جيئن ٻڌي ڪوري ٻول
تيئن پنهنجو روح گڏيائون رب سين ان جا ڪچن ڪين ڪچول
چشمن جي چپ ول آءٌ بہ ان کان سکيس سپرين.

انهيءَ تي پچندڙ وري ست تيرائي پيش ڪئي تہ:

"چشمن جي چوري۔ تون ڪنهن کان سکئين سپرين؟"

شاعر نمر وري بہ بديهي جواب ڏنو تہ:

اُن ٿئن عجيبن جي جهجهن ۾ جهوري
هٿي نينهن جو نڙو نمر چوي جيئن ڪپڙ کي ڪوري
چشمن جي چوري آءٌ بہ ان کان سکيس سپرين.

شاعر نمر جي وقت ۾ شاعري جي عام ذوق جو مثال هن کان وڌيڪ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو. جو انهي وقت نہ فقط مردن مگر سگهڙ عورتن ۾ بہ شاعريءَ جو مذاق موجود هو. سگهڙ راوي ڪريمداد وارن جو سناسيائي پاڙو اصل ڪان سڪهڙن جو گهر هو. هن قبيلي جون سگهڙ ۽ سڄاڻ مايون شاعر نمر سان صحبتي هيون. هڪ ڏني هڪ نئن جر پاڻي اچي سناسيائي پاڙي کي پائڻ لڳو. ڪريمداد جي امڙ اچي شاعر نمر سان حال اوريو جنهن تي شاعر نمر دعا گهري ۽ چيو تہ:

پرجو بڻ ڇڏيءِ پاڻي ون ۽ پري
خاوند ڪيٽ پريءِ ٿين سناسياڻي سنرا.

هنن ماين ۾ مٺيا هئي. شاعر نمر جي اکين ۾ ڪو ان وقت عارضو لڳل هو. سو ميان ڪريمداد جي پيڃ کي چيائين تہ. مائي دعا ڪر تہ منهنجو درد دفع ٿئي. انهيءَ تي مائي دعا پنندي چيو تہ: "تيو نور سائو نمر جو ڪيائون ڪجل ڪارائي" ۽ وري چيائينس تہ: "امل هانئي اڳرا تيا ڇڏي رڻ جهڙ رتولن." هي بہ چوٽيون موزون سٽون ثابت ڪن ٿيون تہ ان وقت شاعري

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جو روح هر سيني ۾ ساري هو.

شاعر نئين بعد ۾ پيلي جي سگهڙن هن شاعرانه مناظري جي رسم کي جاري رکيو. جيتوڻيڪ منجهانئن کوڙ شيخ ابراهيم يا شاعر نئين وانگر نالي چڙهيو ڪونه هو جو ڪو پيو اڳي ساڻن مد مقابل ٿئي مگر پنهنجو پاڻ ۾ هنن سگهڙن ۾ واهه جي پيٽون ڪيون. سيد احمد شاهه بيت چيوتو:

روءِ ٻروءِ رسڻ جي وائي هوت مَروار
محب مٿاڪر مارڪا پر اهائي پار
رک سچائي سيد چئي ڪٿي ٽيڻ نهار
دم نه ٽيءِ هڪ ڏار هج مون سان گڏ منهنجا پرين.

انهيءَ بيت جي پيران واري نوت نالي هڪ بلوچ بيت ڏنو تہ:

روءِ ٻروءِ ڏک ڏمرجي مونکي هولي تان مَرهٽاءِ
پلڪ پيهل پانهنجا ڪٽندي نين ڪلاءِ
گهونگهٽ گهورو دل مان ڪٽ ڪيي تون لاءِ[1]
منهن سينو محبوب پرين آڻي اسان سين اڻڪاءِ
ايءِ پاري پرت پچاءِ. ننگ جي نوت بلوچ چئي[2]

انهيءَ جي پيران واري سگهڙ شيخ سائينداد هي بيت هڏو تہ:

---

[1] لاءِ - لاهه

[2] هي بيت هوبهو اسان شيخ سائينداد جي ڪتاب تان نقل ڪيو آهي. ميرپور ماڪري جي سگهڙ ميان حاجي محمد سوڍي هي بيت شاعر نئر جي پانتين (صبح پوڻي) جي نالي هڏايو تہ "پاري پرت پچاءِ محبت جي منهن جوءِ" اسان شيخ سائينداد جي روايت کي ترجيح ڏيون ٿا. سگهڙ ميان محمد سوڍي هنن بيتن جي پران محمد نواز نالي شاعر جو هيٺين بيت هڏايو. هولي مان پانڌجي تو تہ محمد نواز به شايد پيلي جو ڪو شاعر هو جنهن هن عام مشاعري ۾ ٻهرو ورتو.

روبرو رسڻ جي هاڻل جڏ اُبڪار
ڪيي چڏ ڏلب مان تڪبر جا تڪرار
مار م مشتاقن کي سجڻ سهابت يار
اڄي مل عجيب پرين محمد نواز چئي متار
ٻاڌهي سيڪاريئي پريت جا اسان کي آثار
دلبر دليئون يار ڪوڏي دلاسو دلگير کي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

روءِ بروءِ ڏک ڏمرجي مونکي ٻولي تان مرهڙاءِ
ڪرنگا نين قريب تون ڪنڌ دوست ٿئي دلجاءِ
عين اُدگن، مک ماهه جيئن، اهڙي صورت سونهن سنديائءِ
آءٌ اپر عاجز آهيان تنهنجي دلبر ديکڻ لاءِ
وسرن ڪين وجود مان جي ڪامل قول ڪياءِ
تنهنجا چمن ٻهوت ڇگا جيئن ڇيهه ڪري چمڪاءِ
دوست! سندءِ ديدار جي مونکي عجب اکيد آهه
سنگين پرين! سائينداد ڇئي، توتان صدقي صدقي ساهه
مٺي ساکي ساءِ، تنهنجي سونهن ڏسڻ ۾ سپرين
انهن جي پران وري شاعر وري گڏي بيت هڏو تہ:
روءِ بروءِ رخ رمز رهاڻ سين مک کولي محب هڏاءِ
سوڙا دوست سنگين پرين آهي تن کي دلب سنديائءِ
افضل مل انجام تي جي سچا سخن ڪياءِ
نازڪ ڪج ڪانينهن جي جا منهنجي دوست ٿئي دلجاءِ
اي جاڪياءِ وندر وريو ڇئي، سي پانيان پال سنداءِ
منهنجي عيد اکين کي آهه، تنهنجي سونهن ڏسڻ سان سپرين

هن ذوق شوق جي مسلسل ترقي سبب هن آخري دور ۾ به مشاعرن ۽ مقابلن جو چرچو عام ٿي ويو. شاعرن جي هن پوئين گروهه جو وري هيو به هڪ مشاعرو ٿيو جنهن جي روايت آسان تائين شيخ سائينداد واري ڪتاب ذريعي پهتل آهي. هن مشاعري ۾ سگهڙ سائينداد جو وڏو هٿ ۽ حصو هو ۽ هن سگهڙ پنهنجن ٻين عزيزن جي طرفان به پاڻ ويهي بيت جوڙيا جي ڏيکارين تا تہ ان دور ۾ جيتوڻيڪ شاعرن جو تعداد گهٽ ٿي چڪو هو تہ به مشاعري جي وندر ورونهه کي ڪن نالي وارن سگهڙن اڪيلي سر به پڻي نباهيو. اصل ۾ هي به بيت سيد احمد شاهه جوڙيا هئا تہ:

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

1. وڃون ٿيون ورکن. ڏس عمر اسان جي ڏيهه تي [1]
ڪئي آنءُ کوهه تان تنهن جو ڪوڪ ڪِڄئين کاکن [2]
مارئي ماندي جن ري سي ڪونڊن ڏي ڪرکن [3]
پنهواريون پيرن مان چونڊيو ٿيون چرکن
هوجي ونگ ٻڌيو ورکن. تن ويڑهيچن ويجهي ٿيان [4]

2. اڄ پڻ بوند بحال. ڏس عمر اسان جي ڏيهه تي
هت دم ڏڻبين ڏاران آءُ ساعت پانيان سال
ڏينم رضا رخصت راڄيا جان چاريان ماروئڙن سين مال
آکو احمد شاهه چئي شرف رکي منهنجو شال
هوجي محب مٺا متوال. تن ويڑهيچن ويجهي ٿيان.

هنن بيتن پران وري گڏي بيت ٻڌو ته:

اڄ پڻ بوندو برسن ميرا. عمر اسان جي ڏيهه تي [5]
ڏونئرا. چيڪ. ڏڻ سيوئي چونڊيا ويڑهيچن ولير [6]
ڏڪونرو ڏهي. ڏڻ ڏيهه ٻروٽ پنهوران پنير
اوءِ ويڑهيچا وريو چئي. آهن سائو سرت سڌير [7]
هوءِ جي مارو پاس مليرا. آءُ تن ويڑهيچن ويجهي ٿيان.

انهيءَ جي پران [8] وري سکهڙ سائينداد ٿي ٻڌايو. لاڳيتا پنهنجن ٽن پٽن ميان غلام حسين. نظر محمد ۽ خدا ڏني (عرف عبدالحليم) جي نالن تي ٻڌايو ته:

---

1 ورکن - پيرا ڪن
2 ڪوڪ ڪڄئين - ڏانهن اوناڙ.
3 ڪرکن - نهارن تانگهين.
4 ورکن - پيرا ڪن. ونگ - ڪٻاٽ [؟]
5 برسن - وسن.
6 چيڪ - جهل جي ٻوڙي جوڀ.
7 سائو - لڄائتا. خيرتمند نيڪ
8 اسو مينهن پالاري جا بيت (باب يارهون) جي پڙهن موقعي ۽ مشاعري جا ٽاڪ پائنجن.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

1. اڄ وڃون ٽيون ورسن. ڏس عمر اسان جي ڏيهه تي [1]
ڪر قيد نه ڪامل راڄيا نرمل نمائين
هت پٽ پٽيهر پارچا. هت لوهيون لال لڳن [2]
هت آما ليما انب وڻ. هت ڪانونبا ڪاڇن
هت مٺايون ۽ مربا. هت پيرون جام پڇن
هت ڪباب ڪليا. هت آٽيو ڏڻ ڏين [3]
هت شربت شير شراب جا هت پنهور دود پين
آ، هت گهاريان گڏ غلام حسين چئي عمر اباڻن
هوءِ جي ريلن پاس رهن. تن ويڑهيچن ويجهي ٽيان [4]

2. اڄ بوندون برسن ميهر. ڏس عمر اسان جي ڏيهه تي
هُت ڪين ڪاتونيا خوشي، سين ۽ ڪليو پين ڪير
هت هوءِ واڳيون ورن سين سرهيون منجهه سرير [5]
آ، هِت عرڪ ڪوٽ ۾ هُت مارو منجهه ملير
ڪڍ بندياڻي بند مان بي ڏوهي بي تقصير
تنهن تان لاهه تون نيهر نظر محمد چئي ڪڙا قيد ڪبير [6]
هوءِ جي پين پاڪ پنير. تن ويڑهيچن ويجهي ٽيان.

3. ڇيهه چمڪ چوڏاري، ڏس عمر اسان جي ڏيهه تي [7]
برق بجليان بيحد ڪري مٿي ميگهه ملار
ڪين وهندیس ڪوٽ ۾ هڪ دم ڏٺو لبين ڏار
ڏي موڪل مارن کي ملان سومرا سردار

---

1 ورسن - برسن - وسن.
2 لوهيون - لوبيون.
3 ڪباب ڪليا - بهڪين جا ڪباب يا پجايل بهڪيون (عربي ڪلي - بهڪ).
4 ريل - ريلون - زمين جو سنيون پٽيون - گاهه جا ميدان.
5 واڳيون - واڳيل - ڪڏوڪڙ.
6 نيهر - نير.
7 ڇيهه - ڪٽوڻ.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

وڃا ميڙهن ملڪ تي تيا گاهه چگا گلزار[1]
ڪيندين هُت ڪيت سين لال پڪا ليهار[2]
تنهنجي ڪٽن مان خدا ڏانو چئي ٻجهن چا ٻڪرار
جي ريلين پاس ريڍار، تن ويڙهيچن ويجهي ٽيان

جڏهن سڳهڙ سائينداد اهي بيت ٻڌا، تڏهن شيخ الله ڏني جي پاڻ ملي هي بيت ڏنو ته:

اڄ پڻ ٻوندون پير، ڏس عمر اسان جي ڏيهه تي[3]
وڃون وڃڻ آئيون ٽيون ڪٽن منجهه ڪکر[4]
ڏوڏو اسان جي ديس هر پڻ ڏهيين جا ڏمچر[5]
وڃا ميڙهن ملڪ تي ڏس اُٿي آڄ، عمرا![6]
ڪُلو پاڻي خوشي مان پيئن هت پنهور[7]
آهه مارن ملندياس منو چوي جيل ۾ لهنڊم جر[8]
هت سرتيين جي سڳهر، شال ويڙهيچن ويجهي ٽيان[9]

انهيءَ پيران وري شيخ الله ڏني بيت ٻڌو ته:

اڄ پڻ ٻوندون پير، ڏس عمرا! اسان جي ڏيهه تي[10]
وڃون وڃيون وطن تي، هت ڪاملا وهندي ڪير
ڪڏهين قبوليون ڪينڪي جي ڏين سونن توري سير

---

1 تيا - ٽيا
2 ليهار - ليار
3 پير - لاڙو
4 وڃڻ - ليرو ڪري گهمڻ ڦرڻ - تيش سان چمڪڻ
5 ڏهيين - گوڙين
6 اڄ اُٿ - اوٺ اُٿ، اڄ ٽيڻ
7 ڪلو پاڻي - ڪليل پاڻي ميٺن جو، بمقابل "ٻڏو پاڻي" کوهه جو
8 جر - جيڪر
9 سڳهر - راهه پيجرو
10 پير - نمونو لاڙو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

عمر هت لڏو چئي. مونکي آهي چڱي هٿن هير
سرتين گڏ سويرِ. شال ويڑهيچن ويجهي ٽيان.

شيخ ميان غلام حسين چيو ته: انهن بيتن جو اهڙو ته چرچو پئجي ويو جو اسان جي والد ميان سائينداد وري ٻين عزيزن جي نالن تي هيٺيان وڌيڪ بيت ٻڌا[1]. شيخ عمر جو سندس عزيز هوتنهن جي نالي تي بيت جوڙيائين ته:

اڄ پڻ بوندن بات. ڏس عمر امان جي ڏيهه تي
سي عمل ڪري اٽيون ڪيائون رمز ساري رات [2]
بجليءِ وسي بس ڪئي پردي ڦٽي پريات
سرهيون ٽيون سنگهاريون آهن ايها وائي وات [3]
آٽيو گهر عمر چئي. ڏڻ ڏيونَ ٽيون ڏات [4]
تن سرتين جي سات. شال ويڑهيچن ويجهي ٽيان.

وري پنهنجي پائيتي شيخ الياس جي نالي تي بيت جوڙيائين ته:

مارو ملڪ مليرِ هر ڪن لوهيون لال لڳن [5]
پٽ پرهيونکينکي اسين ڪي وجهون ڪنهنبن [6]
ٽوڙ توشو تن جو خوش ٽيو ڪيرِ پين [7]
ٻڪريون چاريون وجهون واڙيون گهمون سان گهٽين [8]

---

[1] اسان کي اهي بيت مٽين سان لاڀيتا قلمبند ٽيل شيخ سائينداد جي ڪتاب ۾ مليا ٻنا ڪنهن اشاري جي.
[2] عمل ڪري اٽڻ - حڪمت ڪرڻ، ورسان آٽڻ.
[3] آهن - اڻن.
[4] ڏيون - ڏين
[5] لوهيون - لوهين
[6] ڪنهنبو - ٻاڙهو رڪيل ڪيڙو.
[7] ٽوڙ - ٽوڻ - ٽوٽ. آيڪڏي هڪ وقت جي مانيءِ. توشو - سامان ٿمر: سندن سجي ڪالا پيٽ اها آهي. جو وقت تي خوش ٽي ڪيرِ ڇڪجي پوڻين.
[8] چاريون - چاريو واڙيون - واڙيو. چاريون واڙيو. ڪريون جا اڇار پيلي جو خاص محاورو آهي. ماضي معطوفي کي ادا ڪرڻ جو: چاري- چاريو- چاريون ڪريون - ڪريو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڳاڑها ڳاڳا. ڪريون پاڳا. ٻيا آئيون ڏار سندا ڏونئرن[1]
ڏي تون رضا راڄيا. ڪيڏ ڪان ڪيدن
ڪر عمر آجائي الياس چئي. ملان کي مارن[2]
هت ثابت سنگهارن. شل ويڑهيچن ويجهي ٽيان.

وري پنهنجي پوتي دوست محمد (غلام حسين) جي نالي تي بيت ٻڌائين تہ:

اڄ پڻ وڃون ويڙ ولهار. ڏس عمر اسان جي ڏيهہ تي
ڪيندیس آءٌ ڪيت سين لال پڪا ليهار
چوندبيو پاڳا. ڪريون پاڳا. ٻيا سندا ڏونئرن ڏار
ڏٺ ورهايون ڏوئيون سي ويڑهيچا وينجهار[3]
پٽ پرهين ڪينکي. ڪن ڪٽين منجهہ خمار[4]
سون برابر سومرا سڳڙا ٻدن سنگهار[5]
ديس منجهہ دوست محمد چئي گاهہ موريا گلزار[6]
پري ساڻ پتار. آءٌ وڃي ويڑهيچن ويجهي ٽيان[7].

هي، مشاعرو خاص طرح شيخ خاندان جي شاعرن جي پوئين گروهہ جي ذوق ۽ طبع جو نتيجو هو ۽ ثابت ڪري ٿو تہ شيخن ۾ جيئن شاعري شروع ٿي تيئن پشت بہ پشت آخر تائين هلندي آئي. هن شاعري جي "مصرع طرح" سيد احمد شاهہ جا چيل بيت بنيا. جو ڪبير شاهہ جي ڪڙمر جو آخري شاعر هو. اهڙي طرح آخري دور جي هن شاعري وري شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهہ جي ابتدائي مناظري جي رسم کي برقرار رکيو.

---

1. ڳاڳا - سڳرين جهڙو جهنگ جو ٿڌ ميوو. ٿڌ يعني پاڄي ڏوئين سان ورهائين.
2. آجائي - بند ڪان ڇوٽڪارو.
3. ورهايون ڏوئيون - ورهائن ڏوئين
4. پرهين - پهرين.
5. سڳڙا - سٽ جا سڳا جي ڪنن ۾ وڃهجن ۽ ٻانهن ۾ ٻڌجن.
6. ديسين - ديسن
7. پري - خوش ٿي - راضي ٿي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

شاعر جي منزل، مرتبو ۽ سندس شعر جو معيار

شاعريءَ جي عام چرچي سبب شاعرن جي واکاڻ ٿيڻ لڳي ۽ ماڻهن ۾ شاعر جو مان مرتبو به بلند ٿي ويو. شاعر کي پنهنجي شهرت، سان گڏ عزت به حاصل ٿي. ويتر وقت جي حاڪمن جو شاعرن کي نوازيو ته رعيت ۾ سندن عزت ۽ عظمت هيڪاري وڌي وئي. عوام جو شاعرن ۾ اڻڙو اعتقاد پڏجي ويو جو سندن ويساهه موجب جيئن ئي شاعرن جي زبان وهي ٿي تيئن ٿيو. شيخ ابراهيم جوهيليون بيت جڏ عوام جي هن اعتقاد جو آئينو هو ته:

سنهون ٻانهءَ مَرَسپ، آهي وهه وسير وات ۾ [1]
شاعر، پير، فقير کان ڏاڍا گهرجي ڊپ
ان جو اُدگو ائين اچي وڃي، جيئن قلم تراشي ڪپ [2]
هوءَ جي چورين چپ، ته چڪيائين چانگن کي [3]

انهيءَ عام اعتقاد سبب شاعر کي عوام جي خاص پذيرائي حاصل هئي ۽ انهيءَ ڪري هن بنا ڊپ سپ ڪنهن کي سچ چئي ٿي ڏنو. سگهڙ صالح محمد بيان ڪيو ته: برفتن ۽ جوکين جو جهيڙو ٿي پيو. جنهن ۾ برفتن جي صفر نالي مڱڻهار جوکين جي تعريف ڪئي. مون کانئس پڇيو ته: صفر برفتن جو مڱڻهار هو. پوءِ جوکين جي تعريف ڪيئن ڪيائين؟ انهيءَ تي صالح محمد سمجهايو ته: "شاعري جنهن جي جيتري هوندي اوتري ڳائيندا ۽ سچ ڪنهن کي سچ چئي ڏيندا." شاعر نر ڪوڙ قلات جي خان خدا داد خان کي سڏو سنئون چيو هو ته:

---

1 وسير - ڪارو واسينگ نانگ
2 اُدگو - اڏمو - ستو
3 هوءَ جي هوءَ ڪن پاراتا ڏين يا ڪاني هٿن ته مين کي به ماري وڃڻ يعني ته ڇنگن کي به ڏاهي وڃڻ يا جنگن کي جوکوٽڻي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سڻ نين خدادادا نمر چوي: ڳالهيون هٽ هجن [1]
پوروپاچاين کي سنئر سڄ چون [2]
هڪڙو خان خوار ٿيئين رسي کان راجن
بيونظر نادانيءَ جو وڏائي برهمن
ٽيو ڪپوت پيري ڪچي ڪيئي، ساڻ سردارن [3]
چوٽون تونگر تاج محمد کي هٿان ڪهايوءِ ڪتن [4]
لڄ نه پياءِ تن جي سندي نيائين
انهيءَ ڪوجهي ڪم جو توتي حاڪم حرف رکن
ان اڻانگي ڳالهه تان ويي رشڪت کي راجن، [5]
پاچا، پاچايون پنهنجون اهين ٿي اونڌيون ڪن
تون تان حاڪم ملڪ جو آهين سردار سين.. الخ.

واقعي شاعر جي هي، وڏي جرئت هئي. جو حاڪم کي به سڄ چئي ٿي ڏنائين. انهيءَ جرئت ۽ صريح گوئي جو سبب هي، هو ته شاعر جي پنهنجي حاڪم وٽ توڙي پنهنجي ملڪ ۾ راج پاڻ ۾ عزت ۽ پٽيرائي هئي. انهيءَ عظمت ۽ همت سبب لقب "شاعر" هڪ نهايت مهانگو مرتبو هو جو هر ڪهه ومهه يا هر مدعي کي نٿي ملي سگهيو. هر ابتدائي شعر چوندڙ جي شعور ۽ عقل جي عام جي آڏو پوري پرکا پئي ٿي. جڏهن سندس شعور هر ڳالهه ۾ پورو پختو ثابت ٿي ٿيو ۽ سندس شعر عوام ۾ مقبول ۽ مشهور ٿي ٿيو تڏهن ٿي کيس "شاعر" ٿي سڏيائون.

شاعر جو معيار نه صرف سندس شعر گوئي مگر سندس ذهني شعور

---

1 تين - ڳالهه هٽ - اوس- ضرور. هجن (هجڻ) - پڙهيون ٿين. هٽ هجن - اوس پڙهيون ٿين- ضرور ڪٽجن ڳالهيون
2 پاچايون - بادشاهن، سائنر - شاعر
3 ڪپوت هڪ خاص واقعو ڪجي هڪڙ - ڳالهه نه رکڻ- وهندو نه پاڻڻ- وفا ڪرڻ. ڪپوت واري واقعي مان مراد شايد 17- ڊسمبر 1857ع واري واقعو آهي جڏهن خان خناد داد خان جي ملاحڪار داروغي گل محمد ٻيلي جي سردارن جي ڪنب تي حملو ڪرايو.
4 تونگر - پهلوان. تونگر تاج محمد مان مراد تاج محمد ڍهري جهالاوان جو سردار.
5 وجي رشڪت الخ - خود خيال ٿي بغاوت ڪن.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

۽ عملي جاڻ بنجي ويو. اهو فيصلو ڪنهن سگهڙ هن مثال ۾ڪري ڏنو ڪيو ته:

"ننڍي وڏي ڳالهه جي جو نه سمجهي ٿ
شعر تنهن شاعر جا جهڙا ڳڏهه جا ٽڪ"

ننڍي وڏي ڳالهه جي ٿ ۽ پرک پيلي جي شاعرن لاءِ لازمي ۽ ضروري بنجي ويئي: شاعر اهو ٿي قبوليائون. جو باخبر هجي ۽ نه بيخبر. دهقاني شاعري جو هي؛ بلند معيار حقيقت ۾ "شاعر نر" جي عام صحبت ۽ عام اثر بعد قائم ٿيو. شاعر نر پنهنجي خداداد ذات سبب نه صرف شاعر هو. مگر وڏو سگهڙ به هو. سگهڙپائي جي ورڇ ڪيس سندس مگٽهار گهراڻي جي مليل هئي. انهيءَ ڪري هر پڇئي جو جواب پئي ڏنائين ۽ هر آڻ ٻڌي اڻ ڏني ڳالهه جي خبر پئي ٻڌايائين. نر سگهڙ به هوتہ شاعر به هو ۽ انهيءَ ڪري سندس طبع. ذوق ۽ ذهن ۾ "شاعري" ۽ "سگهڙپائي" گڏوگڏ سات ڏيئي وڃي چوٽي کي رسيون. شاعري ۽ سگهڙپائي جي هن غير معمولي ميلاپ سبب هن نظريي ۽ خيال جي هيڪاري وڌيڪ تائيد ۽ تاڪيد ٿي تہ شاعر اهو آهي. جو باخبر هجي. سگهڙ هجي ۽ ننڍي وڏي ڳالهه جي حقيقت سمجهي ۽ سمجهائي. شاعر لاءِ هي شرط نه صرف موزون هو بلڪ نهايت اٽانگو ۽ مشڪل هو. مگر شاعر نر پنهنجي خدائي ذات سبب هن کي ايترو تہ آسان ڪري ڏيکاريو. جو عام ماڻهن جو هن نظريي ۾ ويساهه ٿي ويو.

صالح محمد خبر ڪئي تہ سُنگر شيخ. حمراڻي شيخن مان هڪ بيت ڏيندڙ راوي هو. جنهن جي آڏو سنڌ جي خٽنگ نالي هڪ پٽ. هي؛ سوالنامو آڻي پيش ڪيوتہ:

الله جي الڪ جو مونکي سنگر ڏي سماءُ
تہ ڪٿي سي؛ سپجي. ڪٿي وهي واءُ
ڪيترا سير زمين جا. ڪيترا پاڻي پاءُ
طعام تنهان پوءِ کاءُ. اول ڏي مائت هن مذڪور جي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

شيخ سنگر هلي آيو شاعر نم روٽ ۽ اچي هڏايائينس تہ خٽنگ پٽ هيٺن چوائي موڪليو آهي. جنهن جو جواب تون ڏي. شاعر نم جواب ڏنوتہ: خٽنگ ڪوڙ تو ودي ۽ ڳجهہ تو ڳولي. ڳجهہ جي وٽس ڪهڙي خبر هوندي ڪيس هي جواب چوائي موڪل تہ:

الله جي الڪ جي، خٽنگ ڪا ناهي خبر
اهي آهن واءِ سي ۽ وجود جا. سندا هٽ هنر
تون تو ڳولين ڳالهيون ڳجهہ جون. حرص رکيو هر هر
ناري ناري نم چوي جي وڻ وڻ ڏٺين ور[1]
تہ به ادا انهي ۽ پنڌ کي ڪندي ناهي ڪر
پڙهي ڪنهن نہ پچائيا. اي ۽ علم سڀ اکر
مون تو ڪنا سکر. مٺا هٽي موتيا.

شاعر نم جو هي جواب. حقيقت ۾ لاجواب جو جواب هو. هن سوال جواب ۾ مناظري لازمي طور عوام ۾ هي ۽ خيال پيدا ڪيو تہ شاعر اهو جو هر ڳالهہ جي ڄاڻ ۽ پرک رکي ۽ پڇئي جو جواب ڏئي. اِهو نظريو ۽ خيال عام مشهور ٿي ويو. جنهنڪري ڪنهن بہ بي شعور کي شاعري جي دعوي ڪرڻ جي جرئت ڪانہ ٿي ٿي. سگهڙن ۾ عام جي انهي ۽ تنقيد ۾ نڪته چيني ۽ ڪان سواءِ خود شاعرن جو گروهہ بہ پنهنجي فني معيار ۽ مرتبي جي حفاظت لاءِ هميشہ هوشيار ۽ بيدار هو ۽ جيڪڏهن کو شاعر عام تنقيد کان وڌي اڳتي ٿي ٿيو تہ خود شاعرن سندس امتحان ٿي ورتو. مٿيان مقابلا ۽ مشاعرا حقيقت ۾ شاعرن هڪبئي جي آزمائش لاءِ کيا ۽ نہ صرف ورونهہ ۽ وندر لاءِ اسان هن آزمائش جو ايجان بہ هڪ وڏيڪ چئو دليل پيش ڪريون ٿا. هيلي جي شاعرن جي ٽئين دور ۾، جو نم جي شاگردن سان شروع ٿيو مگيو برادين پخته مشق شاعر هو ۽ ازانسواءِ شاعر نم جو شاگرد بہ هو. مگيي جو هڪ همعصر شاعر وريو گڏو پيدا ٿيو ۽ بيت چوڻ لڳو. مگيي هن ٽئين شاعر کي يڪدم آزمايو ۽ سندس امتحان

---

[1] ناري ناري = نهاري نهاري

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

لاءِ هيءَ سوالنامو موڪليائين تہ:

وڏي ڪال ورپا ڪين پچان تو. تول پچانءِ تو تي
ڪيترا فرض قرقان ۾. ڪيترا ڪلما لکيا ڪي
ڪيترا نالا نازل نبيءَ تي جبرئيل آندا جي
سي سلي ثابت ڏي تہ سچي تون سانئر آهين.

ورسي انهيءَ جي ورندي ڏني تہ:

موتائي مڪيي ڪي ڪو نيئي نياپو ڏي
تہ تو جو مسلو موڪليو ڪجهي ڳال ڳري[1]
چوڏهن سجدا قرقان ۾ تو صاحب فرمائي
سادين چئہ ويهون فرضين جون. سويون لوڪ سچي
اکر تيئہ ان ۾ تو رازق رکائي
الف. ميم. عين اينهي تول وڏا آهين ٽي
ٽي. سڪ ست ڪلمي جي عربيءَ ۾ آهي
چوڏهہ هزار مرتبين مولي منڪ موڪليو ٽي
سو سيءِ شفيع جام کي تو سڏيون سڀائي
نوري نالا نبيين. جبرئيل آندا جي
توريت. زبور. انجيل. قرقان. صحيح ڪتاب سي
ظاهر ٽيا زمين تي. ساڻ امر الله جي
شريعت. طريقت. حقيقت. معرفت ثابت ڪلما سي
هي آهي چوٽين آپ تي رکي. صندوق ستائي
عصا. انگشتري آنو اُن ۾. موتي مرجان ڪي
آپ. ڪيہ. ڪڙهہ. قلم. تنهن جي خبر خالق کي
سڪونت ساد پساد جي. ڪنجي قادر کي
هٿي جو ناهي وس وريو چئي. ڪو هلي هوند ڏسي
آهي اد ڀال اتي. ڪي پچان تنهنجو پيچرو.

---

[1] ورڪري

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

معلوم ٿئي ٿو تہ مگيي جو سوالنامو شايد وڏو هو. جنهن جو وري مفصل جواب ڏنو آهي. سوالنامي جي نوعيت ثابت ڪري ٿي تہ شاعرن لاءِ ننڍي وڏي ڳالهہ جي پرک پروڙ لازمي هئي. انهيءَ سمجهہ ۽ شعور انهيءَ جاڻ ۽ پروڙ کان سواءِ سندن شاعري بلڪل بيڪار هئي. وري هن پرکا ۽ پوري نڪتي جنهنکري پنهنجي همعصر شاعرن جي ڳاڻيٽي ۾ شمار ۾ آيو.

هيلي جي شاعرن جي فني ايجاد

هيلي جي استاد شاعرن. عام شاعريءَ جي هنر ۽ فن ۾ خاطر خواهہ اضافو ڪيو. هنن پنهنجي طبع جي روانگي ۽ عام شاعري لاءِ نوان وزن نروار ڪيا ۽ پنهنجي زيانداني جي زور تي نوان نوان قافيا آزمايا. ازانسواءِ اندروني قافين جي وارو وار سان بيتن جي سٽن ۾ هڪ خاص لچڪ ۽ ڏيکهہ پيدا ڪيائون ۽ انهن ۾ سُر ۽ وزني ڌار جو هڪ عجيب رنگ پرياڻون. انهن نزاڪتن سان هنن عام شاعريءَ تان ورهين جي ڪٽ لاهي. ان کي نئين سر اُجاريو ۽ ان کي رسمي ۽ روايتي سطح تان بلند ڪري ترقيءَ جي منزل تي رسايو.

(الف) نوان وزن:

انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ڪونهي تہ عام شاعريءَ کي پنهنجا انوکا وزن ۽ ماپا آهن. مگر عام شاعريءَ جا جملي وزن ڳولي ڪڍي نروار ڪرڻ بذات خود هڪ تحقيقي مسئلو آهي. جنهن جي صفائي اسان آئيندہ جي ادبين تي ڇڏيون ٿا. هتي صرف هيترو سمجهڻ ڪافي ٿيندو تہ عام سنڌي شاعريءَ جو اوائلي ۽ بنيادي وزن ڇهن هيٺين سٽ ۾ سمايل آهي. جا اڪثر عام شاعرن جي بيتن جي بسم الله آهي تہ:

ساراهيان سچو ڌڻي. جو صاحب رب ستار

ٿنا جي هن سٽ کي مختلف شاعرن ٽوري مٽ سٽ سان استعمال ڪيو آهي. مثلاً:

ـ ساراهيان سچو ڌڻي. جو آڪو عليما.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

- ساراهيان سچو ڌڻي. جنهن جي جوڙ جڳاءِ.
- ساراهيان سچو ڌڻي. جو عالمن الله
- ساراهيان سچو ڌڻي. جو صاحب رب ستار.

هن وقت اسان جو مقصد هن بنيادي ست جي وڌ ٽڪ يا ارڪاني ۽ افاعيلي ڪج وهت ناهي. مگر اسان هن ست جي انهيءَ بنيادي وزن ڏانهن ڌيان ڇڪايون ٿا. جنهن کي عام شاعرن اختيار ڪيو آهي ۽ پنهنجي ڪلام جو قالب آهي (1). هن سلسلي ۾ غور طلب ٻُڌو هيءَ آهي ته. عام شاعريءَ جو قالب. عروضي شاعريءَ جي قالب کان مختلف آهي: عروضي شاعري جو قالب وزني آهي. عام شاعري جو قالب اندازي آهي. عروضي شاعري جو وزن خاص لفظي تڪ تور موجب مقرر ڪيل آهي. عام شاعري جو وزن اُچار ۽ آواز جي تخميني ڪج وهت جو نتيجو آهي. جنهنڪري منجهس لفظي ڪمي بيشي جي ڪافي گنجائش آهي. مثلاً عام شاعري جي ستاءِ مطابق اندازو لڳائيندي اسين چونداسون ته ڪبير شاهه جي بيت. "پنهنجا ساريم سومرا. هو جي پهرن پٽ پنهوار۔ الخ" جو بنيادي وزن "ساراهيان سچو ڌڻي. جو صاحب رب ستار" تي ٻڌل آهي. حالانڪ لفظي تڪ تور جي لحاظ سان هنن بن ستن ۾ وڏو فرق آهي.

بنيادي وزن جي هن مختصر وضاحت بعد اسان بيلي جي استاد شاعرن جا اهي شعر نقل ڪريون ٿا. جي مڪمل عام "بنيادي وزن" کان مختلف وزنن تي ورڇيل آهن. شيخ ابراهيم جو پنهنجي محبوب جي تعريف ۾ هيٺيون سينگار جو بيت (2) "بنيادي وزن" کان ستن جي آخر ۾ هڪ وڌي وڃي ٿو:

اوچا عين عجيب جا طرحين طرحين جيئن تارا
جلوو جوت جواهر گهڻو نيٺن نظارا

---

1 بنده خيال ۾ عام شاعري جا اڪثر وزن هن بنيادي ست مان نڪتا آهن. هر شخص جي روان پڙهڻي ۾ ان جي اچاري انداز سان هن "بنيادي وزن" ۾ هڪ اڌ ڪي لڇڪ پيدا ٿي جا بئي نئين وزن جو سبب بڻي.

2 عام شاعري ۾ "سينگار جا بيت" گهڻو ڪري سڀ ڪنهن به ستن وزنن ۾ جيل آهن.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هڪ موتي محبوب جا، امل اکين اظهارا
طول طوطي بيني براهر چئي، ڪيس پرون ڪارا[1]
خوب دندان دهن پر، اڇا اپارا[2]
سين بهوت سر بر تن جا تنوارا[3]
پئي پلپل پچارا، دوست پيهي در آڏيو[4]

شيخ ابراهيم جي هن گهڙيل پيچري تي شيخ بکر قلم رکي ٿو ۽ هن نئين وزن کي نئون رنگ ڏئي ٿو تہ:

دم دم دوست دل بر، تا هونکي اچن چر چر چمارا
ڪر ڪر ڪار قريب ڏنهن، ديکيم دم دم ديدارا
ڏسيم نر نمندي نيشاني نور جي، ويم لهي وهم وم وياراً
وٺيم بوءِ بوءِ باس بکر چئي، نهاريم جوءِ جوءِ جبارا
وڃ وڃ ويس مٽائيا، توڙي سڄ سڄ سڄندا سونهارا
پوءِ جن جا اهڙا ارواح اوتارا، تن جي ڏيندس جانب ساهه جوت تي

بيلي جي شاعرن مان ڪبير شاهه ڏڳهي وزن جو موجد ۽ باني هو. سندس طبع جي زوردار رواني لاءِ "بنيادي وزن" نهايت تنگ هو. انهيءَ ڪري هن استاد شاعر اڳتي وڌائي ۽ هڪ نئون وزني ڪُر اختيار ڪري چار ڪُر اختيار ڪري چار ڪُر هڪ ست ۽ بيهاري هڪ نئون ڏگهو ڏار دار وزن ايجاد ڪيو. مثلاً:

آڳ اجهامي ڪين تطر ٿي هاروچل جا هاري هئي
روز ڏيهاڙي ڏيسن ڪي منهنجو پاند پلڪ زر زاري هئي
آڏيءَ ڏاري اُٺ اُڏميائون واڳ وٽي ور واري هئي
ڪاڪل پير ڪان وڃڻ جي ناتي هوت آءٌ هوشياري هئي

---

[1] ٻيني - نڪ هيس - وار.
[2] دهن - وات.
[3] سيبن - وٽن سربر - دماغ ۽ بدن. اصل روايت برتي سربر آهي. "سربر" جيڪر وڌيڪ نصيح ٿئي ها.
[4] دوست - دوست.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هيءَ نئين ايجاد حقيقت ۾ شاعر جي فطري طبعي رواني جو نتيجو هئي ۽ نه ڪنهن خاص عقلي گهڙ- ويچ جو. هيءَ نئون سرائتو وزن. تورڻي هيءَ نئين مٿي طرز ۾ئي نهايت مقبول پيا ۽ سنڌ خواهه هيلي جي ڪيترن شاعرن هن وزن تي طبع آزمائي ڪئي. جيئن اسان اڳي بيان ڪري آيا آهيون.

ڪبير شاهه ۾ئي طرف وري "اندروني قافين جي وارو وار" جو بنياد وڌو. اندروني قافيا شعر ۾ اڳ به هئا. مگر ڪبير شاهه انهن کي وڌايو ويجهايو ۽ عام شاعريءَ ۾ هن نئين سٽاءَ کي نروار ڪيو- مثلاً:

ڏن سو ڏاڻ چٽ پٽ چاڻ. ٻڌن پڪاڻ جهڙ جهگاڻ. تنهنجا سرت سنگهار
پرين اويسون. پائي ۽ پويسون. ڏوران ڏويسون. تن جا پرس پنهوار
ڪنڌن ڪهاڙيون. ڳچن ڳاڙهيون. ونين تاريون. وڃن واڙيون ويل چڪي ولهار- الخ

پهرين ۽ ٽين سٽ ۾ قافيي جو تڪرار چار دفعا ۽ ٻيءَ ۾ ٽي دفعا ظاهر ڪري ٿو ته. شاعر هن نئين ايجاد ۾ ڪا عقلي گهڙ ويچ ڪانه ڪئي. مگر هي نئون نمونو صرف سندس طبع جي رواني جي ڪر و بيش ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ فطرتاً پيدا ٿيو. هن نئين رمز ۽ نئين طرز ۾ئين شاعرن کي به پاڻ ڏانهن چڪيو. جيئن ته هيلي ۾ آخري دؤر جي شاعرن مان شيخ سائينداد (پنهنجي پٽ غلام حسين جي نالي) بيت ٻڌو ته:

عمر اباڻا. پاڻا. ٽر پٽ ٽاڻا. اوءِ ٽڪاڻا. جت ويو ولوڙيو ويهي
ڪهه سڪ سيرا. هڏن هيرا. چنيون چيرا. پاند پڪن ۾ پيهي
اڏن فيهون. طنبن جيهون. هٽ ڏاڏاڻا ڏيهي
ڦٽهه سنگ سٽي. سگر ڪٽي. سمو ڪن سيني
جن جي آڏ عمر ايهي. تن جي گڏ هٽ سام غلام حسين چئي

مطلب ته اندروني قافيي جي رمز ۽ ڪبير شاهه جا محاورا نهايت مقبول پيا ۽ سنڌ ٻيلي مشهور ٿي ويا. سنڌ جي هڪ لائق شاعر "فقير" هيٺين بيت ۾ ڪبير شاهه جي خيالات خواهه اندروني قافيي جي طرز کي قبول ڪيو آهي ته:

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سانگي منهنجا سنمک سهڻا. تا پت مٿي پنرن
هٿ کهاڙيون. ڳٽن ڳاڙهيون ويڙن ۾ وڃڪن
چوڻن چيلا. اڻن سويلا. تڙ مٿي تڙڪن
چنن ڏوڻرا. پين ڏوڻرا. ساڳ مٿي سرڇن
اڏن چوڻرا. ٿورا ئي ٿورا. منهن ماروڻڙن
ڪرڙڪوريا. ڪنڌ موريا. ڦوڳ ڦلاريا. جهليا گل ۽ ڳولاڻن
ٻاهر ڏيان تنهنجن ٻنگلن ڪي. ڪايان خريب ڪٽن
طول وهاڻا. توشڪ تنهنجا. موڙهن مون نہ وڻن
ٽلين ٽڪي. پوڙن پٽڪو. ڪيل ٻڌا ڪرڪن
سي هنڌ ساريان سومرا جهوپا جهانگيڙن
ڪڙن ڪٽيريون اڻن سويريون. مائين تي مرڪن
ڏڻ ڏاريون. ولر واريون. گهيٽا پاس گهرن
ونا مينهن ملير تي. ٽيون ٽوهه وليون ٽهڪن
فضل ڪج فقير چئي. مٿي مارڇن
پوءِ اُتي وڃي تن. گڏجي گونڊر لاهيان.

ڪبير شاهه جي هن انوکين سٽاڻ جا ڪراز ڪر ۽ اثرائتا نتيجا نڪتا: (الف) ڏگهو وزن وجود ۾ آيو ۽ (ب) ساڳئي بيت ۾ ڏکيين ۽ چوٽين سٽن کي جائز سمجهيو ويو. هنن ۾ن نتيجن ڪري عام فطري شاعري کي هڪ نہ طبع جي روانيءَ لاءِ ڏگهي وزن جو ڪشادو ميدان ملي ويو ۽ پيو نہ ساڳئي بيت ۾ موقعي ۽ موقعي پنهنجي اندر جي فوري اڌمي کي ڏگهي چوٽي سٽ ۾ سمائڻ جو اختيار ۽ آزادي ملي. شيخ ابراهيم جي هيٺين بيت ۾ هن ڏگهي وزن جو هڪ انوکو نمونو نروار ڪيل آهي. هن وزن جي لوڏ ۽ ڌار خاص دلچسپ آهي. شيخ ابراهيم سئيءَ جي سُر ۾ چوي ٿو تہ:

جيئن هوتن سان مان پريت لڳي تيئن ٽئون ڪنهين جي نہ لڳي ٽي
نومنون عينان ليل نراڻي. جاڳ پرين ٽئي. جاڳي ٽي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

طعام تہ طلبي. ڪيئ خوشيءَ مان تامن وهي ڪيئن واڳي ٿي[1]
ڪين وهي هٿ. مطلوق موران. تينهن هنيو دل داڳي ٿي[2]
رنڊ پريان جي. رهان ڪيهان. سات پچيو راهه ساڳي ٿي
براهم چوي برهه بيچاريون. وحدت واريون. جن جو محب موهيو من ماڳي ٿي
ڪانڌ قراريون. محبت ماريون. تن جي عشق صلابت آڳي ٿي
تنهنجي تاري تاڳي ٿي. جنهن جي جاري ڪيل جهان سين[3]

هڪ طرف هي ڏکيو وڻن وجود بر آيو تہ ٻئي طرف وري بلڪل چوٽي وڻن بر بہ پيلي جي شاعرن طبع آزمائي ڪئي. شاعر نر پنهنجي محبوب جي صفت هن تنڊي ءِ جلد وڻن بر ڪئي تہ:

عجيب پرين پيارا جاني جيءَ جيارا
چگا عين عجيبن پرين ڪتوريءَ ڪلن
سون من موهيو معشوقن هلڻ حال جيئن هنجن
چيلهه چيتو جيئن چلن ڪرايون تہ ڪنگوءَ ون
چگا هٿ حبيبن ٻنهن تہ رتا آگرين
هولڻ چتونءَ جي چانگار سا تان هيجئون پائي هار
نڪ تہ سونهي منجهه نراڙ تنهن بر قلي قهمدار
جوڙيا واڌولا وينجهار جهومڪ سونهن سين جهالار
ڪرايون تہ مور ڪنڌ پيريو وانگي ڪندا پنڌ
ڪنولي ڪي مٿي هنڌ پاليو وانگي ڪندا پنڌ
بيهي دم ڏيکو ديدار پريان جو پسجي پار
اجهو تنهنجو آهي آرسدا ڏڙقي هوندو يار
خوب ڪنج تا ڪٽن مونکي وجودئون وڻن[4]

---

1 ر: طعام وينءِ ڪيئن واڳي ٿي "يا" طعام نہ وجين واڳي ٿي (؟)
2 ر: ڪين وهي ـ الخ
3 ر: تن جي تاري تاڳي ٿي. جن جو جاري ڪيل جهان ٿي
4 ڪنج يعني جوڙي جي ٿوري بانهين.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پريو پير تا پچن ميراثي تون سندو تن
هٿن ۾ محمد من آڻيو سندو اُمتين
جي تا ڪلمون ڪهن هوندا سي ايمان سين.

پنهنجي سچڻ جي صفت ۽ شاعر عام ڦهر مگر نهايت سهڻين ۽ دلچسپ تشبيهون استعمال ڪيون آهن. هنجن جيئن هلڻ چيتي جيئن سنهي چيلهه ڪنگور جي گرين يا مور جي ڪنڌ جهڙيون ڪرايون. چشمن جيئن بولڻ. پالير يا پاريهل وانگي قدم قدم تي رکي ٽلڻ. نهايت پياريون تشبيهون آهن. هن ننڍي وزن جي تڪڙي ڌار ۾ دلچسپ آهي. ۽ شاعر نئر گويا هي؛ نئون پيچرو گهڙي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته هن طرز بيان ۾ به شاعر دلچسپ معنائون پيدا ڪري سگهي ٿو. شاعر نئر پيو ۾ هڪ عجيب نڪتو نروار ڪيو: يعني ته "بنيادي وزن" جي سٽ ۾ لفظ "سچو" تي شد ڏيئي. پڙهڻي جي ٽوري ڦيرڦار سان نئون وزن ايجاد ڪيو. جو ڇڙ عروضي شاعري جي بحر رجز (مستفعلن) ۽ بحر رمل (فاعلاتن) جو ميلاپ آهي. شاعر نئر چانڊيو ميرخان جي مدح ۾ چوي ٿو ته:

ساراهجي سچو ڌڻي صاحب سهاجيو رب ستار
ميرخان جو مان ٿيو راضي ٿيو رازق جبار
خورده سال و بخت زاده نيڪ نيت نامدار۔ الخ

مطلب ته هتن شاعر نئر اسلوب بيان ۾ نون ميدانن سر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي نوان نوان وزن ايجاد ڪيا.

(ب) **نوان قافيا:**

نون وزنن سان گڏ هيلي جي شاعر پنهنجي بيتن لاءِ بلڪل نوان ۽ انوکا قافيا پڻ ڳولي ڪڍيا. هن ميدان ۾ سندن ڪاميابي جو سبب سندن لساني مهارت هو. هي شاعر هوليءَ جا استاد هئا. انهيءَ ڪري هر وزن ۽ هر جنس لفظن جي وٽن ڪوٽ بالڪل ڪاڙ هئي. سندن پهريون خيال جنهن ۾ سٽ جي سانچي ۾ معنائجي ٿي ويو ته انهيءَ سٽ جي آخري لفظ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

کي قافيو قرار ڏيئي ٻيا قافيا ملائي وڃي تي بيت سجو ڪيائون. قافيي مٿائين خاطر پنهنجو خيال توڙي بيان ڪڏهن به ڪين ٿي مٽايائون. هو هر انوکي ۽ اڻانگي لفظ تي ڪيئي فصيح بليغ قافيا ٻڌي ٿي سگهيا. هن اعليٰ لياقت جو بهترين ڪبير شاهه جي شعر ۾ سر سسئي تي ڏنل فصل ۾ موجود آهي. جنهن ۾ هن استاد شاعر هر سنهي ٽلهي. ڏنگي ڏوڙي لفظ کي قافيو قرار ڏيئي فصيح ترين بيت ٻڌا آهن. اسان شيخ ابراهيم جو بيت اڳي نقل ڪري آيا آهيون. جنهن ۾ لاڳي. واڳي. ڏاڳي وغيره جهڙا عجيب قافيا ڪم آندل آهن. ڪبير شاهه ۽ شيخ ابراهيم ته چوڻي جا شاعر هئا. مگر ٻيلي جي ٻئي هر ننڍي وڏي شاعر لاءِ به انوکن قافين تي بيت ٻڌڻ ڪا مشڪل ڳالهه ڪانه هئي. مثلاً. موسي ڪنيار نوريءَ جي ٻه ٻرهي بيت ٻڌو ته:

نينهن نوازي نورئين. سنهج سگهي سٽ مؤن
ترها تيون تار وجهيو. ٽي مڇ ماري مٽ مؤن
پليون پلا. پل ڪٽيو ٽي وراهي وٽ مؤن
ائين سونهن سمانگر سندري ٽي جهڙپ هٽي جهٽ مؤن
ائين ريجهايائين راهه کي. آڪاڻيا پال طنبو پٽ مؤن
موتي ماڻڪ مندلاوا. هٿا خوب جڙيا ڪٽ مؤن
تنهن تي ڪنجهائي ڪنيار چويه ٻي ڪانه هئي ڪٽ مؤن
جڏهن گهور گهڙياس گهٽ مؤن تڏهن ڪئي چاڙهيائين چؤڏول ۾.

ظاهر آهي ته هن انوکي قافيي تي ايڏو ڏڳهو فصيح ۽ اثرائتو بيت ٻڌڻ هڪ اعليٰ شاعري جو نمونو آهي. انوکن قافين تي ٻيلي جي شاعرن جا ٻيا وڏيڪ ڪتاب ۾ جابجا موجود آهن. مٿين بيت يڪمشت نمونو نروار ڪافي ٿيندو.

(ج) اداءِ بيان جا مختلف عنوان:

سنڌ جي شاعرن پنهنجي بيتن ۾ صوفيانه ۽ فلسفيانه خيالات جي ادا ڪرڻ لاءِ مختلف نمونا اختيار ڪيا آهن. شاعرن جي سرتاج شاهه

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

عبدالطيف متعدد طريقن ۽ تجويزن سان پنهنجي شاعراڻ خيالات کي ظاهر ڪيوآهي. جن جي تفصيل جي هن موقعي تي جاءِ ڪانهي. شاهه جو هڪ مشهور طريقو "تڪرار" آهي. يعني ته ست اٺ لاڳيتا بيت ساڳئي منڊ سان شروع ڪرڻ يا ساڳئي وراڻي سان پورا ڪرڻ. انهن عنوانن ۽ وراڻين ۾ به شاهه جي شاعراڻ طبع جدا جدا لفظن ۽ جدا جدا معنائن کي جدا جدا سانچن ۾ سموهيو آهي. تان جو سندس خيال ۽ فڪر جي ڳهراڻي جڏ "الف. لام. ميم" جي قرآني عنوان کان اثر پذير ٿي. "زمر زخرف" جي ترڪيب کي بيتن جو منڊ بنايو آهي. سنڌ جي عام شاعرن مان ڪن "الف۔ ب. تي۔ الخ" يعني ته تيهه اکري تي. يا پنهنجي. تي۔ الخ. مهيني جي ٽيهن راتين تي بيت ٻڌا آهن. ڪن وري سوال جواب جو طريقو اختيار ڪيو آهي. بيلي جي شاعرن انهن عام طريقن جي علاوه پنهنجون ڪي خاص واتون پڻ گهڙيون آهن. بيلي جي پنهنجين شاعر شيخ حمر سُر مارئي ۾ "سخن اچيم سومرا" کي تڪراري عنوان بنايو آهي ۽ ان بعد شيخ بکر سُر سسئي ۾ "تکو سڳ سسئي کي۔ الخ" منڊ چونڊيو آهي. شيخ حمر هيو هڪ قسم جو اکري عنوان به پيدا ڪيو آهي جنهن ۾ هن هڪ ٻن اکرن جي اچاري مناسبت تي الفاظ آڻي ست سڃي ڪئي آهي. ممڪن آهي ته اهي اکر معنوي به هجن. مثلاً شيخ حمر چوي ٿو ته:

ميم ملاقت سڃڻين جيم ملاقت جن
ميم ملاقت سپرين وحدت واڻي تن۔ الخ

وري ٻئي بيت ۾ چوي ٿو ته:

ميم ملاقت سپرين ڏٺي جهڙي ڏات
من ساري ماڳ تي جاڻي رهن جت۔ الخ

سنڌ جي شاعرن هفتي جي ڏينهن کي شايد ورلي منڊ ڪري چونڊيو آهي. مگر بيلي جي شاعرن انهن کي عام طور بيتن جو عنوان بنايو آهي. شيخ ابراهيم ڪي سندس هيٺين بيت ۾ شايد هن ترڪيب جي شروعات ڪئي:

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

چنڇر ساريم سپرين اينڊم شال آچار
پير پڇان ٿي پرين لاءِ سڳوري سومار [1]
اگاري اينڊا پرين دلبر دوست دوار [2]
اربع آساتي اک ڦري نيٽين ٺت نهار [3]
خوش من ڏينهن خميس جي براهم بيقرار
ٽيون گهر گهر کيرون چار. جڏهن جمعي جانب آئيا.

هن بعد شاعر نرهن بيت جي پران مسلسل بيت ٻڌا. مثلاً

- چنڇر ساريم سپرين آچر شل اينڊم—الخ
- چنڇر ساريم سپرين آچر ايندام شال—الخ

وري شاعر صدقي چيو ته:

چنڇر ساريم سپرين جن جا آچر اوس ٽين [4]
سومار ڏينهن صدقي چئي منهنجي پرهيو پاڻ پرين
اگاري آسون ٽيون. اربع مان اڇن
ٽيو خاصو ڏينهن خميس جو کي مجلس ملوکن
گهر گهر کيرون چن. منهنجا جمعي جانب آئيا.

شيخ ابراهيم مارئي جي سُر هر مهيني جي تاريخن کي عنوان بنايو آهي ۽ هر هڪ تاريخ تي جدا جدا بيت به ٻڌا آهن ته وري مڙني کي گڏوگڏ هڪ بيت ۾ به آندو ائس. مثلاً:

آوڻيءَ اُڪ ٽياس. مارئي مارو سارئا [5]
ٻيءَ ماهه ٻاهاڻن لاءِ لڙي لڙڪ پياس
ٽيءَ ماهه تکاڻن سين. سي ٿي سنيريا س

---

1 ڏيسر پوڇان ٿي
2 دوست - دوستڙ دوار - ديار گهر.
3 نهار - نظر
4 اوس - شعاع - تجلا. چن - ڏين
5 اُڪ - اُڪير - سڪ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

چوٽين ۽ ماڻهو چوڏول ۾ وس نه ڪنهن وهندياس
پنجين ۽ پنهوارن ڏانهن ڪوڪون هٿ ڪندياس
ڇهين چوڙي چيلڙ. وڻ ويڙهيچن ويندياس
ستين پڙ سڳالڙين ڏانهن موڪل ميرڏنياس
اٺين آسون پنيون لهي وهم وياس
نوئين نهاري ڏينهڙي نه سين نيڻ ٽرياس
پڪا پندياس. آءٌ ڏهين ڏاڏاڻن جا.

مارئي جي سُر ۾ ڪبير شاهه "جيئن هن... تيئن هُن" واري طرز بيان کي مسلسل ۽ اثرائتي انداز ۾ استعمال ڪيو ۽ سنڌس هي اسلوب ۽ طريقو عام مشهور ٿي ويو.

سنڌ جي شاعرن جو ٻيلي جي شاعرن تي اثر

تحقيق پٺائي صاحب سنڌ توڙي ٻيلي جي شاعرن جو سرتاج ۽ اُستاد آهي. شاهه جي شاعراڻ سخا ۽لت مان سنڌي ٻولي جي هر شاعر هر هنڌ ورڇ ورتي آهي. سنڌ جي الهندن جبلن البته سنڌ ۽ ٻيلي جي وچ ۾ ماڻهن جي آمد رفت کي مشڪل بنايو مگر شاهه صاحب جا بيت درياءَ مٿان ٽپندا. نين تان ڪڏندا. جبل لتاڙيندا وڃي پار پيا ۽ لس ٻيلي ۾ به شاهه صاحب جي بيتن جو اهوئي چرچو ۽ ذوق جاري رهيو جهڙو سنڌ ۾ ٿيو. اسان لس ۾ هر سگهڙ ۽ سمجهو واتان پٺائي جا بيت ٻڌا. غور بعد معلوم ٿئي. ٿو ته ٻيلي ڏانهن ويندي شاهه بلاول جو تڪيو شاهه جي شعر جو هڪ ٻهريون ۽ اهم اڏو ۽ اڃهو ٿي رهيو آهي. جتي گهڻي مدت ڪان شعر جي رهاڻ ۽ سلوڪ وارا وقت بوقت سنڌ جي طرفان ايندا رهيا آهن. بنده، راقم کي ٻيلي ۾ معلوم ٿيو ته هن وقت به شاهه بلاول تي ڪوهڪ سالڪ رهي ٿو. جو شاهه جي شعر جو وڏو واقف ۽ وينجهار آهي. شاهه بلاول جو تڪيو سنڌ ۽ ٻيلي جي عرفات آهي. جتي شاهه جي شعر ۽ ٻيلي جي درد مند دلين جو مدت مديد کان ميڙاڪو ٿيو. انهيءَ اثر جي جهلڪ اسان کي ٻيلي جي ٻهرئين شاعر شيخ حمر (شاهه جو همعصر؟) جي بيتن

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ھر واضح طور نظر اچي ٿي. شيخ ابراهيم جي بيتن جو رخ به ساڳيو آهي. انهن شاعرن جي بيتن جي رنگ توڙي بوءِ جو سرچشمو يقيني طور پٽائي صاحب جا بيت آهن.

شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهه جي بيتن ۾ به شاهه جو اثر ظاهر نظر اچي ٿو. سر بروي سنڌيءَ ۾ شاهه چيو آهي ته:

نازمنجهارا نڪري جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ
پسوڻءِ پئي برسات الله چئي راهه چهي ٿي رند
مونکي ساڻينءِ جو سوڳنڌ. ساجن سينڀان سهڻو.

هيٺ باب انهن ۾ شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهه جا هڪئي پران بيت ڏنا ويا آهن. جن مان شيخ ابراهيم جي هڪ بيت جو شروع ۽ آخر هن طرح آهي ته:

نازمنجهارا نڪري جڏهن پرين پنڌ پيو

....

مونکي سوڳنڌ ساڻينءِ جو. ته منهنجو ساجن سنيڀان سهڻو.

انهيءَ جي پران جو ڪبير شاهه جو بيت آهي. تنهن جي پڇاڙي ۾ هوبهو شاهه جي ست تضمين ڪيل آهي:

"مونکي ساڻينءِ جو سوڳنڌ. ته منهنجو ساجن سينڀان سهڻو"

شاهه جي رسالي ۾ "سپن" (سنها پانءِ ۾ سپ. مڪا جن پيٽ) ۽ "ويجن" جا بيت آهن. جن جو تتبع شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهه پنهنجي بيتن ۾ ڪيو آهي [1]. اهڙيءَ طرح بيلي جي شاعر سيد احمد شاهه جو تتبع ڪيو آهي. سر بروي سنڌي ۾ شاهه چوي ٿو ته:

جانب منهنجي جيءَ ۾ تنهنجي طمع پوءِ
وٽ ڪاتي وڌ انگڙا. ادب ڪر مَ ڪوءِ
پانيان ۾ال سندوءِ جي ساجن! سنئون نهارئين.

---

[1] سوباب اٺون

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باب تيرهين پراحمد شاهه جا بيت جي "دوست" جي عنوان هيٺ ڏنا ويا آهن. تن مان ٻن جون شروع واريون سٽون هن طرح آهن ته:

جانب منهنجي جيءَ ۾ جي توکي طمع آهي الخ.

جانب منهنجي جيءَ ۾ جي قريب آهيوَ ڪر الخ.

پيلي جي سگهڙ شاعر نور شاهه جي هڪ بي بها تشبيهي خيال جو پنهنجي ڪلام ۾ تتبع ڪيو آهي. شاهه صاحب سُر برووسنڈي ۾ چوي ٿو ته:

اڇ پڻ انگير انگ. هتان حبيبن جي
جا پر سوڻي سنگ. سا پر تي سورن سين

اڇ پڻ جڙيل جوڙ دوست پيهي در آئيو
سکن اچي ڏکن کي. محڪم ڏني موڙ
جا پر ڪٽيءَ ڪوڙ سا پر سورن ساڻ ٿي.

پنهنجي بيتن ۾ آخري تشبيهن بلڪل عام فهم مگر نهايت پياريون آهن. انهيءَ ساڳي خيال کي شاعر نور مختلف سهڻين ۾ انوکين تشبيهن سان ورجايو آهي. نور چوي ٿو:

1. وڻيل ورق وصال جا. سون ڏنهن اٽي ويا ارمان
لعل خوب لنگهائيا پاڻ لکي پروان
واڌايون وصال جون چڱا باب بيان
جا پر ڪپهه ساڻ ڪمان سا پر سورن ساڻ ٿئي.

2. وڻيل ورق وصال جا ڳاڻيون سڌيون مڙيئي معاف
ارواح آروجيڏهن آيم مواشراف
تنهنجي نينهن منجهارا نور چوي ڪيو صحبت من صراف
جيئن سنگ سٽي ٿئي صاف. تيئن سا پر سورن ساڻ ٿئي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

3. وريـــر ورق وصـــال جـــا. قـــادر جوڙيـــا ڪـــر
مليـــا ســـي مهـــرون ٽيـــون. گيـــا گونـــدر غـــر
جـــا پـــر ڏوپـــي ڏمـــ ســـا پـــر ســـورن ســـاڻ ٽئـــي
4. وريـــر ورق وصـــال جـــا. منهنجـــو يـــار آيـــو يـــاور
اچـــڻ ســـاڻ عجيـــب جـــي. ڪـــامي هليـــو ڪـــر
جـــا ڪـــت سهڻي ڪـــاڳر. شـــل ســـا پـــر ســـورن ســـاڻ ٽئـــي

شاعر نـــر باخبر سگهڙ هو. جنهن کي پيلي توڙي سنڌ جي مشهور سگهڙن توڙي شاعرن جي حال حقيقت توڙي گـــر هنـــر جي پوري واقفيت هئي. شاعر نـــر ۽ سگهڙ شاعر حمل خان لغاري همعصر هئا. حمل خان جي نَون نُڪتن ۽ مٺن گفتن جو انهيءَ وقت سنڌ ۾ چرچو هو ۽ شايد حمل خان جا سرائڪي زبان ۾ چيدا چيل بول، پيلي ۾ به وڃي پهتا. شاعر نـــر جو ته ڏندوئي هو نئين ڳالهه ڏٺي. سمجهي ۽ انهي جو جواب ڏيڻ گفتي جي انداز توڙي شاعراڻ بندش مان صاف ظاهر آهي ته هيئين سرائڪي سنڌي ريختي ۾ شاعر نـــر جو بيت. حمل خان جي تتبع ۾ چيل آهي: شاعر نـــر چوي ٿو:

دوس اســـاڏا دلبـــر دل دا جـــنهن ڏنهـــن ســـڪ ســـچائي — عجـــب اِهـــائي
ترنـــگ تليهـــر واسينگ وانگـــر ورتشـــون ويڙهـــ وڏائـــي — عجـــب اِهـــائي
هـــار ســـينگار اتـــاهين ســـرخي. جـــوڙ جڳـــي جـــوڙائـــي — عجـــب اِهـــائي
ابرو بِڏ ڪـــول (ڪـــڏا) قربـــان مژگـــان تيـــر عطـــائي — عجـــب اِهـــائي
ڪرنگهـــا نين ڪجـــل ڏي ڪـــاني ســـرمان چشـــم صفـــائي — عجـــب اِهـــائي
گـــوش گلابـــي گـــل بنيـــا ات جنهـــور جـــوڙڻـــ آئـــي — عجـــب اِهـــائي
چاٽر ڪچين ڪٽو ڪيو. تنهن منجهه رهي نه ڪا ڪت ڪائـــي — عجـــب اِهـــائي
تنهن نـــائي نيـــف نياز نوَت ســـين جلـــوه جوت جهپـــائي — عجـــب اِهـــائي
پـــان چبـــائي لال لبـــان تـــون ســـهڻا نقـــش ســـياهي — عجـــب اِهـــائي
ڪـــوٽش قـــدم دي زينـــت زريـــان بيحـــد خـــوب بنـــائي — عجـــب اِهـــائي
تنهن هجن هلڻ حيران ڪيـــا اُٺ ڪنجل لوڏ لڪـــائي — عجـــب اِهـــائي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ديکي ڏچن ڏھنڙن ڏھليا ڏُوڏَر ڏَت نہ سائي —عجب اِھائي
شمس قمر ٻئي شرمايا پسي لاثق جي لالائي —عجب اِھائي
نجر ستارہ برک ٻيھي ويو سئي سونھن سمائي —عجب اِھائي
ٻھر پياڙي پيھہ سندو تنھن روءِ چڏي روشنائي —عجب اِھائي
سونھن سگھہ سرسي ساجن ھر سا رازق پاڻ رکائي —عجب اِھائي
جھڙس کونھي جڳ ھر ٻيو کو خاوند قسم خدائي —عجب اِھائي
ميھڙن نون نوازيو نافع. مگي مھر مداحي۔ يارو مگي مھر مداحي[1].

شيخ حمر. شيخ ابراھيم ۽ شاعر نہ خاص ھيلي جا ھٿا. مگر ڪبير شاھ اصل ھر سنڌ جو شاعر ھو. سنڌ ھر ڇائو ۽ سنڌ ھر جوان ٿيو ۽ سندس شاعري سنڌ ھر ئي اھڙي تہ بلند معيار کي پھچي چکي ھئي. جو ھو ھمت ساري ھتان ھليو ھيلي ھر شيخ ابراھيم جو مقابلو ڪرڻ. ڪبير شاھ جڏھن وچي ھيلو وسايو تہ سندس شاعري جو اثر ٻ ھيلي ھر عام ٿي ويو. جيڪڏھن چئجي تہ ڪبير شاھ کي ھيلي بلڪل پنھنجو ڪري چڏيو ۽ ڪبير شاھ خاص ھيلي جو شاعر ھو تہ انھيءَ حالت ھر ٻ ڪبير شاھ جو استاد سنڌ جو سربلند سگھڑ ۽ ماھر شاعر جلال کتي ھو. جنھن وٽان ئي فصاحت ۽ روائي جو جوھر ڪبير شاھ جي شاعراڻ طبع کي ورثي ھر آيو. سنڌ جو سگھڑ ڪبير شاھ جڏھن ھيلي ھر آيو. تڏھن ھيلي جي شاعري کي ٻ عروج ۽ فروغ نصيب ٿيو. انھيءَ ڳالھہ جو لس ھيلي جي ھر سگھڑ کي احساس ۽ اعتراف آھي ۽ ھي معنيٰ ھر اھو سنڌ جو ھيلي جي شاعري تي ھڪ احسان آھي.

---

[1] محمد (صلعم) کان نہ (ن) نوازيل آھي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

باب چيون

پيلي جي شاعري جا عنوان:
مدح، وصف، محبت، معما

پيلي جي شاعري جا عنوان ساڳيا مشرقي شاعري وارا عنوان آهن. مدح سرائي عربي خواهه فارسي شاعري جو اهم جزو آهي ۽ پيلي جي شاعري ۾ به نمايان آهي. پيلي جي شاعرن به پنهنجي مربين ۽ مهربانن جا دل کولي گڻ ڳايا آهن. مگر پيلي جي شاعري جو خاص جوهر رزم گوئي آهي. جنهن ۾ پيلي جي سنڌي شاعري عرب جي بدوي شاعري مثل آهي. وصف بياني ۾ به پيلي جو سنڌي شاعر عرب جي بدوي شاعر جون سڀڪون لاهي تو. عشقيه شعر ۾ پيلي جي شاعرن عام سنڌي شاعر جي وات ورتي آهي ۽ پنهنجي سوز درد کي اکثر سنڌ جي مشهور انسانن ۽ عشقيه قصن جي تاڃي پيٽي ۾ اڻيو اٽس. "معما" يا پرولي جي عنوان کي به پيلي جي شاعرن خاص طرح سوڍي سنواري اوج تي رسايو آهي. اسان هن باب ۾ پيلي جي شاعري جي انهن مختلف عنوانن يعني مدح. وصف. عشق ۽ معما کي قدري روشن ڪنداسون.

1. مدح

پيلي جو سائين ۽ سرتاج. سخين جو سردار ۽ سوالين جو اجهو آڌار. سخي سپڙ جام هو. جو پيلي جي رونجهن حاڪمن جي چونڊائي پاڙي مان هو. بقول راوي، جام سپڙ جام چوٽي جو پٽ هو ۽ هن پنهنجي پٽ تي به وري پنهنجي پيءُ جو نالو چوٽا رکيو. سپڙ جام دل جو دريادل هو ۽ سخا سندس سرشت ۾ سمايل هئي. ڪڏهن به سوالي خالي نه ڇڏيائين ۽ نڪي ڪنهن منگتي کي موڪلايائين: جيڪا به سندن گهر هئي. سا تي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پوري ڪيائين. چون ٿا تہ هڪڙو سنڌ جو سوالي وٽس هڪ سؤ گهوڙن جي گهر جو قصد ڪري آيو. سخي سپڙ جام وٽ ديرتہ هئي ڪانہ سو يڪدم سؤ گهوڙن سان پنهنجي پٽ چوٽا کي ساٿس گڏ چاڙهي روانو ڪيائين. جو هن سوالي کي وڃي سنڌ جي سرحد تائين اُماڻي آيو ۽ موڪلائڻ وقت هڪ سؤ گهوڙا ڪيس سونهيائين.

سپڙ جام جي سخاوت سنڌ ٻيلي سرهي هئي. اتهي؛ ڪري شاهہ صاحب به هن سخي؛ کي. سُر "پرياتي" ۾ گهٽو سارا هيو آهي ۽ سندس سخا کي دل کولي ڳايو آهي تہ:

"ماڻڪ موتي مال خزانا. ڏينڌو ٻيلي سائين"

سپڙ جام جي تعريف ٻيلي جي هڪ جهوني شاعر صفر منگتي پنهنجن بيتن ۾ هن طرح ڪئي آهي تہ:

نہ مون تندو نہ تال. نہ آءٌ واڄت وڄائڻ سکيو
ڪيئن ڇڳن وٽ چوريان هتن سندو حال
اوڙڻ جاڻان ايڪ کا. نڪو باب برحال[1]
لڏو لڳي مڱڻي. صفر چئي. سکپال[2]
منهنجي تن تال. تہ تون ڏاتار ڏڻ جو[3].

تون ڏاتار ڏڻ جو. ٿو ڏاتار نوازين ڏاڍ
لڏا لڳي مڱڻي. موتي ماڻڪ گڏ
سڻي تنهنجا سڏ. ريڍو پائيي راڄيو.

ريڍو پائيي راڄيو. ٽيو ميون مهربان
سپڙ وٽ. صفر چئي. سندو منگتين مان
هوءِ جي ڳاون گن گيان. سي رسيا رونجهي جام کي.

رسيا رونجهي جام کي. هوٽيا اڻ عامي

---

[1] اوڙ - ست
[2] سکپال - سهڻو خواب
[3] تال - تلاڻي. وڃاءُ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

آءُ ڳالهه نه جاڻان ڳاجهه کا. ريجهه نه رباني
ان پر احساني. ڪج پازيءَ تي پانهنجي.

ڪج پازي تي پانهنجي. نظر نومل نر
راجيا! تنهنجي ريجهه جي. مونکي ڪاڻ پوي تي ڪر
سردارن سکر. متڙ مونکي چڏيائين.

متڙ مونکي چڏيئين. دول ڏلي ڪنهن ڳالهه
سرتيون سوارو ڪيو چوڏين چرڪو چال
هيءَ جا هيڻي هڏ سپ جمارون سال
انهيءَ حال احوال. هي پازي پرتڙ پانهنجو.

ڪريمداد چيو ته: هڪ سوالي مڱڻو. تنگ ڪان لنگڙو بيڪس ۽ بيحال هو. جنهن کي جام تائين پهچڻ جي طاقت ڪانه هئي. مگر ان کي جام سپڙ گهر ويڻي گهٽو ڪجهه ڏيئي نوازيو. سپڙ جام جي هن لنگي مڱڻي سان هيڏي مهرباني. هنڌين ماڳين مشهور ٿي ويئي. جيئن ته شاهه صاحب به انهيءَ کي ڳايو آهي ته:

چارڻ لڳو. پنڌ گهٽو. ڪي چوتائي چڪيج
هٿ ڪي هلائيج. اتي آءُ نه اچڻو. (پرياتي)

سپڙ جام جون سڪون وري ويلي جي موجوده حاڪر گهراڻي جي سخي مردن. جام ميرخان ۽ جام عالي خان لاتيون. جنهن جي تعريف ۾ سندن دربار جي شاعرن ڪيئي بيت چيا.

شاعر نمبر هيٺين مدح ۾ پنهنجي مربي جام عالي خان ثالث کي ڳايو آهي ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ پنهنجي اڳوڻي مربي جام ميرخان کي ساراهيو آهي. شاعر نمبر جام ميرخان ۽ سندس فرزند عالي خان جي جهڳڙي ۽ اختلاف جي به سهڻي نموني سان پرده پوشي ڪئي آهي. اسان جي خيال ۾ عام سنڌي شاعريءَ ۾ شاعر نمبر جو هي قصيدو مدح سرائي جو بهترين مثال آهي ۽ هوبهو بدوي عرب شاعر جي قصيدي وانگر هن ۾ مدح سان گڏوگڏ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

گيوتن جي وصف توڙي ڪرن ۾ مينهن جو بيان به ضمناً موجود آهي:

سارا هيان سچو ڏسي، ڪر سندا ڪلتار
اول الله مڃيان، جنهن جوڙي جوڙ جبار
پيو مڃيان محمد مصطفيٰ، ٽيو چار نبيءَ جا يار
پنجتن پاڪ مڃان ٿو، درس چڱا دلدار
مريدي ميران جي، آهي مڃان سوڙ وار
آهي سڀ نيڪ ملارت نرسان، ڪندا ويرو هار
اي، مڙوئي ايتري بڌ ٻڌو پيءَ جا پار:
الله عالياڻي ڪيا آهن، ست پيڙهيا سردار
سي سورهيه سينهن سپڙ جي، گاڏيءَ تي گرنار[1]
موري متارا ٽيا، تن جو پاڙون منجهه پاتار
ميرخان ملوڪ، اڇنگ عالي، پوشيدا پتوار
دانه درياهه ٻڌي، آهن ويرعقل وينجهار
ڪاگهٽ ڪنهن ٻرڪانڪا، آهن ٻڌي ٻجهڻهار
عادل عدالت سين، ٻڌي سالڪ سمجهدار
پيءَ پٽ پانڊوڻي، قصوريا ڪانتار[2]
ٻرڪنهن تي گلاڪانڪا، جان تورڪير تڪرار
آهي جنگيون جهيڙا جهڳڙا، آهن الاهي اختيار
ٻه تي ورهيه وڃان ٻيا، تن جو ناهه مونکي نه سار
پوءِ ميرخان منزل رسيو، مٽس ناهه ميار[3]
اهاعالي جام برودي وڏي سڳهه ستار

---

1 جام لسي ٻيلي جي مشهور سخي سيڙ جام جي گاڏي جا وارث آهن. ورهه "سي ظالمون تخت تي آهن گاڏي تي گرنار".

2 قي قصوريا: يعني تري پٽ جي وڃ ۾ اختلاف ٿي پيو. جام ميرخان ثاني ۽ سندس پٽ عالي خان جي وڃ ۾ پهرين اختلاف سنه 1878ع ۾ ٿيو. مگر جلد ئي سندن وڇاتاءُ ٿيو. وري سنه 1881ع ۾ جهيڙو ٿيو ۽ جام ميرخان عالي خان کي نظربند ڪري رکيو ۽ ان بعد سفارش تي هو آزاد ٿيو ۽ وڃي ڪوٽيتا رهيو. ان بعد صلح جي ڪوشش ٿي مگر ميرجام خان جي حياتي ۾ صلح نه ٿي سگهيو.

3 منزل رسيو يعني وفات ڪري ويو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تنهن جي ڪانهي ريس ڪرمسان جنهن کي ڏات ڏني ڏاتار
سو سورهيه سخي سڏرو نگ سندس تروار
اڳ جيئن سپڙتي (ٿي) سوالين کي ڏان ڏنا ڏاتار
هن ۾ي سا پر پاري پاتشاهه ڪوڙيجي ڪانڌار [1]
تنهن جا سينهن سپاهي. پلا پائي. خاشا خدمت دار
ڪلڪتي قندار ۽ آهي امر سندس اظهار
آيو راجا رنگ محل ۾ تنهن لاڌا غر غبار [2]
هنڌ حويليون حجرا. آهن ماڙيون محل مٽار
ڪلا. منشي. مفتي. ڪي قاضي ڪلاندار
اتي عالي جام عقل ۾ جيئن ويس وڏو ويڻجهار
سو شرع شفيع جام جي مرد مجي موجهار
تنهن جا پوت بنگلا. محڪم ماڙيون. چٽ متن چوڏار
گلمر غاليچا. گل رنگي. ۽ چمن چگي چمڪار
عالي جام اُٺ ويهي ٽوڪري ڪل خوشي ڪينڪار
سو پٺهون پانو پنرو جهڙ ڪي جوت جنوار
تنهن جي خوب ڪٽوري ڪٽن تي ٻيڙن جي ٻڪار
بوچڙ. لنگيون بافتا. آهن بخملون بلغار
ڪئين قبائون. لال لياتا. علم زريون اپار
چوڪا شالون ۽ پٽوا. ٻيا ڏاڪا لاڏهدار
روپا سونا راوڙا. چگا چوند هتيار [3]
جال جنورسون جانورسين جوڳيون ڪئين جنسار [4]
اسپ عراقي آڪرا. جابو جلوه دار [5]
رڻ جهاڳ. رنگي سي رنگلا. هلڻ متجهه هوشيار [6]

---

1 شاعر تر جامن کي ڪوڙيجي خاندان مان ڪري ليکي ٿو.
2 شايد هن مٽ ۽ جام عالي خان جي نظربندي بعد واپس لئي ٻيلي ۽ راجڙ ڪانهن اشارو آهي
3 راڙ يعني امير
4 جنورسون = جنهورڌار ترارين
5 اسپ عراقي = عراقي نسل جا پلا عربي گهوڙا. جابو = پلن گهوڙن جو هڪ قسم
6 رڻ جهاڳ = رڻ جهاڳيندڙ منزل ماريندڙ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تن تي سونا سنج سنگين بنيا. هي تازيين لئي تلڪار [1]
ڪاچي. ڏاڍي قيمتي. مڪراني موچار [2]
چند چهل سين چاپري ڪن چمر هڏيو چمڪار [3]
گل ڦل گوهر گوڙن گهنگهرا. جهوڙن جي جهمڪار
منهن هر مڇيون. سونهن سيليون. ڳاڙها ڳچيءَ هار [4]
تن جون پٽراڻيون سر پيتليون. موتين ساڻ مهار
سونيون روپيون نڪن نائيون سوڇاڻن سڳدار [5]
سي هوش وڃن هلن هر ڪن وڪ وڏيو وينجهار
قطر ڪشڪن ڪينڪي جبل هر جهانار [6]
عجب عالياڻي ان تي. حسن چگا هوار
پيڙيو بحري باز گهاءِ. تاڪن شڪرا شيل شڪار [7]
آهي عالي چامرجي پوري پٽ پچار
تنهن راجا راج دلاسيا. نگهيا نامدار [8]
هي رعيت سڪياڻي راڻي. سرهي ڪي ستار
ڪاراڪر قيمتي. اڇي ٽيڪا اظهار
ڪنوڻين خوب خوشي مڻ چست ڪني چمڪار
وڃن ويس وڻ جا. ڪيا چوڪا چوڏار
ڪارڻ قوت قلب هر اڇي. ڪوئل ڪي ڪوڪار
پگ پگ پاڻي پوڄ پٽن تي. تاڙي تت تنوار [9]
مطرن ڪي موڪل تي. چمرن ڪيا چتڪار [10]

---

[1] سنگين = سهڻا
[2] ڏاڻ جا قسر
[3] چند چهل = نازنڪ چاپري = چير يا جبل جا آن
[4] مڇي جمع مڇيون = سنجن جو سڳو
[5] نائيون = ناڪيئيون
[6] قطر = قطرو. قري جهانار = پهلوان طاقت وارا
[7] گهاءِ = وانگر [ر]
[8] دلاسيا = دلاسي هر ڪيا. نگهيا = نگاهه يا نظر هر ڪيا ۽ انهن جي حفاظت ڪئي
[9] پگ پگ = پير هوڏ پوڄ = ڪهڻو
[10] مطرن = ميڻهن چمرن = ڪڪڙن

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پاڻ پري برجاءِ ٿيون پنگھر روءِ پتوار[1]
موريا سرس سندا سارنگ جا گل چڳا گلدار
برسر باغ بسيار ٿيا. ڪڙيا ڪٿهڙ[2] ڪار
ليکي ليکيان نه پچان. سندي سگهه ستار
مون تي مهربان ٽئين خالق خلقڻهار
ديئن عقل. ايمان سندا. پري ڏيهون پندار
تي مدت مونکي مصطفيٰ اُمت جا آڌار
نبي چامڙا نه رچئي. منهنجي توتي آهي مدار
ڪلمي ساڻ قرار. شل ملي محمد چامر کي.

لس بيلي جي شاعرن هروپرو ڪنهن جي تعريف ڪاڻ ويهي ڪئي: مدح رڳو مٺياڻدار مڙسن جي ڪيائون. چام عالي خان بيشڪ پنهنجي ذاتي شخصيت خواهه حڪمران جي حيثيت ۾ هڪ نهايت بيدار مغز ۽ لائق انسان هو. انهيءَ ڪري سندس شان ۾ نه جي مدح سرائي بلڪل موزون هئي.

چام عالي خان ۽ سندس والد چام ميرخان جي وچ ۾ اختلاف ٿيا. چام ميرخان جي حڪومت جي آخر ۾ سنه 1886ع ڪان وٺي چام ميرخان جي وفات يعني جنوري 1888ع تائين چام عالي خان ڪوٽيٽا ۾ نظربند رهيو. چام مير خان جي وفات بعد ۽ سجو هڪ سال لس بيلي جي حڪومت انگريزن جي ايجنٽ هلائي. چام عالي خان 20_ جنوري 1889ع ۾ واپس بيلي جي گاديءَ تي ويٺو.

پويان لس بيلي جي هڪ سگهڙ شاعر وٽوير چني لس بيلي جي خوشحالي. آبادي ۽ چام عالي خان جي واپسي واسطي مولڻ ڪان هيٺين بيت ۾ دعا گهري هي بيت به عام سندي شاعري ۾ "دعائيه مدح" جو هڪ

---

[1] پري - راضي ٿي. برجاءِ - پورو. پنگھر - مينهن وساڙو جيئن پتوار - پت وارو- سهڻو. "مينهن ونو ۽ بخت ۽ پاڻ جن مينهن وساڙي جيئن جي سهڻي صورت ۾ پوري اوج تي پهتو".

[2] هن ست بعد ايڏا هن مدح جون بيون سٽون به هيون جي اسان جنڊي سبب قلمبند ڪري نه سگهياسون.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

بهترين نمونو آهي. فقير وڏير چيو تہ:

ککر ڪر ڪاڪار. مولئ مينهن ملڪ تي
الله تون اُمت تان. ڏرت لاهين ڏاتار
لس. بارخ لحظي ۾. ٻاڙو وسائين بهار[1]
حب. ملير هيکاندي. سموندين سنڌ سنوار
پب. اُچڑي پلتون ڪيون. وندر وڃون وار[2]
مور وسائين. ڏور واهين. ٽيون برساتون برقرار[3]
گهٽ. گودڙا. گاميون. ٽيوچڪ چلڙ چؤڏار
پيج وسين پٽن. پرياڪس ڪنار
اُجارينديين اُٽل کي. ترهايون تلڪار
پرياڪيٽ کرڙيءَ جا. ٽي ڏمامين ڏڏڪار[4]
سڪڻ. واڙيارو سانو ڪرين. ڏولولهين ڏڪار[5]
ڪيچ. قندار. ڪابول. ڪشمير آڪاتون اُجار
ان رحم پٽڻ واڃيا. هي سرزمين سينگار[6]
ميرل آيو ماڙئين. ٽئي بادشاهي برقرار[7]
سوعالي جام الله آندو [سباجهي ستار][8]
سولکي سردارلس جو آهي پيرين وڏو پار
ڪارهن مٿي ڪٽڪ ٽئي. سورنهن مٿي سار[9]
ارڙهن مٿي اُٽل منجهان. پريواڃن جوار[10]

---

1 ٻاڙو - وندر وارو ملڪ. بهار - اٽل جي اوڀر طرف
2 اجڙو - اٽل کان اوڀر طرف وارو جبل
3 مور - جبل جو ڪرنگهو. ڏور - ڏورا
4 کرڙي اٽل شهر واري ننڍن جو نالو
5 سڪڻ ننڍن جو نالو. واڙيارو هڪ ڏوري جو نالو
6 ان رحم پٽڻ يعني رحم موجب [ما]
7 ميرل آيو يعني بادشاهه اچي
8 اصل روايت: "سوعالي جام الله آندو لس نہ نوءَ لهندي" بنا قافيي جي ۽ بي سٽ سان ڪنديل
9 ڪارهن مٿي يعني ڪٽڪ ريٽي جا يارهن مڃ ۽ سار يعني ساريون سورهن من ريٽي وڪامن
10 جوار اٽل جي شهر ۽ ارڙهن مڃ ريٽي ماڻهو ويچن. شل اهڙو ملڪ آباد ٿئي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جهنگين منجهه جهڪتيون لڳيون. بنيا چيز چؤڌار
واهه چنو وڻيو چشي. منهنجو پاڙو وجهين پار
نبي نظر نهار تہ اُمت هي، آجي ٿئي.

2. وصف

وصف بياني هڪ تہ عام جو شاعر اُستاد آهي. سندس نڪر جي رسائي ڪٿي عميق ۽ اونهن مسئلن تائين ڪانهي. مگر سندس نظر جي تيزي ۽ ذهن جي صفائي زندگي جي ظاهري اسباب ۽ جنسارکي ايترو تہ باريڪ بيني سان ڏٺو آهي جو هر گهر ۽ مال، راڄ ۽ پاڻ جي ڪٿن ۽ ڳالهين کي تہ پوري طرح سمجهي ٿو. مگر ان سان گڏ جهنگ جهر جي هر گاهه ۽ ٻوٽي جي جنس کي ڄاڻي سڃاڻي ٿو. پکي پکڻ جي ذات کي پرکي ٿو ۽ وهٽ واني جي عادات ۽ اطوار توڙي سنج ۽ سوار جي هر سنهي ٽلهي وصف ۽ رمز کي سمجهي ٿو. لس پيلي جو شاعر. سنڌ جي عام شاعر جو بهترين نمونو آهي. عام شاعري جي خيال جا وٽس خزانا آهن ۽ ان جي باب بيان جا وٽس داستانا آهن: بيان ڪري ٿو تہ ذري پرزي جا پار پتا ڏئي ٿو ۽ جڏهن چيز کي پاڻ ڏسي ٿو ۽ پين کي ڏيکاري ٿو. وصف بياني هڪ ڳالهين ۽ ٻُڌتا آهن جي نہ صرف هو ڄاڻي ٿو مگر جڏي ٿو ۽ ڪيئي مقصد ۽ معنائون آهن جي نہ رڳو هو ڳائي ٿو مگر هڪ ڪري ڏٺي ٿو.

مثلاً ڪنهن رات مارئي خواب ۾ پنهنجو ملڪ ۽ ڏيهہ ڏوريو آهي ۽ ان جيڪي اُت ڏٺو آهي تنهن کي شاعر شيخ ابراهيم جي ذهن ۽ زبان هن طرح عمر جي آڏو بيان ڪيو آهي تہ:

مستي رات سهيج، جو سهڻو لڏو هوم سومرا[1]
جيئن سمجهيم تيئن سڻائيين، ڏيان رکي دل ڏيج
چان ڪر لٽر بند براهمڻ چئي مهندان هن پهڻ هيج[2]
چان ڪر وڻا مينهن مليرتي ٽيورن جهڙ پٽن ريج

---

1 سهڻو - خواب
2 هيج - خوشبوءِ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

وڻ تن ولين ڦليا. ٽيو سائو سبز سريج
اچيو چونر سرتيون سنبهيو: هيکر ڏٺ هليج [1]
برٽ. هيکهه، ڏنهين. ڪريو (پٽيو) خوب ڪٽيج [2]
مِزلي. منڊيڙو. مکڻي. پايو پاند ڏريج
پرٽ. پونگر. قطر ڪامون. ميڙيو مچ ڪريج
ڊپ. دامڻ. پٽ تتر. پوئي. وڻ وڻ ڪيو واريج
للر. مليرو لنب. لاٽي. لوهي، منجهه لڻيج [3]
سائون. ڪهه ڳنڊير سين. دست مليو موڙيج
هرو. پاجهر. پانٽي. سانجر سڪائيج [4]
پٽ بصر. ڪوير ڪٽيو. ڏيو ڏار ڪريج [5]
ڦرج ڦاروئن ڪي. ورچي ڪير وريج
پڪا ڪونر ڪاندڙ ڪي. ادي آٽيو ڏيج
ددڙ تاجورن سين. نوان چونڊيو نيج
ڀاڳا. واڳا. ڳهر ليهاري. آڻيندڙ ڪي آڻيج
گولون. چيڙ. ميها. مڳها. ڪوڙيون جوپ ڪريج [6]
ڏونڙا. پيرون. ڏنگڻي. چيچن چت رکيج [7]
سانگ. سنگرايون پير. بڙور. هونگر وپاند پايو پر ڏيج [8]
ڪان پيرون. ڪل. ڏڪڻي. هڏ ڪٽيو رڄ رکيج
هڻي پڙي هنجيرن ڪي. واهه جمون جاڻيج [9]
هڪ ڪهو ڳهيتا. پرهه پوتڪون. لوءِ ڪنيون لوڻيج

---

[1] ڏٺ هلڻ = ڏاڻ چونڊڻ واسطي هلڻ
[2] ڪريو = پٽيون هن سٽ کان وڌي شاعر ڳاهن جا قسر ڪٿيا آهن
[3] لوهي = لوڻي
[4] سانجر = ساجهر
[5] ڪٽيو = ڪوٽيو (ڪٽ = ڪوٽ)
[6] ڪوڙيون = ننڍيرو وڻ جو ٿر
[7] ڏنگڻي = ڇڄڻي
[8] س. سنگرايون = سڄيون
[9] هڻي = اڻي س. هنجيرن سين

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

کانهن ڪيون ڪرن ڏکيون. پن- سڏا پٽيج [1]
اڇا ڦاڦڻ ڦڙڙا. هر چونڊيو گهر نيج [2]
سر ڪاناري، گل سيليو. ڪليو پيهه پسيج [3]
هٽ پڳ مينڊڙي موڙ سجوڙ لالائي لائيج
ڪير، مکڻ، ڪڙڪيٽ سين. ڪائج ڪارائيج
ٽڏا ڪتا پن ٽوهرين. اوڍ هه مزا مائيج
هيا به ميوا موڪ. ملير پرينر پاڃي ڏيج.... [4]
جان جاڳان تان جيڪي ٽيو موڙي پير مجيج
ترڪٽ سائيهر ڪٽ سرتيون ڪٽ هنڙوڪٽ هيج
ڪٽ ملير، سفر ڪي. ويهي ويچاريج
ادا عمر عادل آهين. مون مبارڪ ڏيج
تان ڪي تعبيريج. سهڻو منهنجو سومرا.

مگر هن تعبير جو جواب به شاعر خود ئي ڏئي ٿو ته:

ختمو خوب پڙاهاءِ. يقيناً يوسف جو [5]
انهيءَ ميل سفر ڪي ايءَ عجب سهڻو آهه
تحقيق لهندءِ بند برابر چئي. موڙي ملندئين ماءُ
لات ڏاڏائي ڏيهڙي خانود خوب ڪلاءَ [6]
ڪيرون ان خوشامد جون ڏيهه مڙيئي ڏيندءِ
اُهي وهر لهي ويندءِ. تون ملير ملندئين مارئي.

مٿيون بيت اُستاد شاعر جي وصف بياني جو معجزو آهي جنهن برنه

---

[1] پن سڏا = پن جا سنگ
[2] ڦاڦڻ = پن جا سنگ جي اڇا ٽين
[3] سيليو = ٻوٽو جنهن پن ڪانڊا ۽ ڦيڻ کي ڳاڙهن ڪرڻ واسطي هٿبا. "سرتيون هٽن سيليو صبح جو سيڪي- ڏيهاڙي ڏي ڪي پسان مان پنهوار کي"
[4] هن بعد اڇا ڪي ستون رهيل
[5] ڄاڻان ته خواب جي تعبير حضرت يوسف جاڻي ٿو ۽ من کا ڇڳي وڃائي ڏني
[6] اصل خانور = ڪاهڙ (؟)

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

رهگو گاهه ڳڙ آهي مگر ڳالهه جي به ڳڙ آهي. بيان اهڙو سنئون سوڌو آهي جو جڙ بي اختيار زبان مان نڪتو آهي. قافيا اهڙي ته عجيب معنيٰ سان ملايل آهن جو اهو معلوم ئي ڪونه ٿو ٿئي ته ڪو شاعر خواهه مخواهه گاهن جي نالن ڳڙڳ وسطي آندا آهن.

هيٺيون بيت مٺڻين اُستاد جي شاگرد ولي محمد رونجهي جو آهي، جنهن ۾ مارئي ملير ۽ مينهن جي وس سنياري آهي ۽ جنهن ۾ ته رهگو گاهه ۽ وطن جا جملي وڻ تڻ ساريا اٿس. جيتوڻيڪ هي؛ بيت استاد جي ڪڙي جو ڪونهي تاهم شاگرد جي وصف بياني جي چڱي خاصي شاهدي آهي. ولي محمد چوي ٿو ته:

ولو مينهن وس ٽي موريا ٻج ٻهر
ڪانهه ڪانديرا اٿيا، سڻ موچارا سر
لنب لوت لڳي پيا، پتين ۾ پوتر
مينها، مگهها، مزليون، چڳا ڪياچاهر
ڏيپ، ڏامڻ اٿيو، ڪيا منڊيڙي مجر
ڳهر، ڳانديئر، ساوڪو، سنگيو[1] چيهي لاياچر
ڪهه، ڪٿيڙيون، خوب ڪنيون، ڏٺهون[2] ڪيا ڏيهر
پن، پيج پيڙي، موڪ مريڙو، ڏاڻا، لوت، للر
ڪيرٽي[3] جا خوشي، سين ٽاچرن پور هڪر
لال لاٽي لڳي، هي پوئي پٽ پٽر
ڪڏي ڪوٽ ڪاٽي، اجا زور ڦلي زهمر[5]
توپ ڪلهوڙي پنيون پڪيون، جوپ جهجها تت جر

---

[1] سنگيو - (س) سانڍون
[2] ڪٿيڙيون - ڪڙا - پيون ڏيهر - ڏير گاهه
[3] ڪيرٽي - ڪيرل
[4] لڳي - (هڪڙا - س) - لاڙي بروايت شيخ عثمان "لال لاٽي ڳنگين پوڻي، پٽ بصر" يعني پوڻي گاهه پنن (ڳنگن سان) تيو يعني سرسبز ٿيو. جبل جي هولي ۾ ڳونگي جمع ڳونگيون - ڪتيون
[5] زهمر - پٽر جو پوٽو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

واهو ويڪو جوپ جوانو ڀامائو ڏکر [1]
ڪانڌ سگوڻيون ڪليون ٽاڪن گولائن تي ڪڏر
نرم هڙونگيا ڪاچل چپر [2]
ريڪ منڊيري سنيار سوايو ڏٽين لاءِ ڏنور [3]
ڏڻ ڪاري اڏ انگي پيو هيا وڙا گنجڪ منجهه گهر [4]
ڏيڏو ڪڙمت هيل هريڙي ڏاڪ جهنگين تي جر [5]
آءُ چل چوڏيندس چپ ۾ هاڻن سين هر [6]
چيڙ ميڙي وليون ويڙهي پريو ڪوڙي ڪانبا ڪر
ميها آندم چوڏي پاند ۾ ڪير ڪاتونبن سين ڪر [7]
ڏونڙا پيرون پوڄ پتين ۾ لال پڪا ليهر
درس ديگوڙا ديسين ۾ هيا ڪاروئڙن ڪيا ڪر [8]
لال ليموڙيون پڪيون پيون ڪوديريون ڪٽر
آڻيو ڀاڳا ٻوٽ ۾ پتيون ڪن پنهور
ڪوريون پيريون ڪڪريون ٽرين ڪليا ٽوهر
بيد چميون باغ ٽيون ڪيا گهوگهيني ڳگر [9]
هرٽ هانول هيڪهين پٽر پٽ ـ بصر
پرٽ پونگر ڪرنگهه ڪتي پڇ حاجيڙي هونگر
اُست ابتيون ٽيو ڳوهيندين پي جا بيحد گهٽي بتر [10]

---

[1] ويڪو - يعني وڏو گاڏ جوانو - ڪاڏيرو
[2] س ـ نگيو
[3] س ـ سهار ڏور ـ ڏوتور = ڏوڙ
[4] انگي پيو - ڪٽي پيو گنجڪ - هرجاءِ
[5] جر يعني جار گهٽي
[6] چپ - ڪوچي ڏورو
[7] س ـ جونڊي پانڊم (ڪڏا)
[8] ديگوڙا - گيدوڙا
[9] وڏ جو نالو ڳگر ڪل جو نالو گهوگهيتو (جو سرهو ٿئي ماڻهو کائيندا آ ۽ بادي کان جڳو آهي) ۽ وڻ جي ٽڙمان جو رس نڪري سو ٽيو ڳگر
[10] بتر = پٿر

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پاڃهه پکڻي، هنڌ هنڌ هيرن، پٽين پڇونگر [1]
خوب کيرولين، هار هسڪريون، چنڊني کيا چڪر
ٽپنيون ٽهڪن، منڱليون مرڪن، ڦٽيون ٻڪر هالين ٻير
برڙ انجير، سرنهه ساڃوٽيون، ويڑيون وڃ ولر
ڪهوءَ مهوءَ وڻ ڪيترا ٻيا ٻهٽيرا پٽر
لڏي لوهيڑا نڳيا، پاڻهوهيا پير
ٻيل ٻوريون ٻوڙيڏا، آءٌ چونڊيان ساڪڙ سانڀ سڳر [2]
ڪورڻ، مينڊيون، چونڊڻ ويندين، جتي جهال جڳر [3]
ڳوڙ، ڳارائي، ويڑ ورينگڻ، ڪاڏير سونهاري سڳ،
اڪ، ٻوهه ابائڻ اوڏڙا، نر تت نشانبر
ٽانٽ، هشنگ، ڪار، ڪپون، ميشڪ ڪيا مجر
ڦوڙ ڳوڙ خوب ڪرڪ ٽيوتي وڻ ٽمر [4]
تنهنجا ڪر نه اچينر ڪيوڙا، آما، انب اپر
ليما، ڪويون، آمريون، تووت نت پڪا نايرَ [5]
سرڪن، ونجهه ولاتي، پرتوت امان جو ڳونر
سرها سانبين سومڙا ڳام امان جا ڳهر
ڪتوريءَ خوشبوءِ ڪني اوتيائون عطر
ساريم وڻ وطن جا، ساڃا سپ سڪر
واحد جي وڃائي جي ڪمي ناهي ڪر
مونکي عقل ايترو آيو منجهه اندر
ڪيڏيائي بندمان الله لڳ عمر
تہ مٿي اتي مجيان سندوءِ ٽورو ٽر
ڪر پلائي پال وڃي جان آءٌ وهان وڃر

---

[1] پاڃهه - ڪهاڻي
[2] ساڪڙ: آسري لشي مان ٿئي
[3] جهال يعني جال۔ جڳر - ڪهڙو جال جڳر = ڪهڙيون ڪهاڻيون
[4] هي سپ لئن جا ڳاهه آهن. ٽمر - سنڌ ڪاري پر ناڙي مثل ول
[5] س: "ڪويو آمريو". نايرَ - ناريل.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

البت ابائڻ جا، هوندا مٽر ڏک ڏمر
سي سپ لاهيان سومرا، گڏيي غم گوندر
ڪر سڀاڻيون سڪ جون، ٿي مَ ظالم زور آور
ڪنهن پر ڪين قبوليندين هڪ ور مٿان پيو ور
هاڻ ٿو ڪر هن هٽ کي آهي ڪرڙي زور تبر
اصل عزرايل کي هو تڙايو تڪبر
ڪڻ هڙ سلامت هٿهين وڃاءِ ڪير وڪر
همراهي حضرت جي شل ايندم ڪر قبر
ڪامَ ڪائياري ٽٽي مهندان ڏينهن محشر
سندي درسائي در شل ويندس ولي محمد چئي.

مومل راڻي جي قصي ۾ جنهن وقت راڻي وڃي مومل ماڻي آهي ان وقت شيخ ابراهيم مومل جي خوشي ۽ خوش روئي جو ذڪر ڪندي مومل جي هار سينگار ۽ گهن جي جنسار کي ڳايو آهي تہ:

سوني ساهر تلاهه تلڪي. تنهن سر موتي مڙهياس
ٻٽنر بولانٽ نموريون سينڌ ٽڪي سر جنهور جڙياس
جهڪ مڳ جهومڪ جهالريون گجر ڪاڻ ڳهڙياس
در ڪر، دهرا دريچا، روپ گهين رنگ لياس
ڏيڏيون، ڪوڪيون، پاڪن پنڙا ڪنين تي ڪان جهلياس
مرڪيان، مهريان، اور ملڙا، سر سوني ۽ ڏانوڻ ڏياس
ڏر توڙر چاڪ پتڪيون، مينڊيا، ماڻڪ موتي مڪ ڳٽياس
نورا، پنورا، نانگلا، هيا هار هين هگر پاياس [1]
ڪنڊيان، بنڊيان، هارتا، سهجان ساهه سينبارياس
پٽچان، سنگيان، واهه ونگڙا، پوڄ پٽهڙيون ٽي چمڪلين سرچاياس
ايڪ داڻي، ديکو ٻي ڏسي تؤسي تلي طوق بچاياس [2]
ڪنڌالون قيمت ڳوريون، تن تي لالون سر لٽڪياس

---

[1] پوٽرا: سهاڳ جي ڪنڌي يا هار ۾ سون يا چاندي جا پرٽا
[2] "تؤسين تل سين"

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ہانھین ہاھونتیا. سونھن ہانھیون. بازو بند بنایاس
کنگڻ. کڑولا. کتریا تنھان وڏا وادولا آیاس
جھرمر جھانجھر پیرن کڑیون بازیان گھنگھرا گجریون وچ تن وڇڑایاس
ننھڑا. وچوٹان. بھوت منڊیان. گجر لئي گھات گھڑایاس
بورینڈا براھمر چئي. جوڑ چگي جھٹکایاس
مانگھ ڦلیان. چالي چلا. چوڑا چلکي چنکایاس
بیحد بچایاس. گلمر غلاف ۽ گادیون[1].

شیخ ابراھیم فطري شاعر ھو سو پنھنجي بیان ۾ بنا کنھن خاص ایرادي جي اھي ڳھ ڳائي ویو. مگر سندس شاگرد ولي محمد مارئي جي ھیٹین بیت ۾ قصد کري وینھي ڳھ ڳٹیا آھن تہ:

ولا میںھن ملک تي جيءَ اندر ویا جار میان
موریا کک ملیر ۾ آھن سرھا ٹیا سنگھار میان
ھکریون چاریو. ولر واریو. پي رڌن جي رڙکار میان
جيءَ ساري ٿوجن کي منھنجو آءُ اکندیس تن اپار میان
پونم یاد کریان فریاد. ٿو اندر ڏئي اُچنگار میان
کر سڻایون سومرا ایءَ بندي کي بدکار میان
کیندیس اچون. پیندیس پچون. سر تیین سین سردار میان
توجي رضا. مجیان نہ قضا. بت نہ باسي بار میان
کین پرھیان پٹ ۾ پاڻ کي. آھر لوڻي جي للکار میان
ورخ کیرون ونڊیون ویھي نہ وجھندي ماٹک کوڻ مروار میان
کنگڻ کڑولا. ہانھن ہانھونڀا. تنھنجا مان من وجھان [نہ] موچار میان

---

[1] ھن بیت ۾ اسان حامد خان رند جي روایت کي شیخ ساڻیڏاد جي روایت تي ترجیح ڏني آھي ۽ ڦانسي ۾ مڑھایا. جڙایا جي بدلي مڑھایاس. جڙایاس ضبط کیو آھي. شیخ ساڻیڏاد جي روایت مان البت حامد خان رند جي روایت کي مڪمل سمجھیو ویو آھي. حامد خان خبر کڻي تہ جڏھن جام میر خان شیخ ابراھیم جو بیت ٻڌو تڏھن سونارن کي سڏایائین تہ منھنجي ڏيءَ جي ڦاج لاءِ اھي جملي ڳھ گھڙي ڏیو. سوانارن ٻیا سڀ ڳھ آندا باقي ھڪ جڻن جي باري ۾ جیاڻون تہ انھن جي اسان کي ۽ خبر ڪانھي. جون ٿا تہ جڏھن جام اھي سڀ ڳھ ٽیاٹي کي ٻھرایا تڏھن ھن لاءِ ڳھن جو ٻار ڪٹڻ ڳورو ٹي پیو.

جیئي سنڌ ڊجیٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

سڳيون تنهنجون سونيون گهوريان. نه ڪريان گجرين سين گنڌار ميان
هار ڪيون هانهن هر ڪريان تنهنجي پوڄن ڪين پچار ميان
دستيون تنهنجو دل هر نه پيئون ننهڙا وڃان نار ميان
ڪڙيون وڇونڙا ٻيرن پيڙا نه ڪريان نورن سان نروار ميان
پاءِ پازيب ڪڙين ريب. ڪر گهنگهرا پنهنجا غار ميان
جهر مريان جهوڙي وڃه تون پوڙي. تن تي من نه ڪري متار ميان
آءُ در وڃان دولت تنهنجي. هن نه هڪي ۽ تي هار ميان
چمڪليون چوڙي جهانجهر جون وڃان عطر داني اظهار ميان
ڪنڌالون. وڃان نه لعلون. نه ڪريان تنهنجي تائيڙن تار ميان
منڙا آڪيو ڪنڌين پوئن. سرتيين ڪاران سي نه سونهن جي ڪرين هت هزار ميان
طوق دوسري چنر چپيتي سي نه ڪريان سينگار ميان
نٿ ڳهڙائي. ڪانوڙ ڪائي. نه وڃان تنهنجو ڪنڊڙو منجهه ڪپار ميان
مينڊين ڦل. پتيون گل. تنهنجي بيني ڪوڻ بيزار ميان [1]
ايڪ ڪاڻي. وڃان ڪاڻي. ڏر نه تنهنجا ڪار ميان
بازوبند. وڃان نه بندي. جن منجهه لالائي لگار ميان
ڪوڪيون. پتنگ. ڪنين ڏيڻا وڃان نه تنهنجا ڏار ميان [2]
پيڪن پنڙا. ڪوڪيون ڪٽائي ڪريان درهج تنهنجا ڏار ميان
واليون تنهنجون ويس نه وڃندس نه ڪريان چڳن سين چانگار ميان
ماڙيون تنهنجون سون نه قبوليون. ٽر ري ناچي نار ميان [3]
وطن منجهه ولي محمد چئي. ڪن سرتيون منهنجي سار ميان
چڏ تون زوري. ٽينڊو توري. ڪنڌا ساهمي هٿ سنگهار ميان
ساري وٽندا سومرا حق سڀئي حقدار ميان
اهي پرس پروڙج پار ميان. ته ڪونهي جڳ جيڏ جو [4].

---

1 پتيون گل - مٺي جي پتين ۽ گل پوءِ
2 س: ڪوڪي بٽڪ ڪنين - الخ
3 ناچي - نه اچي
4 س: پارس - الخ. هي بيت شيخ حسان جي روايت تي قائم ڪري ان کي شيخ سائينداد جي روايت تي پيتيو ويو آهي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مارئي جي سُر ۾ بيان جي سوڀائي ۽ صفائي جو هڪ بهترين مثال ڪبير شاهه جو بيت آهي. جو آڪاڻو سنڌي چوٽين درسي ڪتاب ۾ پڻ ڏنل هو- يعني تہ: "پنهنجا ساريم سومرا. هوجي پٽرين پٽ پنهوار- الخ" جنهن ۾ مارئي ۽ ملير جي پيٽ کي شاعر نہ صرف سهڻو ڪري سموهيو آهي مگر هتي جي توڙي لس جي گاهن جي خبر بہ لاڪيتي ڏري پرزي ڏني اٿس.

ٻيو هڪ بيت ڪبير شاهه جو سُر گندري؛ مان آهي جنهن ۾ چامر تماچي؛ جو نوري؛ سان ڪيئن نينهن لڳوانهي؛ واقعي جي خبر کي شاعر پيرائتو بيان ڪيو آهي ۽ پهرئين سٽ ۾ ئي سجو سمان اکين آڏو آڻي بيهاريو اٿس تہ: "چام ڏني هٿي چار وڃهندي ڪا ٻوندي منجهہ ديل- الخ"[1]

شيخ ابراهيم ڪيچين جي قافلي ۾ قطاريل ڏاڪڻ جو بيان سڀني جي زباني هن طرح ڪري ٿو تہ:

پنيورن بار پٽي جان کي سڏ ڪيام سائين
ادين اُٺ ڪڍي نيا. ڪاڪين ڪيچڙن
ڪڪا. ڪارا ڪيترا هٿا بغدي بلوچن
ساڻ سانوڪ سونهڙا. جهڙا جهونجهارن
نرتا وڃن نڪريو بانڪا ٻوز سندن
وڃن سوچانا سترا لڏيا لاکيڙن
پراڻ ڏٺا هوپٽ تي ڪي ڏونئرا اُٺ دومن
زرد ڳاڙها ذوق سان ڪوڏيا قربين
مکڙا وڃن موج ۾ ٽکانہ ترمن
سائگ محبوب جا سينگاريا سونهن
ويندا ڏٺا هوات تي ڪي منهنجا اهڙن اهجاڻن
مهري ملوڪن. ڪي چڱي رنگ رمي نيا[2].

---

1 ڏسو باب بارهون

2 شيخ سائبنداد جي ڪتاب ۾ سنڌ توڙي بيلي جي روايت موجب هي بيت شيخ ابراهيم ڪانهن منسوب ٿيل آهي بيت ۾ شيخ ابراهيم جو نالو ڪونهي واڌ اعنر.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هن بيت ۾ شاعر جي اٽن جا پار يعني ته رنگ، پنڊ ۽ پيا اهڃاڻ ڏنا آهن. سي بلڪل بلائتا ۽ پيرائتا آهن. مگر ڪبير شاهه انهن اُٽن جي وصف ايڏا به وڌيڪ تفصيل سان بيان ڪري ٿو ته:

باري بلوچن جون. هيون ارڙهن ويهون اُٽن [1]
تن ڪاري ڪڪر ڏونگر تان اچي گس پڌو گونڙن [2]
تن اوٽرن. گوڙرن. لمن ليڙن. ڏاگهن ڏيرن. پوڙهن ٿوڙهن [3]
گهٽين گهيڙن. لاڙهن چاڙهن. صون سان جيڏي ڪي جتن
جن جون پوچون پلاڙين سين جماتون جتن
ڳاڙهي چندن ڪاٺ جون. ناڪيلين نڪن
اڇي ريشم پٽ جون مهارون مين
ٽنگن ڏگها. وڃن سڳها. ڪهه هڪين ڪڇن
ڪڇي، ٽوڙي، پڏا. چوري، ويا. جن جا ڪُر نه ڪڙڪوڪن [4]
منزل مارڻ. پوءِ نهارڻ. اهو عيب اُٽن
چر چارين. ورهه ويچارين. مدي نه پئي منجهن [5]
پڇن پهارا. مدا سونهارا. چيريا چپ چرن [5]
سي ڪڇن ڪين ڪبير شاهه چئي. ٿا نرمل ننگ ڪٽن
اهي بغدي بلوچن. ڪنهن ڏاڍي خاطر ڏاريا.

ڪبير شاهه جو هي تفصيل، وصف بياني جو اعلىٰ نمونو آهي. مگر

---

1 هي بيت سجو سوڌو ڪنهن به راوي وٽان ڪونه مليو هتي مختلف زبانين کي جمع ڪيو ويو آهي.

2 اصل قافلي جو رستو ڪوڙڙي کان پوءِ ڪاري جبل جي ارڌ وٽان لس ڏانهن ويندوهو. جيئن ته ڪبير شاهه اصل ڪوڙڙي جو ويندل هو انهيءَ ڪري ڪڇين جي قافلي جو به اهو ئي سارياڻين.

3 هي ست اندروني قافيي ۽ ڳالهه جي نفسياتي ڏيکهه سان گڏ بياني ڏيکهه جو هڪ انوکو مثال آهي

4 ر: "ڪڪ ۾ نوڙڪه وڃن چوري، ڪڙڪوڻ ڪن." هي روايت ۾ "چوري ڪتر اويا۔ الخ"

5 هي روايت ۾ "مدي نه پئي منجهن" جي بدلي "محبت لايو من"

5 "چين چيرا. پهارا. آهن سونهارا. جڳي ريت سندين".

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

قافلي جي سنبت ۾ سعيي توڙي اُٺن جي سازن جو پيرائتو ۽ ڏري پرزي بيان اڃا ۽ شاعر ولي محمد ونجهي هيٺين بيت ۾ ڪيو آهي، جو شاعراڻ وصف جو چڱ بهترين نمونو آهي. ولي محمد شروع کان ئي سات جي سنياهي جي ڳالهه تو ڪئي ته:

ڪالهونکر ٿا ڪن، وائي هوت وڃڻ جي
ڏمر ڏيرن من ۾ سوٿا سر پر ڪين سڻن
وڏي مهارن کي مڙهي سر موتين
آئي اٺ آڃاڻيا اڳڻ عجيبن
ڪڍيون ڪرزينن مان پوشاڪون پٽڻ
وڏا ڏر ڏاڳهن کي سؤڏا سر سين
ڪتانيائون پٽ سين مڃون محبوبن
سيليين گانبيين سونهٽا جهوڙا ٿا جهمڪن
گهر بنديون گوڏن تي، ٻيا لٽڪا ليڙن
چنڊي پليون پاڪ ڪري تن تي جهل وڏا جوانن
ڏيرين ڏنا پاڪڙا. آئي سر اُٺن
ٻڌي تنگ تيار ڪيا. پڇيتي پرين
تن جون گهرون گونڊين جڙيون تن منجهه ٽليون ٽيون ٽمڪن
زيلا جهليون جهمن تي، ٻيون ڪمر ڪرزينن
ڪيس لپيتي خوشي مان تن تي هنڌ وڏا هوتن
رنگيون بوڇڻ بافتا. لنگيون لباتن
مٿي ٻڌا مولهيا. ٻيهي پروچن (۱)
پرين پهراڻ پٽ جا پريا مان پرتن
گلبندن جون گهوٽن لئي. آندين سٽيون سپرين
موڙا ملوڪن جا بخمل بناتن
هوتين هٿيار سونهٽا. جن ۾ جنهوار پيا جهرڪن

---

۱ ٻيهي = ويهي

سهسين ٽڏر سوڪڙيون. ڏنيون سوڳاتون سيٽن
حيلا ڪير هلڻ لاءِ. پانير سن وڻي سون وڃن
جات به پائي جت هٿا. ڪي ڪهل ته ڪيچيئڙن
سون ڪي ستي چڏي سيج تي. ڪاميائون ڪرهن
ڏيئي رات رمي ويا ڪي ڏسو جا ڏيرن
ور ڪي ولي محمد چئي ڪا ڪوڪ نه پئي ڪن
پيهر پاروچن. ڪنهن ڪل وسهندیس ڪينڪي

واهر ولي محمد واهر تنهنجي ڳالهه جي ڳڻپ ۽ بيان جي ملوڪتا پچاڙيءَ واري سٽ ۾ ته ڳالهه جو سنگ وڍي چڏيائين ۽ سندس سٽ وري وري پڙهڻ جي لائق آهي ته:

"پيهر پاروچن. ڪنهن ڪل وسهندیس ڪينڪي"

مطلب ته وصف ۽ بيان ۾ پيلي جي شاعر عام سنڌي شاعري جو بهترين نمونو پيش ڪيو آهي. مثيان مثال ثابت ڪن ٿا ته عام جي شاعر ڪي زندگي جي هر پاڳي ۽ جزي جي خبر آهي ۽ ان جي بيان تي به ڪيس ملڪو آهي. چا جهنگ جهر جي گاهن ڪي. چا گهر ۾ زال جي هار سينگار ۽ ڳهن ڪي. چا اُٺن جي قافلن ۽ قطارن ۽ سندن سنجن سازن ڪي. مطلب ته جنهن به هڪ جو ڪٿي ته داستان کولي ته گويا ۽ گفتار جا درياهه واهي ته چڏي: نڪي سندس زبان تي هيڪي ته نڪي سندس لفظات تي ڪٽي.

3. عشق

پنهنجي عشق جو احوال ۽ پنهنجي درد جو داستان پيلي جي شاعر به عام سنڌي شاعر وانگر. سنڌ جي مشهور عشقيه قصن ۽ افسانن جي تاجي پيڙي ۾ اُٽيو آهي. سندس بيتن جو عنوان ڪٿي ڪهڙو به هجي مگر گاهي به گاهي سندس معنائن ۽ محاورن ۾ عشق جي آڳ ۽ درد جا دونهان نظر ايندا.

هي، ڳالهه عام مشهور آهي ته عشق جي ابتدا خوش طبعي ۽ خوشي ۽ انتها آهي ذڪ ۽ درد: ابتدائي منزل مجاز جي آهي. جنهن ۾ شاعر

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

محبوب جي حسن ۽ صورت جي تعريف . مٿانئس ساهه جي قربانيءَ
سنڌس سڪ. صحبت ۽ ساڻ جو ذڪر شعر ۾ڪري تڏ يا وري سائس
حال جون ڳالهيون اوري تو ۾ شوخي ڏنگائي . ڏاڍائي ۽ محبت جون
ميارون. ڏک ڏوراپا پنهنجي شعر ۾ بيان ڪري تڏ آخري منزل سوز و درد
جي آهي. جنهن ۾ مجازي محبت پڇي پختي تئي تي ۽ شاعر پنهنجي
حقيقي سوز ۽ درد کي ڳائي تو. بهرحال مجاز ۽ درد عشقيه شاعري جا به
نمايان پهلو آهن.

محبت ۽ مجاز جا ڪي مثال پوين باين ۾ بيان ٿي چڪا آهن.
خصوصاً جتي اسان عام شاعري جي مشاعرن جو ذڪر ڪيو آهي (جيئن
ته شاعر وريي. نوت بلوچ ۽ شيخ سائينداد جو مشاعرو). صورت مجاز ۾
هيٺين اُستاد شاعرن جا هي آلاپ ۽ آواز نهايت مٺا ۽ پيارا آهن- شيخ
ابراهيم چوي تو ته:

اوچا عين عجيب جا طرحين طرحين جيئن تارا
جلوه جوت جواهر گهڙنيئن نظارا
مڪ موتي محبوب جا امل اکين اظهارا
طول طوطي براهر چئي ڪيس پرون ڪارا
سيين بهوت سريئر تن جا تنوارا
خوب دندان دهن ۾ اچا ايارا
پئي پلپل پچارا، دوست پيهي در آئيو.

وري ڪبير شاهه چئي تو ته:

موتيان موتيان وڌ منهنجا پرين چاهي؛ جنهور جو جنار
امل ماڻڪ ان تان پيا هيرا نيئي هار
چاهي جوڙيلي جمرود جي تڪا عجيبن آچار!
چاهي وٽڪ وهن جي دلبر جي ديدار
چاهي سج چند تارا ڪٽيون ساجن جي سينگار
چاهي ڪنڪت ڪوئل ڪونج جي هن جي تاب تنوار

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هاڻي هنج حيران ٿيا ڏرکڻ سندي ڌار
ڪاڪوڪچ ڪير شاهه چوي تنهن سين گڏجي ڪير گذار
تون ڀُرج پارس پار جنهن سان سيهونگي سون ٿئي.

مجازي معنيٰ ۾ استاد شاعرن جا وڌيڪ بيت ايندڙ بابن ۾ درج ٿيل آهن. هتي اسان پيلي جي آخري سگهڙ شيخ سائينداد جو بيت پيش ڪريون ٿا. جو پڙ نهايت عجيب آهي. شيخ سائينداد چوي ٿو ته:

چت منا چنچل پرين. چمن منا چوڏار ميان
ماکيان مصريان منا پانڻيان. پي سندين کل مني کينکار ميان
مينا لڳ محبوب جا آهن وڏ اُدرلهه[1] ڪوڻ آپار ميان
برق پي اُنهين ٽي ڏٺا. ساجن جا سينگار ميان
سيهل پاڻ شرماڻيا. پي دلبر جو ديدار ميان
ڪوئل ڪيهل لاٽ لڪائي. مٺي گويائي گفتار ميان
سي صورت سهڻا محب پرين. صورت منا موچار ميان
منا چشم چڪور جيئن. شال مون سين هون هيڪاندا هيکار ميان
جي وسرنر ڪين وجود مان سي جانب ميڙ جبار ميان
ملندم صيقل ڏٺي سائينداد چئي ته نيٺ نندم نار ميان
پيا جي هون هزار ميان. تان پڻ ڪونهي مٽ محبوب جو.

محبت ۽ مجاز جي چوٽ ۾ محبوب کي هر قرباني ڏيڻ جي آڇ شاعر احمد شاهه هنن بيتن ۾ ڪئي آهي ته:

جانب منهنجي جي ۽ پرجي تو ڪي طمع آهه
ڪڻ چاقو وڏ چمر ڪي معافي تو مباح
سؤ وارين سر صدقي ڏيان ساجن توتان شاهه
عجيب احمد شاهه چئي ڪونهين جونگ نباهه
اي سهڻا سڪ سنديا هونکي ڪنهن پر وسري ڪينکي

---

[1] ابرلهه - ڪنوڻ - وڃ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جانب منهنجي جيءُ ۽ جي ويجهو آھيوَ ڪر
تہ ساڻ سڀي صدقي ڏيان ھن ھيڻي ۽ جوھڙ چر
سري ڪين سڌ چئي سونڪي دوست ري ھت دم
عقل مست شرم ٽيئي نينھن نھوڙيا.

در حقيقت مجازي نازِ نياز جي نڪتن کان وڌيڪ ھيلي جي شاعرن سوزِ درد جي داستان کي ڳايو آھي. ايندڙ بابن ۾ شيخ ابراھيم ۽ ڪبير شاھ جا سڀئي جي سُر ۾ ڏنل بيت جنھي دردن جون دانھون ۽ ڪرب جون ڪيفون آھن: درد واري جي دل انھن دانھن ۽ ڪوڪن کي ھڏندي ئي پاڻي پاڻي ٿي پوندي. ڪبير شاھ جو ھيٺيون بيت عشق ۽ درد جي اھا دانھن آھي. جا سنگدل کي ڳاري وجھندي ۽ مثل دل کي جياري چڏيندي: ڪبير شاھ سڀئي جي اندر مان آھ ڪري چوي ٿو تہ:

تانھين موت مَ مار جانھين پسان پنھنجي پرين کي
عزرائيل ازل جو تون وڃي ويلو وار
نہ تہ ڪنديس ڪيھ ڪبير شاھ چئي دانھن مٽي درپار
ڏاتر لڳ ڏيکار سونڪي ھيڪر ھوت اکين سان.

شيخ ابراھيم جون درد مان دانھن پٽيان دانھون بہ دل ڏارينڊڙ آھن تہ:

ڪر دانھن پٽيءَ دانھون جيانھين سڏ ويجھي سپرين
ھوري ھوت نہ ھلشا. تون ڪر آھون الاھون
ڪٽج ھٽ حبيب ڏي ھڪ ھڪ ڪيو ٻانھون
بالا زير براھر چئي معلم مالاھون
تون ڪر لالڻ لاءِ لاھون مان ٻڌي پاروچوري.

تحقيق عشق جو مرض ۽ نينھن جو ناسور اندر جي ور ۽ جيري جي جر آھي. ھي دل جو درد لادوا آھي. جتي حڪيمن جي تڪين ۽ ويجن جي ٻڪين جي جاءِ ڪانھي. شيخ ابراھيم ھن حقيقت جو اظھار ڪري

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

ٿوتہ:

منهنجي مرض کاڻ وڏا ويجن وس کيا
تان فرق فکي ڪانہ ٿيو حڪيمائي هاڻ
[سور سجڻ جي سڪ جو لهندو ساجن ساڻ:]
مادر! هن مرض لاءِ وڃي آيل ڪوني آڻ
لڳي لوئي هتڑا، اچي پليندم پاڻ
تنهن ڳڏئي ساجن ساڻ وڃي سور سنڌا ڪيو.

ڪبير شاهہ جو پاڻ درد جو ماريل هو. تنهن جي تصديق به عجيب آهي تہ:

سور مڙوئي سور پر آهن ياري سور برهہ جا
شب روز سجڻ جي ساهہ جا اندر عشق انيور
نانگ ڪنان پي تينهن اٽانگو قاتل ڪڻ بہ ڪلور
سڪڻ سوڙهي سيل پريان جي، پل پل مارن پور
سي قريب ڪبير شاهہ چئي ڪندا محبتي مذڪور
جنهن جا درد اهڙي دستور تنهن هڪ ٻڪي ٽئي هوت جي.

4. معما

معما ڏڻ پرولي ۽ جو اعليٰ ۽ بهترين نمونو آهي. ڏڻ پرولي ۾ ڪنهن ڏنل شيءِ کي سگهڙ اهڙي رمز سان پن رکي بيان ڪندو جو پڌندڙ پڌي حيران ٿيندو ۽ ان هڪالهہ جي مطلب کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو. مثلاً سگهڙ الله بخش لغاري (ڳوٺ جعفر خان لغاري تعلقو سنجهورو) ڏنو تہ پير جي ٽڙ جي پيڙ ۾ ڪرڙ ڇايو ٻيٺو آهي. شايد ڪنهن ڪرڙ ڪائي اچي پير جي پوري ۾ روڻ لاتي ۽ مينهن تي ڪرڙ جمي پيو. هن حقيقت کي هن سگهڙ اچي پنهنجي سمجهدار ساٿي ۽ سالڪ ميان حيدرخان لغاري جي آڏو بيان ڪيو تہ: "ڪنيو ٻيني ڪڇ تي پٽ پراڻو پر منجهانس ڇائو" حيدرخان ڳولي ڪڍي هن ڏڻ جي مراد ڪري ڏني. هنن سگهڙن جون

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

اهڙيون صحبتون مشهور آهن.

هي مثال اسان انهيءَ لاءِ پيش ڪيو تہ پڙهندڙن کي ڏاڍ پرولي جي حقيقت معلوم ٿئي. جهڙي طرح ڏاڍ پرولي جو بنياد ڪنهن ڏنل شيءِ يا نظاري تي ٻڌل آهي. اهڙيءَ طرح معما جو مطلب ڪنهن ڏنل حقيقت يا ويچار تي مبني آهي. فرق صرف هي آهي تہ ڏاڍ پرولي جو بيان سگهڙ سادي خيال ۽ ٿورن ۾ سڌن سولن لفظن ۾ ادا ڪندو ۽ سالڪ انهيءَ جو جواب سڌو سنئون نالو وٺي نروار ڪندو. معما ۾ وڌي فن جي ضرورت آهي چو تہ سگهڙ پنهنجي معما کي اڪثر نظر جي ڏاڍي ۾ پوئي مفصل طريقي سان بيان ڪندو ۽ سالڪ به انهيءَ جي مراد نظر ۾ سهٽي سچي ڪري ڏيندو. انهيءَ ڪري معما ڏاڍ پرولي کان وڌيڪ ذڪي آهي جنهن ۾ خيال توڙي لفظن جي شاعري جي ضرورت آهي.

ٻيلي جي سگهڙ شاعرن معما جي فن کي اوج تي رسايو. جنهن ۾ سندن خيال توڙي لفظن جي شاعري جو فن نهايت دلچسپ ۽ دلپذير آهي. اسين هتي معما جو هڪ ٻہ مثال ڏيئي هن باب کي ختم ڪنداسون. چون ٿا تہ: شيخ صديق نائب تحصيلدار شاعر نہ ڏانهن هيءَ معما چوائي موڪلي تہ:

باهہ مٽي جي پر مان سلو موريو سچ
ڳولي هيون ڳچ، ڪر "نہ" پرولي پڌري

ڏاڍ هي هئي تہ ڪي ڪاريگر حقي جي ڪرئي جي مٽان ٻي ديوار جوڙڪ رکندا آهن. جنهن ۾ ڳڙڪيون ڪري چڏيندا آهن. انهيءَ لاءِ تہ ڪرئي ۾ پاڻي ٽڏو رهي. اهڙي هڪ حقي جي ڳڙ کي مان ۾ ڄ جو داڻو وڃي اندر ٻيوءِ پاڻي ۾ مٽي جي سيلاب سبب ڄ ڦٽي ٻيوءِ سلوايري سوراخ مان باهر نڪري ٻيٺو. انهيءَ ڏاڍ تي هي معما ٻڌي شاعر نہ ڏانهن ڏياري موڪلياٿون. ان جي مراد هن سگهڙءِ سالڪ شاعر هن طرح ڪئي تہ:

قابو قلعي ڪوٽ کي ڳڙڪيون آهن ڳچ
آٽيو اوتين آب جو تنهن منجهہ رمز چگي سين رچ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تت سلوڪنهن سوراخ مان ثابت موريو سچ
عالم آڇين[1] ان کي ڪوڙو ڪُجو ڪچ
پر حقو جنهن جي هٿ برسوئي ويشوڻ
سامون نه چئي نروار کي. تون عاقل اوري اڇ
هيو مناري تي مڇ. سوتو ٻيءَ تي تانبو ٻري

سگهڙ ڪريمڏني هيٺين معما ٻڌائي تا:

ٻڌندي بازار ۾ جان ديکيم ديدارو
تان گنبذ چگهي گت سين ڏٺم جڙيو جنارو
پائجي پيمال ڪري تنهن منجهه نشو نروارو
سوچري نه چٽي جيترو جي ثابت هوءِ سارو
جئن ڪارن ڪٽي قوت جي مٿي مڇيءَ مارو
اوپٺ آهي ان تي هيو مٽس منارو
ڪر ويهي ويچارو ڏي ان جي ڪل ڪريمنو چئي.

هي معما ڪنهن ناس جي ڏهلي تي ٻڌل آهي. جا گنبذ جي مثال آهي ۽ مٽس چوٽيءَ تي ميربحر جي چار وانگر ٽنگن سان نقش ڪنيل آهي۔ انهيءَ ڏاڻ کي ڏينڙ سگهڙ سموهي عجب تدبير ۽ تفصيل سان بيان ڪيو آهي. انهيءَ معما جي شاعر نرهن طرح انگ ڪري مراد ڪئي تا:

اٺ ها سونگي سنگين سفري جڙي تي جنار
وڃجي گهٽي وڻوف سين تنهن منجهه ناس چگهي نروار
ساسينگهيي سرت سماڌر[2] تي ڪري پُر مغز موچار
هي جا فهر چگهي سين ڏڙي تنهن تي واڻي ڪنهن وينجهار
اهي پورا ڏيان ۽ پار کي اجا نهاريانس نه چئي!

---

1 آڇين - آکين
2 سماڌر - سلامر

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مثين معمائن برسالڪ سوچي سمجهي پهرئين ڏڪ سان مراد پوري ڪري ڏني. مگر معما جو هڪ بيو قسم آهي. جنهن ۾ ڏڻ پوري طرح نروار ڪيل نه هوندي آهي ۽ "المعني في بطن الشاعر" جي مثال مطابق ڏڻ هڪ واقعي تي هڏل هوندي آهي. جنهن جي خبر رکو سگهڙ کي ئي هوندي آهي. انهيءَ حالت ۾ گولينڊر سالڪ کوشش ڪري انهيءَ موقعي جي ماهيت معلوم ڪندو ۽ خيال ڪندو ته اهڙو واقعو کهڙين کهڙين حالتن هيٺ پيدا ٿي ـ گهڻي ٿو ـ سالڪ پوءِ انهن ممڪن حالتن مان هڪ بيان ڪندو: اها مراد پوري نه نڪتي ته بي حالت بيان ڪندو ۽ ٻي چوٽين ـ تان جو وڃي انهيءَ واقعي جي اصل خبر ڏيندو ـ آخري بند ۾ اصلي خبر بيان ڪيل هوندي آهي ـ باقي جي سالڪ جون پنهنجون مرادون پوريون نه هونديون آهن ته انهيءَ حالت ۾ سگهڙ وري وري پيو پنهنجي معما پيش ڪندو ـ انهيءَ جو هڪ مثال شيخ ابراهيم جي جوڙيل هيٺين معما آهي. جا اسان سگهڙ سائينداد جي ڪتاب مان نقل ڪئي ۽ جنهن جي آخر ۾ قلم سگهڙ سائينداد لکيل هو ته: "جيل شيخ ابراهيم جي." هن معما جي پهرين ڪڙي يا معما جو مهڙهي آهي ته:

"جاد مڙوئي جنڊ. مونکي جيڏيون جنڊ نه وسري"

يعني ته مون کي جنڊ وارو واقعو ياد آهي ۽ جيڏيون مونکي جنڊ وري ٻي نٿو. هاڻي گولينڊر سالڪ کي سوچڻو آهي ته کهڙين حالتن ۾ جنڊ ياد اچي سگهي ٿو. شيخ ابراهيم معما ڏيندڙ سگهڙ به پاڻ آهي ته سالڪ ٻي گولي به پاڻ ٿو ۽ انوکين حالتن ۽ واقعن کي معما جي مهڙ جي مناسبت سان بيان ڪندو وڃي ٿو. سندس بيان ڪيل حالتون نهايت اوکيون ۽ انوکيون آهن. بهرحال پهرين پڙي آهي جنهن جو مڪمل مطلب هي ۽ آهي ته بي سر سئي کي بکن ۽ ڏکن ۾ جنڊ ياد پيو هوندو..... آخري ست ۾ مراد ۽ ثابت ڪيل آهي جنهن موجب اسر ويل جنڊ تي اُٿڻ وقت محبوب ۽ مشتاق هڪٻئي کي مليا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

معما ۽ مطلب

جاد مڙيئي جنڊ. مونکي جيڏيون جنڊ نه وسري
1. ڏيرن کارڻ ڏونگر ڏوري، ساڻس سمر نکوسنڊ.
تلاهن جاد مڙيئي جنڊ. الخ
جاد مڙيئي جنڊ. مونکي جيڏيون جنڊ نه وسري
2. اڀلس آڇي عمر مارئي ۽ کاڇ کنڊين اوکنڊ
ان کي جاد مڙيئي جنڊ. الخ
جاد مڙيئي جنڊ. مونکي جيڏيون جنڊ نه وسري

[اهڙي ۽ طرح هينيون هڪڙي پٽيان مرادون ۽ وري وري معما پيش ڪرڻ]

1. ڪل وڏو ٿي فقير جو، مت کو لڳس منڊ...؟
2. ميهار کارڻ سونهٽي مت کو گهمي پڏو هو گهنڊ...؟
3. ليلي کارڻ مجني مت کو ڏيسان ڪٿڙن هو ڏنڊ..؟
4. مومل سومل سهج، سليمت، ساڻنهه سلهان تن جو پي ۽ کو راجا نند...؟
5. مومل کارڻ ميندرو ڏينندو هو راڻو روز سويل تر نند...؟
6. ڪري پڙهو هنج برمت کو چوڏهين ۽ ماهه جو چنڊ...؟
....اهو جاد مونکي آڻنڊ
وهه وا جاد مونکي آڻنڊ
جيڏيون جنڊ نه وسري.

معما جو فن پيچيدو مگر نهايت دلچسپ آهي. متين مثال مان معلوم ٿيندو ته هي ۽ به هڪ خيالي شاعري جو اعليٰ نمونو آهي. جنهن کي پيلي جي سڳهڙن ۽ سالڪن اوج تي پهچايو. حقيقت ۾ هي ۽ فن نهايت دقيق آهي. اهل سنڌ به هن فن ۾ عجب رنگ رچيا آهن [1].

---

[1] ڪولوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب: "پروليون ڪٿون معماتن ۽ ٻول" مطبوعه سنڌي ادبي بورڊ 1965ع.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باب ستون

بيلي جي شاعري جا عنوان: جنگناما

بيلي جي شاعريءَ جوجوهر جنگناميو يا رزم گوئي آهي. بيلي جي شاعرن پنهنجي حاڪمن ۽ سردارن جا ٻين والين ۽ سردارن سان ڪيل جهيڙا جنگيون پنهنجي شعر ۾ بيان ڪيا آهن ۽ پنهنجي سردارن جي بهادريءَ همت ۽ مردانگي جا گڻ ڳايا آهن. اهي شاعر لس بيلي جا جڏ مورخ هئا. جن تاريخي واقعن کي پنهنجي سداحيات شعر ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن سندن سڀ بيت محفوظ رهن ها تہ اسان کي سنڌ خواهہ لس بيلي جي مڪاني تاريخ ۽ اندروني واقعات جي گهڻي قدر خبر پئجي سگهي ها.

جنگنامي ۾ لس بيلي جي شاعرن جو هر سخن مشهور مثنوي گو ايراني شاعر فردوسي ناهي. هن ميدان ۾ بيلي جي شاعرن جو رفيق عرب جو بدوي شاعر آهي. لس بيلي جي شاعرن جي جنگنامي ۾ عربي خيالات ۽ احساسات جو روح پريل آهي. ڪيترين تشبيهون اهي ساڳيون آهن جي هن سلسلي جي عربي ادب ۾ ملن ٿيون. لس بيلي جي ڪنهن شاعر جو هيٺيون بيت سنڊي جنگناميءَ جو روح آهي:

ڪنوڪيت سندون آرخ اُپت ان جي
جين منهن مصرئين ڪڍيا. فصل تي پڪون
اهڙوئي ڪيٽون تنهن جي راهہ وراهن رک سين.

يعني تہ مڙس جنگ جا جهونجهار آهن: تلوار انهن جي ڪيتي آهي. جنهن جي پيدائش گدن ۽ هنڌائن (مائهن جي مٽي) جو آرخ آهي. جنهن وقت

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

(جين) تلوارون (مصريون) ميانڻ مان نڪرن ٿيون تنهن ويڙ (تير) سمجهو تہ فصل (جنگ) پچي تيار ٿيو آهي ۽ لٺ (سرن وڙ) جي لائق آهي جن جي اهڙي کيتي (کيتون) آهي تنهن جي ڀاريتڻي بہ رک جي تلوار سان ٽيندي: يعني تہ مٿير مرد انهيءَ کيت جي راهہ پائين ۽ ٽوپن سان کين مٿيندا پر تلوارن سان ورهائيندا ۽ دشمن جون سيون پنهنجين سونهرين سان لٺندا اُڇلينداويندا. هن بيت جي تشبيهہ عراق جي مشهور گورنر حجاج بن يوسف جي خطبي واري آهي جنهن ۾ هن پنهنجو خطاب هن طرح شروع ڪيو هو تہ: "آءٌ ڏسان تو تہ جڏ اوهان جا سِر پچي راس ٿيا آهن ۽ رڳو لٺڙ جي دير آهي."

لس جي شاعرن چيو آهي تہ: "جنگيون جهيڑا. جهگڑا آهن الاهي اختيار"۔ پر اتفاق سان اڄي ڪو معاملو مچي تہ مردن جو شان انهيءَ ۾ آهي تہ مڙس ٿي منهن ڏين. جنگيون ۽ جهيڑا جتي ڪٿي ٿيا پر پين علائقن ۾ اهڙا واقعا ٿورا ڪي ياد رهيا ۽ اڪثر وسري ويا. ان جي برعڪس لس جي شاعرن اهڙن واقعن مان گهٽن ڪي هٿايو ۽ ڪن ٽوڙن ڪي وساريون. اسان کي لس جي سڃاڻ سگهڙن وٽان هيٺين مشهور واقعن بابت شاعرن جا چيل شعر مليا: (1) هڏي۔ پاڻي گهٽ واري جنگ (2) ملڪ پاهڙ خان جي اڻل واري جنگ (3) ڪيچ ۾ پهرين گهٽ واري جنگ (4) سيري يا اوڏگر واري جنگ (5) ڪيچ ۾ ٻي تربت واري جنگ (6) شاهہ بلاول جي لڪ واري جنگ (7) سردار نورالدين جي شهادت (8) مٿي شاهوڪ جو مارجڻ (9) پيلي ۾ نار يا توب واري جنگ ۽ (10) ساروئي ۽ ۾ ڇُٽڻ ۽ ڇاموٽڻ جو مقابلو. انهن وقعن بابت مواد اسان کي اڻل جي وڏيري عليمراد ۽ سندس پٽ الله بخش جي ڪاغذن مان. منشي صالح محمد ٻُري جي قلمبند ٽيل ذخيري مان. محترم صالح محمد سمي جي موڪليل مواد مان ۽ ميان ڪريمداد ۽ صالح محمد مڱڻهار جهڙن سڄاڻ راوين جي صدري روايتن ذريعي مليو. جنهن کي اسان ڪافي محنت سان سهيڙي سمورهي انهن واقعن جي احوال سميت هيٺ ڏيون ٿا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

1. ٻڏي ـ ٻاڻي. گھٽ واري جنگ

قلات جو خان قمبر [1] ۽ جاڙو ٻرو ٻئي ماسات ھئا. جاڙي جي ماءُ ستياڻي ۽ خان جي امڙ ٻئي پيٽن ۽ بادين ٻوتاڻي جون ڌيئرون ھيون. جاڙو مڙس مٽير ھو. قلات ۾ خان وٽ ايندو ويندو ھو. ڪيس ھڪ تمام پلي گھوڙي ھٿي. جنھن جو نالو "راڏي" ھو. خان کي اھا گھوڙي وڻي وئي ۽ جاڙي کان ان جي ڳھر ڪيائين. جاڙي نہ صرف انڪار ڪيو پر نهايت ئي رُکو جواب ڏنو ۽ بيپرواھي سان گھوڙي تي سوار ٿي چڙھي روانو ٿي ويو. خان جي اميرن وزيرن کي اھا ڳالھ ڏکي لڳي ۽ خان کي چيائون تہ: ھڪ ٽوريڙي ڳالھ تان اڄ ھي ماڻھوھت قلات ۾ حاڪر سان ايترو سامھون ٿي ڇڪو آھي تہ سياڻي ايڏا ڪجھ وڌيڪ ڪندو. انھيءَ تي خان قمبر لشڪر ڪري جاڙي تي چڙھائي ڪئي.

پپ جبل جو "ٻڏي ٻاڻو" گھٽ (لڪ) ننڍن وٽ جنگ لڳي. جاڙي جي ماءُ ستياڻي خود اچي جنگ جو مورچو جھليو. انھيءَ لاءِ من سندس ٻاڻيجو خان قمبر پنھنجي ماسي جو ملاحظو ڪري مڙي وڃي. پر ائين ڪوند ٿيو. ٻرن مان سردار مير براھم پٽ ڏيوڙي جو. جاڙو ۽ ٻيا سندن سڀ ساٿي ستيا ۽ مڙس ٿي مقابلو ڪيائون ۽ ميدان ۾ وڙھندي سر ڏنائون.

"گھٽ واري جنگ" جي شروعات شاعر ڏونگريي فقير ٻڌي ڪئي. ڏونگريو فقير "ميراڻ ـ پوٽن" ٻرن مان ھو جو "ديرواري مقام" (اٽل لڳ اتر طرف) ۾ مدفون آھي. بيت کي اڳتي ڪري ٻيو شاعر صفر لنگھي کي چيائين تہ ھاڻي تون مڙسن کي ڳاءِ ۽ سجو بيان پورو ڪر. صفر پنھنجن بيتن ۾ انھن سيني سورھين کي ڳايو آھي. جي ھن گھٽ واري جنگ ۾ وڙھيا ۽ ماريا.

ساراھيان سچو ڏني فرمان ٿا قرن
ڪِوَڙ خراسان تي ڪيو وانڪو وڃڙين

---

[1] مير محمد ۽ مير قمبر قلات جي خانن جا وڏا سورھين صدي عيسوي ۾ گھٽو اڳ ٿي گذريا. جن جو اولاد "احمد زئي" (قلات جا خان) ۽ قمبراڻي سڏجڻ لڳو. ھي ۽ قمبر غالبا مير قمبر جي اولاد مان ٻيو ٿيو. قلات جو حاڪر ھڪوند ھو ۽ غالبا قمبراڻين جو سردار ھو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

اُتي اوئينگ اوچتو جنين پڙلا پسپ پون [1]
ڇڏين ٻانهين" ڇ ٻرکيو گڙکو گليلن [2]
ڪيڙن قلعا بنديا، تا پاراٿا ٻنڌن [3]
شينهن سجوڏينهن وڙهيا ڪيو پڙتو پاتائن [4]
ماءُ مٽار آساتاڄ تاوتارن
سروپيتائون، ستراتيا، مرڻ ڪيائون من
لعل لڙهار ٻاڪ ٻڌن ڪيڙن
سورمارا ڪي مونڌا پتڪ پوري ڇڏن
"ست ٻائي" ست ڪيرساوني پاراٿن
پانيائين پاڻ ڇڏي تي اجهو اوجاڙن
تان قبر ڪرڻ آئيو عاصي ماساتن
لڳو ڪان قبر کي ڪُتو اٿڻ جن [5]
شيخ مهدي آهي عيدي، مڃڻ مريدن
وڏو شيخ واهر اسان کي ٻيا ٻڌ ٻيرتين
چار پير چوڏهن خانوادا پٽي ٻروهين
پريتيون ڀيڙ ٿيائين بروهي جائن
خالق خطا ٿو ڪري آواز فقيرن
"ڏونگريو" چوي ڏيهه وڃي الله عالمن
لاش "لنگهيا!" چئو تون هاڻي گل وڃهي گهوٽن"

سجوڏينهن صفر چوي جنگ جهلي جوانن

---

[1] اوئينگ = وڏو مينهن
[2] ٻڏو ٻاڏو = لڪ جبل جو
[3] ڪيڙن = ڪهڙ شينهن، پاراٿا ٻڌن = اڻڻ ٽاڪن
[4] پاتائن = پاڙوئن سرتاڻن
[5] شاعر بد دعا ٿو ڏئي: الله جي طرفان ڪير ڪان نه لڳندو.
" هيٺانئين بيت ڏونگر بي فقير جو جبل آهي جو اُن بعد صفر لنگهي جايت آهن.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

گهيڙو ويراهر ڏيوڙي ڪيو مٿندڙو[1]
ميندي ڪٽي رُڪ جي ڪاهوڙي خانن[2]
تراوين جي تارِ ڪٽي "ڀڪر" جي پوٽن[3]
عجب جيئن اڇا ڪيا ڏڙڪا ڏڙڪيرن
چاچي چامر جاڙي سين ڀگاڙيارا ڀگاهجن[4]
آين بوءِ بڌي جي خمار يا ڪِلن
ڪبوتر ڪونڊي پهون ڪريو پون
تِڪون ڏنيون تن مان اڇي اصيلن
ڪڙي ۽ قاتل مان وڻون تا وڻن
سُنهڄ تن جا سڪرا. ٽيون واجائيون وهن[5]
وڏا ديرا ويترا رهه تي راج رهن[6]
جتي گهڙيو ويراهر ڏيوڙو مرجان مال وڃن
اهڙا ويرواتين تان ڇڙيي تان نه ڇڙن
سپني وينهي سرسيون ڪيون. مرڻ ڪيائون من

واڻيو مرڪڻ ماريو تنهن مرندي مان لڏو[7]
هندو پاسي ڏهدارن جي سر جو سودو ڪيو
ڪڏا ڇڙي ڪڏ تي هنا ڇيو. ڇاڙو ڪو[8]
ميهو سانڍ وندر جو وڏي گوڙ گڙيو
جان ٽراڙي توريان تان ڪيڏانهن ڪونه ڇڙيو

---

1 گهيڙو - ٻاڌن ڏوهاڻ مٿندڙو - اڳواڻي ۽ سڃڻ
2 يعني رڪ جي راند (جنگ) ڪٽي ٻي روايت "پيندي وٽي رهڻ جي"
3 ڀڪر پير جي پوٽن "ڀڪر پير" لاءِ ڪوشش ص 80
4 ڀگاڙيارا - آفير ڀڳاڙيندڙ مست
5 سنهڄ - ڳچ ڳالهيون
6 ٻي روايت: ونڌا رهڻي راج رهن
7 اڳتي جو واڻيو
8 جڙي - ٽهي جيوءِ ڇاروڪو ڪين جا نالا

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

آتل اوڏاهين هتي جيڏانهن ڏيوڙو گهڙيو
بيهي لڪ مٽي تي "موٽي" پان مارايو
مري شير شهيد ٿيو تن نه ڏنو لکين جو لاکو
ٽرمل سورا نيٽ تي طوطا ملائي ٽو
پيءُ ڏاڏي پانهنجو لڏاتين نيو
هوڏانهن قلندر کي ڪاڪ کي اونچي سر آيو
قلندر ماري مصريين، منهنجي تڻ ٿيو تماشو

قلاتيان ڪڍي پيش آيا بروهي
دوڏ ڏامين ڪيو نالان نيلي ڳڏي
سهين وڃائوندڙا اعڙي چٽائي [1]
برڪ براهر آيو ڏو پگهين نا پائي [2]
پاراٽين پروڙ ڪري ڏوطا تيغ ڪڍي
هاڻون پائيجن سين ٿيو پالي پائي
اراڪي برتهين جي سورهيه سوائي
حڪائي هاس ڪري لڏي لوڏ ڪڍي [3]

"قلندر" ساري بصري منهنجي اکين آب وهيو
ڪالهاڙ سيڪٽهن سگرو جان سون چڪاسيو [4]
وک وڏي ماري جويلي تنهن جو ٽيلو
سسي سنڌو پورهيو تنهن ڪئي آهي ڪاڏو
اڇڻ سوار ڪميت جو "جاڙو" گهوٽ ٿيو
منهن نوراني تاڪيو تراڙين ٽيڙيو [5]

---

[1] واسهين وا سهندڙا
[2] وا برڪ براهر ڏوڙي پگهي نا پائي
[3] هاس هڪري = آس ڪري
[4] سگرو = اڳرو
[5] ٽيڙيو = ترڇين ڏني

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هٽ وقت ڪٽائي نهري ناڏ ڪيو
تنهن ڪٽ پٽائي پاهنجي ٿهرو ملاهيو
حدارو حسين جو ٽوڪي خدايو
ڏوران وڃي وريو آهي جاڙي تي پريو
جوڳي ڪري ڪپڙا لاڪي رنگ ڪيو
زهري ڏوق تراڙجواڳيئي ڪٽو
ساچڪياٽين سرڪي وڳي واڳهه وڙهيو
موسيٰ ماراڪي پر توڪي ٻڌائي مليو
مٽ پاهنجو ماريائين ٻئي سين سامهون ٽيو
ڪلمون پاڪ پڙهيو موچاري محمد تي.

2. ملڪ پهاڙ خان جي اُٽل ۾ جنگ

مٿي باب پهرئين هيٺ بيان ٿي چڪو آهي ته ٻيلي جو حاڪم ملڪ ابراهيم گونگو ملڪ پهاڙ خان جو پائيجو هو. ملڪ ابراهيم کي جڏهن گونگن ماريو. تڏهن عثمان گدور اچي ملڪ پهاڙ خان کي خبر ڏني ۽ هو ڪوهستان مان لشڪر وٺي چڙهيو. شهر اٽل لڳ سنه 1115ھ/ 1703ع ۾ لڙائي لڳي. جنهن ۾ ملڪ پهاڙ خان جي فتح ٿي.

انهي جنگ جو احوال سگهڙ صفر مگٺهار بيتن ۾ بيان ڪيو آهي جنهن مان هن واقعي بابت ڪي وڌيڪ تفصيل ملن ٿا: اول ته جڏهن ملڪ ابراهيم ماريو تڏهن غالباً حسور قوم جي ڪنهن ماڻهو قاصد ٿي اچي ملڪ پهاڙ خان کي خبر ڏني. پوءِ پهاڙ خان وڏو لشڪر سنباهيو ۽ "اٽل ڪوٽ" يعني شهر اٽل ۾ اچي منزل انداز ٿيو. اتي جي پُرا قوم ساڻس شامل ٿي. ٻئي طرف گونگا ۽ پيون قومون هيون. جن ۾ چامونڊن جو سردار چامر رينو پڻ شامل هو. جڏهن جنگ لڳي ۽ ميدان متو. تڏهن ملڪ پهاڙ خان ڏري نالي پُري کي چامر ريني ڏانهن موڪليو. جو چامر رينڊني کي تراڙين جي تاءِ مان بچائي ڪڍي آيو. هن ساڳئي چامر رينو جو پٽ چامر عالي هو. جنهن پوءِ ملڪ پهاڙ خان جي گهر واري مائي چاڳلي کي ٻيلي مان ڪڍيو ۽ پاڻ حڪمران ٿيو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ساراهيان سچو ڏئي، ساراهيان سائين
پير مچيان پادشاهه، مدت ميرائين
هيلي پيران! ٻاجهه جي صفر منگي سائين
پپ پيرين کي ٽيٽو سلامي ملهه مور سدا سائين [1]
سپي کم صاحب جا، آن تو ايهين پائين [2]
سماپي سڏ ڪري سناسي کي ڪوٽيائين [3]
تروڏو پٽ دينار جو تو کي آن تو ايٽهن پائين [4]
تحت ٻور کي نه لڳي، ڏاڍو ڏوهه ڏنائين
ڏنو پانجي راج ڪنان تہ متان هٿن ڏڪ وڃائين [5]
پوءِ ٽي گڏيو پهڙ خان کي، اڄ پٽ خاشي ڪيائين
سوار سردارين موڪليو آيو تائين
آيو ڀاڳيارو ڳوٺ ۾ اچي دانهه وڏائين [6]
پهڙ خان جون خبرون اچي دولوءِ کي سوڏيون سڻايائين [7]
تاري ميرماڻي ٽيٽو ڄمون ڄاڻي [8]
پوءِ چار ويهون چوڏهن ذاتيون ڪري ڪنيائين [9]
اچي اٽل ڪوٽ ۾ ديرو ڏنائين.

تاول ويل اُسهيا مانجهي مست ٻرا
سي اجهو يارين اڳ هوا تہ جهُوڙي جهلينڊا
پُنا اچي پهڙ کي هيلي ڏڳ ڏرا [10]

---

1 اصل اٽين. غالبا معنيٰ تہ پپ جبل جو وڏو ٻڍو سهڻو آهي. سو ٻڍ پيرن کي سلامي آهي
2 آن تو ايٽهن پائين - آڻون اٽين ٿو پائيان
3 سماپو ٻڍ سناسي ٻڌي سور قوم مان. هن ست کان اول يا هن کان پوءِ ٻڌي سڏون ڪتل آهن
4 دينار گونگو جنهن جو وڏو پٽ ابراهم هو جنهن کي گونگن ماريو
5 اصل اٽين
6 ڀاڳيارو = قاصد
7 پاهڙ خان جون خبرون موڪلي اچي دولوه کي ٻڌايائين. دولو شايد گونگو
8 جمون جاڻي ٿو شايد گونگو
9 ڪري ڪنيائين - ٻهاري ڪنيائين يعني سنيالي ساري ڪنيائين. پاهڙ خان اهڙو وڏو لشڪر سنڀايو.
10 پرا اچي پاهڙ خان سان شامل ٿيا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تت لائق "لال خان" اچي خوب ڪنا لايا
پلاڻي ۾ "پيراڻي" اچي پورا پير پريا
اچي "ٿوت" ترتيون ڪتيون آڻ ويڙ اڳيا
"سيندل" ات ساڳانيو، اچي ڪڪين ڪوڙ چڙيا
اچي "آديڙ" پر تان وڳي وڙهيو واهر
ڏيورڙاڻي ڏينهر ۾ اونچي منهن سين آهر [1]
پير ڏيئي پالاڪتا تيڪيائي تاهر [2]
پلي پائرين ڇ پرمٽي جن مٽياهر
سڀين سوڳاتي ڪري آڻي خبر جام آنياهر
وڏي ويڳوتيا، ويا سرهي سيج سنڌياهر [3]
ڪونڊ ڪڏندا ويا، وڏي ڪيائون ڪاهر [4]
ات پيڙ خان پريشان ڪري ڏرو ٽڪايا [5]
تنهن ريڙهي آندو زيني کي خاشي پڻ ڪيا [6]

برندي مان باهر ڪڍي ان کي چونائي چڏيائين
جاموت جي جاڻي ته خاشي پر ڪيائين
آهين ٻڪر- پوئي جو هڪ ٻڌائين.

3. ڪيج ۾ پهرين ڳهت واري جنگ

ملڪ پهاڙ خان جي ڏنل سند مان معلوم ٿئي ٿو ته سنه 1125ھ/1713ع ۾ مير براهر (پٽ سرماڻ پٽ ڏيوڙو پٽ مريدا) هڪ اڻل جو وڏيرو سردار هو. تنهنجي جي روايت موجب مير براهر ۽ مندس پاڻ ڏيوڙو پڻي "ڳهت واري جنگ" ۾ ماريا ويا. [1] تاريخي حالات جي تورتڪ مان ائين

لال خان پيراڻي ٻوٽ، سيندل ۽ آرادين اهي سڀ هڪ
ٻ ايئي - پاسي سان ٻيهي، پالاڪتا - پالاهنيا
اصل ائين
اصل ڪنڊ ڪيندا ويا
پريشان ڪري - ٻڌ ڪري ڪاڻ ڪٽي ڏري ٻري ڪي موڪليو
سو جام وينو ڪي مخالف لشڪر مان وڃي سلامت ونئي آيو
ڏسو حاشيو نمبر 6

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پانڇجي ٽوٽ اها "ڏڙام جبل" جي "جنڪاني گهٽ" واري جنگ هئي جا ڪيچ ۽ لڳي.

سنہ 1716ع ۾ ميرعبدالله خان قلات جو خان ٿيو. ان وقت لس هيلي جو حاڪر ملڪ پهاڙ خان هو. جنهن جي طرفان غالباً هيلي جو لشڪر خان ميرعبدالله خان جي فوج ۾ شامل هو ۽ هيلي جي لشڪر جو اڳواڻ ميرابراهم ٻڌو هو. خان ميرعبدالله خان پنهريائين اپرندي ڏانهن سنڌ جي سرحد تي گچي ۾ اوچتو حملو ڪري ڪلهوڙن جي لشڪر کي پسپا ڪيو ۽ ان کان پوءِ الهندي طرف ڪيچ تي چڙهائي ڪيائين. ميرابراهم هري عبدالله خان اتي مٿن چڙهائي ڪئي ۽ هنن به آڏو گهٽ جهلي وڏو مقابلو ڪيو پر بالآخر شڪست کاڌائون. ميرابراهم بابت چيل هيليان بيت غالباً انهن ٽاڻن ۽ اهجاڻن جي ساک ۾رين ٿا.

ڪاڇي ۽ قلات ۾ براهم ۾ير سنديا،
ڏهايو ڏسيئن کي ٽي امن ۾ آنديا،
وڃهي دس دانرين ۾ماني موڪ ڏنيا،
لس نه لڃايا، احدِي مِير اُٽل جا.

ميرابراهم مردن ۾ر ڏيهه ڪاڇو ڪاهي
سر ڪايو سنيهن کي ٽو داناه ڏهائي
ان اَحدي جي آهي، خبر خداآباد ۾ر (1).

4. سيرِي يا اونگر واري جنگ

هي، جنگ جام بجار جوڪئي ۽ برفتن جي راڄدارن جي وچ ۾ر لڳي ۽ سنڌ جي حد اندر اونگر (ڪوٽڙي ۽ جهرڪن جي وچ تي) وٽ لڳي. ان جو هڪڙو مکيه سبب لس هيلي جي سياست هو جو لس هيلي جي جام عالي ۽ سندس لشڪر هن جنگ ۾ جام بجار جوڪيي جو طرف تي حصو ورتو.

---

[1] يعني ته ڪلهوڙن جي گادي جي شهر خداآباد ۾ر سندس نالو مشهور آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

برفتن ۽ جوکين جو پاڻ ۾ آهڪاتي وقت کان وٺي نزاع هو. سنہ 1703ع ڌاري ملک پهاڙ خان جيئن طاقت ۾ آيو ۽ لس ٻيلي جو حاڪم ٿيو تہ برفت قوم جي طاقت وڌي وئي. پاهڙ خان جي وفات کان پوءِ. جوکين جي چام بجار زور ورتو جنهن جي اڳواڻي هيٺ جوکيا برفتن سان وڙهيا پر ڪمزور ٿي اچي "حب — وات" (1) ۽ "الله ـ ٻني" تي رهيا. "الله ٻني" وٽ ٻي جنگ ٿي. جنهن ۾ جوکين جو ڏهون حصو ختر ٿي ويو ۽ ڇهل جو ڇڇ ڏات طور ڪائي گذران ڪيائون. جنهن ڪري ۽ اِها جنگ "ڇهل واري جنگ" جي نالي سان پڻ مشهور ٿي. پوءِ قيصر خان ٻنڊ جوکيو سمنڊ رستي سامان ۽ بارود ڪٽائي آيو ۽ جوکين حملو ڪري برفتن کي پوئتي هٽايو. باوجود انهيءَ جي جوکين ۾ ايتري طاقت نہ هئي جو هيٺ سنڌ ۾ ملير طرف اچي سگهن يا حب وٽ ويهي سگهن. انهيءَ ڪري چام بجار ڪجهہ وقت لاءِ هٽي وڃي اُتل ۽ لياري جي وچ تي "ٽَنِيان" (2) تي ويٺو.

انهيءَ وقت ڌاري چام عالي (وڏو) لس جو حاڪم ٿيو. مائي چاڪلي کي ترڻي ڪڍيائون. جا پنهنجي ننڍڙي ٻٽ عزت خان کي وئي اچي ڪونڙي ۾ رهي. انهيءَ ڪري برفت قوم جو زور ٽٽڻ لڳو. ٻئي طرف چام بجار زور ورتو: هڪ تہ چام عالي جي پٽ غلام شاهہ کي پنهنجي ڏيءَ پرٽايائين ۽ ٻئي طرف سنڌ جي والي ميان غلام شاهہ جي ٻيراڻي حاصل ڪيائين. پوءِ چام بجار نہ فقط ملير وارو ملڪ هٿ ڪيو پر گهٽو اڳتي وڌي اچي جهرڪن ۽ سال واري جُوءِ ۾ برفتن جي "ڳڳهي جي سيري واري جاگير" تي قبضي جي ڪوشش ڪيائين. ان وقت عزت خان ڪلات جي خان وٽ رهيل هو. ڪيس اتي رهايو ويو هوتہ متان برفتن جي اڳواڻي ڪري لس ٻيلي تي حملو نہ ڪري. پر اجا برفت قوم جا راجدار ۽ معتبر مائٹو وڏي طاقت وارا هٿا. دريا خان. مزار ۽ ديگي سنڌن اڳواڻ هٿا. جن جوکين جي لشکر کي تڏي جهليو. چيائون تہ: "جيسين عزت خان نہ ايندو تيسين ڳڳهي جاگير جي فصل مان هڪ سنگ به نہ ڏينداسون" انهيءَ تي

---

1 يعني حب ندي جو چوڻ لڳ ڪراچي

2 "ٽنيان" جو ڏورو. "ڪانٽو" ۽ "ٻوراڻي" ڪڇي ٽنيان جو ڏورو ٿين ٿا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

چامر بجار، چامر عالي کان مدد گهري جنهن خان قلات سان صلاح ڪئي. چون ٿا ته: خان صاحب، عزت خان کان پڇيو ته: برفت توسان ڪيئن ٿا هلن. عزت خان جواب ڏنو ته: "ڪڏهن ڪيئن ڪڏهن ڪيئن." انهيءَ تي خان طرفان چامر عالي کي اجازت ملي ته پل چامر بجار سان گڏجي چڙهائي ڪري پر جي برفت بازنه اچن تہ کين آڻ ميڙائي صلح ڪرائي.

چامر بجار سڄي ملير ميڙي جوکين جو لشڪر گڏ ڪيو. قلات طرفان ڪي بروهي سپاهي چامر عالي کي مدد ۾ ملياءِ لشڪرن گڏجي لس جو ساڻ ڪري چامر عالي چڙهيو[1] ءِ پنهنجي لشڪرن گڏجي اچي اڏنگر تي ديرڙنو. آڏو برفتن جي واجداون. درياخان ءِ ديگي خان جي اڳواڻي هيٺ ديرو دمايو. چامر عالي گهٽو سمجهايو ءِ عقل جون ڳالهيون ڪيون. پر آڏو هنن مٽير مردن مرڻ قبوليو پر آڻ ڪاند مڃي. هن جنگ ۾ گهڻا ماڻهو مئا هئا.[2]

هن جنگ بابت هيڻيان بيت سُنگر نالي شاعر چيا. پانڌجي ٿوتہ اول خود چامر بجار جوکيي هن جنگ بابت کي بيت چيا ءِ پنهنجي فتح ءِ سرسي کي ڳايائين. پوءِ جواب ۾ سُنگر. مڪمل ءِ بين شاعرن بيت چيا.

اونگر اوتارانِ. پيرمر- ڏٺي بارڻ جا
واڳن هُونِ هٽڙا. پيرين رِڪابانِ[3]
سُوئا جڳ سندانِ. رڻ راماڻا اُن جا.

ساري سنيهي سُنگر جو، وڃي ڪوچاڪر- پيءُ کي چوءِ[4]

---

[1] لس جي راڄن مان پرا. ۽ ماندڙا چامر عالي سان نہ چڙهيا جو ڄيائين تہ اسين پنهنجن پاڙن برفتن سان نہ وڙهنداسون
[2] اهو قبرستان حيدرآباد کان جهرڪن ڏانهن ويندي اونگر کان ڏکڻ طرف ۽ شاهي رستي جي ايرندي طرف لڳولڳ هڪ وڏي ايراضي ۾ موجود آهي.
[3] اصل. پيرا رڪابان
[4] ر. وڃي ڪو بجار کي چوءِ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تہ جو ڪيا هوءِ جنگ جو مٿئہ مدارو[1]
جت ڪرمتي جاڪرو جي پٽ رچانجو ڪيوءِ[2]
تنکي مِرائي سوڙهئين نہ برفت اُتِ پليوءِ[3]
هيو سينهُن ستاڻو سنڌ جو سو موٽي مدعي ٿيوءِ[4]
پر چَنبي ٿي "چاڪر" جي واري ويرِ وڏوءِ
ڪري گوڙ گگهيءَ تان اُن تان اُتانيوءِ[5]
بيت ڏيئي بجار سين قدمَ هڏي ڪوءِ
ساهہ جو سوڙهو ڪيوءِ، تڏهن ليٽي چٽين لَس تي[6]

ليٽِي چٽين لس تي، ڪهڙا نَپ ٿرياءِ
تيلاهہ ميرِ مارياءِ، وٽُون ڏنيوءِ وِتريون[7].

وٽُون ڏيندي وتريون، جانتوءِ ڪين جامر!
سر تان سوغاتون ڪري وڃي وراهيونءِ وريام[8]
آجهي پٽي "عالي" جي وڃي سرڻ ٿئين تون سام[9]
اڏيو نصير کي ٿي سهين ڪياءِ سلام[10]
هي بڪ ڪنهن ڪلام نا تہ مير مرڻ جا ڪين هنا[11].

---

1 ر. هوءِ جنگ ٿي
2 پانجو = پنهنجو
3 ر. تہ نہ سراڻي سوڙهين، نہ برفت اتي پليوءِ. آڻڻ پليوءِ = توتي ڪاوڙ ڪشومت ڪئي
4 يعني سنڌ جو حاڪم ميرِ فتح علي خان تالپور
5 ان تان اتانيوءِ = چاڪر توکي تيار ڪيو
6 اصل سوڙهو ڪيوءِ
7 يعني تہ سڳ ڏنائين
8 ر. ورهاياءِ وريام
9 جام عالي خان ڪٺوريءَ نسي جو والي
10 ميرِ نصير خان قلات جو خان
11 يعني برفتن جا سردار

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

عالي. بجار آڻيا جهان جهان ڪري جهام
سنڌ ميڙيائون ساڪرو لس ميڙيائون لام
هيڪڙو نوازيا نصير خان ٽي پيو ميان ڏٺن مام
هيلي مان هاڻ پٽي. سُوائون سلام
تان ديرو دريا خان نہ ڪٽي ڳوڏو ڳري، ڳام [1].
بجار ٻاڏرن ڏي توجي سدا وڃي سام
هي بڪا ڪنهن ڪلام ناتي ميرمڙياڻي ڪينڪي.

جانڪين جهونجهارن کي "عالي" عقل ڏي
تان دريا خان ديرن ۾ ڪنهن تي گڻ نہ ڏي
مزار موٽڻ مينهڙو. ديڳي دنگ نہ ڏي
چئي: آهن جاگير جنهن جا. سو سر عزت خان اڇي
امين اُنهين ريءَ هڪ سِرتي نہ ڏيون سيري جي [2].

لس ملير جام ڪري ڪٽي آئين
هڪ نوازئين "نصير" ٽي. ٻيو ميان ڏنياءِ مام
هي بڪا ڪنهن ڪلام ناتہ ميرمارئ جا ڪين هڻا.

---

[3] پراهي لس ملير جام سپ ڪري ڪٽي آئين
[4] نصير تيلاهہ نوازئين. ٻيا پاڻ هيلي ٽياءِ پير
[5] بيت ڏيئي بجار تو وهندو نہ ڪٽي ويس

---

1 لشڪر جو ديرو نہ ٻيو ڪٽي
2 ر. سوئي نہ ڪنهن سنگ جي
3 ڪري ڪٽي - ٻهاري ڪٽي
4 اشارو مين حلي شرواري ٿئي ڏانهن جنهن جي بجار کي دعا هئي
5 جام بجار جوکيو ٻاڏ سگهڙ شاعر هو جنهن هن جنگ بابت بيت چيا پر بيتن ۾ انصاف نہ ڪيائين.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ٻيا به ٽيپر ٽيلدار هڪ مرد مهائين مير [1]
هوڏانهن حمل ٻاپڙو ٿي آيو منجهه اُڪير [2]
سي هٽ هٽين کي گڏيا چوڪا وڃهي چير
"بارڻ" ڏني پير. جام هزارن جڪي هيڪلي.

ٽس. مليسر. بارڻ. نيئي ويڙهيون وڏيرن
اهي ٽيئي ٽرَ ڏي آئيون وڃن جهڙي ون
تن جو ٽلي ٽڪر جهليو "بارڻ" جي بيگن
تڏ "ميان" کي مٺادو ٽيو. ٻڌين پڻ پاٽارُن [3]
ڪني ڪرهيو پاڻ هر چير وڏيرن
پورا پارڏجن. ٿوران ٿهاين جا.

خان ته دريا خان. ٻيا حمرڪ هزارين هڪا [4]
سوالين آئي سنرو ڏئي مهمانن کي مان
گڏي ڪيهر شينهن جيئن. جنگ ويلي جوان
بجار چوءِ بيان. هو اهڙوئي احدين جو [5].

اونگر تان جي الٽيون. سي ڏونگر دار داريون [6]
ڇوهڙ ڏاري ڇٽڪو ڪري وير وريون [7]
اُتر ڏان جي آئيون سچيون شاهه پريون [8]

---

1 "ٽيپر" پاڙو جوڪين جو
2 حمل ۽ ٻاپڙو ٻئي برفشن جا راڄ
3 غالباً اشارو ميان غلام شاهه ڏانهن يا ميان سرفراز ڏانهن. پاٽارن - سردارن
4 حمرڪ - حملاٽي راڄ جا فرد
5 هي ٻيت غالباً جام بجار جو جيل آهي. جنهن ۾ دريا خان کي داد ڏنو آهي
6 اونگر جي آئيون ـ الخ. ڏونگر - صبوح جي ڇڇهي ماڪ يا ڪوهيڙو. جوندا "الاهي ڏونگر ٽيو آهي": ڏونگر مثل تراريون اڇي ڏيرين
7 ڇوهڙ - مڪڻ جو ٽالو
8 ڏان - ڪان

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هليو حاڪمن ڪي وڃهن چڪ ڇريون
بيلان جي ٻريون، تن وڃي آڙاهه اونگر تي ڪيو [1].

آڙاهه اونگر تي ڪيو ڪنهن ڪاري ڪکر ڪار
سمن صفون جوڙيون، ڏس الاهي اختيار [2]
ٻڙ ڳڏيا. بازار ٽيئي، تيغن چمڪر چوڏار
سوپاتي سردار جي پٺن ڏٺ پچار
رڻ سان راڌيون راڻيون ابڙا ٻڙ ٻتار
سواڻي سالار، ڪٽي ڪيون پرلون پنجاين جون

انهين پيرين آئيا. جيئن تي چيائون
لاف پنهنجي لاڪ ڪري رڻ ڪي رتائون [3]
هوءِ هزارين تي هُل ڪري ڇٽي ڇڏيائون
جا پر پاشاهي جي سا پڇي پاريائون
سنڌ ۽ ساکري ڪي تي ڪيهه سين ڪٽيائون
ايڏي رب جون رضائون. نا تہ مير مرڻ جا ڪين هٿا.

---

5. ڪيچ ۽ بي تربت واري لڙائي

مير نصير خان نوري سنہ 1749ع ۾ قلات جو خان ٿيو. سندس دور ۾ ڪيچ جي گچڪين، جي ان وقت ڏگري فرقي جا هٿا. بغاوتون شروع ڪيون. سنہ 1756/57ع ۾ مير نصير، پهريون دفعو ملڪ دينار گچڪي خلاف چڙهائي ڪئي. ان کان پوءِ 1756ع کان وٺي 1760ع تائين گچڪي سردارن جون مسلسل طور بغاوتون هلنديون آيون، جن کي ختم ڪرڻ لاءِ

---

[1] بيلان - بيلي جي طرف کان
[2] يعني برڻن
[3] اصل: رڻ ۾ رتائون

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ٽي چار دفعا مير نصير خان پاڻ لشڪر ڪشي ڪئي. هڪ دفعي آخوند فتح محمد جي اڳواڻي هيٺ لشڪر موڪلياٿين. مدت تائين حالتون ٽاپر ۽ رهيون پر 1776ع بعد وري ڪيچ ۽ بغاوت ٿي. ان وقت جام مير خان (اول) پيلي جو حاڪر هو. جنهن کي مير نصير خان کي لکي موڪليو ته ڪيچ تي چڙهائي ڪري.

هن جنگ جا بيت جي صفر مگٽهار جا چيل آهن تن مان معلوم ٿئي ٿو جام مير خان پاڻ لشڪر سنباهي چڙهيو. فتح خان للاڻي جاموٽ، ڏرو ۽ ٻيا ٻڙا معتبر، فقير محمد بروهي، مراد پوتاڻي، عثمان گذور ۽ ٻيا سردار پنهنجي پنهنجي قوم جي لشڪر سان اچي شامل ٿيا. پيلي جوهي سنڌي لشڪر شهر تربت جي سامهون وڃي منزل انداز ٿيو. اهو ماڳ ايڏا تائين "جڏ ڳال- ڏڻي" جي نالي سان مشهور آهي ۽ پڻ اتي هڪ ڪوهه آهي جو "جڏ ڳال چاهه" جي نالي سان سڏجي ٿو.

الهداد ٻرو، سومرو بروهي ۽ ٻيا بهادر ماڻهو هن جنگ ۾ ماريا. پر بالآخر گچڪين جو لشڪر هار کائي پوئتي هٽيو. صفر جا هي بيت پچاڙيءَ ۾ ڪٽل آهن. انهيءَ ڪري هن جنگ جو وڌيڪ احوال نٿو ملي. پر صدري روايتن مان تصديق ٿي ته فتح خان للاڻي جاموٽ، مير براهم نوتاڻي ٻرو، مراد پوتاڻي ۽ ٻيا گهڻا لس جي لشڪر مان ڪر آيا پر جنگ ڪتيائون. پوءِ خان مير نصير خان انهن ماڻهن جي خون ۽ قرباني جي عيوض اورماڙو بندر جام ميرخان جي حوالي ڪيو. جام صاحب ڇيو ته بندر انهن راڄن جي حوالي آهي. جن جا مڙس مٺا آهن. راڄن ڇيو ته تو ڏنو اسان ورتو. پر اسين واري توڪي ڏيون ٿا. ان ڏينهن کان اورماڙو بندر جام صاحب جي ذاتي ملڪيت ٿي رهيو. نسبناميءَ جي روايت مان پڻ تصديق ٿئي ٿي ته مير براهم نوتاڻي ٻرو هن جنگ ۾ ماريو[1] ۽ پڻ سومار اِلاڻي ٻرو هن جنگ ۾ وڏي بهاديءَ سان وڙهيو. جنهن کي شاعر "صدقي" ڳايو. هيٺ صفر جي بيتن کان پوءِ، شاعر صدقي جا بيت ڏنا ويا آهن.

---

[1] تسومتي ص 81

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

صفر جا چيل بيت

سارا ميان سچو ڏني فرمان جنهن فرمايا
جنگيون جهيڙا جهگڙا رازق رب رڪايا
ڪيچي مذهب ڪوڙا آڳي اپايا [1]
واري ٿر نصير جي جواڻن زور جهپايا [2]
پري پيگ "پايان" تي ان سندي آيا [3]
عمل احدي گهٽو ڪري پانجي پرچ پچايا [4]
پر رسي راجا ٿر سڳيو تنهن حيلا زور هلايا
تڏڪري مصلحت من ۾ ڳالهه اها ڳالهايا
ٿر پهچڻ ڏني "پيلي" جو لڪي تنهن تي لٽڪايا
سڄي ڳالهه صفر جوءِ تنهن سڀائي سمجهايا
ڪڍي قاصد پانجو مانجهي ڏانهن ٻڪايا
عالياڻي عزت سين پانڌ ڏسي پرهايا
تڏهن مير خان مانجهي پانجا تي ڪٽڪ ڪرڻايا
ڏرن فتح واهه ويا تي لاڻي لانچايا [5]
چڙهيو مير خان مانهنڊ ۾ جنهن جي ناڏ نڪارن لايا
نڪير محمد فوج سين آنهين ويٺ تي آيا
ٻيا پراڻي ڀر پيا جن احدين ڳالهه آڻايا [6]
ٿر جوانا ان سين جنگ مڙڪريو جي اوهان ڪان آيا [7]
تان مير خان سڄي ڪيڪين جا ڳالهه انهين ڳالهايا
تڏهن سپني سڀيو جنگ تي ڪيڇن تي تي ڪاهيا

---

1 ان وقت صحيح جا حاڪر ڪڇڪي ڏاکڙي مذهب تي هٿا
2 ٿر نصير يعني ڪلات جو خان نصير خان نوري جهپايا - ويڙهايا. جهپائڻ - ويڙهائڻ
3 "پايان" تالو ماڳ جو
4 پرچ - رعيت. مير نصير خان ڪڇڪين کي مجاز لاءِ پنهنجي رعايا کان پچيو
5 پيلي جي لشکر جا مکيه اڳواڻ
6 پروهي اڄي ڪڏ تيا ايڏ پيا. ڳالهه آڻيا - ڳالهه آڻياري
7 شايد مراد ته جيڪڏهن ڪڇڪي اوهان ڏانهن صلح لاءِ اچن ته پوءِ جنگ نه ڪجو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

وڃي ڪيڇ ڪنڊين ۾ ديرن ڏمون لايا
نومڑيي۔ ڏٽي ننگ جا وڙهن زور وڻايا[1]
تتي رونجهي راءِ کي امر پڃي آيا[2]
پانجين ماريو پٽر تي. قضا ڪر ڪرايا
خدمت ميرخان مور جي وري واهه ملهايا[3]
ڏري ٻري مورچو جهلي پانجا پڙ پچايا
اتان پوءِ "تربت" سامهون ڏڪين ديرو پايا
خبرون خان مير کي اچي ٻيليين زور ٻڌايا
تہ اينديِ ايرندي ڏان احديين آڻون پايا[4]
مانهڊان دونهن دارون جو ڦِرانگين وات ڦٽايا[5]
جهلي ٻري ٻانهن ۾ الهداد اُٽايا
سينهن ۾ راهي سومرو گهوٽ گليلين گهايا[6]
ٻري ٻُڌ براهي حسڻ ڏان هلايا[7]
مائٽين. ملاقاتيين تي وڙ وجايا.
پوءِ ٻيهي ڏينهن ٻ ٽي جوڻن جنگ وسايا
لڳيون لکيون تنهن اڳرين. انهن اُپايا[8]
تو گهوٽيئي تيغين جي. ويرين واڳ ورايا
پڙ ڪوڻ پٽيرا ٽي ڏوران تن هاڪاران هُلايا.
تڏ مراد مائهو موڪليو پويان پڙ پچايا[9]

---

1 نومڑيي۔ ڏٽي يعني نومڑين جي راڄن جا سردار هرا
2 ڪنهن رونجهي سردار کي اتي پنهنجن ماريو
3 جام ميرخان وڏي لقب "ميرخان مور"
4 تہ مخالف ايرندي طرفان مورچا جهلي ويٺا آهن
5 ڏار - بهادر (ڏاڙ ٽوهر وانگر هڪ سخت ۽ ڪڙوڻ آهي)
6 سومري ٽاڻي بهادر بروهي کي گوليو لڳيون
7 ٻڌ - پاڪ پيغام سلام. سومري بروهي مرڻ وقت حسڻ ٻري ڪانهن پيغام سلام موڪليا تہ مائٽين ۽ ملاقاتين کي پهچائي
8 لکيون - تراريون. اڳرين - عضون کي
9 مراد پوٽاڻي. پر پچايا - خبرون لڌيون

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڪوڏان اڇي ڪاپڙي سڄي ڀالهه سڻايا[1]
تہ اوهان جي حرص هٺ جو تہ اڃا مِڱر آيا[2]
اُهانءَ سوئي احدين غازين حرف گهايا
تڏ مراد مانهند ۾ احدي تيغ اُٺايا
جا پر جهونجهارن ڪئي پتنگ سا پچايا
ٽئي پاتارن پدريه جا ڀالهه ڏوجي ڀالهايا
بادل ۽ پاديڃ تِتهن ٽي آڳ هرندي آيا[3]
ٻيهي بادل تتهن ڪنا خوب وڃايا
ساهڻ پڙ پاديڃ کي پالن پيڙ رکايا
پر مانجهي ڪبن مڙيو جنهن هٿي هٽ ڪمايا
جيئنداڻي کي جنگ ۾ ريلي رب بچايا[4]
صفر ڪاپڙي ڪٽ مان پوئتي پير نہ پايا
ٽٽي هاڪ هٽڻ جي ڏُوران ڏُڌر آيا[5]
نِماڻي نامئي تنهن جمعي جس ڪمايا[6]
مِينهن مرتيين رڄ ۾ اڇي اَٽا اَنگايا[7]
شيدي لوڙيون سلامتي. جنهن ليڪايا پاڻ لکايا[8]
هيڪڙو ڪيري ٻڌي کي ٻيڙڻ ٻگون پايا
مانجهي مست ڏري جو ڀالهه چڱي ڀالهايا
ڪاڌا پيمن پنڌ جا مانجهي اُٽ ملهايا[9]

---

1 ڪاپڙي - قاصد
2 تہ جيڪڏهن اوهان کي وڙهڻ جو شوق آهي تہ آڏو مخالفن مان بہ بهادر ڄاڻ پهتا. مڱر - سڳن وارا. ويڙهاڪ بہ بهادر.
3 بادل ۽ پاديڃ (بهاءُ دين) پرا
4 يعني ساڳيو پاديڃ. پاڻ جيئنداڻي ٻرو
5 ڏڌر - بهادر (ڏڌ ٿوهر وانگر هڪ سخت ۽ ڪڙوو آهي)
6 جمعو نماڻي. يعني جمعو بٽ نر جو
7 اٽا انگايا - سڳ اڇايا. يعني همت سان وڙهيو
8 لوڙيون - هنيون (تراريون) ايمان جي سلامتيءَ سان ليکا پاڻ لکايا - مڙسيون ڪيون
9 هي شيدي ڏري جو غلام هو جنهن پنهنجي مالڪ جا ڪاڌا ملهايا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

اُتيا جوان عثمان سي. ٽي گدورن گجايا
هاڻي ڪري حملو. لوڏي جنهن لنگهايا.

شاعر صدقي جا بيت

ڪريمداد خبر ڪئي ته چام ميرخان وڏي جي ايامڪاري ۾. قلات جو ڪيچ مڪران وارن حاڪمن سان نزاع ٿي پيو ۽ نوبت وڃي جنگ کي پهتي. چام ميرخان عام پرتي جو اعلان ڪيو. جنهن تي ٻيلي جا سپ ننڍا وڏا جوان جي جنگ جا جهونجهار هٿا سي تيار ٿي ويا. مگر چام ميرخان هي شرط وڌو ته "جنهن جي سونهاري ۾ ڦٽي پوندي رڳو انهي کي نيندس." سومار پٽ اِلي جوڀرو (پوٽي- پوٽو) هڪ ڀيرو نوجوان هو جنهن کي سونهاري اڃا مس ريهه ڪري لٿي هئي مگر ڦٽي ۾ اڃ جيتري ڪاڻ هئي. هن جنگ جي ڪوڏيي جوان پرتي ڪنڊڻ تي زور آندو ته مونکي به ڦٽي ڏيو جو منهنجي سونهاري ۾ ضرور ڦٽي پئجي ويندي. چام جي اشاري تي عملدارن جيئن سومار جي چاڙي هيٺان ڦٽي آندي ته وٺي اهڙو زور ڏنائين جو ڦٽي چمڙ مان چڙهي انکي قابو ٿي ٻيهي رهي انهيءَ چام چيو ته: چوڪرا تون پلي هل جو تون مڙئ وارو ڪين آهين. چام جو لشکر روانو ٿيو ۽ ڪيچ جي قلعي جي آڏو اڙ ڪري وڃي ٻيٺو. سامهون ڪيچ جي لشکر شهر تربت جي قلعي کي پنهنجي ٻچاءَ ٻڌايو ۽ قلعي جو دروازو بند ڪري چڏيو ۽ رڳو روزانه صبح جو وقت دروازو ضرورت سانگي ٿي کولياڻون. هتان رڌ ڪئي وئي ته ويٺي ورهيه گذري ويندا: هاڻ صبح جو جنهن وقت دروازو ٽو کلي انهيءَ وقت پنج همت وارا بهادر جوان ڪنهن حيلي سان فلڪ ڪري وڃي درواري تي ڏوڙيو ڪن ۽ ايستائين دروازو بند ڪرڻ نه ڏين. جيستائين پويان وڏيڪ لشکر اچي پهچي. اها رڌ رتي. پنج جوان نڪتا جن ۾ هڪ سومار به هو. رات جي وڪڙي ۾ ويجهو ٿي ڪا جاءِ چتائي وڃي ٻيٺا. صبح ساڻ جيئن دروازو کليو. تئن سومار سراڙو ڪري وڃي اندر پهتو. باقي چارئي چڙا پوئتي رهجي ويا. رڌ پوري ڪاڻ ٻيٺي. دروازو بندجي ويو. هاڻي سومار اندر

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

يڪي سر وڙهيو تان جو وڃي زمين تي ڪريو ۽ سندس هٿ پير بيڪار ٿي ويا. تڏهن به سيني تي سر ڏئي ڏئي وڃي هڪ سپاهي کي پنڊيءَ ۾ چڪ وڃهي ڪيرايائين ۽ پاڻ به انهيءَ چڪ واري حالت ۾ پساهه ڏنائين. چون ٿا ته سومار مرندي مري ويو پر سندس چڪ پنڊيءَ مان ڪونه نڪتو. تڏهن اتي جي سپاهين سوچيو ته هاڻي سندس ڏند پڄي هن قاتل مڙس کي چڏائين. پر سندن سردار کين چيوته: هن سورهيه مڙس کي هاڻي متان ڪو هٿ لائي ۽ حڪر ڪيائون ته هن سپاهي جي پنڊي جو ماس ڪوري ڪيس چڏايو. ساڳئي وقت سومار جي سورهياڻي جي هيبت هنن سردارن تي طاري ٿي ويئي ۽ چيائون ته: خبر لهو ته چام جا سڀ سپاهي اهڙا آهن چا؟ هُتان چام به چوائي موڪليو ته اهو رڳو هڪ چوڪرو اوهان ڏانهن آيو آهي. جي ڪو وڏو آيو ته پاڻهي خبر پوندي هي خبر ٻڌي هنن سردارن يڪدم چام سان صلح ڪيو ۽ چام سرسي ڪري پوئتي موٽيو.

شاعر صدقي جو ساڳئي سومار واري پاڙي مان هو. تنهن سومار جي سورهيائي بابت بيت ٻڌا. جن مان ڪي هي آهن:

(1)

آ، اِلاڻي[1] آ، جوانن جلهه لائيي
ڪڍي ڪنو ڪپ مان. سنيارياڻين شاهه
مهندان مڙيو ڪينڪي. جتي تکو هٿو تاءِ
پنج پُٹي ماريا. ڳٽي ڪومپن ساهه
اڃا شينهن. صِدقي چئي. بگيڙيو باڻاهه
چؤمڪ چوڏاراهه. ڪوٽر ڪڪڙين چتائيو.

(2)

گهاتو ڏني گهور. ڪر ڪلاچيءَ جي ڪن مان
وڏي ڪياڻين وات تي. هٿان لاهي هور

---

[1] الاڻي - يعني اِلي جويت سومار

ٻڌا سهرا سومار صدقي چئي جُٽ سونهاري جوڙ[1]
منجهان زهمي زور هٽي هوليگن کي

(3)

سومار من ساڻي. جا آڙ مان ڪري اُٽيا
تنهن پي ماڻ ملوڪ جو ڪنا ويا ڪائي
ولاتين واڻي. سندس ٿئي "صدقي" چئي

(4)

پالا ٻڌيون ڪيترا. هزارين هٿاس
سي مر ٿيو ڪالهيون. مرڪي ٿي ماڻاس

شاهه بلاول جي لڪ واري جنگ

هن جنگ جو بنياد هن طرح چيو وڃي ٿو ته هڪ طرف تور ڇڪتا ۽ ٻئي طرف خضرائي زهري (بروهي) قبيلي جي ڦهريائين پاڻ ۾ عداوت ٿي. شاعر نور جي بيت موجب فتح محمد ۽ علي مراد خضرائين ڏمر رکيو ۽ "واهگون" نالي ڇُتي جا هٿيار ڪنيائون. پوءِ انهيءَ تان جهيڙو متو. جوهي جا جمالي غالباً خضرائي زهرين جي طرف هٿا. چٽن ۽ جمالين جا آرتاڙو ۽ ٽوندو ماڳن تي مقابلا ٿيا. جن ۾ جمالي زور ٿيا. جڏهن چتا دوبدو مقابلي جي طاقت ساري نه ٻنڌيا. تڏهن وڃه وٽي جمالين جا ماڻهو ماريائون ۽ سنڌ واري پاسي ڪان لڏي اچي لس ۾ پنهنجي قومي سردار پوتاڻين وٽ پناهگيرن ٿيا. جن جام ميرخان (وڏي) کي آگاهي ڪئي.

چٽن ڪان ويڙ وڙڻ لاءِ پويان جمالين جولشڪر چڙهيو. جمالي تعلقي جوهي ۾ تنڀي رحيم خان ۾ رهندڙ هٿا. ان وقت تنبر. شاهي ۽ فتح خان منجهانئن نالي وارا مڙس هٿا. ان وقت لشڪر جي اڳواڻي ڪئي. جمالين جو لشڪر لوهي واري لڪ مان چڙهيو جو "شاهه بلاول نوراني" کي سامهون آهي. هتان لس طرفان جنگي خان جي اڳواڻي هيٺ ٻُرن جو ڪجهه لشڪر اڳوات ئي جانج پڙتال لاءِ شاهه بلاول طرف روانو ٿي

---

[1] جٽ سونهاري جوڙ - سهڻي ستاءِ سان

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

چڪو هو. جنگي خان ڏيوڙاڻي (ڏيوڙي جو پٽ) دريسائي ٻرو. اُتل جي ٻرن جي سردار گهر مان هو. پاڻ ان وقت موڪيل مڙس هو. شاهه بلاول تي اچي منزل ڪيائين. جڏهن جمالين جو لشڪر لوهي واري لڪ تي اچي منزل انداز ٿيو ته شاهه بلاول جي خليفي جنگي خان کي خبر ڪئي. جنگي خان ٻُڌ جي وڏيڪ لشڪر لاءِ ڪوڙ ترسيو. پر مقابلي لاءِ چڙهي پيو ۽ لڪ جي اوريئن طرف "ساند جي ڏوري" وٽ اچي ديرو ڏنائين. جنگ لڳي جنهن ۾ جنگي خان سان گڏ چئن ٻين مڙسن بيهي ميدان ملهايو: "ڏهيرين سنڌي ڏهه ۾ جهليا پير پنجن." اهي پنج مڙس هي هئا: جنگي خان ڏيوڙاڻي دريسائي ٻرو. سومار ڪلاڻي ٻرو. تورپيو ڪلاڻي ٻرو. ڏٽي ڏانو ڪلاڻي ٻرو ۽ ڪريڙ ڪلاڻي گڏيو. اهي پنج ئي نالي وارا مڙس هئا جي مٿا. "ساند جي ڏوري" وٽ سنڌن ماهيون ايڏا تائين موجود آهن. جمالين جي طرف فتح خان هن جنگ ۾ ماريو.

جمالين جو لشڪر لڪ جهلي ويهي رهيو. پوءِ پوتائين مان سردار نوشيروان غلام حسين ۽ ٻيا لشڪر وٺي اچي پهتا ۽ مقابلو ڪيائون. ڪي مڙس منجهائڻ ماريا. پر پوءِ جمالين جو لشڪر پٺ پوئتي موٽي ويو.

شاعر نم هن سڄي داستان کي سربستو هن طرح ڳايو آهي ته:

[الف] شاعر نم جا جيل بيت

سارا هيان سچو ڌڻي الله عالمن
مجيان محمد مصطفيٰ آکاهه امتين
لنگهائينڊو لکيون اچي عاصين
ابابکر عمر عثمان علي چارئي يار چئجن
علي ڪافر ڪٽيا ڏاڪ وجهو ديسين
ماري مسلمان ڪيا ڪٽيو ساڻ ڪنن
ميران مونجي من ۾ مدت مريدن
عالمُ مريد اُن جو مجيو ملائڪن
پوءِ ٽيون پاتشاهن ۾ ريتيون اي رمن

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڪنهن نہ کهڙي ڳالهه تان هيو وڏو وڏيرن
فتح محمد علي مراد ڪرڻ رکي ڪوٽرن [1]
جوانن جوڙي جنگ جو ڪنيو خلل خضراٽين
وياهي "واڳو" جا نيا اول هٿيار اُن [2]
شير خان سنبهي ڪري ڪئي مرداڻي من
سهڻي سورهيه سات هٿي آندو ڳهاءِ احدين
اچيندي الهداد سان هاڻي پيو هٿن
ڳوڙي ڳيراڻي سين جهلي ڳهاءِ جواڻن

الهداد ائين چئي تو ٻڌائي ہيلين:

حال ماري تو ميٽ سين ڪا آهي سڌ سين [3]
آواريون ٿي اُهٽيون. وڃهه لڏو ويرن [4]
خان هٿي ڪيرو ڪيو وڃهي چڪ چرين
هُن ماري چڏيو اوياڻو اڳرن
سوائين مان اڄي ڪيو ڪوارا ڪرماڻين [5]
سورهيه سياڻي جوان اڃا ڳالهيون پيون ڳڻجن
ڳڀي ڪين ڳهتايو جيئن ڏوڙي پيو ڏڪن
وڙهي وڏيرن نان ڪٽر نيئي نہ ڪن [6]
اها مانجهي هٿين پانئيو اُڃانيو احدين [7]
صاحب خان سنياڻيا ڪئي چيڙ چٽن [8]
نهرو نوشيروان هو بل بل پوتاڻين

---

1 فتح محمد ۽ علي مراد خضراڻي بروهي
2 واڳو چٽو
3 ميٽ سين - نگ سين، حشمت سين
4 آواريون - اوڇتيون، اهٽيون - مٽان ٻيهون
5 ڪورا - ڏاڍ، ڪرماڻين - تراڙين، ڪرماڻ، اصفهان، خراسان، شيراز۔ اهي مڙيئي تراڙين جا نالا
6 نان - ڪنان، ڪان
7 اڃانيو - ڪاوڙايو۔ جوش آياري ڪڍو ڪيو
8 صاحب خان نوشيروان ۽ جان محمد پوتاڻي، سردار چٽن جا

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سڳورو صاحب خان هو مٽير منجهن
تنهن سين ميچائا سنيا تو ڏا ٿا ترڪن
لائق وڃي لوپ مان هنيون لوڙيون لاکيٽن
هو ماريائون اُتهين پڄي گهاءِ پرسن
مال هٽي سي موتيا جن ڪنيو جوڙن

مُهيتي صاحب خان جون سيڻي سڄڻ
تنهن نرمل ننگ سڃاڻي واري اُٺ ڏنا ڪي اُن
چرت لهي، چيڙ ڪئي، پيرِ پراهين [1]
ڏومي تن "ڏري" جو مال هنيو مردن
پڙونيائون گُپت ڪيائون. اها پر ناهي پرسن
احدين تِهَر اُٺائيو پو پنجاهين
گهوڙيي گليگ پنهنجي ڏني نه ڏاڙهيارين
لانچي مڙيا لوڙهه ڪي بلهه پوتائين
هُوڏين پڻي هُوٽ تان نالو ڪيو نهنگن
ڪهڙ ڪري خضراٽين جا آندا ڏڻ ڏگن
شمال خان سات سنياين مرڪي گهاءِ مردن
تنهن سين گڏيا سياهُو سات سنيهو. لانچيو لاکيٽن
احدين وڃي ان پرايو "جوهي" مان جوڙن
سي متارا موڻي اتائين ٽاڻن
پرسن پاواڻو ڪيو وچ برورياڻن
سورهيه اُٺ سمهي رهيا بار گهيڙي بوتن
آجهاوا ڪارين گهٽو ڪا جا مام مٿين
خضراٽين خلل ڪيو مدني ڪيائون من

---

* هنن نشانن جي وچ وارو انتباس هڪ جدا روايت ذريعي مليو جو اسان هن جاءِ تي رکڻ مناسب سمجهيو. اهو مواد هن جاءِ تي باهران آندل ۽ داخل ڪيل آهي.
[1] چرت وجهه

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

آيا آڏيءَ رات جو سهڻي پياڻ
جهونجهاراڻي جوان کي سڃاتو ڪين سين
ڪمال خان سنياليو اُٽيو گهاءِ احدين
پاندوءُ پنج پچاڙيون سي پڻ سارا هجن •

هاڻي پراهي "بالاچ" سين تا اُچل منجهه اچن
تن ٽِڪائي "ٽونڊي" تي جنگ ڏٺي جوانن [1]
ٽيلي ٽوپاڪون هنيون واهه تت وڏيرن
نوشيروان ويلي ننگ جي. وڙهيو گهاءِ واڳهن
صاحب خان سوڙ ڪيا بچيو بندوقن
احدي پٽ اوتماڙ جو ٿريو تماڻن
شير خان جي مٽ جي ڀگالهه ڳريائي ڪن.
هوڏانهن چلي چاڪر آئيو منجهان پراهن
اچي گڏيا پاڻ ڏوڙي پياڏڪن
ڪيئن سي سينهن سانبيٽيا ڪيئن سي واڳهه وڻن
ٻني هوندين هٿ ڪپان ٻيهر ڪڙن [2]
ڪوسين ڪپارن هڙ ڇهٽيو چڪ وجهن
شير خان شهادت رسيو عالم ائين چون
"ٽاڙو" ٽيپُون ڏنيون ٻلهه ٻهلولن [3]
ٻيهر ٻروچن لانچيو جمالي جوڻن
اچي "ارنڙين" تي جنگ جوڙي جوڏن
لڳو جهيڙو جهڳڙو ٻوڙين ٻن ٻهرن
رحيمني جي رس جي ڀگالهه ڳريائي ڪن
راوت رحيمنو هئو منجهان ڪوڙ ڪلن
شير خانائي مٽ ڪيو چاڳلي چون

---

1 ٽونڊو - هڪ طرف جبل پر هڪ مڪان جو نالو
2 اصل هن هريءَ هٿ ٻر
3 ٽيپون - ٽڪر

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سيد الهڏنو شاهه آيو گهاءِ احدين
سي خليفا شاهه جا صلح ڪيو سينهن [1]
هوڏانهن اُلڪو اُن جو ڏاڙهيارن
پوءِ لڙيا ڇُتا لس تي ڪري اجهو عالياڻين [2]
سي متاري ميرخان کي پاڻ اچو پرجن [3]
اجهو اوڏر ابڙو جهلو جهونجهارن
ميرل ماڙي جو ڏٺي اونچو منجهه اڏين
گڙهه ڪيهر اڳرو مرس کان ڏاڪ سين [4]
لائق ڏٺي لس جو پڏرو منجهه پڏرن [5]
اڳي "صديق" سرڻيون جهليون. اي ڪر سدورن [6]
دانهن گهٽو دلاسيو مهندان ملوڪن
پلي ڪري آڻيا اوهين راهين چيائين ان
پر ٻُرين ڇڏر ٻيهاريا. ٿڏر رهايا راڄن [7]
تن پيرا جهلي پاڻ مصلحتون مردن [8]
لڇين جوڳا لانگي. لڇون سي ڪٽن
وقت وينڊا گذري موتي ڳالهڙيون ڳٽجن.
صاحب خان سنپائيا ڪٽي چيڙ ڇُڻن
وڃي تن ويرين جو مال هنيو مردن
پر تي مانهجن ماريا هٿي منجهان هُن
لوڙيون لاواريون ڪيو ڪٽي ڪاهوڙين
ٻيهن بانڪا ڪينڪي ٻُڌس ڪيوپون
وڏيرا وڙهڻ جون اڳي اُتلون ڪن

---

1. يعني شاهه بلاول جا خليفا
2. چتا هاڻي جاموت مدد لاءِ آيا
3. پرجن = سونين
4. يعني پاڻروٽن يا سردارن جو نشانيءَ جو شروار
5. صديق جاموٽن جو سردار
6. پرن جنهن وٽ انهن کي ويچاريو
7. مصلحتيو = هٽن مصلحت ڪئي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

اِنهن تان اُتانئيو ٻڌو ٻروچن [1]
ڪوٽن ڪاروا گهٽ ڪيو ڏمر ڏاڙهيارن [2]
ڦهه ڪريو پاڻ هر سي جڙيو جمع ٽين
ڪٽيو ڪٽڪ ڪارمان ڪريو اُور اچن
تڏهن چاهل چاڻ ڪئي پٽي دانهن ڏنگن
ڏرس داروغا چڙهيا. تا ڪٽڪ ڪوٽائجن
ميرخان قاصد ڪڍيو ڇُٽو سينهن چون
تر چئيوجين ڊڳ "ڏري" ڪي اوريان تا اچن [3]
علي ڇُٽائي آئيو منجهان داروغن [4]
تنهن سيکا سڌ سڀائي پڇي ڪي پرمن
ڪوٽيو ڪٽڪ پنهنجا. ڏور سمجهائي سينهن
مڙيو سڀ يو فوج ٽيو تا مرد مصلحت ڪن
چامر درو. ٻَهر چڙهيو. سوڌو سردارن
تر اُتي ميرخان مانهند ٽٽي سهُون گهاءِ سينهن [5]
هيڏانهن هُرا دودا ٻيل ٽي لاڇٽو لاکيٽن
اُتيا الهداد سين تا ماندڙا مرڪن.
ڪوٽيو ڪٽڪ پنهنجا. ڏُرو سمجهائي سينهن
وڃي سي واهر تيا پري پُوتائين [6]
پوتا "پير پُکڙ" جا ويرڪني وهن [7]
ڳوڌين ڳڙهه ٻڌي ڪيو جهَلو جهونجهارن
خليفين خاشي ڪئي ٻيلي تيا ٻرن [8]

---

1 اتانيو - اُمر ڪيو
2 ڪاروڌا = ڪار (خاڻ) ۽ خد وارا، ڏاڙهيارن - ڏاڙهياري جبل وارن [؟]
3 چامر دور للياڻي (عالياڻين جامن جو پاڙ)
4 علي ڇٽائي جام جو داروغو
5 يعني شينهن وانگر اڻي سامهون ٽٽي
6 مولي وري وڃي پوتائين سان مند ۾ پيڙا ٿيا
7 "پکڙ پير" جا پونا. هرا
8 خليفا برن جا مدد گار ٿيا

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مزار ماٿهو موڪليو تا اوريان تا اڇن [1]
دانهين سندي دانهن تي ڪانڌاريو گڙهن
اول ٿوپاڪي اُٽيا تا لائق لک وٺن
چيائون رني ڪي تو وٺون آڳ اُن [2]
پُرسين پاراٽو ڪيو آڙجوڙي احدين [3]
وڏي ويڑ ورايا. ويڙهي ويا واڳهن
ننڍائي جي ننگ جي ڀالهه ڳريائي ڪن [4]
ٽرنگ رحيمني پنهنجي هٿئي ڪي هيڻن [5]
تنهن لڇي ساڻ ليٽائيو هٿي منجهان هُن [6]
سورهيه "سوپائي" جا پورا پار آڻن
پيرا جهلي "پاربيو" تو ٻچي بندوٽن
هُن منجهان هڪيڙو ماريائين گهاءِ مرڻن
زيدي ٻر زهمون هنيون اڳ "چوٽا" سينهن چون [7]
گهوروون ڏيئي "گهٽ" ٻر هنيون جاڙي گهاءِ جواڻن [8]
راوت رنگ رڻ ڏيهه ڪيو "حاجي" هزارن
مُزرو "مڪياڻي" جو مڃيو مارا ڪن
جنهن ري هٿيارين رَکس ڪيو سو "سُمبڪ" گهاءِ ستن [9]
جهُڙي "جاڙاڻي" ڪئي سا مشهور منجهه ملڪن
لڪ "لاکاڻي" جا خاشا خوب چون

---

[1] مزار خليفو
[2] آڳ - اڳو - اڳ
[3] پاراٽو - اڳ موڄو
[4] ننڍائي پيرو ز پوٽو پرو
[5] ٽرنگ - بندوق
[6] لڇو - بندوق جي اها گولي جا نشان ٻر لڳي لاسي (ٻر باهر نڪري نه وڃي)
[7] چوٽا حسڻ پوٽو پرو (پارسين جي وڏن مان) تنهن اڳ "زيدي" جي ماڳ تي تراريون هيون
[8] "گهٽ" واري ماڳ ٻر اڳ جاڙي (حسڻ پوٽي پري) تراريون هنيون. خان قلات جي خاندان مان قنبر نالي هو جاڙو ۽ قنبر بلي ماسات هئا.
[9] رکس - رقص ناچ. سمبڪ (نالي) کي ڪجهرين ٻر تون ڳاءِ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڊگھار هئو ڏهه هڪ پر بچايو پلن [1]
پوتو "پير پڪر" جو دعا ڪوٽيو ڏڳن
ڏري تنهن "زهريي" جا پورا پارڏجن
مِنائي ميدان ۾ بندوق هنٿي ٽڙن
واهه وليداد وڙهيو تيلهي ٽوپاڪن
"پيرداڏي" پڙنگيون هنيون. هوليو پروڃن
"پريو" پري ڪينڪي ڏسيو ڪي ڏوڪين
حاق ٻري سٽ ڪمايا پيڇي ٻاڙن
ماتائي مان- سُرهو ٻڪ مان ٻُرن
خميسي ڪهڙون ڪيو پاسي ڏهرارن [2]
سلو ساڻپرسن جو سميجا سونهن
ڏڙن مانجهي ڪينڪي لڏو چڪ چنهن [3]
ٽوپاڪين جي ٽيل ٽٽي ڇڪو ڇُليرن
دارون ڏُماڙو ڪيو سپي سڏ ڏُجن
سڃي رات سماءِ ڪري جنگ ڏني جوانن
مانجهي "گريڙا" موڪليو سُوڏو ڏانهن سينهن [4]
تنهن آڻي ڏني اُن کي خبر خوب چون
تان جهليو جنگي خان نه رهي وڏيو ڏان ويرين
هائي ڇلا ڇلين سامهان تا هيڪو- ٻئي هڻن
ڏهيرين سندي ڏهه ۾ جهليا پير پنجن
جن جنگي خان چڏيو. چوچوان کي تن [5]
آءٌ ليکي ليکيان ڪيترا پائهين تاڃائن
ڪڙيءِ قاتل مان وڻون تان نه وڻن
سپي گڏ پاڙين سين جي هاڪاري هڻن

---

1. ڏهه هڪ = سامهون تڪ ۾
2. ڏهرارن = سردارن
3. چڪ = وڃهه موتمو
4. ڏان = ڏانهن
5. چوچوان = چا جوان

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تـــون نالا ونـي "تـــر" چـوي ســاريا منجهـ ســتن
هـــي ٻجيـو پـاس ٻڌين جـي بينـا ڏور ڏمـن [1]
اصيل کـي ايـڪ اشـارو ٿـون ٿيـهـ لڳـن
عيـب اشـرافن ايـترو جـو سـڀئي سـمجهن
اڃـهـي چـڏي راتـيهن سـوهيـ سـارا هجن
ڏڻ ڏيـائي هيـڪڙي ڳالهـ پـڪي ٻڌـن
تـن ڪشـي ڪـنـوبا ڪـديا پـتا پوشـيدن
"سـومار" تـروهـت ٻـڌ ڏتـون ڏي واڳهـن [2]
ڪـن ويـران خـوش ٿيـا. تـا ڪتوريـل ڪلـن
جنگـي خـان جيـڏن ٻڌ سـونهن سـنڊي سـر تن
ڪـري "علـي" "علـي" آتيـو تيـوامـامي انهـن [3]
اڳ جا ڏاڏس ڪـني "ڏيوڙي". ساڄ ميراثـي مـن [4]
تنهن ڪلوڪيو تمبر تي مرڪي ڳهاڻ مرڏن [5]
ميـر بـراهـم سـوچ ڪـري ٿـي ماريـائين حواسـن
تهڙ ڪنبيو ڪاچي واريـن. ٿي ستيائين سينهن
هي بـا احڊي اڙپنگ آڏڻ تـن منجهان ميراثين [6]
تنهن مرڪي منهن مانجهيءَ ڪيو لانچي لاکيڻ
خوشـبوءِ ڪتـوري مـان چـاڙيو ڇڳيـڻ
سـچو ڪـرهائي جـو ڏوپٽـو پوشـيدن
پـوپـورين پاتيون ڪيو جهڙ ڪيهـ جهونجهارن [7]
سـانن سـگ اڙايـا تنـگ مٿـي ٿهـرن
ڏنـو ڪـر پـاڻ ٻـڌين ٻـروچن [8]

---

1. ٻڌيـن - ٽڪريـن
2. ڪـن ويـران - ڪنهـي جـي خشڪيءَ وقت
3. امامي - اڪواڙ
4. جنگـي خـان جـو ڏاڏو ڪيڏو ميـراثـي - ميـراث جـو مالڪ ولڻ جـو وارث
5. تمبر شايد جمالي
6. آڏڻ - سـرڪش، آرڏو
7. پـوڙيـن پاتيـون - پـوريانا
8. ٻـرت ۽ ٻـروچن ٻاڻ ۽ جنگ ڏني

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڏيوڙائي جي ڏينهه ۾ مُئي هُالهه سين
جوانا جنگي خان جا پورا پار ڏجن
سينهُن وِهر يو سنگهريو، ڪندو وِڙاءِ سان ويرين [1]
سُوچائي سنون ڪيون، نهري سان نُهنبن
ٻڌِڻ جهليو هان ۾، تو ماري تيغ حسن [2]
شڪيلا "شاهي" کي تنهنجا لڳو لڳ لڳن [3]
پر ويرين واڳهه ورايو گهُٽن ۽ گهاتن
گهٽا ٽوڙا پاڻ ۾ تووي ڪين ٽرن
ڪهڙو برابر تن سين، جي سر جا سخي ٽين
پرن جي پڳن مان احدي اوهه چئجن [4]
مري شير شهيد ٿيو ملهائي مائتن
اڳيان پويان اُن جا مرجان ٿا مرڪن
موتي ماڻڪ ميرسي هيرا هار هڏن
سهرا تنهن سردار کي سوپاتا سونهن
راڻيون تنهن راءِ لاءِ پچو پار ڪڏين
ٿوهراڻي ٽيلي ڪُتيون، وڙهيو واهه چون [5]
اول جو احدي آئيو مانجهي گهاءِ مردن
پوءِ مرد ٿرون لائيون مانجهي ملائن [6]
جڙي هُالهيون جنگ جونکيائين تنهن ماراڪن
سي سيپ پنهنجا پاريا پانڌوڻ گهاءِ پُرسن
سرسائي سومار جي احدي ائين چون
وات وڏائين وڙهيو، هاڻي پيو هٽن
تنهن ڪيري فتح خان کي ڏيائين ڏُڳن

---

1 سنگهريو - جڪڙيل، بڌل، وهريو - چريو وڃاءِ - نقصان
2 اصل ائين بان ۾ - بانهن ۾ (؟)
3 شاهي جمالي
4 پرن جي پڳن - پڇندڙ جيڪي وري موتي اڇي وڃن
5 ٿوهراڻي ٻرو، ٽيلي ڪتيون - وڃائي تراريون هنيون
6 اصل ائين

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

اهو مري شير شهيد تيو ملائي مانڊن
اڳيان پويان ان جا مرجان مرڪن
ڪر ڪلاڙي، آجريو منجهان مهاين
ٿوريسي جون تڪ برٽيون جوڙيون جرڪن
مصري مانجهي ڪڍيو ٽوهڻي هولي ڳڻ
مانجهي سو ماريو مرڪي ڪهاڻ مردن [1]
ڏوسي هٿيون ڏٽيني جتي چاڙ. چرين
هاڻي هوڪارا ڪري ٿو ڳجي منجهه ڪهڻن
زهمين سو ڏاڪيو وانڍيو ورڪيڻن
ڪن ڪلاڙي هن ور آيو ڪهاڻ احدين
"ڪربڙ" ڪرماٽيون پڇنڀيون جتي ٽنو تيغن
ڏٽي، ماڻهندان ڏاڍي ڪيا ڏرڻا ڪهاڻ مردن [2]
هڏي هٽ ڪمايا اها پر اصيلن
مهتي ڏياڻين مٽ کي وجهي ياڪر ڪهاڻ ٻڌن
پٽي سو پورڻا ٽيو ماڻهندان ملوڪن
ڏانهي تلڙهن ڏانهن ڏٽي موتي مجلن
هوڏانهن احدي آڻيا پلڪ پوتائين [3]
ڏڻ مانجهي ڪينڪي ساڌ جو سانگ نه ڪن
جوانين جهمٽ لائيو جهڙ ڪيو جڙان
نهري تنهين نوشيروان جون لاڙيون تيون لڳن
غلام حسين ڪهٽ ور آيو مستي مٽين
جنگي خاتائي جنگ ور وڙهيو ڪهاڻ واڳهن
تاج محمد تڪ ور آهي منجهان مهاين
جوڻهر جعفر خان جا پورا پيار ڏجن
پيو مرڪي آيا عاندڙا پلڪ بهڏورن

---

[1] ڏوسي = زور مان
[2] ڏٽي، ماڻهندان = جنگي خان جي آڏو جنهن جو هو ڪڙهو
[3] پوتائين = مان مڙس پلڪ ونڊ لاءِ آيا

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پنج جڻا پرسين مان گهايا گلين
واڳون جتو لشڪري امير مان احدين
الهيار اڻي آتين وڏيو ڏان ويرين
الهداد اڏوڙ ڪئي هاڃها تيو ٻين
صابو لنگهوست بر پاسي ڏهندارن
لوڏي تامي پوءِ ڪڍيا آتوڙي انهن
ڀهرندي جي پهڪري ٻيهي گڏ ٻين
تہ صحيح سلامت سيني ڪين جمالي "جوهي" وڃن
هاڻي ڪلمون پاڪ پڙهن. موچاري محمد تي
لاإلٰه الاالله محمد رسول الله

(ب) پنهنجن ٻين بيتن ۾ شاعر نور جنگي خان ۽ سندس ساٿين کي هن طرح ڳايو آهي تہ:

1. جس کي جنگي خان. جنهن قطر گهٽايو ڪينڪي
هوڏانهن نؤسؤ آيا. نور چوي جنگ مٿي سي جوان
هيڏانهن چوڙنگ چٽن چٽن سان. پنجون پاڻ ٻيهي ٽيوپان[1]
جهاجها جهڪمگ جهور کي اچندي اخوان
ست گست سرواهين جي همه تيا حيران
دولهه ساڻ ڏيان. تو ملهايو ميرخان کي.
2. ڏنگو پٽ ڏيوڙي جو آيو گهٽي اُڪير[2]
مانجهي پنهنجي مٽ کي تو چرچنگ وجهي چير
"سومار" کي سيفين جو هو سؤنچو منجهه سرير
تت تراريون "ٽورٻئي" واهه وهايون ويرِ
"ڏٽيي" دست کمائيا. جهوريا جوان جنجير
ٻه پيرا ٻيلي ٽيو کي ڪوٽ کانه "ڪريڙ"
هو ٻوتا ساڻ ٻهير. وينا لکي گهيڙي لڪ تي.

---

[1] پان = بند (پاڻي جي)
[2] تر = ٽر

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

3 ڏيوڙاڻي ڏک سينهن (جيئن) احدي سين اڳوان [1]
وڙهيو ويربين سين. تي ڪيائين شڪيلي سين شان [2]
پر ويلان وڃي نه ويو. تنهنجون سوين هٿ سبحان
مروڙيو، مزار جيئن. وڙهيئين انهي، باب بيان
توتي ڏهرا ڏنا. راهِ وراهي رُڪ جي [3].

(ج) شاعر صدقي بہ جنگي خان جي سورهيائي کي ساراهيو آهي تہ:

1. جهڙي جنگي خان کي. تهڙي بيا کين ڪن
اڳي ڏاڍس ڏيوڙي تي ڏروڏا ڏيهن [4]
پاري بيگ براهر جو هو ڏاکو منجهه سين
نر نوتائي مڱڻيي تي ڏسايو ڏوکين [5]
پيروز پڙ کي اڳرا هميشه هٿن [6]
ڪلين ڪوڙ ملهائيو پنهنجو پوشيدن [7]
هو آڳ برندي آئيو تنهن گلبري گل ڇڇهن [8]
ٻڌئين مهرا. صدقي چئي. مٿان مهاين
پانواڻو پنجن. ڪيو سوين کي سامهون

2. پر اُتي ونکين ونکين وڃ جي رڌي ديگ ڏڪن
جي آڳ اوڏائي نه ڏريا. سي چانڙ تان نه چکن
هن پانواڻو پنجن. ڪيو سوين کي سامهون.

---

1 ڏک سينهن - يعني شبنهن جهڙي آيا وارو
2 تي - تي. شڪيلو - ترار
3 توتي - توتي. ڏهرا ڏنا ڏان - الخ - جڏهن ان جي راهه تيار ٿيندي آهي تڏهن بار بڌي ڪندا آهن. ان وقت سوالين وغيره کي ڀاتي بہ ڀاتيون خيرات طور ڏيندا آهن. سو شاعر بہ چوي ٿو تہ جنگ جي ميدان ۾ تو رڪ جي راهه وڃائي يعني تہ تراوين جي وڃ ڪٿي ۽ دشمن مڙن هو هڪ کي ڏهرا ڏان يعني بيشي وڃ ڏني
4 تي ڏروڏا - تي ڏروڏا
5 تي ڏسايو - تي ڏسايو ۽ نوتائي يعني براهر پٽ نوت جو
6 پيروڙ - ٻرن جو هڪ پاڙو
7 ڪلا - ٻرن جو هڪ پاڙو
8 يعني ڪريڙ ڪڍو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جنگي خان جي ويرونڊ خاطر حملا

جنگي خان ڏيوڙاڻي جي مارجڻ کان پوءِ سهراب نالي پُر و پنهنجي پوٽو سندس ويرونڊ لاءِ سنيريو ۽ چار ساٿي پاڻ سان کنيائين: ۽ پُرا واهندو ۽ پريائو. هڪڙو حماتي مريد نالي ۽ الاتو بکڪ پاڻ سان ڪري سنڌ جي پاسي جوهي شهر ڏانهن ويو ۽ رات جي وقت جمالين تي حملو ڪري دادو نالي شخص کي قتل ڪيائين. سندس هڪ همراهه پريائو به ان موقعي تي سخت زخمي ٿيو. جنهن کي اهي باقي چار سنگتي شاهه بلاول جي لڪ رستي کڻي آيا. پر وندر ۾ پريائو فوت ٿيو. لس طرفان پوءِ وري هيو حملو لوهي، تي ٿيو جو نَوَنفر جمالي ماري ٽيهه ڳڻون هٽي آيا. اهي خون جنگي خان جو عيوضو ڪيائون.

1. وڏي وهندو هليو غازي گهرين پار
ڪري ڪاتي ڪوڙ ڪنان پئي پٽ ڪنار
جهڙپ هٽي جذبي مان ڪنئي خبردار
اُنهن منجهان هيڪڙو ٿي آيو منجهه الگار
سرهي تنهن کي سهراب هنيو مُٺکو هل مزار
نِنداڻي جي هٿ جي سهراب تو ٿي سار
مانجهي تيغ مريد کي ڏني تنهن ڏاتار
هٽي حَماتي حرص مان نه ڏي ويريءَ وار
احدي الله۔ نو آئيو بکڪ ڳوري بار۔

2. واهه محراب واهه واهه توئي جي راند کي
ڪامل ڪچهرين ۾ اونچي منهن سين آءُ
هئين ڏاڍ دل درياءَ تڏ ڪتيوءِ ننگ نم چوي

3. ڪتيوءِ ننگ نم چوي ويو چگيءَ وينجهار
ديسان ديس چئيون چليون ساڻس هاڃهه ستار (1)
پس پتنگ جا پار جيئن آيو سهراب سوپ سين.

---

1 ر: چئيون موڪليون

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

7. نورالدين خان جي شهادت

(4) چامر ميرخان ثاني (1830ـ1888ع) جي وقت ۾ قلات ۽ پيلي جي حڪومتن جي وچ ۾ اٿبٽ ٿي پيئي. ان وقت قلات جو حاڪر خان خداداد خان (1857ـ1893ع) هو. جنهن پنهنجي نااهل صلاحڪارن ۽ انگريزن جي سازش سبب هين پاڙيسري حاڪمن ۽ سردارن سان پائي ڪٽئي. چامر ميرخان سڱ ۾ خداداد خان جو سالو هو مگر ان سان رس ڪون رهيايائين. سنہ 1857ع ۾ سپ سردار، چامر ميرخان جي سرڪردگي هيٺ، قلات ۾ خان وٽ پنهنجي احتجاج دور ڪرائڻ لاءِ وفد وڃي آيا. مگر خان وٽ سندس ۽ صلاحڪار داروغه گل محمد خان ۽ ڪنڪارام هر معاملي تي قابض هٿا. تاريخ 17ـ سيپٽمبر 1857ع تي داروغي گل محمد خان فوج هٿان سردارن جي ڪئمپ تي حملو ڪرايو. جنهن ۾ سردار پنهنجي بچاءَ ۾ مقابلو ڪري سڀ بچائي سلامتي سان واپس آيا. چامر ميرخان جي هن سرڪردگي. خان جي لاغرضائي ۽ بالاخر مقابلي جي مذڪور ڪي ٿي شايد شاعر نم پنهنجي هيئين بيتن ۾ بيان ڪيو آهي ٿ:

ساراهجي سچو ڌڻي. صاحب سڀاجهو رب ستار
ميرخان جو مان ٿيو، راضي ٿيو رازق جبار
خورده سال و بخت زاده نيڪ نيت نامدار
شملو ٻڌي تڏ شينهن چڙهيو ويو ورنه وهه مزار
هائي هلي حملي اتي بيحد ڪٽي جئن بار بار
راڄن اميرن جو آڃهو سويڪ بهادر. يڪ قرار
سو هلي ويو خان وٽ هي نام خدل (ڪذا) جئن نبار:
ڏمرجي ڏاڏو ٿي چيائين: ٿي سنجهي تون شهسوار
گهنڊي رکي گهٽ ۾ ڏنو. تڏ جود جنگي ايءَ جواب:
"ڪٿ نِشي در ملڪِ ـ من. شب روز روڙاهيِ شتاب"
تڏ خان هيلي خاص پنهنجا پائر بحري باز ڪيا
سي سُوچاڻا سينهن سيئي. سپ سڙي ات ساز ٿيا

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڪرنڪ شرنڪوڪ ڪئي. اُت نارنارئين جا چڙيا
گرزن غبارن گوڙ ڪي. اُت تاھ توفنگ تي تڙيا ـ الخ*

بهرحال هنن نااهل صلاحڪارن جي سازش ڪان سواءِ انگريزن جي سياست جو به قلات ۾ عمل دخل ٿيڻ لڳو. سنہ 1859ع ۾ انگريزن خان ڪي پنجاھ هزار روپيا ڏنا تہ سنڌ جي سرحد تي مرين جو زور پيچي. ان وقت ڪان ئي جام ميرخان ۽ خاران جي والي آزاد خان ڪڏجي خان جي خلاف بغاوت جو جھنڊو بلند ڪيو. سنہ 1862ع ۾ خان. جھالاوان جي سردار تاج محمد ظهري جي بيعزتي ڪئي. انهن واقعن سبب 1863ع ۾ جملي سردارن بغاوت ڪئي ۽ خداداد خان کي قلات مان ڀڄائي ڪڍيو. جنهن اچي سنڌ ۾ انگريزن وٽ پناھ ورتي ۽ سندس سٽوٽ شيردل خان کي تخت تي ويهاريائون. مگر هڪ سال بعد شير دل خان رٿيل سازش ذريعي قتل ٿي ويو ۽ ملا محمد رئيسائي جي مدد سان خان وري اچي قلات جي گادي والاري. سندس صلاحڪارن وري ملا رئيسائي خلاف به سازشون ڪيون جنهن ڪري ملا محمد ۽ جھالاوان جي سردار تاج محمد ڪڏجي بغاوت ڪئي: مگر ملا محمد پڄي ويو ۽ تاج محمد قيد ٿي ويو.

ان ويلي جي پاسي کان جام ميرخان ۽ سردار نورالدين. جو بروهين جي مڱڪل قبيلي جو سردار ۽ وڏو جو والي هو تن ڪڏجي ۾ـ ٿي دفعا جولاءِ 1855ع. 1868ع ۽ وري آڪٽوبر 1869ع ۾ خان جي خلاف جنگيون جوڙيون مگر ناڪامياب ٿيا. پوئين لڙائي بعد نورالدين قندار ڏانهن وڃي پناھ ورتي ۽ جام ميرخان اچي ڪراچي ۾ انگريزن جي تسلط هيٺ سوگهو ٿيو. مگر سندس پٽ جام عالي خان همت ڪري ويلي تي پنهنجو اثر قائم رکيو. سنہ 1871ع ۾ نورالدين قندار کان موٽي آيو ۽ مڱڪلن جو لشڪر ساڻ ڪري اچي جام عالي خان سان مليو. هنن ڪڏجي خان جي سپهہ سالار شاھ غاصي غلام جان کي ويلي مان هڪالي ڪڍيو. 1872ع

---

* افسوس جو هي سڄو شعر هٿ اچي نہ سگهيو. هي چند سٽون صالح محمد بڏاپين ۽ خود سندس چوڻ موجب ناقص آهن. مزار = شينهن. نبار = نڇ. سجانا = سوجانا = شڪار. باز سينهن = شينهن (م). ناري جمع ناريون (نالين) بندوقون ۽ توپون.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ٻر نورالدين خان ٻيلي مان تويون ۽ لشکر ساڻ ڪري اچي خُزدار جي قلعي تي حملو ڪيو ۽ ان بعد هو پنهنجي رياست وَڌ ڏانهن موٽيو. ان بعد شاهه غاصي ولي محمد خزدار ٻر آيو ۽ اچي نورالدين خان سان صلح ڪيائين. جنهن موجب نورالدين آڻ مڃي انهيءَ شرط تي ته ڪيس امن ملندو ۽ هو لٽيل مال ملڪيت موڻائي ڏيندو. هن صلح جو اهو نتيجو نڪري ها جو ٻئي پارٽيون يعني خان قلات ۽ لس ٻيلي جا سردار هڪ ٻي وڃن ها. اهو انگريزن جي سياست جي برخلاف هو جو ته هنن جي طاقت جو مدار هنن سردارن جي پاڻ ٻر داڪمي لڙائي تي هو.

1869ع ڪان وٺي انگريزن چاهه ميرخان کي ڪراچي ٻر سوگهو ڪري ويهاريو هو. انهيءَ لاءِ چاهه ميرخان ۽ نورالدين جي ڳڏيل طاقت منتشر رهي. هاڻي هيءَ سنه 1875ع هو. نورالدين ۽ خان قلات جو صلح ٿي چڪو هو. انگريزن جي چال هئي ته خان خداداد خان ۽ نورالدين جي وچ ٻر جئين نفاق جي باهه ٻڙڪندي رهي. انهيءَ ڪري پنهنجي طرفان خان خدادداد کي ٻڙڪائيندا رهيا. ان وقت مڪنگل قوم جي ڪن ماڻهن. حب ندي واري راڄ رستي تي هڪ قافلو ڦريو جنهن تي خان خدادداد خان. داروغي عطا محمد کي آڪٽوبر 1875ع ٻر فوج سان خزدار تي چاڙهي موڪليو خاص طرح انهيءَ لاءِ ته وڃي نورالدين کي سزا ڏئي. هي وجهه ڏسي پنهنجي سياسي چال کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ جارج سئنڊيمن خود تاريخ 31- ڊسمبر 1875ع تي اچي قلات ٻر پهتو. سئنڊيمن انهيءَ وقت جي پنهنجي ارادن کي پنهنجي هڪ سرڪاري ڪتاب (Blue book) ٻر ظاهر ڪندي لکيو آهي ته: خداداد خان خواهه نورالدين مارجي ٻنهي حالتن ٻر منهنجو فائدو آهي. انهيءَ خيال کان پنهنجي منشي غلام محمد هٿان نورالدين ڏانهن هڪ خط لکيائين ته: جئن خداداد خان تنهنجي هٿان بچي نه نڪري. مگر قاصد کي سمجهايائين ته اهو خط قلات ٻر وڃي. خان سان پنهنجي وفاداري جي اظهار جي بهاني سان سندس هٿ ٻر ڏئي. هيءَ خط پڙهي خان نورالدين کي مارائڻ جو پڪو ڇهه ڪيو ۽ داروغي عطامحمد کي ويساهي. سندس معرفت صلح جو ڏوکو ڏيئي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

نورالدين کي قلات ۾ گهرايو. جتي نورالدين سئنڊيمن جي اڳ کان کي ڏينهن اڳ پهتو.

جام ميرخان جي درباري شاعر تقي شاهه "تائب" پنهنجي ڪتاب "گلستان شهادت" ۾ ذڪر ڪيو آهي ته نورالدين کي. خان قرآن شريف ڇ ورکي ويساهي گهرايو. جڏهن نورالدين قلات پهتو ۽ ملا محمد چيس ته توکي خان مارائيندو تڏهن جواب ڏنائين ته: "مرا بس بود مصحف ـ کردگار" *. سئنڊيمن خداداد خان کي مشورو ڏيندو رهيو ۽ 5ـ جنوري 1876ع تي سائس آخري ملاقات بعد جيئن ئي هو واپس ويو. ٻئي ڏينهن خان داروغي عطامحمد کي نورالدين خان کي پنهنجي دربار ۾ گهرايو. ملاقات بعد جئن ئي واپس ويا ته خان پنهنجي چار سؤ فوج کي حڪر ڏنو ته فوراً داروغي عطامحمد جي گهر تي. جتي نورالدين رهيل هو حملو ڪن ۽ پنهي کي ختم ڪن. انهيءَ حڪم لاءِ اهو بهانو چاڻايو ويو ته ملاقات وقت عطامحمد ۽ نورالدين ٻئي سندس حياتي وڻڻ لاءِ آيا هئا. هن حملي ۾ نورالدين خان. سندس صلاحڪار ۽ سائي محمد خان مئنگل. داروغي عطامحمد جو پائيٽيو ۽ ٻيا به گيترائي سندن رفيق مارجي ويا ۽ داروغو عطامحمد پاڻ قلجي ٻيو. اهو واقعو 9ـ ذوالحج 1292هـ ۾ ٿيو.

نورالدين جي شهادت بعد. سنه 1877ع جي مارچ- اپريل ڌاري انگريزن جام ميرخان تي ڪي شرط مڙهي ڪيس ڪراچي مان لس ٻيلي واپس وڃڻ لاءِ چڏيو. جام ميرخان کي پنهنجي حامي ۽ سائي سردار نورالدين خان جي مارجڻ تي وڏو صدمو پهتو ڇو ته نورالدين سندس ڏڍ ۽ زور بلڪ سڄي ڄانهن هو. هن حادثي متعلق جام صاحبن جي درباري شاعر منگتي نر. سردار نورالدين جي شهادت تي هيٺيان بيت جوڙيا. جن ۾ سردار نورالدين جي سمجهه همت جو ذڪر ڪيو ائس. مگر خود نر جي قول موجب نورالدين: "اڃا ڪي افضل- هو چوڻ کان ڇوٽو گهٽو" شاعر نر جي هنن بيتن ۾ڪي گفتا ڇڻ موتين مثل آهن ۽ جاويد

---

* بقول شاعر. ملا محمد چوائي موڪليو ته: "بگفتار دشمن مکن اعتبار" جنهن تي سردار نورالدين جواب ڏيو ته: "اگر نيست بر خيز و اعتبار- مرا بس بود مصحف کرد گار"

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

شاعريءَ جا بهترين مثال آهن. هيٺيون ستون ته پنهنجي فصاحت ۽ بلاغت سبب پڌاڪن طور پيش ڪري جهڙيون آهن ته:

- جڳ پرسئو جيئن. هوجنگ هران جنباهه سين
- ڏهڻي نورالدين. ته ڏرتي ڏاج ئي نه ڪري
- ايجا ڪي افضل. هو چوڻ ڪان چوٽو گهٽو

شاعر نمبر. قلات جي خان کي ڪاٽيارو ڪندي. بيت شروع ڪري ٿوته:

(1)

ڪوٺسي خان خلل. سنباهيو سردارسان[1]
تنهن آڻائي اُمراءَ کي. واري وڏو ول
هي پي قابل جهلڻو ڪين هو. جڻ آيس ائي اجل[2]
تنهن نوردين نروار ڪيو. تت بهادريءَ جو پل[3]
سو جهلئي جهلجي ڪينکي. عهدي شير اجهل
تنهن ڪمائيءَ جو ڪين مجيو. اڙينگ ات عمل[4]
راڻيون رويو راءِ لاءِ. ٽيون اوتن جال اکين مان جل
سو بي بهاوڃ پائرين. آهي ڪرامل
تنهنجي لوڏ ڪنجل. چيلهه چيتو. چشم چگو چيهل[5]
ايجا ڪي افضل. هو چوڻ ڪان چوٽو گهٽو.

(2)

جڳ پرسئو جيئن. هو جنگ هران جنباهه سين[6]
سو وسينگ وسري ڪينکي. مونکي روح مان راتو ڏينهن

---

1 خان - قلات جو خان خداداد خان سردار - نورالدين خان مينگل
2 "هي" جو اشارو سردار نورالدين ڏانهن آهي
3 بهادري جو زور
4 ڪمائي جو اشارو شايد سندنهيمن ڏانهن هجي
5 ڪنجل - هاڻي چيتو - شينهن. چيهل - هرڻ
6 ر: جنسار سين

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

واڳ وڳيسر ويربين وڙهيو، ڪڙهو تيصر جيئن [1]
پَون پيلي جيئن پٽ تان، هي تونگر آئو تيئن [2]
تت رڻ رؤنشا ڪيا ريفلين، جئن موڪون وس مينهَن
نوردين سين، نر چوي، هيو جِنَ ڪو ساهي سينئن [3]
تيو اَحدين ڏڪوائين، جئن جوان گهڙيو جنگ باب ۾.

(3)

جوان گهڙيو جنگ باب ۾، لڏو ويهڪ ٻنگ
گهوت چڙهي گهوڙي تي، ترتئون تاڻي تنگ
بيشڪ اچي باهه ۾ جيئن پوي پوڻس پتنگ
نوردين نعرو ڪري ائين اُٿيو اڙٻنگ
سلو ساڻپرسن جو دانهُن سونڌو دنگ [4]
ان نر اُجاريو ننگ، پيءَ ڏاڏي جو پانهنجي.

(4)

نه هٽي نوردين، ته درتي ڏاج ٿي نه ڪري [5]
آهي سردار صفين مهند ۾، افضل شير امين
تنهنجا عين ادگن، مڪ ماهه جيئن هردم حسن حسين
تنهنجو قدر قرين، آهي پاڇاون ۾ پٽڏو.

(5)

پاڇاون ۾ پٽڏو آهي نوردين جو نام
ٻڌائي ٻيلين کي، ڪيائين هي ڪلام
تنهن غازي مٽ گهٽا ڪيا، پري تيڳيين ساڻ تمام [7]
جنت سندو جام، آڻي حورين ڏنوس هٿ سان.

1: واڳ - واڳهه ڪڙهو - بهادر، تيصر - ڪيهر شينهن
2: پيو ڪومتان برابري ڪري
3: سلو - پيجرو، ساپرس - ڇڳا مڙس
4: سونڌو ڏڳ - ڏڳ ورتن وات اختيار ڪئي
5: تاج - ان - پيدائش
6: ادگن - هرڻ
7: تيڳيين ساڻ يعني تيغين يا تراريون سان

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

(6)

هتان حيدر شاهه جي تنهن پيتو پيالو
ان خلل جو خان! ڏين تا عافل اوپالو[1]
نوردين جو تم چوي هو نشاندر نالو
تيو آرخ اتالو فيل فوجين مهندر[2]

(7)

فيل فوجين مهند ر هو ست۔ پيڙهيو سردار
راجين سندو راءِ تي هو اجهو ءِ اعتبار
جيڪو ڪيو قابل قول قرار سو وڃي پاندوءُ پاڙيو پانهنجو.

(8)

وڙنهن "وڏ" جو هو جهلو جوان جبل[3]
تنهن جا پوڄ پلاٽيا پيڪرا. مٿن بناوتون بخمل[4]
ساسي ٿئي سرهي جنهن تي رخ چڙهيو رٽمل
تنهنجو صوبو سورهيه سچلو هو متارو مٺنگل
تنهن جي سڏائين سردار سان هئي هميشه هلچل
[سو] روٽشو پي رک جو پوءِ نه ترسيو پل
سو مرڪي محمد ماريو تنهن جي ڳالهه سيا اٿي سل
آيس جوش جي مان جل تڏهن ڪيائين صدقو سر سردار تان.

شاعر نمر جا گفتا لک جا آهن. مٿين ست "تنهن جي ڳالهه سيا اٿي سل" مان معلوم ٿئي ٿو ته محمد جي مارجڻ جو بيان به شاعر ڳايو مگر اهو اسان تائين نه پهتو آهي. بهرحال مينگل قوم پيلي جي جامن جي طاقت جو وڏو پايو هئي. بهادري ۾ ته مينگل پرائتا مشهور هئا. نورالدين کان اڳ به سردار ولي محمد مينگل نهايت مٿير مرد هو جو 1839ع ۾

---

1 اوپالو - حرف ۔ ڏوهه ۔ ڏوراپو
2 آرخ - گدرا هنڌائا وغيره جي ڳٽرا ڪري وڃڻ
3 وڏ - برڪتي جو نالو جهلو - ٻوڙ
4 پيڪرا - ڪمڙ. گهوڙا - سمنڊ گهوڙا

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

انگريزن جي ڪاهه وقت بهادري سان مقابلو ڪندي شهيد ٿيو. سردار ولي محمد ڪي شيخ گهراٽي جي شاعر شيخ بکر هن ريت ڳايو آهي ته:

واهه واگهه ولي محمد جهانجهرا. توکي جهان جس چون
رهبر رحيم خان تو ڏنو ننگ گهاءِ نرن
ننهن (نوَ) ويئونس نسنگ نکري. تان تان هن کي ٽهڪ اچن ([1])
توءِ هٿيوهت (هٿ) مانجهي مڇ تان. ٽوکري بچ بندوقن ([2]).

8. شاهوکن ۽ ٻُرن جو مقابلو ۽ مني شاهوک جو مارجڻ

قلات جي والي خان خداداد خان جي ايامڪاري ۽ لس بيلي جي جام ميرخان کي انگريزن پاڻ وٽ نظربند ڪري رکيو. انهيءَ ڪري لس بيلي ۾ اندروني وڳوڙ پيدا ٿيا. ان وقت شاهوکن جي قوم مان مٺو هڪ وڏي همت ۽ هلندي وارو ماڻهو هو. اڳ جي ٻُرن مان وڏيري ذريس سان سندس دوستي هئي. ٻين قومن جي وڏيرن ۽ سردارن سان به سندس لاڳاپو هو. جن جي صلاح سان هو قلات ويو ۽ خان کان وڃي سونميائي جي علاقي جي انتظام جي سَنَد وٺي آيو.

سونميائي ۾ ٻُرن جو تڏو هو ۽ سونميائي جي چيڙي نبير پڻ ٻُرن جي حوالي هئي. مني شاهوک جي ماڻهن ٻُرن سان اڳيئي ئي ڏاڍائي ڪئي هئي وڃي شاهوک ٻُرن جي وڏيري درياخان جي سپر چورائي سوگهي ڪئي. شاهوکن پڻ ٻُرن جو مال هنيو ۽ سائينڊني نالي عيسائي ٻُري کي ماريو. انهيءَ ڪري جڏهن مٺو سَنَد وٺي آيو تہ ڪن خيرخواهن کيس صلاح ڏني تہ سونميائي ٻُرن جو تڏو آهي ۽ هيو تہ ٻُرن جو توتي سائينڊني وارووير رهيل آهي. انهيءَ ڪري جي چڪي جائي تہ سونميائي نہ وڃ. مٺو ڏاڍو مڙس هو ۽ ڪنهن تي سندس اک ڪانہ ٿي ٻڌي. انهيءَ ڪري اها صلاح نہ مڃيائين ۽ سنگتي ساڻ ڪري سونميائي تي وڃي ديرو ڏمڻيائين.

---

[1] يعني بندوقن جو گوليون بدن مان نڪري ويس
[2] هي روايت فقط ايتري ملي سگهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مڻي جي مقابلي لاءِ ٻرن وڏيرن علي خان جاموٽ کان مدد گهري. جاموٽ ۽ شاهوڪ ٻئي ڪنراڄ جون پاڙيسري قومون هيون. علي خان ڏٺو ته جي سونميائي مڻي کي ملي ته پوءِ جاموٽن جي ڪاڻ هلندي هيو ته ٻرن مان به هڪڙا راڄ مڻي جي طرف هٽا ۽ هيا مڻي جا مخالف ٻرا به زور واري قوم هئي پر ان وقت سندن اتفاق نه هو. شاهوڪن ۽ ٻرن ٻنهي مان جنهن جو زور ٽٻي ها ته جاموٽن کي نقصان ڪونه ٿي پيو. جاموٽ علي خان انهيءَ ڪري ٻرن کي ڏيڻ ڏنو ۽ پاڻ چڙهي آيو. سندس راءِ هئي ته مڻي سان گڏ جيڪي ٻرا شامل هٽا تن کي به مارجي. پر ٻرن جڏهن اها ڳالهه نه قبولي تڏهن رڳو مڻي کي مارڻ جو پڌ ڪيائون ۽ سونميائي پهچي وڃي مڻي جي اوطاق کي گهيرو ڪيائون.

انهيءَ مقابلي ۾ بالاخر ڳاڱو بنيڻ- پوٽو ٻرو ۽ مِٺو هڪڙي کي سامهون ٽيا ۽ ٻڪين پڻجي ويا. ان وقت گل محمد اچي پويان مڻي کي بندوق هنئي جنهن تي مڙس مئو. ڳاڱو پوءِ گل محمد تي ڏمريو ته تو پٺيان مڙس کي چو بندوق هنئي. زباني روايت موجب مٺو شاهوڪ سونميائي ۾ سنبت 1927ع ۾ ماريو. شاعر نور شاهوڪن ۽ ٻرن جي مقابلن ۾ مڻي جي مارجڻ واري سڄي معاملي کي پنهنجي بيت ۾ ڳايو آهي جو هيٺ ڏجي ٿو[1].

سارا هيان سچو ڌڻي جو سيني سندو راءِ
لاشريڪ لامڪان آهي هڪ الله
پاڻ وهيٽو پادشاهه جيڪا ڪري سا
هٿي چٽ پٽن سين باري بيپرواهه
قادر جي قدرت کي سمجهي ڪين سگهيا
عرش ڪرسي لوح قلم آڳي اپايا
قابو ڪيو زمين جا جبل تنهن جوڙيا
سوالک نبين جو ڪيو پاڻ ڌڻي پيدا
تي سؤ تيرهن اڳرا ٽيا مرسل مٿيرا

---

[1] هي بيت منشي صالح محمد هڪري ۽ وڏيري علي محمد هڪري وٽ لکيل روايتن کي پيش درست ڪيو ويو آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تور منجهان تروار ڪيو مولي مصطفيٰ
ڏيو ڏينهن وڃ برڪاڻهن سندو شاهه
چنين ڳڏين چراغ ڪيو شمس شعاع
چارئي يار رسول جا شريعتي ٿوا
اول ابابڪر ايمان سين آندو صدق حديقا
درس اُنهو ديندو تي عمر ميرَ آتاڻ
انهان پوءِ عثمان تيو غازي غنياءَ[1]
تنهن پٺيون سورن سرت سين تي پڙهيون پرت منجهان
جوڙي تيڻ جمع ڪيا ثابت سيارا
علي شير الله جو آهي اسدالله
جنهن ڪٽي ڪافر ڪيترا ڪوڙن ڪنبايا
ماري مسلمان ڪري تنهن امن تي آندا
پنجتن پاڪ مڃيان جي ڏني پاڻ ڏاتا
آئي چادر اُن تي اُلهي عرش اُتان
علي جي اولاد ڪان قطب تيو پيدا
سو پاڻ ڪاروپيرن جو مڃيو ملائڪن آ.
جنگين ڳڻين جنبايون اميرن احلا
پوءِ تيو پادشاهن برموتي مذڪورا
ڪوٽس مڙيئي ڪاچ تي جان ڪير ترت نڪاهه
تصوف ڪريان تو پيو سو سڀو سمجهيا
بلو بيلي پيرين جو آيو سو اصلا
موسيٰ ٽياڻي معتد ڪئي اچي سر سهجا[2]
پوءِ سير اُٺ پڙهيو سڪونت ڪي اول ان هنڌان
گهوڙا گهوٽين بخشيا ڪولي ڪڏين تان[3]
تنهن پاڻ پڙهيو ڪيترا ٿي ڏين ڏان ڏتا

---

[1] هي روايت ڏاوهامين ٻوءِ
[2] اصل اٽين هي روايت ڪئي سر سوا
[3] ڪڏين تا ۽ طيلي تان

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

اُت پيءُ- پوٽا پڙدادا رونجهڻ راڄ هٿا
تن ساڍي- ست صاحبڻين جي حاجي ڪري ڏُڳاڻ
سو سنگرُ سائڻ سڳهه پريو هو چگو رونجهو راڻ
پيا ٿوسائي تنهن ماڳ تي گاروڙي گونگا
چار دينار ڏُڪون ڪريو تي ديرا ڏهايا
تنهن هاڻي حل هڪل سين سيءُ سلامي ڪيا
پوءِ آڻي پڳ پهوڙ خان تي امر ساڻ الله
تنهن ڪنوهٽي ڪتيو ڪاوڙجي ڪتا[1]
ڪانپو- پوني ڪڙهي ملا سائمايا[2]
برفت پائر پانهجا نهري سيءُ نِگهيا
اڇي پوءِ عزت خان جا سيءُ سلامي ٿيا
سونيڪ ننڍوڻي ناميو هو وڏي گهر ويا.
انهان پوءِ اڇي ڪيو عالياڻي عملا[3]
ساڪن سي سردار تي بيلي برهٽا
مڙئي موجود ٿيا قائم ڪوريجا
صديق سينهن سڳهائيو ٿي پانڊو پچاڙيا[4]
اول چامر عالي هو پوءِ غازي غلام شاهه
نر نوتاڻي نامياصل اهنڌ هوا[5]
ميرِ براهم موج ڪريو ٿي ڏوڪي ڏکايا
تنهن ڪاڇو ڪِهڙ ڪنبايو ڪري هڪل هيبتا[6]
نعرو نوتاڻين جو ديسين منجهه دهڪا
ٿوڻ. مريل. ڏيوڙو سورهه سوياتا

---

1 ر: ڪتيو ڪٽن هوڪتا
2 ر: سنڌا ساڳيا
3 ر: انهان
4 ر: 1. سينهن سڪايو 2 سينهن سينگاريو. چامر صديق للياڻي ڪنراڄ جو رهندڙ جاموٽ سردار
5 يعني نوتاڻي برادر جن مان ميرِ براهم نوتاڻي وڏو بهادر هو
6 ڪاڇو يعني سنڌ واري ڪڇ ڪٽن جو ڪاڇو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تن اهڙين "اُتل ڪوٽ" تي حڪر هلايا [1]
تن اڃهي عالياڻين جي تي ڪڳ ڪٽيو ڪاڏا [2]
ٽڪين حاڪمين هيانڪين سردارين سهڻيا
ميرخان متارو ٽيو ڏُرس چڱو ڏاڻا
تنهن راج ريجهائي پاهنجا هاڻي هٽ ڪيا
امير احمدي پاهنجا سوڙهي ٽڪ ڪيا
ان فهميدي فڪر سڃڻ فيري فڃايا [3]
واٽا وڃهه تن ڪان واري سڀ وٽا
جام عالي جاڻ چڱي سان عجب ٽيو عُلما
پڙهي تنهن پورو ڪيو ڪامل قرآنا
شرع شريعت سڀڪا ثابت ڪيائين ما
موٽي ٻيو ميرخان ٽيو موز تنهين ماڳا
ڪلنگي تنهن ڪپار پر سونهي سڄ منجها
ويٺو طالع- وند تخت تي بخت سندس بالا
تنهن ڪاڦو ڪِڙَ قلات سين پيڄ پڳهه پاتا [4]
احمدزئي ان ڪي سڳ ڏنو سهجا [5]
عالياڻي عقل سي ٽيو حجت پر همراهه [6]
تنهن ڳڙهي سڀ قلات جا عمل عيان ڪيا
تنهن لائق آڻي لس تي ايهيي امر ڪيا [7]
آمرا ڪديي پاهنجا سوڙهي ٽڪ جهليا
تنهن تان راج رنجور ٿي روح بر ڪٽيا

---

1. يعني اتل جو شهر جو مريد هري ٻڌايو
2. ر: ڪڳ ڪٽيو ڪاڏا
3. فيري فجايا - واري گڏ ڪيا
4. ر: ڪڙهي تنهن قلات جا عمل سڀ آڻيا
5. احمد زئي - قلات جا خان
6. همت پر همراهه
7. امر - محصول - سنگ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

درس منهنجي پيار ڀري ڪيو يارانا[1]
گفتا ڪيائون گڏجي تن ٻيڻي ٻول ٻڌا
ٻڌي پروڙي پاڻ ۾ اهڙا ڪري اڻيا
مصلحت ٻيڻي هيڪڙي جيڪا ڪري الله
تن ٻيلي قلات وچ ۾ سودا سيل ڪيا
تن کي خان خوشي مان عزت ڏني اڳيا
بانڪي پاڻ ۾ پانهنجا سيڻي رک رکيا
ٻهرن پنهنجي پڌ تي خوشون خوشحالا
سائين منجهه سکائيو پوڻن بي فڪرا[2]
پر چڱا چڱا نه ٿيا جو پاڻ جهڙيا
جي هجن هيڪڙي ڳالهه تي ته سرهي ٿئي سيکا
آيو وقت آخري لکيو ڪتابا
محبت ويندي ماڻهن مان. پڙهيا مون پڇيا
قبيلي مان ڪلفتون پوٽيون پيدا
موتي حق ۽ ڪهڙا ٿيا جي هوا اوڏا عزيزا.
درس پاران دل ۾ پائرين بغض رکيا
جيڪا ڪري ڳالهڙي سمجهن ڪين صفا
مالڪ تاران من جي ڪنهن کي ڪل نه ڪا
اندر سندو عام کي ڪهڙو ڏڏ سماء
ڏاڏي سندي ست مان گڏجي ٽيو گمراهه
تو لڳين تنهي ڳالهين ڪوڙو ڪذابا.
اول ڳالهه اڻياري شاهوڪن سيکا
تن موتي رکيو ملڪ تي چوري سندو چاهه
پهريون پوڄ پٽن ۾ ڳايون چرن ڳاهه
درس اڇي دوسو جوڙي مال ويا[3]

---

1 درس بري ۽ منهنجي شاهوڪ پاڻ ۾ دوستي رکي
2 درس سائين برسدا پوڻن بي فڪرا
3 دوسو برو درياڻي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هي بہ جنگي۔ خانائي جهانجهرا همت ساڻ هليا
جوانن اچي جوءِ تان پي پير کنيا
وڃي رسيا واهرو ڀُڳين جا ڳوڙا
آيا نر نڏان تي دز ولي دانءِ
تنهن کي حاڪر حڪومت سين ٿي ڏني سپ سزا
پر پير تنهن جي پٺ ۾ ٿيو قربشون قائر شاهر
مڳيي. ڏري هيڙ ٻيهي سمجهه رکي سيکا[1]
تن ملاحظي مڃي جي پردو کيو پاڻا
پروڙي پوءِ وڃي کي آيو اوسائا[2]
سوکيڙي دريا خان جي ويو ڪڻي کار منجها
تڏ سپر تان سخت ٿي هي ڳڙها قصوريا
پُرين اُت پولائي اُتوائين اڳيا[3]
ڪيڙي ميرمڻي جي ڏيو آڻي امان کا
ته ڪڙهي ٿئي کانه کانکو جنگ ڄڻباهر"
تڏهن جوان جواب کيو مرد ملي مهندا
ته ڪڏهين کيڙي کين ڏيان کڏي ڪچ منجها
هي کا کريو ڳالهڙي ته سپ مجيندس سا.
هي جي سپ انهي ءتان اُٿي اُبيا
ڏمرجي ڏاڍا ٿي موتي ٽڄ ٽيا
چون: ڪٿر ڪنهن کي کين ڏيون اسين کين اصلا.

شاهوڪ هليا سيل تي پنهنجي پڌ منجها
اچي پاس اُٿل جي واهڻين وينا
رڏون چارين ريل هر ڊپ نه ڪوئي ڏاءِ

---

[1] تيئي هرا جن مڃي خاطر هن ڳالهه کي ڏکڻ جي ڪوشش ڪئي
[2] وڃو شاهوڪ درياخان هري (وڏي) جي ڏال جو ڪڻي ويو
[3] آڏو برن هولايو ته اسان جي وڏيري درياخان جي ڏال جي هيوض اوهين شاهوڪ پنهنجي وڏيري مڃي جي ڏاڻي ڏيو ته ڪي ڪاوڙجي نه ڪي جنگ لڳي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تن تي درياڻي دؤنس ڪري اچي پؤنس پيا
تن مارڻ لاءِ مڙني جي هلي هٿ هنيا
لنگهي ڪارڻ لڄ جي عثمان اٿوڙيا[1]
پاڻ سجائڻ پاڻ کي ائين ڪر اصيلا
اڄ ڪريون تا ايتري صبح سڀئي سمجهندا
پيا شاهوڪ بي حتيا تن وڏا وس ڪيا[2]
پر ٿورا گهٽين سامهان کهڙي جنگ ڪندا
تڙان ٻيهون هٿي پڏريون آحدي وٽي آيا
پتيون ڪري پاڻ برابر ويڙهي ويڙها.
اُتا اُتانئي ان ڀالهه تان شاهوڪ سنيوڙا[3]
تڏي هليا تيڏهه جڏا چيڙ ڪٽي ڇڏيا
ڪڍي ڪانئي ڪپ تي اويلا آيا[4]
تن آڏي رات اچي ڪيوڙ مٿائين تي دڪاءُ[5]
تن کي ڏگار جيئندا. اڙينگ علو سورهيه سمهان ٿيا
جنبون ڏيرا جان پر تن کي مٽڪا موڪ لڳا[6]
سي اُبيڙا ايمان سين. ٻيا ڇڏون تان ڇريا[7]
ڏهه پرات ڏگار تي ڪرمائين ڪڙڪاءُ
مُئي ماري ڇڏيو پر پُٺس ڪين پٺاهر
ٻيءَ مائي مان رهايو ميمان ڪيا مرزا
حاضر تنهن کي هٿ تان ڏنو ڇوڙيري ڇڪاءُ
پر ڪوڪو ڏڪن سين ثابت ٿي سوا

---

1 لڄ رکي حاضر تن کي عثمان لنگهي واپس موٽايو
2 سيتا - مقابلي لاءِ ٻڪائي ٻيٺا
3 اٽڪنش - ڏمرجي
4 ڪاڪيءَ ورو جو ائل جي ابرندي طرفان آهي
5 ڏهاڙي برا تن جي ڇوٽ تي
6 بي پرهڻي تن جنبون ڏيرا جان پر ڇڇڻا جوب جهليا
7 ٻيا گيدي مقابلي لاءِ آڻياڻي ڪين

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

حسڻائي هُل ۾ آيو اُن ويرا
ڏڙي ميڻهن ڪينڪي چوڙنگ پي چاهه
ٻڌي ڪنڊين[1] ڪين ڪمايو جي حاضرُ اُت هٿا
ٽڪ چپائي موش سي ٻرن ۾ ٻيٽا
ناڪن نهارين نور جيئن ڪر ڪٽيو ڪوڙا
اوڏانهن آيا اڇ ڪي تي ڏنائون ڏُورا
تڏهن عيسائي آئيو سائنئون[2] سڏجا
سو علي ڪري آئيو سنپارياڻين شاهه
ڪڍي ڪنو ڪپ مان وڏيو ويرين ڏانهن
تنهن مانجهي سندي منهن تي اوڏا ڪين آيا
سو جوان جنبين سين جهوريو ڏهڪائي ڏورا
مري شير شهيد ٿيو مرد تنهن ماڳا
ٻئي ٻي سوڌيه ست ڪمايا بانڪي تنهن جي ٻاڻ
تي ڏڪ تڏي اُڇليا واحدني ات واهه
تنهن احدي جي اُڌر ۾ ٽڪا موڪ نڳا
وڪون ڪنيائين وتريون انهان سرس سوا
هٿي مال متي ٽيا ڇڏي وات ويا.
ڇڳي ڇاڳلائي ڪي ساري سڳهڙ ڳاڻ
سو ڳهوڙي چڙهي ڳهڙيو حُسڻ هيج منجها
ننڍو هٿو نينگر وڏپ نه ڪيائين ڏاڻ
ڏيوڙائي ڏيهه ۾ البت هٿا اوڏا
دانهيي دانهيو تن کي ڏني سڏ سماڻ
تہ شاهوڪ ساري سائنووٽي مال ويا
هي بي صبح جو ساجا ٽيا پهڳن نهرا ٻُرا
آئيا اوتارين تي اهڙي اُهجاڻا

---

[1] ڪنڊين - ڪاتي جي ڪنڊي تي ٻيا رهندڙ
[2] سائنو (سائينڊو) عيسائي پيروڙ - يوٽوپرو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

لانچي مڙيا لوڙڪي تان پانڌ ڪين پڇا
ڇڙ ڄڻين جي مٺ برسي حڏي ڇڄ ڪندا[1].

تڏهلي ميڙ سنباهي ٻڌڪ ٻڌين ڏانهن
تنهن چڳا مڙس چوڻ لاءِ عقل سين آندا
تن ٻيڙا ڪاٽي پٺ ڀر ڪونهڙا تي ڪوڙا
پر تي ڏينهن ٻيڻا هٿ سپ سمجهڻ لاءِ
ٻولائي ٻڌين سين ڪيا مردن ماراڪا
اسين اوهان ڏانهن آئيا سڪ مندي سڀا
مٿي ميڙيون منڊن ڪي حيلا هلايا
تان هي ڪتر مڃين ڪينڪي ڪنهن جي ڳالهه ڏڪا.

پوءِ تان انهي پڌ تي ٻڌي ڏينهن ڏڳا
ٻانڌهه موتيو ٻڌي ڪري تلوتهاءِ
ٻيلي قلات پاڻ ڀر پوءِ اڙا انڪايا
گرز گمارا ريفلون توفنگ لايو تاءِ
توف. تپاچا. توڙا. ڪرنهن ڪيو ڪڙڪاءِ
مٿو ڏين مڏي ڪي اچي اڳ ساڌيا
نومڙيا نه وڙهيا ننگ تي توڙان تنگ هٿا
پڙ ڪان ٻڌيرا ٿيا ڇڏي هُل هڳاءِ
ڪيائون نه ڪتر جيتري ڪا مٿي ننگ نگاهه
اي عذور آهي ان تي مرڻن سردارا
تڏ حاڪر آڻيو هڪل سين ڪاوڙجي ڪستا[2]
رشوت رب رياءِ ٻراي پڻ آهه گناهه

---

[1] بي پڙهڻي: مرد جن جي مٺ برسي مٿي مڃ سنڌا
[2] ر: تڏهن حاڪر اڻي هليو ڪاوڙجي ڪستا

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

قيري فتح خان تي ركيا پائرين بهتانا
ماري جياري مون ڏني سوئي ڪيڏي ساهه
سمجهي ڪجي سيڪا توري تپاسا
ٿلا منشي من برهتيون محرابا
لکڻ لڳن لوح تي ڪنهن کي ناهه رضا
قلم قادر وس پرکري پاڻ قضاء
طعام ٿڪولوڻ ري تنهن پر لاڏ ساء
بنا محبت ماڻي آهي ان مثلا
ٿڪو تارڻ لڄ جواي عيب اشرافا.

ٻنو مونڻي آئيو دانه ڏري ڏانهه [1]
سائس ڪيائين سوئي اچي احوالا
ٽڪڙون ويرڻ مان ٿيون يڪدل يقينا
تنهن سول نه ڏٺو سڪ جو پروڙي پاڻا.
پاندهه مونڻو پوءِ تي تلوڪري ٽڻا
پوءِ پير ملوهيل ٿي ڪهيا قلات ڏانهه [2]
تن سين صالح موسو سنبهي هليو جوان هتان
مي قنبراڻي ڪون پر سلام تي سهڙيا
تن خبرون ڏنيون خان کي ملڪ سنديون ٻهڏا
سڀائي سرڪار کي ٿي مڙئي معلوما [3]
تنهن ٻئو پير مهت سين پرهايا پاڻا
اوچايائين ان کي لنگيون لباتا
چوڪو چوغو چيٽ جو مليو صالح کي سهجا
امير ين جا اتهين ٻنابت ٽيا

---

1 درويس سائي برو
2 پيرءِ منوريس جا پاڻيج جيڪي مني شاهوڪ سان گڏجي قلات وبا
3 ڏسبائي سرڪار کي ڪيائين مڙئي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جَنـــي وَجهَـــ جهـــڙا تـــن کـــي تيـــئن مليـــا
تڏ ميائيءَ جو مذکور ڪيو شاهوڪ شوق منجهان
خـــوب خـــداداد خـــان تـــنهن کـــي لکـــي خـــط ڏنـــا
تـــ ســـائي ســـونميائي جـــي وڃـــي ڪـــر نـــوابي نهـــرا.

خـــط ڪـــڻـــي ســـي خـــان جـــا أڻـــل منجهـــ آيـــا
ات ٻڌـــي کـــي منـــع ڪئـــي ڏريـــس ڏيـــان منجهـــا:
تـــ ميـــائي تـــي متـــان وڃـــين ســـمجهه ڪـــر صـــبرا
تـــڏ وڃـــو تيـــئن ٻُـــرا آهـــن ٻيـــنـــا [1]
خلـــل اوهـــان تـــي خـــون جـــو تـــوکي مارينـــدا
تـــنهن کـــي ڪـــامـــت قيمتـــي عيـــسـي آڇـــي ســـا [2]
تـــ مصـــحف ميڙيـــون منتـــون تـــوڏانهن آڻينـــدا.
علي اصغر عقل سين چويس سيد سرت منجهان [3]
تـــ عيـــسـي ءَ درس جـــي ســـمن وٽ ســـيکـــا [4]
آهـــي خـــوبي ان ڀگالهـــ مـــان تحقيـــق تـــوهي لاءِ
تـــان نظـــر مـــرد مڻـــي کـــي پيـــو پـــاڻ متـــا
ڪـــنهن جـــي مڃـــي ڪينڪـــي ڪـــڻـــي اي ڀگالهـــاءِ
هـــيس ڏُرس ڏريـــس ســـين مـــنهن ملاقاتـــا
پـــوءِ جـــا ٽينـــدي پـــڌري ســـيءِ ســـڻيجا ســـا
تـــان براهـــي ءِ مانـــڊڙا خاشـــا خـــوب ڪنيـــا
صـــالح جنگـــي خـــان ســـين پُـــرس پهيـــو پاڻـــا [5]
پيـــر گـــاجي خـــان کـــي چاڙهيـــائين چنـــا [6]
ســـنگت ســـائس شـــيخ جـــي هـــوئي درس ڏُرا [7]

---

1 يعني برات گهر ڪيو ويٺا آهن
2 عيسو پروردگار ٿي خليفن مان
3 سيد علي اصغر، ڪبير شاهه جي خاندان مان
4 ڏ: سمجهه وٺ سيکا
5 صالح ماڻڪڙو ءِ جنگي خان براهي.
6 پيرءِ گاجي خان ٻڌي درس جا پاڻيجا. تن کي ٻاڻ سان گڏ ڪنيائين
7 يعني مگيو شيخ (؟)

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هڪڙو عمل احمد زئي جو ٻڌا ڪر خطا هوا[1]
ٻڌواڇي تنهن کي آڏ ڏني موتي محسن شاهه[2]
تہ خط توسين خان ڏپ مَرِيانڇ ڏاڻ
تڏ تڪيو ڪري تنڪي ڪاهيائين قصيدا
پر ساري همت سگهه جي هوري جي هلندا
اهڪي ويران کي اڇي نہ عُذورا
رڻتيون راڄ پٽڻ جون سڃاڻن سندا
شاهوڪ نہ ڪئي هڻي صاحبي ميائي جي سورا
تڏ ٻُرين چاموٽين ٻيل ٿي ڪِنوائي خلا[3]
نندي- پوٽا ننگ جي هوا ڪَڙي اڳي ڪٽندا[4]
"صاحب" "براهر" سوڀ تي بانڪا هوا ٻيڌندا[5]
پاڙا پوشين جا سدائين سُهندا
پي پي پيالن جي هڻي "صاحب" وت مدا
ڪچهري ۾ قابل جي رُڻ جهُڻ رس وڏا
تنهن چڏيا سوالي سمگيو جي ٿي آس ڪريو آيا
سچا پول سَچل گهٽو ملڪ مشهورا
ٻيلي لس هروچ کي تنهن پانڊو جي ٻچا
ساري سنڌ تلاڻ ۾ ٻيڙي ٻچارا
تنهن سوڙهون سڃاڻي ڏنيون بحري بيانا
ڪلهوڙهي ڪونڪو سائين ٻيو ٻيا
علي محمد اُجاري سلا سڏايا[6]
ٿلو ساڻ مٿن جو مُونڌائين ٽهڪا
تنهن سختي آندي شيخ تي ديوَن دهشتا

---

1. هڪ احمد زئي يعني خان قلات جو رعب تاب ٻيو مڙي کي خان جي طرفان خطاءِ هروانا ملهيل
2. گدڙي جو سليمانائي سيد
3. ٻرن ۾ چاموٽن ٻاڻ ۾ مڙي مڙي جي مقابلي جو ٻيڙ ڪيو
4. ڪڙي ڪٽڻ - پري ڪٽي وڙهڻ جو قول ڪرڻ
5. نندي- پوٽا براهمائي براهمڻ سنڌ ڪاڏو صاحب
6. علي محمد براهمائي هرو جنهن وڏن جو نالو روشن ڪيو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

صاحب تي سرمنڊيو مگسي کي مٿاءِ (1)
ڇڏي لالچ لب جي تنگ ڪشن نهرا
پُرا ڪئي هين جامورن مدارا
ڪڍي قاصد موڪليو مائٽن مٿي ڏانهن
ڪري سميو سر جوپوءِ ڪجئين وک وڌاءِ
رضا محمد وهان ڪئي شيخ مگسي مهندا (2)
ته مٿي کي متان ڇڏين اُلڪو پيان ڏاتان
ساشيخ سمجهي ڪينکي هٿي عجب ڀگالهڙا
سي مٽهن چنڊ سياڻي تي هاڪاري هليا (3)
هيڏانهن علي محمد اُچاريا واسو وڃاتا (4)
تي اٽي ڏيوسان کي سڀ مُڏ سماءِ
"جانو" "ڀاگو" جس سين هليا جوان هتان (5)
تن ويندي ڏٺا واٽ هڻي چارئي چست چتا (6)
موسي ات معلوم ڪئي لنگهي لوڏاها (7)
تنهن موتي چوڻي کي پروڙي پاٽا
ته تحقيق چاڄي تنهنجا تا اچن اسان ڏانهن
تان هي مرد مڙيائي ڪينکي ڪياڻون وک وڌاءِ
سي ڪري تانگهه تڏي تي اچي پُڌ ڇڏي ٻيٽا
ٻرين جاموٽين ٻيل ٿي اتي ڪِنوائي خلا

---

1 ايڪين جنگ جو ذڪر جنهن ۾ صاحب پرو مٿان حفاظت ڪري مگسي شيخ کي جنگ جي ميدان مان سلامت هڪڏي وياس.
2 رضا محمد پرو
3 مٽهن چنڊ - هڪ ورڻ مان
4 اچاريا - اڃاريا - موهڪليا. واسو - جاسوس
5 جانو ۽ ڀاگو ٻڪ
6 چارئي يعني: جانو ڀاگو ۽ سندن ٻيا ساٿي. تن کي مٿي ۽ سندس ساٿين ڏانو
7 مٿي جو ٽنگهو موسو تنهن هٿن مڙس (جاسوس) جي لوڏ صحيح ڪئي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هُرو" "جاموٽ" پيل ٽِي آيا احدي اُٽائي [1]
علي محمد اڳيين جي ٽو پانڌ پٽ رهائي
ساسيٽيندي سرهي پانڌ جت پائي
صاحبائي سورهه چڙهيو "هاڙي" مان ٻڪائي [2]
تنهن هائي وڃي هٽ ڪيو علي خان اٽائي [3]
اهو ڪير شينهن ڪنراڄ جو ڪنهن سين نه ڪنڌ نمائي
صديق پوتو سومڙو اجهو راڄين آهي
بار ڪٽي پائرين جا سر تي ساڳائي
پهريندي "پتشتاب" تي ويٺا جوان ڄُنبائي [4]
علي خان احدين سين ٽو بهنگ هولائي
ته جوانا سنيهو جنگ تي ونون ويرورائي
تن موسي سندي نياڻ تي ڪي مصلحت موٽائي
اُتو جاموٽ ائين احدين اُڇائي
"ته برا چڏي ملو ماريون ائين تان نه جهگائي" [5]
تڏهن "سوبو" سنيهي اُٽيو انهن تان اُٽائي [6]
بنگ ٻيلين سين هليو چوڙنگ چٽائي
پر گل محمد گت جي پانڌ ڳالهه پچائي [7]
تنهن کي جاموٽين چيو ورنهه ورائي:
"ته جا اوهان جي من برابر اوءِ آهي" [8]
تڏهن چاڪرائي چيو گل محمد گجائي
بي ميارِ بانڪين واري ورندي تهر ورائي

---

1. يعني صاحب هرو ۽ علي خان صديقياڻي جاموٽ
2. صاحبائي هرو. هاڙو = وندر ڪان اوير طرف واري اراضي
3. اٽائي = جوش ڏياري. ٻين پڙهيون: الائي. آڻائي
4. پتشتاب = هڪ مڪان جتي وندر جو پاڻي
5. برا جون ته مون سان جيڪي برا ڪڏ آهن تن کي نه ماريندا سين. جاموٽ چئي ته منو ۽ سندس ساٿي برا سڀ ماريو
6. سوبو هرو ان ڳالهه تان ڪاوڙجي اُٽيو
7. گل محمد بٽ جاڪر جو ڪيرين - ٻوٽا" هرن جي پاڙي مان
8. يعني ته پلي هرن کي نه ماريو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

الله ٿهار اُتي هليا سورهيه سر سنياڻي
سي پاسي ميائي جي وڃي ويٺا وک وراڻي
"اڪ پتي"[1] ڪان ائيا ڳالهيون ڳالهائي
"ڪي اڇجوا پرندي تان ڪي ريل ڪان رمائي"[2]
سپيئي صوبي ساڻ آئيا ڪندي تان ڪوسائي[3]
تن سنگر صديقياڻي ڇڏيو جاسوس جوڙائي[4]
ٻيو درياهياڻي ديرن مان منهن اڇي مرڪائي[5]
ٻئي سگر ٻيلي ٿي هليا همت پائي
ٻُرواڇو ٻيلين کي ٿو ستر سڻائي
معلوم سير سردين ڪيئي ٻيلين ٻڌائي
ترڪي ستا. ڪي جاڳيا. پرس پاتارون پائي
اول صوبو اُٿيو قيصراڻي ڪڙڪائي[6]
تنهن جذبي مان جُنب پڇنديو هڪل ساڻ هلائي
تڏ حويلي برهُل ٽيو ڪوڪ ڪڙڪو آهي
ڏوڏو ڏومڙ ڏڪاءِ ڪيو ٽانا ٽيپ ٽڪائي
اول جنگي خان اُٿيو احدي تيغ اُڻائي[7]
سوهٽ ڪندو هڪلون ڪريو ڏوڪين ڀڙڀائي
راڻي چائو. سڄ سمائو. راوت رڪ ڪمائي
ٻيزنجي کي ٻهادري جي آڏ ڏاڻي آهي
تنهن کي صوبي سيني ڪان ڪُٽي سرواهي سيف سڏائي
ميان دادءِ ميان وسايو آيا عهد اُڻائي
پهري پيو پارتي کي ڳڙهي قيصر۔ جائي

1: اڪ پتي - هڪ ڏوري جو نالو
2: ريل - سمنڊ واري پاسي ڪان
3: صوبو قيصر جي هرو ٻي ٻڙهش: سوب سان
4: سنگر صديقياڻي ڪيرين۔ پوٽو هرو
5: درياهياڻي هرو ڪيرين۔ پوتين مان
6: صوبوبيٽ قيصر جو براهماڻي هرو
7: جنگي خان براهي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تنهن کي جنگ ۾ جنگي خان هنئي احدي تيغ اُٺائي
ٻيگهڙ جهلي ٻانهن ۾ موتي ميان وسائي
مدارو ميائي جو مرد مٿي تي پائنئي
نندي پوٽو نڪ سين ملو سائڻائي
تنهن مونڊا هلايا نانائا تروائي
صوبو [قيصراڻي] تو مرکيو پاڻ مارائي
ٻنهي پاسين ٻيگهڙ ڏرکا گهٽ نه آهي
جيڏين مرتين جوان ساريو پاڙي زور ڇڏائي
چاکراڻي جوڻي ۾ آيو گل محمد گڙهائي
تنهن کي ٻه هٿ ٻيگهڙ اچليا بيزنجي بچائي
جهليا پڙ بندوق ۾ سي ورندا واڇائي
سو بانکو بيزنجي کي ٿو چورنگ چار چکائي
هٿندين هٿين آئيا ٻيٽا ٻيگهڙ پائي
سائين سنگ اڙايا ٻيٽا پڙ ۾ پڪ فسائي
وڃي گهوٽ گهٽ پيا گوڏا ٻگهڙائيون پائي
تنهن کي جوڙي جنگي خان رکي وانکر جنگ ورائي
کوليو قوليو خبرون ٿو پاند ڏئي تنهن کي پڇائي:
ڪير آهين ڪٿ منجهان ڪي تون سڃو سڏائي؟
چئي آءٌ بيزنجو آهيان تو هري حرف هلائي
ميان وسائي جي مٽ کي وڏو لاکيڻي ليٽائي
پوءِ ڏري جائو اڳتي آئو صالح ست ڪمائي [1]
تنهن کي جنوهري جان محمد جي ٿي ڇهٽيو ڇڪ پائي
سو مورهٽي ٿي ساريو ماندڙو ٿر ڪائي
اچو الهيار کي ٿو جانو جاڳائي [2]
ستو هٿو سيج تي نينگرو نروائي
مگانجهي پٽ مٿي جو تنهن ٻڌ نٿو سڏائي

صالح ماندڙو
الهيار پٽ مٿي شاهوڪ جي جيڪو تندو هو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

معصوم ماري ڪونڪو پر تفا ڪر ڪرائي
اينوان راڄن تي حرف حابي آهي
الهيار اندر ڪيو پاڻ ڪٽ هينان ڪڪائي
هڪ پلاءِ مرد مني جا پيٽ پر موران تان ملهائي
ڪنجي۔ دار ڪين ڪمايو تو بازر پر ٻُس پائي
صديق ستيو ڪينڪي. ٽيو پٽير وپڪ سامي
سالو جو شاهوڪ جو موڳو منهن لڪائي
ڪوڙو وڙهيو ڪينڪي بيٽو ڪين پڙائي
بيهيو پاڻيهه وچ هر ٽو پوڻيون پٽائي
ته ڪيئن ٽيندي هي ڳالهڙي ڏيو سمجهه سڀائي
تن وانچي ڏنيس ورندي ته وڃ وطن ڏي وڪ وڏائي۔
رمدان آيو رمز پر صاحبنو سر سامي
تنهن کي لنگهي ڪتايو هر ڏڪ بولائي
موسي کي آت حڪا هنيا پري تان پڇنبائي
هيڪڙو لڳس وڃاتو وات تي ٻيو آرهه منجهه آهي
مڱڻهار مني جو ٽو اصالت آڇائي
ڏڻ ڏڪين سو ڏهلڙيو لنگهو لوڏ ملهائي
صويو اچو سڏ ڪيو ٻُروتو ٻڌائي
ته آءٌ منا آسري اسان جو ڪر تو بر آهي
سائني عيائي جو ٽون ويرو ورائي
هي؛ پي ڪيهر ڪر ڪني آتيو ڪرماڻي ڪڏائي [1]
پر جنگي ٻير بانهن بر جهليو راهه رندائي
چون: مرجان وهامي راڻڙي آڇان ڪاري ڪائهه [2] آهي
رات وهامي ڏينهن ٽيو روز روشن آهي
آفتاب اظهار ٽيو ٽو خورشيد ڪِرائي

---

[1] ر: تنهن ڪيهر ڪر ڪني ٽو شاهوڪ سڏائي
[2] ڪاهه - اوتاهي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تہ مڱيي ٻيہر گاجي خان کي ٿو علي خان آڻائي [1]
حاجي شيخ نہ ملي تہ سيني کي سيائي
تنهن ڳوڙي ڪري ڳالهيون جهليا پاڻ پريائي
مٿي مائٽن موڪليو ورندو تيئر ورائي
آيو ٿو تراڙ جو ٿو مرڻ کان موڪلائي
تان هي ڇپو ڇڙيائي ڪينکي ويٺا گهنڊ ورائي
ميان مير مٿي جي رکيائون سر تي سهائي
هو احدي اڻي آئيو بانڪو ٻيڙو پائي
شاهوڪ اچيو شوق مان ٿو مرڪيو مارائي
جوان جنگي حال جهانجهروڪر کي ڪٽ نہ لائي
جهليو جهلجي ڪينکي جوسڀائي جنگ آهي [2]
منجي مٿو اڻيو بهادري پڙائي
ڪيڙو خان نہ ڪنيو اڻيو سِرَ جو سودو لاهي
هي سڀ سور سامد مان احدي اڻين پائي
سينگار ڪري سنيپو ڏاڍو ڏينهن سٽائي
هولائي ٻُرين کي ٿو سُڻن سُٽائي
اچي اوهان مان اُسري کو بير اسان ڏانهن پائي
"مٿو" "مٿو" جو اوهان کيو سو حاضر هي، آهي
سي ڪري هڪل هٿن جي وڃن گهٽي ۽ پاس گهمائي
سو اول جو آئيو چالاڪ چتائي
عيسي تهَ رَ ادب کيو ٿو مُلُون مونَ ائي
هُيس ملاقات مٿي ساڻ ٿو مرد ملاحظو پائي
اهڙين جهيڙين جهگڙين مُلون کونہ مارائي
پوءِ ٺهڪايو نوٽن تان ٿو چٽني چڪائي [3]
مير مُرائي. ٽيو جنگ سائي. بندوق پڙ بچائي

---

[1] علي خان جاموت. مٿي جي اٿن تنهن ساٿين کي باڻ وٽ ڳالهين لاءِ ڏيو ڪين ترسائي چڏيو.
[2] يعني مشوريت جوسڀ (يوسف) جو ٻي پڙهڻي: "جيسڀائي جنگ آهي."
[3] ٻي پرهڻي: "ٿو جڪين جڪائي."

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ابيٽو ايمان سين ساڻ صدا ڪمائي
قادر ني گونگي ڪت مان هنئي ٽڪار تت ڏکائي [1]
تنهن جهليو ڪين جوان ڪي ويو گوليلو گهڪائي
خيمائي ڪهت سين چڙهيو شير چتائي
واهه ورايو ورهيو پڙ بندوق بچائي
تڏهن ڀڳاگي اتي ڀاڙ ڪري آيو بانز پڙائي [2]
سوان ڪي سامهون ٽيو بي ڏڙڪو نه پائي
مٽ منهنجو آهين چڏ وهم وجودان لاهي
چئي: پلي ڪري آئين پاڙ تون اها بتائي [3]
تنهن ڪي اول احدي پچاڙي شاهوڪ شوق رکائي
هن بنيڙ پٽي پڙ ڏيئي جهلي سپر برسهائي
پوءِ ڪريو مور مٿي تي ٿو مرد مٿي برلائي
هٿندي هٿين آئيا بينا ڀگوڙ ڀرائيون پائي
تڏهن گل محمد گڏ جو چرمراچو ڇڏائي [4]
پوءِ ڪڍر شينهن ڪري پيو مرد مياروں لائي
راڄ چڏيائون روڙ برچگير وچائي [5]
سوبي ڀڳاگي ماريومت ڪي انهي نيت نيائي
هيڪلو گهڻيئي وڙهيو پير نه پوئي پائي
توفنگ هٿن تنهن ڪي جوانا تان نه جڳائي
اڳي تا احدين جي نيت اها نه آهي
هائي هن هنڌين وڏائون ورائي
آيا پوءِ اڻل برمٽو مارائي
هائي مولا ميرخان آئين واحد ربّ ورائي
پادشاهه تنهن ڪي پٽ ڏئين والي تخت ورائي

---

1. لاريون بندوقون به قسر: هڪڙيون ٽڪار پيون ميرڪين
2. ڀاڳو بڪ
3. پاڙ - پائر - منهنجا پاڻ
4. گل محمد پويان اچي مٿي ڪي ڏڪ هنيو
5. چتائڻ = شاديءَ وقت راڄين رسمين گهوٽ ڪي سينگارڻ.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

گولا ٻنها. اوهي نه امانا. تازي تنگ چڪائي
مهمان خانا. سڀ سماتا. ڪاڇ خوشيان ڪارائي
چمن صفائي چؤدار مسجد مرد منڊائي
الله عاليائين کي واحد ربّ وڏائي
نه شاعر قصو جوڙيو چڱو بيت بنائي
آءٌ پوڻ عاصي آهيان مون تان مولو مهر مَ لاهي
دانا ڏهرودان ڏٺين سچو شينهن سڃائي
مڃيان محمّد مصطفيٰ اڪو اُمت آهي
ڪلمون پاڪ جڳائي، موچاري محمّد تي
لااِلٰه الاّ الله محمّد رسول الله

9. نار واري جنگ يعني توب واري لڙائي

سنہ 1877/1876ع ڌاري جو واقعو آهي. جڏهن جام ميرخان ۽ سندس پٽ جام عالي خان ٻئي ٻيلي کان ٻاهر نظربند هئا ۽ ٻيلي تي قلات جي خان طرفان ناظم ۽ حاڪم ٻئي مقرر ٿيا. جڏهن ملو شاهوڪ سونميائي، جو پروانو وٺي آيو هو ۽ مارجي ويو تہ خان پنهنجو خاص آفيسر (شاهہ غاصي ولي محمد) چاڙهي موڪليو جنهن اچي ٻيلي تي قبضو ڪيو. شاهہ غاصي ٻيلي جي ٻيٽل ماڻهن خلاف ڪارواين ڪيون ۽ پڇيائين تہ جام ميرخان جو خزانو ڪٿي آهي؟ ڪيس جواب ڏنائون تہ: جام جو خزانو راڄ آهن. باقي ناروغا ۽ ڪنجيدار هڪا جي ٻيلو چڏي پڄي ويا آهن. وڏو ناروغو بلاول نالي هو جو وڃي لاکڙي ۾ سيد محسن شاهہ سليمانائي وٽ ويٺو. اتي شاهہ غاصي پنهنجي فوج جي ڪماني "جادو" کي چاڙهيو تہ وڃي زور سان بلال کي هٿ ڪري رونجهايا شاهہ غاصي جو طرف هڪا باقي ٻيا ٻيلي جا ماڻهو. سردار ۽ وڏيرا سڀ جام ميرخان سان وفادار هڪا تن مڙس تي مقابلا ڪيا. راڄ اُٿي پيا ۽ ڪي سؤ ماڻهو جادي سان وڙهندي مارجي ويا. ۽ جادو پڙي نہ سگهيو ۽ موتي وڃي ٻيلي ۾ ويٺو. اتان ٻوءِ حملا ڪرڻ لڳو: ڪڏهن هڪ شهر تي تہ ڪڏهن ٻئي شهر تي. بالاخر لس ٻيلي جي قومي سردارن صلاح ڪري خود ٻيلي ۾ شاهہ غاصي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جي ڪيمپ تي چڙهائي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پوءِ راڄن جو لشڪر شهر ٻيلي ۾ ڏوري جي اوڀڙين طرف ڪانڊن ۾ وڃي اڏ ڪري ويٺو. شاهه غاصي جو لشڪر "خان جي مسجد" (جامع نه ٻي) وٽ هو. ڪيس جاسوسن خبر ڏني ۽ ڪاشر رونجهو ملتري پوپان ڏيرائي آيو ۽ اچي تاثيرا ڏنائون. ڪيئي سؤ ماڻهو ماريا ۽ توب سان گولا وسائي راڄن جي لشڪر کي نقصان پهچائي چڙوچڙ ڪري ڇڏيائون. اها حالت ڏسي، راڄ جي لشڪر مان ڪي بهادر مڙس پاڻ ۾ گڏيا ۽ مرڻ جو پڪ ڪري هڙا واڄهي پوئتي وريا: ڇيائون ته پل جان وڃي پر همت سان ڀُلهه ڪري هلي نار (توپ) تي پئون ۽ شاهه غاصي کي ختم ڪريون.

شاعر مينهن لنگهي جي بيتن موجب هي ڪل تيرهن مڙس هئا. شاعر نمر جنهن شاهه غاصي جي پيلي ۾ اچڻ ۽ ڪارروائين ڪرڻ کان وٺي ويندي "نار واري لڙائي" تائين سڄو قصو پنهنجن بيتن ۾ بيان ڪيو آهي. تنهن جي بيت ۾ هيٺين پندرهن مڙسن جو ذڪر اچي ٿو جن توب تي حملو ڪيو: (1) جان محمد مگيلڏائي صابو- پوٽو ڀرو (2) الله ڏنو اوڀاياڻي نِدي- پوٽو ڀُرو (3) ميان وسايو اِڻي- پوٽو ڀرو (4) اسماعيل ڪنگورائي ڀُرو (5) جعفر سحاقائي جمار- پوٽو ڀُرو (6) براد الله- رکياڻي بنيڙ- پوٽو ڀُرو (7) صابو زهرائي ڀُرو (8) ڪريڙ سحاق- پوٽو (9) جمن اوڀاياڻي سوني- پوٽو (10) مگيو سهتڪائي (11) ايوب گبرائي. جماڻي (12) بجار موندرو (؟) (13) رحيمو لونگائي ميراڻي (14) دادو موندرو ۽ (15) محمد پاڙو.

شاعر نمر جي بيت موجب انهن مڙسن مان اسماعيل ڪنگورائي ۽ مگيو سهتڪائي هڻي وڃي توب تائين پهتا ۽ گولي- انداز سانول خان مشنگل تي وڃي تراريون سڌيون ڪيائون. وڏيري علي مراد ڀُري چيوتر: "سانول خان خود منهنجي والد سان ڳالهه ڪئي ته اسماعيل ڪنگورائي توب تان اپڙي اچي مون تي تراڙ سڌي ڪئي ۽ هڪل ڪيائين ته: "جهل ڏڪ اسماعيل ڪنگورائي جو." پر مون يڪدم پوئتي هٽي ڪيس قرابين هنيو جنهن تي سندس تراڙ توب کي لڳي ۽ مڙس وڃي ڪريو. "چون ٿا ته

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

دادو موندرو لونگاڻي ۽ توب تائين پهتو ۽ وڃي ترار هنيائين. جنهن جي چوٽي سانول خان کي زخميو ۽ ٻي وڃي توب کي لڳي. ميان عبدالله خان خبر ڪئي ته: مون خود سانول خان کي اهو ڏڪ جو نشان ڏٺو هو. باقي ٻيا مڙس توب اُڪاڻي ڇڏيا. اِها توب اڄا تائين ٻيلي ۾ موجود آهي. جنهن تي ترارين جي ڏکن جا نشان بيٺا آهن.

هن حملي ۾ گهٽا مڙس ٻُرا هئا. حملي کان پوءِ قمبر نالي برفت جو شاهه غاصي جو بورچي هو تنهن کيس چيوته: هي ماڻهو جن وندر مان هلي اچي هت ٻيلي ۾ حملو ڪيو آهي. تن جا وارث ۽ واهرو ڄاڻ وريا. تنهن ڪري هائي هي؛ جاءِ ڇڏ انهيءَ تي شاهه غاصي توب ۽ تامڙيون (ديگون) چڙهيون ڇڏي جائو جولڪ لنگهي قلات ڏانهن روانو ٿي ويو.

هيٺ هن "نار واري جنگ" بابت اول شاعر نم جا بيت ۽ پوءِ مينهن لنگهي ۽ ٻين ڪن جا بيت ڏجن ٿا. جي هن واقعي جا شاهد آهن.

الف شاعر نم جا چيل بيت

ساراهيان سوڏئي هوندو جو آهي
ماڻهو ڏريس موڪليو ڪرا خط لکائي
سوتان شهه غاصي کي نيو پروانا پهچائي
تنهن معلوم خبرا مرد ڪئي هئي خط وانچائي
تنهن شهه غاصي چاڙهيو ڪاوڙمان ڪاهي
اچي شهر اُٽل ۾ ٻيٽو ديرا ڏمکائي
ڪنيان موچي وائيا ٽولو هر لرزائي
صوبي مگيو ايوب دُرو ٽوسُمبڪ کي سڏائي [1]
ته آئيو علي خان کي ڪنراج مان ڪڍائي [2]
پانيائون بيان ۾ ته هي؛ پي عالياڻي آهي [3]

---

1 صوبيدار ڪيسر جو ۽ ٻيا ڪيئي ٻرا

2 علي خان جاموٽ

3 پانيائون ته علي خان به ٻيلي جي جامن جي "عالياڻي" خاندان جو فرد آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تنهن کاوڙجي ڪٽ مان وڏا ڏيڏ ڪرائي
سي مائٽ ڏيئي موڪليا "ٻيلي" تي ٻولائي
سنگت ٻڌي سائين هليو پيرل پٽ رهائي [1]
تنهن ڪري عرض الله کي آندا مرد موتائي
تڙ شهه۔ غاصي چڙهيو لشکر لانچائي
اڇي آٽل ڪوٽ ۾ ٻيٽ ڏيرا ڏمکائي
ميڙ موچي ڪنيار ڪوري ٽولوهر لوزائي
ڦودي جي ميرخان جا ڪوٽيو ڪٽائي
تا مايا ڏيو ميرخان جي جا آن لاٽي لڪائي
تنهن پهريندي پشتاب پاڻ ڪيو ٻهارتي ٻولائي [2]
تنهن آڌي رات اڌياريا پنهنجا هوار هلائي
سي پرهه ڦٽي پشتاب کي ويا وهائي ۽ ورائي
ات علي وسريائي آئيو ٻڙ وهڪائي [3]
چلي ٻيهون آيون نه ڏيان پنهنجون جيڙي جس وڃائي
ماري هن ميدان تان ٻوءِ وڃو پهرائي
"رونجهين" ۽ "صابرين" کي ٽوچوان حرف چتائي [4]
سي ٻيلي هٿا ڀرين" جا پر ٽولچ کي لب وڃائي
موتي ٻوءِ ميائي آيا تت ونا طنبو ڪوڙائي
تڏهن علي خان چڙهيو ڪنراڄ مان ڪاهي
تنهن ساڻ هٿي سوگهو ڪيو گودوءِ جو گهرائي [5]
تنهن کي ڪري ميڙون منشون ڏنو راڄين ورائي
شڪر و شهه۔ غاصي سين ٽوبات ايها بتائي

---

1 يعني پير ناڪر شاهه جيلاني آڻل جو.
2 شاهه۔ غاصي آڻل مان چڙهيو ته بين شهرن ۾ ٽرلٽ ڪري پهريائين "ٻهار" تي ۽ ٻوءِ "پشتاب" تي منزل (پاڪو) ڪئي هوندائين. ۽ شاعر اڳ ٻوءِ ڪئي آهي.
3 علويٽ وسريي جو "آري ۽ ٻوٽو" ٻوڙو
4 شاعر رونجهين ۽ صابرين کي جوڙي ٽوڙي مٽن ميار ڪي ٽو
5 گودو سيمڙ آڻل جو تنهن جو ساڻ (واپار جي مال سان لڏيل آٽ) جهلي سوگهو ڪيائون

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڳالهيون ڪيائون تہ ڪنيائون. اتيا سڪ سنپائي
موسو ڪريو مايا جو ٿو هاڻ بلال بند ڪرائ[1]
تہ مايا جا ميرخان جي سا آن لاتي سيءَ لڪائي
تنهن سوار صبح جو موڪليا آهن هارهن ٻولائي
زالون مال پاڻ سين آڻجو آيائي
جيئن ڳيرو نبي ڇڏيو هو ڪنان بانڊ بچائي
تيئن سرٽيون جهلڻ سيڻن جو اصل ڪر آهي
محسن شاهه کي منهن مٿي هڙتي جوت چڱي جرڪائي
سليماني سيد سخي ٿو شير شجاع سرمائي[2]
پوتو ورڪيل شاهه جو وينو واسينگ پوش ورائي
پيرين سيدين پاڻ هڪ ڪيا ٻول آڇا ٻولائي
تلج جا داروغن جي سا سر سنڌين آهي
جاسين جيان تاسين نه ڏيان مرهي موتائي
گونگا سيد گڏيا آيا ڦهرايهو پهرائي
تن سوڙهي سپاهين کان وٺتو مال ورائي[3]
من پي سوڏو شهه غاصي سامهون ڇڏيو قاصد ڪڏائي[4]
"جادو" ڪماني سين جڙهيا شير ڇتائي
خاشا هيلي خان جا آيا "دنگن" منجهه دهڪائي[5]
تن ايندي مائهو موڪليو پير آتي ٻڌائي
سيد محسن شاهه مان سرهو تو ڳالهيون ڳالهائي
دعائون دفائون ڪريو جان کي حيلا هلائي
تان هي ڪوڙا مڃين ڪينكي ڇڏيائون مصلحت موتائي[6]

---

1 بلال داروغو
2 محسن شاهه سليمانڪي سيد هيلي جو.
3 داروغن جو مال سپاهين کان زوري کسي ورتائون
4 آڏو شهه غاصي پٺهنجي قاصد حڪمناميءَ سان موڪليو جنهن تي جادو ڪماني مقابلي لاءِ جڙهيو.
5 سيد محسن شاهه جو ماڳ جنهن جو نالو "دنگ" آهي
6 جادو ڪماني ۽ سندس سپاهي شاهه جي ڳالهه نه ٻڌا قبول ڪن

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تَڙ ڪماني چڙيو ٽوهڪل هلائي
"ٻزَن" "ٻزَن" ڪيو بهادرين ٽوپيلين کي ٻولائي
تن گهوڙا گهوٽيين چڏيا ڪاوڙمان ڪڏائي
هيلان گهُراماڻي. لائق لڏائي. اٽيا جهنڊا جوان جهُلائي [1]
سي پاڏ ٻينا پڙتي سورهيه سر سنياڻي
اول صوباڻ آئيو وڏي وک وڌائي [2]
پُڇو گهوٽن پُڇ برٽولائق ڪنان لائي [3]
دوستائي ٽيو جنگ سائي نِمو ننگ زهائي
آڏهنگ آيو آڳ تي ڏيکيو مڇ دکائي
ڪاروهراهي ڪوڏمان مرڪيو پاڻ ماراڻي
تنهن کي براهي ات بندوق هنئي ريفل ات رَماڻي
بيا پي رجبوت راڻا. ڪري ماڻا. آيا پيرَ پلائي
تن سڻي سر واهين سين ڪڍيا گهيرن مان گهڙڪائي [4]
پوءِ سيد يارمحمد چڙهيو ڪميت ڪڏائي [5]
قمبر. الهه بخش کي ٽوڳالهه ٻيهر ٻڌائي
گونگا اڳاريا گڏ ڪريو ٽوشاهوڪ کي سڏائي
پير سيد پاڻ سين اچو شيخن کي سڏائي
پُرا دودا دست پر ڪيئون گڏ گهرائي
سي ماڏڙين مان ميڙ ڪريو چڙهيا جوان جُنبائي
سانهي؛ مهل سهڙيا وڃي "گِدڙي" تي گُس لائي [6]
ميان دادن ٽالو آندا قنبرات ڪوٽائي [7]

---

1 لڏائي گونگا مقابلي لاءِ آڻيا
2 صوباڻ گونگو وڏيرن مان هو
3 شهه خاصي جي فوج جي گهوڙن کي تراريون هنياڻين.
4 ٻي پڙهش: ڪڍيا گهوڙين مان ڀڙڪائي
5 سيد يارمحمد شاهه لاڪڙي جي محسن شاهه وارن جو ڏاڏو هو
6 گدڙي جي نشن
7 ميان دادن ٽالوپٽي شيخ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ت: مصلحت اچو مردان کريون راند کني جي لاڻي
"مور" چيو "مانڊڙين" کي ڀالهه اينئا ڀگالهائي:
ت رات اوهان جي ڏينهن ان جو ويندا وهائي وراثي.
اڻ کوڙ کماني کي ٿو وڃو سڏ ٻڌائي
ت لاسي آيا لشکر کڻي تنهن جي اڳيهه تو کي آهي
شيخ شهه غاصي تي موکليو مائهو موڪلائي
پاڻ پي چڙهيو هليو. آڏي اهرائي
اتي الاڻي کي اوچتا ويا ويري ورائي [1]
"خيمائي" ڪهت برهنيا چار ڏک چتائي [2]
سو ڪل گونگي جي ذات کي مرکيو موڙ ٻڌائي
تنهن جي راڻي ساريو انجهون هاريو ويئي پار پچائي
اوپايائي اڙينگ آيوات الهه بخش اڻائي
ٻيگهه تنهن ٻُري کي چڏيو ريل ات رمائي
پوءِ "آءِلي" ڪري اٽيا اهي مانڊڙا پاڻ ملهائي
تن بندوقون بڇيون آهن لاريون للڪائي
شيخ شهباز بچايو آپ نيو اڻائي
هو هٿندا وڃن پڇندا هوري وک وڌائي [3]
جادو ڪاني کي هليا هوار هٽائي
پر پٽاڻن چڏيو پگا واڳ ورائي
تڏهن شهه غاصي موڪلي پنهنجي پلٽڻ ڀهائي
سي پرهه جو پنڌا ٽيا ٻيٽا ٿر ٻڌي ٿهرائي
هي پي سيئي آيا سنيهي جوان جهڙ جهمائي
اُتي اول پير و آڻيو سيني ستونا لاهي
چئي آهيان عارب مانڊڙو ٿو سيف هٿيو سمجهائي

---

1 الاڻي مانڊڙين جي وات
2 خيمائي گونگي جنهن جو نڪر هيئ اجي ٿو.
3 بي پڙهڻي: وڃن پيڻنا

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

نيچي اونچي نائين کوڙيو بانکو بازين پائي
شِڪر پشت شڪيلا شڪرو ٿورڻ برراهه ورهائي
اُبت سُبت احدي پچاڙيو ڏنگ هٿيو ڏڪ لائي
حاضر آءٌ اُت نه هو تنهن جو نيئر مونکي ناهي [1]
تنهن حق پنهنجا ماريا پڙ برپنج رهائي
الهه رکيائي اُت اُبينو سڄڻ سينو ساهي
تراڙنه هئي تنهن کي جان کارڪ جي راند ڪلائي
پچي گنداڪ بندوق جو ڪيائين گلهي تي ڪڙڪائي
گهوڙين ۽ هٿيارين کي ٿو لائق لٽيون لائي
پوءِ يار محمد يڪ بهادر بينو پڙ برپير جهلائي
قيصر پائي ڪڙهو ماريو گهوٽ گليلين گهائي
صاحبنو ڪوڙي ڪنو ٿو چوڙنگ پاڻ چتائي
ميان وسائي ۽ پيرني کي موڙ بدان مرڪائي
تن جهڙ جهميرن جوپ جهجهو ڪيو بينا بادل لائي
مرڪي ماريا مانڊڙا مٽ ٿي سوپ ورائي
اٿون لنگهو اُت اوپايو ٿو ڏرسان دهل وڄائي
ڏٽي ۽ مهندان دادلو ٿو ڪيهر ڪنڊ ڪپائي
برفت بيهو جوان جنگ برهٿيو هٿ ڪمائي
شير شهٽو شهادت رسيو حسين هاڪ هلائي
وسرپائي وڳي وڙهيو تٽ تراريون لائي
ماريو جاموت ڏڙهي تي پنهنجي مهندو پاڻ ملائي [2]
پوءِ شڪرا آيا شيخ سين گونگا جوان گجائي
يار محمد شير شجاعت نيڪ نڏاني آهي
حمر- پوتو حملي ويلي گڙهو ڪين ڪٽائي
شيخ شهادت رسيو جانو جئن ڪمائي

---

[1] نيئر - نيار - پٽي خير
[2] ڏڙهي - ستڻ ميدان

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سحاق پيدائي سوپ تي ماريو. گونگو ڪين گهٽائي
مير موسائي راوت رانيو. ٿو ڪيهر ڪُڙ ملهائي.
لڏي پوتو لڄ جي گس تان ڪونه گهائي [1]
جوان جهائي جهُڙ مچايو آيو آڙهه لائي
ترڪي سيڻ ماريو گدو گن رهائي
عمر ائي ڪري ڪاڏائي ٿو سميجو سرسائي.
محمود ماريو سيني ماريو. پانجين زور پچائي [2]
سو آحدي آڳارين کي ٿو حرڪيو موڙ ٻڌائي
پائي پورالي جو هائي آراسيو آهي [3]
جي هُشي ڏُمر درياءَ جي. لهريونوين لڙائي.
پوءِ وري وڏيرا آئيا هليا چپر تي چڪائي
تيمر علي خان ائيو ڪنراج مان ڪاهي
اچي ائل شهر برويٽو ديرا ڏمڪائي
راج سيٽي پاڻ ڳري ٿو ڪوٽريجو ڪوٽائي:
تلج سڄي لس جي مونکي مٽي تي اهي
ڪري مصلحت ملوڪين سان چڙهيو شير چتائي
چئي: ڏائي هاڻ "ڏندو" اسان اوهان جي آهي [4]
وڃي ابراهيم رونجهي سين ويٽو مارڪو ملائي
وري پوءِ "واهي" تي ويٺا ويرُ وڌائي [5]
مگيو پُرو علي خان موڪليو بيلي تي بولائي
تنهن "پاربياڻي" پاڻ سين ڪيا ڇڳا مڙس چتائي
سو تان شهه غاصي سين ٿو ڳالهه اي ڳالهائي:

---

1 لڏي پوتو پيرو
2 محمود اڳاريو راڻن مڙن هو
3 آراسيو - خلاصو ٿيل ڪليو
4 پاڻ يعني ڀاڻي - گڏجڻ جي جاءِ ۽ وڏو يعني ته آهو وڏو تا رکون ۽ ٻول تا ٻڌون ته اسان ۽ اوهان "ڏندي" تي گڏياسون
5 واهي جو هلاڻو بيلي طرف

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تہ نوابي جا لس جي اصل اسان جي آهي
هاڻي هت اسان جي هت ۾ وڃهه تون ورائي
ڀالهين کيائون قسر کنيائون. اُتيا شڪ سمهائي
پر ڪهت قلاتين ۾ اصل ڪون آهي
قسر ڪٽي پاڻ ۾ وڃهن مائٽ مارائي
سي ڪيئن جڏ گالين سين اينڌا پاري پچائي
تڏ علي خان تي ماٿهو مڪو شهه. غاصي سمجهائي
تہ ڏهه ڏهه سوار شهر ۾ تا اسين وهارين ورائي.
اها علي خان کي نہ آئڙي چڏيائين مصلحت موتائي
تڏهن وليداڻي ويس کي سامهون هليو هُرو ڀهڪائي
تنهن سين ميراڻي مرکي لانچيو "ڪنبو"[1] ڳرملهائي
ٻيو بنيڻ. پوتو ٻراد هليو سورهيه سر سنهائي
نوروءَ چائو. نڪ تي آئو. عثمان اُدوڻائي[2]
ڦريين ويهي مصلحت جوڙي ٻُڌ اهو پهرائي:
تہ وڃهه لهي ويرين جا اسين ڪرها اچون ڪاهي.
الله توهار اُتي هليا چارئي چوڪس لائي
سُوڙهي شهه. غاصي جا آندا ڳڙهين اُٺ ڪدائي
تڏهن شهه. غاصي سانڪار ڪي مهندا مني پائي[3]
رونجها شهه. غاصي سان ٻيٺا ٻول ٻڌائي
تہ لشڪر ڪٽي لانچي هلون آٿيون اُٺ ڳهرائي
تہ علي خان اُن ٻرياڻران ناميو راضي نہ آهي
الهر ڪيائي اُٺ ڀالهيو[4] ڏمرجي ڏاڍائي
ٻراد چٽي بلڪل نہ ڏيان منهن سين موتائي
تانسين اُٺ شهه. غاصي کي ڏنا وڃيرين ورائي.

---

[1] ڪنبو ميراڻي تنهن سان هشيار بڏي تيار ٿيو (لانچيو)
[2] اُدوڻائي = حملو ڪري
[3] اصل اٿين
[4] ڀالهيو = ڀالهيائين

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

علي خان اٽائيا پنهنجا پائر پيرائي
تن پاڻو پورالي تي ڪيو آهي پرهه جو پائي [1]
هيڪڙو ڪان بندوق مان ڪڍيائون ڪڙڪائي
پوءِ ڪُرڙَ رَنگڙَ گاج ڪري آيو علي خان اُٽائي [2]
ست بندوقون سورهيه جهليون غرض نه غازي پائي
مُنهن مُهنڊي چپ وات ڪريو تو ڏوڪين شير ڏمائي
ميهو سانهه ميدان ۾ ٻيٽو سينو ساهي
بکر خان بندوق کي ٽوبانڪو شير بچائي [3]
تنهن راوت کي رڙ وڌو گليلين گهائي
ڪنڊو پٽ ميراڻ جو عشق تنهين کي آهي
جنهن کي بکر خان پاڪرين ڪري آندو اُٽائي
ٻيلي ٻيلي کي ڪڍي جو اونهي مان اوپائي
وڪ تراڙ ڪئون اڳري تنهن جي گهٽو آهي
حڙ پوڙ حملي ويلي ڪُڙهو ڪين ڪٽائي
اڳ جيئن ڪوٽا تيغون ڪٽيون ويرين منجهه وهائي
تيئن قلعي ويرِ قادرني ڪيو مُزرو مرد ملهائي
پيڙيو زڌ بندوق جو ٽوبکراڻي بچائي [4]
تنهن گهوڙو ۽ سوار گڏي وڏا مرد مشاهدو لائي
تراڙ ڪڍيو تنهين ٽوبيلين سين پولائي:
آئين اچو اڳتي ڪريون جلهه هاڻ جنبائي
تان پيرائٽي پتنگ آيو مڇ اتي مرڪائي
آيا پوءِ جاموت جاڻ تي جابلو جنگ لائي
پائر علي خان جا. بيٽا غازي گُر ملائي [5]

---

1 پورالي ندي
2 بي پڑهشي: "گرڙ ڏانگ"
3 بکر خان جنري- پوتو جاموت ويڻل "ڏنڊي" جو
4 زد = ڏور کي باهه ڏيڻ
5 علي خان جنگ بر ٽنيو پر مشهور هو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

گونگوات گرڙا ڪريو بيلين کي ٻڌائي:
هٿيار ڪوپاڻ سين نيو مانکي اپائي
تنهن جا پائر پچي هليا ويا پڙ ڪوڻ پٽ ورائي
آيو اشرف اُسري سورهيه سر سنپائي [1]
مولعل خان لڄ پريو مرڪيو پاڻ مارائي
تڏهن پُرا. دودا. مونڊرا اُتيا همت هڪ هلائي:
مر ڏينداسين سويه تي اڄ ڏينهن ڏاڏي جو آهي
پيو دور درياءَ جو مُنهُن نه ڪو موڙائي
تن مان تيرهين چٽين تانگهه رکي توکل تن رکائي
هيڪ ٻئي کان هٽڻان کا گهٽ ڪنهن برناهي
سي ٽهرا پيا آهن نارتي گل انداز گڏائي [2]
تِهر شهه غاصي چڙهيو ڪوٽر قلعي مان ڪاهي
تنهن ناريونگمبارا نازسين ڪنيا ٽکورا ٽکائي
هيڪڙي ڪڙڪڙ قرابين جي ہي آيا سنگينو سنباهي [3]
پستول تپاچا. ريفلون آيا ڏُکارون [4] ڪائي
برسي باهه بندوق جيڪيو توفين تاءَ تپائي
تان بي لامين لرزوٽي نه ڪيو جي آيا اُتر وائي.
اول ٻُرا آٽيا سي تون سکهڙ ڪاءِ ساراهي
جان محمد. الله ڏنو آيا پولي ٻڌائي
جوان گهڙيا جنگ باب برڏنگا ڏاوڻ پائي
مڱيلڻائي مرڪي لانچيو جانو جوان جُمبائي [5]
ماءِ تنهن کي منع ڪئي پانڌ ڀڳيءَ پائي
تہ جانبدا مَروج جنگ تي وڃه تون ڀالهه ومائي

1: اشرف اگاريو
2: ٽهرا = همت وارا. زوراور نار = تيب
3: قرابين = پستول مثل
4: ڏوکارون = ديسي بندوقون
5: لانچيو = سنپريو تيار ٿيو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پر پي، اچي پنهنجي پٽ کي سورهيه جان سمجهائي
چئي: آبا امان الله کي پرتان جو اوهان جو آهي
اڳ جيئن بند۔ موک پيٽي بر برکي هئي نشاني نروائي
هي، به صابو۔ پوتو سوڙو ٿو ڪر کي ڪٽ نه لائي
پٽ نا آچي پنرو آرخ وقت آئي [1]
ڪنهن جي چاٽڪ کين سهي گهوٽ گهنڊي ٿو لائي
تنهن مامي بدران ميرائيو مرکيو پاڻ ماراڻي
ات سهرا سيجون سڀ سرها ڪيا ديسا ديئن ڏکائي
جيئن چيائين تيئن هنيائين. تنهن بر تر تفاوت نامي
اڳ اوپايو هو ماريو عيسائي جيئن آچائي
سو بانڪو پائرين وچ بر ٿو پنگڻ اڻين هولائي
تا اهجائيون آڻن بر جوانا تان نه ڇڪائي [2]
پوءِ سائڻني سُرهي ڪي عيسائي آچائي [3]
ڪڙهي ڪاتي ڪپ بر چڏي ڪتوري کولائي
تنهن جون برين بوين پيون مُڏ سيني آهي
تر ڏان اچي سائڻو ماريو پاڻ ملهائي
اڻين اوپايائي آئيو الائو ائائي
پيءَ ڪاڪي جي پير تي ٻيو پڙ پڙائي
نندي۔ پوتو نامدار ٿو نهرو ننگ وڏائي
مڙيءَ ڪارو ڏنهن موچارو گهوٽ آساتو آهي [4]
عطر ۽ عنبر جا ٻيڙا ٻروٽو ٻهڪائي
خوشبوءِ ڪتوري جو لونگي لوڀ لائي
نومل مائي مينڊري عشق تنهن کي آهي

1: ٻي روايت: آرخ وقت آرام لائي
2: ٻي روايت: اهجائيون آڻن بر جڙهن۔ الخ
3: سائينو عيسائي ٻيروڙ۔ پوڻن ٻرن ملن هو. اوپاهي کان پوءِ شاعر سائينڊني جي ٻهادري جو مثال ٿو ڏئي. اهي واري جنگ کان اڳ ٿي گذري
4: مڙي۔ ڏنهن رهه نڪل ڏاڙهي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هاڻ اُلي- پوتا اڳيئي ڪٽن جهنڊا جوان جهلائي
اڳ جيئن قلندر قلعو متديو "گهٽ" ۾ گهوروون پائي
تيئن ميان وسايائي مرکي ماريو "سجڻ" ست ڪمائي
اَحدي اڙينگ اصلي اَجهو پائرين آهي [1]
ڪڏهن پجندو ڪينکي پڙڪان پُٺ ورائي
هڪ ٻئي وائي وات ۾ ٻيو تو صورت ۾ سرسائي
مور وڙهي تي ماريو ڪٽ تان گهوٽ ڪڙائي [2]
سو گهوڙي چاڙهي. پانجي پاڙي آندو گهوٽ گهمائي
حورين هندورين لوڏيو روپ چڱا رنگ لائي
اڳ جئن سينهن سنگهر ۾ وڙهيو هو ٻراهم پيم پلائي
تيئن اسماعيل آئيو اڳتي ڪنگورائي ڪاهي
سو سيج پئي سرهوٽيو متارو مڪ راهي [3]
ميهو سانهه ميدان ۾ ٻيٽو سينو ساهي
ڪڍيو مصري وڙهه مان تو ويرين منجهه وهائي [4]
ساريو سانول خان کي سُوڏيون سيڻون لائي
سو شير شهادت رسيو غٽ حورين جي آهي
جو اهڙين پيرين آئيو تنهن تان چوان حرف چتائي
سحا قائي سوپ تي هليو جعفر جوان جنبائي
تنهن جهڙ ڪٽ جهيڙو جوپ جهجهو ڪيو هٽيو هٽ ڪمائي
ڪوئر ڪونبي ڪڙهو لال وڏو ليتائي
جمار- پوٽو جنهوري تو جنگ ۾ جس رهائي
مانيون مهمانن کي خوب خوشان ڪاراڻي
تڏو ڪٽڻ تکڙو تنهن جي عادت اي آهي [5]

---

1 ٻي روايت: اجهو راجين آهي.
2 وڙهو = ميدان
3 مڪ راهي = سخن ياڻي
4 وڙهه = ڪب
5 يعني تڏو تکڙو ڪٽي وڃي مهمانن جي آدر وڌائيندو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سي تاءِ حلُ تراڙجا ڪتن سوپ سڀائي [1]
يارين ساريو يار ڪي پاڙي زور پچائي
الهه رکيائي اڙينگ آيو ٻراد پير ڀلائي
پنيڙ-پوتو پائرين وچ ٻريندو پگهه پائي
هاڻي حلُ هڪل ڪريو ٻيلين کي ٻڌائي
مرکي هڏجو مصري پائران ڏيهه ڏاڏاڻو آهي
تڏهن زُروزهراڻي زود کي سامهون "صابو" ست ڪمائي [2]
سحاق پوتو سچ ساماڻو گريڙ ڪوڏ ملهائي
تن جي اَبي ڏاڏي اَڏ وڏائي اي ڪر اصل آهي
اوپايائي اڙينگ آيو جمن جهڙ مچائي
سڏجي-پوتو سورهيه وڙهيو ڏنڀن نه ڪي موڙائي
مگيو پائرين مهندر هليو سڀڻڪائي سرسائي
دودو ديرين وچ ٻريگڙ تو پولائي [3]
پيو پنس پتنگ گهاءِ وجي توف کي تانگهائي
سورهه سانول خان کي سيڻون تو سڏائي
گهوٽ آساتو ماريو مگيو ميندي لائي
سڀڻڪائي سوپ پي شل سکي تين سڀائي
اُٺ پهرائي ڳوڏا ڳانتر بيت ٻر خوب بنائي
جوان جمائي جهڙ مچايو آيو آڙهه لائي
اوس پي سو اُسريو گبرائي گجائي
آخذي تنهن ايوب کي چڏيو سيهي اُٺ سجهائي
اڳ جيئن بجار پائرين مهندر ٻيڙو پئڙ لائي
سوويرين واڳهه وڃائيو چوڪ چتائي
ٿو پاڪ لڳي. اڳرين پڳي. ڳات ڪنيو ڳالهائي

---

[1] سل - حرص وارو
[2] صابو زهراڻي هڪ پيروڏ ٻوٽو
[3] دودو ڏات جو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڏڙي ميراثي ڪينڪي هٿيوهٽ ڪمائي
لائق لونگائي تي وڙهيو رڻ رندائي
فريوفوجين وچ هٿيوهٽ ڪمائي
تنهن رحيمني ڪي رڪ جي ڏني چرمرات ڇڏائي
تہ هيءَ تون هٿيڪي ڪج سونجي الله۔ توهار آهي
سولونگائي لانچي هليو ڪوٽر ڪلهي منجهہ پائي
پوءِ گاج گرڙجيئن گهيرو ڪيوتي ناڏوءَ ننگ ڏهڪائي [1]
جنگ ۾ جاڙيجن جا تو ٻيڙ بيت ٻڌائي
تنهن محمد مرد ملهايو پاڙو پولائي
اهي اُٽيا اڙينگ آڏنائا وڙهن وک وڌائي [2]
اهڙي لهر لشکر لامين جي پڇايو شهہ۔ غاصي آهي
سوڪولي خبرون خان خداداد کي ٻيهيو ٻڌائي
هائي مولي ميرخان آڻي والي رب ورائي
سوپ ڪٽي سو گهر آيو سنگت ساڻ ستائي
نڱارا ءِ نوبتون ٽوپيلي منجهہ پُرائي
اهو سورهيہ سڏائين سوپ سين جيڏي هاڪ هلائي
چمن صفائي چوڏار ٽوهتيون مرد منڀائي
مهمان خانا. سپيئي سمانا. ٽو ڪاڇ خوشان ڪارائي
گولا ٻانها. اونہ آمانا. ٽو تازيين تنگ چڪائي
علم عقل ايمان جي تنهن ڏي واحدوٽ وڌائي
پاڇا تنهن کي پٽ ڏئين تون والي بخت ورائي
آءٌ پنهنجي مگهار ميراثي آيو چگو بيت بنائي
تنهن کي داتا ڏهروان ڏئين سچو سينو سنپائي
مڃان محمد مصطفيٰ جو آهيہ اُمت آهي
جني مڃيو محمد کي تني لک لنگهائي

---

[1] ناڏو موٽندو

"تـــم" شـــاعر تصـــو جوڙيـــو چگـــو بيـــت بنـــائي
آءٌ پـــاڻ عاصـــي آهيـــان شـــل مـــون تـــان مهـــر مَ لاهـــي
ڪلمـــون پـــاڪ جڳـــائي موچـــاري محمّـــد تـــي-
لاإلـــــــــــــــــــه الاالله محمّدرســـــــــــــــــول الله

[ب] تيرهن مؤسن جو توب تي حملو: ميندن لنگهي جا بيت[1]

1. جـــڏهن هئـــو جيئـــرو جـــان محمـــد جـــوانَ[2]
پـــاڙي- ســـر هـــو پـــائڻي. ســـوريءَ ســـرت ســـچاڻ
آهگـــرين جـــي اڳ ۾ ئيـــو پانـــڏَوَ پهلـــوانَ[3]
جـــوهيـــو تـــنهن جـــي جـــوءِ جـــو وَڙي ڪـــنهن نـــو ٽـــاڻ[4]
چيڙ چنڊينـــدي هـــٿ ســـين. ڪيـــائين قلعـــو ڪيهر ســـاڻ[5]
وڃـــي ٽيـــو مقابـــل حـــزار ســـين. اهـــور ڪـــي اهجـــاڻ
ٽـــوپرس مارائي پـــاڻ. تـــ ڪڏهين نهويـــرين پنهنجون نـــ ڏيـــا[6]

2 مـــامي بـــدران مـــور آڻـــائي هليـــو "مڱيلـــڏائي" حـــلَ
ڪڙهـــو ڪيهـــر مـــامهون. پـــوءِ نـــ ترسَـــڙِ پـــل[7]
مـــاءِ پـــيءِ تـــرڪن مـــور لاءِ. تـــا اوتـــين جـــام اڪيـــن مـــان جـــل
بـــانڪي پنهنجـــو بـــلَ. وڃـــي ملڪـــن ۾ مشـــهور ڪيـــو.

3 ملڪـــن ۾ مشـــهور ڪيـــو نهـــرو ئيـــو نـــروار
بـــولائي بيلـــيءَ ســـين. ڪيـــائين اڻـــين قـــرار
جيـــئن چيـــائين. تيـــئن هنيـــائين. پـــورو آهـــي پتـــوار
تـــنهن مـــامي جـــو مٿـــي تـــي بيحـــد ڪتيـــو بـــار

---

1 راوي بجو پٽ سوارو ٽنگهو
2 جان محمد هرو وٽڙ جو
3 آگرين - اڳ ۾ هلڻ وارا
4 سندس پاسي ويل مال ڪنهن هكوڙ موتي
5 اصل. چيڙ چنڊينڊي
6 نهويرين - ميڻهون
7 ترسڙ - ترسي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڏُڙي وارو مٿين موچارو آهدي آجهي۔ دار[1]
"جانو" جيڏين ڏينڌ ۾ هليو سورهيه ڪري سينگار
جيڪو ڪيو قابل قول قرار سو پاڻ وَپاريو پاڻهنجو.

4. ٻيو ٽنهن سين "اوباهياڻي" اڙينگ هليو سورهيه سچلو سيٺهن
اهو مڙهه ميراڻي ڪينڪي. جتي رڪ جي وڻ جهڙ راتو ڏينهن[2]
واڳ وڳيرو ويرين وڙهيو. پائي ٽيهر ٽيٺهن
ڳڙهي ويلي ڪيئن. وڙهيو پيءُ ڪاڪي کان پاڻهنجي.

5. وڙهيو پيءُ ڪاڪي کان پاڻهنجي. ننڍي۔ پوٽو نر
آهدي الله ڏنو آئيو سوري سرس سهر
....

6. وڙهيو ويرين سامهون سالڪ مٽ سجاڻ
پن بندوقين پير وڌا. ٽڏهن ڪان ڪڍيئين ٽي ڪاڻ
جڏهن هونِ پاڻ ۾ پڇه پريان ٽڏهن پيا وڄي تانگهي تيرهن توف تي.

7. پيا تانگهي تيرهن توف تي. جت هئي ڳڻي ڳانڍ ڳري[3]
"اوباهياڻي الله ڏني" جي. پوري پٽ ڪري
ازل جن جوُت پڇڻ سي ڪيئن اچن ويرو ري
ٽي خاشي ڳالهه ڪري. پڙهه "پيروڏن" جي[4]

8. پڙهه "پيروڏن" جي آهي مرسي سوائي
اڙينگ "الله ڏني" جهڙا. ڪامر پٽ جڏي مائي
ٽونگر تڪ تئين ۾ تنهن وڳي وک وڌائي[5]
سو سورهيه سخي ڏوڙو آهي. "ميٺهن" چئي مداحي
هئو توڙان طماعي. ٽونگر ميڙ ترار جو.

---

1 سوڙي وارو - لاسڙات
2 مڙهه - مڙهه ميراثي - هميشه ڪان ايبي ڏاڏي ڪان
3 ڳڻي - گوڙ ڳانڍ - وڏو آواز
4 پيروڏن - پيروڏ پوٽن پرن
5 وڳي - غصي ۾ ڪاوڙيو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

9. تونگر ميرتر ارجا. آهي کا گهٽ آهي کان
گڙهي "کانٽي" ڪپ تي "ساڻيني" ڪياتي شان [1]
ڪيڙ سينهن قلات ۾ ڪيا "اوياهي" اڳوان [2]
تن جي آبي ناڏي آڏوڪاڻي. آهين اصل اهڙا جوان
ڪرهي ويلي کان ٻڙا اڪثر ڏين ڪي کانڪا.
10. تيوتين سين "سنگهر" مان سينهن سنيوڙو سحافاڻي سير [3]
سلي ساپرسين جي مان پوئتي نه پائي پير
رڪڻ ڪهڻ ٻڌي گهٽ ۾، وڃهي جنين سين ويڙ [4]
جعفر جيڏين مهند تيو مانجهي مرد مٽير
جڏهن هوندا هه دل دليرا. تڏهن جوٽ "جانوءَ" گڏ ماريو.
11. جوٽ "جانوءَ" گڏ ماريو نرمل نالارو
"صاحب سحافاڻي" جو ڪيو پٽ پريو پيارو
تنهن سورهيه جو سنگهر جو هوڏيو اوتارو
سو وڃايو ويرين کي واگهه نه ڏني وارو
ٻڌڻ شير بيلي ۾ نر ڪيو نارو
ڏارين جان ڏارو تان ڙيو ڙيو وڃيو ٽڪ پوي [5]
12. ڙيو ڙيو وڃيو ٽڪ پوي تہ به دولهين وڏو ڏيان
الله تن جي اولاد جو شرف رکيئي شان
"ميڻهن" چوي مروت ڪندو تن تي احمد چامر امام
ڪهيو مون ڪلام سو وڃي اگهيو در الله جي

---

[1] ڪانٽي اٽل شهر لڳ ٽنڊو ساڻيني يعني ساڻينڊني ٻري جنهن جي بهادري جو شاعر مثال ٿو ڏئي. ساڻينڊتو ٻرو ڪانٽي جي ڪپ تي شاهپور ڪن سان مقابلو ڪندي ماريجي ويو هو (آسو مشي ص-۸)

[2] اوياهيو عيسائي ٻيرو ٻوتو ٻرو جو اڳ قلات ۾ بهادري سان وڙهندي ماريو ويو هو.

[3] سحافاڻي پاڙو ٻرن جو

[4] رکڻ - رکي

[5] ٽڪ پوڻ - سوڍ سولو نه ٽيڻ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

[ج] تيرهن مڙسن جو توف تي حملو: شاعر نامعلوم

پگهن مان پيروڪري اچي احدين ۾ گاليه آڇائي [1]
پيرونن جي پڙهڻي سرسي سوائي
"جانو" "جعفر" جنگ ۾ تي "اسماعيل" تيڪ اُنائي [2]
"دادو" پنهنجي ڏنگ تي ٽي پيڙهي پڏرائي [3]
"مگيي" پنهنجي موج سان ٽي گنڊي ڪمائي [4]
"بنيڻ- پوتو" پيڙوٽيو اچي "براد" سوپ پائي [5]
"اوباهيائي" آڏتي "جُمن" ڪي جائي [6]
"صابو" سندي ست جي ٽاڪن ۾ گاليه ڳريائي
ميڻهن- وسائي ملهايوٽي "سجڻ" سامائي [7]
پٽ جڏيندي پاڻ لاءِ ٻيا. مس اهڙا موراکا مائي
مري ملهائي. تن ٽي مارڻي "ميرخان" کي

10. سارُوٽي ۾ جُتن ۽ جامونڙن جو جڏيڙو

صاحب خان پوتائيءَ جي وقت ۾ "مصري" نالي هڪ هندو هٿار پوتائين جو واڻيو سندن پاڙي ۾ ڪهوڙپ ڪندو هو ۽ رهندو به اُتي هو. سنڌ ۾ "واڻيو نيائيءَ جي آچار" ڪري ليکبو هو. هڪ دفعي اهو واڻيو ڪهوڙپ ڪندي لس ٻيلي طرف "ڪُڙا جامونڙن" جي ڳوٺ وڃي نڪتو. اُن زماني ۾ جُتا لس ۾ لوڙهيون هٿندا هٿا ۽ جُتن جي جيڙ مشهور هوندي هئي. انهن لاسي جام جي پائرن کي ڪيترائي دفعا ڦُريو هو. تنهن ڪري

---

1 پگهن مان - يعني پهرياتين جيڪي پگها تن منجهان هن بيت ۾ جاڻايل مڙسن موڪي وري اچي توب تي حملو ڪيو
2 جانوءِ جعفر پرا
3 دادو موندرو
4 مگيو ذات جو ڏوڏي ڪنڊي - تراڙ
5 براد کي تڪ لڳل هو پر اهو به اچي پيڙوٽيو
6 آڏتو - زوراور آرڙي دادلو
7 سجڻ پٽ ميڻهن وساڻي جو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

لاسين به وجهه ولي. اُهو زنگ دل ۾ رکي پوتائين جو واڌيوات ويندي ڦريو. واڻئي اچي پنهنجي حاڪم "صاحب خان" کي ڏانهن ڏنئي. جنهن تي ڇُٽڻ جي چيڙ وڃي جاموٽن جي سڃي ڳوٺ جو مال زوري لُٽي ڦري آئي.

انهيءَ ڏرلٽ جي ويڑ وٺڻ لاءِ هڪ ڏينهن جاموٽن جا پنجاهه کن مڙس چڙهائي ڪري اچي "چاپار جبل" ۾ ڇڄ ڪري ويهي رهيا. "جعفر" نالي هڪ ڇُٽي جون اُنيون. جي هڪ ڏانهي چاريندي هئي. سي ڏانهيءَ جي سمهي رهڻ ڪري اُڪري وڃي چاپار جبل سان لڳيون. جن کي جاموٽن جا ماڻهو ڪاهي هليا ويا. ننڊ مان جاڳڻ بعد جڏهن ڏانهي اُنيون نه ڏٺيون ۽ ڪيس ڳولڻ به نه ملیون. تڏهن اچي اُنين جي مالڪ جعفر کي چاڻ ڏنائين. انهيءَ تي جعفر. ليمون. پوپٽ. دينو. براد ۽ مؤڇو انهيءَ وقت ئي اُنيون نهارڻ نڪتا. وات تي جعفر براد کي چيو ته "ماسنگ هڻ!" براد ماسنگ هڻي چيو ته: "رت ۾ هڏا پيا آهيون." تنهن تي جعفر دينوءَ کي واپس ڳوٺ موڪلي ڇڏيو. باقي پاڻ ۾ پنج جوان اُنيون ڳولينديءَ ڳولينديءَ اچي جاموٽن جي لشکر جي سامهون ٿيا. هڪ طرف جاموٽن جا پنجاهه مڙس ته ٻئي پاسي هي پنج جوڌا. جيڙي ۾ هنن جوانن گهٽيئي جوش ڏيکاريا پر جاموٽن جي پنجاهه ماڻهن سان مقابلو نه ڪري سگهيا ۽ پنج ئي جوان اُن جيڙيءَ ۾ وڙهندي مارجي ويا. سنگر لنگهي انهيءَ جيڙيءَ جي پنهنجن هيلين ٻيٽن ۾ ڳايو.

جاموٽ پنهنجي ويڑ تي. ٿا وڙهن واجهه لهي
"جعفي" لشکر ميڙيو. چتائي چئي
"چڱير چتائي" سان ايندي پُرسن ڳالهه ڦهي
مڙي ويڑي سڄ ٿيا. هليا گنڊ گهي
تن "خب ساروئي" لانچيو پانيائون نه ڏئي
ڪري ڇڏ 'پاچار' ۾. ويٺا ونئي پاريئي

ڏاڳها جعفر جوان جا. آيا جُوءِ ۾ جت وڃائي
صبح جو سونچو ڪريو ٿو جعفر لاکيئو لانچائي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

آيا پرس پيري تي. اُتي رند رمائي
واڳهه اوچتي وڙ ۾ گهوت پيا گهاگهائي
ڏُتاري "دينوءَ" کي ٿو "جعفر" چئي لنگهائي:
"وڃي پورهيو ڪج پٽن سين. منهنجو مال ساڌيج سڏائي
"دينو" ڪري ٿو ڪينو پرس پنجاهه سان پائي
فقير لوريه وڏو ڪيري لِڃي سان ليٽائي

جعفر جهڙا جوهري هر چٽي مائي
ڪُڙهي ڪُر اُجاريو. سورهيه ساماڻي
"سرلو پٽ سالار" جو ڏوئو ازبر آڻائي
تنهن سين ٽيا سيڃاڻا سنگتي پڙ پلا پائي
گهوٽ اوچتي گهير ۾ اچي پيا ايرنگ اِلائي[1]
ڪُٽيءَ پيسي ڪِلايا. آرخ سر آئي
جعفر جواڻ جوڻن سين ات ڀالهه ڀالهائي
"وڙهي مرينجو وِڪٽان. ڪريو ڏُڃ موڙائي"
"واڳهن" اها واڻي. ماڻڪ ٿي من مرڻ جي.

ماڻڪ ٿي من مرڻ جي هٿي واڻي "واڳهن" وٽ
سي چلي آيا چوڦان ۾. جتي هٿي سِرن ڏٺ
گهڙيا پنج پنجاهه ۾. رکي گهنڊي گهٽ
مانجهين ڀڳڙي مٽ. بوتا اڳهايا بار سين.

جعفر ويلي جنگ جي. ٽيو وهه واڌا واڳهه وريام
ڏٺهائي تن موت جو. هو آنگيرَن آنجام
گهوٽن گهيري گهٽ ڪيو. جٽن دامي وڃي دام
وڃين واڳهه وکوڙيا. جن ڪيو ڪوڙ ڪُڪين قتلام
نيڪهن پنهنجو نام. هٿي ڪني سان ڪڙو ڪيو.

---

[1] الائي - الاهي - اوچتو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڪٽيو جَئُ جهان ۾ "جعفر" جس واري
سُخن "صاحب خان" سان پنهنجو ويو پاري
جائج "جاموٽن" ڪي. اڃان به ڏِڪ هٿا ڏاري
آيڏ آچي پيا اوچتا. ڳرهه ڪيڏاري
تن ڪي ويري واڪيه وراثي ويا چؤمک چوڏاري
سورهيه پنهنجا سنگتي ٿو چيو چيتاري
"ٽڪرڻ اوهان جو نه ٿيو هاڻ پَسجي جِن پاري
ائين ماريجو مصريون. جئن سُڃن ستاري"
تڏ ڪياٿون بَجُ ٻُڌيءَ جو جُوانن جنگ واري
"ڪٽڻ". جوان "جعفر" ڪي. ٿو تِک منجهه ٽواري
سڏ ڪريو "طوطا" تنهن ڪي ٿو هولي هڏائي
ت:"هوبي هوڏانهن هلي هيسي آيا. جن جا تون ڏهڏ وئين ماري
سوداگر سِرَن جا آيا. ائين چئي چيتاري"

تڏهن "جعفر" جواڻ جواب ڪيو. اڳيان عهدي اختياري:
ته ڳاڙهيون اُنيون ڳوٺ جون. تو آنديون رهبر رمائي
تن جا ڏئي سپ ساچا ٿيا. آيا ائين ويري ورائي
هي به هڪ بن ڪون ٽٽائي. وار نه ڏين واري
اوهين پلي ڪري آيا. هُو ٿو ڪِليو ڪينڪاري
سِينهي سڏ شينهن تي. ڪيو اڇي آپاري
نه هٿي ڪڪي ڪيهر ڳمر تي. جو هٿي هٽ ٽاري
ڏِڪ ديواني دست ڪيو. ٿو نَهرو حت نهاري
سورهيه پَليتو ساڃو ڪيو. "جعفر" جاڳاري
ورايو "وسند" تي اول سيهو سوياري
حت پنهنجو ماريو "جعفر" جُهوڙاري
"سعدي" آيو سامهون ويو پير پتاري
"جعفر" تنهن کي جنگ ۾. ٿو مرد مُٺکو لاڻي
سينا ڪر سنياڻيو عهدي آڙا آنڪائي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مٽ پنهنجو مٿي ڪياڻين مُوني ٿر موتائي
جان ڪيهر ڪمر تي هٽي. تڪون ڪتارو آهي
راوت رنجڪ خوب ڪڙيون ڪري هنيون ہ تي ہولائي
سي قهران ڪيون. آيون هڪيون. جعفر تي جهُڙلائي
"راوت" پياڙو رڪ جو. تنهن ڪڍيو گهٽي گهنڌاري
ڏوها ڏڳ ڏوڪين کي. ٿو "پوپٽ" پياري
ور ڏيو واسينگ نانگ ٿو مغربيون ماري
ڳوڙ چڏيا ڳاري. ڏاڍي ٿو تيڳين جي

ڏاڍو ٿو تيڳين جو. اڄ آحدين تان آيو
"جعفر" جُنگ جوڻن سين. نيئي آڙو آٽڪايو
نيري ناتارين کوڙيون. پُرس پڳهه پايو
راوت پياڙو رڪ جو. تنهن ڪڙو ڪڍايو
ڪشي تنهن قاتل مان. سيڪو سوايو
هٿ "جُماٽي" جنگ ہ. تنهن ڳهوٽ نہ ڳهڻايو
ڳهريو "ٽوراٽي" تار ہ. پوپٽ پنجايو
تنهن مانجهيءَ جي منهن تان ڪو اڳيري آيو
سٽي شڪلين سان هٽي ڪوپي ڪيرايو
هٿ جو "حاجيءَ" کي هو سيڻن جو سعيو
ڪنوڙ ڪهاڙي. تونگر تران هٿ ہولايو
"ليمون" لڪ نہ لُڏيو. تنهن جوان جهُڙ لايو
"سؤجهو". "پارو" مٽ ٽيا. جن ڏوڙين ڏِڪايو
"پاري" ڪُٽي مصريه تنهن کي چؤرنگ چڪايو
"سؤجهو" هٿي جهلي هن مان. اُڪري احدي آيو
هٿي هٿڏايو. ڪنڪ ڪوريجن جو

"پوپٽ" جهڙا پاٽي. ٻيا ہ ڪِٽ هوندا کي ڪي
تن مانجهين جي منهن تان آيا جنگ ويلي جيڪي
مُڏ خبر سي کي. ڏيندا جوڻن جي جُلهه جي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

حواڻن جي جُلهه جي تا ڪن ڀالهه ڀري
جائج جاموٽن کي هوندي خبر هيءَ ڪري
تہ ڳهڙيا ٿي پنج پنجاهه ۾ تونگر ٽِڪ ٿري
ڳهڙيو ڳهوٽ ڳهٽن ۾ پچاڙي پُري
ڏيهه "جماڻي" دست ڪي ويلي چاهه چري
هٿي جهلي هن مان احدي ويو اُڪري
تڏهن "سالاراڻي" سينهن لاءِ ٿو پچي "واگهه" وري
تہ: آهي "جعفر" جيڙو ڪِ ويو صور مري
سِسي سوياري سينهن جي هڪي ڏڙ کان ڌار ڏري
ڪاوڙجي ڪنڪ ۾ پيو ٿي پيهر واگهه وري
تيغن جي ٽپ تاوَ سين. ويا ڳوڙ ڀري
متارن مري هڏا سڀرا "ساروئي" کي.

جعفر جي پلاند ونڊ ڏاڻ چُٽن جي جاموٽن تي پي ڪاهه
ساراهيان سچو ڏٺي. ڪر سندا ڪلتار
مجان محمّد ڪارڻي اُمت جنهن آڌار
نوري يار نبيءَ جا مصلحتي مهنڊيار
ابوبڪر. عثمان. علي . عمر يار
جنگيون. جهيڑا. جهيڙا. آهن الاهي. آچار
اها اُتيئي تي. آئي هيءَ جي وار
ويڑ وسارين ڪينڪي "جعفر" جو جونجهار
چموري جائي ڏنو ڏاهي ويماسي وينجهار
"جعفر" "پوپٽ" "جوهري" وڃن تا ڳهڙي منجهه گهنڊار
ڳهڙي "ڳبولن" جا وڃي صحيح ڪيائون سردار
مهنڊان تن کي "ماندڻ" ڏنو آڌر آجهي۔ دار
ڳل پنهنجي ڳهٽ جي پٽ تون پيڏ وار
وڙهون "جعفر" جي ويرتي تون ڪرمون سين همراهي هيڪار

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

داناءَ تنهن کي ڊِلاسِيو. هروچ ٻُجهڻهار
ڏنو لشکر لائقيءَ تنهن مصلحتي مهنديار
ڳڇي گبول گڏ ٿيا. بانڪا ساڻ "بجار"
ڇهين ڏينهن جو چيٽو ڏيئي. آيو وري تيڏيءَ وار
ڳوڏَ ڳُجهائي ڪوٽيا. ٻاڙ بي ميار
وڙهون "جعفر" جي ويڑ تي. ويريءَ ڏني وار
سالاڻيءَ سچيءَ ڏاڙهيءَ "جمعي" کي جُنبکار
"اورٿماٽين" آڏن لانچيو. کوني منجهان خار
آيا "الهرکيي" سان "تورائي" تنهن وار
مرکي هليا مارکا. ڪني خبردار[1]
"ڇُٽا. گبول" گڏ ٿي هليا بارڻ مان ٻيار
آيا مردموکيءَ تي. سموئيءَ سنگهار[2]
گبر دُعا گهوٽن کي ڪي باريچي بسيار
سدا ڏامي ديڳ جا. ڪلامتي ڪانتار
چونڊي چاري ڪڍيا. وڻوءَ تيڏيءَ وار
هليا وڳهه "وريائي" سان خاشا کيسي يار
"مراد" "راڏو" مرکي هليا. کوسا خبردار
ڳوڏن ڳڙهه تان وڃي ڪيو ويلو وندر پار
وڃي سي "واناڻيءَ" تان مٿي ٽيا مهنديار
پسي ڪنوڙ ڪچي ٻ. آيا واسوءَ تيڏي وار
ايندي تن اُچاريو. ڪتڪ ڪارونيار
هو ٻ "علي علي" ڪري اُٽيا. ڪري الله توهار
وڃي هي ويرين جي. ڪڙڪيا منجهه ڪپار
هڪل. هل. هيبت ڪي. ڏاڍي ساڻ ڏُکار
تہ ٻ هڏيءَ ڏٽي نہ ٽڙيا. مهندان ڪڙياج ڪانتار
ڪونهي عذر اُن تي. جن تي ڪن آويرون عار

---

[1] اصل: "مرکي هليا مارچا"
[2] موکي - ڏيهه جو نالو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ويندين مهند متيءَ ۾ ڪيائون ڏوکي ڏمر ڌار
"راوت" ٻلو" رڻ ڏرڀا. احدي آجهي- دار
ڪُٽيون "طالب" تنهن کي تراريون تنهن وار
"ٻلي" تنهن کي بچايو. تيغ ڪڍي تنهن وار
مُرکي جهليون منهن ۾ "راوت خان" راندير
"گجي گبول" ڪُتي تنهن کي مصري مٽيادار
گهٽين گهوٽ ورايو جنهن تي ڪيا آوازِ عار
مرکي "حاڪي" ماريو. سي هُئي هُئي "ٻلي" هار
تهڙيون تو تيئون هٿي. تهڙا ڪري ٽوار
"پويت" پڙتو منڊيو "متائيءَ" متار
ٻپ ڏيو توڙا لايا تي. ويرين کي وينجهار
شيرڪ شهيديءَ جي. سپ چڙهيا سينسار
آيا گهوٽ گهٽن تي. ويريءَ لهي وار
"ناراڻي" ٽڪايو. ڪَرڪ خبردار
"چاڪر" چلي آيو. هلي تؤ پسي تنهن وار
گهوٽ گلبلي گهايو. جنهن تي ناهي ميار
"ڪَنڀو" خاناڻيون ڪيون. جنهن جا ويرين ۾ واپار
پڳين منجهان پري آيو. ڏوکي ڏسٽهار
پنڌ پرس پڇنديا. ڪوڻسي منجهان خار
ماندڻ موڙي جهليو جنهين سين جوهار
لاکيڻو ليتايو هٿي. "جمعو" سان جُزار
گهٽين گهوٽ چڙايو. جنهن تي ڪيا تراورين تار
ڪُلها. هانهون. ڪنڊ. ڪرايون. ڏڙ ڪان تونادار
مانهن ماري چڏيو. پر ڏينهن هٽ ڏاتار
رکي رب بچايو. تنهن کي ڏيئي ساهه ستار
هُئي "ڪَرڪ" هٽ ۾ بندوقين بسيار
ٻهڏر جهلي باز ۾ "وحد ڏني" تنهن وار
هليا پڙ بارڻ تي. ڪوڻسي منجهان خار

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

"بادِخ" تنهن کي بچيا. مٺڪا ماڻاڌار
شمهان سيني ۾ جهليا تي. "هيڏائيءَ" ٻڏار
"بارڻ". "بادخ" پاکرين. آيا احدي آجهي- دار
وڃي گوٽ گهٽا ٻيا. مونيٰ ۾ هٿار
ٻيڪڻ ٿر ٻيليءَ کي. بارڻ ڪئي ٻچڪار
هاڻي هڻ هٿ ۾ جهلي. وڏي آءِ ويريءَ پار
مونيٰ "مغربيءَ" سين. ڪيو "ڪوراڻي" ڪانڌار
"بادخ" مار ۾ري آيا. ٻيڪڻ ٻيلين پار
"واڳن واڳهه" وٽاڻ تي. گاجون ڏين گهنڌار
"خسخ" ڪيون هڪلون. تنهن جا گواهي يار
گوڪيون گامَ ڏٽيءَ جون. نه آهن ڏٽيءَ ڪان ڌار
ڻ گڏئي رت جهپاتِئي. پوءِ نجو ٻڌهار
گريون گام ڏٽيءَ تي. ڏُڻ ڪن هيار
اورانگهي اسان کي. پوءِ وڃن لوڙهيون لکين پار
ڪُتي لَٽ ڪيڙيءَ ۾ گبر جي گهاندار
گبر تنهن کي گهائي وڏو. ٻاريجي بسيار
مٽ پٽينجو ماريو. گبر گهوٽ گهنڌار
"روڊٽائي" راهه جا. پيا تيغ ٽوار
پويان پيرين آڏيا. سي ڪنڌا باغ بهار
مرکي "جاموٽ" ماريا. "ڳوڙا" ڳوٽ ڳنوار
مرندي ويرِ مصلحت کي "ڏريائيءَ" ڊِلڪار
مڏي لنگهائي مونيٰ آيو. مرکي مرڻ- هار
سينهن "سوجاڻي". ڏٽي ٽيو ساڻي. تونگر تيڏي وار
سيئي لڳي سامهون ٽيو. وڏيو ويرين پار
اول سينهن "صفر" کي لائي. مغربي مهنديار
"صفر" سرلي ئي نه چڙهيو. ٽيو مٽ متار
جُواڻ "جمعي" کي "ڊِڪَ" ڏکايو. ويندي تيڏي وار
هٽي ڦُند ڪيرايو. دريائيءَ دلدار

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

رکيو وهندي جي وات مان "جُمعي" کي جبار
ٽگي ٽيڪ پچنڊيه درمائيءَ دلدار
ٽرکي "حريءَ" جهلي. بندوق بسپار
ٽرکي "شاهڙ" موٽيو ڳوڙ ڳرائين هار
وڏائين ٻڪ "پروچ" کي. ڪوٽسي منجهان خار
"سالاراڻيءَ" سيف سين. ڪيو ڪورا ڪنڌڻهار
وڏي هيٺ وِتايا تي. سُرها سِرکن تار
ڏني در ڏاتار هڻي. پيڙي ساڻ پتار
نيائيءَ جي ناموس جي. پئي پٽڻ منجهه پچار
ماري حت ڪيو پاءِ جو. "جمعي" کي به جبار
ويڙ "جعفر" جو "واگهه" وٽي ويا. ڪٽي سوپ سنگهار
رکن ڳِلا گل تي. سنها جي سردار
هڻو ٽنگ نومڙئي جو. تنهن جو سرت نه ڪيائيءَ سنگهار
پسن لڇ ڪين پاڙي جي. ڳگيرا گينوار
"متاري ميرخان" جا. آهن پاڙ بي ميار
"متاري ميرخان" تي. آهي راضي رب جبار
پڌري آهي پاتاريءَ ۾ هاتيءَ جي هُونگار
ٻيلي سائين! پير پلائين! تيائين ڪچ قندار
هاڪ توئي جي هيڪڙيه نيان اور پرار
نارِ نڌارا. پيڪن پيرين ڏُهلين جي ڏڪار
سڙ سپاهي. ڳولا گاهي. خاشا خدمتگار
"آغا عالي جام" کي. ڏني سگهه ستار
ڪريان سڏ "سنگر" چويه رازق رب جبار
ڳُهران گهوڙي گهُرٽي توکان تيز تکي تِلڪار
ٻي ٻِهراڻي پٽ جي. ڏاڻ مڱان ڏاتار!
اسان چيو ايترو. اڳيان سالڪ لهندءِ سا
پڙهه ڪلمي جي قطار ڇُٽين شل اِيمان سين
لاإلـــــهَ إلاّالله مـــحـــمـــد رســـول الله

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باب اٺون

ڪبير شاهه ۽ شيخ ابراهيم جي ملاقات ۽ مقابلو

ڪبير شاهه ۽ شيخ ابراهيم جي پهرين ملاقات ۽ شاعراڻ مقابلو

لس بيلي جي سگهڙن جي رس رهاڻ جو منڊ آهن ۽ عام خاص جي زبان جو ورد وظيفو. بيلي جي شاعريءَ جي عام شروعات جڙ هنن ملوڪن جي ملاقات سان ٿي. هنن ٻن جبلن جي ٽڪر بيلي ۾ شاعراڻ شوق جا شعلا اٽاريا: ڳويا هي سنڊ ۽ بيلي جي ٻه- درياهي اڇي ملي هئي. جنهن پلٽ ڪري ملڪان ملڪ شعر و شاعريءَ جون موڪون لائي ڇڏيون.

سنڊ جي روايت موجب، سگهڙ حاميد خان رند خبر ڪئي ته ڪبير شاهه لس بيلي جي شاعر شيخ ابراهيم جي هاڪ ٻڌي هتان سنڊ مان سندس مارڪي ۽ مقابلي لاءِ سنيري نڪتو. هو هتان گهوڙي پلاڻي چڙهيو ۽ آخرڪار پڇائي وڃي لس ۾ شيخن جي ڳوٺ جي نزديڪ پهتو. اتفاق سان اتي پهريائين ٻاهران جهنگ ۾ شيخ ابراهيم کيس منهن ۾ ملي ويو. ڪبير شاهه سلام ورايو. شيخ ابراهيم سلام جو جواب ڏنو. کيس ڪينڪاريائين ۽ خبرون پڇيائين. سيد چيو ته سنڊ جو ويٺل آهيان ۽ شيخ ابراهيم جي مارڪي لاءِ نڪتو آهيان. شيخ خبرون ڏنيون ته اڄ شيخ آهيان. شيخ ابراهيم جي اوطاق هوءَ آهي جتي توکي هو ملندو. ڪبير شاهه وڃي اوطاق تي لٽو ۽ شيخ ابراهيم بابت ڪارسولو ڪري ڪپڙا پائي اڇي اوطاق تي ڪبير شاهه کي ڪڍيو. سيد ڪڍڻ سان شيخ کي سڃاتو ۽ بيت ڏنائين ته[1]:

---

[1] حاميد خان (ع) ٻ شيخ سائينناد (س) واريون هن بيت جون روايتون اٺورين هيون جن کي آخوند عبدالرحيم "وفا" جي آڳاتي نسخن مڪمل روايت ڏيهي مڪمل ڪيو ويو.

جيئي سنڊ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

بعضي بازارين ۾، بعضي اُن جا ٿر منجهه ٽاٽا ٽاڪ
بعضي محل هندورا ماڙيون، بعضي ڪاڻ اڏين اوطاق
بعضي مڙهيين ڏوڏا ڏوڙجا، بعضي پٽ پاڪيزا پاڪ
بعضي ميرا ٿرُ مٽي سين، بعضي هوندا سي هٿناڪ
بعضي بک ڏک بيراڳن کي، بعضي کيڃ ڪنڊون خوراڪ
بعضي دنيا دولت ڏن سين، بعضي ماسي لئي مشتاق
بعضي پُرن پياداپٽ تي، بعضي آڻيندا عيراق
بعضي مرڪن بينا ميڻهن ۾، بعضي مارينڊن هي ءِ ماڪ
بعضي وڻسن ويس هنڊن جي، بعضي ديني ساڻ دماڪ
بعضي ٻيڙ بيراڳن بر ۾، بعضي ويڙهه نه ٽيندُن واڪ
بعضي ڪلندا خوب خوشي ءِ مان، بعضي رُوندا رت فراق
بعضي شوق رکن شاديءِ جو، بعضي غم گڏيا غمناڪ
بعضي هُونِ سناسي سنڌا، بعضي آديسن اولاڪ
بعضي جايون سنڊن جر ۾، بعضي ڪاڻ منجهه ترڪ
بعضي جوڳين جُهڊ زمين تي، بعضي عرش ۽ افلاڪ
بعضي من مارينڊن موت سو، بعضي جال جيڃ هوهاڪ
"الف" آڏوتن کي ان "ميڙ" گڏيو ميثاق
تن ڪابولين ڪبير شاهه چوي، تا روز چڪن چت چاڪ
ان سان رام رفاق، هيڻن سانيڙي نينن ۾ ڪي[1]

اتي شيخ ابراهيم جواب ڏنو تہ:

يا وت مليو مشڪ ملين، يا وت اوتن چتن چائيون
يا وت اوتن زين ادب سين، يا وت لڪ لڳن لائين
يا وت تريا پڳيا طعام ڪيو، يا وت تن کي تيا ڏين
يا وت شاڪر پوٽن شهر ۾، يا وت هٽ هٽ هونگارين
يا وت رام ڪرين رب کي روين، يا وت جهنگن جهونگارين[2]

---

1 س ح "ان سين رحم رفاق ڪر ڪيوت ڪبير شاهه چئي"
2 س "جهنگن جهينگارين"

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

بابو ير. براهم چئي. ات بہ ڪليو ڪينڪارين
جي ماريو من مارين. اُن کي پنڊ جوئي نہ ٿئي.

اتي ڪبير شاھ چيوتہ:

ياوت ٻڙ بازارن ۾، ياوت ميرن تي ثابوت
ياوت انگ اچائي اجرا. ياوت پرياڻ ٻيوت
ياوت لينگ نہ هوندنِ اڳڙي، ياوت مولهياءِ ماهوت
ياوت ڪڙهڻ ڪوڪڻ ڪاپڙين. ياوت صبر ٻاڻ سڳوت
تن تابولين. ڪبير شاھ چوي، ڪامڻي پيتي مضبوط
سي آسڻ تي آڏوت. پنهنجي ناٿ نوازيا نجهري.

انهيءَ پيرين شاعراڻ جهڙپ بعد بنهي فيصلو ڪيو تہ وڏيڪ مارکو چام ميرخان جي ڪچهري ۾ ٽيندو. سو بئي ٻيلي ڏانهن روانا ٿيا. جتي چام جي آڏو وري بيت ڏنائون. چام ميرخان پنهنجي درباري جامونڊن کان پڇيو تہ بنهي ۾ ڪير وڏيڪ آهي. جاموت جي اصل کان بي رياءَ آهن. تن مان هڪڙي چيوتہ: "شاعريءَ ۾ شيخ بادشاهہ سيد وزير آهي." انهيءَ ڳالهہ تي سيد ناراض ٿيو ۽ شيخ ابراهيم کي مخاطب ٿي بيت ڏنائين تہ[1]:

نانگڻ ڪر ۾ نانگ گسڻ ۾ گاروڙين سين
آهہ جنين جي اکين ۾ صورت مُرليءَ ساز
مڻ بہ ان جي مٿي ۾ هٿندءِ منڌ مجاز
جوڳين هٿ زهر جو ڪو اپر آهہ علاز
ڪن ٿا ڪبير شاهہ چئي. نانگ بہ ان جو نياز
تون رک تنين جو راز متان پورين ئي پنڊيءَ ۾.

جنهن تي شيخ جواب ڏنس تہ[2]:

---

[1] براويت ڪ
[2] بروايات گ ح س

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تانگڙ تاز ڪياءِ. ٽي ڪهي گس گاروڙين جي[1]
گاروڙي سي گس تان وياهي وئندءِ
ڪين ڏني توڪڏهين. ڪا سندي جوڳين جاءِ
هو لڙڪائيندءِ لفظ سين. جڏهين اچي موالي ملندءِ
سي سامي سيئي ڪري چلر چلندءِ
تون پوندين موالين جي سامري جي گاروڙي گڏباءِ
ان جي امر جي. ابراهم چئي. توکي ڪل نه ڪاءِ
هائي ڪرندي ڪنڊ مرپاءِ نه ته پوندين ماڙهو سپ مشاهبدي

چون ٿا ته ان جو جواب وري ڪبير شاهه کوند ڏنو ۽ سُئو آڻ سُئو ڪري روانو ٿيو.

بيلي جي روايت موجب، ڪبيرشاهه جي خاندان مان ميان نبي بخش شاهه خبر ڪئي ته: ڪبير شاهه. شاهه بلاول تان زيارت ڪرڻ بعد لس بيلي ۾ آيو ۽ اچي جام ڏري جي ڳوٺ ۾ رهيو. شاهه هتي ڏٺون آيل هو. سو آهستي آهستي سندس شاعري هن تر ۾ پکڙجڻ لڳي. هوڏانهن شيخ ابراهيم لس ۾ اڳيئي سُٽل ٻڌل ۽ سندس واکاڻ سڄي ملڪ ۾ هئي. ڪبير شاهه جي شعر جي شهرت بعد. سگهڙن وٽ توڙي عام مارکن ۾ چوپچو شروع ٿي: ڪن چيو ته سيد ڪبير شاهه زور آهي مگر گهٽن جي راءِ ته شيخ ابراهيم وڌيڪ آهي. انهي تي آخرڪار ڪبيرشاهه تصد ڪيو ته وڃي شيخ ابراهيم سان منهن مقابل ٿي مارکو ڪجي سو هتان (چام ڏري جي ڳوٺان) گهوڙي پلاڻي روانو ٿيو. ا هـ

شيخ گهراڻي جي ٻيڙي سگهڙ شيخ الله ڏاني خبر ڪئي ته: ڪبير شاهه شيخ ابراهيم جي ملاقات لاءِ سنيري نڪتو ۽ وڃي ڪيس مليو. شيخ ان وقت ڳوٺ جي ٻاهران بيلي واڙ ڪي ڏنگريون هنيون. شاهه ۽ شيخ پاڻ ۾ مليا. شيخ چيس ته هت اسان جو ڪوبه ٻڌڻ وارو ڪونهي. هل ته چام وٽ هلون. پوءِ ٻئي بيلي ڏانهن روانا ٿيا ۽ وڃي چام جي آڏو بيٺ

---

[1] س: ٽي لڙين فقيرن سين. ح: تين ٽي ڙڻين فقيرن سين

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڏنائون. ان بعد جڏهين شاهه ڪونڙو ڪٽي ٻاهر نڪتو تڏهين سيد تراب علي شاهه چيوتہ: آءٌ ڪيئن چوان تہ ڪهڙو گهٽ ڪهڙو وڏ آهي. جام وري ٻہ سندس راءِ گهري جنهن تي تراب علي شاهه چيوتہ: "جامڑا جي پچين تو تہ شاعري ۾ شيخ بادشاهه آهي ۽ سيد وزير آهي. باقي ٻيا سڀ آهين ٽُڪريل". وڌيڪ چيائين تہ: "شيخ جو وزير ٻہ سيد کي تڏهين ڪيو اٿم جو صحيح شاعر آهي نہ تہ ٻئي کي انهيءَ منزل تي اچڻ ئي مشڪل آهي". شاهه ان واقعت ٻاهران تي. ڪروهٽ ۾ڪري اچي ٻيٺو ۽ بيت ڏنائين تہ:

سدا رنگ سارنگ جا. گل ڦل جايون جام۔ الخ.

ان بعد جڏهن ڪبير شاهه فيصلو ٻڌو تڏهين ناراض ٿيو. هو پاڻيارو ۽ طبع جو تڪو سو شيخ ابراهيم کي روبرو ٿي بيت ڏنائين تہ:

نانگڻ ڪر مرناڙ گس م گاروڙين سين۔ الخ

جنهن تي شيخ ابراهيم جواب ڏنس تہ:

نانگڻ ناز ڪياءِ تي ڏرئين فقيرن سين۔ الخ....ا. ه. [1]

---

[1] شيخ الله ڏني جي هن روايت کي شيخ سائينداد ۽ حاميد خان رند جي روايتن سان مڪمل ڪيو ويو. شيخ گهراٽي جي موجوده وٽ جي مڱهڙ شيخ عثمان ڏاڏل ٻاڙ ۽ اُن بعد سندس ننڍي ٻاڙ حاجي جمن (ڪراچي ٻاڙ) هن ملاقات ۽ مناظري جو مذڪور هن طرح بيان ڪيو تہ: ڪبير شاهه سنڌ مان ٿي شيخ ابراهيم سان ملڻ ڪرڻ جو قصد ڪري نڪتو ۽ اُڏل مان ٽيندو سيڻن جي دعوت تي. اُڏل کان ڏهڻ ميل اولهه طرف "چوتاري" ڳوٺ ۾ وڃي لٿڪيو. سيڻن چوڏاري خبر ڪئي تہ سنڌ وارو ڪبير شاهه شاعر آيو آهي. سو اڄي مارڪو ٻڌو. گهٽي رات تائين سيد مارڪو ٻڌايو. اتي ڪيس شيخ ابراهيم جي درويشي ۽ شاعريءَ جي خبر پئي. سڀاڻي وقت سيد کي مينهن جو ڪڙهيل ڪيو. مٽاڻ ٻيل ٻيارياڻون. ان وقت شاهه جي دل ۾ خيال آيو تہ شيخ ابراهيم مڻيا وارو هوندو تہ سياڻي ملڻ سان هن اڃوڪي رات جي مارڪي ۽ خاص طرح هن ڪيو جي لاڳڻي جو پڇڻ تي احتياط ڏيندو. صبوح جو شاهه اتان نڪتو ۽ چار ڪوهہ سر الهندي شيخن جي وڪار لڳ سيريءَ تي وڃي مهڙيو جتي شيخ ابراهيم ووڻن جي پوک کي لوڙهو ٻيٺو آهي. شاهه شيخ ابراهيم جو پچيو. شيخ اول اوطاق تي وڻي ويس ۽ چيائين تہ: هڪڙو شيخ ابراهيم شيخ حمر جو پٽ آءٌ آهيان. اتي ڪبير شاهه پچيو تہ: "ڪيئن ٻيو ڪتي؟ ڇيٽ؟ ڪيئن ٻيو ڪتي؟ ڇيٽ؟" اتي شيخ ابراهيم جواب ڏنس تہ: "ڪڙهيل ڪير ڪنهن ۾ ٿو مينهن جو ڪري ميڙ اٿين ٻيو ڪتي؟ ڇيٽ". شاهه کي اهو احتياط دل سان لڳو ۽ چيائيس تہ آءٌ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

لس جي سکهڙ ميان ڪريمداد خبر ڪئي ته: ڪبير شاهه ڪان اڳ سندس پاءُ احمد شاهه هتي اچي مريد خادمي ڪئي هئي. ڪبير شاهه پوءِ ان جي سانگي لس ڏانهن اُسريو ۽ شاهه بلاول جي زيارت ڪندي اُٽل جي تر ۾ آيو. اتي شيخ ابراهيم جي هاڪ ٻڌي گهوڙي پلاٽي چڙهيو ۽ اچي شيخ ابراهيم جي سيريءَ واري مڪان (هني) تي پهتو جو سندن هُوت "ريجا" ڪان اُتر طرف آهي. شيخ ابراهيم پئي کيڏ کي ڏنگريون هنيون جو ڪبير شاهه گهوڙي تکي ڪري اچي وڏي فخر ۽ جوش مان سلام ورايو. شيخ سلام جو جواب ڏنو ۽ خبرون پڇيون. سيد احوال ڏنو ته شيخ ابراهيم هت بيٺ ٿو ڏئي انهيءَ جي مارڪي لاءِ آيو آهيان. پر سيد مڙيوئي فخر ۽ چڙا، سان ڳالهايو. شيخ چيس ته تون هلي هن اوطاق تي ذرا وسامر ته اسين توکي شيخ ابراهيم ملائينداسون. اتي سيد چيوته: پر ڪڏهين ڏيکارينديندين؟ جنهن تي شيخ چيس ته: تڪڙ نه ڪر توکي شيخ سڏي ڏيندس. اتي شاهه ڏهاءُ مان چيو ته: مونکي جهٽ ڏيکار ديرِ ڪر. اتي شيخ ابراهيم ورائيو ته: هڪڙو تنهنجي ڀانهيءَ جو هار شيخ ابراهيم آءُ ۽ آهيان تون الائجي ڪهڙو ٿو چوين؟ ڪبير شاهه چيوته: شيخ ابراهيم حمر جو پٽ ڪهڙو آهي؟ شيخ جواب ڏنو ته: اهوآءُ آهيان. انهيءَ تي شاهه چيس ته: "ڪپر تون واسينگ نانگ جي اڳيان ڪيترو لڪندي" اتي بيت ڏنائين ته:

انـدرنيـڻ نانـگ ان جـووات پريـو آهـي وهـمـان
سي ڪاريهل ڪبير شاهه چئي، جن جي اکين منجهه اٽانگ
سي ساعت نه ڪن ٿي سانگ، اچي هٽنديءِ ڏنگ ڏمڻ سين.

توسان مارڪو ڪرڻ آيو آهيان. شيخ ابراهيم جيو ته: سائين آءُ تنهنجي مارڪي جي لائق ڪونه آهيان. مگر جڏهن شاهه زور ڪيو تڏهن شيخ جيو ته: هتي پنهنجو مارڪو سڀ سمجهڻ وارو ڪير به ڪونهي. انهيءَ ڪري هلون ٻيلي جام صاحب جي ڪچهريءَ ۾. جتي بڌڻ وارا ته آهن. پوءِ هتان ٻني سنبهي ٻيلي ۾ ويا ۽ باقي بيت سندن وچ ۾ سپ ٻيلي ۾ هليا. اڄ شيخ عثمان ۽ شيخ حاجي جمن جيڪي مقابلي جا بيت ٻڌايا ٿن جو سلسلو بين روايتن کان ذرا مختلف هو. مگر بيان جو حاصل مطلب ساڳيو اهوئي هو جنهن جو ذڪر شيخ الله ڏني جي روايت ۾ ٿي چڪو آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تڏهن شيخ ابراهيم چيو ته: تنهنجي نالي ۽ ذات جو مون گهڻو لحاظ رکيو. پر جڏهن تو واسينگ نانگ جو دم هنيو آهي ته هاڻي آءٌ به آهيان سامي فقير ۽ توکي ڪهي ڪائي ڇڏيندس. منهنجو ته تون قوت آهين. ائين چئي بيت ڏنائين ته:

ڇڏ نانگڻ ناز مڙهان. گهٽ مر گاروڙين سين
جوڳي هن جوءِ ۾ آهن گهونا گهون گهڻان
سي اسر سين. ابراهيم چئي. هٿندو ڪيرائي منجهه ڪٽان
پچي مٽ مڙهان. پورينڊو پنبيءَ ۾ [1].

ان بعد باقي بيت پيلي ۽ چامڙ جي آڏو هليا. ا. هـ

اسان جي هتن ۾ن شاعرن جي ملاقات ۽ مشاعري جون مڙيئي روايتون ڏنيون آهن. انهيءَ لاءِ ته حقيقت تي سمورن پاسن کان روشني پوي.

لس پيلي ۽ هن مقابلي جي بيتن مان "نانگن جي بيتن" جو چرچو عام آهي ۽ انهن بيتن جون روايتون به مختلف سگهڑن وٽ مختلف آهن. هن موضوع ۽ معنيٰ ۾ ڏنل بيتن مان ڪي سگهڑ ڪن بيتن کي شيخ ابراهيم جي طرفان تا پيش ڪن ته پيا وري ساڳين بيتن کي ڪبير شاهه طرفان پيا ٻڌائين. جيترين آهن زبانون اوترين آهن روايتون. گمان غالب آهي ته هن مطلب ۽ معنيٰ ۾ شاهه ۽ شيخ جي وچ ۾ مقابلي جا بيت هليا هجن. اسان کي متين روايتن ۾ ٻنهي شاعرن جي نالن وارا مقابلي جا بيت ملن ٿا. مگر ڇڻي نٿو سگهجي ته اهي مقابلي جا سڀ بيت يقيني ڪو پهرين ئي ملاقات ۾ هليا. ممڪن آهي ته اهي بيت پيلي واري مقابلي جي آخر ۾ هليا هجن. جيئن سنڌ جي سگهڑ حاميد خان رند جي

---

[1] ميان گربخشاڻي جيو ته سومار نالي هڪ شاعر به انهيءَ مثال ۾ بيت ٻڌو آهي ته:

نانگڻ ناز مڙهان گهٽ مر گاروڙين سين
تن وٽ سرڪ (جادو) سومار چئي اهن ڪبارن ڪٽان
تڏهن منجهندو مٽ مڙهان جڏهين هٿندو ڪلنگي ڪيڻ جي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

روايت ٻڌائيل آهي.

شيخ سائينداد جي ڪتاب ۾ "ڪبيرشاهه ۽ شيخ ابراهيم جا نانگن جابيت" جي عنوان سان ڳچ بيت قلمبند ٿيل آهن. شيخ سائينداد ڪوند جاٽايو آهي تہ ڪو اهي بيت دوبدو مقابلي ۾ هليا هئا. هن ڪتاب ۾ پهريان ٻ بيت سنڌ واري ڏنل روايت موجب آهن. ان بعد باقي جيڪي بيت ڏنل آهن تن ۾ ڪنهن ٻ شاعر جو نالو ڪونهي. مگر لس پيلي جي راوين وٽان اسان انهن بيتن مان اڪثر بيت شيخ ابراهيم جي طرفان مقابلي ۾ ڏنل طور ٻڌا. ممڪن آهي تہ اهي بيت شيخ ابراهيم جا هجن جي هن درويش مقابلي لاءِ تہ پر تمثيل طور سلوڪ ۾ چيا هجن. مگر جيئن تہ عام روايتن ۾ هي بيت هن مقابلي طرف منسوب ٿيل آهن. انهيءَ ڪري انهن سڀني کي هتي نقل ڪيو وڃي ٿو:

1. ڪير گاروڙين سين ويـر وجهه مرويهي
چلـر چلـر ڪري چنتـداءِ سامي سيئي
انهـن اڳيئي. گهڻا نانـگ نهوڙيـا.
2. ڪير گاروڙين سين ويـر مَرڪ وائـي
رکي امـر امـر تي جودشون ڪيندنءِ جان ٿي
چلـر چلـر ڪري چنتـداءِ سامي سيائي
جي آهين اهڙا عطائي سي ڪيندءِ منڌ مٿي مان.
3. ڪير گاروڙين سـان ويـر مَروجهـه واري
ڪٽي ڪنڌا ڪوتڪون جڏهين ڏگ ٽيندءِ ڏاري [1]
ڳلـيءَ سان ڳاري چڏيندءِ وت نہ رتيءَ جيترو.
4. ڪير گـاروڙين سـين وڏو وڏائـي ويـر
نانـگ نہ ويندين نڪري تہ ڏرمٿي پير
ماريءَ توسين مامرو ويريءَ توسين ويـر

1: س: منڌ ڪڍين مٿي مان دوست سندو ڏاري
و: ڪيڏيندءِ منڌ مٿي مان جڏهن دوست ٽيندءِ ڏاري

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تنهنجو سنيهڑو ڏان[1] سچئين. آئي ڏينڊو ڪير
هيءَ تنسي جو پير. جن جهونا ڳڙهه جلائيو[2]

ٻڌڙي شيخ الله ڏني خبر ڪئي ته موسو ڪنهار شيخ ابراهيم جو بالڪو هو. پوءِ سيد ڪبير شاهه چيس ته شيخ جي شاگردي ڏني ڪ ۽ منهنجو شاگرد ٿيءِ. انهي تي موسي چيس ته: سائين! ماڻهو ڪي مڙس هڪڙو ڏنو اٿر سو ٻيو ڪين ڏينئس. انهيءَ تي ڪبير شاهه چيوتو: ٻلا ٻڌاءِ بيت موسي چيوتو: سائين پوءِ ٻڌائينئس. اتي ڪبير شاهه چيس ته: حيف اٿئي هينئر ٻڌاءِ ڪي پوءِ اتي موسو اُٿيو سو ويو شيخ وٽ. شيخ ابراهيم پنهنجيءَ تي هٿ هڻي چيس ته هاڻي وڃي شاهه کي بيت ٻڌاءِ. پوءِ موسي اچي سيد کي ٻيڻا چوڻا بيت ٻڌايا. جنهن تي ڪبير شاهه کيس مڃيوءِ چيائينس ته هاڻي هل ته هلون شيخ وٽ. ا. هـ

سمجهجي ٿو ته ٿوري وقت ۾ شاهه ۽ شيخ جو ڇڏ دوستيءَ وارو لاڳاپو ٿي ويو. چون ٿا ته ڪنهن موقعي تي ڪبير شاهه خود قبول ڪيو ۽ چيائين ته: شيخ ڇٽڪ ڪپڙو آهي. جو جهنگ وڌندو تو وڃي. باقي اسين آهيون هٿڙيا سو ڪتي ڪتي ٻيهي رهون.

شيخ ميان غلام حسين چيو ته: اسان جو والد شيخ سائينداد چوندو هو ته شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهه بارهين سن جا هٿا. ا. هـ لس پيلي ۾ انهيءَ وقت هنن شاعرن جيڪي شاعريءَ جا گل اپايا ۽ نپايا انهن جي سرهاڻ اڄا تائين پيلي ۾ موجود آهي. اسان پيلي جي سگهڙن جا خيال. رايا ۽ فيصلا هنن ٻن شاعرن جي ملاقات. مقابلي ۽ ملوڪت جي باري ۾ نقل ڪري آيا آهيون. هن باقي باب ۾ اسان پنهنجي راءِ کان اڳ. جدا جدا سرن مان هنن ٻن شاعرن جا هڪٻئي جي ٻڌل وڏيڪ بيت نقل ڪريون ٿا. انهيءَ لاءِ ته هن بيت ۽ مقابلي جو حق پوري طرح ادا ٿئي ۽ پڙهندڙ پاڻ

---

[1] ڏان - ڏاڪڻ. ٻي روايت: "آئي ڏنو هير".
[2] سي پير... جهونا گهنڊ جهلائيو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هتن ۾ شاعرن جي وچ ۾ پيٽ ڪري پنهنجي راءِ ظاهر ڪن. هيئين لاڳيتن بيتن ۾ پنهنجي داناڻ شاعرن معنيٰ جا موتي پوتا آهن. سندن گفتا املهه مالڪ آهن ۽ هڪڙي جي تتبع ۾ پنهنجي مان مرڪ ٻولي، جي زيب زينت ۽ گفتي جي ملوڪت ۾ گوءِ ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

(الف) شيخ ابراهيم نبي صلعم جي سونهن جي مجازي تعريف ۾ "سينگار" جو بيت ڏنو تہ:

من موهن منهنجا پرين، آهن حورن کان به حسين ميان
سُٺن سال صنوبر سيد اڳيان سينو سيني برابر سين نه ميان
ملڪ ڏسيو مشتاق ٿين، ان جي روشن رُوءِ رنگين ميان
تان جي پاڻ ۾ پرين زيور زرين، ڪرمش ڪرين تان بدان جي ڪاڻ برابر ڪين ميان
هر دو جهانان هار هميشه، ترسل نور رنگين ميان
رين انڌيري جلوه ديئن، سرسي سونهن ستڌين ميان
براهم چوي بيگ بهادر اعليٰ قدر قرين ميان
نجم ستاره ماهه مقابل، شمعون شاهد شبين ميان
ايڏي صورت سرت سهاجها، معاني مهر مبين ميان
شاهد شفاعت، احمد عاصين، ڪندو صراط ويل سرين ميان (1)
ويس ولايت، قرب قريبان، محبت ميٽ منجهين ميان
جنت معليٰ جاءِ جني جي، اهڙي جوت جبين ميان
هو سدائين ارواح ۾، تون چو پرتشون پيٺ پچين - ميان (2)
جن جي اهڙي جوڙي صاحب سونهن سنگين ميان
تنهن سين پيو ڪي برابر ڪين ٽڪي (3).

ڪبير شاهه چيو تہ:

جهڙا عين عجيب جا آهن تهڙا ڪنهن جا ڪين ميان

---

1 سرين - سولائي، آساني
2 پرتشون - پري ڪان پيهه - پٺ - پرين - دوست
3 سنگين - سهڻي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڪر ڪئينس پئونر پرون چيلهه چيتو جئن چين ميان [1]
چاهي جوڙيلي جمرود جي. [جو] عجيبن سان اچين ميان [2]
چاهي چوڏهين؛ چند چگو. تان پي ان سين جڙندو ائين نه ميان
چاماڪي. چا مصري ڪاميٽ نه ميٽ منجهين ميان
آڪڙ ڪنان انگ عجيبن. ڪنڌ اگهڙو ڪرين ميان [3]
عقل اڪابر. ويرو وچا جا. پارس چونه پچين ميان
سي قابل. ڪبير شاهه چوي. تا ڏاڙون ڏڙين ڏين ميان
جن جي اڏڻي هر دم سونهن حسين ميان. تنهن ٻيو رنگي سڀ راس ڪيو.

(ب) سچ جي يادءِ مجازي معنيٰ ۾ شيخ ابراهيم چيو ٿو:

ساريان سپرين کي هر دم پسيو هنڌ
ڪيئن ڏا ڪين ڏيب سي قول مقابل ڪنڌ
واچا آهر- وصال جي سائين ساکون ۽ سوگند
پڏاءِ قول ڏيب سين جئن هٿ هاڻي ڏند
سي آيو. ابراهيم چئي. پرين سونهاري پنڌ
اي صاحب رب صمند. تون داتا دوست ملائين!

ڪبير شاهه انهيءَ ٻران چيو ٿو:

سيج بندن سين صورت سهڻي ڪٽ خاصي هوءِ هنڌ
تنهن تي تڪيو طول طرح جو ساڻ ڏيرين ڪنڌ
من گهريون محبوب ملي تان برهه بچوڑي بند
هڪ ڏايون ڏهنيون درتي هونِ خدمتگار خدمتگار ختنگ [4]
پيو شيشو شوق شراب سندو جئن محبت پلتي منڌ
پرين پيارو پاڻ پياري ساقي يار سچند

---

1 ڪنينس - وار
2 جمرود - زمرد (جمع)
3 اڪڙ - اڪ جو لڙ جنهن جا واڙڻ نهايت نرميءَ نازڪ ٿيندا آهن
4 ڏهنيون - ڏاڙهون هٿ پيرون

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڏانڻي تہ پيلي ڪليهي ڪان عطر عطر پرانہ[1]
لٽڪي سان لٽ پيٽ ڪري جشن فڪر بچوڙي فند
قريب. ڪبير شاھ چئي. جشن چوڏس چمڪي چند
مونکي سائين جو سوگندر تہ منهنجو ساجن سنيهائين سينڌو

(ج) مجازي محبت جا درد ۽ سور وري جن ٻنهي شاعرن گڏجي ويهي رنا آهن.

شيخ ابراهيم:

پيءَ ٻنا پرديس ۾ پس درڊن جا دستور
سي وڃڻا وڃڻ ڪينڪي مونکي وجودئون وڃور
اهي محبتي مستيءَ مان ڪن هڏ پچيو چڪچور
من مڙيئي ماندو مخفي ڏاڍي ڏوڪ ضرور
هڪ فراقان فوجون فوج پٺيان ني الحال فغاند. دک دليان ڏهڏور
اهڙا. ابراهيم چئي. پون پورن مٿان پور
هي سڪ پيالا سور. آهن احمر عجيبن جا.

ڪبير شاھ:

سور مڙيئي سور. ۾ آهن باري سور ۾ هر جا
شب روز سڃڻ جي ساھ جا. آهن اندر عشق انبور[2]
نانگ ڪنان پي نينهن اٽانگي. قاتل ڪوڻ بہ ڪلور
سڪڻ سورهي سيل پريان جي. پل پل پون پسور
سي قريب. ڪبير شاھ چوي. ڪندا محبتي مذڪور[3]
جنهن جا درد اهڙي دستور. تنهن هٿ ٻڪي آهوت جي.

---

[1] بانهن ڏانڻ يعني وراڻي ڏيڻ ور باڻ اند - حضور
[2] ر: "سي سڃيان ساھ جا اندر عشق انبور"
[3] ر: "اهڙا قريب ڪبير شاھ چئي. مون سان ڪندا محبتي مذڪور".

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

شيخ ابراهيم:

پيءُ ٻنا پرديس ۾ پيو جا پرتي (*)
اِينڊم اوڏا سپرين. ويجها ڪنهن ورتي
ڪنڊيس ڪرمش ڪيترا. تن دوسن جي درتي
ڳري ڳرهيندس ڳالهيون. گڏ پيهي گهرتي
اِنهين ٻوند. براهر چئي. ڏر ڪامي ڪجي ڪرتي
تن پلن جي پرتي. وڃي ستو ڏيندس ساڻ ڪي (1).

ڪبير شاهه:

پيءُ ٻنا پرديس ۾ پس درڊن جا دستا (2)
تنهن فڪر فوج فراق جي ڪٿا روح اندر رستا
سي جهيڙا ڏک جتيم سين ڪن ڪاوڙ جا ڪستا
اوءِ ملن ڪامل. ڪبير شاهه چوي. جن ڪيومن منهنجو ستا
مان گام سپيئي گستا. پر ساجن شبيه ناهه ڪو.

(د) ليلان کي ڪچو ڪندي ڪبير شاهه بيت ڏنو تہ:

هوڏ وجهي هوڏي تي. ٿيوءِ ڪانڊ ٿيي تي
چاهه چنيسر چت گهٽو. ڪيو طرح انهين توڏي
تو پاڻيو هنديس سر تين وچ. ڳهه ڳچيءَ لوڏي
بخت اڪائيٽي بنگلا. تي ڪونه ڏٺئي ڪنهن ڏي (3)
پر ڪديٽ ڪوءِ تروءِ ڪمن مان. تان آتان توڏي
نهڙين ڪچين ڪرتين. ڪبير شاهه چئي. پنهنجي دل وڏياءِ ڏوڏي
ڪانڊ مگيوءِ ڪوڏي. خيمل ڪٽي پنهنجو

---

* پيءُ = دوست
1 ص: ستو ڪيندس ساڻ ڪي
2 ڏ: پرين ٻنا پرديس ۾
3 اصل روايت: ڏي بهنئن اڪايئي بنگلا ڏي، گهٽو ڏي ڪون ڏي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

شيخ ابراهيم مومل ۽ ليلان ٻنهي تي ميار ڪندي چيو تو:

چا ڪي مومل موڙياءِ مت. تو ڪا پايي پاڻ ڏرايئي
ليلان بي ڪين نڪيو تو ڪاڻيندم پاران ڪانڊ ڪٿت
تيلان چنيسر چت ڪنيو جيڏن هار ڪيائين هٿ
اُن وڃايو وصال کي جا هئي سوڍي جي سنگت
ابراهيم چئي ان پت. ٻن ٻورين ڪانڊ ڪڙائيا.

(ها) سئي جي سفر ۽ سورن جي بيان ۾ شيخ ابراهيم ڪشالي ۽ تڪليف جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تو:

ڪوهن ڪهڪ ڏناس. ان جا پهڻن پڳ پٽون ڪياس [1]
ساڻکي سگهي نه رکي. چپر پير چناس [2]
احمر عينل ماءِ آڳاڻجهو. اڪثر الانينن آب نعياس
بيني ۽ ڪئن. براهر چئي. بٽنبر بديهل بهوت بات بڻياس
لڙڪ لڙيو چون ڪچوئي. قابو ڪينر واڃت من وڃياس
ڏڦ ڏمامان ڏوڏو سرنان ڏهلن ڳڙڙ لڙياس
ڏکر ڏاتيونل. ڪڻن چاپون. پرٽي. دل اٽياريا س
سر سارنگيون سرندا. بياڃت ۾ جنگ چرياس
وارو وار وجود ۾ هئي ۽ هر هوءِ هياس
وڃن سر سريو ۾ بيا نيڻين نڙ لڳاس
ناڃو پيرين ٻنڊوين گهنگهرا. ٽليان سر ڪياس
ڪارڙ تنبورن جهپي جهڪي لاٽيس ڪيا ٽيس جهٽڪا ياس
گج گج گهوگهٽ بينريون. بيا ناز نفلين ڪياس
ڪڙڪڙ ڪنجين قلب ڪاچ. ڪاڻي ڪينر. ٻهون ساز ٻريا س [3]

---

1 يعني پٿرن پير چلي ڏرا ڏرا ڪري ڇڏيا
2 ورڊ "ساڻکي رسي نه سگهي. جيڏن چپر پير چناس" 2 "ساڻکي سهي نه سگهي. چپر پير چناس"
3 ڪنجهو ڪاڻي ۽ ڪينرا = ڪينرو اسپ ساڻ جا ناڙا

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تار ستار پکار. پنڊ رند پريان جي پدمڻي. سر مٽيل سيڻس
روئڻ رياڙا. مرچنگ مرلي. هئي هئي هوءَ هياس
دست دنبوري دڦ درد جي چاڪ چنگن چوريا س
جيلان سازن سر پرياس. تيلان ٽي اپر آلاپا ڪري

ڪبير شاهه وري سئي کي همت ۽ اميد ڏياريندي چوي ٿو تہ:

سڳا سورٽياس. ورهه ويجهامٽ سي [1]
سڪ ساهيڑيءَ ساڻ تنهن پهرينديءَ پياس
گونڊر پدر غريب جو ملي محبت ماس
عشق سونهون ٽيس اڳ ۾ برادر جي باس
تنهن رڳي جوڙي راس ڪري ڏولي ڏک ڏياس
ڦهري سور قريب جي منڊيا هٽ مٽاس
جيلن مرن جهنگ ۾ ڪرمش زور ڪياس
ڪڙ چانڻ ڪبير شاهه چئي. مٽان چمر چٽ پياس
برهه سندا برن ۾ ڪي ترٽ طنبو لڳتاس [2]
واتين وڃ وندر جي ڏيهه جا ڏس ڏياس
تنهن سنگت کي شاباس. جنهن نيئي ڏني هانڻن ۾ وڃ کي.

ساڳي سر ۾ شيخ ابراهيم سئي کي ڏوهه ڏوراپو ڏيئي ٿو چوي ٿو تہ:

جيءَ تي جفا جان جيلاڻ گهڙي نہ وڏئي هيڪڙي
تيلاڙ ڪين رسئين ڪوهن منجهه تون منڊ برهه بيار
لوڻ لالڻ لئي نہ ڪرئين هاڻي ٿي روئين زار و زار
وٽن ويٺئين ڪينڪي تون پاس اڻن اظهار
نہ ٽئين نماڻي نند مان برهه چئي بيدار
هاڻي ساري سنگت ڏينهڙا. پئي هٽ هٽين هيڪار

---

[1] ر: سڪها... ورونهه ويجها.
[2] لڳتاس - لڳاس (لڳتڻ - لڳڻ - ما). ر: طنبو ڳٽاس ڪتاس

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

قلم واري ڪين ڪيو تقديرن تڪرار
سجن منجهه سؤ وار هاٿي پٽي روبرو روهه رنجول تون.

ڪبير شاهه جڻ شيخ ابراهيم جو اشارو سمجهي. سندس بيت سان سُر ۽ سُر ملائي. مٺي مٺي جيءَ ڪي جفا ڏيڻ واريون وصال جون واٽون هن طرح تو سمجهائي تہ[1]:

نيٽين نند وسار جاڳ تہ جانب ڪي مڙين
ڪاڙهي ڪا ڪامڻ ڪهه ۽ ڪُنگن ڪي گينوار[2]
جوڳڻ ٿي، جتن لاءِ هانيڻ، پُر پٽي ۽ پؤپار[3]
محبت جي ڪڻ مرلي حوسين ساڄ سپيئي سنوار
وڃهه وڃهه جا ڪنت ڪنن ۽ پٽ پٽهون سين پار
درد سندا هڻ ڏاڳا دل ڪي. قلب ڪهي من مار
چت ڪي چوتو چاڙهه چتائي. واڳ وٺي ور وار
ڪمر ڪلابو سپ صبر جو هادي، حمد ستيار
گونڊر جي ڏڪ گودڙي ۾ توڪل تنبي ڏار
ٻڪ سندو ڪڻ برتڻ پوري نيٺهن ڪري نروار[4]
ڏڪ سندو ڪڻ ڏند ڪلهي تي گهوٽيو گهوٽ پيار
نہ تہ توڪل جي ڪڻ تسبيح ۽ هه تون مالها مٿيو مٿيهار
نہ تہ لعل گهڙائي نوهر ڪڻ هڻ ڪلنگي منجهه ڪپار
نہ تہ سور سڳا ٻڌ سليها سر ڪي. وڃي هاڙهي هوت نهار[5]
مڱهت ٻڌ تون سوڙ مرڻ جا. اجل ڪنان اڳوار

---

1 شيخ ابراهيم پنهنجي بيت ۾ مٺي مٺي جڻ چيو تہ "تو هيڻن نہ ڏيکيو تڪڙن ٿي هي سور سهين." ڪبير شاهه هن بيت ۾ جڻ مٺي مٺي سمجهائي تو تہ: "تون هيڻن ڪر تہ ساجن ملئي."
2 س: "ڪين رسٽين ڪ ۽ ڪامڻ" ۔ الخ.
3 ر: ڏهه پٽيون ٻڌ پار 2 پرٽ پري پي، پار
4 ر: ٽيٽهن ڪجٽين نروار
5 ر: نہ تہ سور ساڳا ڪر سيلا سڪ جا۔ الخ: 2 نہ تہ سور سندي ٻڌ سيلهي جي، ڪي۔ الخ: 3 سور سڳا ڪر سيلهيون سڪ جون۔ الخ:

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

وڃهه پيوت برهه جو بر ۽ هل تون ٽيج هشيار
وڻ وڻ ڪج وٽن هروانگي. غم سين ڏينهن گذار
پوري رهج پنجن سين پرتشون. آيا تيهه مَرَنار
راهه رفيقي رهبر رڻ ۽، چست چگا ڪڻ چار [1]
الف ڪڏي پڙهه ميم موافق، اي تون سبق سچار
گهرج حليمي هوت ڪنان تون دان متي دربار [2]
ٽيندءِ قلب قرار گڏيئي ڪ ۽ ڪيچي ڪبير شاهه چئي

متين ہن بيتن مان ظاهر آهي ته شيخ ابراهيم تي غم ۽ الم چانيل آهي. انهيءَ ڪري خود سسئي پنجي ڏوهه ڏوراپن جو بار پاڻ تي هموار ٿو ڪري. مگر ڪبيرشاهه همت، اميد ۽ حوصلي جو قائل آهي. انهيءَ ڪري ڪشالا ڏيئي محبوب کي ملڻ ۽ ماڻڻ جي مام ۽ مصلحت ٿو سمجهائي.

مصنف جي راءِ: اسان جي راءِ ۾ هيلي جا هي ٻ شاعر پنهنجي زماني جا جرير ۽ فرزدق هٿا [3]: ٻئي هڪ ٻئي جا هاڙهي پيچي هٿا. ٻئي نر ۽ نامور شاعر هٿا. ٻئي سنڌي زبان جا جاڏو ۽ ماهر هٿا. ٻئي هيلي جي شاعري جا ٻ اکيون. ٻ موتي ٻ گوهر هٿا ۽ ٻئي هيلي جي شاعري جا سرتاج ۽ سرواڻ هٿا. مگر پنهي ۾ فرق ٻ ضرور هو. پنهي ۾ طبع جو ٻ فرق هو ته زبان جو ٻ فرق هو. سنڌن طبع جي فرق ڪين ويندو مقابلي جي ميدان ۾ آندو ۽ سنڌن ٽڪر شاعريءَ جا شعلا اڀاريا. سنڌن زبان جي فرق پنهي جي شاعريءَ کي جدا جدا رنگ ڏنو. شيخ ابراهيم جي جدگالي ڳوڙهائي ڪيس زياده بليغ بڻايو ۽ ڪبير شاهه جي نج سنڌي زبان جي سلاست

---

1 راڄ منجهه رهبر روز رفاقت ۔ الخ
2 راڄ ۾ تون ٽٽين حجاتي هوت پنهل وت. وڃي نام اڳيئون دربار".
3 جرير ۽ فرزدق خليفه عبدالمالڪ جي حڪومت ۾ اموي دور جا ٻ وڏا اولڻي شاعر هٿا. جن جا مقابلا ۽ مناظرا ملڪان ملڪ مشهور ٿي ويا. ڪيترائي ڀهيڙا انهيءَ ڳالهه تان ٿيا جو ڪن چيو ته جرير وڌيڪ آهي ته ڪن چيو ته فرزدق. ايترو جو جنگ جي ميدان ۾ ٻ ٽڙائي شروع ٿين ڪان اڳ مخالف سپاهين انهيءَ ڳالهه تي پاڻ ۾ سخت سوال جواب ڪيا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڪيس زياده فصيح بڻايو. سندن علم ۾ به فرق هو. شيخ ابراهيم علم وارو هو ايترو جو جام ڪيس ٻيلي جي قضا جي آڇ ڪئي. ڪبير شاهه مالوند ۽ پاڻيو ماڻهو هو. پڙهيل ڪونه هو مگر ڏهن ڪليل هئس. شيخ ابراهيم کي پنهنجي خاندان وٽان شاعري توڙي فقيريءَ جو ورثو مليو. سندس پيءُ شيخ حمر وڏو درويش توڙي شاعر هو. انهيءَ ڪري شيخ ابراهيم کي به سندس صحبت مان شاعراڻ ذوق ۽ ان کان وڌيڪ فقيري ۽ سلوڪ جو طريقو حاصل ٿيو. ڪبير شاهه کي پنهنجي سيد خاندان مان حسب نسب جو شرف ورثي ۾ مليو. ڪبير شاهه صورت مجاز جو ماريل هو. مٿس فقيري جو رنگ غالب ڪونه هو مگر مجازي عشق جون ڪيس پوريون مهميزون آيل هيون. اسان جي خيال ۾ زبان جي گهرائي ۽ بلاغت ۾ شيخ ابراهيم بلند آهي. مگر سلاست ۽ فصاحت ۾ ڪبير شاهه اڳرو آهي. مجموعي حيثيت سان اسان جو ٻيلي جي سڳهڙن سان اتفاق آهي ته تحقيق شيخ ابراهيم جو ترارو البته ڳرو آهي. ڇوته شيخ ابراهيم هر فن مولا آهي. هو شاهه صاحب جي دوهري واري طرز جو علمبردار آهي ته عام سنڌي شاعريِ جي قصيدي واري فن ۾ به ڪامل آهي. ازانسواءِ هو سڳهڙن ۾ سڳهڙ آهي. معما توڙي هنر توڙي ڏور ۾ دسترس اٿس. سندس مومل راڻي جو منظوم قصو ڪيس افساني جي مسلسل نظم به ماهر ثابت ڪري ٿو. لفظن جي ته شيخ ابراهيم اڻ ڪٽ ڪاڻ آهي ڇوته ٻيلي جي ٻوليءَ جو اڻ ميو ذخيرو وٽس موجود آهي. ان جي مقابلي ۾ ڪبير شاهه جي زبان وڌيڪ صاف آهي. ڇوته هو خاص سنڌ جي سرزمين جو نيپاڻ آهي. سندس شاعراڻ عنوان خواهه اسلوب بيان دلپذير آهن. "سينگار شاعريِ" ۾ پڻ ڪيس وڏي دسترس آهي جنهن ۾ بلاشڪ ڪبير شاهه سرس ۽ سوايو آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باب نائون

شيخن جو خاندان: شاعر درويش شيخ حمر ۽ شيخ بکر

لس هيلي جي شيخن جو هي، خاندان "ڪڙياڻي شيخن" جي نالي سان مشهور آهي. سندن ڏاڏن وڏو ڏاڏو شيخ ڪڙيو هو جو ڪرامت وارو هو. ايجا تائين مثل مشهور آهي ته "شيخ ڪڙيو گهوڙي چڙهيو" شجري جي خانداني روايت جا شيخ حاجي جمن (پٽ شيخ محمد صديق پٽ شيخ ابراهيم (ننڍو) پٽ شيخ گنج بخش پٽ شيخ ابراهيم (وڏو) شاعر پٽ شيخ حمر) کان ملي. تنهن موجب شيخ حمر جي پُري متي هن طرح آهي: شيخ حمر بن ابراهيم بن اُيوڙو بن حمر بن ابراهيم بن لڏو بن علاؤالدين بن طالب بن بجار بن ساند بن عمر بن شيخ ڪڙيو (جو بغداد مان آيو ۽ شهر هيلي ۾ مدفون آهي.) بن شيخ طالب بغدادي جو حضرت بادشاهه پير جو مريد ۽ خليفو هو.

شيخ حاجي جمن چيوتہ: اسان جو خاندان اصل قلات جي طرف جو رهندڙ هو. خان نصير خان هن درويشن کي ڇڻ پنهنجي نياڻي جو وارث ڪري لس هيلي ڏانهن موڪليو. ا. ه لس هيلي جي جام ميرخان اول. خان نصيرخان اعظم (1750_1793ع) جي نياڻي بيبي سلطان خاتون سان شادي ڪئي هئي. انهيءَ جي معني ته هي شيخ سنہ 1750ع بعد لس هيلي ۾ آيا. مگر اسان جي خيال ۾ شيخ گهراٽو هن کان گهڻو اڳ آيا تو اچي هيلي ۾ رهيو. چو ته خان نصيرخان جي ڏينهن ۾ ته شيخ حمر لس هيلي جو مشهور شاعر ۽ درويش هو جنهن جي ننڍپڻ جي حياتي توڙي زهد

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

۽ عبادت وارا ڏينهن لس بيلي ۾ گذريا. ممڪن آهي ته خان نصير خان انهن ڇيو ڀڄي ته: لس بيلي ۾ اسان جي نياڻيءَ سان شيخ حمر درويش جي دعا شامل هوندي ۽ اهو درويش ئي جڳ سندس حياتي ۽ وارث آهي. بهرحال لس بيلي ۾ شيخن جو ڪٽمب قبيلو گهڻي وقت کان "حمراڻي، واري ريجا" (بيلي) ۾ رهندڙ هو. اهو ماڳ اُتل شهر کان اتڪل سادا ٽي ڪوهه ڪن الهندي طرف آهي.

شيخ حمر

هي شيخ اصل ڪان فقير ۽ درويش هئا. مگر سندن وڏي شيخ ڪڙي بعد وري نالو شيخ حمر ڪيو. ميان ڪريمداد خبر ڪئي ته: حمر اڃا ننڍوئي هو جو سندس پيءُ ابراهيم (وڏو) گذاري ويو. حمر هاڻي ڇوروڇنو ٿي ٽپنو. سندس چاچي کيس سڳ ڏيڻ جي نه ڪئي ۽ چيائين ته: هاڻي. هن ڇوري کي جوڪماچي (رباب) پيو وڄائي. تنهن کي پنهنجي لائق لڳي نياڻي ٻُوجاتي جو سڳ ڏيان! پانڻجي تو انهيءَ ويڻ حمر جي دل تي اثر ڪيو. هن قرآن شريف پڙهي پڄايو ۽ ٻي ڪجهه اکري تعليم به ورتائين. ان بعد اچي زهد ۽ عبادت ۾ شروع ٿيو تان جو وڃي حب درياءَ ۾ ڏها ۽ چاليها ڪڍيائين. ا. هـ شيخ ميان گنج بخش خبر ڏني ته: شيخ حمر. بدوڪ جي لڪ کان ڏکڻ اوير طرف. ڇپر جي بلي. جا درياءَ (ڪاري) جي پاڻي اندر ۽ ڳڙائي کان الهندي طرف آهي. اتي وڃي ڄُهڊ ڪتيا ۽ جيءَ کي جفا ڏيئي نڪما ورتائين. ا. هـ چون ٿا ته انهيءَ خلوت ۽ رياضت ۾ مولىٰ جي مٿس مهرباني ٿي ۽ ڇڻن يارن جي زيارت کيس نصيب ٿي. جيئن خود پاڻ چوي ٿو ته: "تندي ۽ تي نيئي ڪا جاڪيائون ڳالهڙي" ۽ ٻيو ته:

مجلس محبوبن جي مون وٽ آڏيءَ رات اچي
منهنجو جيءَ جياريو. تن پرين پاڻوهي
مونکي حمر هڏ نه وسريا. جاني گڏيام جي
ٻيو ٻيرو ٻاجهه ٻڌي. من پاڻ پسائين سي
تن منجهه تني ڪي. گهٽو گهوري آهيان.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

شيخن جو شجرو

تيار ڪل: ٢٦- جون ١٩٤٦ع



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

حاجي ميان سليمان موندري خبر ڪئي تہ: شيخ حمر چاليهہ ڏينهن جُهڊ گٹڻ بعد جڏهن پاڻيءَ واري ٻلي ۽ ڪي ڇڏي باهر نڪتو تڏهن اسان جو ڏاڏو ڪنگهار ساڻس رفيق ٿي. ڪارڙيءَ جي لڪ ونان گدن مان ٽيندي ڪيس پنهنجي ڳوٺ پهچايو. ا. هـ چون ٿا تہ شيخ حمر. پنهنجي نفس نمائڻ بعد موتي اچي مخلوق جي فيض واسطي پنهنجي ڳوٺ ۾ رهيو جتي پنهنجي مڪتب ۾ هارڻن کي قرآن شريف پڙهائيندو رهيو. سندس پٽ شيخ ابراهيم ۽ ان جا ٻيا رفيق سڀ شيخ حمر جي مدرسي جا شاگرد هئا.

ٻيلي جي روايتن جي احچائن مان معلوم ٿئي ٿو تہ شيخ حمر، شاهہ عبداللطيف جو ننڍو همعصر هو. شيخ ميان غلام حسين چيوتہ: "اسان جو والد شيخ ميان سائينداد چوندو هو تہ شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهہ پارهين سٺ جا هئا. ا. هـ" انهيءَ جي تائيد هن مشهور روايت مان ٻہ ٿئي ٿي تہ شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهہ جو چاڙ ميرخان اول (1776_1818ع) جي ڪچهريءَ ۾ مارکو ۽ معارضو ٿيو. پارهين سن ۽ چاڙ ميرخان اول جي حڪمراني جي تطبيق مان هنن شاعرن جو مقابلو تقريباً 1776_1781ع واري عرصي اندر قرار ڏيئي سگهجي ٿو. انهيءَ وقت شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهہ پختہ مشق ۽ مشهور شاعر هئا. جيڪڏهن ان وقت شيخ ابراهيم جي عمر چاليهہ- پنجيتاليهہ سال کن هجي تہ انهيءَ لحاظ سان سندس ولادت 1730ع ڌاري ٿي سگهي ٿي ۽ سندس شاگردي وارو زمانو 1740_1750 تائين ٿي سگهي ٿو. انهيءَ وقت شيخ ابراهيم جو والد شيخ حمر يقيني طور موڪيل وهي ۽ هوندو. شاهہ عبداللطيف 1752ع ۾ وفات ڪئي جنهن مان سمجهجي ٿو تہ شيخ حمر. شاهہ عبداللطيف جو ننڍو همعصر هو.

شيخ حمر راهہ جي پنڌ سان حج تي ويندي "برڪاءَ" ۽ "مترا" ۾ جعبان جي حد (يمن جي لڳ پڳ) ۾ وفات ڪئي.

غالباً هي سندس پيو حج هو ۽ ان کان اڳ پنهنجي هڪ بيت ۾ دعا گهرندي چيو تہ هئائين تہ: "جُڙيو آ جعبان ۾. حمر تنهنجو هنڌ" شيخ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

حمر جي وفات بارهين سن جي پوئين نصف ۾ ٿي. خان نصير خان اعظر جي نياڻيءَ جي شاديءَ واري روايت مان گمان نڪري ٿو ته شيخ حمر شايد 1750_1776ع واري عرصي اندر وفات ڪئي.

جيتوڻيڪ شيخ حمر، شاهه صاحب جو ننڍو همعصر هو ۽ سندس بيتن مان پٽائي صاحب جي بيتن واري بوءِ اچي ٿي مگر تنهن هوندي ب شيخ حمر جي شعر ۾ پٽائي صاحب جي نقالي نظر ڪانه ٿي اچي. شيخ حمر جو شعر ب شاهه صاحب جي شعر وانگر حقيقي رنگ ۾ رڱيل تمثيلي طرز ۾ رچيل ۽ فصيح بليغ سنڌي ٻولي ۾ ورجايل آهي. مثلاً

جاڳڻ منجهان جس، سستي ساجن ملي
آٿي اچونه ڪرين قلوبان تون ڪس
هتان ويا، حمر چئي، پٽ تنين جا پس
جڳ ۾ رانجهي جس، جي ڏينِ اوجاڳو اڪيين (1).

گمان غالب آهي ته شيخ حمر پنهنجي حياتيءَ ۾ گهٽو ڪو شعر چيو هجي ۽ پاڻ پڙهيل هجڻ واري حالت ۾ ڪو وڏو رسالو پويان ڇڏيو هجي. سندس بيتن جي ٽون ۽ انوکن عنوانن مان سندس طبع جي روانيءَ سندس شاعريءَ جي گهٽائيءَ جو دليل ملي ٿو. مگر سندس پٽ شيخ ابراهيم جي نئين رنگ ڍنگ جي شاعري ۾ لس بيلي ۾ ايتروتد مقبول پيئي. جو ان شيخ حمر جي صاف صوفياند شاعريءَ کي ڍڪي ڇڏيو. ويتر جو شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهه اچي اٽڪيا سو بيلي جي سيني اميرن توڙي سگهڙن عام توڙي خاص جو ڌيان هنن جي مقابلي ڏانهن منتقل ٿي ويو: هن مناظري جي مقبوليتُ ڇڻ سنڌن ڏهن تان بيلي جي اڳين شاعرن جو نالو ئي ميساري ڇڏيو. انهيءَ ڪري پانڌجي ٿو ته شيخ حمر جو ڪافي

---

[1] پيتو صاحب:

جاڳڻ منجهان جس، آهي الله جن کي
لاهي جو لطيف چئي مٽان قلب ڪس
ورنه ڪجاهه وس، صبح ساڻ سيد چئي.
(سر ڪوهياڙي)

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

شعر سگهڙن جي سيني ۾ نه اچڻ سبب ضايع ٿي ويو.

ٽئين پيلي جي سگهڙن مان شيخ سنگر سو شيخ ابراهيم جي بيتن سان گڏوگڏ شيخ حمر جا بيت به ڏيندو هو مگر اڇڪلهه [1] پيلي جي سگهڙن کي شيخ حمر جا بيت نسبتاً ٿورا ياد آهن. البته شيخ سائينداد جي کتاب ۾ شيخ حمر جا گهڻا ڪجهه بيت قلمبند ٿيل مليا. جنهن مان پانڌجي ٿوٽ شيخن جي پنهنجي خاندان ۾ شيخ حمر پويان کو رسالو چڏيو هجي. مگر ڏينهن پٽين وڃي کي ورق باقي بچيا. جن مان ٿي شايد شيخ سائينداد پنهنجي ڪتاب ۾ اهي بيت قلمبند ڪيا. انهن بيتن جو باهمي تسلسل ۽ سٽن جي ترتيب ڏيکارين ٿا ته هي بيت ڪنهن رسالي جو ڀڳ آهن. شيخ ميان گنج بخش شيخ گهرائي جي ٻئي هڪ شاعر شيخ بکر جو ذڪر ڪندي چيو ته: "شيخ بکر جا به گهڻا بيت هڪ رسالي ۾ محفوظ هٿا مگر اهو ڪتاب ضايع ٿي ويو" نه معلوم انهيءَ ڪتاب جي ضايع ٿيڻ سان شيخ حمر جو ڪيترو شعر ضايع ٿي ويو هوندو.

اسان شيخ حمر جا ڪجهه بيت شيخ سائينداد جي ڪتاب مان انتخاب ڪري سگهياسون ۽ ٻيا ڪي بيت مختلف راوين کان ٻڌاسون. بهرحال جو ذخيرو ملي سگهيو سو هيٺ پيش ڪجي ٿو ۽ اهو شيخ حمر جي شاعراڻ خوبين کي پرکڻ لاءِ ڪافي آهي [2].

ندي ۽ تي نيئي....

1. ندي ۽ تي نيئي. ڪاجا ڪيائون ڳالهڙي
ڪٽي عين احسان جا. هوليائون ٻيڙي
حمر چئي حبيب پرين منهنجا سرور سيڙي
موڪيل محبوبن جي آهيان اڳيئي
هي ۽ جا پناري پيئي. سا گولي وڃيجو گس تي.

---

[1] اٽڪل 1942ع جي آهي. جڏهن ٻهڙين پيرو شهر اڳل ۽ وڃي سگهڙن سان ملي هن ڪتاب جو مواد گڏ ڪيو ويو.

[2] مختلف فصل ۽ انهن جا عنوان اسان قائم ڪيا آهن.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

2 زرخريد بندي آهيان دائمران درجي
آسري اصيلين جي آءِ وادي ۽ پاس وندي
معلوم ائين مان جا ڏني، بي ناهمر من مندي
آهيان تن سندي موڪيل محبوبن جي.

3 مجلس محبوبن جي مون وٽ آڏي ۽ رات اچي
مون جوجي ۽ جياريو تن پرين پاڻ ڏي
حمر هڏ نه وسريا جاني گڏيام جي
سي ٻيو پيرو ٻاجهه پئي، من پاڻ پائين سي
تن منجهه تنين کي، گهٽو گهوري آهيان.

من ملاقات سپرين

1. ميم ملاقت سڃڻين، جيم ملاقت جن
ميم ملاقت سڃڻين، وحدت واڻي تن
تن جا پيرون پڻونر ورنا امل اکڙين
گهڙي هٽ حمر چئي، مونکي سندي طبع تن
آڻ جوڳي سڃڻين، جتي ۽ نه جوڙ سندن
نظر نماڻي ۽ تي ڪلي مان ڪٽن
مان مون سين ڪن، صلح جي سپرين[1].

2. من ملاقت سپرين، آهن محب منهينجي من
راتو ڏينهان روح پرتا اچيو گهٽ گهڙن
اهل انهي ۽ پار جي، چڏيا تان نه چن[2]
سڪ سڃائين اڳري، آهي ويتر کان وڃن
اهڙو آب اکيين پر جنهور جئن جهرکن
جر ٽر ڏيا جهپا، ڪاجا پيان ڪن
صورت پريا سپرين تا منهن لڳيو مرکن

---

1 س: مان مٽي سين ڪن صلح جي سپرين
2 چن - ڪين سڃائين - سجائين - سڃ کان ني ويتر - اجا بڏيڪ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

موتي ڪونہ مٽ ٽيو سندي ذات ذنڊن
پر پٽائين اڳرا جيئن تجلو ڪيو تارن
عجب جهڙيون آڳريون تو تمي نور نهن
سرهو ڳالهاءِ سڃڻين تا ڪتوريءَ ڪلن
تن کي پريون پسڻ آئيون. تيون وڃ پيو واجهن
حورون حيرت ۾ پيون پسي سونهن سندين
عجب اٿيءَ ڳالهه جو ڪيو مجرو ملوڪن
عيوسان ٽي اڳرو آهي پنيو پير پرن
سنهي ليڪ سيني تان ٽي سونهي سپرين
ڏريونک نراڙ ۽ تاچتون ۽ چهنب چون
جا پيشاني پرين. تنهن ٻيو مڙوئي مات ڪيو.

3. من ملاڪت سپرين. ڏيئي جهڙي ذات
من سارين ساڃ تي جاني رهن جت
ڪانگل قربين جا. نيئي توڙ ٻهچايو تت
پيئي جن پرت. سي نينهن نباهي هليا.

4. صبوح ويرسبحان جو پرين پايوم
مائڪ محبوبن جو اندر روح رهيوم
تحفو تن جو تن ۾ لوڪان لڪايوم
سوهڳند جو سائين ۽ جو سو قربين سين ڪيوم
حمر حبيبن سين اچي پيچ پيوم
هٿان هول ويوم. دلگيري دفع ٿي [1].

محبت جي ميدان ۾ ڪجي نه ڪينو
منجهه انبر. منجهه آسمان. منجهه ٽي زمينون
منجهه ٽي حج. حمر چٽي. منجهه پڻ مدينو
جن سڪ سپڪ سينو سي هليا نينهن نباهي پانهنجو.

---

[1] هن بيتن جي هي ترتيب اسان جي خرقان آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

"قالو بلئ" قول

1. سڄ چنڊ پيدا ڪين ٿو نڪو رنگ رباب[1]
نڪي تاراڪتيون، نڪو "قوس" نڪو "قاب"[2]
نڪو ڪعبو قبلو نڪو هو محراب
نڪو عرش عظيم ٿو نڪو هو مهتاب
نڪو در درياهه ٿو نڪا اڇل آب
"الست بربڪم" پڇيو پرين جواب
تڏ حسن اي! حساب، من منهنجي مڃيو.

2. سڄ چنڊ پيدا ڪونہ ٿو نڪي ڇڪيون چار
نڪو معلوم مغرب ٿو، نڪو مشرق ساڻ مهار[3]
نڪا جوڙ جنوب جي، نڪا قطب ڪار
حسن چئي، حبيب پرين منهنجي ارواح ٽٺڙي آر
تڏ دوسائي ديدار، سون "قالو بلئ" ڪهيو.

3. سڄ چنڊ پيدا ڪونہ ٿو نڪو در درياهه
نڪي ڏونگر ڏنيون، نڪي چشمن چاهه
نڪي وڻ وٽ هٿا، نڪي رهبر راهه
انهيءَ هٽ حسن چئي، ڪئي ڪجهاندر ڪاهه
من منهنجي ساهه تڏ "قالو بلئ" ڪهيو.

4. سڄ چنڊ پيدا ڪونہ ٿو نڪا جوڙ جليل
نڪي مڙڪل ماڳ تنهن، جاءِ نہ جبرائيل
نڪي پڪڙ، جن، ديوَ هٿا، هٽ نہ ميڪائيل
منهنجي هٽ حسن چئي، وريو سڏ سبيل[4]
ڏهڪي منجهان ڏيل، سون "قالو بلئ" ڪهيو.

5. سڄ نہ ڪوئي چنڊ ٿو، هئي اونداهي اتول[5]

---

1 ر: نڪو سوال جواب
2 "قوس نہ قاب" مان غالبا "فڪان قاب قوسين اوادنيٰ" ڏانهن اشارو آهي.
3 ر: نڪا مغرب جي معلوميءَ نڪا مشرق ساڻ مهار
4 ر: منهنجي هٽ حسن چئي، ڪيو سڏ سويل
5 اصل: اقول

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

"الست بربکم" جت کيو ڀاڄيندڙ بول
لڳي ڏاڍ ڏين تيو رچي رنگ رتول
حمر حبيبن جو مونکي اندر هٽ هول
"قالوبلیٰ" قول ٻڌم پاروتن ور

6. سج نہ ڪوئي چنڊ هو هئي اونداهي اڻين
نڪا چوڏهه چمر جي نڪي مينگهين مينهن
نڪي منڊن موسمون نڪي راتيون ڏينهن
نڪي عرش ڪرسي نڪي طبق تيئن
حمر چئي حبيب سين، عهد ٻڌو سين اڻين
مان بہ توئي سين، ٿي "قالوبلیٰ" ڪيو.

7. سج نہ ڪو چنڊ هو هوئي هوتگ جڳاءِ
ارڙهن جڳ اڻين گذريا اڳي آدم کانءِ
پريٿي پرينءِ جي بنيواڻ بناءِ
پريو ڏيو ڏيهه پرشاهه شاهن جو شاهه
پيغمبر پيدا ٿي نبي آخر زمانا
تنهن هتي هٽ حمر چئي داتا لڏو داءِ
نايو ڪنڊ قريب ڏي تو ڪيري ارواح
نرمل ڪر نگاهه احمد امت ڪارئي.

ڪارونبار ڪُن گهٽا

1. ڪارونبار ڪُن گهٽا تڙ ٽاڙا تار سُجن
وهي نِٽ نِڪونج ور نهہ سؤسٽ ندين
همیشہ حمر چئي پيتين پير پرين[1]
تِتي تارو طالب ڪيترا واهُر وانڻين
اونهي اِن عميق جي ڪر نہ لڏي ڪن
محب جنين جي حنَ سيئي ساموندي ٽيا.

[1] واٽ هڪنهن پير پرين

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

2. ڪارونيار ڳڻ گهٽا. تڙ مڙيئي تار
ڪنيان ٿو قلوب ۾ ڪوجهي ڪير ڪار
پنج پگهر تيهه اوليون. ساڃا سڙهه سوار
مهندان ٽٽو توريا پئي لڳي بازار
حمر حبيبن جي ساڻي سرڪار
پرور وجهين پار. دنگي هن درياءَ مان.

سمر ڪٽو ساڻيا

1. سمر ڪٽج ساڻيا. راهه پروڙي رند
صحيح پوندوءِ ساڻيه ڏي پانڊي توکي پند
ٽر تنهنجي ٽورڙي جئن ڇوي چٽڪي ڏند
هتان ڪوڙين لک ڪيترا ويا ڪاند نمائي ڪند
جڙيو آ "جمبان" ۾ حمر تنهنجو هنڌ
جهل سينو جهل سپند. تہ اڳيان امانو نہ ٽئين.
2. سمر ڪٽي ساڻيا. سجهه ڪر صباح لڌ
نينهن نياڻيو نماز سين پنجوڻن ڪوڏا ڪڌ
پين حب. حمر چوي اوڏ ڇڏيائون اڏ
تني سندا سڌ. مون ڪينجهر ۾ ڪنين ٻڌا.

خاڪ منهنجو ٿيو

1. خاڪ منهنجو ٿيو خاڪ منهنجو ٿان
دنيا بازي دم سين. جنهن ڪي بنا ناهه بٽاڻ
ويندئي ساهه سرير مان. نڪا صولت شان
قادر ڪوئي مرتئي آت حمر چئي حيران
مولئ ماڻڪ مڪان. ميان محب ملاءِ مون.
2. خاڪ منهنجو ٿيو. بن منهنجي يُون
ويندئي ساهه سرير مان. نڪو هان نہ هون
حمر چئي هن پار جو. پنڌ پروڙيو سون

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تہ جيڪي لکيو لوح ۾، سومڻي اُتي سون
جيڪي ڪندين تون ساڻيندياءِ ڪماڻي قبر ۾.

3. خاڪ منهنجو تڪيو، خاڪ منهنجي جُوءِ
ويندءِ سادھ سريرمان، حمر چئي هوءِ
پوندياءِ خبر خيال جي، وڃي روءِ برو ۽
پاپ ميڙي تون پُوءِ، صباح سنبهندين ساڻيهه تي.

4. خاڪ منهنجو تڪيو، خاڪ ويندي کائي
هي چئن ڏينهن جو چٽڪو لابارو لائي
ڪلمي جي قلوب هر رڪ اندر اچائي
شال مٽائي مَرمران وحدت جي واڻي
منهنجي هٽ حمر چئي، سيبائي سائي
لؤن منجهه ليلائي، پهچان شال پراڙ ڪي.

5. خاڪ تنهنجو تڪيو خاڪ تنهنجو گهر
ڪن هالاڻو هير ڪيو ڪي پانڊي هليا پر
ويندياءِ سادھ سريرمان ٿيندين متي مر
هٽ جو اڏيو، جهوپڙو، سو پورا پانءِ هر گهر
ويلو اٿئي وڃ هر چؤماسوءِ چر
سامياڻو ٿمر، هتان ڪٽج حمر چئي.
خاڪ منهنجو تڪيو، مون متيءَ سين سڳ
ڪنيان ٿو قلب ۾، ڪوجهو ڪيو مر ڪر
پئي حرص حمر چئي واءِ وڃايو چر
اي ڇهه چٽڪو چار ڏينهن دنيا آهي دم
تنهن منجهه اوبارا ايترو جئن ڪڙي ڪهنبي رڳ [1]
مهندان محشر ڏينهڙي جڳ ٿيندو جت جر
نٽ پلاڪ ۾ پرم جئن اڳيان اماڻو نہ ٿيان.

---

[1] ر: جنهن ٽامر ٽوڙي جئن ڪڙي ڪنهبي رڳ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سر مارئي

1. سخن آڇ مَر سومرا، ڪ ڪندون ٻن ڪيڻ
ساريو سانبيڙن ڪي نت نچويان نيڻ
حمر هت نہ گهاريان، سونڪي وڃا ڪيائون ويڻ
آءٌ تني جي ٻيڻ، اُست جني جو آزقو.

2. سخن آڇ مَر سومرا، هنڌ نہ ڇڳاهي
ماروجي مليڙ جا سيڻ منهين جا سي
جا ڇائي ڇارين پاسئي سا ڪوئين ڪوهه ڪري
حمر هت نہ گهاريان ڪٽن سيڻ وساريان سي
جي ميون موڪل ڏي تہ وڃي پسان پنهوارين کي.

3. سخن آڇ مَر سومرا، عمر ڪرامن
سونڪي مار مَر مينڊرا، پيري وڃهه مَرين
قادر ڪنديم ڪڏهين منهنجو سرتين ساڻ سمن
حمر هت نہ گهاريان موڙ نہ مڃان من
پاڪ رکيجون پن، وڃي سرتين جي سڪ ملان.

4. سخن تنهنجو سومرا، اي ست۔ پيڙيا سردار
منان مور نہ وسريا، ويڙهيچا وينجهار
رهن ريل ڪنڊي ۾، پٽ پريا پنهوار
هنيون هت نہ وندري، مون مليران ڏار
ويندیس ويڙيچن وار، وڃي سرتين جي سڪ ملان.

5. سخن آڇ مَر سومرا، مان ماڙيه نہ گهاريان
پل پل انهن پار ڏان نت نت نهاريان
جهانگي جي جهنگن جا سنبي سي ساريان
حميراڻي هنڌ ڙي هي پلنگ ٽي پايان
آساتي آهيان، موڪل ڏينم مليرتي.

6. سخن آڇ مَر سومرا، ڏيهه ونڃ ڏور تيار
ساريو سانبيڙن ڪي ٻڌي پڇ پيار

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جي ڏينهن ڏُجاڻا لنگهڻا سي واجهيندي ويام
حمر هت نه گهاريان. پانور پرين سندام
جي آپر اميدام ملان ماروئڙن کي.

7. سخن آڇ مَرسومرا. ڏيهه وڃ ٽيام ڏور
ساريو سانبيڙن کي. اُتيان ويرا شور
ماڻين ماڪ ملير جي مان۔ جيڏيون مانَ ضرور
حمر هت نه گهاريان. چت پچي ٽيو چور
مون من ملڻ مارئين سومات نه ڪري ٻور
پرچي ڀالهه پروڙ آن اپر اُڪنڊي آهيان.

8. سخن آڇ مَرسومرا. عمر اُڪنڊياس
اڏيا ابائڻ جا پکا پانورَ پاس
حمر هت نه گهاريان. آءِ ايرازي آنڊياس
لوئي هڏ نه لائيان سندي لال لباس [1]
زيون. زيور ڪچوٽا چاڳ نه اچن چاس
وطن آءِ ويندياس. وڃي مرتين جي ست ملان.

9. سخن آڇ مَرسومرا. عمر مونکي اماڻ
مون جيڏيون مليرِ برکرين رس رهاڻ
قادر مانَ لاهيندو مهڻي جي منهن ڪاڻ
حمر هت نه گهاريان مهي هت سهاڻ
ويندیس ويڙ وٽاڻ وڃي مرتين جي ست ملان.

مومل راڻو

1. جهجمڪ جهروڪان. راڻيون رتولن ر [2]
ڪئيسر پنين ڪپڙين ڪڪوريا ڪيڻان
اکيون ڪجل. منهن ماڻڪيون. پيرون پونئر پريان

---

[1] لائيان = لاهيان
[2] جهروڪان: مس = جروڪان

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

منجهان هيج حمر چئي ٻهي پچن پيان
سرها سحر سندان تلن کوٽر ڪنڊيءَ تي [1]

2. تلن کوٽر ڪنڊيءَ تي طوطڪي ترسن
منجهان هيج حمر چئي پانڊيڙو پچن
وهن وڃائن تي مٿان چانڻ چٽن
الله آساتن سائين سڄڻ ميلئين.

رامڪلي

1. حب هدايت هٽ ۾ ڪيائون وحدت وات
سانجھ ساک وڃائين اٽي آڏيءَ رات [2]
سوبيو بڌن سندرا پور ڏيو پريات
پيئن هٽ حمر چئي. تن منجهه طلب تات
جس انهيءَ جي جات. جي گر کي گڏيا ڪاپڙي

2. حب هدايت هٽ ۾. پچي پوريائون
منجهان شهدت. شيخ چئي. رچي رڳيائون
ڏيو ڏيهه ڏنيءَ جو مرسل مڃيائون
انهيءَ جون دانهون. ڪينجهر ۾ ڪاليه هيون.

2. حب هدايت هٽ ۾ منهنجا سامي سرت سڃاڻ
ڪر اوجارا ڪاپڙي ڪر مون وٽ هڻا مزمان
آندا آديسين اهجاڻ گر کي گڏيا ڪاپڙي

ساموندي

1. ڪارونيهر ڪن گهٽا تڙ تاتار سڄن [3]
وهن نت نڪونج ٻرن ڙمڙمٽ ٽڏين
هميشه حمر چئي. تا پتين پير پرن [4]

---

1 سحر: ص. سهيئر
2 سانجھ - سانجر = ساجهر
3 س. ڪارونيهر (ڪڏا)
4 ز: هزارين حمر چئي. الخ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تني تارو طالب ڪيترا. وارو ونجهه وڃهن
تان پي اونهي ڪن عميق جي ڪر نه لڏي ڪن
محب جنين جي من سي سامونڌي سڙ پيا.
2 ڪارونهير ڪن گهٽا تڙ مڙيئي تار
ڪنبان تي قلوب ۾ ڪوجهي ڪير ڪار
پنج پڳهه تيهه اوليون ساچا سڙ سوار[1]
جتي تسو ترنڌا پئي لڳي بازار[2]
تني حمر حبيبن جي آهي ستائي سرڪار
پرود وڃهي پار دنگي هن درياهه مان.

شيخ بڪر

شيخ بڪر وڏو جنهن جي نالي سان شيخن جو مقام مشهور ٿيو حالانڪ شيخ حمر ۽ شيخ ابراهيم به ساڳئي مقام ۾ مدفون آهن. شيخ بڪر درويش توڙي شاعر هو. شيخ گنج بخش چيو ته: "شيخ بڪر وڏي به گهڻو ئي شعر چيو. سندس ڪيترائي بيت ڪتاب ۾ هئا. مگر اهو ڪتاب ضايع ٿي ويو." شيخ بڪر جو هيٺيون بيت سندس اعليٰ شاعري جي ساک پيري ٿو:

دم دم دوست دل ۾ تا مونکي اچن جر جر جهارا
ڪر ڪر ڪار قريب ڪانهن ديکيم دم دم ديدارا
ڏٺيم نر نمنڊي نيشاني نور جي. ويم لهي وهم وم ويدارا
وٺيم بوءِ بوءِ بناس بڪر چشي. ٿي نهاريم جوءِ جوءِ جبارا
وڃ وڃ وڃ ونس متائيا تو ڏي سڃ سڃ سڃندا سونهارا
پوءِ جن جا اهڙا ارواح اوجارا. تن جي ڏينڌس جانب ساهه جوت ٿي.

---

[1] س. "ساجا سڙه سنهار"
[2] تسو - فرق س. مهندان تسو تورهو پئي لڳي بازار. جتي تسو ترنڌا. الخ ۾ قرآن شريف جي آيت "ومن يعمل مثقال ذرة خيرا يره ومن يعمل مثقال ذرة شرا يره" ڪانهن اشارو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پئي بيت ۾ چوي ٿو ته:

ڪاري ڪٽ ڪميت تي. چست پرين چڙهنديا
ڪارا ڪپڙا قيمتي پڄي پيرهنديا
سائو نيزو هٿ ڪري اتر ڏانهن ايندياس
دشمن تنهنجي در جا سي آءِ پالين سين پچنديا[1]
ڏسيج آءٌ ڏيندياس. تنهنجي جانب ساهه جوت تي.

هن بيت ۾ مقامي اعتقاد، رسم و رواج يا ڪنهن واقعي يا حادثي ڏانهن تمثيلي اشارو ڪيل ٿو پائجي. شيخ بکر رزميه شعر به چيو آهي ۽ مينگل سردارن جي بهادريءَ تي بيت ٻڌائين. جن جو ذڪر باب ٽئين (ص 106) ۾ ڪري چڪا آهيون. انهن بيتن مان معلوم ٿئي ٿو ته شيخ بکر سنه 1839ع ڌاري يا ان سال کان پوءِ ئي گذريو آهي. اڃڪلهه شيخ بکر جا بيت پيلي جي راوين وٽ به محفوظ نه رهيا آهن. انهيءَ ڪري سندس شعر جون ٻيون مختلف جنسون ملي نه سگهيون. فقط هيٺيان ٻه بيت سسئي جي سر جا راوين وٽان مليا ۽ پڻ شيخ سائينداد جي ڪتاب ۾ نظر آيا.

سسئي جو سڳ

1. نڪو سڳ سسئي ڪي، ٽيس امر الاهي
نڪو پياءِ برادر بکر چئي نه ڪنه ماڳ مائي[2]
هئي جنهن منڊ چائي، ڪيائين سوئي ڪانڊ ڪچ ۾
2. نڪو سڳ سسئي ڪي، امر اثين ٽيوس
سا آدم ڪان اڳ هئي پيچو ڪٽ پيوس
نڪو پياءِ برادر بکر چئي نڪو مياءِ مامو س
هو پنهون پيءِ سندوس، پر ڪرهٿي ڪانڊ ڪيو.

---

[1] س. ڏل جا
[2] س ـ نڪا ماڳهه مائي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باب ڏهون

شيخ ابراهيم ۽ سندس شاعري

شيخ ابراهيم شيخ خاندان جي پهرئين شاعر شيخ حمر جو فرزند هو. جيئن شجري مان ظاهر آهي. شيخ ابراهيم جا پيا به ٻه پاٽ هئا: نورمحمد ۽ سائينداد سندن والد شيخ حمر کي پنهنجو مڪتب هوءِ هي تيئي پاٽ پنهنجي والد جا شاگرد رهيا. شيخ ابراهيم پڻ پنهنجي پيءُ شيخ حمر وٽ ۽ غالباً ڪنهن پئي مدرسي ۾ به پڙهيو. هو جام ميرخان اول جي وقت ۾ قاضي ٿيو ۽ جام صاحب ڪيس سندون ڏنيون. جن مان هڪ سنه 1210هـ (1790ع) ۽ ٻيءَ سنه 1221هـ (1806ع) جي آهي. جيڪڏهن پهرين سند وقت سندس عمر ڪم از ڪم چاليهه سال تسليم ڪجي ته پوءِ چئبو ته سندس ولادت سنه 1170هـ ڌاري ٿي. سندس وفات يقيني طور سنه 1221هـ/1806ع کان پوءِ ٿي هوندي.

چون ٿا ته شيخ ابراهيم جي شاعري جي شروعات ننڍي وهيءَ ۾ شاگردي واري زماني ۾ ٿي. ميان ڪريمداد خبر ڪئي ته: ابراهيم ڪٽابي هو جو بيت چوڻ لڳو. تنهن تي ڪنهن پئي خطابي وڃي شيخ حمر کي چيو ته سائين ابراهيم به بيت ٿو ٺاهي. شيخ حمر چيو ته وٺي اچوس ته پچونس متان امان کي خوار نه ڪري. اتي ڪٽابي ابراهيم کي وٺي آيا. حمر ڪانئس پچيو ته بيت ٿو ٺاهين چا؟ ابراهيم چيو ته سائين ٺاهيان آءٌ به ٿو. اتي حمر چيو ته پلا پنهنجو ڪو بيت ٻڌاءِ. ابراهيم چيو ته سائين تون منهنجو والد ۽ استاد تون ٻسر الله ڪر ته پوءِ آءٌ به انهيءَ نموني ٿي جهڙو حال هوندو تهڙو ونڊيندس. اتي شيخ حمر هي بيت ڏنو ته:

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جوڳ ڪڍيائين جيئن. تيئن منهنجا سناسي سڙا
پتنگ پوي جيئن آڳ ۾ پتنجو تہ پڪايائون تيئن
جيءَ سا جوڳيڙن جي عادت آهي ائين
ڏيڙي حال حمر چئي. هئي هئي ڏنام هيئن
سا سونائون سيئن. جنهن نيئي ملايا محبوب کي.

اتي براهيم وراڻيو تہ:

جوڳ ڪڍيائون جيئن. تيئن منهنجا سناسي سڙا
ڪنل ڪنا ڪيڙي وڍيل وڍيا نينهن
رتل رتا رب سين اچي موسر وڻا مينهن
انيءَ باب براهم چئي هي نات نهوڙيا نينهن
سا سونائون سينئن. جنهن نيئي ملايا محبوب کي.

اتي شيخ حمر وري بيت ڏنو تہ:

چانگا چيو تہ ڪرين. ميا منهنجي مڏ
وڃين واس ولين جا. تو رسيو چرين رڏ
جت ڳڏبايا جوءِ هڙهي پيچندايا هڏ
حمر چئي هن پار جو آهي پنڌ ڏيگهارون لڏ
سوين ڪندين سڏ. تہ به حرف بچائيندوءِ هيڪڙو.

چيائين تہ پٽ چئو. انهيءَ تي شيخ ابراهيم چيو تہ[1]:

چانگا چت منجهاءِ اڌ ڪو لاهه مران جو
ان اوڏين جي ابراهيم چئي. تو کي ڪل نہ ڪا
واري وڃ منجهاءِ هڪ ڏينهن ڪاهيو ونداءِ ڪاڪ تي.

شيخ حمر اهي بيت ٻڌي چيس تہ: ابا تون پلي وڃي بيت ٺاهه ان بعد شيخ ابراهيم جي شاعريءَ جو بحر اچي کليو. ا. هـ

---

[1] هي بيت بروايت حاجي جمن شيخ کان نقل ڪيو ويا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سنڌ جي سگهڙن. حاجي سرماڻ خان ۽ سندس فرزند حاجي ميان محمد سوڍي خبر ڪئي ته: شيخ ابراهيم جو والد شيخ حمر تورڙي سندس والده ماڻي بوجاتي ٻئي پيٽ ۾ خدا وارا هئا. شيخ ابراهيم پيٽ ۾ هو جو شيخ حمر جهڊ ڪٽڻ ويو هو. موٽيو ته ابراهيم وڏوتي ويو هو ۽ پنهنجي ساڻين سنگتين سان گڏ هو. ان وقت شيخ حمر ڳالهه ٻڌي ته ابراهيم به بيٺ ٽوڻاهي. ان وقت ٻنهي جي وچ ۾ مٺيان بيٺ هليا. چيائون ته: شيخ ابراهيم کي سڄي عمر گهٽوڪري هڪ ڪٽو ڪلهن تي ۽ هڪ ڪٽو گوڏ طور رهيو. ا. هـ

ڇڻي ٽئو سگهجي ته شيخ حمر ۽ پٽ شيخ ابراهيم ڪهڙا ۽ ڪيترا بيٺ هڪٻئي ساڻهون چيا. ممڪن آهي ته اهي بيٺ شيخ ابراهيم پنهنجي والد جي بيٺن جي تتبع ۾ چيا هجن. اهڙو مثال شيخ ابراهيم جي هيٺين بيٺ مان ملي ٿو. جو شيخ حمر جي "من ملاقت سپرين" واري عنوان هيٺ قلمبند ڪيل بيٺن جي ٻران ٽوپائنجي ته:

من ملاقت سپرين. تن ملاقت تات
ساد ملاقت سڄڻين. جي ۽ ملاقت جات
انهي ۽ باب براهر ڇڻي پنهنجو رب مگيج رات
پرهه ڏٽي ۽ پرڀات. پوندين پيش پرين ۽ جي.

بهرحال شيخ ابراهيم کي ڏئي تعالىٰ طبع سليم ڏني هئي. باقي شاعراڻ ذوق پنهنجي والد جي صحبت مان حاصل ٿيس. قرآن شريف ۽ ديني تعليم جي بناء تي شيخ ابراهيم کي عام روايتي قصا مسلمانن جي فائدي لاءِ منظوم ڪيا. جيئن ته "قصو حضرت علي ۽ ميلڪ جو". قصو ابو شام (؟) جو". قصو محمد حنيف جو." ازانسواءِ عام قصا ۽ عوام جي وندر ۽ دلچسپي خاطر جوڙيائين جيئن ته: "قصو جم جما سلطان جو" قصو بهرام گور ۽ بانو پري ۽ جو" ۽ قصو مومل راڻي جو." اهي قصا شيخ سائينداد جي لکيل ڪتاب ۾ ستن مداحن ۽ ڪن منظوم روايتن سميت قلمبند ٿيل آهن ۽ صرف شيخ سائينداد جي حافظي جو ثمر آهن.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ممڪن آهي تہ شيخ ابراهيم اڃا بہ ٻيو ڪو نظم جو وڏو ذخيرو ڇڏيو هجي جو اسان تائين نہ پهتو هجي. انهن قصن. روايتن ۽ مداحن ۾ شيخ ابراهيم جي شاعري علمي ۽ ارادي آهي. سندس فطري شاعري جو جلوه سندس انهن بيتن ۽ دوهن ۾ سمايل آهي. جي سندس جي عام شاعري جي رنگ ۾ رچيل آهن ۽ اڪثر شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهہ جي همعصراڻ ذوق ۽ شوق جو نتيجو آهن.

شيخ ابراهيم ٻيلي جي شاعريءَ جو اڏو ۽ اڇهو هو. بلڪ عام شاعري جو ڪوٺي هو. جنهن تي هر ڪنهن شاعر اچي تي پنهنجو جوهر پرکيو. ڪبيرشاهہ سنڌ مان ڪهي اچي هن ڪوٺي ڪي پرکيو. شاهہ ڇڃ ڪنجي هو جنهن اچي شيخ جي شاعريءَ جو خزانو کوليو. اکيلو شيخ ابراهيم ڇڃ هڪ هٿ هو: جڏهن ڪبيرشاهہ جو ٻيو هٿ هن هٿ تي لڳو تڏهن تازي وڳي ۽ ٻيلي ۾ شاعريءَ جو غوغاءَ ۽ غلغلو ٿيو. شيخ ابراهيم جي صحبت يا اثر سان صفر برادين مگيو برادين ۽ سندس پاءُ محراب برادين. شاعر ٿر ۾ ٻيا ٻيلي جا مشهور شاعر ٿيا ۽ ازانسواءِ خود شيخ خاندان ۾ بہ شاعريءَ جو ٽڏو لڳي ويو.

شيخ ابراهيم هر فن مولىٰ هو. معما. ڏور. ڏڪ پرولين. روايتي قصا. عام قصا. مداحون. عام بيت ۽ سينگار جا بيت ۽ رسالي جا بيت جوڙيائين. انهن مان ڪن جا نمونا هيٺ ڏنا وڃن ٿا.

معما: شيخ ابراهيم جي چيل معما "مونکي جاڏ مڙيوئي جند" هن کان اڳ قلمبند ٿي چڪي آهي[1].

ڏور: حضرت ابراهيم ۽ آڌاهہ واري ذڪر تي شيخ ابراهيم هي ڏور ٻڌو:

تر ٽوهر گهر جهوپڙا. اونها کوهہ سپن
ابراهيم آڌاهہ ۾ وڃايو واٽين
ماڙي چڙهي بيبي. جان تهاريو تيٽن

---

[1] ڪوپاڻ چهين ص 178

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تان آئي ڪٽون خوب وڃايون موچاريون ملڪ ۾
اندر باغ براهر چئي ٿا لکين ميوا لامر لڏن
بازو وجهي ٻن. ملوپيتو مارئي.

روايتي قصا: روايتي قصا مثلاً "قصو حضرت علي ۽ ميلڪ جو". قصو ابو شام جو". "قصو محمد حنيفي" ۽ حڪايات محمد امام حسين جي شهادت جي" منظوم ڪيائين.

عام قصا: عام قصن مان شيخ ابراهيم "جمر جما سلطان" ۽ "مومل راڻي" جا قصا منظوم ڪيا. عام قصن کي سنڌ جي شاعرن اڪثر ڏکڻ سنڌي بيتن ۾ ڳايو آهي. مگر شيخ ابراهيم هڪ نئون رستو اختيار ڪري اڪثر نندن رسالي جي بيتن ۾ هي قصا ادا ڪيا آهن ۽ فقط جڏهن وصف يا بيان جي ضرورت پيش آئي اٿس تڏهن پنهنجي طبع جي رواني ۽ شاعريءَ جي پلٽ سبب ڏڪيا بيت بڏا اٿس. ٻيو ته قصن کي بيان ڪرڻ ۾ ٻي موقعي ڏيکڻ جي بجاءِ سنئون سڌو مقصد ادا ڪيو اٿس. سنڌس جوڙيل "مومل راڻي جي قصي" مان کي بيت هيٺ ڏجن ٿا.

ڏسبو ته شيخ ابراهيم قصي جي شروعات ۾ ئي صرف مختصر تمهيد بعد ٻڌي بيت ۾ سڌو سنئون اصل قصي تي آيو آهي:

1. وڏي سڳهه ستار کي جو ٻلند باري آهه
جڳائي جنهن صاحب کي ميڪا ساراهاءِ
سڻو سڀجهاءِ قصو ويڻي کاڪ جو.

2. سندو سنڌ هير هو سومرو سردار
سو ڪامل قوي هو ويڙ عقل وينجهار
هڪ ڪمي هيس ڪانڪا ٻيو دل وڏي دلدار
قابل در ڪمان جو سورهيه سلحدار
يارن سنڌو يار تنهنجو شوق شڪار سين.

شڪار ڪندي سموري سردار ۽ سنڌس ساٿين کي هڪ سامي گڏجي ٿو:

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

21. پرهه جو پيدا ٿيو سامي سورج ويس
زرد ڪمربند ڪاپڙي مٿس تاج مڪيس
مالهه ڦلي. سر ساڏوئي. لالائي لبيس
زمي رائي پچيو آديءَ آديس
اهابات براهم چئي ٿو ڪليو پچي ڪيس:
"ڏس اوهائي ڏيس. جتان رچي رانول رنگ رتول ٿئين".
22. چئي: ٿيس رچي رنگ رتول. ڪبي آيس ڪاڪمان
مون لشڪر لک لٽائيا. جيئن ٻڏو هوم ٻول
ڪلنگي ڪل ڪپار بر سر هزاري هول
منجهن ڪونه رهيو ڪڏهين موالي من ڪول
پاڙي ڪامڻ قول. سپ پدمڻي پيمال ڪيا.
سامي کين موءل ۽ سندس سهيلين جي خبر ڏيندي چوي ٿو ته:
35. سبزي گل گلاب جا سبزي ويد ستدان
سبزي ڪتون ڪتلا سبزي وڃاڻان
سبزي پتيون بنگلا سبزي مناران
سبزي ارت ان جا سبزي ديوسان
سبزي هانيين هانهن بر سبزي هانهوتان
سبزي سبز صندوقئين جڙيا جنهوران
سبزي باغ براهم چئي ميوا موڪ پڪان
سڀ تاڪي تعريفان جي ٿيون ڪتن ڪنوارين ڪاڪ بر

ڪاڪ تي. ناتر نوڪرياڻي موءل متعلق هنن چئن سائين کي هي خبر ٿي ڏني ته:

45. آهي حورن جي حساب. ڪر پري ذات پدمڻي
تنهن بهت ماريا منڊ مجنا. هت نائي نر نواب
اُنهن پهچي کين کيا. ڪنهن سائس سوال جواب

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سا سوڍي ڪري ٿي سرمستو در ڳوري سين داب [1]
ٽڪ جبين مهتاب. تنهنجي وڻڪ وڃائين وتري

46. سوڍي رنگ سرنگ. گجر گن گيان ہر
سونهن سيهل اڳري اُدرلهه جيهس انگ
سا هيڙي حال [حسن سان ٿي ہنگڻ هٿي ہنگ]
اُنهين گل چڏيو گلرنگ. اچبو پُونِ پونئر پنهلجو.

47. جي پسيوَ تنهن جي سونهن. هيڪر اکڙين سين
ته ويٺا هت وروٺهه. ڪريو ڪاڪ ڪنڊيءَ ہر.

48. نڪا تل نه تنهنجو. نه ڪا شان شبيه
هٿي هالبن کي ڪهبر ڪان قوي [2]
تنهن ساري منڊ مات ڪيا غازي مرد غني
هوا ڪنڊيءَ ڪاڪ ولي. ہر خواب ستاڪن خاڪ ہر.

هتن مثالن مان ظاهر آهي ته شيخ ابراهيم هي قصو رسالي جي طرز وارن ننڍن بيتن ہر ٻڌايو آهي. جو هڪ نئون نمونو آهي. سنڌي شاعرن رسالن ہرڪنڊهن ٻه قصا پيرائتا بيان نه ڪيا آهن ۽جن شاعرن قصا منظوم ڪيا آهن تن اڪثر وڏا ڏکها بيت ڪر آندا آهن. البته شيخ ابراهيم موڪي جي لحاظ سان وڏا بيت پڻ ٻڌا آهن جيئن ته هن ساڻڪي مومل راڻي جي قصي ہر مومل لاءِ راڻي جي ڇهه ڳهڙايا آهن تن جي بيان ہر بيت (نمبر 98) ہڪ آهي جو وصف ۽ بيان جي ضرورت سبب ڪافي ڏکهو آهي. هي بيت باب ڇهين ہر "وصف" جي عنوان هيٺ بيان ٿي چڪو آهي [3].

---

1 سرمستو = چالبازي. "سا سوڍي ڪري ٿي سرمستو در ڳوري سين داب" (؟)
2 هالبن = هارين (؟) = پڇندڙ ڪهبر = تيز. بجلي دار (؟)
3 ڏسو مٿي ص ص 158_160. سڄي قصي لاءِ ڏسو اسان جو مرتب ڪيل لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب نمبر 33 ڪر "مومل راڻو".

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مدح ۽ صفت: نبي صلعم ۽ يارن سونهارن جي مدح ۽ تعريف ۾ شيخ ابراهيم نهايت سهڻي پيرايه ۾ ڪئي آهي. "معراج مرسل" جي بيان ۾ شيخ چوي ٿو ته:

1. ناز منجهارا نڪري جڏ پرين پنڌ پيو
حورون حيرت پيئون شمس شرميو
تارا، نڪت، ڪيون، قمر ڪين ڪيو
پي اوس ان جو وڃن ويس متيو
ملائڪ مجرو ڪيو پي سرور سو
برين بحرين براهم چئي منهنجو مرسل مهند ٿيو
مونکي سوگند سائين، جو ته مون جو ساجن سنيهان سهڙ

2. نفل پڙهي نگيو سنپوڙو سرور
تنهن سين ايڪ براق براهم چئي نيڪ نظر
تنهن تي چڙهي هليو چاڳلو پيارو پيغمبر
ستاوينهين ماهه سومار جي هو رجب رات پهر
مقرب ملائڪين مهند ڪيو امت جو اوجر
اي، دامن دهر، جئن خان ڪئي گهر آئيو.

3. نفل پڙهي نگيو هليو هاشمي
ملائڪ مطيع تيا ڪانڌ هئي جن ڪمي
پڙهن شهدت شيخ چئي ٽيئر ساڻ تمي
لٽا غر غمي، گهوٽ ڪئي گهر آئيو.

شيخ ابراهيم جي چيل هڪ مدح جو منڊ باب ٽئين هيٺ قلمبند ٿي چڪو آهي [1]. شايد انهيءَ مدح منجهه ئي اڳتي هلي هن طرح صفت ڪري ٿو ته:

ابابڪر عمر عثمان علي آهن چار چڱا چوڏاري

---

[1] نسوٽي ص 91

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

چار ڪتاب، چار ڪرسيون، مذهب چار مداري
چار ڪلما، چار مقام جن جي راهه سڪو رهه داري
چار پير چئون ڪري من منجهه موڪ مچاري

شيخ ابراهيم جي شاعريءَ جي انهن مختلف جنسن پيش ڪرڻ بعد هيٺ هن نامور شاعر جو اهو جملي ڪلام ڏجي تو جو ادبي نقطه نظر کان اهم آهي.

محبتءِ مجاز[1]

فصل-1

1. ستي ڏٺم سپرين اندر خواب خمار
جان جاڳان تان جيڪي ٿيو عجب پريان پار
تلاهه تلن تن سين رپي ڪان رنگدرا
جهڙي صورت اعليٰ سڃڻين تهڙي مورت نه مروار
نه ساجوت جمروڌ جي، نه سي هيرا هار
در ڪ ڏندان ڏوتي دوست پرين دلدار
برهه ڪٽ، براهر چئي، وحدتي وينجهار
مون وس محب نه اچئا، تون جانب ميڙ جبار
وساريان نه وسرن، دم نه دليان ڏار
من مٿي محبوب جي خوش طبع ختڪار
جئن ساڻ بوند بهار، تئن وسن ٿا وجود ۾.

2. لوڏا لکيسر اڳري، جنهن اڳيان باهون ٻئي ٻنج[2]
اڇي ٻانهين ٻانهن ۾ سونهي خاشي ڪنج
مرڪڻ موتي هٽ ۾ هار پکيڑي هنج
براهر چئي ٻاڪ جو يا ساجن ملي سنجهه
تو اندر جا اهنج، لحظي منجهه لاهي چڏي

---

[1] هي عنوان توڙي هيٺ ڪٿل فصل ۾ بيٺن جي ترتيب اسان جي طرفان آهن.
[2] ٻنج: ص. ٻج

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

1. اکيون جت اڙن. من بہ اتي مينڙو[1]
هٽن حاجت چڏائي. تا پير بہ پينکون ڪن
سڀ ڳڏ سوالي سر جا. تا مڙيو منڙون ڪن
الله لڳ ابراهم چئي. پرچي مان پچن
جي دوست دلاسو ڏين. تہ سدا وتان سڙو.

2. اکين اُورڙون اُور پريان سندي پاري ڏي[2]
محبت مائي نہ ٽئي معشوقائي مور
ساعت سل پانڻيان جئن ڏينهن گذرن ڏور
دلاسو ڏهدون جي جائن تہ چگي ٿيان[3].

3. چشمن چت پچي ڪيو اکڙين نہ اٽڪا
ڪڏهن وسرنم ڪينڪي لالڻ جا لٽڪا
نظر نيزا ناز پرين. جت سامهڪري سٽڪا
چاڪ چتيون چٽڪا. لک اکڙين جا ابراهم چئي.

4. ساريان سپرين کي هردم هٿڙ پسيو
چکن ٽا چشماهم برول ول آب وسيو[4]
منهنجي نياءڙي محب پرين. دلبر دل کسيو[5]
پرج دوس. براهم چئي. گهرجين روح رسيو[6]
آئين ڏونگر ڪير ڏسيو. يا رب يار ملائين[7].

---

1 هي بيت چوٿين بيت سکهڙ وريام فقير جت. ويڻل لڳ گهوڙا ٻاري جي اکيلي روايت موجب ڏنا ويا آهن.
2 ص "اکين اُور اور".
3 جائن = جوائي موڪلين
4 ر: چٽڪن ٽا چشماهم برالخ
5 نياءڙي = تورني ني تن ڪلي وٽين
6 ر: "پرج — گهرجين راوت روءِ رسيو". پرج = راضي ٿج
7 "ڏونگر ڪير ڏسيو الخ" ڏسيو = ڏکويل يا ڏکايو مثلاً: "ڏنين ڏيل ڏسائين سو اجي پسو پريان" ڏسائيو يعني ڏکائيو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

5. ساريان سپرين کي هر دم پيو هنڊ
ڪيان ڪيئن قريب کان قول مقابل ڪنڊ[1]
وانجا آهم وصال جي. سائن ساڪ سچو سوچنڊ
پڌم قول قريب سين هو جي هائي ڏنڊ
آيا. ابراهيم چشي. پرين سواري پنڊ[2]
صاحب نانءَ صمد! تون داتا دوست ملائين[3].

7. تند تند تات پرينءَ جي. نس نس اندر نينهن[4]
هر هر حب حبيب جي. سنڊ سنڊ ساجن سيئن
پورج انهيءَ پنڊ کي رمج راتو ڏينهن
اکيين مان ابراهر چئي. موڪ وسايم مينهن
اچي ملج ائين. جيئن رهان معرفت ۾ محبوب جي.

فصل_2

1. چنچر ساريم سپرين. ايندم شال آچار
پير پچان تي پرين لاءِ سگوري سومار
اڱاري ايندا پرين دلبر ديس دوار[5]
اربعا آساتي اک ڏي ڪٽي نيڻ نهار[6]
خوش من ڏينهن خميس جي براهر چئي برکار
گهر گهر کيرون چار. منهنجا جمعي جانب آئيا.

2. چنچر ساريم سپرين. آچار عجيبن

---

1 و: "ڪيانءِ قريب ڏانهن_ الخ". س: "ڪنڊا ڪيئن قريب کان_ الخ"

2 و: _ پرين سهاري پنڊ: _ ساري پنڊ سواري: پنڊ

3 و: "جنهن جو صاحب نانءَ صمد! اي تون داتا دوست ملائين"

4 هي بيت ساڪري جي سگهڙ ميان حاجي محمد سوڍي بگهيار وٽان مليو ۽ سندس اڪيلي روايت موجب قلمبند ڪيو ويو.

5 س: "_ دلبر دوست دوار"

6 "_ ڪٽي نيڻن سين نهار"

جيئي سنڊ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سڳوري سومار جو ڏنو ڏينهن پرين
اڳاري ڏنهن آس ٿي منهنجي محبوبن
اربعا سڄڻ ساريان خوشيءَ ٿيئن ڪلن
ڪيرون ڏينهن خميس جي واڌايون ورڪن
ڪيو دلاسو دوسن، منهنجا جمعي جانب آئيا[1].

3. جمعي جانب آئيا، ٿي بعد جمعي برجاء
وئڙا سور وريهن جا، ساجن جي ساجاء
ملير مارو مهت ٿيئن لشڪر جهوري جاء
وزير بخت براهمر چئي منهنجي دل نه دوکو کاء
عجب جهڙي آهر صورت سپيرين جي.

4. وريو بخت براهمر چئي سپي ٿيا سهنج
درد مڙيئي دور ٿيا جي هوا اندر منجهه اهنج
دوس دلاسو چائيو روح چنڪو کي رنج
دکن سندي ڏنج، شال رهي مرتي جيتري[2].

فصل_3

1. چنڊ اهوئي چنڊ، جو ڏٺوسين سڄڻين[3]
ائين ملامون پرين، جيئن ڪير ملوسين ڪنڊ
انهه باب براهمر چئي، پس محبت سندو منڊ
ساجن سرت سمنڊ، تون ڪيئن چائي من چپائين[4]

2. چنڊ ري چانڊوکي نه ٿئي، سج ري ذات نه ڏينهن

---

1 هڪڙا سي ري: "ـ واڪايون وهسن". علي محمد مگنهار چيو ته هن طرح، ڏينهن جا ست بيت آسان بڻا.
2 ڏنج = ڏڪ
3 سڄڻين = سڄڻن ۾، سڄڻ جي سونهن ۾
4 ساجن سرت سمنڊ، الخ = سڄڻ کي سمنڊ جهڙي عميق ۽ اٿاهه چاڻ آهي پوءِ تون ڪيئن وڃيو پائي، جي چاڻي (ڏوڪو پائي) سان دل لڳائين (چپائين)

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

گل بهار، براهم چئي، موڪ نه ڇڏن ري مينهن [1]
اڪونجر عميق هڙئي جر سپ گهري جيئن [2]
تن منجهه رکي تيئن مانکي پنهنجو سڃڻ سانڊيو.

3. اڪونجر عميق هڙئي جر سپ گهري جال
سامستي وچ سموند جي ٿي نيڪ نن نهال
وسندي واحد ڪئن، پني موتين مال
الحمدلله آواز ڪيو يانئي پلا يال
براهم چئي بحر هر تنهن سانڊيا ڪوئر ڪمال
سي ٿين خالق در خوشحال سيکنهن سڪ جن جي.

فصل-4

1. در مَر ديوانا ڇڏ، ورڃي ويهه مرڪڏهين
آورڇ ٿي اُيهه ٿون ته سيڻ ڪوئينداءِ سڏ
ادب سان ابراهم چئي نيئي پاڻ غاريبيءَ گڏ
ليکو ڪري مرلڏ اڏ تا اوڏاڻي ٽڪي.

2. پرين منهنجا پٽ، آءُ ست نه جوڳي سڃڻين
هوءِ داناءِ دوست پرين، تن جي موزي ناهيان مٽ
سڃڻ سنگ مصريءَ جو تنهن آءِ ويڳاڻو وٽ
تن پلن جا، براهم چئي، تون چونڊ ڳڻين ڇهٽ
تن جامن پنيءَ ڇٽ، شال ڪير ڪڙو رهين.

3. ڪ حويليون هن هٽ، منهنجو روح نه ريجهي راڄ ر
اڃاڻن سين ايڪ گهڙي ڪر ٽير ڇهارو ڇٽ
آپلن جي براهم چئي مونکي اندر منجهه اڪهٽ

---

[1] موڪ نه ڇڏن - موڪلن نه ٿين
[2] اڪونجر - اونهو اڇاڻ پاڻي سنڊ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

موتج پرين پٽ، مونکي سکڻ ونا سور ڪيا.

4. هوءِ جي چونر جي، تہ (سا) جي، سڻي جيان گھٽو
آٽيو آب اکين مان پرين ڇونر پي،
اِنيهن يان، براهر چئي، آيو اگڻ ٽي،
کو دم دوست آيي، تہ سو دم سامهر ستو ڪنيان.

5. پرين بنا پرديس پرس هنيڙي جا حال
ڏينهن ڏهاڙو رهيه گذري پهر ته پندرهن سال
ساعت سالان سرهي، در گهڙي در حال
ساجن جي هن سامهر ڪي سيڪنهن ويرسنيال
ايندام اوڏا سپرين، براهر چئي برحال
[ٿيندا تيڻ نهال، اچڻ ساڻ عجيب جي].

فصل_5

1. جي پائين جوڳي ٽيان، مڪان وڃي ڏارو
سامي، ڪويس ڪري نڪران نهارو
پنهنجي هٽ ڀگارو من ڏينر بيڪ براهر چئي [1]

2. جي پائين جوڳي ٽيان، بيني وجايان بين
پيا گهرن بيڪ براهر چئي، آءٌ ڪي بہ گهران ڪين
عامل ڪري امين، وڃي پرين پرڇايان پاتهنجو [2]

---

[1] هي بہ بيت ساڪڙي جي سڳيڙ حاجي محمد سومري کان مليا ۽ سندس واحد روايت مطابق ڪلهوڙ ٽيل آهن.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

سريوري (3) ،

1. ويج ڏنيين ٽوهانهن، درد نه لهين دل جو[1]
ڏنيين ڏيل ڏسائيو سواچي پوپريانه[2]
سامهڻ هٿ ساجن جي هي، ڪريان ڪهڙي ڏانهن
جيڏيون هوندا جيان، جي آڻيو بابوهن باغ جو.

2. سپريام طبيب، هڪي ٻين کان نه گهران
مرض وڳڙ چامن سين اينڊم هر دم روءِ حبيب
محب مليندم هڙا اکين نار عجيب
ويندو برهه سور براهم چئي لهندا غم غريب
ايندم ڪامل دوست قريب، اينا ويج هڪي وتاءِ ڪٽي[3]

3 ويج مرمون وٽ ويهه، هي، اچڻ ويو عجيب جي
اُٽ آڳاهون ڪڻ هڪيو، وڃي پهه پراهون پيهه
تنهنجي اوکت عمل ناهه ڪو، تون رنگ هلين ٿو ويهه[4]
انه باب براهم چئي ڏينهن ڏٽي چڏيهه
ايندم ساجن صحت سنيهه، مت ڪيدار ڪوٽين[5]

4. ڪي ڪيدار اوڏي هڏم آڻ تون
هتان ويج ورچي هليا تو جيئن طمعدار
سا پڙي ڪانءِ مرپانهنجي براهم چئي بيڪار[6]
تون منجا هانهه هنجڙو، نه تو سڏ طبيبي سار[7]

---

1 سريوري: هن سر ۾ "ويج" جا بيت آهن (جي شاهه صاحب جي رسالي ۾ سر ڪلياڻ ۾ ڏنل آهن).
شيخ ساڻيندا جي ڪتاب ۾ هن سر جو اهو نالو لکيل آهي.
2 "ڏنيين ڏيل ڏسائيو" يعني ڏنين ڏيل ڏکائيو.
3 وتاءِ = هار (وتائڻ - هارڻ). بي روايت: "اينڊم ڪامل دوست قريب، ڪٽي هڪي ٻاجهه جي".
4 ر: تون رڳو هٽي ٿو ويهه
5 ر: اينڊم ساجن صحت سنيهه، اڄي سٽي ڏينڊم سور جي
6 ڪانءِ - وڃاءِ ضايع ڪرڻ، سازُ
7 اصل ٻين

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هوءِ مليندم هتڙا جاني جي، جيار
ايندم محب پرين منار، ايها جيبڪ جاءِ جلاءِ تون [1].

5. هت جيبڪ جاءِ نه ڪا، حاجتناھ حڪيم جي
بانهن ٻين کي نه ڏيان ٻنهنجي نس نهارڻ لاءِ
ويچ وري وڃاءِ گهر تون، ستون ڪير سنياءِ [2]
وينندم برهه سور، براهر چئي، ايندم جانب جاءِ
سندي ساجن ساءِ، ٻڪيون ٻاري ڇڏيان.

6. انڊا اونڊا ويچ، تون ڏاڍ چاکي ٿو ڏنب ڏئين
جن کي برهه سور، براهر چئي، تن کوهه پيارين پيچ
دوس دلاسو چائيو سهجر پني ٻيچ
ايندم ساجن مٿي سيچ، مٽ گورين گلادار ٿئين.

7. گڏ گس گورسون تنهنجون، ويچ نه ڪي تون ويس
نه تون قابل انهين ڪر جو، نه تون سرت سڌير
جنهن تان فرق ڦٽن کي نه پوي سو آچين کوهه عنبير
ون، بي عقل، براهر چئي، آهين سمجهه صغير
ٿو ڏسجين ڪاٽ ڪريز، هونئن ٿو چندن پاڻ چوائين.

8. ويچ نه مونکي واءِ، تنهنجي اوکت عمل ناهه کو
سڏ نه لهين سور جي نانهين درد بکيءِ داناءِ [3]
هي، جو پيو من مجاج ۾ تون ڇپائين ٿو ڇاءِ
انهه باب، براهر چئي، توکي ناهي سرت سماءِ
جيئن مڇي پاهون ماءِ، تيئن منهنجو ڪريءِ قول قريب سين [4].

---

1 جيبڪ - زيبڪ - پارو جو ڪڪن مارڻ ۾ ڪم اچي
2 ستون سنباهيج - ستون ستڻ - تجويز سوچڻ
3 ڏ: تون سلهين ٿو سور جي درد بکي داناءِ
4 ماءِ - پاڻي ڪري - رک، پرهيز

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

9. ہـــتم قـــول قريـــب ســـين. ويـــج وري وان٠ چـــت
تـــوکي نـــاهي ســـماء ســـور جـــو چـــل چُرنـــا چرهـــت[1]
ون٠ ٻـي سـرتيا. بـراهـر چئـي. تـوکي عقـل نـاهـ اُگهـت
تـن کـي کهـڙا ملهـم مکيـين قـولي مثـي قـت
جي آهين گهاڻ اندر جا گهت. مي چاکي ڏنيين ساڻ ڏسائين.

10. ويـــج وڃـــائون پـــانهنجون ســـيئي ســـانديِ رک
مرکـــواوکـــت آڇ تـــون. مرکـــابـــات ٿـــي بـــک
کـــرِ مَرهـــلاهيتـــري پـــڌ مَرجـــاءِ جيـــک
کنـــا طبيبـــي تنهنجـــي کـــير تـــن تـــرک
بـــي نهمـــان. بـــراهـر چئـــي. تـــنهن نکـــي٠ نـاهـ فـرق
اِي٠ پيو محبت من مجاج ۾. تون پنهنجون گوريون کج غرق
وريـــر شـــال ورق. آ٠ دوســـت دلاســـي آهيـــان.
دوس دلاســـي آهيـــان ويـــج وري ون٠ ڏڏ
ڏک پانهنجـــا ڏيـــڙا. رک گوريـــون گـــورين گـــڏ
تنهنجـي٠ اوکـت. ابـراهيـر چئـي. آهـر روح اچـڏو[2]
دوا دارون دوســـت جـــو. مـــون ســـاهـ ســـيائو هـــڏ
ســـندي ســـاجن ســـڏ. ٻکيـــون ٻـــاري چـــڏيان[3].

11. ٻکيـــون مڙيئـــي ٻـــار. جـــي گـــڏيو گوريـــون جـــوڙئين
اهـــا وِڃـــا ويڙهـــي ڏک تـــون. ســـل مَرکـــين ســـيکار
ٿهـــا. ٻنيـــون پانهنجـــا مـــونکي ڏي مرکـــي ڏيکـــار
هـــوءَ جـــا پـــر پريـــان جـــي. تـــون کـــري نـــه جـــاڻين کـــار
ون٠ ٻـي گـن ويـج. بـراهـر چئـي. اڳ مـين کـي مرمـار[4]
نـــس ڏس نـــار نهـــار تـــه هـــي لنـــولنـــولالـــڻ لئـــي وڃـــي.

---

1. ر٠ چل چلي جريٽ
2. ر٠ تنهنجي اوکت ابراهيم چئي مونکي ڏ گهرجي ملڻ
3. ر٠ ري ساجن سڏ الخ
4. بروايت حاجي محمد سومرو: "ٻي گن ويج براهر چئي محبتي مرمار".

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

12. جا لنؤ لالڻ لئي وڃي. سا لنؤ ساجن لاءِ
تنهن لنؤ تات پريان جي. هت حاج حڪيمن نانءِ
تن لنؤ ترڪ طبيب ڏانهن باس نه پري ڪاءِ
اِن لنؤ بوند. براهم چئي. عجب جهڙي آهه
من لنؤ لات لنواءِ. آءِ تنهنجي نسترنس نه لائيان.

عشق ۽ عقل

شيخ سائينداد جي ڪتاب ۾ هيٺين بيتن جو عنوان هن طرح ڄاڻايل آهي ته "عشق عقل جا بيت شيخ ابراهيم جا." هنن مان ڏهاڪو ڪن بيت ڪتل هٿا جي پوءِ اسان ميان صالح محمدڙي جي قلمي ذخيري مان لکي پورا ڪيا. شيخ ابراهيم عشق ۽ عقل جي مناظري جي شروعات هن طرح ٿو ڪري ته:

1. الله جل جلاجلہ سندا ڪر ڪريم
اپايائين عظمت سين پنهنجا عجب عليم
حوا آدم خلقيا جوڙي منجهان جيم [1]
پاڪ ڏٺي پيدا ڪيا منجهان محبت ميم
سي خالق خلقيا خاڪ مان ڏيئي روح رحيم
سوالک نبين جو آکي ڪيو اولين
تن مان ٽي سؤ ٽيهن اڳرا ڪيا مولي مرسلين
تن ڪئي بادشاهي براهم چئي مٿي روءِ زمين
آهي ڳالهه عظيم. پاند نه ليي پيچرو.

2. پاند نه ليي پيچرو سٽو ڏيئي ڪن
عشق عقل پاڻ ۾ جڙن ٿي درس ورهايو تن
جڙن جنهين جومن. تڙن ٽوڙسي تن کي.

---

[1] راجنهين جوڙي جيم

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

3. عقل چوي عشق کي پانهنجو خانو ڪر آبا
مٺ وجهين پاڻ تي ڪو لڪائي فساد
صبر ۽ سواد، ساهه برابر سائڊ تون.

4. عشق چئي عقل کي تون اهوجهه آهين
ترس رکيوءِ تن ۾ پاڻ پگهو پائين
جي واري لڻون لائين. ته درد دونهيون پائين.

5. عقل چئي عشق کي تنهنجي مت نه مجيان مور
تون روئين رُلين گهٽو سدا وتين سور
حبيبن حضور، سڪيو وتين سڪندو.

6. عشق چوي عقل کي سڻ هي؛ نصيحت
جدا ڇڻ جهان ۾ مونکي مصيبت
قربت قربيت، جان جيان تان پاريان.

7. عقل چوي عشق کي سڪ ادب ۽ آواز
پاڻ پچي ڪر پانهنجو نمت ساڻ نياز
سدا سرفراز هووين منو ماراکن ۾.

8. عشق چوي عقل کي اها پياء عداوت
جي پروپيو، پرت جوتا سکئين سلابت
هي، جا ڪري عبابت، سا نينهن بناري ناهڪين.

9. عقل چئي عشق کي. تان کي صبر سڪ
ماڙهو ڏينداءِ مهٽالج پسي تون لڪ
هوجو ملوکن مرڪ. سو عشق اندازي اوڏرو.

10. عشق چئي: آرام. ڪهڙو قريبن ري؟
وهان تان تو ونڊران. من ۾ محب مدام
معشوقن مقام. سدا ديرو دل ۾.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

11. عقل چئي عشق کي: تون آهين زر زوال
چڪيو مڪيو چاڳلو در در پائين سوال
اهڙو جنهن احوال سو ڪيئن مون سان پڙتا پائين!

12. عشق چئي: اڏ تون عقل خانو خزانن جو
ڪين ڏن ويچج ڪير کي محب ڏاران ڏڏ
آءٌ پسان تون گڏ وڃي پکو پاڙيچن سين.

13. عقل چئي عشق کي: تون آهين اواتو
تون مڪين، سڏڪين، سڏ مرين، اندر اساتو
واجهڻ[1] مان واتو، تنهنجي پاند پلڪ پيو.

14. عشق چئي عقل کي: تنهنجي مت نه مڃيان مور
تون نرت نه لهين نينهن جي، تو پاڻان چئين پور
حبيبن حضور، ڪهوتين ڪندين.

15. عقل چئي عشق کي: ڪونهي ڪڍ ڪ
سڏا جفا جيءَ کي، ڏکن پئي ءِ ڏک
مارو سپ ملڪ، ڏئي عذران کي.

16. توکي عقل نانهن عقل ٻيا عاقل پچج عقل جا
[آکي کي عالم جو ڪيو سميو عشق اصل]
تنهن نينهن منجهان نروار ڪيو ڪهي "ڪن فيڪونا" ڪل
جو اهڙو چيز امل، سو چنڍ ڪنهن نه چڏيان.

17. عقل چئي عشق کي، ڪجي صحبت طالبن
ٿي مقابل مسجد ۾ ايمان عالمن
وٺي واعظن، سڀ عنايت اوڏي.

---

[1] واجهڻ: ص. واجن. واتو-حصو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

18. عشق چئي عقل کي، کين ناهه بنا ري نينهن
حافظ عارف، عابد تارڻن واتوڏينهن
سوتون اچي ڪيئن، سونکي پلئه پائيين!

19. عقل چئي عشق کي: ٻاڻ مدايان موڙ
توفيق رکي تن ۾، نيئي خيما کوڙ
سا چٽکي واري چوڙ جا پچيو پوئي پائيين [1]

20 چڏيان جي آئون، وڏا عقل آڏيڙا لهين
بنا عشق عقل کي ڏُران نه ڏٺائون [2]
ايهين چيائون، ته نينهن بنا هيو ناهه ڪي.

21. عقل چئي عشق کي، آءٌ جان ڪريون سڪ
سونکي توري نه سڀ، توکي سون ري ڏڪ
هڪ رضا ڏڪ، گڏج ته گڏجون ٻاڻ ۾.

22 ڪنهن ڳن گڏيا ٻاڻ ڳني گياني
عقل عشق ان وٽ آهي احساني
ٻراهه چئي بسم الله پڙهو صفت سبحاني
ڪلمون رباني، پڙهو محمد ميرتي

ماهيڙ

1. نه تون جاڻ سنياڻ، نه تون دونهين؛ پلهه پائيين [3]
مائي ڏويسو ڏرئيين، ايجا وجهي وڏ وندان [4]
اپاڻي ابراهيم چئي، جت وجايو؛ جاڻ
آئي آڏي؛ رات جو، مٿان موج ڪنڊو مهراڻ
وريو ويو وٽاڻ، تان ڪنڌي؛ ڪٺڪ پراڙ ۾.

---

[1] و: 1. "جا پچيو پوئين پاڻ سين" 2. "جا پچيو پوئي پائين"
[2] س. "بنا عشق عقل کي درندو آئون". ڏرنڊ ڏاڻائون-اصل تي نه ڏٺيائون
[3] پڌ (ڪنڌا) پلهه پائڻ-پلهه هڻڻ. واءَ هڻڻ (؟). پلاڻ يا ڪڪ ين ٻاهه ۾ وجهڻ
[4] وندان-ميدان

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

2. ڏڏ ڏينهائي جوڙ رک سدا پاري صاف تون[1]
آشور جو ابراهيم چئي. ماهيڙ منڊيا موڙ[2]
هوءَ سين هوءِ ولوڙ ته مڪ ماڻين ميڙئين.

3. ماهيڙ مٿوءِ پاڻ گڏيوءِ پائي ڪير
مٽي ماڻي پج تون جئين سمجهي وڏوءِ نه سهاڻ[3]
ماهيڙ تنهنجو ماڻ هٿ مڙوئي مانو تيو.

جواني ۽ ان جو حرص[4]

سالڪن نفس کي هڪ اڙيل گهوڙي سان تشبيهه ڏني آهي. جواني يا حرص جو گهوڙو هلي هميشه ڏنگو ڏوڙو: ان کي قبضي ۾ رکڻ لاءِ سالڪن سبق سمجهايا آهن. شيخ ابراهيم هيئين بيتن ۾ حرص واري نوجواني کي "تنڊي نوڪزين" (تنڊي نوخيز يعني جوان گهوڙي) سان تشبيهه ڏيئي. سلوڪ جا سبق سمجهايا آهن ته:

1. تنڊي پسي نوڪزين. ان جي سواريءَ ڪر مڙ[5]
پٽينءِ. پچارين. پاوڙا. ايڏ ڪري ٽي اڏ[6]
جا جاءِ پڏي جا بند. تنهن کان بوتو پلج براهم چئي.

2. تنڊي پسي نوڪزين. ري ڪٽياري نه ڪاهين[7]
پٽڙي ڪري پانهنجي. پلي نه پائين[8]
هوريين هلائين. هن گهٽا ويڙ وتائيا[9].

---

1 پاري-ڪڍي
2 منڊيا-ماڻڪا
3 سهاڻ-سياڻ-سياڻ
4 سنڌ جي سڳهڙ حاجي سرمان جي واحد روايت مطابق
5 نوڪزين-نوخيزين. نوجوان
6 پاوڙا-ترڪيب. ايڏ-زور اور.
7 ڪٽياري-لڳام
8 پٽڙي-دلبند. پياري
9 وتائيا-ٻاهي وڃا (وتائڻ-ڪيرائڻ هارڻ)

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

3. نچي پنبي نازڪريه ٿي ڪري تازياڻي تاڻ
ساهورين هلي ڪينڪي مٽ تنهنجي مهراڻ
پير تنهنجي پاوڙي جانچي رک جواڻ
متان ڪيري ڪاڙيارو ڪريئي دوستن جي ڏيان
جنهن برايڏو زور زبان تنهن کان پلج بوتو شيخ ابراهيم چئي.

سورٺي

1. مچي جن مرڪ. مارڻ ملاحن کي
ڪکي باس. براهم چئي. عطر کان به عرق
سمي چام سمڪجي. ڪيوان تان ڏن ترڪ
وڃن سال ورق. گهر گهر گدارين گادليون.

2. گهر گهر گندارين گادليون. مچي نه مارين [1]
مارڻ کاڻ مچيءَ جي نڪونه ڏارين [2]
بحر جي. براهم چئي. واڻي نه وارين
عطر مشڪ اڇگ ڪشوري هنڊن تي هارين
گهنگهر نه گهارين. مرڪن مچيءَ وارين.

3. گهر گهر گندارين. گادليون. سيي سهاڳي
اڳڻ اڳڻ سيڪا. پنهنجي ورسان خوش واڳي
صفت سمي چام جي ڪن جال وڻيو جاڳي
ساڪيٽن نورئين نياڳي. جنهن تان تن تماچي نه ڪئي.

4. جنهن تان تن تماچي نه ڪئي. سا نورئين نهر نانه
بلند بخت. براهم چئي. تنهنجو افضل آتر آهه
تماچي تنهن جاءِ. ٿو هر دم نوازي نورئين.

---

[1] گندارين=گندرين
[2] نهڪو=ڪنڊي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

5. ڪيائون عين ڪشال. عين ڪشالي نين ملیا
برسي بوند برهه جي چان ڪر واڳهي مينگهه مثال
قربٽون قربي پاڻ ۾ ٽيا براه چئي برحال
ويجهوٽين وصال. وچئون عشق امين ٽيو.

6. ڪنهيائاءِ ڪنهيون. ٽوجوت پرهائيس جيئن [1]
موهي من مجنون ڪيو سندي نورئين نينهن
لال رچي ٽيو لاڪ جيئن تن تماچي تيئن
ري امر ابراهيم چئي ٽئي قرابت ڪيئن؟
عشق ڪري ٽوائين. تيلات چارو چار ڪلهي تي.

سومارئي

فصل-1

1. اولي ءِ اڪ تياس. مارئي مارو سار يا
پي ءِ ماهه بابائن لاءِ لڙي لڙڪ ياس
ٽي ءِ ماهه ٽڪائن تي سي ٽي سنيرياس
چوٽين ءِ ماهه چؤڏول برس نه ڪنهن وهنڊياس
پنجين ءِ پنوهارن ڏانهن ڪوڪون هت ڪنڊياس
ڇهين ءِ چوڙي چيلڙا وٽ ويڙهيچن ويندياس
ستين ءِ پڻ سڪالڙين ڏانهن موڪل مير ڏياس
اٺين ءِ آسون پنيون لهي وهر وياس
نوئين ءِ نهاري ڏينهڙي نه سين نيڻ ٽريا س
پڪا پيندياس. آءِ ڏهين ڏاڪاڻن جا.

2. پهري ءِ ماهه پانور کي ساريم سجوڏينهن
اکين اوهيرا ڪيومنهن ومايا مينهن
شال مرچيهي نيهن جهرن بند براهم چئي.

---

[1] ڏ: "ڪنهيائين ڪنهين تي، جوب پيارين جيئن".

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

3. پئي ماهه ٻنهون پرين. ساريم هوءِ سنگهار
جاڙ جئي ري گهاريان پل پل ياد پنوهار
پيڪڙا پيون مان شال لهنر قيد قهار
آءِ پري مان پتار وڃي ڪيندس ڏونگرا ڏيهه جا.

4. ٽئي ماهه ٽئي رات. پيونر ياد پنوهاريون
ارواح ڪي آنين جي هر دم وائي وات
تن سرتين ساهيڙين جي شال بري نه سڃاڻن بات
لاهه تون بند. براهم چئي. سندي جيلن جات
تن جئي جي تات. تن سرتيين ساهيڙين ملان.

5. چوٿين ماهه چٽڪن. پيون ياد پنوهاريون
سي وسرن ڪين وجود مان هنئين منجهه هرن
سون برابر سڳڙا ٻڌائون ٻانهن
سڪر پائيان سومرا ڪٽي ڪان ڪنهين
جا ڏسير ڏاڏاڻن. ما لاهيندي لڄ مران.

6. پنجين پنوهاريون. ساريو ساريان سومرا
رڻ ريڙارن لئي آينر اکيون اُپاريون
تنهنجين محلين وهان ڪينڪي ڪري قراريون
وڻ ٽڻ وليون ڦليا گل ڦل گلزاريون
وڻي موسم مند ٿي. پکيون چام چاريون
ڏت ڏاڏاڻي ڏيهه ر. آئين ٽاڻ پريوٽاريون
لاهج بند. براهم چئي. تون محلن مر ماريون
سانبي سي ساريون. جن جا جنهگن پاسي جهوپڙا.

7. ڇهين چر ڪٽي جان نرتان ڪير نهار
تان ڏيهه وڻ ڏسڻ ڪان ڏورٽيا پانور پنوهار
مونکي وجل ويڙهيچن جي. جي ريل رهن ريڙار
ٻڌنر ڪين براهم چئي سهجڻ ۽ سينگار

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ساڻ تہ وڃان سومرا، ڪ موتي بن مروار [1]
هت وڃهندين هار وڃي ڏهرين ڏاجون جار

8. ستين ڏاڻي سومرا مارو من پيار
لوٽي لوئي لاک مان ڪي ڪانڊ ڏنيار
پر هي پرهين تہ متيان پڙهين جا پرهيار [2]
ڪڙا من ڪڙا ٿيا، جي هئي هٿ هت ڏنار
لوح لکي لوح پائيان بند بازو بند بڏار
ورڻ سي ور پائيا، ور سين ور ڏنار
ڦر چارين ڦر نارين ڦريو ڦر جنار [3]
عمر راهر لڳي الله لاهر براهر چئي بنڌار
ڪچا هت ڪنڌار تہ توڙ جايون لڄائين

فصل 2

1. سون تنهينجو سومرا جوڙ نہ سون جڳاءِ
ڳاڻا ڳاڙهيءَ لاءِ جا هوا مڪا سون ٿي لاءِ
ڪان ٻيرن ڪنن برسيٽين ڪير ساڻ
ورهيه ڏياري ڳل سيلين ڏيج ايئوئي آهه [4]
لاهي بند براهر چئي نيئي پتوهارن پڇاءِ
سالوئي ڪير لڄاءِ جا ستم ماروئڙن جي

2. عمر لويون لک، آهين اباڻي پار ڏي
پر هي ڪتي ڏني ڪانڊ جا منجهه هماري حق
سا لڳن اُتان لاهيان تہ پٽوٽي پيو مريک [5]

---

[1] ساڻ سيڪار جا سي ڳاهه
[2] پرهين تہ متيا پائينڊي تہ متيان
[3] تارو-تهارو
[4] ميڙياري ۽ سيلو پٽي گاهه جا ڦر
[5] "پٽوٽي پيو مريک" يعني منهنجي هڪ ڪاپڙي پنجي وڃي يعني گهٽتائي ٿي پوي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

كل نفس ذائقة الموت. واري پس ورق
توت مٿيرا مارئي هت مانڊاڻا ۽ مڪ
تنهنجي ٻنگلن تي براهم چئي. آڪين مٿينڊس ڪک
سيي لهندم شڪ، جڏ ويندين منهن ماروئڙن جي.

3. عمر لويون لال. هي مون لعل رنگي ڪي لاک سان
سا لال لعلائي ڪين لهي. لوئي جيئي لال
سام مٿائج سومرا هي تون پڻ لائق لال
ڪر براهم چئي پال. ته منهنجي لوئي ۽ جي لج رهي.

4. اڏاڏ لوئي انگ تي. اڏاڏ پارن ڏين
ڪي ڪتيو ڪن ڪارين. ڪي لويون لاک رنگين
اُن اوچين آجڑين. سي پٽ نڪي پرهين
پريو پاڻ. براهم چئي. نيو ڏاجورن ڏرين
سي ڪيئن ڪيڻ ڪين. توجي ۽ ست رچي ۽ مؤن سومرا.

5. لالون لويون جن. لعا ڳن ڪهاڙين
منجهان مجرتن پاڳون پنوهارن
اَجهي راهه عمر جي پهريو پٽ چرن
سي ڪيئن سنڌا تن. تون ٽيڊ ڪبوتر ڪرئين.

فصل_3

1. چڏ مٿيرايون سومرا! پي زورو زر
عمر! عادل آنهئين تہ: ڪير ڪامڪر [1]
ڪنڊئي خان! ڪتين تان. گلم چڏينڊين گهر [2]
سا صباح ويندياءِ وسري جا پاچائي پر [3]

---

[1] ر: تڪبر تان مرڪر
[2] ڪتين تان-ڪتن تان (ما)
[3] پاچائي-بادشاهائي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پچندءِ حرف حساب جا. ورق پسي ويتر
تت ڪين ڪندين ڪاهارو جت ڪرڙي زور قبر
چيري ۽ چادن سا بخت سارو ويراهر چئي.

2 ڪر مزورو ضعيف تي. عمر عادل تيءِ
ڏسيو ڏوهه ڏران گهٽيو حال منهنجو هيءِ
ڪرنيڪي تبديءِ نه پسين. عهد ڪتابان ايءِ [1]

3. "انما الخمر والميسر والانصاب والازلام رجيس من عمل
شيطان". سمجهه وار صحيءِ [2]
زابر و ظلم ظالمي! مرڪر مانڊو جنيءِ
"وسقاهم ربهم شراباً طهورا". پاڪ پيالو پيءِ [3]
لاهه تون بندِ. براهر چئي. جان وطن پسان ويءِ
چوڙ قسمت قيد قوي. لهي مشغولي مسڪين ڪيءِ

3 عمر اجرڙال. تنهنجي ٻوڪنان ٻچي ڏور ويا [4]
تووت جوين جواڻيءِ جا آهين خوشيءِ سندا خيال

---

[1] ص. "ڪرني ڪي تبديءِ ته ين احد ڪتابان ايءِ"

[2] سڄي آيت: "يايهاالذين آمنو انما الخمر والميسر والانصاب والازلام رجس من عمل شيطان فاجتنبوه لعلكم تفلحون" (المائدة) يعني ته اي مومنو بيشڪ شرابخوري ۽ جوابازي جا سيءِ قسم مثلاً "ميسر" ۽ "ازلام" يعني تيرن وسيلي يڪا ۽ ڪٿا وجهه ۽ بتن تان فالون وجهڻ يا انهن ڪي پيتا ڏيڻ (نصاب) ـ اهو سڀ گندو شيطاني ڪندو آهي: انهيءِ ڪي ڇڏيو ته من ڪي ڪاميابي ٿيو.

[3] وسقاهم ـ الخ: (سورة الانسان) جي هڪ آيت جا آخري الفاظ. جنهن ۾ بهشت واسين جي سهڻي ويس وڳي جي وصف بعد ڏني تعالىٰ جي ايا ۾ وڏيڪ نعمت جو ذڪر ته. "پوءِ سندن (بهشتين جي) رب کين پاڪ شربت پياريو".

شيخ ساڻيڻاڻ جي ڪتاب ۾ هن بيت کان پوءِ هيٺيون بيت به ڏنل آهي جو شايد ساڳيو پٽائي صاحب جي رسالي جمعوبيت آهي جنهن ۾ بي ست جو اختلاف ڏيل آهي:

فيدالماء نوي پڻ سو پيو
لکيو لوح محفوظ ۾ بر بر ٿئي نه پيو
"جف القلم بماهو كائن" وهي آئين ويو
قضا ڪر ڪيو تڏ ماري آه ماڻين

[4] 3 ۽ 4 هي به بيت ملير جي سکهڙ ميان برڻي خان گبول وٽان مليا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

چاريتڙيءَ جي چرپين ۾ پنهنجا چيلا وڃي چال
ونڻ پٽ پراڻ جا. ٻيا لڙهه پڻ ٽئڻ لال
بنڊيائيون براهم چئي ٽيون وهن منجهه وصال
هي هُتي جا حوال. هون قيد وڃايا ڪوٽ ۾.

4. قيد وڃايو ڪوٽ ۾ مونکي موڪل مارن ڏي
تنهنجي ساجن سکپالن تي. مونکي سک نه آيا سي
ملي مارن کي. هون سک نه لاڻي سومرا.

5. جال گذاريم جن ڏي سي پليل ياد پنهوار
چڏن چڏيندس ڪينکي سندي پيءَ پچار
پيڪ ڙا پيرن ۾. لهڻ قيد قرار
براهم چئي پتار. ڏوڙا ڪيندس ڏيهه جا.

فصل_4

1. پٽين آڌا پٽ. پٽن آڏيون پيٽيون[1]
تاريين جوڙين ٽپڙا. مارو منهنجا مٽ
هڪ ٻڙ پاڻين پوئين. ٻيا سنڌن پاڪيدا پٽ[2]
ڏٺ وراهين ڏوئين. ڪن ويڙهيچا وٽ
عطر مشڪ۽ن اڳري تن چيلن ڦرن چٽ
اُني ڏانهن. ابراهم چئي. آهم اندر منجهه اُڪهٽ
هٽ سانبين منجهه سُوٽ. آهٽ جيلين جهلي آهيا[3].

2. اڄ پٽ اُڀرين وطن وڃون سومرا
جن وسڻ جا ويس ڪيا سي هون ڏڀرين
پٽن سر پاڻي پيو پنيون پڀرين

---

[1] پيٽيون=زمين جون سڌيون پٽيون
[2] پاڪيدا پوئين=سرهي بوءِ ڪاڪ کي هيٺ وڃائين
[3] سانبين=جاڳي وٽ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هڪ الهيون ڳوٺاڻين جون ماکيان ملڻيون
تن کي لاهج بند براهم چئي، جي ڏيئن ڪنڊيون
جيڏيون جڙيون، اڃا مون سين ڪنديون ڪيڙيون.

3. ٿر ٽاڙا ٿر ٽوڪ، ٿر اڳڻ اياڻن جا
ٿر پيارين پهڙا، ٿر مارو مهوڪ [1]
تنهن ٿر معاڻي بند، براهم چئي، نڪا راڄن روڪ
سندي پانور پوڪ، ڪرمان "ڪن فيڪون" ٿي [2]

فصل_5

1. ڏوٽي هليا ڏڻ کي، اٽيو ڪن آشور
سهنجر اويون آب مان، پريائون پريور
هيءَ قسمت ڏيندا لماءِ جي، وهمن کي وهلور
سا وطن ساريو ويڙ پچي، چئي: هئي وڃان حضور
پر هر بند، براهم چئي، جهليس زور ضرور [3]
جئن ڏوٽرا سڃن ڏور، تئن وڃي وهاميو راتڙي

2. هلو هلان ڏڻ کي، ڪن پانور ايءَ پچار
آڃو پايو ايزڪين، ڪٽن دوءَ ڏرار [4]
ڪر ٻيٽا، چارين گهيٽا، رهن روش انهيءَ ريڍار [5]
پر هر بند، براهم چئي، جهليس قيد قهار [6]
آءٌ ور اُباري آهيان، هئي وڃان هيڪار

---

[1] ٻيڙا "مرد مهوڪ" تمار گهٽا (؟)
[2] ڪرمان "ڪرمن ڪان نصيبن ڪان جڳ مونکي (؟)
[3] ڪ: "آئي سين ابراهم چئي وڃي ملي ٿيان معمور"
[4] ايزڪ "ڏيڍي ڪر جي ڪل جي ڪلي جنهن ڪير وڃن
[5] ڪ: "سرهن روشن منجهه ريڍار"
[6] "پر هر ـ الخ" ڪ: "بندي لاءِ براهم چئي برج دوست ٻاڻ"

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پانڊين ڏور پکار هت وڄي وهامیو راتڙي[1].

3. ڏوٽي هليا ڏڻ کي سهنجر صحيءَ وڄن
آيسون ابراهر چئي. ڪنيون هشکون ماروئڙن
وڻ ڦر چونڊين ڏلڙا. ايءَ ورو ويڙهيچن
آءٌ وَر اُباري آهيان هت جهليس جنجيرن
جئن ڏوٽرا ڏور سڃن. تئن وڄي وهامیو راتڙي

سرسسئي

فصل-1

1. سوين سات اڇن. پيٽيون شهر پنيور ۾
هن جي پاڳين پيچ اُبتا. پي خاصي جوڙجتن
تن خوب ڪتوريون ڪوليون هنڌ لهي هوتن
شهر سڃوئي واسيو اوگر ساڻ اُڻن
بلوري. براهر چئي. هڏا پيڙا هروڃن
ڪپائون پرٽو پنهون جام جو. پڇي ڪي پرتين
سورسئي کي سامهان ڏيج ڏنا ڏيرن
فدا ڪيو فقير کي. وڃيو ور رڃن
ڪر لهندو ڪارڻي پارس پيادن
پيرين ڪير پڃن. ٿي حب رسائي هوت کي[2].

2. ليڙا لهر لُر لٽ. جمازي جتن جا
توڙا هلن تکڙا. ٿاڪن آليتيون اُٺ
تليين سيليين سونهٽا ٻڌن ڳانا ٻٽ
مهارون مين جون رتيون موڪ مجٽ

---

[1] "پانڊين ڏور پکار۔ الخ" ڪ: "آءٌ ستهنجي ساڪ ڀڳايان سردار جي سون ماروءَ کي ملائين".
[2] ر: "پيرين ڪين پجن۔ الخ".

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سي چڙهيا بر. برا هر چئي، رات نه رهن رت
ڏک ڏهر ڏيرن تي پيٽيون مونکي بٽ
جيڏيون اهڙيءَ جٽ، منهنجا ڪيچي گڏيو ڪينکي[1]

فصل 2

1. جاڳين ٿو جي پل ڪوءِ، جيڪر گهڙي هيڪڙي
تر هر گز هوت پنهون ٿو ڪون پل نه پري پيوءِ
پيئين ٿو منڊ پٽاکن بر هوندهت تهارو هوءِ[2]
ڪري ويل ويلي، راهن رت رنوءِ
احمر، ابراهيم چئي، عين الماء مليوءِ
ستين ٿو سيج پلنگ تي، تيلاتو نئون ورويوءِ
جي جاڳي هوت جهليوءِ، تہ منڊ نہ پيئين ٿو ماري

2. جاڳين ٿو جتن وٽ، جيڪر گهڙي هيڪڙي
هلين ٿو هوت پنهون ٿو سين، گامڙ نہ پياڻ گهٽ[3]
تہ ڪڏهن توسين ڪاڻ ٿي، هڙي سورن سٽ
ٽر، ڏونگر، بر برا هر چئي، پب پهوڙج پٽ
رويو رويو رت گاڏئون متي چپر چٽ
مان ڪوهيارو ڪل پئي، اچي ورورِ تو وٽ
سئي ٽڪ پرٽ، تہ ٽئين هيڪاندي هوت سين.

3. تن ڪي تيو ڏين ٿ، جيڪر گهڙي هيڪڙي
تر هر گز هوت پنهون ٿ ڪان پل نه پري ٽيئن
هٽ وڃڙ ورواڳ بر هوند ڪري ساڻ هلين ٿ
پوري منڊ، برا هر چئي هئي ٿ سنگت ساجن سين ٿ

---

[1] اهڙيءَ جٽ، اهڙي نموني
[2] پٽاکن بر، پراکن بر، پج ڀڪ بر
[3] ر: تہ هر گز هوت پنهون ٿ سين گامڙ نہ پياڻ گهٽ.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هوءِ ڪشالو قسمت برچا ڏوهه لکئي رڏيءِ
تيلان ورير روهه رليءِ. جيلان وتن ويئيءِ ڪينڪي.

4. موڙهياءِ مت مان. تون سنجهي ستيءِ سئي
هو پلاٽي پنڊ تيا. ڪرها توڪنا
بوتن رند. براهم چئي. ڏورج تون ڏنا[1]
لکيا لوح قلم جي. اوءِ پريت پس پٺا
ٻڏيءِ کي ٻنا. چا سنباهين سئي[2].

5. ڪر دانهه پٽيءِ دانهون جاسين سڏ وهيٽي سئي
هوري هوت نه هلٽا. تون ڪر آهون الاهون
ڪٽج هٽ حبيب ڏي هر هر ڪيو پانهون
بالا زير. براهم چئي. اٽئي معلم مالاهون
تون ڪر لعلڻ لاءِ لاهون مان ٻڏي ٻاروچو وري

6. پائي پوج ڪٽيج. اڳيان رڻ راڻو رڄ گهٽي
واٽ ناهئين وڻڪار جي ٿر مار ڪريج
پنج پانيون تيهه تويا. منزل ماڳ ـ مٽيج
سڏ تيهه سنباهي سئي دل منجهه ڏيان ڏريج
"ڪانڊ اسونهين آهيان. مون تي مهر ڪريج"[3]
اهابات. براهم چئي. ثابت صحيح سڪيج
ڪري ڪارون ڪاف سين. ورچي ڪير وريج
ات آرسائي اچيج. جت هوت تيندياس هيڪلي

---

[1] ڏنا=ڏنيون. ڀهاڙجي پنڊ جون پٽيون
[2] "ٻڏيءِ کي ٻنا ـ الخ" يعني ته ٻني ٻڏي ويئي تنهن کي ٻنا ڪيئي ڪيترو سنباريو هاڻي ٻيو ڪهي
ڪرڻ گهرجي. ر: "ڪونه سيباڻي سئي".
[3] ر: "ڪانڊ اسونهين آهيان. تون کي راه ڪٽيج".

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

فصل_3

1. هيون سڀ جاءِ بجاءِ. سون پر ڏيڻي سيڻ کيا
رات سڄياڻي ڏاڻ لاءِ واجهيندي وياءِ
آءٌ پرنديس کين. براهمڻ چئي. ور ڏيندیس ور لاءِ
اڄ پڻ آرهه آهر سيان سمن سائيڙن سين.

2. ڏيهين ڏيڻي ڏيس. سون پر ڏيڻي سيڻ کيا
براهمڻ بلوچن جا آءٌ پٻ ڪڙيندیس پير
بي ڪانين چڙهيندي ڪير. ير براهمڻ باسيو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باب يارهون

شيخ خاندان جا باقي شاعر

پوين ٻن بابن ۾ شيخ حمر، شيخ بکر ۽ شيخ ابراهيم جو تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي. شيخ خاندان جي باقي شاعرن مان شيخ سائينداد وڏو سگهڙ شاعر هو. پوئين مان شيخ الله ڏني، شيخ سنگر، شيخ مٺي ۽ شيخ عثمان به پنهنجا بيت جوڙيا. انهن مڙني ملوڪن جو ذڪر مختصر طور هيٺ ڏنو ويو آهي ٿو.

شيخ سائينداد.

شيخ خاندان جي پوين شاعرن مان شيخ سائيندا مڙني ۾ مٿانهون هو. باب چوٿين ۾ سندس ذڪر اڳي ڇڪو آهي. شيخ سائينداد وڏو سگهڙ هو ۽ وٽس بيتن، ڪجهارتن، هٿرن، سينگار، ڏهن نامي، منظوم روايتن ۽ ڪهڻن قصن ۽ ڪهاڻين جي ڪمي ڪان هئي. اهو سڄو ڪن ڪيس ياد هو ۽ لس ٻيلي جي ادب تي وڏو احسان ڪيائين. جو انهي سڄي خزاني کي هڪ ڪتاب ۾ قلمبند ڪري ڇڏيائين. شيخ سائينداد هڪ وڏو "سگهڙ شاعر" ٻ هو. سندس بيت هن کان اڳ مختلف موقعن تي قلمبند ٿي چڪا آهن.

شيخ سائينداد هيٺين ڏٺ شيخ مٺي ڏانهن موڪلي، جنهن ۾ مٺي جي ياءِ الهڏني جو نالو وڏائين. شيخ سائينداد واڙ جي ڏنگهرن کي باهه ڏني. پوءِ ياڻ کي باهه لڳي ۽ سيڪ تي بلانڪتي جا هڪ مُني تي چڙهي. انهيءَ تي شيخ سائينداد ڏٺ جو بيت چيو ته:

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڪائي هيڪ ڦڪل سين ترٽڻ ڇڳي نار
ڪانهي وات وڃڻ جي جان ٻڌڻ پوي ٻهار
سا ڏوسي دشمن جهلئي ڇوڪي ڇوڏار
تنهن ساهه ڪراڻ ثابت ڪيا وس وڏا وينجهار
ڪري نرت نهار عقل سين الله ڏنو ڇڻي.
ملي جواب ڏنو جنهن ۾ نالو شڪر واهري جو وڏائين:
عاقل! چوان٭ تو الله ڏنا. اها بيشڪ آهه بلا
بيلڪ تنهن بند ۾ ڪا هئي هردم همينا
ساڪاٽ ملي تو ڪش ڏني تنهن ڪي آيو موت مٽا
ڇٽئي پاسي ڇت ڇوري تنهن ڪي آڳ ڪيو اُهاڻ
ترندي تنهن تونڻين ۾ ثابت ڏنو ساهه
آهي ڳالهه اها. ڪر اڃان مٺايانو شڪر ڇڻي
شيخ سائينداد ڏاڻ جو هڪ ٻيو بيت ڇيوتر:
ڪامڻ هڪڙي قدرت سين خاود خلقي آهه
تنهن پوريا نه تي پيٽ ۾ پنهنجا ٻار ٻچا
اُني مان ات هيڪڙي ڪنهن ورنهه ڇڻيو وياڻ
قوت تنهن جو ڪڙو ٻيا هٿا مٿا ماڪي٭ ساڻ
سالڪ ڳالهه سڃاڻ ان ٻُڌي جي سائينداد ڪي

ڳالهه هي٭ هئي جو وس تي ڏل ڏري جنهن ۾ هڪ ڪوڙي (ڇانهين) تي جا ڪنهن ڏڪي ڇڏي ڪيٽ پيلجي ويا. ڏڪيندڙ ڪي به ڳالهه وسري وئي. ڪوڙي وڏي تي پچي پئي. جنهن جي مٿان ڪنهن جانور پير ڏنو تہ ڇگهه تي ٻيو. ان ۾ وري ٻج اندران موريو. شيخ سائينداد آيو٭ اها ڪوتائي ڪنيائين. ڪوڙي سڄي سربستي هئي. رڳو ٿلي ۾ ڇگهه وارو ٽڪر ڪڙو هو٭ ٻي سڄي مٽي هئي. اِنهي٭ تي اِها ڏاڻ ڇيائين: اها ڏاڻ پو٭ شيخ مٽي يا ڪنهن ٻئي سگهڙ پڳي. پوئي واري بيت جي هڪ ست هن طرح تہ:

"ڪوڙيون ڪرت. گدرا. ڇيڙ پوڄ پٽن ـ الخ."

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

شيخ سائينداد هر فن مولئ سگهڙ هو. ڏات ۽ هنر تورڻ سينگار جا بيت چيائين. هيٺيون محبوب جي مجازي تعريف ۾ پنهنجي پٽ ميان غلام حسين جي نالي جوڙيائين. جو خود ميان غلام حسين پنهنجي زباني اسان کي ٻڌايو:

چست گتي چنچل پرين. تنهن وت گن جا باغ بهار ميان
گل قل. گل کيتکي. بيا کڻن ڪنڌار ميان
گل ايلاچان. گل سورتي. بهوت چگا بسيار ميان
گل ڪوپ. گل ڪيوڙا. رنگ چمن رنگدار ميان
گل لالا. گل گلابي. گل ڏاڪودي دلدار ميان
گل جاءِ. گل جافر. بيا گل وڏا گلدار ميان
گل ڪير. گل قيمتي. گل عشق. پيج انار ميان
گل ريحاني. گل سورجا. گل چگا چنار ميان
گل سبزي. گل آرزون. چؤطرفين چؤڏار ميان
گل چندن. گل جاوتي. گل ابيض ئي اپار ميان
گل ڪرني. گل ڪچنا. گل زيتون زينتدار ميان
پرچا گل قل غلام حسين جئي. جيتوٽي هون هزار ميان
تان ڪونهي مٽ محبوب جن ان مان وينهن پڻ پاڳي وار ميان
شمس قمر شرمائيا پسي دلبر جا ديدار ميان
حورون پريون پيمال ٿيون ڏسي ساجن جا سينگار ميان
ڪڏهن وسرنر ڪينڪي سي ڪامل ڪنگن هار ميان
جهڙس ڪونهي جڳ ۾ اهو قسم ڪريان ڪلتار ميان
اي محب پرين منثار ميان سڀ تنهنجي جلوي جهڙپ جهپائيا.

شيخ الله ڏنو.

ٻيڙو شيخ الله ڏنو جنهن سان 26- جون 1946ع ۾ اسان جو مارڪو ٽيو. سوان وقت عمر ۾ سؤ ورهين کان سوايو هو ۽ ٻوءِ 1948ع ۾ گذاري ويو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

شيخ الله ڏني وڏو سڳيڙ هو ۽ ونس بيلي جي شاعريءَ جو وڏو صندوقي خزانو محفوظ هو. وڏي عمر هوندي به ڪافي بيت پٽهنجي حافظي مان اسان کي ٻڌايائين. پٽهنجا جيڪي بيت ٻڌايائين تن مان هڪ مٿي قلمبند ٿي چڪو آهي.

تاريخ 27-جون 1946ع صبح جو شهر اٽل مان واپس ڪراچي ونڻ جو ارادو ٿيو. لاري ۾ چڙهڻ جي تياريءَ وقت ڀيڙي شيخ الله ڏني کان ڪجهه ٻڌي رهيو هوس جو چيائين ته منهنجي هي جوڙيل صدا به لکي ڇڏ:

1. عرض ڪريان تو الله کي. سي منهنجا صاحب سڏ سڀيج
اسين. ٻانهان تون ڏئي خطائون ڪميج
منڪر ۽ نڪير کي صاحب ساڃهه ڏيج
الاهي الله ڏنو چئي. پاڻ ان پاڻ رميج
حضرت هادي ٿيج. مونکي محشر ڏينهن متان ڇڏئين.

2. عرض ڪريان تو الله کي سي منهنجا صاحب سڏ سڀيج
پهريون عرض ايمان جو سومون تي واحد وڏو ڪريج
ٻيو مرض لاهين جان جو سومون تي ميون مهر ڪريج
ٽيو موت وقت منهنجا ڏئي ڪلمون وات ڏيج
چوٿون هجان ميڙي محمد جي. مون تي رحيم رحم ڪريج
پنجون پڙهان قرآن کي سومون تي قادر ڪرم ڪريج
ڇهون ڇڏيان حرام کي. مونکي ڪوڙ ڪر ائيج
ستون مگان سائو ٿو. مونکي اڳيون آلا ڏيج
اٺون شيخ. الله ڏنو چئي. منهنجا ڏوهه مڙئي مرهيج
نائون پڙهان نماز کي هنيون ڏيئي هيج
ڏهون ڏک ڏاکڙو مولي مونکي مڙ ڏيج
"ومن يعمل مثقال ذرّتہ" اها بندا بات بکيج
حضرت هادي ٿيج. مونکي ڏينهن محشر جي.

شيخ الله ڏني سر سئي مان سندس هيٺيان بيت لکايا:

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

1. ڏکي ڏيرچڏي ويا. ڏاڍي جات جتن ڪڏھن سمجھيام ڪينڪي تہ آھي ٻرپر سائيڙن ھونکي سھاري سيج تي ٽا آڏيءَ اوءِ اُڇن ڪڏھن ستياس ڪينڪي ھوند نند نہ ڪيام نيڻن لکيو ھئوم لوح ٻر تيلاتہ منھنجو ڳڙھو نيو ڪيچين اصل آھارين جا وٽئون ور وڃن آءِ ھياس ھيٺي ٻانيڀ جي پالياس پريتين تيلاتھن ڏيرن مون تي ڏک ڪيو جئن نہ ھياس سگيٽي سندين اصل الله ڏنو چئي. ٽا لکيا انگ پرن پچاڻان پرين. آءِ ڪٽي ڏينديس باھہ پنيور کي.

2 ڏکي ڏيرچڏي ويا. ٻي آواڻن تي واري پنڌ اٽانگا پٽ جا ٻر سڃن ٻاري اٽياس آڏيءَ رات جو تو ئي سنجھي سواري ھونکي سھاري سيج تي. ڪٽکيا ڪھاري تيلاتہ منھنجو ورونی ويا. جيلاتہ ٽيس اساري مون تان ڪچو ڪيچين جو ڪوند ڪيو. آھن منھنجا مياري اصل الله ڏنو چئي. ھئي منھنجي تن جتن سان ياري پوءِ ناحق چو مون نڏرسين ڪري ويا ڪاريا ھي منزل جا ماري ساتادر ڪيچ رسائين.

شيخ سنگر.

اسان مٿي صفحي (87) تي راوي ڪريمداد جو قول نقل ڪري آيا آھيون تہ "شيخ سنگر شاعر ڪونہ ھو مگر سگھڙ ھو." حقيقت ھيءَ ٿي ٻانڀجي تہ شيخ سنگر شايد گھٽي شاعري ڪاڻ ڪئي. پر تنھن ھوندي ۽ بعضي ڪي بيت پئي چيائين. پر شيخ سنگر ٻر يہ شاعريءَ جي ڪنڍ ڪڍ ھئي جو ختنگ پٽ يہ وٽس سوال ڪٽي آيو[1].

---

[1] لسوٽي ص 101

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

مسئي جي شر مان سنگر جا چيل بيت. جيڪي اسان کي ملیا سي هيٺ ڏجن ٿا. انهن بيتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنگر شيخ بيشڪ هڪ سهڻو شاعر هو.

سر مسئي

1. هلي مان سان هوت ڏي جيڏيون جاکاڙي
آن وَرَري وهندي کينکي سرتيون ساکاڙي
وينديس پير پنهون جي ڪنڊي وس وس واکاڙي
ڏيو سامتِ مان ڪاڙي، جان وڃي جيڏيون مالان جت کي.

2. جيڏيون مالان جت کي، وڃي توڙ پچان تان ڙي
کهڙو عُدوليان آرياڻين کي اديون ڙي آن ڙي
سنگر سات ڏڻين کي آن چا چوان چان ڙي
ڪرمي؛ ڪر ڪيو پنهنجي ڇڻي؛ کي چان ڙي
محب ڏڻو مان ڙي، سو سپيان سرس سنگر چوي.

3. مڃ مسئي سنگر چوي، ڪر مون سين حال سچي هيڪار:
ته ڪيئن آرياڻي آئيا، تو جي پاڻ ڏانهن پيار
گ ڪيئي؛ ڪيچين سين ڪان ڪا خوش پلي ڪينکار
مانهڻ ڏان مزمانن کي تو چونہ وچايا وار
پوءِ ٿي پنڌ پچائين پار، هاڙهي ڀ هوتن جا.

4. مڃ مسئي سنگر چوي، مونکي سيا ڀگالهہ ٽلاءِ
ته ڪيئن تووت آرياڻي آئيا. ڪيئن وڻي وَرُ وياءِ
ڏيئي ڏَرَ ڏاڳهن کي. وڃائا ڪين وڏاءِ
هاڻ آڏيءِ پنڌ پياءِ. وڃي هاڙهي ڳولج هوت کي.

5. چئي سنگر! ٿي سچي ڪيان جيڪا منهنجي من
اٽيس اوسيڑي منجهان ڏسي تن ڏيرن

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هٽ چمي هوتن جا پيس تن پيرن
رڌم طعام خوشي، مان ادا لاءِ اولين
پيرين، پرو ڪونہ پيو تہ ڪي مون سان ڪُٽر ڪن [1]
مي وڻي مون وهاريا. خاشين ڪتولن
پي، رات پيني رهيا. رکي مڏي من
ٽي، ٽڪائيا جوڙيا وڃي پاهران پروچن
مينهن سگهرين وڻ نئورهائي رُنگن [2]
چوٽين، چگا ڪيا اگ اشرافن
پنجين، ويهي پاڻ برڪي مصلحت ملوڪن
ڪيائون پاروچي پاڻ بر مون سڏي ڪين سندين
ڇهين، خوب چائيا. نشانادان
ستين، ميلا ڪڍيا. ڪشي ڪنوان
گنگا اُٺ غني هٿا. سنگر چئي ساڻن
اديون ان پارن. منهنجو ٿين، ورونءِ ويا.

5. جت جوراور جيڏيون سرتيون سيڻ سندام
پروبگيرد هولي پاروچل جي. ڪين سنگر سمجهيام
سوڙ واريد پرهہ پچاري. ميزل ساري ڪرها ڪيج ويام
دانهون ڪوڪون وس رس واڪا. ڪيچين لاڳ ڪيام
سي سيڻ صاب پيام جي ڪير ڪشالا ڪيج ڏي

7. جان مان جاڳيس جان. تہ اٺ نہ اوطاقن تي
پسيو پڌ پنهون، جا مون جي دل جيڏيون ڪي دانهن
سرتيون هيس. سنگر چوي، پنهنجي ورسين واڳي آن
ڪنيو هٽ خدا ڏي ٿي ان پر عرض ڪيان
تہ قادر چئن مَ ڪامَ ڪا. سرتين جي سڳ مان
معذورين مٿان من هوت ڏري اچي هٿ ڏا.

---

[1] ڪٽر=وڌا
[2] رنگن=چئن (رنگ=جڙ)

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

8. اچي هوت ڏريندو هتڙا. مٿي نِگهه نمائي
لنگهي لَڪ پَٽ. لانگها لکيون ويندين سات ڏئي سائي
وَڙ ولهين تي تون اچي ڪج تڪڙو آرائي
روسو ريهون ڪري چيهون. منڌ هوتن لئي هائي
ڪيئي ڪن ڪپر جوپ جبل هر جت برپت بيائي
تِتي به سُتِيس ڪين. سنگر چوي. جاتو مون جائي
اچي آرائي. مان پنڇي پيادين ڪي

9. پنڇين پيادين کي تون آرائي انور
چيئون چپر جوپ جبل هر جت ڏاڍي ڏمر ڏونگر
تي پانيون پويون پولڙا وات اتي وانر
چلن چيتا چنج چوڏهه هر گجن شينهن شِڪر
ٿهري بحري باز برن هر ڪن شيلوليون شڪر
روڏ رڄن جي راڄ هر. سيچاڻا سِڪر
اتي سڙيو ساهر سنگر چئي. ڏوهه پيو ڏينور
مِرُن مٿوئي ناڳ کو جوهين جناور
وري وهلو وَرُ. اچي مان پنڇي پيادين کي

10. وَڙ هر ڪونهي وَرُ هي سڀ ڏنگايون ڏيرن جون
تون جي جاڳين ۽ جَرُ پئي. سُتين ۽ نه ساجهر
تہ هوندو نه هاريو هيترو جتن کارڻ جَر
ڪيچين کاڻ نه ڪو ڏنئي وات وندر جي وَر
چئي: سنگرا! سات ڏٺين کي آن ڏورينديس ڏونگر
پيج پني ۽ پينر. هڏندين هاروچو مليو.

11. وَڙ هر ڪونهي وَرُ هي سڀ ڏنگايون ڏيرن جون
ايندو ڪامل ڪيچ ڏئي پيج پني ۽ پينر
آڏو ٽڪر ٽَرُ. متان روهه رتيون ٽين

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

شيخ منو.

شيخ الله ڏني جي ياءِ مٽي سان اسان جي ملاقات کاڌ تي [1]. مگر شيخ منو به سگهڙن مان ٿي چيائون. سندس هڪ بيت جو هن شيخ سائينداد جي بيت جي پران ٻڌل سوا ڳيٺي مٽي باب پنجين هيٺ نقل ٿي چکو آهي ۽ شيخ مٽي جي طبعزاد شاعري جي ساک پري ٿو.

شيخ عثمان.

شيخ عثمان پٽ محمد صديق، شيخن جي خاندان مان هڪ جوان مڙس سگهڙ آهي. [2] جنهن کي ٻيلي جي شاعرن جو گهٽو گن ياد آهي. هو انهن اڳين شاعرن جو راوي به آهي ۽ ازانسواءِ پاڻ به بيت ٺاهي ٿو. البت سندس شعر جي جنس سادي آهي ۽ وڻن جي ڪڙي تي ڪوند پهتو آهي. مگر "صفت" جا ڪي بيت سهڻا چيا اٿس. اسان کي پنهنجا عمر مارئي جا ٽيهن راتين ۾ ٺاهيل سوالن جوابن جا بيت ٻڌايائين. جن مان جنس طور هي ٻه قلمبند ڪيا ويا:

1. پنجين ۽ مان پنهنوارن ڏانهن وڃيون ٽيون ۽ سن
مُٺ مون جيڏيون مليو ٻه ٽيون مينهن پسيو مرڪن
آءٌ هٿ جيلين جهلي آهيان. ٻوٽيون ٻڪر کوليو ٻڌن
سي قريو پنهنجي ڏرن سين ٽيون اوپريون اڇن
شال پنهواريون پسجن. وڃي ملان اباڻن عثمان چئي.

2. چئي: ڇهين ۽ مان نه چڏيان مونکي مرڪ ضعيفان زاريون
عمر نالو منهنجو. سون تي مرڪي ايتريون آريون
جهليندو سئين جيلن برڪين پسندين ۽ پنهواريون
ڪڙاونديون ۽ ڪوتن ٻرات پئي سنديڪا ساريون
وڃيون ڪنديون ۽ واريون. پر وينديون ۽ مري منجهه هن مارئين.

---

[1] سنه 1942ع ٻ شيخ منو جيئرو هو.
[2] هي جون 1942ع جو ذڪر آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هيٺئين بيت ۾ شيخ عثمان ڪبير شاهه جي وات ونڻ جي ڪوشش ڪئي آهي:

هڪ عرض ڪريان ۽ تي عمر! سو سڄ ميان سومرا سردار
جيئن هت تنهنجون پتيون مارين جُتهه جارين چرڪين چاڙهين آهن جوڙ چگي جنسار
تئن هت پکن گهر. بيديون بر. چارين قر. منهنجا پت پريا پنهوار
جئن هت تنهنجا گهوڙا گلا. وڃن رلا. بغدادي پلا. هيا ابلق وڻن اپار
تئن هت بکريان چارن. گهيتا وارن. در تي ڏارن. منهنجا دل گهريا سي ڏرار
جئن هت تنهنجون گلمر گاديون شغل شاديون نوبت ناديون. تاکن وهيو ويس ونهجهار
تئن هت هاڻا هاڙها. پٽن پاڙان. وڃهن واڙا. اسان جا ڪٽين منجهه خمار
جئن هت پلنگ منجا. مسند سنجا. قيمتي ڪنجها. پيون وڻن چوطبقون چوڏار
تئن هت پکن چانيون. هاون هايون. لڳن لايون. اڃ منهنجي سرتين جو سينگار
جئن هت تنهنجا ڪوٽ ڪرار. نرگس نارا. ڇُنا مارا. هيو سندءِ در دمون درڪار
تئن هت ڪٽن ڪهاڙيون. ڳڻن هاڙهيون. وڃهن واڙيون. پسيو پت چگا پنهوار
جئن هت تنهنجا مڱڻ هاڙها. ڪٽن پاڙا. هٽن ڏاڙا سڄي سنڌ ستار
تئن هت اسين هڪر چارين سات برسارين رڃ واريون. هي ردن منجهه رڙڪار[1]
جئن هت جنگيون جهيڙا. ڪٽن ڪيڙا. مجلس ميڙا. هيا وڻن چوڏس چوڪيدار
تئن هت چارين ڏڻ. وڌين وڻ. مائڻين مڙ. چڏ تون پرٽي جي پچار
آهيئين پيڙ. نه ڪر ويڙ. اُپٽ نيڙ. تون ننگ پريا ڏسي نار[2]
آهيون بابي طرفون يار چڏ وڃي مِلان ابائڻ عثمان چئي[3].

مينهن:

مينهن ويئل وايارو لڳ سڪڻ. محموداڻي شيخن مان هو. سنه 1900_1905ع ڌاري گذاري ويو. سندس هيٺيان بيت اسان کي مليا.

---

1 سات برسارين=گڏجي چارين. وڃ=ڦجر. سويرو
2 نارين=ناهار (م)
3 يار=پاڻ (م)

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سسئي سارنہ ٽايءِ، تونہ ٻڌو ڪوچ ڪڪار[1]
وڃهي ڏر ڏاگهين کي، مهتي جهل مهار
سي ڏهري حيا، سنجهي ڳهيا، ڪي ڪاريءَ مهار قطار
سي وڻ واسيندا ويا، اُٽين جي اوڳار
ٻڌي سڏ ساجن وَريءِ منهنجي هاتاڙي هرڪار[2]
"ميڻهن" چئي ميار، سون رکي ڏيرن مٿي ڏک جي.

مهر عالي:

شيخن جي محموداڻي پاڙي مان هو. "وايارو" لڳ ٻڪڻ جو ويڻل هو. 1920ع ڌاري گذاري ويو.

1. پٺ لائق پرين جي اکيون اُڪيريون ائين
ساهه برابر سانديان سي جيءَ برابر جيئن
جيڪي پرين ڳڻا پوءِ پيا، سي ڳهوريان ڏکيا ڏينهن
انهيءَ مذڪور منجهه مهر عالي چئي ڪين مڃان وسي ويا ميڻهن
تهدل يار تومين، ٽي ڏيان تيا تن کي.

2. پٺ لائق پسرينءَ جي، منهنجي حُب هنيين هر آهه
سو ماکيان مٺو پائيان شرهي سِر ڪن گهاءِ
اڙي آنت عشق جي، ڪا محب لڳئي مون گهاءِ
سيڪاسڪ سپرينءَ جي، سا مونکي پيٺ ڪين پياءِ[3]
آهه ارادو الله تي، منهنجو تڪيو توتي آهه
هاڻ گڏيا محب، مهر عالي چئي، دوست دلاسو چاءِ
تن کي تات تيلاهه جيلاهه اڳ هيرايوءِ هنيون.

---

[1] ٽايه-تياءِ(ا)
[2] هرڪار-سڏ
[3] پيٺ-سڏ خبر

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هيٺين بيت ۾ پنهنجي پاڻ اوياهيي جو نالو وڌائين:

پيٽيون شهر پنيور ۾ ٻر ڪنهن جي ٻڌيا س
سنجهي ساڻ لڏيو آءٌ آڏيءَ جو اُٽيا س
ڪهي ڪوهيارو هليو. تنهنجي نرت نه ٽيا س
براهمڻ بانڪ ٽي. هاڻي سچين سڏ ڪنديا س
ڪٽي توڪل ترهو تار تنهين ترنديا س
آورا لڪ. اوباهيو چئي. لحظي ۾ لنگهنديا س
نا حق پرين نانديا س. ناڌ ڪچو منجهه هو ڪوندو [1]

سچڻ منهنجا سونهٽا. ريٽي گهاڻ رتا
عاشق معشوقين مليا هيٺي ٻول ٻڌا
من جا لوهه مهر عالي چئي. ٽين جڙي ڪير جدا [2]
ثابت رب سچا. ڪج ميڙو محمد چام سين.

جنگو:

هي ۽ به محموداڻي شيخن مان. ويٽل وايارو لڳ سکر. سنه 1956ع ڌاري گذاري ويو. مينهن شيخ جي پران هيٺيون بيت چيائين:

سسئي سارنه تايرَ تون آئين آٽڻ اويرو
توک ڏيئي ڏيرَ ويا. ويچاري ويرو
مسئي جو. شيخ چئي. نه پيو ڪيچين کي ڪِرو [3]
تون رکي ڏيان ڏوڻ. ڪڻ پنهون جو پيرو
جهلي تولاءِ جَنگو چئي. پگهائون ڪين پيرو [4]

---

1 نانديا س = نه آنديا س.
2 من جا لوهه-لوهه جهڙا من جا نانا
3 ڪرو- ڪهل
4 پگهائون ڪين پيرو- وهائي ڪين

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هُتي لنگهي پڳ پاڻو ڪيو ڪو آرياڻي ايرو[1]
پوءِ سات ڪِ سوارو تون ٿئي پُڄ سنگهر ۾

عارب

محمودائي شيخن مان ويئل وايارو لڳ سڪ سنہ 1957ع ڏاري گذاري ويو. "مينهن" جي بيت جي پران هيٺيون بيت چيائين ٿو:

سڻي سار نہ ٽايءَ اُتي ڪيڏي گوڏي مان گندي
ستين ءَ آساري شيخ چئي، آڏي ءَ جو انڊي
سي پرين تنهنجا پري ويا، ونيي ڪيچ ڪنڊي
اِني انين جي ڪَڏ، عارب چئي، رڙهي پوءِ رندي
من ساروچو ٻُڏي، تنهنجو ساجن سويرو وري

محمد احسان

ڪڙياڻي شيخ جنهن جا هيٺيا ٻه بيت احسان کي ملیا.

اڄ بہ اُتر پار ڏي ڪڪر آهن ڪارا
ڪنيو اڇن ڪَنِي جا هوءَ پنهوارن پارا
منهنجو هنيون هت نہ وندري اُن ڏُولين ڏارا
مارن لاءِ، محمد احسان چئي، منهنجو ڪري ارواح اوهارا
اني پنهوارن پارا، سچ ڪر سنيهڙو آئيو!

عمر اوڻي آئيو ڪو ڏيهي سائيهي
پهرين رات ملير هر پئيو جا پيئي
مارن حنهن اڏيا هٿا، نيسن پر نيئي[2]
مارئي کي محمد احسان چئي، سنيريا سيئي
ڏور ٽيا ڏيهي، پرين پاڻ ڪنڊيئين.

---

[1] پاڻو ڪيو - منزل ڪئي.
[2] نيسن پر - نين پر.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باب بارهون

ڪبير شاهه: سندس خاندان ۽ شاعري

ڪبير شاهه، مٽياري ساداتن جي "ڳاڙهيا" پاڙي مان هو. چون ٿا ته سندن وڏي سان حضرت شاهه صدر جي پلائي ٿي ۽ اتان "رٽا" جنهن کري "ڳاڙهيا" سڏجڻ لڳا. پي روايت موجب، سندن وڏي سيد جعفر شاهه کي پهرين ٻن شادين مان اولاد ڪونه ٿيو. پوءِ ٽيئن شادي ڪري گهوٽ واري ڳاڙهي لباس ۾ قاڙهي جي ران پچائي ڪنو ڪير جو مٽي ٿي رکي شيخ ريحان وٽ دعا لاءِ آيو. هن درويش پري کان ڏسي چيس ته:

اچو ميان سيد ڳاڙهيا، هٽ ۾ قاڙها
مٽي تي پارا، پنجن پٽن وارا

درويش جي زبان سچي ٿي ۽ شاهه صاحب کي اولاد ٿيو جو پوءِ ڳاڙهيا سڏجڻ لڳو.

اڻل ۾ ميان ابراهيم شاهه شجرو ڏيکاريو جنهن موجب امام موسيٰ ڪاظم جي اولاد مان آهن. سندن وڏي ڏاڏي جعفر شاهه (؟) کان اڳ جو شجرو هن ريت آهي ته: جعفر شاهه بن تاج محمد شاهه(؟)... بن آرادين شاهه بن دهن شاهه بن بدر شاهه بن حاجي شاهه بن معارف (جو پاڻ ۽ سندس پاءُ جندو شاهه "سن" ۾ رهيا) بن داؤد شاهه بن ابراهيم شاهه بن مينهون شاهه بن شرف الدين بن علي شاهه بن امير شاهه بن ابوبڪر (مصر ۾ رهيو) بن عبدالباقي بن مير علي (تيمورلنگ جو نواب) بن حيدر بن حسين (پاڻس محمد) بن مير علي بن علي اڪبر بن حيدر بن مير علي (عراق ۾) بن حيدر بن حسين بن علي (پاڻ ۽ سندس وڏا 95 ورهيه ترمذ ۾ رهيا) بن يوسف بن احمد بن حسين بن محمد بن ابراهيم بن يوسف بن علي بن حسين بن جعفر (عراق ۾) بن (امام) موسيٰ ڪاظم.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جعفر شاهه جو اولاد



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جعفر شاھ کان ھيٺ جو شجرو جو ميان ابراھيم شاھ اُتل (لس ھيلي) ۾ ڏيکاريو. سو صحيح ھو مگر متي وارو شجرو البت شڪ گاڏئون ھو جنھن کي درست ڪرڻ لاءِ جناب محترم غلام مرتضيٰ شاھ صاحب (جي. ايم. سيدا کان پڇيم. شاھ صاحب موصوف جي تحقيق موجب [1] ڳاڙھيا سيد. متياري سادات جي "ميان-پوٽ" قبيلي جي "سنائي" شاخ مان آھن. "سيد ميان" جنھن جو اولاد "ميان پوٽ" ٿيا تنھن جو متي شجرو ھن طرح آھي: سيد ميان بن محمد بن احمد بن شرف الدين بن مير علي (بن حيدر) جو متياري سادات جو جد امجد ھو. سيد ميان جي پٽ سيد احمد جو فرزند سخي سيد ابراھيم شاھ ٿيو جنھن جي اولاد مان سنائي. ڳاڙھيا ۽ ڪٽائي پاڙا ٿيا. ابراھيم شاھ فرزند ڏيڏني شاھ جو اولاد "ڳاڙھيا" سيد ٿيا جن مان "ڪٽائي" شاخ ٿي. سيد جعفر شاھ جنھن جي اولاد مان ڪبير شاھ ٿيو. تنھن جي پيڑھي سيد ڏيڏني شاھ سان ھن طرح گڏجي ٿي: جعفر شاھ بن سيد علاؤالدين بن سيد رڪن الدين بن سيد ڏيڏنو شاھ

مٿين ڏنل شجري مان معلوم ٿيندو تہ ڪبير شاھ جا ونڀا اصل سنڌ اندر شھر سن ۾ رھيا. چون تا تہ ڪبير شاھ ٻہ سن ۾ ڇڏيو ۽ ساماڻو ۽ جڏھن وڏو ٿيو تڏھن سن ڇڏيائين ۽ اچي ڪوٽڙيءَ طرف رھيو. ڪبير شاھ پاڻ مالوند ۽ پاڳيو ماڻھو ھو ۽ پنھنجي مڃي مانيءَ وارو ھو. چون تا تہ عشق پٽي ڪلھوڙن مان شادي ڪيائين جنھن تي سندس خاندان ڪافش ناراض ٿيو. پوءِ بالاخر سنڌ ڇڏي اچي لس ھيلي کي وسايائين.

ميان ڪريمداد چيو تہ: ڳاڙھيا سيد ٽئي لڳ ڀڳ ڪلري ۾ (ٽئي کان 7 ميل اتر اولھا اچي ويٺا جتان ڪبير شاھ جو ۽ احمد شاھ [2] اول شھر اٽل (لس) ۾ آيو ۽ اچي مريد خادمي ڪيائين. اٽل ۾ ابڙا جام سنڌ مان سجاول کان پريان جا اڳيئي ھتي آيل ھئا جي جام لاسي سان ۽

---

[1] تاريخ 13- جنوري 1965ع تي شاھ صاحب سان خاص ملاقات ۾ ھي احوال ڪيو ويو

[2] اٿين. مگر مليل شجري موجب (جو تہ معلوم ڪيتري قدر صحيح آھي) ڪبير شاھ جو ۽ محمد شاھ ھو جو شايد لس ڏانھن ويو ھا تہ وري سنڌس پٽ (۽ ڪبير شاھ جو ڀائيٽو) احمد شاھ اول لس ڏانھن ويو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

سگهيٽا هتا. انهن مان جام ريڏنو عرف جام للو ۽ جام درو جنهن جو ٻڌايل "ڏري جو ڳوٺ" اٽل لڳ ڏکڻ اولهه طرف موجود آهي. تن وٽ ڪبيرشاهه جو پاڻ ميان احمد شاهه آيو ۽ اڇي مريد خادمي ڪيائين. پوءِ انهيءَ جي سانگي ۽ شيخ ابراهيم جي ملاقات لاءِ ڪبيرشاهه سنڌ مان ڪهي شاهه بلاول جي زيارت ڪندو شهر اٽل ۾ آيو. ا. هـ

باب اٽين هيٺ ڪيل بحث جي بناءَ تي چئي سگهجي ٿو ته ڪبير شاهه 86_1776ع واري عرصي ۾ شايد اٽل ۾ آيو هجي.

ڪبير شاهه لس ۾ آيو ته سانگي سان. پر پوءِ چاڪر ميرخان (وڏي) سندس قدرداني ڪري ڪيس وظيفو ٻڌي ڏنو ۽ اٽل علاقي جي "ڪائين واري" مڪان ڪيس جاگير عطا ڪيائين. اهڙيءَ طرح سندس دل وٺي ڪيس لس ۾ رهائي ڇڏيائين. انهيءَ تي پويان شاهنواز شاهه (جو ڪبير شاهه جو سٽوت يا سٽوت جو پٽ هو) تنهن بيت چيو ته:

مان تان ڪين اُتون، هو ڪجاڙي ڪي ڪيج ويا
نهر ويئ شاهنواز چئي مان تان ڪونه ڪيون
سير سات سندون ويو نٽاڙي لڪيون.

بهرحال ڪبيرشاهه پوءِ لس کي پنهنجو وطن بنايو. پنهنجو مال متاع ۽ سنڌ مان اٽل ۾ وٺي آيو. ڪبير شاهه جي سانگي ساٿس گڏ سيد محمد علي شاهه (وڏو) ۽ پوءِ لس ۾ آيو ۽ اڇي ڪبير شاهه جي خدمت ۾ گذاريائين ۽ سندس خاص خدمت سبب هو ۽ فقير بڻجي ويو. فتح محمد شاهه جنهن جي قبر ڪوٽڙي ۾ آهي سو پڻ ڪوٽڙي ۾ اچڻ وڃڻ لڳو. محمد شاهه کي جا ڪبير شاهه جي جدائي سبب ساٿس ملڻ جي سڪ هئي سا هيٺين بيتن مان ظاهر ٿئي ٿي:

عمر ابائي پار ڏانهن ويڙ پکو هو ويئ
ڪين وندير ين ور وسريا پرين سندا سون پي[1]
سون تنهنجو سومرا آءٌ رپو پانيان ريئ

---

[1] پي ۽- ون خاوند ڪانڌ

لکيو لوح محفوظ ۾ رانگ اڇي هت اڻي
زوري جهليم جي، نه ته سون مارو مور مٽيا.
عمر اباڻي پار ڏانهن. آهن وڃن ڪيا وارا
ڪٽيو پٽن ڪير جا. هت پنهواريون پارا
اڇا پٽ انهن جا. آهن اڇ اوتارا
هت ساعت نه سري سومرا. تن ڏٽولين ڏارا
منهنجو من. محمد شاهه چوي، ڪري عمر اوهارا
ساجن سوارا. منهنجا آهن عاشق هت اٽل ۾ [1].

سيد ميان ابراهيم شاهه چيو ته: ڪبير شاهه جلال ڪٽي کي پنهنجو استاد ڪري مڃيو هو پر جلال سان مليل ڪونه هو. جڏهن جلال جي ملڻ لاءِ ويو ته جلال به ان وقت وفات ڪئي هئي ۽ ڪبير شاهه وڃي نعش تي بيهي بيت ڏنا. ا. ه.

ڪبير شاهه چام دري جي ڳوٺ ۾ ئي هميشه لاءِ رهيو ۽ وفات به اتي ڪيائين. چون ٿا ته ڪبير شاهه وفات وقت پنهنجي پاڻ احمد شاهه کي ساريو ۽ بيت ڏنائين ته "تانسين موت مَ مار. جانسين پسان پنهنجي پرين ڪي". اتي ڏنائون ته احمد شاهه به چام دري جي ڳوٺ وڃان پيو اچي: هوآيو. ڪبير شاهه ڏٺس ۽ پوءِ وفات ڪيائين. ڪبير شاهه ۽ شيخ ابراهيم همعصر هٿا ۽ انهيءَ لحاظ سان پانڇي ٿو ته ڪبير شاهه تيرهين صدي هجري جي پهرين چوٿائي ۾ وفات ڪئي. ڪبير شاهه جو مقام شهر اٽل کان ٽي فرلانگ ڏکڻ طرف ۽ چام دري جي ڳوٺ جي اتران لڳولڳ آهي: سندس قبر ٽلهي تي چؤڪنڊي اندر آهي. هي چؤڪنڊي بناڀت جي آهي ۽ منجهس صرف ڪبير شاهه جي قبر آهي. چؤڪنڊي جي ٻاهران چوڌاري ڪٺهڙو آهي جنهن جي اندر سيد نبي بخش شاهه جي چوڻ مطابق هيٺئين ريٽ قبرون آهن: اتر اوپر طرف ڪنڊ تي ڪبير شاهه جي سؤٽ محمد شاهه جي پٽ شاهنواز شاهه جي تربت آهي جو

---

[1] ٻيني جي راوين جي چوڻ موجب هي بيت ڪبير شاهه جوڙيو مگر ٽالو محمد شاهه جو ڏنائين.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

شاعر ۽ هو. اتر اولهه طرف سندس پاڻ احمد شاهه جي پٽ علي بخش شاهه پٽ جي تربت آهي. چؤڪنڊي کان الهندي ڏکڻ پاڪٽي ۽ پٽ لڳا احمد شاهه پٽ علي بخش شاهه جي تربت آهي. هي احمد شاهه شاعر هو. ڏکڻ اولهه ڪنڊ تي مٽين شاهنواز شاهه جي ٻن پائرن غلام مصطفيٰ ۽ محي الدين جون قبرون آهن. چؤڪنڊي ۽ ٽلهي کان هيٺ ڏکڻ طرف اٽڪل پنجاهه قدم پري محمد علي شاهه ننڍي جي قبر چيرولي سان لتل آهي. جنهن تي لڳل ڪتبي ۾ سن وفات ماهه صفر 1360هـ عمر ستر سال ڏنل آهي. انهيءَ قبر کان اولهه طرف وڏي محمد علي شاهه جي قبر آهي جو ڪبير شاهه جو خاص خادم هو[1].

ڪبير شاهه جي شاعري.

ڪبير شاهه جي شعر شاعريءَ جو بيان قدري باب الٰين ۾ اڃي چڪو آهي. ڪبير شاهه سنڌ ۾ جائو نپنو ۽ سامايو جنهن ڪري سندس زبان ۾ نج سنڌي سلاست ۽ روانی آهي. ڪبير شاهه پڙهيل ڪونه هو. انهيءَ ڪري سندس هولي علمي تڪلف کان آجي آهي ۽ ٻهراڙيءَ جي شسته پخته محاورن سان مالامال آهي. هوليءَ تي جو ڪبير شاهه کي ملڪو آهي تنهن جي جهلڪ هيٺ ڏنل سسئي جي سڙ مان سندس ننڍڙن بيتن ۾ ڏسڻ ڪهڙ جي جن ۾ جو لفظ زبان تي چڙهيس سو قافيو ٻنجي ويو ۽ جو قافيو ٻنيو تنهن مان پار. فني نقطه نظر کان ڏکڻي وزن ۽ اندروني قافيي کي ڪبيرشاهه عام مشهور ۽ مروج ڪيو. عمر مارئي جي سڙ ۾ "جئن هت، تئن هت" واري ورجيس جو به چڙ باني مباني آهي جنهن ۾ ڪيترن ئي شاعرن سندس وات ورتي. لس پيلي ۾ احمد شاهه سؤجهو بنديچو ۽ سؤجهو مگٺهار وغيره سندس ٻالڪا تيا. سنڌ ۾ ته ڪبير شاهه جو ويتر وڏو اثر هو: وڏن عام بيتن جي فن ۾ ڪبير شاهه سنڌ جي سيني عام شاعرن

---

[1] نبي بخش شاهه جي هن بيان ۾ جي ماڻهين جاڙايل آهن سي ڪماني سمجهڻ گهرجن. شي ڏنل شجري سان اهي ماڻهين ٺهين ٿيون لڳن. مگر شجرو به ڏاري مشڪوڪ آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جو جڻ استاد آهي.

سمجهجي تو ته سسئيءَ جي درد جي داستان جو ڪبير شاهه جي جذبات تي وڏو اثر هو. سواءِ هڪ ٻن "بياني" بيتن جي، ٻيا جيڪي به بيت ڪبير شاهه سسئيءَ جي سُر ۾ ٻڌا آهن، سي جڻ سندس سڪ ۽ سوز جو داستان آهن. سسئيءَ جي سُر ۾ عام ڏاهن بيتن جي طرز ۾ ڪبير شاهه جو هيٺيون بيت بينظير آهي. پٽائي صاحب سسئيءَ کي سمجهايو آهي ته:

"هٿين پيرين مونڌين هلج ساڻ هنڌين". "ڪهج پر ڪنهار". ڪهج ساڻ ڪپار"ءِ "سرج ساهه پساهه". هيٺين بيت ۾ ڪبير شاهه جڻ سسئيءَ جي زباني جواب ڏنو آهي ته:

ڪرڙا ڏونگر. ڪهه ڪٻڻي. آءٌ چاڙهه مڙيئي چڙهندياس
منهنجو هول هروج سان. آءٌ پيرين پنڌ ڪندياس
پيرن پنڌ ڏٺو ڪيو. آءٌ ٽنگن سين ترندياس
ٽنگن ترڙ ڇڏيو. گوڏن پر گهندياس
گوڏن گهڙ ڇڏيو. آءٌ چيلهه پر چرندياس
چيلهه چرڙ ڇڏيو. آءٌ سيني پر سرندياس
سيني سرڙ ڇڏيو. آءٌ بانهن پر هرندياس
بانهن برڙ ڇڏيو. آءٌ هٿن سان هلندياس
هٿن هلڙ ڇڏيو. آءٌ سسئيءَ پر سرندياس
سسئيءَ سرڙ ڇڏيو. آءٌ چوٽيءَ پر چرندياس
چوٽيءَ چرڙ ڇڏيو. آءٌ اکين سان ايندياس
بيمانت جي بر ۾ باس نه باهيندياس
پکين ۾ پکي ٿي. واهڻ ووڙيندياس
مرن ۾ مرون ٿي. سر به سوجهيندياس
ماڻهن ۾ ماڻهو ٿي. گهر گهر ڳوليندياس
اهامند مجاز جي ويهي نه وڃائيندياس
ڪيچين لاءِ ڪبير شاهه چئي. وندر ووڙينديياس
پوءِ چوڻ اهو چونديياس. ته آهيان گهوري گهوت پنهل جي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هي بيت سندس حب ۽ محبت، سڪ ۽ سچائي. سنبت ۽ سمپي جو بينظير مثال آهي. بلڪ سليس هولي؛ ۽ شاعر جي اندر جي اچل، سڪ ۽ سوز جو بيان آهي ۽ ثابت ڪري ٿو ته ڪبير شاهہ "شاعر" آهي ۽ "عاشق شاعر" آهي.

ڪبير شاهہ جا جيڪي بيت اسان کي هٿ آيا آهن، سي مختلف عنوانن هيٺ ڏنا وڃن ٿا.

ڏيهہ ڏٽي ڏاتار

ڏيهہ ڏٽي ڏاتار، جو ڏي نہ پچاري پادشاهہ
واڻي وارث وڌهہ خالق خلقٽهار
جنهن ارڙهن هزار عالم جا ڪيا عرش زمين اظهار
سيکي توکريمنٽون جيڪي قلم ڪيو ڪلتار
صاحب ڪل سخاوت جو ٻاند نہ پارا وار
تنهن پنهنجي پاران پاڻ وهايو محمد ميم مختيار
سو پيڙهي ويٺو انور اعليٰ ديڻ ٻڌي دستار
نوري نرمل خلقيائين، مهر پريو مٽهار
تنهن وٽ جبريل ايندو هو جري جري سين، خاطي خدمتگار
مهر تنهنجي ملڪ مٿي نبوت ٽي نروار
هڪ صديق سچو صدق صاحب هو هادي وٽ هموار
ٻيو عمر اڪابر عادل اعليٰ محمد مهندان مرد متار
ٽيو حيا حلم عثمان اڳرو ٽيو عاقل عقلدار
چوٽون شاهہ سخي شامل تن سين يڪدل جانب يار
مي چارئي يار چگا هئا صاحب مجلس جا مدار[1]
تن ديڻ ڏگو ڪيو داور ڏڪو ڏيهن ٻيو ڏهڪار
اهڙو اوجر ڏيو سون دل کي جيئن چيهہ ڪري چمڪار

---

[1] س: مجلس جو ملار.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ديـن دنيـا جـا ڏان گهـران تـو ڏئـي مـون قلـب قـرار
رزق ڪشادي ڏيـو مـون شاديءَ آهيـان بـد بنـدو بـدڪار
قايـل ڪبير شاهه چئـي، تيـو پشـت منهنجـا پـار
ونگـونـ تـن جـوان جـن کي ڪلمي ذوق قلـب سين[1].

نصيحت

گـذر غريبـي گـن يلـو آ نئـڙت ڪـل نمـاز[2]
تلڙي تڪبر، تڙج طمع کي، رحم گهٽو ڪج راض
جـڙين ونـدءِ جـاڙ ڪـري جـئن اڏرا ڏامـي بـاز
هٿي هٿي هٽـڏين هٽڙا، اهـونـت نـ هونـدءِ نـاز
ڪڍ سڪ صبر جو ساز ڪ ڪيرت ڪبير شاهه چئي
اٽين تـ نـوازين نرمـل، جـئن عجـب ٿئي عـالم ڪـي!
هـت رهي نالو نيڪي، جـو ٻيـو ڪوڙين ٻـوي نـ ڪـل
هـت ڪيڙيـر هـر حـرام جـا، ڪـوڙي ولـيـر ول
سـا ٻـوڪ ٿُئـي پيـدا ٿـي، تيـا بچڑائـي جـايـل
آءٌ ڊچـان، تـون خانـد ڪمـين، وڃـڏين ڪيڙي ڊل
آءٌ پـڃ خلقيـو تنهنجـو تـون ڪـر ڪـا اُميـد اُجـل
اي نيڪ پرين نرمـل، ڪج ڪوڙڪبير شاهه چئي

حڪمت

سائي گهٽيئي سڙي پر ڳندي اوڍ اچي
پٽ ڪنڊ ڪير آهي، مانيءَ ڪنڊ مچي
پٽ پيڇي پاتولي ڪان، ڳالهه بر آسجي سچي
سياڻن سين سڳ نـ ڪجي تپي ڪڏي نچي
سڳ ڪجي سائو ساڻ روح بـ ويندو رچي

---

[1] س: وسون نـ تن کي وار
[2] و: نظرت نت نيان

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ناڻو هجي ته به ٿئي هلجي. هٿي نه ڪجي مڇي
ڪميڻيءَ سين نينهن نه ڪجي، ڪُڙ لڄائيندي ڪڇي
آئي ڪنڪ ڪنڊ نه ڪڍجي، مڙس به ٽڄي مڇي
ڇوڻا اُٿا ڪين هوندا. اُٿون به اڇبو بچي
اها ڀگالهه سچي. سڻ ڪيرت ڪبير شاهه ڇئي.

ڀگوڌ اڇيان ڀگالهاءِ، جي ڪٿي مرليون محبت جون هٿي:
ڏکيون ڏينڌي ڏوکون، جنهن منجهه لاءِ نه ساءِ:
ان موڳيءَ ڪي مجلس جوناهي مر سماءِ
ڪر ڪنيو ڪچ ڏوکيو ٿي گوز هٿي غضباءِ
نور ڪپر ڪي نه پيو، پرتن ڀگالهه پساءِ
ون، ٽون واسينگن وٽ. ترت لهي تريساءِ(1)
مڙ جنهي جي مٿي هر آشر جهڙي شغلاءِ
سي مڏ مٽي سر ڏينڌا. آڻي تان ارواح
ڪنڌا پاڻ پتنگ جئن. صدقي صدقي ساهه
ڪيرت ڪبير شاهه ڇئي، وڃي ڀگاجهه اني وٽ ڀگاءِ
جن جو ڳڻن پريو ڀگالهاءِ، سي تا عطر اوتين ادب سين.

هيٺ ڏنل بيتن هر داناڻي سمايل آهي: پهريون ۽ ٻيو بيت شيخ سائينداد جي روايت موجب لکيو ويو آهي. مختلف روايتن موجب ٻئي بيت جا بند خلط ملط ٿيل ٿا ڀانئجن. ٽئين بيت کي سنڌ جي سگهڙن فقير محمد هاشم مڪٽيار ۽ حاجي طاهر گهراڻي جي روايتن جي بناءَ تي مستقل حيثيت ڏني وئي آهي. ميان ڪريمداد جي روايت مطابق ٽيو سچو بيت ٻئي هر ملائي يڪو هڪ بيت ڪري سهڳجي ٿو. سنڌ جي مختلف روايتن موجب هيٺيون سٽون مثالن طور عام مروج آهن ته:

ـ نانگ ناڙو نه ٿئي. ٻکر وهي نه هر

---

1 زبير پري پرياد

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

- ڪانهه ڪمند نه ٿئي. توڙي گري چاڑهي هگر
- ڪلر منجهان ڪين ٿئي. توڙي جام پيارينس جر
- پر پنهنجو نه ٿئي. توڙي لٽي ڏينس گهر

هيلين بيتن ۾ ڪبير شاهه سنڌ جا اهي مشهور مثال حڪمت عملي، سان جمع ڪيا آهن. بلڪ انهن ۾ ڪن نين حقيقتن جو اضافو ڪيو آهي.

پهرين بيت متعلق ميان ڪريمداد چيو ته لس بيلي جي جام ڪا اُره زورائي ڪئي. جنهن تي ڪبير شاهه اهو بيت چوائي موڪليس. جام هڏي نمي پيس ۽ پگهار مقرر ڪري ڏنائينس. ا. ه

ڪي چون ٿا ته: جام جي ماڻهن ڪنهن ڏل جي وصولي، واسطي ڪبير شاهه کي اچي تنگ ڪيو. جنهن تي پهريان ٻه بيت جام ڏي چوائي موڪلياٿين. شيخ سائينداد توڙي سنڌ جي سگهڙن حاجي سرماڻ ۽ سندس فرزند ميان حاجي محمد سوڍي جي روايتن موجب ڪبير شاهه پهريون بيت پنهنجي هڪ دوست کي ڏوهه ڏوراپي طور چيو. سندن روايتن مطابق سڄي بيت ۾ اصل ضمير مخاطب مونث ۾ آهي (يعني ته: ارهه هٽي ٿي ـ الخ):

ارهه هٽين ٿو اڳ ۾ آڻي سينو سيني سر
گوش ڪريو پيو گذرئين کي ڏيان اسان ڏي ڏر
ويندوءِ روپ رتيون ٿي ٽيندين ديوانو در در
مارم مشتاقن کي هيڏا هاج مڪر
اهڙي پر ڪپر. ڪرم ڪبير شاهه چئي
نانگن جا ناڙا وٽي ڪنهن نه هاڻي هڏا هر
ڪيهر شينهن ڪنين وٽي ڪنهن گهمايو گهر
سپ نه سڄي سنڌ ري، بياباني ڪنهن بر
ڪڏهن سياسين ڪانڪا چڙهي بيڙي چوهه چپر [1]
مڇي نه بچي سگهي، تي. آگ نه جالي جر

---

[1] ر: ڏ ڪا بيڙي چڙهندي چوهه چپر.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پنھنجي پائي نہ تري حيلي ڪنھن ھنر
سڄ نہ الھندي اپري وڃ نہ ڏرت سين ڏر
چڙي چڙايو باز کي ساکيئن ثابت ويندي سر
مور ڪڙ نہ ٽئي ھنج نہ ڪونج ڪپر
اھڙي پر ڪپر، ڪر مر ڪبير شاھ چئي
نصيحت تنھن نادن کي ڪري ڪين اثر
ڪلر مان ڪين ٽئي توڙي جام پياريئس اتر
شيدي ڳورو نہ ٽئي توڙي مھڻي لاھيئس مر
اڪ آمون نہ ٽئي توڙي ڏٽي ڪڍي ڦر
ڪٽو چاڙھين ڪنپ تي تہ بہ مور نہ چڏي مر
مرون ڏارائين مينھن کي تہ بہ سندو سوئر ڦر
ڪڪ کارائين ڪتي کي تہ بہ ڪيس چني سين چر
پر پنھنجو نہ ٽئي توڙي لٽي ڏئيس گھر
ڪميڻو اشراف نہ ٽئي توڙي دليون ھجي دلبر
تنھن کان ڏوران ٻيٽو ڏر، جنھن کان پوءِ لڳي ٻيشيمان ٽين

بڌ جو ورھيہ بڌ، گھڙي نافع نيڪ جي
سو ڪميڻو ڪبير شاھ چئي، نگرو چڏي نہ نڊ
اھو بدو بي شڪر بدخواھ ڪندو بدين تھئون بيحد،
ھي قابل پنھنجي قرب کان ھڪ رتي پوي نہ زد،
ھيڏو ھلي حياءَ سان ڪنھن قدر ڦرينءِ قد،
ھو جات وڃائي جڏھن پيءُ ڏاڏي ءِ پانھنجي

محبت جو مقدار

ڪانہ ٻڌيئين ڪٿھين ڪا محبت ري مروت
پر ڪي ھُون عقل اڪابر آدمي تہ ٽئي اُني ڪؤن البت
اھي ٻڪي دل سڄي ڪن، ميٽن سان مسرت

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

ڳڻن سان ڳنهيو ڪن ڪامل ڪرامت
ڪي هونِ ڪر تون ڪچا. ڪبير شاهه چئي. تہ نيو ڳڏين سان غربت
اصل اشرافن جي آ طرح اها تربيت
تنيءَ جي تڪرار لڳي تي رُمي ٻاجهوڻ رت
سي سرت سناخت سپرين. هون صاحب سلامت
جي هيڏيءَ سان حڪمت. ان کان ڪچي ٽيڻي کان ڪا.

محبت هڻي جي مال. تہ ميڙي گڏ ڪي موڏين
پر تن کي هڻي ٻُجو ٻُجن تي. هو جي نگرا نند نڪال
اصل عاشقن سين اٿس خاص خيال
تي رهي رفيقي تن سان جن وٽ قدر ڪمال
سي سائڊينس سڪ مان فيض ڏسيون في الحال
ڪئن جئن عقل علم عشق جو منجهس واس وصال
هو جي بي قدرا بي حال. تن سان ڪري قرب نہ ڪبير شاهه چئي.

نيهن ۽ درد

درد ۽ وچوڑي جا ڪي بيت اڳيئي شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهه جي لاڳيتن بيتن ۾ نقل ٿي چڪا آهن. هيٺيان بيت باقي رهن ٿا جي شيخ سائينداد جي ڪتاب ۾ ڏنل تسلسل مان معلوم ٿئي تہ ڪبير شاهه جا آهن. حالانڪ ٽالو ڪبير شاهه جو ڪونهي.

هاڻي ڪريان ڪيئن. گهوڙڙا گهر نہ سپرين
وڃهي نانپون نينهن. هيڪر ملان هوت کي.
پرين بنا پرديس ۾ پس هيڙا جي حال
ڏينهن ڏهه ورهيه گذري پهر پندرهن سال
ساعت سالان سرهي گهڙي دم گهڙيال
ساجن جي هن ساهه کي آ سيڪنهن ويڑ سنيال
جئن جر ۾ لهريون جال. تئن مون جهجها ڳڻ جانب جا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مجازءِ محبت

چاڙهي چاڙهي چاهه منجهارا سينگ چوڙي سبحان
تکا تير تنيهن جا پنبڻيون کهبر ٿهري کان
گوشا گوشن سان گڏيا. چٽکيا بحري بان
سينو ساهيم سچا تنهنجي نيٽن کيا نيشان
قربين تان قربان منهنجو سر سيد چئي

اکيون جت اڻن. اتان کو چند سان چڏائي اچي
اٽن آٽاڻ عشق جو ڪڙا منجهه ڪڙن
کاڻ جنگ ڪبير شاهه چئي. وجهيو لوهه لڙن
ٿهري نيڻ قريب جا چهرا نت چڙهن
تن جي پلکن کي نه پڙن. هو جي راوت راندي رکجا.

هن نماڻي ناتو توسان رکيو راول روح جو
محبت جو منهنجا پرين. مون توسان پيج پکهه پاتو
هول هڏا ٽي پاڻ ۾ محب ميان "مان" "تو"
سي سخن سچا ڪج سپرين. مون جاڻ پريا جاتو
هن منهنجي حال جي آءِ ڪل ڳڙا ڪا تو
تون آهين ادب جاءِ آتيرـکي. آءٌ چا واکاڻيان واتو
هٽ چنڊ جي چا تو. ايندو قريب ڪبير شاهه چئي.

هگوريءَ جا سورهن سينگار

ڪبير شاهه "سينگار شاعري" جو پڙ وڏو سڃاڻ شاعر هو. هيٺيان بيت هن سلسلي ۾ سندس اعليٰ فن جي ساک پرين ٿا.

جب هگوري هڻا ڪري. نوَ ست ترمل نار [1]
"اٺ" رکي اغماز سين. ٻئا چڱا چئيچل "چار" [2]

---

[1] نو+ست(9+7)=سورهن
[2] اٺ+چار(8+4)=بارهن

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مهندان محبوبن جي "چلڪت" آهي چه ڪار؟[1]
"اڏڪت" اولي سين پڻا. پُري پريان ڪون پار[2]
"ڳول" ڪِکا ڪِڻا سڃڻين. "ڪل" ڪاڻي تيا ڪار
اهي سڀ نظر ساڻ نِڪار ڪِڻا ڪامڻ. ڪبير شاهه چئي.
جب ڳوري ڳهڻا ڪري ميلا سر سنگين
ڪِيل برق قربان ڪڻا. مڻان ٻڌنر ٻين
ڪنچن ٻيضا ڪر تيا ديکي جُڳِبُ خبيين
سِئُ سَيهَر سُڻا. پڻا مرڪهه ملحظي عين
دادَر ڏبين پُلايون. سِنگ صدقي تان چين
ڪاران عشق نه ڪار ٿا هولي هولن ٻي نه
اهڙا محب ٿهين. منهنجا قابل ڪبير شاهه چئي.
جب ڳوري ڳهڻا ڪري زيور ذاتيون ذات
ويس وڳا واسينگ ڪيا بادل ٻر برسات
پِنگهُر روءِ پريان جو جلوو وڏ جبات
ڪنجل هنجهه ڪنبي وڻا ڙي ڪري مصلات
ڪن سَرَو سلامان سڃڻين. نمن نميو نخلات
ديهي پسي ڏمرڇپي. پٽي ورسي منجهه ولات
شمس قمر صورت سان محبوبن ڪيا مات
مور ڪٽي. ڪِڪ مِيڙ جيئن. مُڇَ سونهن سڪلات
ڏوڏر دچن ڏهان ٻر لب لالي ڳل لڳات
پسي آدف عجيب جو سوئي؛ لڳي سڪرات
ٽواڙو تنهن نرمل ڪي پوڄي ٽو پريات
ڪوئل. ڪبير شاهه چئي. چُپ ڪي واڻي وات
تنهن ڏهميدي فرحات. دلبر ڏينر دل ڪي

---

[1] چلڪت= هلندڙ سرندڙ جانور
[2] اڏڪت- اڏامندڙ يڪي. اولي پڻا- وڃي لڪا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

فصل-2

لبن لالي لال. کا جا سرخي سڃڻين
پندي آدر پرين ۽ جا ٽڙو گر گلال
گنول نين قريب جا. ڏسخ صورت مال
تا نوازين نگاهه سين مهر پريا متوال
جن ڀالهائڻ لاءِ هلين ٿي سهين کر سوال
سي اڄ مرکيا محب مهر منجهئون خوش ٿي خوب خيال
أتر هند عجيب پرين. هو هنڌڙي حال احوال
مٿي قرب ڪنڪال. ڪج ڪو ڪبير شاهه چئي.

ڇرن چراغ پرين ۽ جا. لاکي ۽ رنگ لبيس
ڪٽوٽا رنگ سڃڻين. پوناڪرا ڪيس
ڪرنگا قولن تي تيا. لڳي لک تان صدقوليٽ
گونگ نه آوي تور ترندي. ڪيلن کي ڪاويش
برين بر فتا ڪيا. ڪن ڪنيريا وس ويس
دس نه ٻئي ڪنهن ديس. جهڙا منهنجا قريب ڪبير شاهه چئي [1].

ڪبير شاهه مجازي محبوب جي سينگار کي گلن جي سونهن ۽ سموهيندي چوي ٿو ته [2]:

سرمس سدا رنگ سارنگ جا ڪل قل جايون جام
ستبرگ. چمپا. ڪيوڙو ڪيتڪي. دائودي دلڊار

---

[1] هي بيت اسان سنه 1962ع ۾ راوي عجب پٽ جاتو هيري (ويلڊ آوڻا) ڪان ٻڌل ۽ پڌو ۽ تڪڙ ۾ قلمبند ڪيو. غالبا هن روايت ۾ ڪجهه غلطي آهي. ۽ انهيءَ ڪري ڪي فقرا ۽ معنائون تحقيق طلب آهن.

[2] هي بيت اصل شيخ الهڏني جي روايت تي مبني آهي جنهن ۾ شيخ ساڻيندار حاميد خان رند ۽ پين سڳهڙن جي روايتن مطابق مناسب اضافا ڪيا ويا آهن.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ارڻن بار گلاب، ڪرنا، سوتي، سورج ڪن سلام [1]
بيل چنبيلي، سرڪنڊي زرد، اُپمي عام
دوپهري دل پيچ هٺا، تڪما تڙهه تمام [2]
ٽوئي ٽامر ٽيڪ ڪئي، مٿي مڪ مدام [3]
انباغ بنڊي ۽ برهه سين هڪ هٿي ڪامڻ اهو ڪام
ساڪنوٽين جڻن ڪنهيا ڪيو، پٽي لڏي ليمي لام [4]
ملسين چنڊ چمن ۾، ڪوليندي ڳل جام [5]
تڏ دست ٻُڌي، ڏني پيالا پر ڪي، ائين ڪڏيا ڪل اندام [6]
تتهن ڪوئل ڪبير شاهه چئي، تي بولي بولي بام
وسي بادل بام بوند پچايس ڪپڙا [7]

سر مارئي

(1) هيٺيون بيت مختصر طور سنڌ جي سگهڙ حاجي طاهر ڪهراڙي ڪان ملير، جنهن جي ڪتاب "عمر مارئي" جو قصو- بنا راتين" ۾ ڏنل روايت سان پيڻي تلمبند ڪيو ويو آهي، ۾ بيت ۾ اڃا به ڏاڍ آهي. هن بيت ۾ ڪبير شاهه "ڪُنر" ۾ تجنيس جي ڪاريگري ڪم آندي آهي:

جي ور جي ورڻي، سي وارن پاس سڪاوليون
سيو تنهين ڪي سيوتيون، سيو تنهين ڪي سي [8]
جنهن جون ڪرڙيون ڪوت، ڪبير شاهه چئي، سا طمامن ڪيئن ترسي
اها منج موڙائي مارڏونهن جا آنديئه ڪوهه تان خان ڪي

---

1 الله ڏنو هيئن بار گلابي ڪرنڙن سي وت سورج ڪن سلام
2 ر:...تڪمڙن طرح تمام
3 ر:ٽيڪ ڪيو مٿي مڪ مدام
4 ر:ڪنوڻ ٽي ڪنهيا ڪيا لڏيا ليمي لام
5 ر:ڪڏيس چنڊ چمن ۾ وت جوليندي ڳل جام
6 ر:عشق پتيون برهه جون جتي ڪڏيس گل اندام بطي - صراحي
7 ر:وسن بادل بام ان جا بوند پچايا ڪپڙا
8 سيوتيون- خدمت ڪندڙ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سامر ساهيڙين سان وڃي وينگيس نئي ورسي[1]
چيلا چوڙي چيڪ چڏي ور قوڳن ۾ قرسي
سامر راجا راج زسي، وڃي ٽئي سنڌ ساهيڙين سان[2]

هيئيون بيت ڏکهي وزن ۽ اندروني قافيي جو هڪ عجيب مثال آهي.
ڏن سو ڏاڙ جٽ پٽ چاڙ، ٻهون پکاڙ، جهڙ جهڪاڙ، تنهن جاءِ سرت سنگهار[3]
پرين اويون، پائي، پويون، ڏوران ڏويون، تن جا پرس پنهوار
ڪنڌن ڪهاڙيون، ڪٽن هاڙهيون، وڏين تاريون، وجهن واڙيون، ويل چڱي، ولهار
هينئن هرڪيون، ڪيرن سرڪيون، پيئن مرڪيون، ڏينهان ڏڏ لغار[4]
لوڻي ليارين، وٽن چارين، ڪپڙيون ڪاريون، آهين اباڻن اپار[5]
اڏيون پيهيون، تنبن جيهيون، تن هيڻ ويهيون. [ڪن قريب قرار]

مارئي جي سر ۾ ڪبير شاهه جو هيئيون بيت سنڌي درسي ڪتابن مان، ڪتاب چوٿين ۾ ڏنل آهي. مٿ هي بيت ڪتاب "عمر مارئي" جو قصو (راتين ۾)" ڏنل روايت مطابق قلمبند ڪجي ٿو.

"پنهنجا ساريم سومرا، هوءَ جي پهرن پٽ پنهوار
ڏکيا ڪاتيان ڏينهڙا، آءٌ ويٺي آهيان ڏار
جئن هِت سهج ڪن ٽيون سومريون، هيرا هنڊيو هار
تئن هُت پکا ٻويون پاتشاهه اڄ پي سر تيون ڪن سينگار
جئن هت پٽ پٽيهر بانڊيون ٻيا جورا ۽ جنسار[6]
تئن هت لويون ڏويون سومرا، ٽيون ڪن ڪٽين منجهه خمار
جئن هت انب، آما، آمڙيون ٻيا باغ چڱا بلغار
تئن هت ڪپڙيون ڪاريون چاريون وٽ اباڻن اپار

---

1 ورسي - خوشي ٿئي
2 ر. وڃي ٽئي سنڌ ساڻوهين سان
3 ص. "جڙ جڪاڙ تنهنجا"
4 ص. "ڏڏ لڳار"
5 ص. لوڻي ليارين
6 ڪپڙن جا جورا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جئن هت گل قل جاءِ ۽ جافران ٻيا دائودي دلدار
تئن هت تڙن ٽيون تاڪياريون. ٻيا گولڙا گلزار [1]
جئن هت گل گلاب جا. ٻيا ڪڙيا ڪنڌار
تئن هت ڦوڳ ڦلاريا قرمسين ٻيا پڪا لعل لٻار
جئن هت چونڪيون چمن چؤدرا. ٻيون ماڙيون محل منار [2]
تئن هت اڏيون پيهيون. تن هيٺ ويهون. رهن ڏينگهر جي ڏار
هت ميان توکان ويرِ وڃا هٿا. جن ٽي ڪيا ڪوتن منجهه قرار
سي سڀ مري وئڙا ڀڳري هي جوڙ ڇڏي جنسار
اڳيان قبر پچندءِ خبر. هي حقيقت هيڪار
لٽيندءِ لٽ. ڇڏينديون ڪٽ. سڀ ميان سومرا سردار!
هوءَ تان پسءِ تي پٽن هر ٽاهن ويروتار
تنهنجي ست رچي مٿن سومرا پلوٻجهن چا ٻڪرار!
اُڀي سندي هڏان کي پيئي ڪاڻ پچار [3]
سي ٽون عمر سڀ آجاڪر. ڏلامي ڏرار [4]
جن جا اهڙائي آچار. تن کي ڪڏ ڏيڏئون ڪبير شاهه چئي.

ڪبير شاهه غالباً مارئي جي سُرمان ڪهڙا بيت چيا. جي اسان تائين نه پهتا آهن. هيڏيان به بيت اهڙن وسريل بيتن جي ساک پرين ٿا.
عمر اباڻي پار ڏي به ٽي ٽول ٻجهن:

ڳڙ ڪوڻ ڳاڱيون ملير ون. ٻيا پيرون شال پچن
ڪڙ اباڻي ڪيت جا چگا ڪيو چئن
وڳ مڪائون ويڙ ڏي ٿا پهون پٽ چرن
ڪوٽن منجهه. ڪبير شاهه چئي. ٻوندون بس نه ڪن
اهي سانگي سڪ وسن. جن آئي ٽي عيدون ٽيون.

---

1 تاڪاري ج. تاڪارون: هڪ پوڙي جو قسر
2 چؤدرا = چئن ڊرن وارا
3 اڀ- خوف ۽ هراس (مارن هران جي پچار ٿي سگهي)
4 ڏلامي - ڏلاسو آيئي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مونهان پوءِ مليـر ٻرمينهن وسي ڪوهـ ڪن
ارٿ اولائـــي ڇـــڏيا ســـرتين ســـاهيڙين
وڃ مڪـــائون ويـــڙ ڏي واري ويـــڙهيچن
ڪنبنديون ڪبير شاهه چئي، بوندون بس نه ڪن
پريون پنهوارن ڪي مونهان پوءِ ٿئي ڇڏيون.

هيٺيون بيت مارئي جي سُرمان "هنر" ٻرچيائين تہ:

ڪرهي ڪرهي سومرا! ڪوهـ آنديئي ڪرهي [1]
وَرهي وَرهي ٻَلهِر پانهنجا تو ساهـ سکي وَرَهي [2]
پَرهي پَرهي سگهي ڪينکي شل وڃي پيڪن ٻر پَرهي [3]
نَرهي نَرهي نانائن ري ڪن ڪر نہ ڪي نَرهي [4]
پانئي ٿي ٻيهي. منجهـ ڪوٽن. ڪبيرشاهـ چئي [5]

ليلان چنيسر

هـوڏ وجهي هـوڏي ٿي ميـر متيوءِ مٿيي تي
چاهـ چنيـــر چت گهٽو ڪيو طرح وڏي تو ڏي
پانيوءِ: ويندين سرتين وچ سونهندي گهـ ڳچيءَ لوڏي
پيا بهوت اڏايئـ بنگلا ڪامڻ گهٽو ڪوڏي
پرڪيئـ ڪونروءَ ڪمن تان، ٿان اُتان ٿو ڏي
توجن اهڙن ڪچن ڪرتن ڪبير شاهـ چئي دل وڏياس ڏوڏي
ڪانڊ مڳيو ڪوڏي ڪينتل ڪٿي ڀانهنجو [6]!

---

1 ڪرهي - غصوءِ زيردستي، ڪرهي - ڇڏ هي، (مارئي)
2 وَرهي - پيڇ، وَرهي - مرد، وَرهي - آڻي جو پاڻي
3 پرهي - هي، پر، هن ريتم، پرهي - پاڻي
4 نرهي - نہ رهي، نرهي - هي مرد
5 ٻرهي - هي بيابان
6 هي ڪينتل ڪٿي ڀانهنجو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سهڻي

وڃڻ ڏونس درياهه جي، جت موج ڪري مهراڻ
تتي توکي تار مان پار لنگهائيندو پاڻ
جن جي محبت مهر سان، تنکي لهر لوڏيندي ڪاڻ ڪا.
وڃڻ ڏونس درياهه جي جت ڪنن سندو ڪڙڪو
مڙي ڪين مهراڻ جو دور هڏي وڃڪو
پيڙس ڪن ڪبير شاهه چئي، ڪو پار سندو پڙڪو
ڪرڪين جو ڪڙڪو، ٿيو سونهون ساڻس سير.

مومل

فصل-1

مومل مشرو ماڙين. هئي ڏاتياڻي ڏات هر
هريا مانڪ ماهه جيئن تنهن جي خوب چڱان ڪت هر
ان جي نڊر نياز لئي. اچئو پُرس ٻيڻا پت هر
سي سوڙهيو سيچاڻي جيئن هنيا سوڍي ٽي سٽ هر
تن جو سرزمين. ڏڙ ڏوڙ هر. ليٽيا پئي لٽ هر
ڪيئن ڪاڪ ڪنڊين هر. هڻا فرقيا ڦٽ هر
هن پي ڪامڻ. ڪبير شاهه چئي. اهو چٽڪو ڪيو چٽ هر
تان ڪوئر پٽو ڪوند ڪو تنهن نار سندي نٽ هر
جهٽيو تنهن جهٽ هر. سيڪو ڦريو ڦٽو ڪيو.
مومل مشرو ماڙيين هئي نانگڻ پري ناز
زاد هڻا تنهن زال کي سپ اوڍڻ جا به انداز
پڙهي هئي ڪنهن پرت مان ياري برهه بياض
هڻا اٿين ٽڪا تنهن ناز جا. جئن گلبلن جان گاز
ما ڪنڊ نه ڪيري ڪيڏهين. ڪي عشق ڪٿا اغماز
ڪاڪ ڪنڊيءَ ها ڪيترا ان جي نظر ڪان به نياز
سي سپ راڻا راوَ هميرِ هڻا دولت منجهه دراز

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تن ۾ي پنهنجا وس وڻا ڪيا جان ڪي عقل جا اعلاز
تان هن بحري وانگڻ باز ستيو ساڻو سي وڻا.
مومل مشرو ماڙيسن هڻي سوڍي پري شان
هنڌ حويليون حجرا طنبو تنهن طولان
چونڪيون چمن چؤدار بيحد ڪنان بيان
تنهن ڳل جوڙائي ڪامڻي عقل ڪري ارڪان
تہ آءٌ آهيان وات وڪيل وڪالت ري پانهنجي دڳي ساڻ ڏيان
سي مرد اچن ميدان ہر جي هجن ساڻو سرت سجان
تن مان شرط پچي جو شرط سان ايندو هون وت ماڳ مڪان
آءٌ تنهن ڪانڌ قبول ڪندي شير سچي سلطان
ان تان ڪاڪ سچي قربان. ٻيو آن سڏا پٽي صدقي ٽيان.

فصل 2

پينر ٻڌي جان پيڙيون هيون ساڙيءَ منجهه محل
تنهن سان ستي سيج تي هڻي سهج ڪي سومل
ڪا جا مندي مومل من ہر جنه چند ڪيا ٽي چل [1]
ڪانڌ بان جا ڪوڙي ٽي رکي بوتو منجهه بغل [2]
سان ڏکي مر ڏهاڳ جو حال گذاري هل
اصل عزازيل کي هڻي پدري اِها پل
جان آيو ڪامل سائين ڪاڪ جو منجهان اوزاچل
تان ٻڌ ڏنائين ٻه چشا رمز ڪنهين سان دل
هي لڳ لاڙي هليو ڏيئي ميي کي موڪل
سوراٽو رنڌ رکي ويو وڏي خوف خلل
پر حرف رکن تا هيڪڙو توتي آٽيو ڪي عاقل:
جن هيئي ناز نڪاح جي. تنهنجي اي نہ ڪياءَ اٽڪل
جي تو منڌ جاڳائي مينڌرا هاٽ ڪري هڪل

---

[1] ر جنهن چند ڪيا جاهل
[2] س "ڪانڌ بنا سان ڪوڙي ڪين رکي بوتو منجهه بغل"

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تہ مڙيوئي معلوماتيا توتي ان جا عيب عمل
پر سودا تنهنجي پي ساڻ برسور سکڻ کيا مل
هوءِ پي اُتي عجيبن لئي تاز منجان نرمل
تہ ٿي ويل منهنجي ورجي. اتي کائڻ کرينا کاکل:
تان هئي مليا س ڏري ويو مينڊر وڪامر کنڊيءَ سين جهل
سا رويورت رينهون کري ٿي هوڙها ڀاڙي ڀل
پيڻ وڃي ٿي پيڻ سان جوش منجهارا جل:
تڙي کامڻ! کبير شاهه چئي تو کي آندو کنهن اجل!
مارئي کي مومل جنهن سان ٿيندءِ سومل سيج تي [1]

مومل راڻي جي قصي برکي عاقل شاعر کبير شاهه وانگر راڻي تي ميار تي رکن ٿا. جيئن ته حفيظ تيوٹي جو بيت آهي ته:

مڙس نه هئين مينڊرا هئين چٽائو چت
مومل جي ماڙيءَ برکو نه هئو کوکت
مڙس هوئي هيکڙو سوني ماري کڙو هوءِ مت
هاڻي لاهه لونگي. پڌ ڏوتيو. پر هئين کيڙو پنڌ!
هتي لڄائي کاک کي. هت لڄائي ڏت
ساهمي تراڙو هت. آهي مرک تنهنجو مينڊار.

وٽ باکڑي شاعر چيو ته:

مڙس به هئين مينڊرا پر کر چٽائو کيوءِ
مڙس مثل ماڙيءَ برجڏهن ڏوران ٽي ڏنوءِ
تڏهن وڏي وک 'وٽ' چوءِ پر برپڇڻ هوءِ
ته ذات به تنهنجي ظاهر ٿئي نالو به نچاريوءِ
هاڻو به سريني مينڊرا. هت تورو به تيوءِ
هاڻي کر کي ڪٽ ڏنوءِ ان سوٽڻ سين مينڊرا.

---

[1] راڻين هڪ ٻئي کي مومل جيئن اڄي ساڻس سومل ستيءَ سيج تي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سکر ڪبير شاھ راڻي کي ميار ڏيندي انصاف جا اکر پڻ ڳالهائي ٿو تہ:

راڻي ريب رياءِ، هو مومل مارڻيءَ ۾ ڏنو
ست ڏنائين ٻه ڇڪا، تڏ گهوٽ وڏو ٿيو گهاءِ
مرڌهڻ ڪ زال هئي، تنهنجو جاڻي جاءِ خداءِ
پر حق رُڻو ٿي حق سان، وڃ وڏو پيو واءِ،
مومل! ڏٺي تو منهنجو سيڪو سوڍي کي ٻه سياءِ
زي ڪامڻ ڪبير شاھ چئي، تو ڪئن رسايو راءِ!
پوءِ دل ڳڻي دانا، موتي ويو مينڊرو.

ناحق نوڏ عقل سين تو ترت ڪيو ترتوت
ڪامڻ ڪاڪ ڪنڊن ۾ ڪونر ڪيئي ٿي ڦوت
منڊي چرخ چلڻ جو مڪر ڪيئي مضبوط
تان راڻي هڪڙي راند سين تنهنجا نات ڪيا نابوت
زي هوئي پارڻ پيچ پريت جو سندرو سڪ ثابوت
ٽينڊئي بت پيوت، جيئن تو عاشق سڏاڻ آلٽ ڪيو.

فصل ۽

1. مومل ٻاجهون مينڊرو ويرنه سهي وار
ڪيئي پائيي ڪين ڪريان وڃي تالو تکرار
پوءِ چئي موٽيو من ڪي، تو زي اي نه اصيلن آر
هُئي هڏ ستي سومل سيج تي، پر نالو ٿيو نروار
هاڻ جيڪا منشا هوندئيس من جي، تنهن جو پوندم سڏ شامان
ڪِ هئي برهه بچوڑي بامڻي، جنهن ٿي جيءَ تان لاٿو جار
ڪِ ڪوهو مڪر مهريءَ من ۾، تنهن جي گل جاڻي ڪرتار
پر جيڪي مون سين سخن سوڍي شرط ڪيا هٿ تِر نه تن ۾ وار
تنهن ري ڪامڻ ڪبير شاھ چئي، قلب ناھ قرار
مون کي عشق تيو اظهار هي تيو پري پهه پر چاوجو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

2. مومل پاجهڻ مينڊرو ويرنه سڀي ويل
عشق وڌس ارواح برکهي نيڻهن جا نهرا نيل
سو قابل. ڪبير شاهه چئي. ٿو مري ڪارڻ ميل
اهي سنڌا خاوند ڪيل. جيئن ڪٽڻ جهڙو ڪرتيوا

3. تيلان مران مومل لاءِ جيلان ڪانهي جهڙيس ڪاڪ ر
موڏي وڏي شان سان سندي شمس شعاع
جڏهن ڪڍي ڪر. ڪبير شاهه چئي. تڏهن جڏ باهه پئي پرڳاه
وڃن ويس لڃاءِ منڊ نه جهڙي ماڙهوئين.

نوري

چار ڏڻي هڻي چار وجهندي ڪا ڏوندي ۽ ر ديل
سنهڪ سوندل سونهڻي سا ڪنوئين جهڙي ڪيل [1]
عقل اڪابر اعلىٰ اڳري نازڪ نيڻهن پري نانگيل [2]
سالت سين ليٽيو لٽڪي. ٿي راند ڪري منجهه ريل [3]
تنهن تن تماچي ۽ جو نيو نوريئن نازڪري سان نيل
ان پي آئي ڪينجهر ڪنڌئين ڪوڙما ترت طنبو تنهن ويل
ڪوٽيا. ڪبير شاهه چئي. تنهن سڏي سپ سر ڪيل:
هٽ پيو ڪيئن گندرا گجري اهڙي ۽ ات عاقيل [4]
ڪر ڪنبايو جنهن جي ۽ پنهنجو عشق برهه انگيل [5]
تنهن تان ڪارا لاهيو ڪڪي ۽ جا. جنهن جو لائق تيل قليل [6]
ساڃهي سر چوڏيل. منڊ ميائي ۽ وچ ر [7]

سسئي

سسئي جي سُر ۾ فصل ۔ ۶" هيٺ ڪبير شاهه جا بيت "بياني" آهن. جن ۾ شاعر صرف قصي يا واقعي جي خبر ڏڻ ڏنئون لفظن ۾ بيان ڪئي آهي.

---

[1] س: هڻي ڪنوئين وانگي ڪيل (۲) ر: حقل انداز اڪابر اڳري۔ الخ (۳) ر: ٿي راند ڪري راندل (۴) ر: ڪن ڪمايو (۵) ر: ـــ گندرا گجري اهڙي سڏ عاقيل (۶) ر: هي آ جوڳي تيل قليل (۷) ر: ۱۔ جاڙهي ۾ چوڏيل. آندي منڊ ميائي ۽ ۾ ۲۔ سا جاڙهيان ٿو چوڏيل. اڄ آ منڊ ميائي ۽ وچ ۾

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

فصل-1

ٻـــت ڪوڙـــايو پاڻهنجـــا ٿـــو آڻـــائي آري
تـــن اڄ اطـــاڻ تـــي ڪـــي ڪوڙڻـــون ڪچهـــاري
تـــ پنهون آندو تـــ پاڻ سـان جوهـــو آن منجهـــ اوجاري؟
ســـوڃـــي ڏوراهـــين ڏيهـــ تـــي ٿـــيو ڪامـــل قـــراري
اوهـــين آڏيـــو پـــائرايـــاءَ ڪـــي. ويهـــو مَرويـــاري
تـــڏ تـــنهن دم تنـــين تيـــار ڪيـــا ڀـــري اٺ بـــاري
هُليـــا پـــوش هـــوتن جـــا هٿـــا جڙيـــا جنـــاري
تـــن ســـين تڪـــا تـــوڏا تڪـــڙا. هٿـــا ميـــا مهـــاري
ســـي هليـــا پـــڙ پنهـــور ڏي ڪـــري ســـنجهي ســـواري
اينـــدي تـــن اُتهـــين ڪـــي پنهنجـــي اختيـــاري
ســـي پڄي گهر پريـــت جي ٿيـــا خوشيون ڪنڪاري[1]
هن پي چڱي جاءِ جتن لـــيءِ ڪيـــي تنهن دم تيـــاري
ســـا پـــاڪر پـــايو پـــائرين تـــي زور ڪـــري زاري:
آنءِ جوســـات ســـلامت آڻيـــو شـــل ڏورڻـــون ڏيـــاري
چئي ڪـــامڻ: ڪيچيئـــين کي شـــل هوڻي مرونـــون موچـــاري
پـــر هٿـــي مـــدي ڏيـــرن مـــن ۾ ٿيـــا چـــوڏاري چـــاري
هـــي مـــتي وڃـــي ســـيج تـــي ســـاجهر ســـواري
هـــن لهـــي. وقـــت سنجهي لـــڏڻا. هٿـــا شـــقرا شـــڪاري
تـــن آڏيءَ رات اڃـــ جـــي واڳ پـــوئتي واري
هـــيءَ جـــان صـــبوح جـــاڳي ســـڻي اٽـــي آســـاري
تـــان پنهـــون ٺاهـ پلنـــگ تـــي هـــو جـــو ســـاجن ســـچاري
ســـاڻي پٽـــي پـــار پريـــت ڪٽـــي. ڪنهن هـــوت ڏڻـــو هـــاري
هيـــري لعـــل. زڍيءَ ســـين هٿـــي ســـيج بـــ ســـينگاري
ســـي پٽـــي ســـيءَ پـــرزا ڪيـــا. ٽـــي بـــانيءَ ٻاتـــاري[2]

---

[1] ڏسي پڄي گهر پريت جو هوءَ ٽي خوشيون ڪينڪاري
[2] ٻاتاري = ابابيل

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

چئي: ڪيڏهن سي ڪيچي وڃا جن ياهه برهه ياري
سُر پسر سمجهيم ڪينڪي سندين ساسارِي
نه ته هوند جا ڳيس پاس جتن جي ڪير نه قراري
ڏي ڪئي نه ڪبير شاهه چئي تو هر هر هوشياري
سارُلي. پوءِ رنڊن تي. جا ٿئي ورجي ويساري
تان چئي: رکان نه رتي، جيتري ڪامڻ مياري[1]
آهيا پورهيت جام پنهونءَ جي جو ساجن سنڀاري
هوانگ اصل ڪان ائين لکيو ڪرماها ڪاري[2]
هو برڻ. آءٌ بانيٽي. ڪئي لکيي لاچاري
مادر آءٌ ماري. گهائي گهاو بلوچ جي.
آريءَ اونين کي چيو ته سيگهه ڪري سنڀهونه
اُن جو ياءِ پنيو در. وهلاُت وڃونه
روڏن گوڏن گهنگهرا هارو وڃا ٻڏونه
لاکي لٽڪڻ ٽئونر گلن سين جهاها تن جڙيونه
ڪرمج قيمت ڪپڙا ڪري پاڪڙا پرهيونه

سي آيا جائي. شهر سجائي. تن جو ضايع ٿئي ذرونه
پر جاڻان ڪلفت ڪيچين من برسا. سيد چئي. سلتونه
ڪيائون "ڦرمگ ڦرمگ شير بگيران
تن جي ٻريءَ ڪوسڏونه
هوت وڃڻ جو هونر پر ڪيچين ڪر ڪچو ڪيو[3].
سيٺا ڏير سئي جاسي صاحب سروائي
خاشاس خان ڪٽن تي. اڙينگ آرائي
عقل سڏ شعور جاسي پارس پريائي
مرد ملوڪت سونهٽا هٿا راوت رهائي

---

[1] رتان چئي: ڪانهي ڪا تر جيتري. الخ.
[2] اها ڪاري - اها ڪئي - ائين ڪيو
[3] راوي محمد حسن لاشاري ميربور سنڌ کان.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هيري لال جنهوار جڙي تن ڏاگهن جي ڏاڻي
نيائون جت جتير جو هڻا هاتڪ هوتائي
سڳ شراکت نه ڪجي. جامن سين جاڻي
هاڻي هڪي هڪي هٿ هڻڻا. پٽين ٽي پاڻهي
وڃ رندو نيورائي. گڏ ٻئي ڪيچي ڪبير شاهه چئي [1].

بوتا پاڙي. پاڻ پلاڻي. جت جنبيا ڏي جوءِ
پانيڙ آهي. وڃي ڪاهي. پيلي ڪهڙي (پوءِ)
ڪالهيون ڪولڻ. جا جڪ ڪولڻ (هاڙهي برحال هوءِ)
ساجن سارڻ. دوست نيارڻ. راه رنگي ٽيارو
ساجن سنجهه صبوح. ملندءِ ڪامڻ ڪبير شاهه چئي.

فصل. 2

اٽل اوسيڙن پر. ڏٽي هان ڏيرن
ڪاج رڌيان ٽي خوشي، مڻ اولي، اونيڙن
پيجهي، ٻتاهه جڏا. مدي رکي من
تيجهي، ٽوڙي ويا. ٻڌي مائتن
چوٽين، چوتا پٽ جا. اهي سامي تا ٻڌجهن
پنجين، پاسا باهڻ تي. ڳنڍي، غرض نه ڪن
ڇهين، ڇني ويا. ڪي نهزادن
ستين، سيلهيون ڪڍيون. وڃي ٿهري ڪنوارن
اٺين، آديسين جا. ات دونهان روز دکن
نائين رات نمائي، سان جيڏي ڪٽي جتن
ڏهين، ڇتيا ڏندڙا. ڪي جيجان جوڳيڙن
يارهين، ڪنوٽيون ڪنن ۾. سڳ بي سيليون ڪن
بارهين، پانيڙ جا اهي. دونهان روز دکن

---

[1] راوي محمد حسن لاشاري ميربور ساڪرو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تيرهين ۽ تي تار ڏيئي. وبا آڏي ڏيئي ان
چوڏهين ۽ چپ چپ ٿي. پندرهين ۽ مان پُڃن
سورهين ۽ تي. سيڊ چئي. منهنجا هوت هڪلون ڪن
سترهين ۽ سانباهو ڪري. ارڙهين ۽ شال اڃن
ڪيڃي ڪير شاد چئي. منهنجا ڏمريا ڏير وڃن
آئون وڃان ٿي اڳيري سي اوري مان اڃن
پوءِ سڃڻ ياد پون. ڪيو ووڙ ولهي وڻڪار ۾.

مئي وچ ۾ سج ڏي ٿا نئين ۾ نانگ سُڃن
پُوت پَوارن پولڙا. ٿا وائر وايون ڪن
هاڙا ڦاڙا حب ۾ ٿا روجهه رهائيون ڪن
ڪوراڙون ڪنڀن ۾. ورَ ڪيو وات وجهن
پري پيا پسجن. پکا جام پنهل جا.

پتون باندر پولڙا. جت وچ رانگڻ وڻ رُک
بانبي بلاڙيون نانگ نين ۾. لُڪون جهولا جهڪ
شينهن سوين شير ڪيترا. ڪن تڙون تالان تڪ
پلنگ شهه گوش پٽن ۾. وجهن چٽا چيتا ڇڪ
تن ماري مندڙين ڪي. ڏيو ڏوڻ ڏڪ

بچي برڪت بلائن ڪان ڪبي پڙهي ورد ورق
سا پنهنجي پتيون پپ پيچرا. ويئي لنگهي لحظي لڪ
اها جهلي هوت هٿن ۾. ويئي پريت پهٽ پلڪ
سا ملي پنهنجي حق. وچي ڪامڻ ڪير شاهه چوي

اڏرتندرا ايري سندر ڪي سردار
هئي ڏاري ساري ڏيهه جي ڪنهن نه ڪيئي ڪار
جُتي ۽ جوڙتا سڃڻين ڪا پازيائي پيزار

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جڏ گڏيس ڪانڊ. ڪبير شاهه چوي، تڏهن ٿريس نيٽن نار
مڙيئي معذور جا سپ ڪاڇ ڪٿا ڪلتار
ڪاجا ڪوڪ ڪنن تي پيس گولي جي گفتار
تنهن کي آرياني اڳواڻ اچي محب رسيو سنيهار.

فصل-3

1- نيڻين نند برهير. جاڳ نه جانب کي ملين
پڇ! پيءُ ڏتو ڪر پوري، توکي ڪر ايندو هت ڪير
پنڊ ڪمر. ڪهه گام ڪشي پڙ پني، پئو پير
وڃ مڃ ڪير ويهي ڪٽ ويجهي، ڏمر ڏمڃ ديس
ڏي ڪامڻ. ڪبير شاهه چئي، ڪنهن پال بلوچن پير
تي ساجن سان سمير. جنهن جهڙو ناهي جڳ ۾.

2- نيڻين نند مراور، جاڳ نه جانب کي ملين
ڪامڻ. ڪبير شاهه چئي، ڪنڌ نيزو برهه پنيور
نينهن سندي هڻ نوبت نرمل، گهر مٿان پي گهور
پير برهه ڪر چير چپر ۾، واڇي هو وروڙ
ڏڪڙ ڏامان وات وڃائج سات پني، شهزور
سر مندل ڪنڌ ساز صبر جو، ويڙهه ڪيي تڪ تور
چنگ چنگيا هڻ نمرونينهن جو حرج نه پوندو هور
هي سر ستارين گهور، چور ته چانگن کي ملين.

3- جان مان جاڳيس جيڏيون نه ٻڌمرائن اوگر ڙي
اٽيا اوطاقن ڪئن وڃي پر لنگهڻا ٻر ڙي
مون محبت موڙئي مس ڪديا. هو سالڪ ويا سر ڙي
نه نشو نرمل جو تار نشو تر ڙي
اوهان سر تيون سپ سهاڳيون. مان ٽيلهيندس تر ڙي
ٽيلهي تنهن ٽر کي. مان ڏوريان ڏونگر ڙي
ويجهي ٽي وٽڪار کي. ووڙينديس ور ڙي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

اڃ تـــڻ عجيـــبن جـــي ظـــاهر ڪيـــان ڏرڻي
رمز لڳي رينهون ڪري، مان گهاريان ڪيئن گهرڻي
ڪامڻ ڪبير شاهه چئي، تون موت بان مرڻي
داڻهه لڳي درڻي، منهنجو پنهون ناه پلنگ ٿي[1].

4- جـــان مـــان جـــاڳي ڏي، تـــان اڃ نـــه اوطـــاقن تـــي
هويس هوت پنهون ۽ سين، پنهنجي ورسين واڳي ڏي
ٿيا مـــرتيون مـــور فـــراق جـــا، آهـــي هـــي دل داڳي ڏي
ساپينر ڪيئن پنيور سگهان مان تن ري، تاڳي ڏي
ڪهندیس ڪيچ، ڪبير شاهه چئي، تن لڪن لاڳي ڏي
مـــوور ســـاڳي ڏي، ڏسان تـــان ڏاهـــي ٿيـــان.

5- ڪـــامڻ ڪوهيـــارن ڪـــي ڪيـــئن چـــوين ڳـــئ ڏي
ڪارڻ ڪانڊ، ڪبير شاهه چئي، ويهر ڪروس ڏي
سنيري ساجهر ساڻين ڪي تون راهه زمي رئ ڏي
رند پنڌ روڏن جي وڙهي ٿي گودن جي ڳئ ڏي
اڳيان آريـــائين جـــي تـــون پئـــي ڀـــري پـــئ ري
جن جات سڄي جئ ڏي، تن آڪيڃن (ڪجوا) ڪوهه چوان؟

6- ڏور ڏڪـــي جـــت ڏونگـــرين، اڇـــي وائـــن ہروءَ ڏي[2]
اڇـــي اجهـــوور وڻڪـــار ہر تـــون يـــان ۽ ہر ڪويـــؤ ڏي
جهل تون ڪانڊ ڪبير شاهه چئي، درد منجهان ڏوڙي
تـــ ٻال لنگهـــائي لـــڪ جـــو تـــوکي پـــاڻ وڻـــي پـــؤ ڏي
جاتون پوڙهيت جام پنهون ۽ جي ساڪا ڪيچين ڪي ڪوڙي
ون ۽ تاءِ تکي تو ڏي تو تان منزل معاني ميرڪندو[3].

---

1 راوي محمد هاشر مري، پٽ پاٽي تعلقو ڪچ
2 و- اڇي واڌين ہروءَ - ون ۽ - وڃ
3 و- "جنهن تاهه تکين تو ڏي ڪه سو منزل معاني ميرڪندو". تو ڏي - ٿهه ڏي - تيهه ڏي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

نصل.4

هيٺيان بيت رسالي جي بيتن وانگر ننڍا ۽ ڪڙيءَ وارا آهن. اهي بيت ڪبير شاهه جي پنهنجي عشق ۽ درد جو آئينو بلڪ لفظن ۾ ڏنل سندس سورن جون سٽون آهن. انهن بيتن ۾ ڪبير شاهه جي نصاحت ۽ سندس هولي ۽ تي ملڪ، پٽي ظاهر آهن. جو لفظ زبان تي چڙهيوائس. سو بهترين قافيه بنجي ويو آهي. انهن انوکن قافين تي سندس نصيح هولي ۽ سليس محاورا جن مندڻ ۽ تڪ تي بيٺا آهن. سمجهجي ٿو ته هن طرز ۾ ڪبير شاهه جو ڪو گهڻو گن ڳايل هو جنهن مان باقي هي ٿورا بيت وڃي بچيا آهن.

1. وري ۽ ورندیس ڪينڪي. اوهين (چا تيون) ڳالهايو ڳالهيون جي هئيو هام هلڻ جي ته چڏيو بهتانا باليون منهنجي سڪ مقابل سرتيون! اوهين سپ ساجن جون سالين (1) جيڪا پير پريندي پر ڏي تنهنجي پلاڻي پاليون اڳيان ساجن سنياليون. ٿو ڪٽي سام سين جي

2. وري ۽ ورندیس ڪينڪي. اوهين ساهيڑيون سنگيون هلو هاڙهي سامهيون ٿي سنديون نينهن ننگيون ڏادي بره بلوچ جي وڏيس رونگيون جبل ساڻ جنگيون آه ڪندیس ڪوهيارل لاءِ

3. وري ري ۽ ورندیس ڪينڪي. اوهين ساهيڑيون سمجهو هلو تان هائي هلو متان موڳيون پوءِ منجهو سي سپ ميتيندو سون پرين جيڪي ڏسنديون ڏک ڏنجهو ڪوهيارل ڪبير شاهه چئي. ڳولي ناءِ ڳجهو (2) ٻڌو هوت اُجهو سو ويندي گڏبوات تي

---

1 ڏ آهيو سپ ساجن جون سالين

2 ڳولي ٿش نه ڳجهو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

4۔ تاڪي تڪر مڃڻ ڪنديس ماڳ مڪان ڪو
آئيندين اتان وڃي ساجن ڪنهين سڃڻ
ڪين ڇڏيندين ڪانڌ ڪي، ويل نه ڪنهين وڃڻ
مان مان وفا ڪانه ڪي جن هيس ڳوڙن ڳجهڻ
هڪ سڪ نه سارين سرتيون ٻيو ڏکيس ڏيرن ڏجهڻ
هوت وڃي هنج ڪري آهه وهنديس جبلن جهجهڻ
ڪوجهه ڪرت ڪبير جا تنهن سان مهر ميان تو ڪجهڻ
آهه ڪوڙي ٻانهي ڪج، تون منهنجو سوڙ ويار سيڊ چئي۔

5۔ ڪاڪيون ڏي ڪهڪا، آيو هوت پنهون ۽ جا
وٽي ور رات ٽيا، چڏي ٻر بانڪا
سمجهي ڪين سيڊ چئي، عام سندين مان ڪا
مُين جي ۽ اندر جاڪا، ساويا پچائي پانهنجي۔

6۔ ڪاڪيون ڪيچين ڪاڻ، آهه ڪرينديس پرزا
حيف حياتي جنڊو، هوت بناهت هاڻ
ڪا ساعت اوهان وٽ سرتيون، مادر آهيان مهماڻ
ڏُرنديس ٽوڙ ٽڪر ۾، ٻڌيس ٻول بنڌاڻ
ڪاڪيون ڪبير شاهه چئي، منهنجو ساهه وٽي ويا ساڻ
رونديس چونديس پاڻ هي سڀ حال حبيب ڪي۔

7۔ ڪيچ منجهئون ڪل ڪونه آڻي پينرا ڏئير بلوچ جي
تہ ڪهڙي وڏي ويا، هي پرت پچائون پونه
هوءِ جي ڏمر جي ڏير ويا، مون ڪي سبب سلتائون سونه
ڪاڪيون ڪبير شاهه چئي منهنجي هوت وڃڻ جو هونه
ويرين ڪن ونگي نيڻ اي پير تان پرونه
ايندم شال عجيب پرين اوهين دل مان دعا ڪريونه
مرتيون الله پرتيون، اوهين هتان هاڻ ورونه

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مان مڏ ميائي گهوڙي منهنجي جانب تڻي جرونه
آڏا ٽڪر ٽرونر ته پاڻ ڪرينديس پرزا.

8۔ نانين سوت مرمار جانين پان پنهنجي پرين؛ کي
عزرائيل اجل جو تون وڃي وهيلو وار
نه ته ڪنديس ڪيه ڪبير شاد ڇڻي، ڏانهن مٽي درٻار
ڏاتر لڳ ڏيکار مون کي هيڪر هوت اکين مان
پٽيون پٽ پٽيون، ٽي پٽيون پٽن کي پٽ ڪري
سٽيون سٽڪي سٽ ٻر ڪٽي سور ڪٽيون
هٽيون هٽڪي ڪينڪي وٽي ورهه وٽيون
سامٽيون چٽيون مرن کي وڃي ڳل ڳٽيون
تنهن تان ڪڙ چانڻ ڪبير شاد ڇڻي، اچي ٻڌيون چٽ چٽيون
اها جهٽ برهوت جهٽيون، اچي ڪٽيون ڪلندي ڪٽ ڏي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باب تيرهون

سيد احمد شاهہ ۽ سنڌس شاعري

ڪبير شاهہ کان پوءِ سنڌس پاڻ محمد شاهہ جي اولاد مان احمد شاهہ پٽ علي بخش شاهہ نالياواري شاعر ٿيو. احمد شاهہ ڪبير شاهہ جي باقي خاندان جو اڪيلو شاعر ۽ لس بيلي جي وڏن شاعرن مان ڇهين آخري ڏيئو هو.

احمد شاهہ کي جن ڏٺو هو تن چيو ته: احمد شاهہ سپني وصفين سڀڻو سدا ملوڪ هو. سنڌس رنگ ڪڪ رنگو. قد پورو ۽ پنو ۽ ناڙهي چاپڙين هئي. گهڻو ڪري سفيد خاندائي ويس ڪندو هو ۽ خاڪي ڪوٽ پائيندو هو. سنڌس در فاقيرو هو ۽ چون ٿا ته جڏهين مارئي جي سر جا بيت ڪنيائين. تڏهن سنڌس بر پٽ ۽ هڪ نيائي ٽيئي گذاري ويا ۽ ڪبير شاهہ جي پيڙهي ختم ٿي وئي.

شاعريءَ ۾ احمد شاهہ ڇهين ڪبير شاهہ جو شاگرد آهي. سنڌس زبان ۾ ڪبير شاهہ واري صفائي ۽ سلاست آهي ۽ ته لس جي محاوري جي ڀرائي ۽ ڳوڙهائي. چون ٿا ته سنڌس ڪلام جهجهو هو مگر ڪنهن وٽ قلمبند ڪو نہ ٿيو. بيلي جي سگهڙن وٽ شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهہ جي شعر جو وڏو درجو آهي ۽ ان سان زياده دلچسپي ڪري احمد شاهہ توڙي ٻين شاعرن جي ڪلام تي سگهڙن جو گهٽ توجهہ رهيو. امان ڪي احمد شاهہ جيو جيڪو ڪلام سردست حاصل ٿي سگهيو اهو هيٺ ڏنو ويجي ٿو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سرسسئي

ڪبير شاھ جي بيت ("پٽ ڪونايو پانھنجا تو آڻائي آري") جي پر
ان احمد شاھ ڪڙو ڪڙي پر ملائي بيت ٻڌا ٿا:

فصل-1

1- پٽ گھرائي پانھنجا تنھن کي آري؛ چيوائين: -
تہ پتھون منھنجو پاڻ کان اوھان قابل ڇڏيو ڪيئن؟
ھاڻي سگھو وڃي سيڻھن. اوھين ڪامل آڻيو ڪيچ ۾.

2- سي پرس صلاح سين پي؛ جي ھليا جلد جوان
ٻڌي بخمل بافتا ڪيئن ساج ڇڳا سامان
ڏالون جنبيا. تفنگ، تپاچا ھٿ سرواھيون ساڻان
چؤرن[1] اُن جو خوب ڇگو ھو. پوشاڪون ۽ پلاڻ
اُشتر اُن جا عبر تي ڇلڻ ۾ ڇالان
سي راتو ڏينھن روڊ ۾ ڪٿ ڪبھي ڪن ڪان
ڪيڇئن ھليا منزل سيگھئن آيا سرت سجان
اُن اڇي شھر پيشور ۾ ڏاڪھين وڏا ڏاڻ
اوڳارڻ سين اُٺن جي تيو شھر سجو سرھاڻ
ٻہ ٻہ[2] ٿي پيشور ۾ ٿڪي آيا جنگ جوان
ساڻي حقيقت حال جي اڻي ڪامڻ ڪيچين ڪاڻ
ڏکي ڏيرن کي ملي سڪ مجھان ساڻان
وڻي اُن وھاريا ڇڳي؛ پٽ ڇالان
ڪريون[3] ڪرشون ڪيترين ٿي سور ۾ گري ساڻان
پاڇائي پاڻ کي ٿي پرنيو پرني پاڻ:
'ھي پيئي پناري آنجي ساھوتا ڇڏيو مرھاڻ'.

---

[1] چؤرنگ - ايک ويڪر نقارو ڇھرو
[2] ٻہ ٻہ - ڀڪڙ خوشي
[3] ڪريون - ڪريو گري - گرمي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

پر ٿيا بلوچ بي وڙا ٽن ڪهل ڪڏهن ڪي ڪان
سي آڏي ڪان پوءِ آئيا. ڪري ويچاريءِ ويران
ذات برائي. نه ٽئي لائي جي ڪجن سوين ڳڻ ساٽان
هوءِ ويساه تي وسيي ته آهن منهنجا مون هي ساڻ
ساستي سواري نند پياري ڪلي خوش ٿي سين خان
سج اپريون. پوءِ سار ٽيس. تان سيج سجي ويران
ساڻي روپ پٽيورين ڪري اٽيلس جگر منجهان جولان
ٽي پٽ نهاري گهٽيون گهوري بازر سپ بيبان
بانهيون نورا. پچيو چوڙا. ٽي ڪجي پکي لئي خان
ويچاري ساور لئي. ٽي هئيو پچاڙي پاڻ
احمد شاهه چئي "اڳ سنياليئي ته هوند نه ٽئين حيران"
پر لوح قلم برائين لکيو هو صاحب رب سبحان
سو قلم قضا جو کين ٿري جو لکيو دفتر ديوان
ڪاتي شهر پنيور ٽيو. ڪٽ ڪيچ. ڪٽ مڪران
سڪ جنين کي ساڻ. تن کي هوت ملندو هتهين.

3۔ هوت ملي جي هتهين. ته به پنهوءِ ڪان پريج
بانهي! هاروڄل جو ورڙهيو رند ڪريج
سرير هلي سئي متان که مرڪائيج
ڪچي ٽڪيج ڪيڪي نينهن جو ننگ ڪٽيج
ان جو احمد شاهه چئي پچي پاند جهليج
رات ڏيهاڙي رئيج. من ڪوهيارل کي ڪهل پئي.

فصل۔2

جان مان جاڳي جيڏيون ته هوءِ وڃا لڪ لاڏي ڏي!
پهس پٽهون وڃا پلنگن تان اهي سر تيون ساڏي ڏي!
ويا اديون. احمد شاهه چوي منهنجا ڪر هل ڪاڏي ڏي!
ڪاڏس ڏيرن جو منجي هاڻ مان ڏي ڏي!

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

آن پي ويندي ڏينهه وٽڪار ڏي آهي هوجت جا ڏي ڙي
هيءَ تڙڦ تاڏي ڙي تو تنهن رند راهه رڙهي هنيون

ڪجهه وڌ ڪرهن تي ڪري آيا ڪيچ منجهان ڪيچي
مان پي سيج ستي هئي گهر سرتيون پنهون سين پيچي
تان هوءَ ريچ ڪري ريچي وڃئين رات وئي ويا.

تان چئي ڙي هوءَ جي لائن پيچ پريت جوان ڪي ڪيئن آرام
چا ڪون چوري چوڻئين جاڻي ڏاران جام
هاڻي ڪيئن نه موڳي ڪاءَ تون هتي تن توڙن ڏاران طعام
جڙي جنبي وچ جام راهه رمي رند روهه ڏي

هوءَ جي لائن پيچ پريت جو سي تان هير نه نيڻ ننڊرين
تون ستين هو ساجهر وٽا. پڳ ڪٽي پاڻ پچين
هوءَ رهه راهي تيا روهه ڏي تون پي رهه م راهه وڃين
اهڙي پنهه پچين راهه رمي رند روهه ڀر

ڏور ڏڪي جت ڏونگرين. اتي تاڻ منجهان تڪڙي
پانيهه پاروجل جو ٿوتي حرف تيو حق ڙي
پر منجهه اردي احمد شاهه چوي مت تين ڪاندڙ بنا ڪ ڙي
جهل تون پارس پاند پنهونءَ جو پهٽن برپ ڙي
تو پاڻ لنگهائي پاڻ جي توکي لال وئي لڪ ڙي
رمي جهوڪون جهڪ جهڪڙي توتان منزل معافي ميرڪندو

ساڪڙهي ڳوڪي ڪهه برڙي رڻ روڻن
ڪيڏي پار پنهون لئي تنوار ٿو توڻن
پچي پير پرت جا ٽڪايا توڻن
ڏنيس سختيون سيڏ چوي چپر جي چوڻن
گهڙي گس گوڻن ڪري سڏ ڪيون سڏڙا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڪري سڏڪيون سڏ. ڪارڻ ڪانڌ ڪهن ۾
هوءِ تو ڏا وڻا تڪڙا. تن ڀلڪ نه لاهي لڏ
هن پاڻ پڻونکيو پر لکي. هٿيوهاڙهي هڏ
چڪي مرڻ پر ٽکر تي ٽکرين گوڏا گوڏن گڏ
تنهن نه پانيو برهه کان تڪواڇيان کاڏو ڪڏ
ڪيئن جيئن اصل عشق وندين جي آهي اي اڏ
تڏهن قرب ڪيچي ڪي پيو سواچي ملين آڏو آڏ
هئي هڏ ڏني ته واقف ڏڏ. پر ڪو ٽيڙو فضل فقير سين.

فصل-3

1- ياروچا ٻيا گهڻا. پر منهنجو آجهو آرائي
شال قبولي ڪرم سان. هن پورهيت جو پائي
ڏوڪ ڏڪڏي ڪپڙا. پنهنون پرليائي
ساڻ وڏي نيو سيد چئي. هي ناقص نمائي
جو منهنجي روح جورهائي. سو وڃي ڪامل ڪيج قراريو.

2- ڪامل ڪيج قراريو. منهنجو آرائي افضل
سونهي ٿو سرادرجي مٿي ڏڪڏي ڏل
سوالڪ پرسرس سوايو طور نه تنهنجو تل
سختي مهل سيد چوي. سون تي ڪرم ڪندو ڪامل
جنهن جوهر جاءِ هوڪي هل. سو سؤلي محب ملائيو.

3- سؤ محب ملائيو. جنهن جو شرف شاهي شان
الهي آيو عرش مان ڪامل تي قرآن
ملڪ سڀ مشتاق ٿيا حورون ٿيون حيران
آءٌ تون چڙهي اوپر چا ڇلا جتي ساڻ جوان
اهي اونهيون ڳالهيون ڳجهه جون جنهن جو ڏڻ ڪونهي ڏيان
از ڪي احمد شاهه چيو سڀ ذاتر ڏنو ڏان
جي ٽئين تون مومن مسلمان ته وسه پنهنجي وجود ۾.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سحشي

ڪاري رات ڪچو گهڙو موج ڪري مهرياڻ
ويندي محب مهار ڏانهن پيڙس اڃ پرياڻ
جڏهن ڪن نيڪون ٿي تڏ پرين ۽ پرنيائين پاڻ
من جو ساهه ساهڙ ساڻ. هوان ڏينهان احمد شاهه چئي.

مارئي

مارئيءَ جي سر مان احمد شاهه جا ڪي بيت اڳيئي قلمبند ٿي چڪا آهن. هتي باقي بيت ترتيب ڏيئي فصل موجب وراهي قلمبند ڪيا وڃن ٿا.

فصل.1 [1]

1- سهڻو لڏم سومرا! سڃ ٿون خواب خوشيءَ مان ڪينئن:
جان ڪر ويس ويڙهر اٿر عارن مينهن
اهي ماڳ ملير جا. اهي ڏوٽيين ساڳيا ڏينهن
تان ايهين احمد شاهه چئي. تنهن دم جاڳيس تينئن
(تي هئي هئي آءٌ هيڪلي. هت قيد بندن ۾ هيئن!)
ڪينئن ستي ٿئي سومرا! هئن نند نير ۾ نينهن!
"ڪل من عليها فان" ٿون پليين پورا ڪينئن
سرتين سون ڪي سينهن! موڪل ڏي ته متين مڙان.

2- سهڻو لڏم سومرا! لوئيءَ ۾ لينئي:
ته منڊيا پايومت ۾ (ولوڙيان ويلي) [2]
پڪن آءٌ پينئي. ٿيون ڪيرون ڏيئر جيڏيون.

---

[1] هن فصل جا هي ٽيئي بيت ڪتاب "عمر مارئي" جو فصو بنا واتين "تان ورتا ويا آهن هن ست جي آخر ۾ اصل "ٿيون ڪيرون ڏيئر جيڏيون" لکيل هو جنهنجي مناسب اصلاح ڪئي وئي آهي. ڪتاب "عمر مارئي جو فصو بنا واتين" ۾ صفحي ۱۰، ۱۱ ۽ ۱۲ تي ڇپيا بيت احمد جي ساڻ ڪٽل آهن. بيت نمبر ۱ ۾ سيڊ جو نالو آهي. ممڪن آهي ته انهن بيتن مان ڪي احمد شاهه جا هجن. والله اعلم.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

3_ سيڻولستم سومرا! ڪٽي ۽ برخاصو:
جان ڪر ويس ويڙهه تيو تڙ تماشو
واريان جان پاسو تان جو جنجيرن ۾

فصل-2

1_ رات ستي هت سومرا خاصا ڏنر خيال
جان وٺان ميتهن ملڪ تي اڏيا پنهوارن پال
مٿي لويون. پيرين اويون. ڪلن تلن خوشحال
گيمڪ ميوا ماروئين. ڪن جشن ات جال
پين سوارو سيڙهيون ماروڏهيو مال
هيس ان وٽ احمد شاهه چئي. هتي قضا آندين ڪال
تي سجاڳي ڪيار سنيال. ڏکڻ مائٽ ڪٽ ماروئي!

2_ اڄ ابائي پار ڏي وڃون ونڻ ونڻ ور
هٽ ڪڙولا. پيرين ڪڙيون. جهوريا شاهه جنجير
هٽ سانگياڻي سومرا ٻيوس تياس بندگير
ساڃڏ اماڻي اوڏهين خوش ٿي پئي ڪير
ابائڻ جي احمد شاهه چئي. اهر اندر مجهه اکير
سندا پانڌر پير. منهنجو ساڻ مارن ميلائو ڪرئين.

فصل-3

ابائڻ جي آهيان هٽ ڪوٽڻ آيس ڪال ميان
بنگلا ماڙيون سنجهي ساڙيون. واه پنهوارن پال ميان
هٽ جا جائي. هتي آئي. ڪٽ ماڙيون ڪٽ مال ميان
اسين مارو. ڏکڻ چارو. ڀجهون ڇا ٻڪرال ميان
صبوح ساريو. چپر چاريو. وچينءِ واريو. جهنگن ڦرون جال ميان
احمد شاهه اميد آه. سان ملان جشن هٽ جنجال ميان
هوءَ جي پڪي راهو[1] پتوال ميان. اُن ابائڻ جي آهيان

---

[1] راهو- رهاڪي رهندڙ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڪافي

سونڪي ملير هر دم ياد. دل هٺ غم پٽي گهاري
دل هٺ غم پٽي گهاري. ساهه سانگين کي ساري

1- پاڪ پاڪ ڪُٺ ٻيرون نِٺ نِٺ نيون ٽيون ٿيرن
هنڌڑي جون ڪُني سان هيرون. قلم قضا جو پٽي پاري

2- ڏڻ واريين ڪڻن دم دور سڪ پانيان مان پٽي هٺ سور
محبت آهيم منظور. واڳ وطن تي رب واري

3- سڪ سرتين جا ساريين سور مٽي ٻيو آهي سور
پرت سندو پلپل پون هنڌڑو تو جر هاري

4- ماروڙا منهنجا ملير. دلڙي آهي هٿي دلگير
احمد شاهه چٽي چڏ امير. ويچاري ڪي واري

موهل راڳو

1- رس مرڪ گهوريون چڏ ڏمر ڏاڍائي
منهنجي توسان ميندرا لڏ لڪڻي لاڄي
پاڻ سڃاڻي سوڙا منهنجي ميڙ مڃائي
اڪير احمد شاهه چٽي. مون ڪي جي منجهه جهجهائي
ڏاڍا ڏنگائي. مون مان ڪر مر ميندرا.

2- رس مرڪ گهوريون پرچ پيادل يار
موت مران ٿي ميندرا. واڳ وطن تي وار
ڪر هو آئي ڪاڪ پرتون ڪامل چانگو چار
ڏاتر لڳ ڏيکار مون ڪي اڪيون احمد شاهه چٽي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

قدر وارا کم ٿيا

1۔ قدر وارا کم ٿيا ڪٿا خريدار
هيرو لعل جڙين جي وڻڙا سي وينجهار
سمجهن ڪا نه سيد چئي. ڪڏين مانڪ مان ميار
جي لوڌ ڪٽين لوهار تن کي ڪهڙي سمجهه سون جي.

2۔ سازيس صرافن. جي سچ سڃاڻن ڪينکي
ڪر ڪوڏائي ڪوڙيون. چون اي ڀلها مانڪن [1]
سڃاڻيو وڃ سرڪن جو هوبيڊ برابر ڪن [2]
منهنجو مهندان تن. ڪچ آهي ڪونکو.

3۔ سازيس صرافن. سچ سڃاڻڻ ڪينکي
سرهي وڃ سرڪن کي ڪر زبرابر ڪن
آمون اڪثر پاڻ پروڃيو جاهل جوڙوڪن
مانڪ موتي مرجان جو ناهي چاڻ جتن
ون ۽ وٽ وينجهارن. تون اٿي احمد شاهه چئي.

ڪٽيس ڪويجن

1۔ ڪٽيس ڪويجن. ٽاڄت جاڻن ڪينکي
ناريو نار يو نبض کي سور نٿا سمجهن [3]
بي ترس باڻن مان ٽار ڳارت ڪين
محبت سندي مرض کي پيون ٽڪيون ٽرق نه ڪن
آهي احمد شاهه چئي. منهنجو دارون وٽ دوسن
پياريو پاڻ پرين. آڻي شيشو شوق شراب جو.

---

[1] ڪوڏائي - ڏيکاري
[2] سرڪن - سر ڪنڊ
[3] يعني تهاريو تهاريو (پيلي جو محاورو)

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

2۔ هتان شيشو هوت جي، پي جان پر ٽياس
ويا سور وجود مان چڱي چاق ٽياس
حڪم مان حڪير جي گونڊر گم گياس
ان دم عيد ٽياس، ڪي صاحب سنري سيد چوي

3۔ ويچن وس ڪياس، سڏ نه لڏائون سور جي
ناحق هڻ ينسترين تن ڏڏن ڏکوياس
ڏيشي ڪڙا ڪوئن قلب کي مٿن ماريياس
رمل ڏارا، پوٽيون پر منجهه پچايياس
دعائون ڏاڍا دل تي ٻڌون ٽي ٻڌياس
تان پي تل تفاقين نه ٽٽي اچان سرسين سور سنڌياس
جڏهن محب مليا س، تڏهن ڪ آجي احمد شاهه چوي

عشق

عشق سچو سچ آه، پر خلق ناحق بدنام ڪيو
عشق نه ٻيلي حرام جو، آهي صحيح صفاءَ
جن رکي محبت من ۾، تيو ڪيو تنهن کا
فنا في الوجود کي رمي سي رسيا
چڙهيا جي چڙهڻي، تان سي وڃي رمز رتا
ترڪيا جي تنهن مڃان سي وڃي ڪُن ڪريا
زنا شوق شهوتي اها طلب نفسي آه
ڪر تويهه تهدل تنهن کا، چڏي حرص هوا
پوندءِ پوءِ پرت جو مالڪ سڏ سماءَ
اندر احمد شاهه چئي، وڃي جسمي جوت جڳاءَ
لنؤ لائق سين لاءِ، ته ڏسن مشاهدو محبوب جو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مڪو مارن مهرمان

مڪو مارن مهرمان ڪاغذ لکي ڪال
پڙهيم خط خوش ءمان هيئن لکيائون حال
پرت ڏيئي پاڻ پري وڃين. ساعت پانيان سال
گهوريان تو گهوت تان مايا. ملڪيت مال
اڄ تون احمد شاهه چئي ڪر سائين لڳ سنڀال
ايءَ پسي احوال. تنهن محبت من مستان ڪيو.

دوست

اٿي ويهوم ارواح. پهرين ءِ رات پر لاءِ
اٿي احمد شاهه چئي. تي روز نهاريان راه
آئندا پرين الله. ڏڪئي ءِ جا صاب پيا.

يار منهنجي يار کي ڏج سوين لک سلام
ساعت نه صبر ساه کي. ڏي دوست اچي آرام
ستي. ويني. هلڻ هنئين سان. نت تنهنجو نام
گهمي ڏئم گام. تڏ ڪومٽ سهڻي جو سيد چئي.

جانب منهنجي جيءَ برجي تو کي طمع آءِ
ڪڻ چاڪو. وڃ چرکي. معافي تو عباح
سؤ وارين سر صدقي ڏيان ساجن تو تان ساه
عجيب احمد شاهه چئي ڪو نينهن جو تنگ نباهه!
اي ءِ سهڻا سڪ سندياءِ مون کي ڪنهن پر وسري ڪينکي.

جانب منهنجي جيءَ برجي قريب هيو ڪر:
ساه سي صدقي ڏيان هيڻي ءِ جو هڏ چر
سري ڪين. سيد چئي. دوست ري ءِ هڪ دم
عقل مٽ. شرم ٽيئي نينهن نهوڙيا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مشاهيدو محبوب جو پارس سي پسن
پنجئي روزا پريت سين تا راتو ڏينهن رکن
ڏيو طلاق جوءِ کي ماءُ جي پاس موڪهن
جي کيو ليين پر کنبن نانگ نمن پيا ان کي

حڪمت

پٽ وجهين جي چاڻي ٻه سؤ ورهين سؤ سال
تنهن جو هڏ هر شو نه ٽٽي توڙي جر پئي سو سال
اڄ وقوف آدمي آهي ماڻهو ان مثال
سنئين سوڏي ڀگالهه کي پيرو ڪندو بتال
دزمين دانهن دل جو هڏ مرکز حال
ونءِ تون محل ملوکن جي جي لائق سمجهو لال
جي ڪن نانانن نهال ونءِ ان وٽ احمد شام چئي

صاحب خان "سورهه" ميراڻي - نئون ديرو
Cell No : 0344 - 3919786

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باب چوڏهون

شاعر نم ۽ سندس قبيلي جا پيا شاعر

نم فقير مگٽهار شهر اُٽل جي پُرن وڏيرن جي پڙهائتن مگٽهارن جي قبيلي مان هو. سندس وڏو سرِماڻ هو. جو سنڌ مان آيو ۽ وڏيري ڏهورئي پُري وٽ اچي رهيو. سرماڻ شاعر ہر سگهڙ هو. وڏو نالو ڪڍيائين ۽ اُٽل ہر شادي ڪري هميشه لاءِ اتي رهي پيو. ڪيس 'نوڪار' نالي پٽ ٿيو. جنهن جو پٽ ٿيو جنهن جو پٽ صفدر مشهور شاعر ٿيو ۽ سندس اولاد "صفرائي لنگها" سڏجڻ لڳا. متي 'باب چوڏهين' هيٺ سخي سپڙ چام جي تعريف ہر چيل بيت هن وڏي صفر شاعر جا چيل آهن.

شاعر صفر جي اولاد جي شجري موجب، جو اسان کي آڳاتين يادداشتن مان مليو. شاعر نم جو هن ريت بيهي تو: "شاعر نم پٽ ڪنڊو پٽ جيو پٽ صفر (ثاني) پٽ سواريو پٽ صفر شاعر پٽ ..... پٽ نوڪار پٽ سرماڻ [1]." شاعر نم جي قبيلي جو هيٺيون شجرو علي محمد فقير مگٽهار لکايو:

---

[1] مرحوم صالح محمد اسان کي شاعر نم جي پيڙهي هن طرح بيان ڪئي هئي تہ "شاعر نم پٽ ڪنڊو پٽ مصري پٽ راوڻ پٽ صفر پٽ سواريو پٽ صفر وڏو شاعر هو "صفرائي فقيرن مان ٿي علي محمد پٽ وريندجي اسان کي بڌايو تہ: ڪنڊو مصري ۽ صفر ٽيئي پائر هئا

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner



ميان ڪريمداد چيو ته: نهر جو پيءُ ڪنڊو مري ويو ۽ پوءِ نهر کي سنڌس ماءُ پٺڀرائين. سيتهن فقير ٻڌي نومڙئي وٽ دعا لاءِ وئي ويئي ۽ تنهان پوءِ ابراهيم گهنڊاري وٽ نيائينس. تنهان پوءِ وري شيخ ابراهيم شاعر وٽ وئي ويس. تنهن لب وات ٻروجهي چيس ته:

"نهرو نهر چون ڳهيڙو گهنڊارو ٿيو."

انهن درويش ۽ شاعرن جون دعائون لڳيون جو نهر کي ڏڻي وڏي حياتي بخشي ۽ شاعريءَ جي ڳالهه به ڏني. ا. هـ

صالح محمد چيو ته: شاعر نهر تمام وڏي عمر ماڻي. عام خيال موجب سنڌس عمر هڪ سؤ نوي ورهيه هئي ۽ لس جي جامن جي ابتدا توڙي عروج کي ڏٺائين. ا. هـ ٽي سکهي ٿو ته شاعر نهر جي ايڏي وڏي عمر ٿي هجي. مگر جيئن ته شيخ ابراهيم جي درويشيءَ وقت نه اڃا بارڙو هوانهيءَ صورت ۾ سنڌس ولادت 18- صدي جي پوئين نصف ۾ ٿي ٿي هوندي. شاعر نهر، جام ميرخان ثاني ۽ جام عالي خان ثالث جو درباري شاعر هو. انهن ٻنهي جامن جي حڪمراني جو عرصو 1830 کان 1896 تائين آهي. 1839 ۾ سردار ولي محمد مڪنگل انگريزن هٿان شهيد ٿيو. جنهن کي شاعر شيخ بکر ڳايو. جام ميرخان ثاني جي دور (830 ـ 1888ع) جي شروعات کان وٺي شاعر نهر جي شاعري جو سلسلو ملي ٿو. جاکاڻ ته هن جام ميرخان ۽ خان خداداد خان جي هڪ مقابلي کي ڳايو آهي جنهن ۾

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

چامر ميرخان کي "خورده سال و بخت زاده نيک نيت نامدار" جي القاظ سان ياد ڪيو ائس. "خورده سال" جي لفظن مان چامر ميرخان جي "ننڍي عمر وارو" هئڻ جو ثبوت ملي ٿو. چامر ميرخان جا خان خداداد خان سان تي مقابلا ٿيا. جن مان پهريون سردار نورالدين ميڱنگل جي رفاقت سان جولاءِ 1865ع ۾ ٿيو. ٻيو 1868ع جي آخر ۾ ۽ ٽيون مئي 1869ع ۾ (1).

هي هڪ مدح ۾ شاعر نمر چامر ميرخان ۽ سندس فرزند ولي عهد چامرعلي خان کي گڏي ڳايو آهي تہ:

الله عاليائي ڪيا مست پيڙهيا سردار
سي طالعوند تخت تي آهن گادي تي گرنار
ميرخان ملوڪ. آڙينگ عالي. پوشيدا پتوار
دانهن در درياهه سي ويرعقل وينجهار
کا گهٽ ڪنهن ۾ ڪان کا ٻيئي ٻجهڻهار. الخ.

چامر ميرخان ۽ چامر علي خان تقريباً 1870ع کان وٺي پنهنجي رسوخ ۽ اقتدار رکڻ لاءِ گڏجي جدوجهد شروع ڪئي. انهيءَ وقت ڏاري چامر عالي خان حيدرآباد سنڌ ۾ انگريزن وٽ نظر بند هو. چامر ميرخان 1819ع ۾ قلات جي خان خداداد خان جو ٽيون مقابلو ڪيو مگر شڪست ملڻ بعد انگريزن نظربند ڪيس ۽ 1871ع ۾ پوني روانو ڪياٿونس. ان وقت سنڌس پٽ چامر عالي خان حيدرآباد سنڌ مان هوشياري سان پڄي اچي ٻيلي جي حڪومت سنڀالي. متين مدح ۽ شاعر نمر چامر عالي خان کي "آڙينگ عالي" جي نالي سان ڳايو آهي.

سردار نورالدين جي شهادت کي شاعر نمر ٻيتن ۾ ڳايو جنهن تي چامر عالي خان خوش ٿي ڏانهس خط لکيو جو اسان مٿي نقل ڪري آيا آهيون (1). هي خط نومبر 1893ع جو آهي جنهن وقت سمجهجي ٿو تہ

---

[1] Baluchistan District Gazetteer series, Vol. III, Las Bela_ Allahabad 1907, vide PP. 25_33.

[1] لسوڻي ص 97

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

شاعر نہ نهايت پيرسن هو جو اُتل مان هلي هيلي ہر وڃي روبرو پنهنجا بيت چام صاحب جي اڳيان پيش ٿئي ڪري سگهيو. صالح محمد چيو ٿ: شاعر نہ چام عالي خان جي وقت ہر گذاري ويو. چام عالي خان 14- جنوري 1896ع ہر وفات ڪئي جنهن مان سمجهجي ٿو ٿ شاعر نہ نومبر 1893ع کان جنوري 1896ع واري عرصي اندر وفات ڪئي. اسان صالح محمد وٽ شاعر نہ جو هڪ دستاويز ڏٺو جنهن تي سنہ 1283هـ لکيل هو. ٻيو هڪ دستاويز مؤرخ "13- شهر ربيع الاول 1298 هـ" (فبروري 1881ع) نظر مان گذريو جنهن ہر شاعر نہ پنهنجي ملڪيت ڪنهن مائي کي ڏيرائي ڏني هئي.

صالح محمد چيو ٿ: "شاعر نہ ڪي مون ڏٺو هوءِ ڪانئس ڪي بيت ٻڌي سڪيا هئا. منهنجو پيءُ (راول) توڙي ماءُ پڻ سندس خدمت ہر هوندا هئا. شاعر نہ رنگ جو سانورو هوءِ منهن تي ساوا ساوا سهٽا تر هئس. سندس قد پورو پنو ءِ سونهاري پريل ءِ سڻي هئي. رهڻي ڪهڻي ءِ دنيا جي اوسيڙي ڪان آجوءِ درويش."

"چام عالي خان ڪچهريءَ لاءِ شاعر نہ ڏانهن ماڻهو موڪليو هو مگر هو بيمار هوءِ چام صاحب ڏانهن هي بيت چوائي موڪليائين ٿ:

1- پانڊي ڏيج پريءَ ڪي منهنجي سلامن ستر
محب تنهنجي مجلس جي مون ڪي اکندڙ آهه اپر
اچان هوندا ڪين سين. دوست تمهاري در
پر هڪ چاوت چغلي چور جي آهي ثابت مون سگهر
هيڪر جي هلي اچين تون محب ميان مون گهر
تہ اي ءَ سڀ ڪالهه آسان ٿئي تنهنجي نيڪ نظر
هي ءَ مرهيٽي ڪر. نيڪ نمائي نہ چئي.

2- پانڊي ڏيج پريءَ ڪي منهنجي سلام سهس
تنهنجا وٽيا تن کي ريجهه رهائيون رس
آءٌ اوهان جي آهيان گولي متي گس
وٺي ڪريان وس. اوهان ڏانهن اچڻ جا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

اهي بيت جڏهن چانڊيو صاحب کي پڙهي ٻڌايا تڏهن چيائين تہ:
نہ گهاري ويو شاعر نہ جي ڪانڌ تي هاڻ صاحب هڪ سؤ ربيہ دفن ڪفن واسطي ۽ ويہ پات کجورن جا وراهڻ لاءِ موڪليا هئا. ا. ه"

نہ جي لياقت ۽ شاعري

نہ بنيادي مگٽهارن جي قبيلي مان هوءِ ڪيس منگتن مگٽهارن وارو سڄو گڻ ياد هو. نسب نامو، جنگيون، سگهڙپائي جا ٽڪتا، لطائف ۽ ظرائف، قصا ڪهاڻيون، پرولين، هنر، ڏهس نامو، گفتي جي ڳڻپ، معنيٰ جي ملوڪت ۽ پڇڻي جو جواب وغيره. مطلب تہ هر فن مولیٰ هو. انهيءَ صدري خزاني ۽ سيائپ کان سواءِ تواضع، نيهائي، نماڻائي، حسن اخلاق ۽ خوش مزاجي جي ڳڻن سبب هر جاءِ نهايت مقبول ۽ منظور هو.

عوام ۾ نہ جي عزت هئي تہ حاڪمن وٽ بہ سندس قدر هو. جام ميرخان ثاني ۽ جام عالي خان جو درباري شاعر ۽ هڪ صحبت هو. بلڪ سندن حڪمراني جو مؤرخ هو. جنهن اهم واقعات پنهنجي ٻي ٻين بيتن ۾ پڻي بيان ڪيا. جام ميرخان ۽ جام عالي خان پنهنجي هن درباري شاعر جي وڏي قدر داني ڪئي. هڪ خط ۾ جام عالي خان ڪيس "عزت آثار نہ شاعر حفظہ" سان خطاب ڪيو آهي ۽ ڪيس پنهنجي انعام ۽ بخشش سان نوازڻ جو بار بار ذڪر ڪيو آهي. هن خط مان شاعر جو مؤرخانہ ڪارنامو، جام جي قدر داني ۽ سندس شعر سان دلچسپي خواه تنقيدي لياقت جو ثبوت ملي ٿو. درباري شاعر هئڻ سبب نہ تي نالو ئي "شاعر" پڄي ويو. ٻيلي جي سگهڙن مون سان بيان ڪندي ڪيس صرف "شاعر" پڻي سڏيو.

ميان ڪريمداد چيو تہ: نہ رڳو هڪڙي عمي پڙهيل هو پر ڪشف ڪليل هئي. غلام الله جاماڻي ملير واري توڙي شيخن سگهڙن سائس مقابلا ڪيا پر هن بحر کي جهاڪي نہ سگهيا. ا. ه

ميان ڪريمداد ۽ شيخ گنج بخش خبر ڪئي تہ: ملير وارن جو ڪين جامن وٽ عاقيل نالي ڪو سگهڙ هو. وڏي عمر جو هوءِ سندس هڪ اچي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مڃ وري ڪاري ٿي. جنهن تي چيائين تہ: "اڇي مڃ عاقيل جي. قادري ڪئي ڪاري" جامن عاقيل کي چاڙ مير خان جي ڪچهري لاءِ موڪليو. پوءِ عاقيل معما جو هيٺيون بيت شاعر نمر کي ڏنو تہ:

ناري نرت نگه ڪري جان ديکهي ڪير ديدار[1]
تان سونگو سنگين سڻو جوڙيو ياڻ جبار
سوبنائي بر حال ڪيو قدرت سان ڪلتار
ارڙ بلبل ان بر گويا ڪن گفتار
گرگ. ٻڪرو گڏاتي دوئي سان ڏئوار
سي پنجئي آهن پاڻ ۾ هڪ جگهه هيڪار
پر مصلحت ان جي من اجي آهي ڏرئون ڏارو ڏار
اي سالڪ سمجهندار. ڏي مائيت ان مذڪور جي[2].

يعني تہ پنج متضاد شيون: ارڙ بلا. بلبل. گرگ. ٻڪري ۽ ڏر هڪ سونگي (ننڍو ڪاڪ جو ڏيلو) بر هڪ جاءِ تي جمع آهن حالانڪ هر هڪ جي مصلحت جدا جدا آهي.

بيت پڌڻ بعد شاعر نمر ان جو هيٺين طور في البديهه جواب ڏنو ۽ پڇ ين وڌيڪ شين (عشق ۽ سپاهر) جا اهجاڻ ڏنائين. جي ان سونگي (انسان جي جسم) بر آهن. هن سلسلي جو پهريون بيت جو شاعر نمر چيو سو هي؛ هو تہ:

"نمر چئي نروار ڪريان. تون عاقيل اوري اڇ"

پوءِ پيو هيليون بيت تفصيل سان چيائين تہ:

اهو بت بندي جو بنيو سونگي جي صفتا
ارڙ نفس ان بر بلبل زبانا

---

[1] ناري نهاري

[2] هن بيت جي روايت پهريائين اسان کي ساڪري جي سڳهڙ حامد خنا وٽان ملي ۽ پوءِ ان کي شيخ سائينداد جي روايت سان پيتيو ويو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

گرگ شيطان شومتي، بگڙو ايمانا
عقل تارڙان جو آهي درس تاراءِ
چوءِ چگيو ٻالهيون ڪري منع مٽانياءِ[1]
ڇهون عشق آٽانگو آڪرو زورائتو زبرا
سوجي ڪيڙ شينهن ڪٽاکي ڏئي تہ پيا مڙيئي محتاجا[2]
اڇي وڃي ان ٻراءِ مڙيو ئي واءِ
سوجي ٻيهي بند ٽٽي تہ سونگي ساه نہ ڪاءِ
آهي عاقبل ٻگالهه اها، ڪي ايڏا نهاريائس نہ ڇڏي.

واه سڳهڑ نہ واه! لک جو جواب ڏئي ڇڏيائين. ميان صالح محمد چيو تہ: اتي انهيءَ چاماڻين جي سڳهڑ عاقبل چيو تہ: 'هيءَ شخص پڙهيل آهي ۽ ڏهن نامي مان واقف آهي' ۽ نہ ڪان پڇيائين تہ تون ڏهن نامون ڄاڻين ٿو؟ تڏهن شاعر نہ جواب ڏنو:

ٽڳي، تامي، تامني، تنهن، تام تمن
رات رجني، ليل هئي پنب، چنيهر نن

وري چيائين تہ:

من سمونڊ اوپر گجي، جهاز نيچي چلي
بن اندري اولاڪ ڏلي
ري ڇيڻون آواز ڏلي
تيل بنڻون ديپڪ جلي.

شاعر نٽالو رند ميرپور ساڪري جو. تنهن لس جي شاعر صديق ڏانهن ڪو مسئلو بيت ۾ چوائي موڪليو. صديق آيو نہ وڃ. جنهن ان مسئلي جو جواب ڏنو تہ:

---

[1] جوڙجوي مٽائياءِ = مٽائين ڪان بدءِ ڪان سي: مٽايا
[2] ڪٽاڪ ڏيڻ = تاڏو ڏيڻ گجگار ڪرڻ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڪوپڏائي هروج کي نيئي منهنجو سلام هي؛ سارو
تہ تو جو حملو موکليو. ڪري ڪا پارو
تنهن جو مٺ نيڪ نڀالا. نہ چئي. وينهي ويچارو
تہ محمد ٿي معراج چڙهيو. سيد سونهارو. الخ [1]

راڄن شاهہ ۽ نہ شاعر. چام مير خان جي دعوت تي سيد راڄن شاهہ ماڻائي [2] هيلي جي شهر ۾ ويو. اتي شاعر نہ اڳي موجود هو ۽ پئي ملاقي تا. راڄن شاهہ مٿي جو سر مان بيت ڏنو تہ:

چاڪن چيريس چم. گهائي گهاء بلوچ جي
ڪرڙي سور قريب جي. نہ نہ ڏهايس نہ
روه ۾. راڄن شاهہ چئي. ڪيائين پلي ۽ خان ختم
اي قرب ڪٽايس قدم. نہ تہ ڪير پيادي پنڌ ڪري

اتي نہ شاعر چيو تہ: هوءَ ويچاري اڳ سورن جي ماريل. تنهن کي شاهہ واري ڪهڙا ٿو چير وجهين. اٿين هئي بيت چيائين تہ:

چاڪن ڪهڙي چانڪ. جي هئا سپيريان جي سورجا
متان ان مذڪور جي. ڪري منڊ مزاڪ
سان ڏئي آڪا ور وندر ۾. ڪيائين وڻ وڻ سين وس واڪ
قابو قرب قريب جو. اڇي پيو اتفاق
پهچي پره پهوڙ سين. لاٿائين ڦٽ فراق
نيهن جڳي سين. نہ چوي. ڪيائين هوت پٽيان اٿين هاڪ
جڏهين وڻيس محبت ماڪ. تڏهن نيئي ڪرمن ميڙي ڪانڌ ڪي.

شاعر نم ۽ ڪريمنو قاضي

چام مير خان جي عهد ۾ ڪن لنگهن (مگٹهارن) جا گهوڙا وڃي ڏڪ ۾ پيا. ڪريمنو سونارو ان وقت چام مير خان جو قاضي هو. هو ايترو گهٹو

---

[1] هي بيت سجو مرحوم حوالي محمد مگٹهار وٽ هو. پر اسان وٽ فقط ايترو ياد داشت ۾ رهجي ويو
[2] ويندل ماڻو. تعلقو ميرپور ساڪرو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پڙهيل ڪين هو ۽ رخ تي پٽي قضا هلايائين. ان موقعي تي ٻئي فيصلو ڏيئي لنگهن غريبس جا گهوڙا نيلام ڪرائي ڇڏيائين. لنگهن اچي شاعر نمر کي دانهن ڏني ته ڪريمي قاضي اسان جا گهوڙا نيلام ڪرائي ڇڏيا. جنهن تي شاعر نمر چامر ميرخان کي هي گفتو چيو ته:

گُني گهرو گوهر سڻ غازي
ته ڏڪا سمجهه آهي هن سوناري کي نڪي آهي ڪريمنو قاضي
ايهو آهي مخالف محمد پاران ٽوڪري دورنگو درزي
اهڙيون جنهن جون عادتون تنهن تي رب نه ٽٽي راضي
هي ۽ ٽوبنائي بازي سا باطل آهي بيان ۾.

اسان مٿيون حڪايتون ۽ بيت انهيءَ لاءِ بيان ڪيا آهن ته جيئن اهي شاعر نمر جي سگهڙ پائي. نهر فڪر ۽ حاضر جوابي جو ثبوت ملي سگهي. موسي ڪنيار کي شاعر نمر جو ڏنل جواب [1] في البديهه شاعريءَ جو اعليٰ مثال آهي. شاعر نمر جنگنامن جوڙڻ ۾ پڻ پنهنجو مت پاڻ آهي. ٻيلي جي جنگين بابت سندس چيل بيت. جي مٿي باب ۾ ڏيئي نقل ڪري آيا آهيون. 'سندي جنگنامي' جي شعرن ۾ همیشه لاءِ يادگار رهندا. شاهه عبداللطيف رح جي تتبع ۾ پڻ شاعر نمر نهايت پيارا بيت ٻڌا آهن [2]. سندڙ جو شاعر ميان حمل خان لغاري (وفات 1296هـ) شاعر نمر جو معاصر هو. جنهن جي بيتن ۾ ان سرائيڪي زبان ۾ پڻ شاعر نمر سهڻا بيت چيا جن مان هڪ بيت مختصر طور مٿي نقل ڪري آيا آهيون [3].

انهيءَ بيت جي مڪمل روايت جا اسان کي تازو ملي سان هن طرح آهي:

---

[1] ڏسو مٿي صفحو 122.
[2] ڏسو مٿي صفحو 147
[3] ڏسو صفحو 148.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

دوست اساڏا دلبر دل دا. جنهن آنهن سڪ سچائي ۔ عجب اها ئي
قد قربان سرو صنوبر. سُوڏا واه سِڏائي ۔ عجيب اها ئي
هار سينگار اُتاهين سرخي. جوڙ چگي جوڙائي ۔ عجب اها ئي
ٽرنگ تليهر واسينگ وانگر ورڪيو ويو وڏائي ۔ عجب اهائي
گُرنگها نين ڪجل وچ ڪاني سر مان چشم صفائي ۔ عجب اها ئي
ابرو بد ڪڪور قربانر مڙ گان تير عطائي ۔ عجب اها ئي
گوش گلابي. گل بنيا. اُت جهنور جوت نہ آئي ۔ عجب اها ئي
پان چهاون. لالي لبان تون سهڻا نقش سوائي ۔ عجب اها ئي
سانهن ڳچيءَ ڪئن سرس چوان. ات ڪونجاڪن ڪار نہ ڪائي۔عجب اهائي
اوڏنگا ات ادب ۾ اُبنا. ديک صورت سونهن سوائي ۔ عجب اها ئي
ناف نجيب نهايت نوريِ شافع شِڪر شفائي ۔ عجب اها ئي
آنضل يد. عجيب عجائب. وه انگشتيون آنزائي ۔ عجب اها ئي
ڪڻش قدم تي زينت زربان. بيحد خوب بڻائي ۔ عجب اها ئي
باغ بهار بدن تي بنيا چمن چمڪ چهرائي ۔ عجب اها ئي
پوٽر پليا پُلڪارن. سڏي ڪوئل لانت لڄائي ۔ عجب اها ئي
عاجز گل انار ٽيو. جنهن غائب ڪئي گهرائي ۔ عجب اها ئي
چا ترڪ چيس ڏتو ڪيو. ان ۾ آهي نہ ڪاڪت ڪائي ۔عجب اها ئي
گنجل ۾پ قوت ۾ ڪر ٽيو. جنهن حشمت سيپ هٽائي۔ عجب اها ئي
مينڊڪ جي ۾پ موءِ آوس ۾. آگر ۾پ نہ آئي ۔ عجب اها ئي
هنج هلڻ حيران ٽيا. آ چيتي چيلهه چپائي ۔ عجب اها ئي
نجم. ستارا. بَرگ ٻهي ويو. سُئوڻي سونهن سُهائي ۔ عجب اها ئي
سرسي سونهن تہ ساجن ۾ رب رازق پاڻ رکائي ۔ عجب اها ئي
جنڊس ڪو نهي جڳ سچي ۾. خاوند قسم خدائي ۔ عجب اها ئي
شمس قمر شرمايا ٻيئي. پسي لائق جي لالائي ۔ عجب اها ئي
محب ملي معشوق مدامي. جنهن ۾ محبت ميٹ مٹائي ۔ عجب اها ئي
عشق سندي تنهن افضل اعليٰ جڙ جانب جيءَ جڙائي ۔ عجب اها ئي
آءٌ قرباني تنهن قادر تان آهيان جنهن جو پان ٻلائي ۔ عجب اها ئي
ميمڻون نون نوازيو نافع. مگي مهر مداحي ۔ عجب اها ئي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

"ڏهس نامي" ۾ شاعر نرجي دسترس جو بيان مٿي ٿي چڪو آهي ۽ پرولين ۽ معمائن ۾ سندس سگهڙپائي جو ذڪر پڻ اڳي چڪو آهي. 'سينگار' شاعري ۾ پڻ شاعر نربيت چيا. جن مان هڪ هيءَ آهي [1].

گنوري کي غزال کان آهي چاهه چگو چشمن
آب اتي جواڳرو جلوو چاجنورن
هيرا، موتي، مائڪيون، موڪ مشاهدا ڪن
سا سوڊي سرس سهاڳ برتي سونهي وچ سرتين
تيس بخت پتار جو تيلاتهن وٽي وچاڻن
اڇيو مڙيوان کي، پگهين سر پون
نال تنهنجي نرچئي، اوءِ تان نه اڇن
پيون جي سرسيون هونِ سون تدهئي نيئي ڪمائي قبولئي

شاعر نر 'هنر' جا بيت پڻ چيا. سندس هڪ بيت 'هنر' جو 'عزيزن' جي نالن سان ۽ غالباً 'مارئي' جي سر براسان کي ملير جو هيٺ ڏجي ٿو تہ

اِي مامن موري ڪارنہ تہ ڪيئن پرمان پائيجن ري [2]
ڪاڪن ڪنديس ڪينڪي، هتي جن جي هان [3]
نانا وٽي نرچئي، خاص خوشي هي خان [4]
بابا چون ٻرسون سيي، پر توري تگان تانہ [5]
ساهري سڪ سفير کي ري، غير گمان [6]
ماساتن سيان هيڪڙي لهي غر گذار گيان [7]

---

1 هڪ روايت موجب، شاعر نر حضرت نبي صلعم جي سوٽاڻ بابت بي جي جن مان هيءَ بيت بيبي خديجة الڪبريٰ بابت آهي
2 مامن - مان من ۽ منهنجي من ۾ پائجين - پاڻ وارا ساڻي سڄڻ منهنجي من برڻي اها ڳالهہ نڻي اچي (موري - اسري) تہ پنهنجن سڄڻ سواءِ ڪيئن سرجان
3 ڪاڪن - ڪاڪن (ڪا ڳالهہ ڪن نہ لاڳيندس)
4 نانا - نہ نہ
5 بابا - بهہ بهہ (وڃہ وڃہ)
6 ساهري
7 ماساتن - مان ساهت نہ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پائبان پال پلي جا جي تون محب ملين مهمان [1]
چاچا گهٽو چت ۾ سوال ڪريان سبحان [2]
تي اهي سڀ اڏا ڪري جي هتي جا هاوان [3]
تہ ڏاڏا تنين ڏان. وسهج وسرين ڪينڪي [4]

هيٺ اسان شاعر نور جا 'عشق ۽ محبت' جي مضمون ۾ باقي چيل بيت. جي اسان کي ملڻا آهن سي نقل ڪريون ٿا:

فصل-1

۱ــ عرض سڻي عاشق جو دلبر سين لاءِ
اڏڪي ڀالڻ اچي پوي نيڻ جي بانگ ۾
تہ سي نهميدا فرحت سين ڪن بات چڱي ٻر جاءِ
چا سو قدر ڪميڻي ۽ جي تون پرين پاڻ پاءِ
تہ لوءِ رچي سڀ لعل ٿئي پارس سين گڏ ڪاءِ
تون آهين سڀ کان سرس سواءِ نينهن چڱي سان نہ چڻي.

۲ــ عرض سڻي عاشق جو تون دلبر دل سين هڻ
نينهن جو نظر نہ ڇڏجڻي. تون خوب امان ڏي ڪڻ
تون آهين محبت پريو من. آڏ پاءِ نہ برابر پرين جي.

فصل-2

۱ــ چنڇر ساريم سپرين. آڇر شل اينڊار
سومر سيج ٻنڌن تي ويڄهاتي وهنڊار
اڇي اگاري ڏينهڙي مرڪي موهينڊار
اربع افضل اوجلا. پاند پلڪ پونڊار

---

[1] پائبان (پا) جو لفظ آندل) = پائيڻ
[2] چاچا - چاهر چاهر
[3] اڏا ڪري (اڏا جو لفظ آندل) - پوءِ ڪري
[4] ڏاڏا - ڏهر ڏهر

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

خوبيون ڏيئهن خميس جي اچي ڪي خوش ڪندام
عقل ۽ وند اشراف گهٽو آهن سهڻا دوست سندام
تن وري ٻڌا وعدا. ڪي قربيون قول ڪيام
جشن اک آساتي ڦري ايئن سڄي سونهن تيام
جنهن ٿوٿي ڪان، لنوي، پولي اي، ٻڌيام
ويٺو ياس وجود ۾ تہ محب سڄڻ ملندیام
حڪم ساڻ حڪيم جي، اپر عيد ٿيندیام
ساسٽيندي سرهي ٿي تاج پرين ايندام[1]
ڪٿي نيٺهن جو نظر. نہ چئي. نافع نگهيندام
ڏيئهن جمعي ڏينڊام در در ڪيرون دوست جون.

2ـ چنڇر ساريم سپرين. آچر ايندم شال
پڇيم سومر سپرين لاءِ. بيا فيض فضل جا فال
ڏنهن اڱاري ارت جي ٿي موتيو ڪلي مال
سگهو ايندم سپرين مون ڪانگي چيو ڪالهه
سُڌ نيٺهن جي خبر. نہ چئي. اربع تي احوال
ٿيو خوش من ڏينهن خميس جي. ڪيا پلي پلايون پال
جمعي ڏيندم جال. اچي مبارڪيون محبوب جون.

3ـ چنڇر ساريم سپرين محب مٺا مئي مت
آچر شال اچي ڪندا. مون سان ڪا مروت
مي سدا مستڪ سپرين جي، سندن صحبت
ملي سيڪين ميٽ ڪنان تن محبن جي محبت
پياريندم پرت جا سومر سي سربت
وٺي واه وجود کي تن جي طبيعت
اڱاري عجيبن جي ڪنديس خوب ڪلي خدمت
مهندان محبوبن جي ٻيهنديس حاضر ٻڌي هٿ

---

[1] هت "سا" جو ضمير "خبر" ڏانهن وري ٿو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ترمل نامياڻ. نم چئي ڪنڌا نيڪ چڱي نصيحت
ڏينڌا دوست دلاسو دل کي اربع تي البت
ٿي خوش دل ڏينهن خميس جي ملیا خوب ملڻ جا خط
سون ڏانهن پرين موڪليا ساڻ پلي برڪت
سي واچنڊي وسهيس گهٽو ٿي جسي کي جميعت
ڏنم. سرتيون ڪيرون ست. منهنجا جمعي جانب آئيا.

فصل- 3*

1- تن ٿئي حسن صاف. رک هر دم هوت هنيين ہر
رک جانب جاد جيءَ مرجو آهي آرائي اشراف
سولاڻ لنگهائيندو لکيون. ڪندو ميرمڙايون معاف
جهڙو نشو نينهنجو. نم چئي. تهڙو ٻيو ڪو نہ جهليندو ڪاف[1]
اهڙو ساجن سمجهه صراف. جوري پت رمز رجوع ٿئي.

2- سڪئ شور مَرَسل. رکج عشق اندر م
صحبت سپرين جي عام ڪنان پيوال
جهڙو نينهن جو نشو. نم چئي. تهڙو ڪو نہ آهي ٻيو ٻل
جيئن ڪافور جهتي ڪک ڪي. اهڙي ساڻ عمل
مجيج امر عجيب جو. ائي هوت پنيارا هل
جهڙو دانهه سين دم پل. تهڙي عمر نماڻ اچاڻ سان.

صالح محمد چيو ته شاعر نم جا سڪ ۽ محبت جا گهڻا بيت هڻاڻ هيئيون بيت پڻ شاعر نم جو آهي ته:

مان تان توسين هوت. ڪڏهن ڪينو ڪو نہ ڪيو
هن منهنجي حال جو. دارون تروٽ دوس
وينس ڪيچ پروچ. ٿئي مونکي چڏئين.

---

* هي بيت اسان مرحوم ميان محمد امين پڻتار جي زباني قلمبند ڪيا
[1] ڪاف = ڪيف = نشو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

نم قبيلي جا باقي شاعر

شهر اٽل جي هن قديم مڙهيار منگتن جي قبيلي مان صفر (وڏو) ۽ نمر ٻيو مشهور شاعر ٿي گذريا آهن. پويون مان به پنج - ڇهه شاعر ٿيا. اسان جي راوي صالح محمد سگهڑ به کي پنهنجا بيت جوڙيا. مگر انهن پويين سڀني ۾ وري به مينهن ملوڪ شاعر ٿيو. هيٺ اسان نمر جي قبيلي جي انهن باقي شاعرن جا هٿ آيل بيت ڏيون ٿا ته:

(1) عثمان: ميان ڪريمداد چيو ته: نمر جي ياڻيجي عثمان شاعر نمر جي بيتن ۾ ان بيت ٻڌو ته:

عرض سڻ عاشق جو. تون دلبر دل سين سار
روح اسان جي ريل اوهان ڏاتهن. آهر چگي آ آر
هن عاصيءَ تي. عثمان چوي. تون نالو ڪٽي نهار
ته ڏک. ڏولارا ڏور ٿيا. پربهن پياسين پيار
پيا سپ وهم وسار رک تون عشق عجيب سين.

مينهن: مينهن اٽل چڏي اچي وندر کي وسايو ۽ اٽڪل روءَ سنه 1910ع ڌاري جواني ۾ مرگذاري ويو. چون ٿا ته مينهن موندرن تي ڪو بيت ٺاهيو. موندرا ڪڙياڻي شيخن جا معتقد هئا. جن مان ان وقت شيخ ساڻيندداد ولد سالڪ سگهڑ هو. شايد مينهن اهو شيخن وارو لحاظ نه رکيو ۽ موندرن کي پنهنجي بيت ۾ نندي ويو. انهيءَ تي شيخ ساڻيندداد پاراتي طور هيٺيون بيت موندرن جي لٽڪهي آدم جي نالي تي ٺاهي مينهن ڏانهن جواني موڪليو ته:

ڪڙيي جي ڪنڊيءَ جي. سرت نه ڪياءِ سائجاءِ
اڳيَ ٿهرو نمر هو. سرت پريون سائجاءِ.
تنهن کي به دولهه دعا ڪئي. شيخ براهم بر جاءِ
اسين به اولاد ان جو. سمجهي ڪر سائجاءِ

---

[1] هن بيت جي مڪمل روايت ملي نه سگهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

اڳيان عاقل آهن. آدم چئي. سي ڏوراپا ڏينداء
ڪندين ريلا رت جا. ڪاتي لاهر لڳياء (٥)

ان بعد چون ٿا ته مينهن بيمار ٿي پيو. منهان رت هليس ۽ گذاري ويو.
مينهن پنهنجي ڪن بيتن ۾ نهايت انو کي واٽ ورتي آهي ۽ عربي ۽ فارسي الفاظ جي استعمال سان گڏوگڏ کي عجيب ۽ انو کا خيال اظهار ڪيا آهن. افسوس جو عام راوي انهن بيتن جي لغات خواهه معنيٰ کي سمجهي نه سگهيا. انهيءَ ڪري انهن بيتن جي اصلوڪي ۽ صحيح پڙهڻي باقي نه رهي آهي. هيليان بيت انهن انو ڪن بيتن جو هڪ نمونو آهي. جي اسان کي هڪ جهوني سگهڙ بچي فقير چني هٿايا ۽ چمائين ته معنيٰ جي مون کي به خبر ناهي. جئن مون هٿا تيئن ٻڌايان ٿو:

(1)

الله جل جلاله. جنهن جڳ اپايو جيئن
منور آخضر آپ ۾ ٿي اتمهر طالب تيئن
طائف تمت ٿي ٽيا. وڻهر وهن ڪيئن
زنبق سندي ڏاتڙي راهه راتو ڏينهن
ابيض انگ انهنجو نس دن تن جو نينهن
سڪس سيون شل سين. پاڻ پيدا ڪيا پينهن
داتو ائٽي دست ۾ ٿو سانئر چيائين سيئن (١)
ان مذڪور جو مينهن چوي. مون جواب جلد ڏجيئن
آن ۾ ٿي گهرجي اٿين ڪاشافر قلوب ۾

(2)

سارهه ڪريان سبحان جي. سارهه جنهن جڳاء
نيچي رحمت رعد کي. ابر گراخ جي آءِ (٢)

---

(٥) هن بيت جي مڪمل روايت ملي نه سگهي.
1 سانئر چائين = شاعر چوائين
2 را نيچي رحمت احمد ڪئي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

بستان ۾ بهير مرضوان تنهن جو واه
سنبل مستر سڳرا. دونو اونچي اوپر جا
آسوڏا احمران تي آهن زوراتا زبرا
فاخته گرداند رؤرؤنفي. جي، برجن جا جاءِ
اُني جي اهاءِ. تيا معافي تڙميٽهن چئي.

(3)

شمس گهڙي جيئن شب ۾. تيئن شانگر تي. ساريان پئي سردار
تيڙ ڪري ٽوئيڏيون. آواريون لهوار
"تيصرُ. "تعشي. تسمَعُ ينطِقُ" آهن هڪ جگهه هيڪار
تند وجائج "تون هي تون" وٺ پيچري جو پار
جي آهين سالڪ سمجهدار. تہ وٺ مخفي راه ميٽهن چئي.

هنن بيتن ۾ ميٽهن کا معنيٰ رکي آهي. پر سندس ڏهن نامي کي راوين ايترو تہ صحيح ڪري چڏيو آهي. جو بيتن جي معنيٰ مشڪل سان ٿي سمجهه ۾ اچي.

بچي فقير چيو تہ. ميٽهن اجا به ڪٿا 'هولي' جا بيت چيا هٿا. جيئن تہ:

آسو ديکهي آب ۾. ڪي مخرمين مها
اوپر بيلو آڪر آدم جن جي ڪيو تير ڪمانين تاءِ
'ون'. 'تو'. 'ثري'. 'فور'. 'فائيو'. 'سڪس' نہ چوريو ساءِ
ڪوا هڙو عاقل آه. جو ڏئي ماهيت ان مذڪور جي؟

ميٽهن يقيني طور هڪ نهايت سمجهوءِ سگهڙ شاعر هو. چون تا تہ ڪنهن سگهڙ شاعر. حضرت آدم جي باري ۾ اچي ميٽهن کي ڏٺ طور هي بيت ڏنو:

ستين مائين پٽڙو هي اينهوڙي وياءِ
نڪي لوڏيو بينگهڙي نڪي ساڏيو ماءِ
چائي هيڪ الله اهو لکيو آه ڪتاب ۾.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مينهن انهيءَ جو جواب ڏنو تہ:

ستين مائين پٽڑو اهو هو انهين ۽ جو ويءَ
تنهنجو پٽ پيدائي کونہ هئو تکو جئيو ماءُ
مولي تہ ڏين مٺيءَ ۽ هو سائين ۽ وڏو ساءُ
سو مائٽ سڀ ڪٽنب جو مينهن چئي. کيو پائي پيدا
چائي الله. اهو لکيو لوح محفوظ ۾.

مينهن جا باقي بيت جي اسان کي هٿ آيا آهن. تن کي ترتيب ڏيئي فصلن وار هيٺ قلمبند ڪيو ويو آهي.

صفت

ساري رات سبحان کي جن جاڳي جاڳ ڪيو
تن کي تہ ۽ جيترو ڪٽر ڪونہ ٻيو
ڪارئي ڪريم ري ۽ ڪندو ڪونہ ٻيو
ٽيون مهربان تن تي مينهن چوي. راضي رب ٿيو
محبوب مڙني جو. اچي ٽيندو مرسل مهندر.

سرسئي

فصل-1*

1- گل چمن گلزار اچي هستيءَ ۾ هموار ٿيو
سو ڪيرب ڪنزل کي مڳي. اچي نيرب ٿيو نروار[1]
عشر دان سان اوز ڏتو ڪيو. ديکي سو ديدار
هفت شفت. سورجي. ڏائودي دلدار
"ان الذين آمنوا وعملو الصالحات" سبق پڙهه سچار
ٿي بستي سان بيزار. وڃ ۽ مخفي راه مينهن چئي.

---

* فصل 1 هن بيت ۾ ان کان الفاظ ڪر آخر آهن جن جي معنيٰ تحقيق طلب آهي ۽ ان ڪري هن بيت ۾ "ڪيرب ڪنزل کي مڳي. اچي نيرب ٿيو نروار".

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

2۔ ون، مخفي راه ميڻهن چئي۔ پيچي گونڳا گڏ
ڪامڻ توکي ڪيچ ڏئي ڪيا سات لڏيندي سڏ
"توبه" ۽ "تبرڪ" مان ڪيئن ميڙي وٺين، مڏ
هوءِ ٻُڌي سان گڏ تون ڪيئن هوت نهارين حب ۾!

3۔ جو ٿي هوت نهارين حب ۾، ٿي، تنهنجي تابعدار
ويچاري! وجود سين وڃي هاڙهي هوت نهار
"ڪل نفس ذائقة الموت" آهي صاحب جي سرڪار
هوءِ هُٽ ڪيچين کا، ڇِٽ ڪيئن هوت نهارين حب ۾

فصل۔2

1۔ بانيڙ جي بروچ سان هئي پهرين ڳالهه پڪي
براهمڻ جو بلوچ ٿي ٿيڙو حرف حقي
هاڻي ثابت ٻڌ تون سندرو سچ جو، اهاڻي ڪيچين کان ڪچي
در سويلي ڪيئن تون تسئين. تو جا نرت نه ڪي [1]
شريعت، طريقت، حقيقت کڻ معرفت مچي
"ونحن اقرب اليه من حبل الوريد" اها اٿي ثابت ڳالهه سچي
تن مشتاقن جو، ميڻهن چئي، ڪنيو رهبر راه رچي
سو آرياني اچي، هوت ڏرندءِ هٿ ڏيا.

2۔ هوت ڏرندءِ هٿ ڏيا، ڪر سانجر ويلي مار
مام مهيل مخفي من جي، توڪل رک تون تار [2]
سنگت بلوچان سرسو سونهڙو ويهي ڪير وسار
رڙ رڙ رند پريان جي ون، تون ڪامڻ منجهه قطار
ڪانج ۾ خوب ڪڙي ٿي، وڃي پهچ پرين جي پار [3]

---

[1] ڏ: "سر (ڏٺهن مهل) سويلي تون ڪيئن ترسين تو جا نرت نه ڪي"
[2] ڏ: محب مهيلي مخفي ڪج تون۔ الخ
[3] ڪانج ۾ "سهڻ نا (بروهڪي) ڏ:۔۔۔ ون، پرچ پريان جي پار

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هاڙهي. پپ. هگور جي پٺتو ڪونه پرار
تن مشاقن کي. ميٺهن چئي. پٽڻ اڪارج پار
سو آرائي اڳوار اچي هوت ڏرندو هڏ ڏار.

فصل-3

اڄي آڌيءَ رات جو. ڪاهيائون ڪرها
هي، نار ڳهيلي ننڊ هئي. هن جو وئي هوت ويا.
جان جاڳي تان جانب نهين. ڪيڏانهن ويا پيلي پاروچا!
ڪوڪون مڌ ڪيچين لئي. ڪامڻ تت ڪيا
براهمڻ جا بر ڏي آهن پوئي، پڇ پيا
ساڏئي ور لاءِ ور وندر ۾. ٿي لچي لعل لاءِ
هو پڻ هور لنگي ويا. هي سونهين نه هئي ما
اتي تنهن کي عجيب جاچي دل مر درد تيا
"ڏونگر مون ڏان ڏور ڪرين جن منجهه ڏپ گهڻير اياءِ" [1]
هاڙهو ڳولي هوت پٽيان. ڪيئن وري وطن ما
ان جي من جي ڳالهه ميٺهن چئي. تنهنجي ڪنهن کي ڪل نه ڪا
جنهن ٿي لوچي لعل لاءِ. تنهن اچي ڏنس سهر ڪانڌ سنگهر ۾.
نيٺين ننڊ مرهير. جاڳ ٿري جهل جت کي
چڏ پنيور ٿو ڪري پوري، بُرج پريان جي پير
هي ڪامڻ تو سين ڪا نه هلندي. تون ڏم نه ڪجئين ڪا دير
عشق سونهايئي وات وندر جي. ڏس ڏيکاريئي ڏير
تڪڙي وڃ تنهن ويس. محبت لڳي ميٺهن چوي.

سونهڻا پرين

فصل-1

وهنجه نه وساريان، مون کي تو وسان وسرين ڪينڪي

---

[1] مون ڏان = مون ڪان

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پلپل پکارون کريو تي ساه اندر- ساريان-
محب منا. ميڻهن چوي ٽي ٽيڻ ڪيو ناريان-
تن اندر تاريان- مون کي آهن جهجها ڳڻ تو جانب جا.

سونهڻا سونهڻا سپرين. سونهڻا قدم سندا-
سونهڻا عيب عجيب جا. ڳل مک موتين موچارا
سونهڻا ڏند ڏاڙهون ڪئن اڳرا جئن عاج ڪري اُجلا
جئن چمڪي چنڊ چمن ۾. منهنجي شافع صورت سا
ميڻهن چوي محبوب پرين منهنجا آهن سپ پر سونهارا
جنهن ڏون ارواح جا آرا. سو مولي مون کي ميڙئين.

مولي مون کي ميڙئين. پرين پيارا
ڪرين آزي ٽٽين راضي. منهنجي جيءَ جا جيارا
پاڻ سجائي سوڙا. شل مون تي مهر ڪندا
مداحي ميڻهن جي مڙئي ميڙيجا
مون صاحب تو ساڃاڻ مون کي محشر ڏينهن متان ڇڏيئن

نيئي نيئي ڏيج. منهنجو سنيهو هوت حبيب کي
تنهن ڪامل ڪچهريءَ وچ ۾. ڇڪي ٿ پت چئيج
منهنجو محبوبن کي. سلام اهو سليج
تہ آءٌ عاجز آهيان ڪامون تي مهر ڪريج
مداحي ميڻهن جو. اچي باري بار ڪئيج
سگهي سار لهيج. مون کي متان ڇه ٻر ڇڏئين.

متان ڇهه ٻر ڇڏئين. ڪامل ڳر اُجار
روح امان جي ريل اوهان ڏي. آهن گهٽيرا آر
مون جي مٽايون ڪيون. سي محب ميڙيين منڌار
مداحي ميڻهن جي اچي سگهي ليجئين سار
صاحب رب ستار مون کي متان ڇه ٻر ڇڏئين.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

(۳) سنگر: سنگر پنهنجي وقت جو چڱو خاصو شاعر هو. سندس پوئتير دريجي طرف اچي ويئو جن مان آخر ۾ "آلودو" ٿيو جو پڻ شاعر هو. الودي جو پيءُ 'گارو' سگهڙ هو. ميان محمد امين پوتائي (دريجي جو) اسان سان خبر ڪئي ته 'آلودو' سندس ساٿياري هو (۱). اسان کي سنگر جو فقط هيٺيون بيت ملي يو ته:

عقلمند اشراف هجي جو ڪاتي دل جا ڏک
جئن ڏوئي ڏوبي ڪيڙا تئن لاهي ڏيل اندر جا ڏک
نس دن صاف، سنگر چئي، ڪري خوبي ساڻ خلق
تائين طنبو نه ٽٽي بنا سيراڙي سُرک
سُکاڻ بنا سير هر جئن ڏسي ٻيڙو ڏک
تئن ٿو جوڙجو ٻولي جڪ، بنا عقل آدمي.

(۴) صالح محمد: جيئن ته هن کان اڳ موقعي به موقعي بيان ٿي چڪو آهي. صالح محمد پٽ راول جو اسان جو هڪ مکيه راوي آهي. صالح محمد شاعر نه جي ويجهن عزيزن مان هو جئن ته ڏنل شجري سان ظاهر آهي. اسان جي زوربار تي مرحوم صالح محمد پنهنجا هيٺ ڏنل ٻه بيت ٻڌايا:

1۔ موڙهي ۽ هراچي سات ڏڻي رس وارث ويو ورسام
ويچاري ۽ کي واه نه ٻي. آهي نڏراوهان جي نام
ري ۽ طلب اوهان جي تانگهه نه ڪا. لڳي لعلڻ اوهان جي لام
وڏڪري ٿي ۽ واهر واري. اوکي ۽ آهر چام
هي آسوالي اوهان جي سام، تنهن کي پهچج ٿون پرڏيهه ۾.

2۔ پهچج ٿون پرڏيهه ۾ ڪري مهر مٿا مٿار
مشڪل گذري ميرا مٺي ۽ کي ڏم اوهان کان ڏار

---

[1] ميان محمد امين سان اسان جي ڪچهري ٿئي ٻڌ ۱۹۶۲ع ۾ ٿي. جڏهن سندس عمر پنجهتر سال کن هئي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

لاهج لائق لطف ڪري اندر جا آزار
"لاتقنطوا من رحمة الله" اي عهد ٿيا اظهار
سوڙهي ۽ پر سردار، اچي رسج رهبر راه ۾.

(۵) روضي فقير: روضي پٽ حسن جو نمر شاعر جي ساڳئي ڪٽمر قبيلي مان هو. "وٽي ڏوري" تي (شهر اتل کان 12 ميل ڏکڻ اولهه) رهندو هو. سنه 1954ع ڌاري گذاري ويو. مناحون ۽ بيت چيائين. سندس بيتن مان هيٺيان نمونيٰ طور آڻجن ٿا (۱):

1. جوڳي هن جهان جا، بيهو پٽڻ بر
سي ڪري سڪيائي ڪاڙ ڪا، جنهن جا وهم وڻن ڪين در
ريزالا روضي چئي، ڪن ڪوڙا قصا ڪر
جي هٿا عاشق نيڪ نرم، سي آديسي اڳ گيا.

2. جوڳي هن جهان جا منڊين مانڊاڻا
مائهون تن ڪي منڊون ڪن، هو موتيون ڪن ماڻ
تيو مريد اسان جا، اسين ڪريون دليل دنياڻا
جي هٿا سائين ۽ سياڻا، سي آديسي اڳ گيا.

---

[1] روضي فقير جو احوال ۽ بيت اسان کي محترم حمزه وجهاڻي کان اتل ۾ مليا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باب پندرهون

سنياسياڻي شاعر

شهر اٽل لڳ. پُرن مان 'سنياسياڻي' قبيلو آباد آهي. جنهن مان ميان ڪريمداد موجوده وقت ۾ [1] پيلي جو شايد وڏي ۾ وڏو ۽ سمجهيو سمجهو سڳهڙ آهي. جيئن اسان اڳيئي چئي آيا آهيون ته سنياسياڻي گهراڻو آڪاڻي وقت کان وٺي پيلي ۾ سڳهڙن. شاعرن ۽ راوين جو گهر ٿي رهيو آهي. هن قبيلي جي سڃاڻن جو شجرو هن طرح آهي: ڪريمداد سڳهڙ (اسان جو راوي) بن سنياسي (سڳهڙ) بن صِدقي (شاعر) بن سنياسي (شاعر) بن حاجي بن محمد....

اسان لاءِ سنياسي ۽ صِدقي جي شعرن جو واحد راوي ميان ڪريمداد هو. جنهن انهن بن شاعرن جا بيت، جي ڪيس ياد هئا، پڌايا جي هيٺ ڏجن ٿا.

سنياسي

شاعر سنياسي هيٺن بيتن ۾ بادشاهه پير جي تعريف ڪئي آهي. اهو موضوع عام سنڌي شاعرن وٽ گهڻو مقبول آهي.

1۔ ميران مير پيران! منهنجو سنيون صاحب پاءِ
مشهور آهن ملڪ ۾ ڏاني ڏيهه سڏاءِ
ڪيڙا، ميوا، گل ڪيترا باغين بنايا
اهڳ ڪتوري وايا اڳڻ اوتارا
بصري ۽ بغداد ۾ مازين منارا

---

[1] يعني سنه ۱۹۳۷ع ۾، جڏهن پهرين پيرواهي الفاظ لکيا ويا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڪريو پوءِ سنديا ڪانڪا. آهن پريا پنڌارا[1]
داتا تنهنجي درتي بي ڪي ناهي ڪا
مون کي غم گيلاني لاءِ سائين الڳ سنياسي چئي.

2- پير منهنجو ملهٽ ڏامن ڏڻي
اڙين اوجهن کي ڏئي خزانا ڪڻي
مٽي جن مٽي پياسين پناري ان جي.

3- پير منهنجو پاتشاهه جنهن جا ولي سڀ وزير
هليا حضرت شيخ سين فوجون ٽي فقير
ميران هن مريد کي لهي اوسيڙا امير
پلئه تنهنجي پير. ڏي گذاريان ڏينهڙا.

4- پئي پيرن ۾ پڏرو جبر جيلاني
زره منهنجي جان تي آهي پڪر پيراني
ڪوڙا هلندءِ ڪانڪا مون تي ڪرامت ڪاني
مدعي پوندين ماڻري ويندين ڪر ڪاني
گولي جي هاڻهي. آهيان داڪيل دستگير جي.

صدقي:

شاعر اسان جي راوي ميان ڪريمداد جو ڏاڏو هو. جنگ نامي جا سنڌس چيل بي نظير بيت (آءِ الائي آءِ. جوانن جلهه لائي. الخ) مٽين باب ستين ۾ هيٺ نقل ٿي چڪا آهن[2].

بيوهڪ بيت (چنچر سپرين. الخ.) مٽين باب پنجين هيٺ قلمبند آهي ۽ هيا بيت صدقي جي شاعراڻ لياقت جي ساک پرين ٿا.

---

[1] ڪريو - ڪر پوي - ڪل پوي خبر ٻوي
[2] ڏسو ص. 199_200

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سڏا سٹيءَ ڪل جيئن

ڦري ڦيريندار سدا شوق شڪار جي
اڃان ڪي ڪي بکيا آهن تو منجهه طمعدار
سڏا سٹيءَ ڪل جيئن. جيئن سي گل انار
پاڻوهين پڌمڻيون ٻڌيو هيرين هار
سينڊ تڪا. صدقي چشي. آهن جهوڪ ۽ جهالار
تن دوسين سندي در تي اچي ڪيڙ مسين مٺيار
سان ڏينئون يار اکيا اکڙين سين.

اندر مجه اداس

1۔ اندر منجهه اداس. سڪ تنهنجي سڀڙين
مشڪ ڪٿوريءَ کان مٺي پلي تنهنجي باس
چنڊ ڪر ڪيئن جو تن ۾ ڳالهه تپاس
اچي پڄاڻ ارواح کان چاري ٿي چڪاس
ته تنهنجو ويس وساس. ٻڌي جي واڻي ڪانهي رات ۾.

2۔ جنهي لاءِ ڪيوم. هيڏو حال هنيين سين
تن پنهنجو تن لاءِ وڏي ورهايوم
عشق هوم عجيب جو. اهو ريکون ٿي رهيوم
ڳلي تان ڳوڙهين جي پوندين بس نه ڪيوم
سارو ڏينهن. صدقي چشي. ارواح آسانيوم
ڏاڍي محبت من ۾. جاني جاڏهڪوم
ٻرين جي پار جو ماڻهو اڄ مليوم
تنهن کان خوش ٿي پڇيم خبرون ته
"ڪو جاني جاڏ ڪيوم"!
تنهن ڏلاسو دوست جو سوڏو ملايوم
اچڻ هن عجيب جو ٻيهي ٻڌايوم
سٹي ڳالهه مرهي ٿي آهيان گونڊ سڀ ڪيوم
آسانبي اکين جي اچي ٻرين پاڻ ڏٺوم
قدر جن لڏوم. مرطعني سچاڻ تن جي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سرسسئي

فصل 1

1- جيءَ جيارا جي. منهنجو من سڪي ساري تن سڃڻين
خان تہ اينڊي خوش ٿيا. سڳ نہ راضي سي
هجن پاءَ تان ڪريڙا ڪيو. ٽيو پريتين پاسي [1]
پنهون تنهنجي پيڊ جون ٽيو سڊيون سڀاڻي [2]
پيتي پانيڙ راءِ جي هيءَ ڪا احمق ڏيءَ آهي
اصل آرياڻي جي ٿي تري تراڙي
تن سان ريسين ڪيڙيون جن کي ڏاتر ڏياري
پاڻ پيادي، ڪي. شل اچي رسي رهبر راهه بر.

2- جيءَ جيارا جي. منهنجو من سڪي ساري تن سڃڻين
هوتي. نوتي. ٻهر. بانون ـ هٿي ويا ڏاڙو ڏوڻ کي
صبح اٽيو سا. صدقي چئي. ٽي پاڙيچيون پچي:
تہ ڪيڙي ڪوهيارل ڪئي ڪيچي ويا ڪاڏي؟
پيٽيون پرڻ سنديون. مرڪا متيون ڏي [3]
جو منهنجو جت نيو. جيڏيون ڏي جانکي
پاڻ پيادي، ڪي. شل اچي رسي رهبر راهه بر.

فصل 2

1- جاڳي جان درپاس. ٻوريا ٻتيا پل پسي سا [4]
پرٽي ويل پريت کي ڪامل قول ڏناس
پيٽيون پرڻ سندي تن چئي ڳالهه چياس
تہ چئي: موڙي هٿي مون ڳرين اهن سرتيون سڪ سنڊياس [5]

---

1 پڙا ڪيو - اڳي ڪيو
2 پيڊ - محبت، عشق
3 پرڻ سنڊيون - موڙڻ يا هيڪڙا سنڊيون
4 ڪ- 'جاڳي جان درطاق- 'پل - وقت
5 موڙي - ڳنڍي پلٽ.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

اديون آرياڻي ۽ ري وري نه وهنديا
سڪئون پڌي سندرو ڪافين ڪاهيندياس
چڙهي چنجين جوڙين. وڃي ڪامڻ ڪيڪ ڪياس
سوئي سا. صدقي چئي. باروچل ٻڌياس
ڪلهي ٻلي ٻانهن ڏنياس. اچي رسين روهن وچ ۾

2۔ جان سون جاڳي ڏي تان منهنجا اٿ نه اوطاق تي
هٿيون هو تن ڏيون باکڙ پائي ڏي[1]
هنڌڙي حب چڪ هوت جي سون کي اصل آهي ڏي
اينڊر واڳ وراڻي ڏي. شل سدات ڏني صدقي چئي.

3۔ اڄي سنبهسئي! ستي ڪج ست ڏي
ڪهي قاصد آئيو ڪٿي خريدار خط ڪٿي
ڳوٺڙون ڳوٺ ڳڻيندين سر تيون تنهنو ست ڏي[2]
جئن توکي جاد جت ڏي. تئن هوندين جاد جتن کي.

4۔ اڄ سنبهسئي! ستي ڪج ست ڏي
ڪاغذ قيمت چڳو. جنهن سي محبت چڳي مس ڏي
ڳوليان ڳجهونه ٽئي سندو ڳونڙون ڳس ڏي
تنهن سات ڏني! جو صدقي چئي. توکي ڏوٽي ڏينڌا ڏس ڏي
تنهن سان ڪري روح رهاڻين پنهنجي قلب لاهج ڪس ڏي
سو پنهنجون پياروپس ڏي. جو سر ٻهروسائين جو.

فصل۔3

اوچا ڪيا اوتار. آگي آياڻين جا[3]
پسي پنهنجي پٽن سان ڪي گلا جي گفتار
تہ: "پرين اوهان پرڻائيو. نيڻن ڏونهن ديس دورا[4]

---

1 تار=تان چڪ
2 ست=هٿ. سڪيو. سڄاڻي
3 اوتار=وڃڻين اوساڻ
4 ديس دور=ڏورانهين ڏيه

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ساريو تنهن سپرين کي اڄ منهنجا نيڻين تمن تار
تنڊيءَ وڃيءَ ڀالهه جو هو ڪندو ويس ويچار
ان تي تنڊ حرام جئن هوتي نوتي هار."
هستيون هستر اُن جا جوڙيليءَ جنار
جوڙيون جاجم اُن تي تنگين ڏنائون تا[1]
زريون زيبا بافتا ڪن دوسالين ڏمڪار
سپ ڪنهن چنگر چيلهه تي، ڳيڙو ڪُڙين ڌار[2]
سي جواڻ جمازين چڙهيا، هلي اڪن هونگار
پڙتان شهر پنيور جي، ڪي سسئي ڏنا سردار[3]
وڃو پنهنجي ور کي پورا ڏئي تي پار
تہ: "ڏانهه در دلير ڪهڙو عاقل عقلدار
شال اچيندم سپرين جي آهن ڏورڻ ڏيس ڏوار."
سڃاڻندي صدقي ڇڪي تيا پيڙا پاڻ ريار
تني گڏجي پاڻ برخوش ڪئي ڪينڪار
ڄاڻي جام ڪتين تي واه وينا وينجهار
چون: تو کي هاڻي سلام موڪليا آهن بيحد بيشمار
تہ اُڪنڊيو تارا ڪيا منهنجي هينڊي منجهه هزار
آڏتون پنهون پيدوار ڪامل ڏٺي ڪيج جا[4].

نوري

تاپو ڪائي نپني هئي اهڙن اهجاڻن
تنهن تي چونڊيا ڪنڊر ڪينجهر جا لميوتان لامن
ڏڪي تي تالور هئي ميربحر منجهن
اچي نڪتو اوڏانهن تماچي تن

---

1 تار - تاڻ جڪ
2 چنگر - جنگل، ٻيلي.
3 پڙتان - اڳيان
4 پينوار - مهيتي، مشهور.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تان نياز نوريئن جو اڳرو آهي سرس سين
تنهن جهڙي جهاهيلين مان نيئي چاڙهي چوڏولن
تنهنجي سونهن سونهاريه صدقي ڇڻي. آهي ويڻي وچائن
تنهن سان راڻيون ريس ڪن. جنهن جي جهولي ۽ چند جهلي پيو.

مارئي

1- عمر ماروءَ ڏي آءٌ ٻڌي ڪنهن ڪريان سڏڙا
پکين آڻون پائر مان ڪونيا پوني [1]
ساڻيهه جو صديقي ڇڻي. آڻي ڏس مٺي ۽ کي ڏي
جي وياڻرين توکڙي سي ماروموتي آڻيا.

2- ماريو موتي آڻيا منهنجي هنئين جيئن سان هيج
دانهه هڻي دل سين تون پارس پروڙج
ڪين وهندي ڪوڻين. تون صدقي ڇڻي سمجهيج
ڏاڻ لکيو پيو ڏيج. تنهن کي عمر عنايت جا ڪيو.

....

ائين ۽ رات ڳالهاءِ. عمر ماروئي ۽ سان ڪيو
تر سگيٽا. صدقي ڇڻي. آڻي پٽ پرهاءِ
لڏي اوڏي آءٌ تر پرين پرچون پاڻ ٻر.

سهڻي

1- گهڙو سو گهيڙوس. ساهڙ سان سونهڻي
ڇٻيني سندو چت ٻر فرتو نيئنهن لڳوس [2]
هڪڙي گهڙي گهر ٻروهڻ وه ٽيوس
سموند جو صدقي ڇڻي. تن سلو سونهايوس [3]
مينڊ ٽينڊو ميڙوس. اڳين ۽ جاءِ جنت ٻر.

---

[1] ڪونيا = ڇڻ
[2] فرتو = چنڊ
[3] سلو = پيڃرو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

۲ــ گهڙو سو گهيڙوس، ساهڙ سامونهي
تهدل تنهائين پوءِ ٿي، جان سرڪي ساءِ ڏوس
واڳون ويسر ڪيترا، تہ بہ ڏيل نہ ڏهڪيوس [1]
محبت مان ميهار جي، ڪنهين ڪونہ ڇيوس
مهنڊ ٽينڊو ميڙوس، اڳين ءِ جاءِ جنت ۾. [2]

---

[1] ويسر اواو کي زبرا - وڏو مانگر مڇ يعني وڏيون آڱرون.
[2] ميان ڪي ٻڌاءُ هنن بيتن سان لڳولڳ هيٺيان بيت پڻ ٻڌايا جي صدقي جا يا ڪنهن ٻئي شاعر جا چيل آهن.

1ــ سانيارن ساهڙ جا ايءَ، ڪن ٿا ڏونهان
ونڊيس تنهن واڻ تي جت آهن ڪنڌين ۾ ڪونهان
ميهر وٺ مونهان ٻيون بہ سهيس گهڻيون سونهڙيون.

2ــ پر ڏونهان ٻيو ڏکاءُ، جان ساهڙ سياڃها تہ مرين
ڪاري رات ڪنن سان اڃان تنهن اهاءِ
سومان سڏ سڻاءِ جو تون تڙپين ٽوڙ تي.

3ــ ڪنهن ڏسيو ڪن ٿي تان نگن ٽيون لارون
مون کي شال ميهار جون اڃي ٻهڃن ٻڪارون
ساهڙ سانيارون وڃي ديکيان ڏوست ميهار جون

4ــ پر ڏر ڪٽن ٿي ڏينهن تون واڻان جو وڻائين
مون کي سڪ ساهڙ جي آهي روح منجهہ واتو آينهن
سو قول يار نہ ٽيس ڪيئن جي مون ٻڌايو ميهار سين.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باب سورهون

رونجها شاعر

رونجهن مان ولي محمد ۽ آدم لس ٻر نالي وارا شاعر ٿيا. ولي محمد رونجهو، ولي محمد پاڙو "اسماعيلائي" رونجهو. ٻيلي کان ٻه کوهه ايرندي 'مهاڙي' جي علاقي ٻر 'اسماعيلائين' جي ڳوٺ ٻرويٽل هو. سندس پاڻ گنج بخش نالي هو. ولي محمد شيخ ابراهيم جو شاگرد هو. شيخ ابراهيم جي بيتن جي ٻران سندس چيل ٽي ڏکها بيت اچي "باب چهين" هيٺ نقل ٿي چڪا آهن [1]. انهن مان هڪڙي بيت اونا ميٺهن ملڪ تر جيءَ اندر ويا جار ميان ۔ الخ) جي ٻرين ۽ ڪڙي ۽ جو هيٺيون بيت شيخ سائينداد جي ڪتاب مان مليو ٿو:

ونا ميٺهن مليڙ تي گاهن ڪيا گلزار ميان
وڻ ٽڻ. وليون واسيا. ڦل ڦڪيا ڦٽار ميان
خوب ڪٽوريون پوڄ پٽين ٻر. ٻي عطر ٿيا اظهار ميان
ڏڪ ڏاڏائي ڏيهڙي ٻيا جي لال پڪا ليهار ميان
چوندين ڀاڳا. ڪرين پاڳا. تورا پريو تار ميان
ميوا موڪ مليڙ ٻر تا ڏوٽيو ڪين ڏرار ميان
لوت ڪائي عمر آئي. ٻڏل وڏي سين ڏار ميان
توري چاريه وڃڻ واريه امر آنديس آر ميان
عمر آيو ڪري سعيو سونهاري سلگار ميان
اُٺ آجاڙيه منزل ماري تنهن نه ڪي تنگ ڏار ميان

---

[1] نسوص ص 151_170

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تتان تري چيلان چڙيه هئي ويڙ نه پيئي مون کي وار ميان
کو پلائي پيري چڏ تون پنهوارن پنهنجن پار ميان
آءٌ وهنديس کين. ولي محمد چئي ڏارن کان ڏار ميان
وينديس ويڙه ولهار ميان. مون سو ملک ملير ساريو.

ولي محمدي جا چيل کي ٻيا بيت جيکي اسان کي مختلف راوين کان ملڻيا سي هيٺ ڏجن ٿا تہ:

سهڻا سپرين

سونهڻا ماڻ سندان. سونهڻي ڳچي ويانِ
اکيون آرتل سونهڻيون خاشي گج رتان
نظر پاليو نانگ کٹي. اهيڙ طرح طولان
چيلهه تہ آدم چين جيئن پرين جهڙا پالان
کنڈ تہ کونڊل کونج کٹي انين عجب ڳالهه ڳچيان
سبحان چنڊان سونهڻا نڪا جو جهڙيان
پائي پادر پير برهائي کيڙو عرض کريان
سي لائي لنين لکي ويا. ويڳانا وتام
سي هر دم دوس هنڻين ٻرويرتہ وساريان
ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ٻر پر سجو ڏينهن ساريان
پچان کچان کينکي پيو پت سندان
گنج بخش چئي گهران. جي اگهڙ اينڊا سپرين[1]

پيرن ٻنا پردیس ٻراچي نه آرام
ويڻ سونکي وهه ٿيو. طبع نه پير طعام
کلان خوش نه جنڊڙو. نيڻن نند حرام
ساعت نه سريم ساجن ري جي دل وجهي ويا دام
کنهن وجه. ولي محمد چئي. منهنجو جيءِ قراريو جام
گهميس سارا گام پر شبيهه ساجن نه ڏسان.

---

[1] هي بيتي ولي محمد چيو ٻر انلو گنج بخش جو ڏاڻين.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

آدم رونجھول ولي محمد کان پوءِ آدم ڇڪو خاصو شاعر ٿيو. اسان کي سندس ڪي ٿورا بيت مليا جي هيٺ ڏجن ٿا ٿر:

ڏمرجي ڏاڏو ٽئين

1۔ دلبر دل کان دور شل پلڪ پراهون نہ ٽئين
چاڙهنيو چُغلايون ڪريو ڏمرايو نئين ڏور
ماڻهو من ملڪ جا، تو کي زبون ڪندا ضرور
آدم چئي ان ڀگالهه جي، مون کي مايت ڏي مذڪور
جنهن جا ڏس پڌون ٿا ڏور سي ڪيچي ڪٽ نهاريان .

2۔ ڏمرجي ڏاڏو ٽئين نہ جاڻان ڪنهن قصور
مون تان ٻاڙو ڪونہ ٻوليو مڌي اوهان سين مور
پريين تون پرچي مرلڳ، پاڻ بہ ڪي پور
انهيءَ ڀگالهه جي، آدم چئي، مون کي مايت ڏي مذڪور
متان ڏمر نيئي ڏور ڪري ڏکي ڪن ڪي ٭

سسئي

هانيڙ هيڏي ٻڌ وڻن ۾ ٻيني ٻاڪاري
روئي روئي روءِ نڙاڻي چپر چاڙي
تاجا پير پنهل جاڻي ڳڻهيو نهاري
سات سجوڏو سونهڙو ڪنبو ڪوهياري
اڏيون آساري پس هٿين هوت هلي ويو.

ماڻڪ

پنهڑين رات پسري، ڪري ڏي زابيرزيل
من تن ماروئڙن جي اندر ٻيڪ اڪهيل

٭ هي بيت اسان کي ميرپور ساڪري جي سگهڙ حاشر گذي کان مليا

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

سي سان ويڙهيچا ڪيئن وساريان جن سين بول پڌي هٿ ٻيل
آڇين ٿي آدم چئي. طول وهاڻا تيل
ماڙيچا مور نه متبان. توڙي تيان ٿئيل [1]
مون تن تنهين ويل. ڪيا هڻا سوڳند سانگيڙن سين.

پنجين رات پچار مون تن ماروڙن جي
اٿم ياد آدم چئي. اها ٻڪ سنگهار
پير ڪٿي پت پچان. ايڏو ڪريان ڪيئن انڌار [2]
ڪن ڳومت دل برمرتيون سپ جهار
وڃن ويڙهيچن سين البت آهن اقرار
وري وت ٻيهار قول وسهندا ڪينڪي.

---

[1] ٿيل - ٿڻ. ٿنا
[2] اجايو پير ڪئي ايڏو انڌير ڪيئن ڪريان!

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باب سترهون

شاعر نامور دوست محمد

دوس محمد هڪ نامور شاعر ٿي گذريو آهي. پر باوجود ڪافي تلاش جي اسان کي سندس سوانح جو تفصيلي احوال معاوم نه ٿي سگهيو آهي. سنه 1962ع ۾ اسان جو دريچي جي داناءِ سگهڙ مرحوم محمد امين پوٽائي سان مارڪو ٿيو. جنهن چيو ته: دوست محمد 'راڏو بنديجو' هو ۽ اسان جي ملڪ دريچي ۽ ڪوهستان جو هو. 'ڪار' ۽ 'ڪيلوٽائي' طرف 'راڏا بنديجا' رهندا هئا ۽ غالباً دوست محمد به اتي جو هو. دوست محمد ويجهي نور جو هو. يعني ته اسان جي ننڍپڻ وارو هو. ا. ھ

سنه 1962ع ۾ ميان محمد امين جي عمر 75 سال ڪن هئي. جنهن مان گمان ٿڪري ٿو ته شاعر دوست محمد سنه 1900ع ڌاري شايد زنده هو. مرحوم عبدالرحيم 'وفا' سندس بيت 1273ھ (1857ع) ۾ لکيا. جنهن جي معني ته دوست محمد اٺويهين صدي جي پوئين نصف جو شاعر هو.

راڏا بنديجا بلوچ آهن ۽ سندس نڪ بلوچن جي 'ڪرمتي' قبيلي سان ملي ٿي. 'راڏا اڳارا' ۽ 'راڏا بنديجا' پئي ڪرمتي قبيلي ۾ شامل آهن. تيرهين سن جي شروع ۾ ڪرمتين ۽ جوڪين جي 'مڪلي' وٽ لڙائي لڳي. جنهن ۾ راڏا. سندن سردار مير مزار ڪرمتيءَ جي لشڪر ۾ شامل هئا.

"پاسي مير مزار جي راڏن لايا رنگ"

ميان محمد امين چيو ته: شاعر دوست محمد ڏي ڪنهن پئي. شاعر سچڻ جي صف ۾ بيت چوائي موڪليو. جنهن جي آخري مصرع هئي ته:

پر پٽ تان نه پچن. آهن منهن مقابل مٽا پرين.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

انهيءَ جي جواب ۾ دوست محمد بيت چيو تہ:

جهڙو منجهہ حيڪٽ جو، تهڙو سپرين جو ساءُ
دل کي، دوست محمد چئي، پوڄ ڏنائون پاڻ
سڄڻ چارڻ سُواءِ، ويا پرين پاسي پاڻ جي.

ان بيت ۾ پاڻ جبل واري اهڃاڻ مان پڻ تصديق ٿئي تي تہ دوست محمد درجي ۾ ڪوهستان جي پاسي جو هو.

انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ڪونهي تہ دوست محمد هڪ وڏو عالي دماغ شاعر هو. پر جيئن تہ سندس بيت سگهڙن ۾ راوين جي زباني ئي چڙهيا انهيءَ ڪري عام مشهور ڪين ٿيا. سندس بيتن جي سڃاڻپ ۾ لفظ جي چونڊ مان اندازو ٿئي ٿو تہ غالباً شاعر دوست محمد علم وارو هو. پهريائين اسان کي سندس هڪ بيت ڪراچي جي سگهڙن کان مليو ۾ هڪ بيت ڪپڙي جي سهڙ جاڙي خان سري کان مليو. ان کان پوءِ مختلف سرن ۾ عنوانن هيٺ سندس چيل بيت اسان کي آخوند عبدالرحيم 'وفا' جي قلمي ذخيري مان مليا. جن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ شاعر دوست محمد جدا جدا سرن جا بيت چيا ۾ هر هڪ سر مان سندس چيل بيت پنهنجو مٽ پاڻ آهن. هنر ۾ سينگار جا پڻ نهايت ئي سهڻا بيت چيائين. جن جي مطالعي مان هن عالي دماغ شاعر جي شاعراڻ قابليت جو ثبوت ملي ٿو.

محبت ۾ مجاز

فصل-1

1- منهنجي دل مست ڪئي، تو موهي ساڻ مجاز
پاڙهيئي پرين پرت مان، باري برهہ بياض
تڏهين دوست سڏ، دوست محمد چوءِ تي، انلر دل دراز
هائي اونايان آواز آهن جي محب اچڻ جا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

2۔ آهنجي محب اچڻ جا. وڃڻ وڃي واجهه
توري کانڌ قبوليان ڪينڪي. جي ڏيهه ڏين بيا ڏاج
دوس سنديون دوست محمد چوءِ آهه دنشين ڪي هاج[1]
مٽي پاڻهي پاجهه الله لڳ اچي ڪريو.

3۔ الله لڳ اچي ڪريو پيٽي پريتار
ساجن سڪ سريو ٻ آن ڏي اکڙ اپار
دوس سڪان. دوست محمد چوءِ ٽي دوسن لئي ديدار
دلبر ڏيوانين دل ڪي دلداري دلدار
پاري توسين يار آ ڪامل 'ڪن فيڪون' جي.

ڪهڙ کانگا ڪرڪاه. پر پريان جي پار ڏي
اوري اُلهج ڪير ڪي. ريءَ دوسائي درگاه
ڪج معلم سپ محبوب تي. هن من سندي رنجهاه
ڏن رين. دوست محمد چوءِ. تنهنجي تن اندر تنخواه
آهين رحمي رهنماه. ڏمج پارس پاڻ ڏي.

نمبر 2

1۔ تات طلب تن تور. سدا تنهنجي سهرين
آن جي من عشق پريو پچائي پور
ديوست اچي. دست محمد چوءِ هو ميتيو سپ هور
جهڙي ڇ ڪوي چند ڇڪور. تهڙي پيستر پرت پريم جي.

2۔ ساڌاري ڪريوم ڏرا. جانالي شئي آهنجي
عيب ڏيکيندڙ آءٌ تون. محب مٽا منڌار
هن درماندي جي. دوست محمد چوءِ اچي ساجن لهه سنيار
تنهنجي يار پچار مون ڪي دم دم آهي دل ۾.

---

[1] چوءِ - چوي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

3ـ دم دم آهي دل ۾ تنهنجي، حب حبيب
حيل داروڻ درد جو توري ٻئي نه طبيب
من درمانڊي جي. دوست محمد چوي، اچي ڪر ڪاڪر قريب
آءٌ ٿي نهاريان، نت نجيب. تون آءٌ عجيب آٽيءِ جا.

4ـ آءٌ عجيب آٽيءِ جا. ٿي راضي رحم ڪ رفيق
من ملهي ڪرماءُ جيئن. ڏي لالي لاشريڪ[1]
درماندي دوست محمد چوي، حاضر ميڙ حقيق
تنهنجي حب تحقيق. دل منهنجي مست ڪي.

سڃڻ جو سينگار

فصل ـ 1

1ـ سونهن سخاوت شان. سڀ گڻ لائق سپرين
چيان چرر چگا گهٽو. پاريور پڳ پان
سڃڻ سوڌا سورڪان. ڪيڏو ڪٽ ڪلان
ڪنجل منجهه ڪنبي وڃا. چال برابر جان نه
ڏيئي ڏمر ڇپائي. شمس قمر شيدان
ڪر ڪنڌن اڳن عجيب اڪٽون. مات ٿيا مرجان
آلبا انگ عجيب عجائب اڳرا ريشر ڪريج ڪل قربان
وڏ ڪيلان ڪڙ ڪرايون ڏڪا دست ڏيا جي ڏان
تايو تا ٿر ڪر قريب جو. ويا اٽنگي جا اوسان
ڪوئل ڪونج ڪچي نهين لفظ نه ڪنهن لسان
لسين لالي لعل کان چا رونق رنگ زمان
هيرا حيرت هروڏا ڏوڏر ڏڇن ڏهان
دوست ٻڌا. دوست محمد چوي، تلخ تنهين وٽ ڏاڍ
سائڍ ڪ سال سين پسرين. صورت سرت سبحان

---

[1] تنهنجو من ماڊوئي جنهن جڙيو چڙ ڪر.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

روءِ رمز پسي رخسارن جي. تيا هندوا هنڌ سيران
چيهون چپ چريا ڪنا. پوتر پرن ٻيران
ڪنڌ تر نيف نمائيا. الهه برارهه سان
ساجن جي سينگار جا بيحد باب بيان
ڪامت تنهنجي ڪانڌ جنس جڙي پي جوڙ ڪا.

2۔ ڪنجل نيصر ڪنبڻا چال ڇريا ڪيا چين
ديهي ۽ آمر چپائي ماء مشابت مين
سي دوست منا دوست محمد چوءِ. سالڪ سُرت سنگين
هيل ڏس جين. جيئن شمع هري شمعدان ۾.

3۔ ٽرنگ تليهر تنهنج امرگهه اکيون ٽڪ ماء
ياقوتي لالي لبين ڏوڏر آند صفا
اُلڏه انگ عجيب جا. پوتر پرون بنيا[1]
سروڪنا ٽوڙتا پرين ڪونتر نيف نمايا
سڌ ڪچي. ڪٽ نيصر ڪيه چيهي چرن ڇُميا
هنجهه گنير حبيب جي. پسي لوڏ لڄنا
تنهن جي مُنهن واڻي سڙي ڪي ڪوئل ڪوڪ ن. ڪا
ماڪان مصرڻان منهن گهٽ. محبت سرس سوا[2]
شان سخاوت اڳرا. 'دوسو' دل دريا
تنهنجي ديهي ۽ آمر چپائي. شمس قمر شرميا
ٽواڙو نرمل ڪي پرهه ڪري پُوڄا
جنهن جا پياڻي پرڻا. تنهن پاتا پيج پران ڪي.

1۔ ترنگهن تليهر. ابرون پوءِ تر عرق ڪيا
آهن نيف عجيب جو ڪنا ڪيل ڪثر

---

[1] روايت 'بنا'
[2] روايت 'منهن گهٽ'.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

نبٽن مرگهه نمائيا. فوڳان وڏ فوڳر
لبن لالي لال کان. ارنا آت آڏر
ديگي دند دهان ۾ ڏري پيا ڏوڏر
ڪوئل واڻي ڪر ڪي. انهي ۽ جي آٽڇر
ماکيان مصريان منا گهٽو. سهان ڀگاتر سکر
ڪيلان ڪر ڪرائيون. دست چگا دلبر
پسي انگشتون عجيب جون. جيئا سب جهنوڙ
تنهن جي ڏيهي ۽ ڏم چپائي. ۽ رشن منجهه آبر
قيصر ڪٽ ڪنبائيو. گئي گٽ گنير
چرن چگاوڏ چوڙ کان. پگ کان پاريوڙ
تنهن جو ڏسي. جانب جي. اچي نايو ڪنڌ قمر
صورت سپرين جي. ٽي آفتابان آ جگر
سي ديک سڄڻ. دوست محمد چوءِ. جي آهن گڏ اندر
نائي نيڻ نهار تيون ٻئا چو ڏوئين در
رک سو نافع منجهه نظر. ته منجهان تو معلوم ٿئي.

فصل-2

2- سپ ڪنهن ويل سڄڻ جو خاصو خوب خيال
شان سخاوت اڳرا. قائر زر ڪمال
صورت سرف شبيهه ۾ ڪونهي مانءَ مثال
درمن ۾. دوست محمد چوءِ. جانب ڏ جمال
تنهن سال لڳي لالي ڪاندڪا. سول لالون ئي وڏ لال
تنهن نڻاءِ سائڻ نهال. منهنجو من هلي مهتاب ڪيو.

3- سپ ڪنهن ويل. سڄڻ کي نيو ڪن نياز
پڇي پري ٽي بامني ڏسي درمن دور دراز
ڪنل قيصر ڪنبئا. ڪن لوڏان ڪٽ لحاظ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ترڪ تليهر پوندر پنر ڪڻا. ترنگن آهه تواض
گرنگ ڪٿونتر ڪر پڻا. هن جو حوران وڏ حجاز
ساجن جي سينگار جو ڪنهن ڪن ڪوڙ قواز
اڳيان دلبر. دوست محمد چئي. ٻيا سڀ رنگ رواز
تنهن آسي ٽڪ محبوب جو ٽيو منهنجي من مجاز
دل سوڙهي ويا دم هر جيئن سو بحري باز
تڏ حرف وڳو گڏ "هوءِ" سين. ساهه سنبهي ٽيو ساز
"تون هي تون هي" ٽڻ مان آيو اي آواز
ٽيو روح تهين سين راض. جنهن پاتا پيج پران کي.

4- سڀ ڪنهن ويل سڄڻ جي جوت ڪري جُلوا
لالي تنهن نال سين ڪانه اچي ٻي ڪا
صورت سون جهڪائيو. محبوبن جي ماه
سپريان جي سونهن کي سورج ڪن ٿنا
منهنجا دلبر. دوست محمد چئي. آهن برق ڪنان بي پاه
شان شاعت اڳرو ميار محمد شاهه
روح اچي ريلو ڪيو تن ڏي عشق منجهان ارواح
تنهن نافع جي نگاه. منهنجو من مهتاب ڪيو.

حڪمت ۽ دانائي

گوهر ڪنان گس. پڇ پار پريت جو
موتي ماڻڪ ڏس مڪان ٽي. ڪج ويل ٻوڙان وس
دوسان در دوست محمد چئي. سوڏو وڃ سرس
پاڻ وڃائي پس. ته سوياري سڃي ٽيي.

گڻي دم ڪماحقون پڪڙي جهل. پساه[1]
سوري چاڙهي ساه کي. رک ٻڌ مٽي ارواح

---

[1] ڪماحقون - ڪماحقه [= بالڪل انين جيئن جڳائي]

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

حمد هنين پرهل ڪر طالب، تن لهي تريءَ
خ ڪوٽي قلب ڪي، من ملي ڪرماڻ[1]
دوست سندو دوست محمد چوءِ ائين پوندئي سرت سماءَ
رهبر گڏبئي راهِ رويرءِ رفيق سو.

موڪي

موڪي منڊ پريءِ شيشا رک شراب جا
ساڻن سر سنباهيا سرڪي ڪاڻ ڪري
نهرا دنگ دوست محمد چوءِ، قاتل آڻ ڪري
اينڊا ٽوڳري سين ڏينڊا ست ڀر.

سارنگ

1۔ سرس سدا سارنگ ڪي ڏني ڏاتر ڏات
سرسين ڪيائين سنڊ سين وسيو سپ ولات
چپر چائنين هليو ڪيائين ڪاهه قلات
درد گيا، دوست محمد چئي، بادل ڪي برسات
ڪوهر ڪير ڪتن سان، پلٽي پيا پريات
ديسيه ڏاج گهٽوٽيو طعام لٽي سپ تات
ڪي رحمي ربّ رعات، ڏني درماندن تي.

2۔ سرس سدا سارنگ جا بنيا برن بهار
تنهن منجهه پيءِ طنبو هنيا، روءِ چڱي رنگدار
سبز رنگ سندهئو ياقوتي جنسار
ماڻڪ موتي مڙهيا، تنهن ٻرجڙيا جال جوهار
صاحب سائين سيج ۾ بندن تي مڙني ڪان موچار
برسيا گل برهه جا، اڳيان چمن اپار

---

[1] رڳ ماري ڪي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هوا پاڻ هڪاوبرايڏي مان اختيار
اڳيان پٽريا ان جي غاليچا گلزار
هلڻ ويس حبيب منهي ڪي ڪڪرن پٽ قطار
محب ٿنهين جا مون پرين ملڻا منجهه ملار
موتيا پيءَ مڪان ڏي هوا درمن ٻر ديدار
شمس تارا شبڪ ٻرساڻ هوا سردار
وڃي نوبت نيٺهن جي ميندان محب مٿيار
تنهن نرازي دوست محمد چوءِ ذوذوڪي ڏڏڪار
وڃن ونس وڻا ڪٽا چترائي چوتار
پاسي هليون پيءَ جي هنڏون ماڳ هزار
تڻ ڪڙي چندر خلق ٻر چمڪي پيو چوڏار
حوريون حيرت ٻر ٿيون ڪوئل ڪي ڪوڪار
اُن تاڻ وسي بادل جي بامار بوند پچاين ڪپڙا.

3۔ سارنگ ساري ساهه ٻر ڪوئل ڪي ڪوڪار
بادل ٻرجي آنيو ڪري ميگهه ملار
ڪڪرن ڪراوچا ڪي برسڻ ڪاڻ باهر
ڏني دلداري م. دوست محمد چئي. تازي جي تيار
سنگهارن سرمايون ٿيون. وهاڻ ونهار
چڏيو ڏيهه ڏڪار وڃي پيو نر جو نند نڪو نجهه ٻر.

4۔ سارنگ ساري ساهه ٻر ڪوڪاري ڪوئل
مٿي مڌ سقيم جا اچي بحر ڪيا بادل
ڪلي ڪنوئيون نڪتيون. ڪيائون چوڏس چڪڙ چل
دکم تنهين. دوست محمد چئي. پريا ترايون تل
ڪئي اٿين مينهن اُچل. جيئن ڏي ستون سانوڻ سير ٻر.

5۔ سارنگ سنبهي آنيو ڪري ويس وريام
تنهن ڪي زريون زربفت زيب گهٽي مولهيا ماهوت مدام

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

قبا ڪوڙتيون قيمتي تجلا ڪن تمام
لالون موتي لک لپيٽيا هيرا هوءِ هشام.
مرڪن ماڻڪ مُڪهت مشي هر مِريون بجام
حورون حيرت هر ٿيون چاڻ آسي وين چام
تنهن دوست جو دوست محمد چوءِ آهيان گولو گُن غلام
جِتي ڪُتي سو هاشمي سڀ ڪنهن آهه امام
اچي تنهن آرام ڏنو حامي هر دو بشر کي.

مارئي

چت ڏنو موريا. ٿي ٽرن ٽڏي هير
هٿ سيريون سيليا پين پاڪ پنير
ڪڍ بندياڻي بند مان. دوست محمد چئي. دلگير
پيرن سندا پير. مون کي مارن ميلئين.

سٺي

1_ اندر دل آکير. ٿيس هن هر محب مهارجي
سا لحظي گُن لنگهيو وڃي. سِر سان ساهيون سير
سا تاريو ترن تارمان. ني محب ڏيو هن ڏير
ٿي ديواني. دوست محمد چئي. موهي ساڻ مير
کا پيتائين پڪ پريت جي عشق گڏي آکير
اِي کير نه جهڙو کير. جنهن تن ظهورا تار کيو.

2_ اندر آکنڊ ٿيس من هر محب ميهارجي
گهڙي گهڙو هت ڪري گهران ڪُڻي سي گهنڊ
اچي لهرن ساڻ لپيٽ ٿي چڏي نيڻان تنڊ
آرنه جهليو آن کي مٽ پڙهيائين منڊ
سا درياه مان. دوست محمد چوءِ. وڃي ڇُٽکي چنڊ
ڏکي لنگهائين ڏنڊ. وڃي پار ڏنائين پي جو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

3۔ آڇي سڪ آپ، تنهن من ۾ محب مهار جي
اٿين اڇي پٽي آر ۾ جيئن ڪيري ڪُن ڪُپر
ڏڪا دور درياءَ جا پانيائين بهتر
تنهن تارين ماري تار مان وان ڪنيون ويتر [1]
ديواني، دوست محمد چوي، پيئي واڻ ڏڏ
تکي تارن کان وڃي، پير لنگهيو هن پر
جنهن جي دل دوستان جي درسالوري اڻکي ڪينڪي

4۔ محبت محب مهار جي ڪي موهي مست مجاز
اڇي ڪُهري تنهن آر ۾ جنهن جهوريا جُنگ جهاز
اونها ڪُن آکيهور اُتي درياءَ منجهه دراز
تاريءَ تاري تن مان ني سانيَت نينهن نياز
رکيا تنهين جا راض، دوست اڳيان، دوسو چوي

5۔ محبت محب مهار جي موهي ڪي مستان
چا آر جهليندو اُن کي جا ڪي عشق اُتان
درياءَ ۾، دوست محمد چوي، ڪيائين دوس ڏيان
جا اُتي عين ڪيا اخوان تان سيوئي ساڻڻ ٽيو

6۔ محبت محب مهار جي چاتي ڪي بي چري
عش اُڪاري آرمان ويئي تڪ تري
تنهن جي دل دوست محمد چوي، اُدونهن پاس ڏري
ساوڻي ڪيئن وري، جنهن پيا پيچ پراڻان پي سين

ڪاپاتي

1۔ ڪٿي ڇڻي ڪي نه آتش اوڏي نه وڃي!
تنهن آڻيو ڪاڻ اڇاڻ کي، ڏي واتب روز رنگين

---

[1] وان ڪنيون = بانهون ڪشائيون ڪري ترڻ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هي، پي آه وسيلي ور جي پولي پولي پي نه
دوس ڌيان دوست محمد چوءِ ليڪي تنهن جا قدر قرين [1]
ڏڏ ڏيو پي ڏان ڏسبي. اها سمجهج گاليه سرين [2]
جت اچي ڪيندين عمدا. سرتيون شت سنگين
تت سائل هٿندي سين ڏينڊا فضل فقير کي [3]

2- جوڙي چرکو جو ڏنئي آٿي ور آرت
سوچا هوڻ چور چگيان ڪري پائي سڪ سرت
چڏ حيلا حرص هوس تون. ان بر آه الٽ
طمع تات طرف جو ڪٽي لاهج ڪٽ
ڪڍ سپ ڪوڙ ڪنڊا وجهي نيڻان نند نپٽ
دوس ڏيئي دوست محمد چئي ڪي ڪٽي انيهي اعلان ڪٽ [4]
سنگ صرافن شت سهين. تا مال ڏسيو ڪن مٽ
مُن حق جو پاتو هٽ تون سمجهي ڪٽ سنگين کي.

3- جوڙي چرکو جو ڏنئي. ڪانڊ ڪٽ جي ڪاڻ
سوڦير فڪر ڪر فهم سين. ارٿ برايءِ اولاڻ
رکي 'پيڏي' پٽ تي. چنگهين. سونين. هٽ منڀاڻ
'مالهه' ملهاسين من بر 'چموٽي'. 'پرٽي'. 'ٽڪ' ٽڪاڻ
آٿئي 'ڦنگ' عشق سين 'ڪپين' 'جوٽين' جوڙ جواڻ
'دپس' 'تاڙي' ديهه بر ٽيندين 'پيڙهه' ڪنان پهچاڻ [5]
ڏيکيون ليٽ ڳجهه بر رک دل سچي درواڻ
پوري نيٺهن پتار جيو ساڻ سڄائي ساڻ

---

1 قرين - سهڻو سجڻ ساڻي
2 سرين - پوري
3 سين - سڻين - ڏسڻ
4 ڏيئي - توکي ڏني
5 دپس - ڏيهوس - جرخو ڏيهر ڏيڻ - پرانو ڏيڻ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تنهنجي پڪين پنج پوٽين ان کي ڪهڙي آڻ
نارڙي ڪرنگهه نيازمين تندپياه جي تاڻ
وڃ لاهپا لوڪ جا حرص فڪر هاڻ
عادت چڏ اجهڻ جي، خام آهي ڪر ڪاڻ
آهنو لاهه اکهاڙ جو منهن ڏيڻي منهن ڪاڻ[1]
جان در صراف، دوست محمد چوي ٽڪين سڙهي سر تن ساڻ
ڪنبي سٽ ڪتيج تون آهين زور اچاڻ
ڪنڌ هڪ سچاڻ سمجهي ڪٽ سنگين کي[2]

4- رکي پيڏي پٽ، هٽ ڪري ڪٽ حال کي
ٽي، سيندي سوداگر سين، ڪوڙ ڪچايون ڪٽ
چڏ ڪائي خام خيال کي، تون فنا ڏسي دل ڦٽ
نسن ڏن اور نگاه سين، ورهه هاري وٽ[3]
ان آتيسار عشق جو آملهه مهانگي هٽ
جتي پرين پاماري ٽيو، اچي سر تن لائي سٽ
تت اڳيان سٽ صراف جي، نيڻي منجهان پاند پرٽ
تڏسي دوسائون دوست محمد چئي، ڪندا گاز نه ڪهٽ[4]
حياڻي هٽ، ڏورو ضايع ڪين ٽيي،

هتو

هڪ چوڪو حسن حبيب، بٿو سپ مڱ مڪائي نانگلي[5]
جوار ڏٺي جولان سين، ڪهٽي ڪاڻ قريب[6]

---

1 آهنو - مٺو، منهن - ڪاڻ - عذر - ميار
2 سنگين - سهڻو (سهڻي چرڪي يا سهڻي سٽ کي)
3 نسن ڏن - رات ڏينهن
4 گاز - اهي گهوڙڙيا جي ڪهڙي وغيره جو واپار ڪن
5 چوڪو - هڪ معنيٰ "جانور" ۽ بي معنيٰ "سهڻو". بٿو سپ مڱ مڪائي نانگلي - بٿو سپ گهٽ
6 جوار - هڪ معنيٰ ان جو قسم بي معنيٰ جوريا ظلم. ڪهٽي - هڪ معنيٰ ڪڪ جو قسم بي معنيٰ ڪهڻ واري

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڳاهه ڳيهون چوراهه تي. ٽينڌ تير طبيب [1]
منجهه. مانڌاڻي مهت تيي. چيني گنڌ غريب [2]
مير لڳئي مرشد جي. نوازئين نصيب [3]
ٻاجهه ري مرڪي پانهنجا ڪرنگها نيڻ نجيب [4]
آءٌ دلبير. دوست محمد چوءِ. جان ڪريو راه رقيب
چڀين چٽ عجيب. مرتر. آءٌ منهنجا پرين [5]

رامڪلي

1- پري پوري پنڌ. هي هٽ هلا هلڻ جون ڳالهيون:
اندر آهي ان جي. نانهن جنهين ڪيو نند
گڏيا گر گيان ٻرغير گنوائي گنڌ
ويراڳن وصال جي تن ۾ چوري تند
صبر سڪ سڪوت کي چڏي لڏائون چند
روءِ رکيائون رام جي ڪرنگهان ڪوري ڪنڌ
"لا منجهه لاهوتن لڏو هوند وڃائي هنڌ
پيٽن مند مجازمان. ڪيو امامبن ياد صمد
دل روح اڳيان. دوست محمد چوءِ. ان آکي ٽيو الحمد
نانگن نجهرا نور ٽيا جيئن سوچمڪي چند
تون رند سهي ڪر زند. آديس جو.

2- جان جوڳي جوڳ جهاريين تان سمنڊي سڪ سنباهه
هوئج هر نر همت حال سين ڪي نڏسي ڪنب ڪاهِ

---

[1] ڳچهين - هتي معنيٰ ڪٽڻ ڪهي ٻي معنيٰ "ڳالهين" يا تڪليف ڪري جوراه - هتي معنيٰ "جوڙڻ" ٻي معنيٰ "جوڙاهو" ٻاڦ ڳچهين جوراه تي - مڪالاڪر ۽ رند راهو ڳچل تير - تڪمل (هن لفظ ۾ تر "جو منهنجو سمايل آهي)
[2] مانڌاڻي - هتي معنيٰ ڏاڍو آن ٻي معنيٰ "مانڌر ولوڻ ۽ نفس کي سارڻ"
[3] مير - (حضرت مهري امير جي ڏ ل) جو منهنجو سمايل آهي
[4] ٻاجهه ري - "ٻاجهري" مرڪي - مڪڻي. ڪرنگها - "ڪرنگهه" جو منهنجو
[5] چڀين - جو منهنجو (ڏ ر ڀ) "چڀ" جو منهنجو سمايل آهي)

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

حرف سچائي حمد جو لاڳ لڳايا لاءِ
"مهيمن" ذات منجهان معلوم ٿئي. جڏ طعام طمع تنهاءِ
پارج سيءِ مجاز جي. چت من چوري چاءِ
ڪر فنا بت فراق سين بابو ڏيئي باءِ
"لاجو لفظ نهيتيو "اڪبر" پاسي آءِ
در ذات دنيا دوست محمد چوءِ نار[1] جت "ناءِ"
صبر. سڪ. سڪوت سنديءِ سهڻ سامي سر واهه
اها ڀگال وٽي جند ڀگاءِ. ته ويجهو تيين وصال کي.

3- جوڳين جندان جمنا. آهن گنگا منجهه غرق
نانگا نيٽي ناٽ سين ڪياسڪ سناسي سڪ
پرايائون پي ڪان منجهان مان مرڪ
ڪري وينان ڪاپڙي تيلان سين ترڪ
ڏرس تيا. دوست محمد چوءِ باهه چگي بيشڪ
هنه پائن حق نابودي نهال ڪيا.

4- چاٽي چٽائون ڪيائون عشق منجهه عجيب جي
هوناٽ تنهين جي نجهري پلڪ نه پراهون
پنهنجي خاطر پرين جي پورب پوريائون
سامن کي سڪپال تيا. ڏوتين ڏاڻائون
درد گهين. دوست محمد چوءِ. ڏک جي ڏاڻائون
پٽين سڪائون. گڏين گر گداوهر.

5- بعضي بازارن هر. بعضي بر منجهه بيراڳي
بعضي مڙهين مالڪيا مان ڪيا. بعضي ڪن اٽيوسڻين سجاڳي
بعضي فدا تنهين فراق هر. بعضي سامي سرها سياڳي
اوريو جن الف سين ان کي ميڙ گڏيو ماڳي

---

[1] نار - تيار.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

دوس ڏنائون. دوست محمد چوءِ ساجن سو ساڳي
اڄ واري ويراڳي سپ نانگ نات نوازيا.

6۔ بعضي بازارن ۾ بعضي وتن ۾
بعضي مڙهين مائيان مات ڪيا بعضي سامي منجهه سفر
بعضي وسندا هوندا وس ۾ آسائو آوسر
بعضي ڏکيا بکيا ڏيرا. بعضي سيئي هونِ سهر
بعضي آڳيا آديسي آنرا. بعضي سڳها هونِ سڪ
بعضي درس سرها. دوست محمد چوءِ. بعضي غم گڏيا گوندر
بعضي ڏوپيا واسيا ڏوپ سين. بعضي مٽيءَ سازيا مر
بعضي وڻ تي ويندا واءِ کان. بعضي ڪياسي اڏ اُتر
بعضي لکن لاهوتي لُڪ کان. بعضي جلائين جگر
بعضي ڪن ڪمائي ڪاف ۾. بعضي جائز جوڳي جر
جن تي صاحب گهريو سچ مان. تن کي نٿ ڏيندو محشر
پڇاهي جاهل پوڻن جڳ ۾ تن کي ڪل نہ آهي ڪر
سي ٻڪ جو بازارن ۾ ڪوڙا ڪٽن ڪنگر
ڪي گهر گهڙ پنندا پوڻن گهٽين ڪريو من مگر
ڪي روڳي ڪيناڙت سي ڪن تا ٽڪري عڪاڙ ٽڪر
پڇا ڪٽين نات ڪٽيو نابود جا سهين پوڻن سر
اوريو جن 'الف' 'ميم' آ ڏوتن غير
تن کي پل پهچائي پاڻ ٽوڙ ۾ رام ثمر
'ميم' گڏيو ان ماڳهين جن کيا قِتا قُدت فِڪر
اسر گڏيو تن جسر ۾ منجهان ظاهر ٿيا پر ڏکر
اهي آهن راتو ڏينهان رنگ ۾ دل جا ڪلين در
هي زاهل پائين زر هُن کي پنڌ نہ پورب جو پري ٿيي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باب ارڙهون

برادريا شاعر

برادين مان چئن شاعرن جا بيت سگهڙن کي ياد آهن: مگيو صفر. پاربيو ۽ جانو. مگيو مڙني ۾ برڪ هو. مگئي جوڀاڻ محراب ۽ شاعر هوءِ مگيو ۽ محراب ٻئي شيخ ابراهيم کي پنهنجو اويسي استاد ڪري مڃيندا هئا. هيٺ اسان مگئي. صفر. پاربيي ۽ جانو جا بيت قلمبند ڪريون ٿا.

مگيو

مگيو پٽ رمڏنو. پاڙو صفراڻي ذات برادين. لياري کان چار ميل ڏکڻ اولهه طرف "ريلون" جو ويڙهل هو. سنه 1920ع ڌاري وفات ڪيائين. مگئي جو هڪ بيت مٿي صفحي 97 تي نقل ٿي چڪو آهي. پانڌجي ٽوٽ مگئي گهڻا ڪي بيت چيا. پر اهي محفوظ نه رهيا. سندس هيٺيان بيت اسان جدا جدا سگهڙن جي زباني قلمبند ڪيا آهن ٿا:

نصيحت*

هاريِ تون پس حال پنهنجو، ٻڌئي مورياڙ [1]
ٻيوت بوهيڙا برسرائيا، ٻيا ولين پاتاوَڙ [2]
تن کيو ڪنائي چڏين ڪر سنگ سهڙ [3]
روز ڏيهاڙي ڪڍ ڪچرا، تون ننڍ مرڪ ڙي نر

---

* راوي وڏيرو شير محمد پٽ تنبر جو برادين ويڙهل رمڏنو لڪ لياري

1 مور = وڻن پٽن وارو ٻوٽو ٿي جاڙ ٿوٽ ۽ گهوڙ جو ٻوڪيل سڻ کي سوڙهه ڪري ۽ ماري ٻڌئي.

2 بوهيڙو = هڪ ٽڻيو ٻوٽو جو سڻ واپري ۽ سڻ کي هيسي

3 کيو = ان آباڻي فصل. ڪنائي چڏيو = ختم ڪري چڏيو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

متان وارين. مگيو چئي. ڏيج ورو ڦريو ور
هواچي قلم وارنڌا ڪنهن پت ڪنڌا ٿابندي در
سي لکيو ٿسي. حصو ونندا. ڏري نه ضايع ڏر
پڇندا اچي پيڇري توکان خان خبر
ٿريورا ڪيئن پلائي. هي هوريو باغ ميڙ
هٿي ڳانڍ هٽ سين. جيي پونءِ جر
ٽ ڪيئن وڻين وساري هي ورهيه سڄاڻي ور
پيا چڏي حرص حشر. قابو بيهه انهيءَ ڪر ٿي

مارشي*

1ـ سڄ سڻايان، ڳالهڙي جا سومرا ڪيار
لوڻي الحمدلال ڪريه متان حذ[1] وڌيار
تنهن جي شڌ سپ ڪان سهڻي. جا بيحد زور بنيار
پير پيش پرين، جي سائي ڏيهه کي ڏيڪار مر
ذوق مان ڏسر جي. لاءِ لڳين لايار
تنهن منجهه مروجهه زير. مگيو چئي. هي اڳي جا اوڏيار
تنهنجا ٿيراءِ ڪير ٿيام توين تو ڪرئين عمر ڪپتيون

2ـ سڄ سڻايان، ڳالهڙي جي ظاهر ڪريان ذري
ماڻتين سون ي مڳايو ڪيت ساڻ ڪري
تي چادر چڪائي آندي جنهن تي ظاهر "الحمد" ذري
سا پوشي پرهيز پرين، جي سڄي اوڇ سري
لاهيندي لڄايان. ٿير عاقل! ڳالهه ڳري
تنهن پوتي، متان بي پوتي مرپئي. تون وچارج وري
مروجهه سون تي. مگيو چئي. هيڏو بار پري
آڻهتي مرتبان هري حتي تنهنجي ڪرتين وڻان ڪينڪي.

---

* راوي وڏيرو شير محمديت قنبر برادريو ويٺل رهڻ
1 متد - پوتي
2 حذ - پوٽڪ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

3_ سڻ سڄايان، ڳالهڙي پس دنيا جو دم
عملين برعدد پوندو، جت ناهي ڪاکين ڪم
وڃي نه وري ورتي ڏور سمجهندو ڏم
پاڻ نه وري پاڻ تي، ساڻ نه اڇي سر [1]
ڪائي ڇڏ خطرين کي نرت گهين سين نر
ٿمر ڪڇ سفر لاءِ، منهن برتو مرم
جڏهن تازيون ٽيندين تن تڏهن هت نه ايندياءِ حاڪمي.

4_ هت نه ايندياءِ حاڪمي، عمر! چوانءِ ٽي اين
مائٽين جي مڳايون، سي تون ڏيڏر ڪين ٽوڪين
ورجني جا جيڏرا تن تي حڪم هلائين
هڪ ساعت لاءِ سومرا! ٿو ورهيه وڃائين
هڪ پڪي پوک پاڻهنجي، ساڻو پير پويلائين
عمر تونئون اڳرا هٿا، سڪندر جهڙا شينهن
سي ڪائيون خزانا خان ڇڏي ويا، هٿين خالي هين
هت گهنا خان خاڪ ٿيا، وري مون تي وسيس
اها هٿي ڳالهه هت سين، پوءِ جي پروڙين [2]
تہ جي گمراهه هٿا غفي، سي ظلم هٿي زمون ڪيا.

سسئي

پهرين ءِ ساڻ پرين جڙهيا، ساجن سين سردار
ڏيرن لاڪ ڏهيون تيو پٽر وڃائي وار [3]
خانن لاءِ ڪتوريون ٽي چٽي عطر آپار
وسوڙي ويچاري تہ مون وٽ ويهندا وينجهار
سات سنجهي لڏيو مون کي ڪل نہ پيئي ڪڪار
پوءِ مڳيو چئي ميار مٺا مٺس رکو رتي ءِ جيتري

---

1 سر - شريڪ - ياءِ
2 هت سين - هٿين سين
3 آيرن واسطي ٻاڻ برڻ ٿيو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

چهين، ماءِ چلن ڪينڪي، ڪيائون وڃ سندو وارو
هليا خان خاڪ ڪري، سڃو پنيور مارو
ڏيو ڪٽي ويا ڏيهه مان عالم اُجارو
هوت ملي ۽ جي هنجهه مان نيائون جي، سندو جيارو
پوءِ آرياڻي آري سون تان متان لاهين مڱيو چئي.

انهين، ماءِ اڻي ويا. وڃي سوتن چتايو بر
سارو پنيور سڃ ڪري، وڃي سائين ڪيو سفر
ليڙا ڪاهي لس چڏيائون. ويا چڏي هي چپر
آءِ اسوهين آهيان. پيو ساريان ڪونه ٿر
سوور واهر وري ڪندو سون تي جاني جي، جگر
لڪ لنگهائيندم لکين جو محب. مڱيو چئي. مڃر
جو آهي اڪابر. سو ڪڏهين چڏيندم ڪينڪي.

بارهين، هروچ بانيڻ کي جڏئي جاڏيا
حسن حشمت حيرت ۾ هئا منهنجا نرت پريانڻا
س ڪهڙي تصور ڪاوڙ ڪان ونئي ور ويا
اُن پر دل اُچارئين مون. ويس لوچي لعلڻ لاءِ
سي ڪيچي وسر نه ڪين قلب مان. جيسين ڪي جيان
سي ڪندا وڙمون ولهي، تي موتي مهر ميان
جن جي پلڪ پئي آهيان. سيڪندا معاني مهر مڱيو چئي.

مومل راڻو*

1- وڏي سڳهه ستار کي پاڪ والي پروار
تنهنجي ڪمي قدرت ناءِ ڪا بيحد بيشمار
نور منجهان نور خلقي. آڳي ڪيو اظهار
آدم مان آدم اُپائي رکيائين محمد تي مدار

---

* راوي محمد هارون خاصخيلي ڪراچي (٢ نومبر ١٩٦١ع).

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جيڏو راض رحيم جو ايڏو ناهي رهم سندو روءِ نار
ڏڙي واريائين ديس تي ڪيڏي ڪافر ڪار
ڪريان صفت ڏينندم همت، اڙين مان تي وينجهار
منهنجا ڏوهه مگيو چئي ڪنڌو وڙمان تي وينجهار
وڃي ڪريان ويچار ته ڪونهي ٿن جيڏو ڏڻ جهان ۾

2_ تنهن ڪان پوءِ پيدا ٿيا، لکين حاڪر لک
سياسون سومري جي سنڌ منجهه صفت
تنهن جون چؤطرف چئيون هيون، خوب هليا تي خط
بيگناهه نه بند ڪري، پچيو ڪري ثبوت
قاضي نه ڪري بازي، ٿئو رنجائي رعيت
پوءِ ڏني الله عزت، يقيناً هن يارن کي

3_ پلي يهادر چڙهيا، سڏا ورجن[1]
بگيون روجهون برتي، اوڏيون تان نه اچن
سجهه نه ڏين سپرين، کي ڪڙايون ڪوڙن
وڃي وينجهارن ڪئي صلاح شڪار جي

4_ ڪئي صلاح شڪار جي، ڪا سومري سردار
ائين نه مرون هٿ ٻوندو، جيڪر پچين پنهنجا يار
ات سڳهو ڏئو سوال، سوڍي سر شجار
وان ۽ ورائي وڃه تي نوان چيري نار
مورا هه مزا ٿين، اپر گاهه آپار
ايندين روجهون ريج تي گاهه چرڻ گلزار
اوهان سهنج شڪار، من الله اُتاهين ڪري

5_ نار ڪنڀائي نيل مان، هوئو ولهارن واري
ڪُتهي کس پريا هوڙ اُچليو تي هاري

---

[1] سڏا (ا) = سڏا

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

واهي تنهن ويءَ تي هليا ٻيلهه ٻيهاري[1]
تنهنکي حاڪر حڪم ڏنو ڪومرون ماري
ٻوءِ سيا سڏ ساري اسان کي مڙيئي اچي معلوم ڪجا.

6- واهي تنهن ويءَ تي ٻيلو ٻيلهه بر تي ڏينهن
آئيو ٻيهو ڏوران ڏسي تونظر ڪيونيئنهن
تہ روجهون روڻا پاڻ ۾ قطارون ٻڌن ڪيئن
سوين سنگت سير سين ٻيو هرن هيج هيئن
وسندي موسم ميئنهن. مرن مشاهدو منڊيو.

مٿيان بيت قصي جي شروع وارا آهن. اڳتي سامي جي زباني وارو بيت آهي تہ* :

ڪيئي ويرا اڳي وڙي ويا. هتان پي هوءِ هنس
مان سين تي سؤ پٽين جا هٿا. جن ڏسي ڏان ڏس
چنڊ سؤ سامي پڙهي پوٽيون پٽياڻون جن ڪيو مونجهه گهٽير و مس
ست سؤ سامي سارنگيون هٿن ۾. جن ڪيو ريجهه گهٽير و رس
يارهن سؤ سامي اُتيا ڪياڻون جان پتوڙ سين جي
بارهن سؤ منجهن هولين -چيريا هٿا. جن ڪيو پيوت ملڻ سين بس[2]
سورهن سؤ سامين ايندي سگهين هنيون. تان به ڪاڪ نہ لڏاڻون ڪس
جڏهين گولي آڇي ڪس. تڏهين مومل مائيين مينڊرا.

ڳل ڳلين سر سهٽا

ڳل ڳلين سر سهٽا. پس جناب جو جنسار
آهوءِ کان اڳرا پرين. هوتيين ۾ رخ تار
سون انيءَ تان صدقو. املهه پاڻ اڳوار
سون لاتيون ماڻ ڪيون. سُڃاڻي سينگار

---

[1] ٻيهاري (م) - ويهاري
* راوي شيخ سليمان ڪڙياني ٻيل جو عمر 75 ورهيه
[2] 151 بولين - بابڙين (س). بولين - چيريا • چيريل بابڙين سان.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڪوئل ڪوڪ ڇڄهي ڪئي. جڏهن ترمل ٽيو نروار
آڻين گهوريو گهور جان پاڻ پرين؛ تان. جيڏيون جيءَ چمار
ملندم محب. ڳيو چئي. منهنجا نيٽيڙ ٿرندم نار
سوين هونِ هزار. پر ڪونهي مٽ محبوب جو.

صفر برادیو:

برادين مان صفر هڪ پورالو شاعر هو. هڪ دفعي ڀانبي جي ڏنڊ تي رهندڙ ماڻڻن تي اچي ڪاوڙيو جو سندس مينهن جهنگ ۾ وياڻي ۽ ماڻڻن مان ڪن کي چائين ته هلي مون سان گڏ ٿياريو پر هنن خيال ڪو نه ڪيو. جنهن تي چيائين ته:

ڪَه ڀانبي. ڪَه ڀانبي سدا سانبي. ڪَه ڀانبي سندي ڏنڊ
هت ڇُهڙ ڪلري جاموهي جت گرڪن هڻن گهنڊ[1]
آنگ مچر ويا ڏيهه مان پري وڻڙا پنڊ[2]
مٺا ماريا ڪنهن منڊ. جو ڪارڙو سمجهيئي ڪونڪو.

وري پٺي موڪلي ته. سالاريگ جي جاگير ۾ ان مان رهندڙ ٻن ڏوڻن ڪلري ۽ وٽي کي ننديائين ته:

سڏ 'سالاريگ'. صفر چئي. تون آهين ٻُڌي ٻه — ڏاري
وٽي نيئي ڪانڊ 'ڪلري' جو ڪري 'وٽي' سين ياري
پسوءِ خلق ۾ خواري اهائي تنهنجو مرڪ ٿئي.

پاربيو برادیو:

پاربيو لياريءَ لڳ "ڪاڻين واري" جو ويڙل هو ۽ اٽڪل 1920ع ڌاري وفا ڪيائين.

مارئي

1_ وٺا ميڙهن مليڙ تي. ٽي ٽر منجهه ٽڏي هير

---

[1] ڇهڙ ڪلري = ٻوري جو ناڪو گرڪا = پاڻ — جنهن هڪ شاعر جيو آهي ته "گرڪا گاميشن جا واڙي وڏاڻين وار"

[2] پنڊ = جوڪين جو هڪ ٻاڪو پري وڃا = موتي وڃا

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مرتيون هٿنڙ سيليا. پينگ پاڪ پنير [1]
آهنڀين سندوان تان. حڪر لاءِ حقير! [2]
لڏا زيل ضعيف تان. جدا ٿيا جنجير
ايندي سان آجي ٿئي. موڻي منجهه مليئر
آهي زور ظهير. تنهن کي اکڙيا ٻانڊن جي.

2_ راتو ڏينهان روح مراکڙ تنهن کي آءِ
سانگين بنا سومرا. تنهنجو جيءُ نه هتي جاءِ
سامڻ اکڙيڙي مارئين. طعام نه ترسيو کاءِ
ساکنهن ميل سين سومرا. نيئي پاربيو چئي پهچاءِ
ترتي ٿورو لاءِ. ڪئي موڪل ڏينس مليئر جي.

3_ مٿي تي مڃان ٿي. تر تنهنجا ٿورا
ميل رکيج سومرا. ظالم لاءِ زورا
ڪيندي ڏات ڏٺئرا. وڃي ونهين ويڙهيچن سان

4_ پيرون ڏٺئرا پاڻ ڏات ڏيارڙي ڏين
تنهن صلاح سان سومرا. مون کي نگهيو ٿا نين
وڃين پسان پانور –جائيون جي هٽ حياتي هون
پٽڻ شاديون پون. پنهور جون پاربيو چئي.

5_ پٽڻ پيچ پياس. ڏت موچاري ڏول سين
پسي پٽ نه پرهيان. هن ڪتي خوش ڪياس
ساڪيئن متيان سومرا! لوئي هيءُ لباس
جنهن منجهه ساڍ سهاڳ جا. آڻي ڏات ڏتاس
مٽامڪ ماروءَ سين خاصا ڪيئن ٿياس
ساز سراهيون سڃڻين. اچي ميندي مهڙ مڪاس
جسي جر ٿر ٿيا. بر سر بوندون پيئيون.

---

[1] هٿنڙ = هٿ پينڊ - پين (م)
[2] آهنڀين سندو - اپين سندو = پين جو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

6۔ ساستين جي سردار هئي مهت چگي سين مارئي
صورت ڏني هيئ سومري تنهن ايرنيئي آر
هيءَ هڏ نه ريڌي راءَ سان اهڙي شوق سنگهار
پاربيو چئي پنهنوار جس پرايو جگ هر

7۔ جس پرايئ جگ هر جانين تانين جوءِ
نه ريڌين عمر راءَ سين پاند نه پايوءِ
تيلاتهن مرکين مارئي هاڻي ليکي وقت لوءِ
اپر اچايوءِ سارو ملک مليرجو

جانو برادیو:

جانو پت الله ڏني جو برادیو شاعر مگئي جي عزازت مان هو. اٽڪل 1945ع ڌاري گذاري ويو.

مارئي*

1۔ پنرئين ماه پتهوار کي پلپل پون پور
عمر چاڙهياس اُڻن تي تتي چڏي تور
مارئي ملک چڏائيو کنهن ڏاڍي زور ضرور
پتهواريون پکن هر اچيو کن اُور
کڏ بنديائي بند مان ٿئي حاضر منجهه حضور
جيڏاڻي هر جانو چئي دک سيئي تيا دور
لاهي گهٽ هر گهوں موکل ڏي مليرجي

2۔ موکل ڏي مليرجي ادا ڏي عمر!
اڄ پئ اباڻي پار ڏانهن کوڏکن ڪر
وڃا ميڙهن ملک تي وکين پاتا وڙ
پيءَ رات پاڻهين جا آءٌ ڏيو چاريان ڦر

---

* راوي محمد هارون خاصخيلي ويٺل لياري (اس ينگو) کانئس هي بيت ۾ آڪٽوبر ۱۹۶۱ع تي قلمبند ڪيا ويا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

اڳيان عمر راءَ کي منهنجون زاريون آهن ڏڏر
لوئي سنڌي لڄ رک سائين مون سرور
اڳي عزازيل کي هو ڏايو تکبر
بادشاهه مون تي، برادي وڃي، پر دورک پرور
عاشق دوست انور، متان مون کي چڏئين.

3۔ متان مون کي چڏئين عرض ڪريان آئون
ڏڻي آجي دربار ۾، ٻڌيو هڪ ٻانهون
ٽِڻي ماڻ تکي ڪانڌ ڪا، ڪيدان ڪڍيائون
مارئي کي ملير ڏي ڦوٽي مڪائون
باغن ۾ برادي وڃي، نبئي چوڪر چڏيائون
ڪيرون ڪنيائون، مارئيءَ جون ملير ۾.

4۔ مارئي شهر ملير لاءِ ڪري عرض اپار
لاهه زيون ضعيف تان، ست پيڙها سردار[1]
سون جيڏيون ملير ۾، اُٺ سرتيون ڪن سينگار
آءٌ ڪڏهن وساريان ڪينڪي، ويڙهيچا وينجهار
جيڙي لاهيندين، جانو چئي، وڃي مارن جي ميار
پهچان آءٌ پرار، تنهن ٽوروپانيان ٽرتي.

5۔ ٽوروپانيان تنهنجو ٽرتي، عمر! ڪريج احسان
پنجين ۾ مان پنهور جو شرف رکج شان
آيو ڪاغذ قريين ڏانهن پرين جو پروان[2]

6۔ ڪڏهن چڏيندم ڪينڪي، درواڻي ديوان
جيرا ڪر، جانو چئي، پڙهنا سڏائين سبحان[3]
اُمت تي احسان، ڪندو پاڻ ڪارڻي.

---

[1] زيون = تڪليفون
[2] پروان = پرواڻو خط
[3] سڏائين = سڏائين ٿا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

باب اٺويهون

باکڙا شاعر

باکڙن مان جيڪي شاعر ٿيا، تن مان 'وٺ' ۽ 'عزت' جا بيت اسان کي نابينا سگهڙ پسند فقير باکڙي کان مليا ۽ سندس اڪيلي روايت موجب اسان قلمبند ڪيا. وٺ ۽ عزت ٻئي عزيز همعصر هئا. ان وقت جو ٻيو هڪ شاعر ناروا وٽمائي هو، جنهن جي وٺ سان بيتن ۾ ڏي وٺ ٿي.

وٺ باکڙو. وٺ باکڙن ويڙهل ٻگوٽ جمن باکڙو. تعلقو وندر. نزديڪ جبل پب نوراني. علائقو تاراضي جو هو. انهيءَ ڪري وٺ جي ٻولي ۽ ڪوهستان ۽ ٻيلي جي محاورن جي آميزش آهي. حالانڪ شاعر وٺ جو شعر ڳٺوڙڪي ڪوهستان جي عام مڪاني محاوري ۾ چيل آهي. اسان ڪوشش ڪري وٺ جي بيتن کي انهيءَ مڪاني محاوري جي اچارن موجب لکيو آهي. انهيءَ لاءِ ته ڪوهستان واري سرحدي محاوري جي مطالعي لاءِ هي مواد هڪ نموني بڻجي.

شاعر وٺ جو ناروا وٽامائيءَ کي جواب

سگهڙ پسند نابينا خبر ڪئي ته: تيل گزيڪ جي مڪان وٺ هڪ ٻئيءَ جي سنڊ مان حب جي نئين ۾ هڪ وڻ موريو جو ڪنهن به ڪوٺ سجاتو. جي ان جي ناري پيچي ٿي آيا ته به سڪي ڪاڌي ٿي. ناروا وٽمائي پاڻ شاعر هو. تنهن وٺ باکڙي کي (شايد شعر ۾) نياپو موڪليو ته "هنن اهجاڻ سان جو هي وڻ موريو آهي ۽ سُڪي نڪو سو سجائي ڏي انهيءَ تي وٺ جواب ۾ بيت جوڙيا ۽ چيائين ته هي بيت وڃي ناروکي ٻڌايو ۽ پوءِ چئوس ته وڃي وڻ ٽهاري.

ناروا هي بيت ٻڌي وڻ ٽهارڻ ويو ۽ وڃي ڏسي ته سڪي ويو آهي. وٺ وڻ متعلق هي بيت ناروڏانهن چوائي موڪليا هئا ته:

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

1ـ موري وڃ ويري مان، پيدا ٿي پيو [1]
ينهن کي اوڙي پاڙي اندر تان، بيلي ناڻ پيو [2]
تنهنجي ذات بہ ظاهر ٿي، جي سچا تو هو سو:
تہ ڪنهن جو ڪر ڪائي، ڀرپن ڀرتا نڊ پيو [3]
مو دونڊاڙي ڏوم جي هو ظلم ڪئي زوريو [4]
تنهنجو رس سڪي روه تي، سچ تي شيٽيو [5]
ري ڪلا ڪان ڪينکي ماڳان هوند موريو [6]
پنڊر هڏهن ٻيو، پر ڪو بنه سجائيس باکڙو چئي.

2ـ بنه سجائن لاءِ باکڙو چئي، هوندو وڏو ڪريانس وس
نئن پرائي ءَ مان نڪتو، تو ڏوران ٻڌائس ڏس
نہ ٻڌن ڪهڙي رت ڪائي ءَ جي، ڪهڙو رگ ۽ رس [7]
عهد علم سين نہ ڪجي، برو بحرين بس
جت چاڻوئي گڏ ۾، غافل لهي نہ گس [8]
رستو اٽن رب جي آهي واحد سندو وس
اکر پڙهيو عقابر چئي، جئن ڳري نہ قلمان مس
پوءِ جي تنهنجي جس جوري پنين ڀاڻ پوري ڪري

3ـ ڪو سائجين ڪين تو، سو سون کي ڏي سماءِ
سڪي ءَ تي سامائين، نہ وهين تران تو واءِ [9]
جر ري تو جلبا ڏئين، ناهي ڪو پائي ءَ جو پساءِ
نئن مان چئي لاءِ مورئين، آيئ سنڊ مان ڪهڙو ساءِ [10]

---

1 وسري مان - جهنگ مان
2 اندر تان - پرياوت تان
3 نانڊ ٻيو - تان تر ٻيو
4 دونڊاڙي ڏوم جي - طوفان (ڏوم) جي سخ لوڏي زوريو - چاٽيو
5 شيٽيو - سڪو - ڪوماڻو (شيٽ - سڪڻ - ڪوماڻجڻ)
6 ڪلا - ڪلان - قدرت
7 نہ ٻڌن - نہ جاڻان - الاڪجي
8 گڏ ۾ - پاڻ ۾ - جي ٻوڌان
9 تران - هيڻان
10 جئي لاءِ - جا لاءِ سنڊ مان - ٻڌن وجان

جيئي سنڊ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

چئي: "جتي جاءِ جوڙڻ جي. اتي ڏئي ٽوا مر الله"
ڪيان آهئ پاڻهن پڙيون. تيو آهين باغ بناءِ؟
بيوءِ تہ نمونو ناه ڪو سندو ٽوسياءِ [1]
ڪني پڌ پڙاءِ جو آهئ ڪوڻ ويناءِ [2]
مايڙ ڪا ماڪ ٻڌ! آهئ ڪو سگ سماءِ [3]
ڪڍي ڪر پر پڌري. اهڙا چرت ڪري چيلاءِ [4]
وائيءِ ٻوءِ. وڃ چئي. ٽون ڀگالهائيندين سني ڀگالهاءِ [5]
اڙيان جو ٻيلي الله. آهن حڪم جنهنجي هٿ ۾.
وڃ جا باقي بيت جدا جدا عنوانن هيٺ ڏجن تا.

حمد

مالڪ ڏاڍي ملڪ جو الله جو آهي
جوڙيو جنهن جهان کي عالم ايائي
روءِ زمين کي رزق تو پرور پهچائي
تنهن وڃ ڪوڙ خزاني ناه ڪا. جي هزار هلائي
تنهن وڃ ڪنهن پٽ ڪمي ناه ڪا. لکجي لٽائي
متان ميڙنهن ملڪ تي. واحد وسائي
ڏس ڪڪ ڏاڍين مان ڪيترا. ٽو مولو موڙائي [6]
وڃ ٽڻ وليون. جوڙي ڪليون. ٽو ڇڏ متان ڇائي
سو باغ بناتون پٽوئن پٽين جا ٽو ميوا موڙائي
گڏ خزانا. مازيون منارا. ٽو ٻنگلا بنائي
سو سارو ڏونگر سون ڪري تہ به جل شان جڳائي

1: توسياءِ = تو جهڙو
2: پڙاءِ = پيءِ
3: مايڙ سا
4: پر = پري چرت = لڪ ڇپ
5: وائي ٻوءِ = وائي ٻئو = ڀگالهاءِ
6: ڏس = جبل جو ڳاه = ڪڪ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ويج طبيب. وٽ چئي. هو حڪمت هلائي
قلم حق بر قادر جي. ٿو وڻندت وهائي
الله جو آهي. تنهن سين ٻيو ڪلهو هٿندو ڪونڪو
وڏائي واحد جي. ٿي جڳائي جنهن کي
منڊيو ساري ملڪ جو آهي تنونکو[1] تنهن تي
سو سڪا پٽ ساوا ڪير مولو مينهان تي
پير. وزير پادشاهه اتي اوليا هٿا اڳي
اگهان مان سڳان ڪري ٿو جياري جڏين کين[2]
پڙهي ڪنهن نه پڄائيو ڪاهي قصي کي
اهڙا ويري وٽ چي. ڦرن زهري زمين تي
تن کي پلي ٿو پاڻ ڏئي. قادر کيانرا ڏئي[3]
داران امر الله جي ڪو نه ڪنهين کي چئي
وٺيو رصارب ڪنان ٿو جوجڪ جهڙپ هٽي[4]
ڪٽان ڏاران ڪاريءَ جو. زهر نه زور ڪري[5]
جڏهين ٿو پاڻان پجائي. تڏهين آهي جهور[6] ٿو جڳاندو

چنڇر ساريم سپرين

چنڇر ساريم سپرين. آچار مان اچن
سڳوري سوماري جي. گهٽو مون گهرجن
اڳاي پرين اچنا. اريع محب ملن
خاصو ڏينهن خميس جو. ساهه سنڀون پرين
جمعي جانب ڄڻي مان. ويرتو مرن

---

1. تنونکو - منار
2. يعني اگهن سان مان سڳهار ڪري
3. ڪانرا - ڪينا. ڪٽي جا تنيجا
4. جوجڪ - لنبي ٻاڪ
5. ڪٽان ڏاران يعني ڪٽيءَ ڪان سواءِ
6. جهور ٿو جڳاندو - مرض پورو مارينڊ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

اکيون عجب عجيبن جون. ڏانڊا جڻ ٽمڪن
ڏند ڏسڻ لائق ان جا. جهڙا موتي جهڙڪن
ٽڪ نڪائو تن جو. چتون چهنب چون
چپ چتايل انجام پرين مرڪن
هٿ هلڪا هوتن جا. پٽوا پير سندن
سينو سونهڻو سڄڻين ڪڙوچو قربين
لات ڏاڻي گهاڻ ئي ڏمجي. پيشاني پرين
ست ڪائي نئون سنهڙي. چابڪ چيلهه هين
سي نراڙ مرڙ سونهڻا وامينگ وار سندن
ميل بان ڪتوري نئون مٿي هٿي انگ جي چت اهاين
لونگ ڦوٽا لائق تن جو جهڙو واس وٽن
ٽهڙي صورت سونهڻا. جنڊيه جوڙ سندين
سر ڪنڊ تار سانبيٽ جڻ ٽاڳل ڳن
عطر ڪيڙو آئيو جڻ ٽاپاڻ مرپاهو وجهن
جهڙو واس وٽن ٽهڙي ڀُب سرهي هوتن
صدقي نبي جي سر جهانين مرپيا مينهن ومن
جوپ پاڙون جرمان جر ٽيون پيو پوچ اُجن
تر ڪورين پيرين ڪڪريون سي ٽيون پور ڪريو پڪن
جال وڻ جهنگين جا. سي ٽابر مربودون ڪن
جر ٽيون پپ منجهان پيدا ٽين تر جي ڏسو واس ولين
ليکيان ليکي ڪين. پڃان ساري جي سگهجن
تان ويچارسين. 'وٽ' چٽي. اهڙا به جهنگ جهڙين
پوءِ اکر جن آهن. تن کي سلا سونهن سڙا.

سرسسئي

ڪرڙا ڏونگر ڪه گهٽي. وائين ونگاور
پياس ڪنا پٽهون جي. خبرون خبر

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ت: ڪو جت وڃي ويا جوءِ تي. آهيان ويڻي منجهه وڇر
سا اڇيو هلي تي هيڪلي جنهن جا جشن ڪين جڳر [1]
تنهن کي اڇيو مائهو متين ڏين. صلاحون سڪر [2]
ت: تون چو ناحق نڪرين منجهان سرتين جي سڳر!
پنهون اينڊوءِ پائيين. پوندي خان خبر
پڳاڙ نهار. پولڙا. آهين واتين تي وانر [3]
بانهون. سينهن بٿين ٻر. جترا ڪن چڪر [4]
ويڻا آهين واتين تي. ڪن هاهوڙا هاتر [5]
اهڙا جئوڙ جهنگين ٻر ڪن جوسون جناور [6]
ڻ. روءِ. رڄ گهٽي. بيگانا آهن ٻر
پائي پڄي ڪونڪو. پيئي سڄ ٿر
ٻراهمڻ. ٻاڪڙو چئي. ماسي هلي ٻر
هڻس پيرن جي پڪر. نه ته ڪيئن ٻڌن ڪان بچئي [7]

هن ساڳئي بيت جي ڳڙيءَ جو بيت. جو شايد 'وڻ' (يا ڪنهن ٻئي شاعر) جيو. اسان کي هن طرح اڌورو ملیو ته:

ڪرڙا ڏونگر. ڪهه گهٽي. وڻ آڏا وڻ
سوريندي رات سنگهر ٻر پنهونءِ ڪارڻ پٽ
برفت بوند بلوچ جي. آهر اندر منجهه اگهٽ

هيئين بيت وڻ جو اسان کي حاجي اسماعيل مونڊري ٻڌايو. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته سئي جي سر مان وڻ گهٽا کي بيت چيا هوندا:

---

1 اڇيو هلي ٿي - آڇيو هلي ٿي (ا). جشن ڪين - ٻري هٿن ڪين
2 متين ڏين - متيون ڏين (ا).
3 پڳاڙ - پکيڙ. نهار - ڪنڌ. وانر - پولڙا
4 بانهون - ساهون. بٿين ٻر - ٻولڻ ٻر. جترا - جيئا
5 هاهوڙا - هل ڪوڙ. هاتر - جراغ
6 جئوڙ - مرون. جوسون - جوش
7 يعني ڪير بند ڪان بچي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پانيڻ ٻاروچل جي نماڻي نه نيائون
جتي مستي مئي سي ڇتر ڇڏيائون
اُڇيو آڏيءِ رات جو ڪشالا ڪيائون
تنهين رات تڪڙا سيڻ لڪ لنگهيائون
مئي پنهون پاڻ ۾ جيئن جدا ڪيائون
لکيو لوڙيائون وري گڏيا هٿ روڻ چئي.

مارئي

پنهوارين جي پڌ جواڃان ان کي آهو آه[1]
تنهن کي آڻي عمرڪوٽ ۾ جانب ڏني جاءِ
ته هيرين محل هندورا. مر ڪاڄ ڪنڊون ٿي ڪاءِ
تان پي مارئين کي من ۾ اها نه ست سينباءِ
بندياڻي باکڑو چئي. جهليئه ڪهڙي عمر گناهه
هاڻي ٿر تي ٽورو لاءِ. سمجهي ٻالهه سومرا!!

مومل راڻو

1- اڳي مومل مينڊرا. ڏس را ڏنياءِ
سا جهلي ٻالهه جي ۾ ڪئي مومل معاف کياءِ
نه شڪ شومت شبهو کز به ڪانه بياءِ[2]
هتان ونسي هن کي پاڻان ڪين پچياءِ.
ڪه جاڻان ڪير هڪا ڏوران تي ڏٺاءِ
هيڻي ان حرف جي. ڪن ٻيا سوڌا ٻالهه سندياءِ
بندياڻي جي باکڑو چئي. هوندءِ وڃي واکاڻ وڌياءِ[3]
جڏ نروا ٻالهه نه کياءِ. تڏ پڌرن وڃهي هياءِ ٻهر ٻ[4]

---

1 آهو - آسرو.
2 کز ٻوڙ = احساس تيڻ
3 هوندءِ وڃي واکاڻ وڌياءِ - هتهين (خواه مخواه) وڃي مشهور ڪيئي
4 جڏ نروا ڏ الخ يعني جڏهين تو ٻالهه جي پوري صفائي نه ڪئي (نروار نه ڪري) ته مومل ساڻ ستل شخص کي جاڳائي جاڻج نه ورتي تڏ انهيءِ قصي کي ماڻهن ۾ (ٻهر ٻا) پڌرا ونه ڪرين ها

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

2_ ااڇي مومل مينڊرا! ڏسي رات ڏنايم[1]
سا جهلي ڇالهه جي برڪشي مومل معاف ڪيايم
تہ نارا ڇيڻي نڪاح جي هڻي سائي منڊ سندايم
جسين تي جنيڙي ڪنا، ڪ سوڌا شات نہ ڪيايم[2]
وتنءِ حرف رکن ٿا هيڪر وعاقل ڇالهه اهايم:
'جو مومل پي ماريايم — پاڻ پي جهلي جهوريءَ ور وڏيوءِ'

3_ ڪاهي آيين ڪاڪ تي رمز سي راڻان
کهڙو دانهه دل جو پارس هڻين پاڻان
ڪيڏا ٿو جا ڪاڪ برهڻا هاوڻان
وڪ وڇاڻ سين، وٽ ڇڻي، جاتوئي ڪين جاڻان[3]
سوڌا سياڻا، گجر جوءِ آهين گسريو.

4_ ڪاهي آيين ڪاڪ تي، ڪر هو ڪٽڪايوءِ
مومل جي ماڙيءَ ور شرهون شڪ پيوءِ[4]
جشن پانجيءَ جوءِ تان، ورڻ نہ واجب هوءِ
وڪ وڇاڻ سين، وٽ ڇڻي، ڏاڪو ڏايوءِ
ڪر ڪي ڪٽ لايوءِ، جئن موتي وڻين مينڊرا.

5_ ڪاهي آيين ڪاڪ تان، ڪر جتائو ڪيوءِ
مڙس مثل ماڙيءَ ور، ڏوران ٽي ڏٽوءِ

---

[1] ڏنايم ڪيايم - ڏسياڻ ڪيائين. (م)

[2] جسين تي - هنين ڏي، شات نہ ڪيائين - پيار سبب الهندڙ مناسب نہ ڄاتئي. جوندا: هي، شئي
مونکي شات (ياشات) نہ ڏي ٿئي، يعني تہ ايترو قدر پياري آهي جو ان سان الهين ڪرڻ ڏي دل نہ
ڏي ٿئي. ٻيلي جي برلي جو هي محاور "شات نہ ڏيڻ" ڪٿهن حد تائين سنڌي محاوري "ڪش نہ
اچڻ" جي مترادف آهي.

[3] وڪ وڇاڻ - وڪ وڇاڻڻ - ڌڻ ۽ گسڻ. گجر جوءِ آهين گسريو - گجر (مومل) جوي تہ ٽين پليو
آهين (گسڻ - پلجڻ)

[4] شرهون - سريهون. جشن (جيڪر ڪي ٻيئن) پانجيءَ جوءِ تان - هتن. ورڻ يا موڪل پنهنجي ڏاڍ
وڻڻ.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سوڪ وڌائي وٺ چشمي، جي پير پائي پڇيوءِ
تہ ذات تنهنجي ظاهري چي (تي) نالو نروار (ر) ڪيوءِ
پوءِ مائو نهيوءِ ٿي مينڊرا، هٽ هنين تي هوءِ
هاڻي گر کي ڪٽ لايوءِ جشن موتي وٽين مينڊرا

عزت باکڑو:

شاعر وٽ جو همعصر، هم قوم ۽ هم وطن شاعر عزت باکڑو هو. جنهن شاعر وٽ سان منهن مقابل ٿي بيت ٻڌا. پسند نابينا چيو تہ: وٽ هيئين 'ست سري' ناهي. جنهن جو جواب وري عزت باکڑي ڏنو.

مارئي پليجو مارئين تي ٽٽا ڪري ڦر
سئي ٻڌو سندرو، جنهن گهوريا ڪيا گهر
موسل چڙائي مينڊري، تنهن ڏاڍي ڏک ڏمر
سهڻي گهڙي ٿي سير ۾، جتي هئي درياه جي ڏڏڪر
مجنو عاشق ليلي جو، جنهن جا اڃا ٻيٽا آهن اڪر
هارتا ليلان هٽ ڪيو، ڪري لاءِ ڪٽر
موڪي ۽ متارا ماريا، ٻنهنجا وهان ڏيئي ور [1]
ٿوريئن چام نوازيا سمي کان بڪر
واءِ وينجهارن وٽ چئي، تن برڪاهي ڪٽر [2]
سيني منجهه سکر، پانيو تہ قاعدي تي ڪاهي هئي؟

شاعر عزت باکڑي جواب ۾ چيو تہ:

مارئين؟ ڪي به مارئين جي، ڪانہ هئي خوب خبر
ما آندي هئي عمر، ڪري زور و زوروار
ٻڌون چاري پٽيري ڏي پٽين تي پنهور

---

[1] وهان = ويهہ — زمر
[2] واءِ = ونءِ ڪاهي = ڪهڙي (م)

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سسئي بہ سمهي جاڳي تہ ڪيچي ويا آهن ڪر [1]
سا اڄي هلي هيڪلي. پنهنجو واجهائيندي ور
چئي: پنهون نياڻون پاڻ سين. ڪنهن حيلي حال هنر
سا درياه پسي نہ ڏهلي. آهي سونهين مجهہ سنگهر [2]

تہ: اندر باغ بناءِ تيا. ڏرتي پٽياس در
مومل راڻو سمت ٻڌاسين بيشڪ برابر
سوڍي ڪي تنهن سرجي ڪل نہ پيئي ڪر
سامي تنهن ڪي سيکاريا هزارين هنر
سواڄي سهڙيو اوجتو. دانہ لاهي در
تڏ ڏسي مڙس مومل سين. ڪري ويو ڏک ڏمر
سيٺي گهڙي تي سير ڪنهن عشق جي اوسر
تنهن ڪي محب ميهار جي. هئي اڳي تان آدر
مجنون عاشق ليلىٰ جو جنهن جا اڄا ٻينا اکر
ليلىٰ پٽ مجني تان. وڏا ڏنا ور
پڙهي ڪنهن نہ پورا ڪيا علم جا اکر
الله جي الک ڪي ٻي ڪنڊي نڪا ڪر
مان پُر پچائي ڪانڪا. مونکي خاشي ناهي خبر [3]
ارڪانان پر. عزتڻ چئي. آهي سئي سرس سکر [4]
ڪي سخي آهن سخا جا ڪٽيو وڃن سامانا ثمر
ڪي هليا وڃن هيڪلا. پنهنجون گاديون چڏيو گهر
الله جو آڌر هوڻ ڪي شل در ڏيکاري دوست جو.

1: ڪر - ڪاهہ - ڪاهہ (م)
2: درياه - حب ندي. سنگهر - ناڙو ڪان جو.
3: پر - پري
4: ارڪانان پر - ارڪانن پر (م).

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باب ويهون

موندرا شاعر

موندرن جي قومرلس هيلي جي ڏکڻ الهندين، سرحد تي ڳوري گجري وندر ۾ ڪارڙي کان ويندي ڪراچي تائين آباد آهي. سندن قومي روايتن موجب موندرا سومرن جي شاخ آهن. چون ٿا ته سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت جي زوال جي وقت خفيف نالي سردار بارن طرف آيو جتي برفتن ۾ شادي ڪيائين. انهن سندس پٽ هوتڪ کي ڳوري ۾ گجري (لس جا ايرندين علاقا) جو سردار ڪري موڪليو. موندرا هن سردار هوتڪ جو اولاد آهن. هن پوئين ويجهي دور ۾ موندرن مان يوسف، عمر فقير ۽ اسماعيل شاعر ٿيا. جن جو احوال هيٺ ڏجي ٿو.

يوسف موندرو

يوسف پٽ جمال موندرو ڪاڙي ناڪي جو ويڙل هو. سنه 1943ع جواني ۾ ئي 35 ورهين جي چمار ۾ گذاري ويو سندس سوٽ. سگهڙ حاجن پٽ چاڪر خبر ڪئي (۱) ته: يوسف اٽيون چاريندو هو. پوءِ هڪ به بيت چيائين. جنهن تي قاضي چيس ته تون قرآن شريف پڙهه انهيءَ تي ٿوري وقت ۾ ئي قرآن شريف پڙهي پڄايائين. مگر جيئن ته يوسف جي چمار اٽين سان گذري هئي. انهيءَ ڪري عام ماڻهو کيس "جت" سمجهندا هئا ۽ کين يوسف جي لياقت جي پوري پروڙ ڪانه هئي.

---

۱ حاجن جو حوالدار سان سنه 1951ع ۾ ميان نبي بخش موتيري جي دڪان (ڪنبار واڙو ڪراچي) تي اسان جا ملڪا ٿيا. ۽ ميان حاجي مشيمان موتيري جنهن جو ان وقت سڌر (ڪراچي) ۾ ڪپڙي جي ڊيڙي جو دڪان هو اسان کي لس هيلي جي سگهڙن سان ملايو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

يوسف اڏڻ عام ماڻهن ڏانهن پنهنجي هڪ بيت ۾ اشارو ڪندي چيو ته:

سڳ منهنجي سلڪڻي آهي بصران رڏويت
ماڻهو هن ملڪ جا چون "جوسپ" آهي جت

يوسف خليق ۽ خوشي طبع جوان هو. حاجي پنهون (پٽ حاجي نوروءَ جوهوندرو) ڪالهه ڪڻي ته يوسف اسان جي والد جي واڻ تي آيو ۽ حاجي نوروءَ جاڻهه ڏنس جا پيتائين ۽ پوءِ هي بيت چياٿين جو مون خود شاعر يوسف کان سڪيو:

چاءِ گرم چڱي آهي. مٺي سٺي واءِ سنڊياس ميڙ مٺائي
حاجي نوروءَ همت ڪري منڊل مرد مڃائي
پنهونءَ پنهنجي پيءِ سان. ٿي صلاح سامائي
بَردا پَرتان پاءِ جي ٿي هوتل شير هلائي
هاها قاضي همت مردان ۔چورنگ بنائي
تنهن تر ندائيءَ نالير ي ورن واءِ ڪٽائي[1]
پائيءَ ڪوندين ڪوش پريو تا پين آب اڃائيد
ڪن صحا مومن غازي تا هلن خير وات خدائي
سا وانءَ موري ويءَ تي. جا هوندي سڏائين سائي
تنهن تي نوڪر نفر ڪيترا ويٺا آهن واهي
بج پوکيو هارين پريو تا گونپ ڪن گاهي
مِري مُوريءَ مصالحي واهه جي چڱي چنهڻائي
واڳڻ هبرڻ وانءَ بر تا چانور ڪن چانئي
پيرين پيرين هور ٻڌو ڪيڙين ڪر نه ڪائي
ونين موري ور ويڙ ڪيا قابو ڪير اچائي
ڪين چاهين پيتين ڳڙهين ڳرتر ڳيرا ڪوٽين ڪنڊ ڪنياڻي

---

[1] نڪائي = همٽڻ جو ويڙهه — قديمي ويڙهه ڪٽائي = ڪٽائي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

چار چمين صوف گيدوڙا پيا ڪيئي ميوا مٺا تڏائي
تنهن تي پادي واسطي پنڌڪ جي تا پيرا ڏين برائي [1]
لالچ خاطر لب جي هڪو آهي طماعي
ڪائي تنهن مان خوش ٿيا. تا ڪن دليان دعائي
ڏئي تنهنجا دولتمند ٿيا ڪاڇ ڪٽيا ڪائي
پاڙو تنگ پنهواڻي جو جنهن جي واڙي رب وڌائي [2]

مشهور موندرين جو آهي نالو تنگ سچائي
ڪين مال حلال جوڙا ڪريو ڪن ڪمائي
آءٌ چٽ چاڻان ڪينڪي مون کي اهامت آئي
عقل هٿوم ايترو اجاڻ ڪيام صفت سرمائي
رب ستار واحد غفور گولو آئون گناهي
تو پان مرهيندين بادشاهه تو ميان پاڻ مڙائي
ٽيو جڳ انعامي. جو سب چئي. ڪئي صاحب رب سڃائي
ساڻ ڪلمي جي سچائي. ميڙو هي مڃڻ ٽيو.

حاجن حوالدار چيو ته سنہ 1914ع ۾ هڪ انگريز ڪمپني لس ۾ مڪران ۾ تيل جي ڳولا ڪئي. آءٌ ان ڪمپني ۾ حوالدار هوس ۽ يوسف سپاهي طور پرتي ٽيو ۽ اسان سان هگور گڏجي هليو. اي سپٽ جي پٽ ۾ بيمار ٿي پيو ۽ تپ جي حالت ۾ هڪ بيت ٺاهي. مون کي سندس امڙ ڄاڻڻ جو تياپي طور چئي ٻڌايائين ته:

حاجن حوالدار حال ڳڙهيان ڪن. ڪرين جي ڪا
سڳ ۾ ٽيون سوت سپيني. پر آءٌ تو ياڻيان ۽ پاءُ
خاطو موڪل خير جو ڪو ماڻهو ملڪ ڏانهه
سؤ سلامين سنجٽ سنيهڙا نيئي منهنجي ڏجو ماءُ

---

[1] پادي - پاڙو (ما) پنڌڪ جي - پنهنجي. پيرا ڏين ڏيارا ڪن. برائي - برومي.
[2] پنهواڻي - پنواڻي موٽيارا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ت:اچي ڪونہ اسان ڏي اوهان جي وطن جو وا،
"جتي ڪيرتي پير" پنهنجا پسڻ لاءِ
ناريان ساريان ورنہ وساريان. ڪريان عرض الله
شل سانبي سلامت پسان پنهنجا جڙيا جاءِ بجاءِ
اتي سنيو سڪيو جنڊڙو هتي هنيون پيرڻ بتالا
راتو ڏينهن روح برهون کي تات تنين جي آه
ڪيام جانب جاد. جو سب چئي. مون کي پريين پسڻ ٽيا
پلپل پڪارون ڪريو منهنجو ٿو اڪيري ارواح
'سپٽ'. 'تتڪو' سڪ نہ آيا مون کي هت وهڻ ورهيہ ٽيا
ڪہ ڪٽيوئي ہن وجهان. مون کي جي هڙي ڪل ويئي هئي ڪا
پر وس هت پساءِ. هت وڃي جوت جلوي جوان ٽيا.

يوسف جي بيتن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن پڃاڙي واري دور ۾ يوسف بيلي جي ٻين سڀني ننڍن شاعرن ۾ وڏو شاعر هو. سگهڙ علي محمد مگٽهار چيو تہ: ڪارڙي، ونڊر ۽ سنگهر جا پرا ۽ موندرا سڀ چوٽڪو تہ – ٽڪا شاعر آهن. انهن سڀني ۾ يوسف وڏو شاعر آهي. ا. هـ

يوسف جي بولي ۽ بيلي جي ٻين سنهن ٽلهن شاعرن کان وڌيڪ فصيح ۽ شستہ آهي. پنهنجي اڪثر بيتن ۾ قبر، قيامت، نبي صلعم جي شفا ۽ واحد جي وڏائي جو ذڪر ڪيو آهي. سر سسئي. ماڻي ۽ مومل راڻي ۾ سندس گهڻا بيت چيل آهن ۽ صفت ۽ ساراهہ ۾ ۽ سندس بيت جهجها آهن.

پسند فقير نابينا کان ٻڌيون دفعو اسان کي يوسف جو شعر هڪ آيو. ان بعد خود يوسف جي سوٽ ميان حاجن سان مارکا ٿيا. جنهن کي يوسف جو گهڻو گن ياد هو. هيٺيان بيت ميان حاجن پسند باکڙي مينهن وسائي موندري ۽ الله ڏني موندري جي زباني قلمبند ڪيا ويا. بيتن جي فصلن وار ترتيب اسان قائم ڪئي آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سرسئي

فصل-1

ڪيڇان ڪيڇي آيا، ڪيو قافيلو ڪيڇين
تهڙا ات انهين، جا، جهڙي جوڙجتن
سي پرياشهر پنيورتي، لاهي بار بوتن
سي ڪولي ٽل ڪتوريا پيا چارين ڪي چانگن
تهر سجوئي وسيو هواوگاري اٽن
عطر، مشڪ، عنبر مان سرپيا بوندون ڪن
وينا خان خوشحال ٿي، ڪيون اوطاقون انهن
هيءَ پي اڳيان وهي ان جي، ڏسيو ڪوڻ ڏيرن
ڪامڻ سمجهيئي ڪينڪي، جا ٿي ڪي بولي پروچن
هلڻ سندي هوتن ڪي هئي مدي ڪاجامن
ستي چڏيو سيج تي، ويساهيو وچن
تن جا آڏيءَ ات اٿي وياهن ڪي ڪرڪي نه پيئي ڪن
ساصبح جاڳي سڻي، ٿي ناري گهوت گهرن
هلي پٽيان حق جي، رکي توڪل تن
چئي: مران مورنه وران ڪيو ويچاريءَ وچن
دل منجهه درد فراق جا تن ڪي دونهان روز دکن
هي پي روشا (ات) رهن ئي ڪينڪي، راتو ڏينهن رمن
جبل چپر، جو سب چئي، وچي لڪ لتاڙيا ليڙن
آڏپاڻ اسونهين، پنڌ گهٽو هو پيا وٽڪار وچن
هاڙهي پب، هگور جي، هاڙهو ڳالهوڙي تاڪن
پچان شال پرين، منهنجا آهن بدل هول پروچ سين.

پيٽيون! شهر پنيور ۾، اهڙا ڪيچي آيا ڪي نه

---

* هي بيت پهرينءَ حاجن مولوي ڪان ۽ پوءِ مينهن وساڻي مونکر جي زباني (٢٦- آڪٽوبر ١٩٦١ع تي ليارين لس ٻيلو) قلمبند ڪيو ويو. شاعر يوسف مينهن وساڻي جو ناتو هو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هتان اچن سو مسافر سافر و. پر اهڙي صورت سي نه
اهڙي جوڙ جو سب چئي. هت آيا اُٺ اڳي نه
سي سڃاڻي مون سهي ڪيا. اوٺي اڻ ڏٺين
پنهون پائر پاڻ هڻا. مرها خوش سڀين
دست چُميو دوستن جا. قربٽون ڪوٽيون نين
حرصان هن وڃائيو. اوطاقين آٽين
گهوٽيا گلیمن ٽي. وٽيو ويهارين
تهاليان تنين کي ٽو دوست دلاسا ڏنين
طرحين طعام تيار ڪريو. خوشيان ڪاراٽين
مان پي خدمت منجهه ڪڙي ٽيس. ويهي پاڻ وٽين
قربانيون ڪيچين تان. صدقي نام سندين
گهوريا س. مون گهر آٽيا. اچي محب مليا مون کي نه
سي ٽاڪن ملاقاتيون محبتون. سرها ڏينهن سڃين
رات پچارون پنڌ جون. پلپل پورا چين
ڪاجا مڌي ڏيرن من ۾. ڏمر روز ڏاڍين
سي نشو ڏيئي نڳيا. رميا راه متين
پيالو مون بريت کي. جتين ڏنو جي نه
ٽ ڪيوم ڪشالو ڪيج جو سڳر هوند سائين
الله مان آٽين. وري پاروچا پنيور ۾.

* ڪير هانيڻ. ڪٽ هروچ. ڪيئن سي محب مليا س
لکئي لوح محفوظ جي. ويجي ڏونگر ڏيار يا س
انگ اصل ڪڻ اٽين لکيو هو. پوءِ پرتشون پيچ پيا س
سچي محبت دوست جي. رگ رچي ڪئي راس
ايڏا قرب ڪيچ ڏٽيءَ سين. يڪدل يقين س

---

* هي بيت بهرياڻين حاجن بٽ چاڪر مونڌري کان ٻڌو الله ڏني مونڌري ويڻل لياري الس پيلو) جي زباني قلمبند ڪيو ويو. شاعر جو سڀ مونڌرو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هينڊڑي هيرون ساريون. روح منجهه رمز رهياس
اکين اُڄ عجيب جي. تن ۾ تؤنس پياس
نيزا نازڪ نيڻهن جا. لنولنو منجهه لڳياس
وهه ۾ وادوڙي پوي جي. ايڏا عمل اُتياس [1]
درد ن ديڻا دل ۾. فڪر فاقيراس
اندر قت فراق جا. چاڪن چاڪ چيرياس
ساچي چاڻي هَلي. من ۾ مداملس [2]
جت مسافر. جوسپ چئي. سيئي سيڙ سنداس
ساجي پورهيت هانڀي پاڻ سين. رُڻي ڏير وياس
تڻ هِتي هُت پروچ سين. هودن سوين سهنج سرياس
نور هگور هور وطن ويجهه هئاس [3]
قسمت چڪ ڪياس. پوءِ براهمڻ ٻيا.

فصل.2

1۔ هاروچا ٻيا گهڻا. منهنجي جتن سان ياري
ياري مران پنهون، سان. شل محبت موچاري
همت حالين. مدد مولئ. مون کي ڏيندو توکل تياري
هٿين پيرين هوت بلوچين مان زرڪندر زاري
هر دم هيجان يارپريان ڏي. مون کي اکندا چاري
تن ۾ تاري يوسف ياري. مون ورجي ڪاڻ وساري
ورجي واڻي. ڪندي نلهائي. وهنت ويچاري [4]
عيب اهوجها. محب متئين تون. منهنجا مالڪ مختاري
هر دم هيڻي. مون ڪميڻي. آهيان بالڪل بدڪاري

---

[1] وهه = وجود
[2] هت سان هلي
[3] نور ۽ هگور ٻئي ڏيهون هور = نور ۽ هگور جي وچ ۾ سمنڊ جي ڪناري ٻيا ڳوٺ
[4] نلهائي = نلائي = اڪيلائي. وهنت = ونڊ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پونديءِ ٻاجھ پروچ کي سون غافل ساعت گذاري
حاڪم ھوت، ڪميٽيءَ جي ڪنڊ پنھنجي پوئواري
الله لڳ آري نيچ نماڻي پاڻ سين.

2۔ ڪٽي ھوندم ھير، جي جاني ساري جيءَ
ڏوريان ڏسان ڪونڪي، تن جي شان جيءَ
جدائيءَ جي، جو سپ چئي، ٻولي نہ فيريان پيءِ
ھيءَ پريت پرائي نہ ٽئي، جي ڪٽي ورھيہ لڳن ويھ
تنجي توھہ تڳان ٿي، جي شڪر اڇا آھن سيرين.

3۔ ٻاروچا ٻيا گھٽا، پر جتين جوڙنہ ڪو
سرموروساڳين ڏٽي، ھو ساجن سيني جو
ڏٽي ڏٽي دوست ڪيو، پنھنجو پيارو
دليان دوست نہ وسرمون وسان وڃارو
آھ ٻہ ڏوريان ڏسان ڪونڪو، ٿيڙو ٻاروچل ٻيو
انھين جوڙ جو سپ چئي، سومڻن کي پنھنجو پسڻ ٻيو
صحيح سلامت سو شل ڏسان آرياڻي اکين سان.

4۔ ٻاروچا ٻيا گھٽا، پر جيتن جوڙنہ ڪا
ھيءَ ٿي پرٽ پچائي جن لاءِ سي کھڙي وات ويا
رڙھي راھہ انھيءَ ڏيہ سون سي پانڊي پسڻ ٻيا
پاڙو سو پساءِ، سون کي الله آريہ چامر جو.

*5۔ ٻيلي پروچ جن جو وارث وسيلو
آري جاما اڳوارثي، ھو سيني سونھن ٽيو
سات سجو سبب تنھن جي ڪٽي مالڪ معافي ڪيو
سي پنڌ پوئياڻي ڪينڪي، تن سولو لڪ لنگھيو[1]

---

* ۵.۷ بيت حاجن ٻٽ جاکر موندري آوينل ليارين کان قلمبند ڪيا ويا
[1] پوئياڻي = پياڻي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

پر پايان منهنجو پنهنجو سين. هو انجام آخر جو
سو ويهي ڪيئن وساريان. جو سنگت ساڪاتو
جهڙي همت غريبان حال هماري تيئن وس ڪنديس واڪو
پر پيٽيون! شهر پنيور ۾. سونڪي وڃڻ ورهه ٽيو
آڪٿين ڪل ٽڪندي ڪينڪي. جنهن مون سين هيڏوهيج ڪيو
"جف القلم بما هو ڪائن" جاڻ ته اصل ائين لکيو
جئين لکيو تيئن پارٽو. صحيح سرتيون سو
پرجي آڻ جاڻي ته نه ٿئي. منهنجو ڪچو ڪيچين کو
هاڻي بخت کان ٿي پانڌيان. ٻيو کهڙو ڏيون ڏوه
جيڪو جاڳي. جو سب ڇڏي. مون جانب جاڏ ڪيو
ته هوت حياتي هردم هوند مون وٽان ڪين ويو
پر آڻ ناحق غافل ننڊون ڪيان. مون ويهي وساريو
جن ڏٺو تن نه وري. ڪُلوو جاڻيءَ جو
سو ڪرمن ملندڙ ڪِن ڪي. هاڻي ٻيهر ٻاروچو
هوت هون وٽ هي. پر مڏ نه پسيم سرتيون.

6- جيڪر پسيم مُڏ سرتيون هوند نه ڪُوڙهيئن
جاڳي جهليم بخت کي. هوندِ نيهر پاڻي نينهن
خدمت منجهه ڪڙي اُڀياس. منهنجو جانب سرچي جيئن
ساڪون سُخن. واعدا. هاڻي قول وساريان ڪيئن
جيئن سونڪي محب ملڻ جو. آهي ڏنو آخر ڏينهن
سو ڪنهن ڳل پاريان ڪين وساريان. منهنجو عهد پريان سين ائين
هي سيپ جبل جهوري. ڏونگر ڏوريِ ويندیس پار پرين
گهه منجهه ڪامڻ. بر برهمڻ. ٽوب ٽڪل کي ڏيئن
تنهن رامڻ رند پريان جي. ٽي مُنڊ وسايا ميڙهن
لڏاس گونڊر گهر گميڙهن جنهن سان ٻاروچي ٻاجهون ڪيون.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

فصل 3

1- پنيورن بار پئي، هيل کامڻ کپي
ساجن کارڻ سڻي، تي پچائي ڇڏي
ب براهمڻ باسي هلي، پائڻي تان نه پئي
جانب کارڻ جو سب ڇڻي، وڃي هاڙهي هاڪ هڻي،
هي سڀ هور لنگهي ويا، پيئي تن تڻي؛
سامونڊي منڊ ڀڻيان، پي روه رڙي
منهنجا ران مٿي ٽڻي، سنگهر ٽي سڻي
پسي تنهن پنهوار کي ساهڻي سحر ڪڻي
تنهن کي ماتا ڏرتي ماڳ ڏنو، ويڻي پٽ ڀڻي
وياس ريڪ رهي، وڃي ڪرمن ميڙي ڪانڊسين.

2- پنيوران ڇڏ پئي، سڻي سڏ ڪيا
سامانيارين ورتا ساري جنهن "هڻي" ڪيو هٿ هنيا
ٻيون سڀ ورن واريون، جڙيون جاءِ ٻجا
هي؛ ويڻي وندري ڪينڪي، لوڃي لعل لاءِ
ب براهمڻ باني هلي، تيڏهون ڪياءِ ڪاه؛
تنهن کي جوڻس جي ٻر، جو سب ڇڻي ٽي پليل پور ٻيا
ڇڻي: ڪرم ڪم ڪيا، نه تڪي پيادي پنڊ ڪري

3- ويڙهه ويل ڪيم ڪي، پڳ نه پوئتي پاءِ
جت بلوچان، جو سب ڇڻي، پيڇ نمائي پاءِ
ڪڇ پنڊ رند پيچرا، رڙهج اني جي راءِ
ست مرڇڏ ڇڻين دوست جو، جنهن وات ڪوهيار اوپاءِ
قابو ڪيج مڪران پرس سڻي ست رهياءِ
ڏس پرين جا ڏور پچائين، تنهنجو هوت هتيئي آءِ
سنگهر سڪ تياءِ ميڙئين؛ امر آرپائي؛ سان.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سٽي

1۔ سڪي سڳ ڪيوم لڳي ڪنبي لوڪ ڪان
سنگت سپرين جواپر منو تيوم
محبت هنيون مست ڪري ناز پريان جي نيوم
دوست دلاسو دلبر دل جو وچن ڏيئي ويوم
سرتيون ساڻ ميهار جي ڪڏهين ڪونہ ٽيوم
تنهن مبارڪين محبوب جون. روز ڏيهاڙي ڏيوم
جو سڀ جدائي نہ ٽٽي. پيج جنين سين پيوم
ٽي منع ميلين پانڌيان. نہ تہ ڏمر ڏيهاڙي چيوم
رستو روح نہ ٽڪي جو نازڪ نينهن لڳوم
هميشائي هوم. سنگت ساهڙ چارمسين.

2۔ سنگت ساهڙ چارمسين. لنؤ لڳيم لام
پلپل پور پراڙجن. من منجهہ روز مدام
دلبر دوست ميهار جون آهن پڪارون پيغام
هوت بنان من هيڪلي. ڪير هلندي ڪام
ڪاري رات. ڪچو گهڙو. جت جر وهي ٿو جام
ٽڪي سير سوند جي. اتي رسج وسر وريام
آءٌ پهچان مان پراڙ کي وڃي عاشق جي انجام
سون سين ميهر جام! ڪو پيغ ڪجئين ٻيلپو.

3۔ پيغ ڪجئين ٻيلپو. مون سين حاضر دوست حضرو
ناريان تو لاءِ نبوءَ ڪنيو. مون سين حاضر دوست حضور
محبت جو مست ڪيو تيس محب پرين مخمور
جوش جي ٻر. جو سڀ چئي. پلپل اچن پور
سو ڏيکاريم ڏيه ڏئي. دلبر ڪنهن دستور
تہ: ڳجهہ ڳرهيان پرينءَ سين وڃي من سندا مذڪور
فڪر منڊ فراق جي. ڪي ويچاري وڃنور
چت چريءَ چنچور. آهي ماندي محب ميهار لاءِ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

4ـ مانڊي محب مينهار لاءِ سهڻي منجهان سڪ
پيتائين پرين ۽ وتان ڪوتاز ڏيئي تڪ
تنهن پيالي ٽي پوري ڪئي. لالائي ۽ جي لڪ
ڪري لوڪان لڪ. وئي سنجهي گهڙي سونهٽي.

5ـ سنجهي گهڙي سونهٽي. جڏ ستو سپ عار
هن ڪي ڀاءِ پور پراڙ جو من هر روز مدام [1]
تنهن ويچاري ۽ ڪي واعدو ڏنو پرين پاڻ انجام
سا تڳي تڪ تڪ رب جي. بيوهوس سنگي ساڻ جام
تن ٻنهي سندس باجهه سين ٽيس اڳيون تڙ انعام
جنهنجو نيڪ نيشانبر نام هن بر لايو نينهن تنهن نيڪ سين.

6ـ لايائين نينهن نيڪ سين عشق اٽانگو
اونهو جي تانگهن. توءِ ڪونهي سانگو ساڻ جو.

فصل ـ 3

1ـ چري سونڪي چون. آءٌ پاڻ ديواني دوست لاءِ
ميارون مينهار جون منيون سي مون نه
طعنا تهمت پرين ۽ جا. پل هزارين هون
ڪلي سڃڻ مليا. پيا ڏجهه ڏيورون
سي جين شال. جو سب چئي. جي پاپ منهنجا ڏون
پڪارون تيون پون. من هر روز ميهار جون.

2ـ جن ڏٺو تن نه وسري. مٺو محبتي [2]
سو سنڪ سڏا هوءِ سونهٽو. گني گنوتي
هي ۽ جا رمز رتي. لالائي مان تنهن لال جي.

---

[1] ٻوءِ - ٻوي

[2] هن بيت کان اڳ ٽي ٻيا بيت به هن ڪڙي ۽ جا هاڻي جي وقت جي تنگي ۽ سبب قلمبند نه ٿي سگهيا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

3۔ لالائي، مان لال جي، اپر رتي ائين
من رتو ميهار سين. نند وساريس نيڻين
اڌڙا جوش جسي کي جوسب چئي جر منجهه لهريون جيئن
سا محبت محب ميهار جي. هائي سهي سگهندي ڪيئن
سچو ساٿ ائين. هو ويچاري، جو واعدو.

4۔ ويچاري، جو واعدو شل پرين سان پري
ساڌڙ بنا سهٽي، کي هڪ ساعت ٿئي سري
محبت جنهن جي من ۾ سا وچان ڪيئن وري
لهي مان مري، مهندان محب ميهار سين.

مارئي*

1۔ وٽا ميڻن مليرتي، وسي ٻيو وسن
سانگين وڻڙا سپرين، سي الله شال اچن
هاڪر جي حڪر جو ڪونهي اُهنڌو اُن
سي ساروڙ مليرء ۾، بيڻڪرا پوڻن
سي سپر سانبي سومرا، سيل کي سچائن
مون جهڙي مشتاق جي، من پرين ٻچا ڪن
قيد وهاريو ڪين ٿي، اڳي اشرافن
راجا! ٿون راضي ٿي، من کامهڙ پويئي من
ڇوڙي ڇڏ غريب کي، توجا جهلي جنجيرن
محل اڏائين، ماڙيون منڊائين. آءٌ تن ڪوهه ڪندي ڪوٽن
هنڌ وڃائين. ڪٽون پائين. آءٌ تن ويهان نه تختن
سون نه گهر جير سومرا. تنهنجون ٻانهيون وجهان هن
زريون. بخمل باڦتا. سوين ننگ مڙن
پر آءٌ هڏ نه اوچان انگ ٿي. هڪ لوئي ري لڳن
ست رچي منجهان سومرا. توجي ڪنيان نه طعامن

---

* راوي حاجن موٽاڻو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڏت ڏوڙا سان جي سي پيرون شال پچن
هر کونر. ہير. ڀاڳا. اهو گذر غريبن [1]
چونڊيو آئين مزا ماڻين. قوت تنين مان ڪن
سي پنهور پيٽيون. پکن ويٽيون. وڳر منجهه وهن
مڇ مينديون. چونڊ ويندیون. تن وٽ لويون لاک رچن
ڪٽيون ڪيس چگا ويس. سادو رنگ سندن
منگ ماشا. اوچين خاشا. سي پيون لوئي منجهه لٽڪن [2]
پٽ پايو. ويهن وچايو اوڍر اوڍيا اُن
سي پٻريون پنهواريون. هر دم هوشياريون. پيٽيون سان ٻڌن
سي فر فيرين. تور تنوارين. گهميو ساڻ گهيٽن
سي حرصان هليون. ڪنهن ناپليون. ڪرت موچاري ڪن
اچن اوريو. ڪن پورهيو. اهو سڻڪو ساهيڙين
سي قوت ڪريو. ڪانبا پريو ڏوريو ڏت اچن
سي پاڙي واريون. پريو پاريون. ڪير ولوڙيو ڪٽن
وائي سائين. وات اهائي. وسان نه هون ومن
سُتي رات. تن منجهه تات. ساريان سيڪنهن سات سپرين
آهيان، پيڻ ڪر مرويڻ. ميان مرپلج من
سمجهه سُجاڻ. پروڙج پاڻ. چوڙ اُماڻ. وڃي تيان سڳر سيالن
عمر ميان! جانسين جيان. تويهه ڪريان. ڏسي تنهنجا دنيا دولتون تن
تنهن تان لاهه جنجير. جو سب ڇڏي. مان وڃي پهچنا پنهوارن
هون ڏانهن ماروئڙن. ٻيا پي موسنيهڙا چائيا.

2۔ سانبي ساريم سومرا. مونکي ڏيه — وڃ ڏور سجن
ويهي تان نه ساريان. آهن مارو منهنجي من
هت نه هنيون ونڊي. ڏارن ڏارن
جدائي. جو سب ڇڏي. شل مرڇڏي (ڇڏي) ماروئڙن

---

[1] هر = وڃ ڪونر (بروهي ۾ مڪراڻي بولي) - هير جو وڃ
[2] منگ = اُن جو ٿيلهيل ڪوٽ. جو مڪران جي پاسي اوڍين.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مارن هاڏو مال سين. ڦرين سانگ ڦرن
اڄ ڪ سيان اچڻا. اُلي مان اچن
الو آبادي ٽيو ملڪ مارونڙن
ونهين ملڪ وسائيو وطن ويڙهيچن
ڪوڙيون. ڪرٽ. گدرا. چپڙ پوڄ پٽن [1]
آرن ٻج ٻني، ٻر، ٻنهور پوڪون ڪن
وڻ ٽڻ ڦل قليا. گل قل گولاڻن
تن جو گذر گولين ٽي جي چگي، رت رچن
آڻين ڏڪونرا. چڪن چڻونرا. مرڪن مزا ڪن
ٻير. ٻاڳا. چونڊي چگا. مونکي مڪا تن
تن سانبين ساري، ڏمر نه گهاري، ري، ٻنهور پاڙيچن
ڪنهن ڪل پاري، ڪين وساري، سنگت سانبيڙن
جن سان ياري، پر ٽئون پاري، طلب تاري تن
ساهلڙ هاري، وڃ واري، ٻيٽي تان نه بندن
بند نه ٻيهان. عمر ميان! تنگ نه جالي تن
چونڊيو سرتيون. آڻين گهر ٽيون. ڏوريو ڏڪ اچن
جر تر جيڏيون سڪ وسائيون. ملير مائيو تن
دردر ڏيٽيون. مارن ميڙين ٽيون مال ڏجائيون مرڪن [2]
اڻي اينڊر، اچي نيندر، وڻي مان وڃن
سي مون سندا. ساڻ چندا. ڪارڻ ڪندا غرض غريبن [3]
تن ڪي مشڪل جهلڻ. آهي پلڻ. رخصت رواجن
ڏک غم گوندر گهوريان. مون ڪي سڪ من ساڻ چن [4]
سڪيا سانگ سندن. من وڃي ساعت گذاريان سڪ جي.

---

1 ڪوڙيون - جبل جو "پانڌيرو" ناڻي وڻ جنهن جو ميوو "ڪوڙيون" جي گولاڻن جهڙيون مگر مٺيون ٿئن ٿيون. ڪوڙين کي رڌيندا. سڏيندا ٻ بن تن ڏينهن بعد اڇار ڪري کائيندا. ڪرٽ - ڪرتيون ريڙيون
2 ڏيڻ جمع ڏيٽيون = سونا ڳڻون يا ميڻهن
3 چندا = ٻيندا
4 چن = ٽين.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

3۔ سائبي ساريءَ سومرا. مون کي ڏيهه — وڻ ڏورتيا
منهنجا ماروءِ جام سين. هڪا پرتڻون پيچ ٻيا
ساويندي رهندي ڪينڪي. آهي هٽ نه گهارڻ گهاءِ
حق حوالي هيڪڙي. آءٌ اڳ مگهائي آه
ساورمٽي ٻيا ورڪندي ڪيڙي لالچ لاءِ
پٽ نه پرهيان سومرا. تنهنجو وگوتان نه سياءِ
گندي 'ڪيٽ' گهوٽ جي. لوڻي تان نه لجاءِ
ماءِ ماڏوئي. پٽ پاليئو. راڄين ڏيءِ جهليا
ڪر پلايون پيچ سين. تون عمر ٿورو لاءِ
سچ ڪريان ٿي سوگند توسين اهر ادا تون اصلاءِ
مون سٽيءِ جو سين پرين ٽيو نام سچو نراءِ
پٽ ٻنهي جو هيڪڙو. مون کي جيو ماءِ
سڪ سچائي ساڃاءِ. وڃي ملندي ماروءِ جام کي.

مومل راڻو

آيو ڪامل ڪاڪ ٿي. دلبر ڏوڪاري
عاشق ويل اچ جي. سا 'ڪير' هليو ٽاري
تيلانه مون پيچ سمهاري پرسان. اديون اوتاري
سوڃاڻان راڻو ريب ڏمي ويو درتان ديداري
پوءِ ٻڌيون طعنا بي انصاب جا. مون تي وڏ ڪيا واري
مون کي ڪاڪل پيئي ڪانڪا. ته ڪوهيڻ ٿو لڪيو ليچاري[1]
سو سوڏو مڪ وٽي ويو. ڏيئي ڏيڪاري
سو وارث ولهيءِ ڪاڪ کي من اچي اجاري
ٽئين اها اپاري هاڻي ڪٽي معافي ڏئينر مينڊرا[2]

---

[1] ليچاري - اوجتو بڪڙي (ليچارڻ - اوجتو جهلڻ)
[2] يعني ٽي (ٽئين) اها خطا اٽڪائي (اپاري).

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هيٺين بيت ۾ يوسف "قبر" جو بيان ڪيو آهي تہ:

ماڳ ناريو موصل، پٽي راتي لاءِ رهون ڪري
ساڻ ڏه پيرا ڏينهن ٻڌي ڪري مڏ سوڍل
ڪرهو واري ڪاڪ تي، سگهو موتين شل
هون گهر توسان مينڊرا ڪاچندي موچاري محفل
سي يار گڏيا، يوسف چئي، مهندان مقابل
تتي پوندئي ڪل، جتي خان پچندئي خبرون.

ڪاپاتي

1- ستياس سنجهيئي، اورڻ اڀياس ۽ ڪينڪي
هون ولهيءَ وساري ڇڏيو، وڪر سوڀيئي
ڪوڙيءَ ڪتو ڪينڪي، ارٿ اڳيئي
هوءَ آڏيءَ امور اٽيون هيون مرتيون سپيئي
آءٌ جو سب جاڳيس ڪينڪي، رات وهامي ويئي
ارٿ ڪتيان ٿي ايرو، پرهه ڦٽي پيئي
مالڪ مڙيئي، شل منهنجو واڻ ٽريوئي اڳهائيي.

2- اڻ ٽريوئي اڳهائيندو شل پورهيو پورهيت جو
سنجهي سر پر من ۾ هون ڪي سعيو هڪو سو
اورڻ وقت آڏيءَ جو هون ولهيءَ ڪنان ويو
هئي جاڳي هٿ هنيوم تہ جو پس ڪر ڪميٽي ڪيو
اچندي ٿي امور جو هون ارٿ آندو هو[1]
ڪريان ڪاپو ڪنبان گهٽو، هون ڪي تنهنجو تاڳ تو
ڪٽي ڪتبو ڪيترو پره ڦٽيءَ ڪان پوءِ
آٽو البت ايترو آٽورو گهٽو ٽيو
سوئي صاب پيو، جو هن اڃاڻيندي ۽ اوريو.

---

[1] اچندي ٿي - اڻندي ٿي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

عمر فقير موندرو

عمر فقير موندرو پٽ صديق جو. پاڙو اسحاق پوٽا موندرا. ويشل وانءَ لڳ ڪارڙيءَ جنهن سان سنہ 1951ع ۾ اسان جي ڪنيار واڙي (ڪراچي) ۾ ڪچهري ٿي. ان وقت سندس عمر اسي سال ڪن هئي. پنهنجا هيٺيان بيت ٻڌايائين. جي اسان قلمبند ڪيا.

1ـ الف ڪيو مراد ڏو ميم منهنجي من
پير منهنجو پادشاهه جنهنجا ڪاني ڏيه سڄن
هليو تنهنجي حبيب کي. ٿا سوين سلام ڪن
سنهن مٿا محب پرين جا. سون کي شال ملن
اکيون منهنجي ارواح کي سندي سڳورن
جي ٿا پڄن پير پريان جي سي موران کين منجهن
من اندر جا مشال[1] منهنجا کوليا ڪدر دومن
پڄرو پاڪ رسول جو سون کي پايو پرين
هيڏو ڳڻ گولي ءَ سين ڪيو منهنجي محبوبن
جن کي وحدت وائي وات مرسي هي نه هولي ڪن
جن کي دين ڪلمون ڏل تي. سي ٿا ايڏو رخ رکن
الهندي تان. عمر چئي. تي اڇي بوند پلن
سي نيڪ نڪهي نور ڏني. سون کي تيندو پلارا بهشتن
سون کي به رتو تن جو سون کيتي ڏٺا ڪنب تي.

2ـ ڪتي ڏيام ڪنب تي ڏٺون رگ رتولين رات
سون جي منکي مشاهندو لڳو هٿڙي طلب تات
قلب ذڪر ڪايارو. هي وحدت وائي وات
بيهان ڪيئن پلن ڏاران وڃان سڳورين جي سات
اُڪنڊي آهيان عمر چئي. جي ءَ پلي جي جات
جن ڏنوم ڏيج ڪلمون ڏات. سي سون ڪتي ڏٺا ڪنب تي.

---

[1] مشال - مشعل

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

3۔ ڪٿي ڏٺام ڪُنبي تي، هو سونهٽو رنگ سندون
ڏيٺي ريٺ رڳ مان اچي روح رتوم
قلب من قربين ري، چوڙي چيڪ چڏيوم
عطر مشڪ عنبر ڪنان سرهو واس سرٿوم
جن دوسين ڏلاسيوم، سي هون ڪٿي ڏٺا ڪنبي تي.

اسماعيل موندرو

اسماعيل پٽ ڪريمڏنو پٽ اسماعيل، پاڙو اسحاق پوٽا موندرا. ويڙهل ڪارڙي لڳ "ڪجيءَ واري وانءِ سنہ 1962ع ۾ ساڻس اسان جو مارڪو ٿيو. ان وقت سندس عمر 65 سال ڪن هئي. پنهنجا چيل بيت ٻڌايائين. جن مان 'سسئي' ۽ 'مارئي' جو سُرن مان هيٺيان بيت نموني طور قلمبند ڪيا ويا.

سر سسئي

1۔ هاروچا ٻيا گيٽا، منهنجو آرسائي اڻنگ
تنهن سين لکيا هٿام لوح جا ڪي اصل سندا انگ
جر جادرڪ جتن جي، اها ڏاري سندي ڏنگ [1]
ان جو چلڻ چاڙهي، هلڻ هاڙهي، اهو راهه بلوچان رڻ ڏنگ [2]
سي هلن رکين، چلن پلين، چوٽ وٺيو چوڙنگ
ان اوٽيڙن جي، اسماعيل چئي، هُئي توڙ ڪان ڏگهي تنگ [3]
سي هاڙهي پاڻ مگور جو، پرولهندا پتنگ
تين روپرو آهي رڻ ڏنگ، تہ آءٌ پاريان ٻول ٻروچ سي.

2۔ پاريان ٻول ٻروچ سين، منهنجا هٿا اڻنگ آرسائي
پُرج پيادي هنڌ تي، اهو رندو ڏي راڻي

---

[1] جنر = سنائين
[2] رڻ ڏنگ = ميڙو
[3] تنگ = منزل.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڪوڏ ڪچهري ڪيچين سان ڪئي روز هي ريهائي
ساڪيئن پڇي پنهون کي جنهن کي ڏنائون نه آخر ڏينهن اچائي
ڇڏيائون چوري چپر ڪري منجهه برن بيائي
سي سيلين تلين سونهڙا، سونهي تن ڏاڳهن ڏرڻائي
تن جي ڏکهي ميزل، پاڻ پري پيه ڪنان پراڻي
جي اهو ساجن مليو ته ڪر سوپ ٽي، ڪتيوءِ ننگ نهائي
عن الله ور آڻي، ان اسونهين جو اسماعيل چئي،

مارئي

1 ـ سانبي ساريو سومرا، سانبيڙا سار يام
ڦر ڦتاات مارن جا سي چيلا چيڪ چڏيام
هيءِ ويندي وهندي ڪينڪي هت پيچ پنهوارن پيام
دم نه ڏاري گهڙي نه گهاري، هت تير ڏوٽي ڏاڏاڻام
گنديون پوتا انهيءِ گهوٽ جا ڪري اپاڻا اوچيام [1]
پيءِ پنهي جو هيڪڙو اها مصلحت ماءِ ڏنيام
تڏهين عمر ڪوٽ ۾، اسماعيل چئي، پڻ ويسر وينهي ڪيام [2]
ڪنهن ڪل پاريان، ڪين وساريان نڪي ويڙهيچا وسريام
غم ڏک گونڊر گهوريان، جڏاچي سوين سڪ ساڻي تيام
ٽين سڪيا سانگ سندا، من ڪا ساعت گهاريان وڃي سڪ جي،

1: اپاڻا - پنهنجا
2: ويسر = ڏيئر،

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

باب ايڪويهون

لس بيلي جا باقي شاعر

لس بيلي جي باقي شاعرن مان اسان جي مراد اهي شاعر آهن. جي شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهه جي خاندانن. شاعر نه جي قبيلي سنياسياني پاڙي يا رونجهن. برادين. باڪڙن ۽ موندرن مان نه آهن. انهن باقي شاعرن مان صفر مگنهار موسي ڪنپار مينهن پالاري سؤچي لنگهي. نوت بلوچ. وريس گدي ۽ ڪن ٻين شاعرن جا ڪي بيت. متين باين ۽ جدا جدا جاين تي نقل ٿي چڪا آهن.

لس بيلي جي سرزمين. شاعريءَ جي نقطه نظر کان نهايت زرخيز آهي. زياده ڳولا ۽ تحقيق سان ٻين ننڍن وڏن شاعرن جو به پتو لڳائي سگهجي ٿو. مثلاً ڀيڙي شيخ الله ڏني جي بيان موجب. سؤچو بنديچو ۽ سؤچو مگنهار ٻئي شاعر هئا ۽ ٻئي ڪبير شاهه جا پالڪا هئا. مگر اسان کي سؤچي مگنهار جو فقط هڪ بيت[1] هٿ آيو ۽ سؤچي بنديچي جي ڪا به جنس ملي نه سگهي. اسان مگني برادي جو وريس گدي سان سوال جواب قلمبند ڪيو آهي[2] ۽ انهيءَ کان سواءِ مگني. برادي جو فقط هڪ بيت نقل ڪيو آهي[3]. مگر مگني جي سالي خميسي برادئي. خير ڪئي[4] ته شهر لياريءَ جو جمن برادي. چاڪر ڪمال خان جو ملهه جنهن کي جمن ڳنوار به سڏيندا آهن. انهيءَ وٽان ۽ موندرن

---

[1] ڏڪ ابهاڻي ڪين اندر جي. الخ. ص ص 109_110

[2] ڏسو مني ص ص 133_134

[3] صفحو 107

[4] اها ڳالهه سنه 1945ع جي آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ءِ هين سگهڙن وٽان جي انهيءَ تر ۾ آهن مگيي جا گهڻا بيت ملي سگهندا.
مطلب تہ شعر ءِ شاعريءَ جي لحاظ سان لس بيلي جي سرزمين برڪ جو
گهر آهي: جيترو منجهس تهاريو اوترو گهٽ کجهہ حاصل ٿيندو.

هن حقيقت جو ثبوت اسان کي پنهنجي پوءِ واري جستجو مان مليو.
ڪتاب جي پهرئين مسودي مڪمل ٿيڻ بعد تاريخ 7- سيپٽمبر 1950ع
تي لالو ڪيت ڪراچيءَ ۾ ميان الله بچائي سمي جي اوطاق تي هڪ
نابينا سگهڙ، پسند پٽ ڪوڙو ذات باکڑي سان اسان جو ملاکو ٿيو جنهن
هر پسند فقير پوئين دور جي ڪن نالي وارن شاعرن مثلاً يوسف موندري
وٽ باکڑي مينهن وسائي شهڪ ءِ شاعر ٻڌيي جا بيت ٻڌايا. جي اسان
کي اڳ لس بيلي جي سفر ۾ علي نہ سگهيا هئا. ان بعد. ڪتاب جو
پهريون مبيَضو پريس ۾ وڃي چڪو هو جو تاريخ 5- مارچ 1951ع تي
ڪنيار واڙي ۾ ميان نبي بخش موندري سان ملاقات ٿي ۽ سندس معرفت
ميان حاجن موندري ۾ جي فقير چني. علي محمد فقير مگنهار جهڙن
سگهڙن وٽان يوسف موندري پاريسي ءِ لس جي ٻين شاعرن جا ڪي نوان
بيت مليا. ان کان پوءِ (مرحوم) ميان حاجي سليمان موندري جي معرفت
شيخ ميان حاجي جمن سان صدر ۾ ملاکو ٿيو ۽ وٽائس خاص طرح
شيخ حمر جا ڪي نوان بيت مليا. انهيءَ سڄي مواد کي ڪتاب جي
پهرئين چاپي ۾ شامل ڪيو ويو.

ان کان پوءِ به اسان سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون. ڪي قلمي
ذخيرا مطالعي ڪيا ۽ ٿي پيرا لس بيلي ڏانهن سفر ڪيو ۽ هر پيري اڳين
توڙي ٻين شاعرن جا نوان بيت مليا. ڪم از ڪم درجن ڪن نون شاعرن
جو مواد مليو جنهن کي هن ٻئي چاپي ۾ شامل ڪيو ويو آهي. هيٺ انهن
جملي باقي شاعرن جو ذڪر ڪري ڪتاب جي هن آخري باب کي پورو
ڪريون ٿا.

ملان محمد صديق :

هيلياڻن بيت قلات جي خان محراب خان (ثاني) جي شهادت (نومبر

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

1839ع) ۾ وڏ جي سردار ولي محمد ميڻگل جي بهادري سان وڙهڻ بابت چيائين[1].

1ـ ڪهيا ڪلڪتي مان هليا سي جوان
ڪٽهن عمل تي آيا بدويي ايمان
انگريچي عالم ۾ قول نيايا تانا
ٽهڪا وجي ٽل سان ويري وجهي دام
اُتي سيئي سڏ ڪيا جتي دارون لاڳي دام
بانشو بحري ميرِ بهادر آوي سان ايمان
ڏٺهڙو مورنه موڙيو عهدي تٽهن اخوان
تٽهن سر ڏيئي سانهه رتو ڪوٽ قلات جو.

2ـ رتو ڪوٽ رت منجهان ڪتوريءَ سان خان
عطر منجهس اڳرو ڏهرا ڏنائين دان
انگهيو ٽٽپ آمي جو غازي ڏني لام
حورن ڏٺس هٿڑا لاڻون ڏيئي لام
فلنگ ڏسي فڪلئين. آئين نه عيبي خان
حرفي ٽئين حاڪر جو توڙان ڪاڏ طعام
سر چاڙيو سينهه تي ولي محمد وريام
ڪوڏ رڳايا ڪپڙا شه .غازي ڳل غلام
پيئي ڪوڪ قلات ۾ سجي روم ۽ شام
ڳلا پئي گورن تي. چڙهي ڪوٽ ڏٺين تي ڪانـ
ميڙو پٽن مان. مشعلو محمد چام جو.

3ـ پڪو ڪوٽ قلات جو ڪٽهن نه ڪاهيو
بڏوهي: بر ڏان ڪوانهي آيو[2]
خان ڪٽون پڏي سورهيه ڪيو سعيو

---

[1] هي بيت نهايت مشڪل هنا جن کي ڪوشش ڪري سمجهايو ويو آهي.
[2] بر ڏان - وڏ ڪان

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ميڙي ۾ محراب خان سان جهيڙي ڇڏي لايو
ٻوتا ڳروبار جو نئي عهدين انگهايو
اهو ڏڻ رڳايو. ڪلوڪوٽ ڏڻين جو.

4- هيرن مينگل مڙي آيا هڙده سي هزار
پکيڙيائون پٽ ۾ ڇوپڙ وجهي چوتار
راند وڌائون رڪ جي جهيڙي منجهه جهونجهار
ڏاروائي ڏاريو ولي محمد پٺهنجي وار
وڌون ڏيئي وينجهار. آندي ڪٽر ڪوٽ ۾.

براد:

شيخ ميان غلام حسين چيو ته براد لس جو شاعر هو. اڄ براد غالباً آڪاڻو ٿي گذريو. شيخ سائينداد جي ڪتاب مان براد جا هيٺيان بيت هٿ آيا. جن مان سمجهجي ٿو ته براد بيشڪ لس جي اعليٰ شاعرن مان هڪ هو.

حڪمت ۽ دانائي

صورت ڪي سرت ري، جڻ طعام ڪوري لوڻ
ڪا گهيرا[1] اهاج ري، جيئن ڪي گندي ري صابوڻ[2]
ڪي فقيري علم ري، جڻ واري منجهه پرون
جي تن ڏجيس ڏوڻ، تہ هوا ڪيئي زرڻي
سڪندي سڪ مرسڪئي، گهوريس، ڪن گهٽي
اتيارينديس هاج لاءِ پئي، هٽ هٽي
ڏيندا ڪين ڪٽي، چوندا مال مڙيئي تنهنجو[3]

---

[1] گهيرا - گهرا - ڦيرا
[2] هن بيت جي روايت ناقص آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

گني سپرين

۱ــ گني پرين گن جا گنوتي گن ساڻ
گن گن جي هاڃ هٿن سين جاڻن گن جو جاڻ
ان وٽ گن جو باغ، برادچئي، هٿن گن جو بيڳڻ ٻاڻ
تنهن گني ساجن ساڻ آهيندر گڏيئي ٻگالهيون گن جون.

۲ــ سرها پرين صحبتي، اهين سرهائي سرهاڻ
گن سرهي هاڃ هٿن سين جاڻن سرهو جاڻ
تن وٽ سرهو باغ برادچئي، آ خوب ڪتوريءَ کاڻ
تنهن سرهي ساجن ساڻ آهينر سرهيون ٻگالهيون ساه جون.

نوت بلوچ:

شاعر نوت بلوچ جو هڪ بيت اسان هن کان اڳ نقل ڪري چڪا آهيون[1]. انهيءَ بيت جي بيهڪ توڙي هيٺين بيت جي خيالي خواه لفظي سٽاءَ مان ثابت ٿئي ٿو ته نوت هڪ اعليٰ شاعر هو. افسوس جو سندس وڌيڪ بيت دستياب نه ٿي سگهيا.

عاقل بي عقل پاڻ ۾ سنگتي ڪين سونهن
هو ڳهڻو ٻگالهه ڪندو، توري ڪنهن طلين
هو پونس پٽيءَ تي اٽين اچي، جئن مانجهي ملهه وڙهن
وري اچڪون سندس اهڙيون، جهڙيون ڪڙهه ڪيتون ڪن[2]
توهه هنڌائي ساڳي جاءِ متيا نه ملوڪن
لونءِ مصري گڏي وڪيا نه واپارين
ڪي سرت پريا سمجهه ان نقطي کي، نوت چئي.

---

[1] نسوٽي ص 124
[2] ڪڙهه - ڪيڏا

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مينهن پالاري:

شاعر مينهن ذات جو پالاري هو. ڪن راوين جي چوڻ موجب جبل جو يعني سنڌ جي ڪوهستان جو هو. مينهن پالاري ۽ مينهن مڪڙهار جي بيتن جي گڏجي وڃڻ جو ڪافي امڪان آهي. هيٺيان بيت سڀني راوين جي راءِ موجب مينهن پالاري جا آهن. مارئيءَ جي سر مان مينهن جا هيٺيان بيت احمد شاهه جي بيتن جي تتبع ۾ چيل تا پائنجن.

سر مارئي

1ـ اڄ پسڻ بوندِ بهار، عمر اباڻي پار ڏي
سرڪن سرتيون سنبهيون، ورڪن پاسي ويڙهه ولار
چرڪن چهرا چاهڪ چڳن سين، مرڪن منجهه ملار
ڪرڪن مان ڪرڙن منجهه سائيهه جاءِ سنگهار
جي آهن اهڙا اجهيدار، تن ويڙهيچن ويجهي ٽيان.

2ـ اڄ اباڻي پار ڏانهن ڏس آڻي ڏکڻي[1]
ميوا ڪائن، مينهن چئي، ماروئڙا مڪڻي
ماکيان مٺي پائيان ان چهڪ جي چکڻي
تون جي راءِ ڪرين رکڻي، تو وڃي ويڙهيچن ويجهي ٽيان.

3ـ اڄ اباڻي پار ڏانهن بوندون ٽيون برسن
پنهواريون پکين پر پنهنجي وڻن سين وهن
تنهين کي تل جيتريون شل ميرايون مرسن
هوبهه تڪ ڏيئي ترسن، آءٌ به ويڙهيچن ويجهي ٽيان

نوري

1ـ نيٺهن نوازي نورئين وڃ هانهن ونگيون
جهڪ، جهاڪا، جهالاران، ان وٽ سونهن سنگيون

---

[1] يعني ڏکڻ مينهن آيو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

بتڪ. بخمل. بافتا ان وت روپ رنگين
ملڪ مهاڻي ۽ کي بخشيو ڏيئي داتا دان دنگين
لٽين تون تنگين. ٽين مرکن مڃي ۽ واريون.

2ـ مرکن مڃي ۽ واريون جي مٿي سيائين
نورئين کي ناز جون ملن پل پل پرهائين
هڪ مينڌين ڏل. مينهن چوي. پيادر سونهن ڏاڻين
هيوپي راڻين وٽ راڻيون. پر نورئين جهڙي ناهه کا.

3ـ نورئين پنهنجي نازمين هڻي ڪيڏي ڏال
تنهن منجهه تماچي رکي. کا عشق جو احمال
تان هو بالڪل باسي ڪينکي پنهنجي پسيو جوت جمال
پر مائٽن وڏي هن من تي. ڪاجا سرت سنيال
تڏ محبت مجهه مينهن چوي. ٽٽڑي خوب خوشحال
ڪيڑي نيٺهن نهال. آڻي گادي وهاري گندري.

مينهن وسايو شمڪ:

شاعر مينهن. وسايو رياست لس پر شاهه نوراني جي لڪ لڳ "ڪڙهه جي ڏوري" جو ويڙل هو. سگهڙ پسند فقير نابينا سندس ڪيترائي بيت ٻڌايا. سر مومل راڻي جي بيتن پر شاعر مينهن وسائي اڪثر آخرت جو ذڪر ڪيو آهي مثلاً:

مومل جي مجلس جي سرت سيائي هياءِ
نڪا سپر سرسين. ڪيڑي ڪانه ڪنياءِ
هي ۽ بادشاهي بر پر نڪا هميشه هلندياءِ
مرڻ اتي. مينهن وسايو چئي. گار وڃي گڏياءِ
پڪ اتي پيندياءِ. جت ٽيندوءِ پگهر پتي ۽ وڃ پر.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پنيو:

سگهڙ پسند نابينا پنڪي جا بيت بڌايا. جن مان اسان هڪ بيت نموني طور قلمبند ڪيو. پسند فقير چيو ت: پنيو جبل جو هو. پانڻجي ٿو ته هي شاعر سنڌ ۽ لس بيلي جي سرحد تي ڪوهستان جو ويڙل هو.

سڄيم وڃ سڻي! ٿا نئن .ور نانگ سڄن
پيري جام پنهون، جي ٽيون ڪوراڙون ڪڏن
وجهيو وات ولين ۽ لينڊرا چيو لڏن
پڪا پن، پنيو چئي، چوٽيهريون چٽن
سوا لک سينهن جو، پري ويٺو پهن
سور سونڊ پچندين تي، سره سگ هٽن
جت سهن لايو سا توڙو، ۽ پڪي اڄ مرن
انان پري آهن، سيڻ سنديا، سڻي *.

ميرهرو:

ميرپٽ ٻڙي جو هرو سنگهر جو ويڙل هو. جام علي جي وقت جو شاعر هو ۽ 1900ع ڌاري گذريائين. سندس بيتن جي بيهڪ مان معلوم ٿئي ٿو ته ميرهڪ سالڪ شاعر هو.

مومل

ڪاڪ لکيون ڪاڪ جون، سامي ڪاڪ سنديا
راڻا ڀگالهيون راول سين، آءٌ واڻين وين ڪنداس
ڪيلن وانگي ڪيل چگا، مٺي پڙلا پيا پونداس

---

* جڏهن هي ورق ڇپجي رهيو هو (1970ع) تڏهين ميان دوست محمد ڪمپازيٽر الوحيد پريس ۽ ساڪن ميرپور ساڪرو جو هن ڪتاب جو ڪمپوز ڪري رهيو هو، تنهن هيٺين بيت ڏانهن ڌيان ڇڪايو جو مٿين بيت سان ملي ٿو:

سڄي وڃ ر سڻي! لٽين نٽين نانگ سڄن
آڙڻ اوطاقن ۾ . ٽيون ڪوراڙون ڪڙڪن
وڃ بگهڙ پوڙا . ٿا . واٽر وايون ڪن
ڀاڙما ڏينبو ڏيهه ۾ ٿا جيلاٿا جهٽن
تينهان پوءِ سجن، پڪا جام پنهون، جا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

نکري مرد ميدان ۾ عاقل اُيتداس
موهل اکيون، ميرچني، ثابت سي بنداس
اندر جاڪ چڪنداس، من منجهه روز مجيج جا.

سنڌي

جيڏيون جهڙائي هاڻ ڪاکيون ڪرهه سندان
تن جا پير ڏورا، ڳلين ڳاڙها، اڇا ڳات انان
نڪن ناکيليون، مروارٽن سيليون، موتي مهاران
جهڪ مڪ جيان، جهلن ج، ڪچي، ڳل ڪوڙ ڪتان
منزل ڇوها، ميرچني، هيٺ ڪنوات هيان
دلبر پولي دل جي، مان سمجهي ڪانه سگهيان
تر تر جاڳي پاس جتان، سڄ اياريان سرتيون.

هيڪر هوت ڏنون، جيڪر جانب جيڏيون
تر ڪر ڪالو ڪيج ڏي، قربٽون هوند ڪيون
پت مسافر، ميرچني، جي هوسا هيڏيون سندون
تر پائپي هوندي پيون، پروهنيجي پنڌ جو.

مارئي

1_ چيت ڏٺون موريا، پڪا برن ٻير
عادت چونڊ ان جي، آهي هنئين چڱي هير
ماڙي، مٽيءَ ميرچني، ڪيڏ وهندي ڪير
سائيڪ منجهه سوير، وڃي وطن واڙا جوڙيان.

2_ چيت ڏٺون موريا، پڪا لعل لهار
اڄ ابائي پارتي، رڻا ميٺهن اپار
منهنجي اڄ ملير، ڪن پاڙيچون پچار
من ترونڊي ميرچني، ڏولين ڪان ڏار
ساريم سي سنگهار، وڃي جهڙ وسايم جن سين.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڪٺ جي ڪار

اڳي ڪين ڪتيوم، سون ويهي ڏينهن وڃائيا
سڳت مان سرتين جي، چرخوئي ڪين چوريوم
سئي سڏ صرافن جو، آرٽ وڃي آندوم
پئي ڏڏو ڦٽو ڏوريان، سائين صاب وجهندوم
تي تورينڊم، محل مراڙي ميرچئي.

گدڑ سان سوال جواب

ميرُ: بکيا مرون برجا، گدڑ غضب ڪيوءِ
سڃا الو 'سون' جو نياڳانيوءِ
ڪارو منهن ڪيوءِ، تون ڪوڙيا ڪٽي ويو ڪنجري

گدڑ: ميرا 'سون' ۽ تنهنجي سڳ جو جي سون کي پوءِ سڃاڻ
ته رکڻ سونکي الله، آءٌ ڪونہ ڪٽان هوند ڪنجري

ميرُ: وٽون واٽوڙين جون، تون ٽوڙج لهين
ٽپڪي تي ٽهين، سو سون سين مرڳالهاءِ ميرچئي

گدڑ: هي تي ڏينهن پچن سين، سون آهن ڏک ڏاڍا ڏر
پنڊي ڏنيام پٽ ۾، سا سون گهري آندي گهر
هاڻ ميرا! مناسب ڪر، نہ تہ وڏ گهٽ ڪري وڙهندا سين.

ميرُ: جي وڏ گهٽ ڪري وڙهندين، تہ آءٌ پورا ڏيندو سانءِ پار
تنهنجو چانڊو آهي چوريءِ سين، بي آهيئہ بک ڏني ڏاتار
مٽي تي ميار، تون ٽوا ڳي ڪٽين ذرا پڇا زالين جا.

گدڑ: سائٽر آهين سڪرين جو، تون ميرُ ملاحظو پيانءِ
آءٌ آهيان سڪر سيالين ۾، منهنجو چڳن سين چلاءِ
رکندو سون کي ا[1]ن ذري پچين زالين جي ڪان[1].

---

[1] ح. بيا - ڪبڑا (م)

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مير: ڪوڙا ڪليون ڪرنٽا، گانڊو گلارا
پير هاڻ پانڊيڙين جا وڃي ڪٿيو ڪڍارا
ڦِڪا ٿشارا، تون ڪيئن مرن جو مٽ ٿئين؟

گدڙ: ميرا رڪ پنهنجي سانڀري سنگهر ۾ آهي جتي تنهنجي جاءِ
مون آهي سوئي ڪالهه سنديا، تہ تون تو ڀڳين تان بيٺ ڏئين.

مير: جو تو ڀڳين تا بيٺ ڏين. تہ تون ان کان اڳ ڪو نہ آهين [1]
جي پوئي ڪل ڪٽين جي تہ تون مٽو ڪو نہ سڏين
تون جو ٽپڪي تي ٿهين، سو مونس ان مرڪالهاءِ ميرچئي.

گدڙ: سونهين وات سنگهر جي. ڪڏهن آءٌ اُمهلي ايندوس
چر تنهنجا چورئ. آءٌ ڪلون سڀ ڪيندوس
نازمنجهان نيندوس، شوشي تنهنجون شيڪٽيون.

مير: جي شوشي نيندون شيڪٽيون، تہ پوندي ڪٽين کي ڳل
چڙهڏين ور 'وانڇ' جي. اها آهي اُمهاڙي آجهل [2]
ڪُي ويندايو ڪل. ٽوٽا ڏيندين ٽون هرين ٻر.

گدڙ: اونداهي اڌ رات جو. آءٌ لونگهو لنگهيندوس
وانڇ ڳڻان ويندوس. آءٌ پترندوس پاڙي ٻر.

مير: جي پترندين پاڙي منجهه، تہ مڙس ڪٽي مڙندايو
پوءِ ڏس ڏمر جا ڏيندايو مس وري وڃن مٽڙيءَ تي.

گدڙ: هاڻ پرچي ميرتون پاڻ سڃاڻ. اسان ڏي اڇي
آڻ وقت ٿي ويا آهن. گدڙ جي ٻٽ ٻچي

---

[1] بيٺ ڏين = بيٺ ڏيان (م)
[2] وانڇ = ڪٽي جو نالو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هاڻي جي وسهين منهنجي سخن سچي. تہ آءٌ اوڏو ڪونہ قرينداس اوهان کي.

مبارڪ گونگو:

مبارڪ پٽ ڪنبو پٽ ناٿو پاڙو "آدم رئيس" گونگا. ويٺل سماند (لياري کان اتر 5-ميل ڪن) سنہ 1900-1905ع ڌاري ڄاري ويو.

سڃڻ کي سنيهو

منهنجو هان مبارڪ چئي. ڏجان سنيهڙو ساري
آئيج پرين امان ڏانهہ والي وطن واري
گڏجي پول. گنگو چئي. من پرين، منهنجا پاري
لڳين چندن چاڙهي. روح منهنجو راس ٿئي.

مومل راڻو

مبارڪ مومل رائي جو قصو جوڙيو. جنهن مان هيليون بيت نمونی طور ملیو[1].

سوڍي سنگتي سڏيا هيا جي هيلي يار
سي ويٺا ڪاڪ ڪنڊيءَ هاڻ ڏرئون ڏارو ڏار
راڻو رفيق کي ٿو سمجهائي سؤ وار
تہ مومل جي مذڪور جا ڏاڏا پون ڏڪار
تنهن ڪئين مرد منجهائي جهليا. سڪندر جهڙا سردار
موتي جڙيا منڊ کي. هيا سونا آهن سينگار
ساهارو جهي هوشيار ٿئي منڊ رکي حڻ ۔ تار
تنهن هارهن گل باجهت کي هڻا ڪارهن گل قطار
تخت هيئان تنهن جي ڪٽ رتي رنگدار
ويس واجهائي، وجهہ سهٽا. پرين جهڙا پيار

---

[1] راوي جمڑو غلامڻياڻي ويٺل لياري

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سور مبارک. ڏرکن ڏيلون کن طوطيءَ جا تنوار
رکن راڻو روح تہ من ۾. کن پنجئي وقت پکار
پندرهن هزار پوروب پاران سامي آيا سردار
پلا گهوڙا. اُٺ اُتي سين. آيا کوڏيا وچ قطار
تن جي چٽ رکيين چگا چڙهيا نهن اُبتا نار[1]
ڏئار. ڏنيچيون. کانڌن کشا. سونهن بالا تنگ پتار
مُڇون ملياڻا. سونهن سينا بند. هي جاواهين لاک لڳار
کڻيون کڻيارا. هنڌ هني تي. ٻهڏر ڏين بسيار
جهلين. جنيا. بچين. پالا. چؤرنگ چيلهه کتار
هٿ کمانون. کڄ تراريون. ڏال گلهي تي ڏار
اهي سڀ موصل موهي جهلئا لکين لک هزار
پيا جي سوين هٿن ستار. تہ به سُر سمجهيئي کو نہ کو.

فصل

مبارک سڻي جي سُر مان تيهن راتين جا بيت چيا. جن مان هيٺيان کن سگهڙن کي ياد آهن.[2]

پنرين ماه پرين چڙهيا. تي سن خدمت منجهه کڙي[3]
ستياس کين سرتيون. پاسي گهوٽ گهڙي
تن پچندي پنهون پکڙيو. واريائون اُٽين تي اڙي
وڃي هنڌ گلير گاديون. کيائون چانگي تي چڙهي
پڳ پٽون ٽيا ڇوهه ڇپر ۾. روڏن لاءِ رڙي
اڳين مبارک چئي مڙي. هاڙهو ڪوليندين هوت لاءِ

---

[1] نار - نالي
[2] اهي بيت امان کي ڏاڏا سگهڙ پسند ڪاڪڙي (الڙ کيت. سيپٽمبر 1950ع) ۽ سگهڙ حاجي اسماعيل بنديچي (کڇهري بند مراد خان ۹. سيپٽمبر 1960ع) جي روايتن ذريعي مليا
[3] ڪياسن - آءٌ سندس خدمت ۾ ڪري ڇڏيس (م).

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڇهين، ماءِ ڇپر چڙهيا. سمن اهائي سات [1]
ڏاڏا ڏوهه ڏونگر ۾ آهن مرن وڏا وات
آرسائي عجيب جا. مون رند نه ڏٺا رات
ماڻهن مون کي. مبارڪ چئي. نصيحت ڏني نا ته
پرهه ڦٽي پريات. مون کي ملیو هوت حضور ۾.

اٺين، ماءِ اُٺين جو. تون سڻي جهل ملو
پري شهر پنهور مان. هوتين پٽيان هلو
مون نان مهند. مبارڪ چئي. لنگهيو هور گلو [2]
پوءِ ملاڻ ٽيو ملو. ٻڙي، لک پنوار ڪون [3].

ڏهين، ماءِ ڏانگهن تي هنڌ وڏاڻون هير
پيٽيون پرندي شهر پنهور تي ڪانڌ وساري ڪير [4]
ترڳا وار تني اڄ. پڳين اُبتا پير [5]
مون نڻن مهند. مبارڪ چئي. ڏونگر لنگهيا ڏير [6]
جت اينڌا ساهميون سير. اُتي تو ترندا تور ۾ [7].

فصل

۱ــ هاروچا هيا گهٽا. منهنجو ساجن سرهورو
چڙهي هليو چانگي تي جت جبل گهورو
مون کان مهند. مبارڪ چئي. ڪج ٽڪي، تي ٽورو
جت ترندو تورو. شل اتي اماني نه ٽيان.

---

1. سمن = خبر. سات = ان ساعت
2. مون نان = مون کان هور = ٻاڦ نڻن جو
3. "ملاڻ" ۽ "ٻڙي" لکن جا نالا
4. ۽ پيٽيون شهر پنهور ۾ ڪانڌ وساري ڪير
5. ترڳا = گهنڊيدار پڳ = وارن جا وڻا. ڏڪ
6. مون نڻن = مون کڻن
7. ۽ جت ساهميون اينڌا سير. ات ڪاڻياري ڪار ٿئي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

۲ــ ياروچا ٻيا گهڻا. منهنجي آهي وڻجاري پروت
جتن جاڳاري ڪينڪي جان ڪٽي رياڪت
سسي پنهون سڳين گڏيا. محبت نيٺي ڪيامت
سونٽير وات سنگهر جي. پرين پنهنجي لاءِ پٽ
گهيڙ گهٽيون. گونگو چئي. آهن بر بازاريون هٽ
ڏاتي ڪاهي ڏت. وڃي ڪامل ڪيچ قراريا.

فصل

پنيوران ٻهار پئي. منهنجا ڏير نه هٿ ڏيئي [1]
پوتي چامڙ پنهون جي هئي پينگهي تي پيئي
انگ اڙي. قسمت چڙهي. هٿ سيڙ منهنجا سيئي
آرياڻيءَ عجيب ڪي ان ڪيئن وساريان ويهي!
صحب سياڻو. مبارڪ چئي منهنجو جاتوون نه نيئي
ياروچا ٻيهي. سون سان هيڏي هوت ڪري ويا [2].

ٻيا سڀ جاءِ بجاءِ. هٿي هوتن هلڻ . هاري
وڃي جهيلا جهمن تي. ڪهن ڪلانداري [3]
وڃين وامون. پرين گامون. ميا سومهري [4]
بروچ ٻيهي ويا ڏک ڏيئي. منهنجو زور نه هلي زاري
پير وجهندي. پوئتي نه چندي. ور ڪان ويچاري [5]
موچڪ ويا. مبارڪ چئي. ڪيچين ڳالهه نه پاري
ايندوم چامر آريءَ اچي هوت ڏرينندم هٿ ڙا.

---

1 ڏيئي - ڏيهي (م)
2 ٻيهي - ويهي (م). ر: ... مون سان هاڃو هوت ڪري ويا
3 جهيلا - زيلا - اٽ جو ساز سينگار. جهيا (جهڪي زير) - الن جو رنگ ڪهن - هلن
4 وامون - وڪون
5 پوئتي نه چندي - پوئتي نه ڏيندي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

وريو گڏو:

وريو سنگهر جو ويڙل هو. شيخ غلام حسين چيو ته: "آسان جو ڏاڙل هو ۽ ان وقت چمار هر پيرمن هو." وريو پيلي جي چوڌ شاعرن مان هو. شاعر مگئي کي ڏاڙل جواب سندس لياقت جي ساک پري تو[1]. سندس هڪ بيت (روبرو رخ رهاڻ سين ـ الخ) پڻ متي نقل ٿي چڪو آهي. هڪ راوي آسان کي سندس هڪ انوکي بيت جا هي الفاظ ٻڌايا ته:

"برق ستونت، ورق وريو چئي ـ الخ."

چون ٿا ته وريي گڏي تي چامر عالي خان جو ڏاڙو وڙل هو. سو لنگهي ويو چامر جي مامي جنگي خان وٽ: تنهن چيس ته لس جون سپ ڏورون ساري ڏي ته معافي وٺي آيان. تڏهن وريي هيٺيون بيت کيس ٻڌيو ۽ جنگي خان سندس ڏاڙ معاف ڪرايو.

سارا هيان سچو ڏٺي جو هوندو هٺهار
هاري 'حب' ڪنڊي، جا هيڪاندي هوشيار
'بدوڪ'، 'پواني'، 'ڪنديو'، 'بريدو' بيار
آدم ڏاڙو آتهين ناڪو ٿيو نروار
منهبار ڪانوڙ موج چڪي سين ٿا انب اوير جا اظهار
پانار ڏٺي چپ چر چري ڪيهو نهر دار
وندر بالا واه ٿي جا جوڙي پاڻ جبار
ڪس ميندياري پر ڀڙو رهن سنڪي، منجهه سنگهار
وتو ڏگهو وينگون اُهايون انهي، پار
پوڻ هيڙي پيٽ ڏوڻري رهن رهڙي هر ريڍار
درس ڏير جو خوش ڪانتو ڪيا اُتل ان اپا
ڪڙ مولي ڪيڍي چڏي ڏيهه ڏٺي ڏانار
جنگي خان جونجهار سڻ هي، غزل سانئر جو.

---

[1] آسومڻ ص.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ليلان ۽ ڪونرو

هيون ليلان جهڙيون لک، پر ڪونئرو جهڙي ڪانه تي
ساڪلي گڏي خان کي، سيولائين شڪ
ساواهه چگي، وريو چئي، جا حقي ٻولي حق
پوري ڪيائين پرک، جي ڪائين عمل اڳ ۾

سسئي

جبل ڏونگر ڏر، پٿر پٽولا پانڻيان
حب ديرو دوس پنهون، جو تت باغ بوندون ڪن بر
چڙهيس چنجين چوٽيين جت هٻا واڻين ونگا ور
سي وٽيا مانڪ[1] وريو چئي، بغدي بازيگر
ٻڌي مان ٻانهي، جي سو ڪيچ ڏني ڳوکر
موت ڪوهيارا لهه ڪر، اچي پُڄيج پيادي، ڪي

صاحبڏنو شيخ:

شيخ صاحبڏنو وينل ڳوٺ شيخ قنبورو براهماڻي (شهر اٽل ڪان اتڪل ڇهه ميل ڪوه اتر اوپر طرف) ڦهري شيخن جي پاڙي مان هو. ميان ڪريمداد چيو ته: پٽ مري ويو هوس جو اچي فراق لڳس ۽ موت جو ذڪر ڪندي 'مارئي جي سر' مان بيت چيائين ته:

۱ـ چيٽ ڦٽو، وڻ موريا، ٽيو پاڻي پوڄ پٽن
تـوري پهرايم تڪڙو، گهميس ٽي گهيٽن
آيو عمر اوچتو، ڪري مڊي مـن
سوال نه سٽي سومرو، ڪنهن جي نه ڪري ڪن
بي ڏوهيائيون بند ڪري، نيائيون تان نه نجن
اڳيان حـساب جا ٿا تراڙا ترن

---

[1] مانڪ = مانڪي (م)

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تنهنجي سمجهه صاحبڏنو چي، پيئي پنهوارن
هن پي اکيريو اچڻ لاءِ، تان ٽيووس نه ويچارن
شل وڃي ويڙهيچين، وطن وارڙا جوڙيان.

2۔ چيٽ ڏئو، وڃ موريا، سچ کي ساٿيه ڏي
رهن پنهواريون ريج ۾ ڪن پائان پاڻ ڏي
تنهن کي سانبين بنا، صاحبڏنو چئي، تي اونجهه نه اوکائي [1]
سنيهڙا ساريه ڏجو وارن کي ملير ۾.

هڪ روايت موجب شيخ صاحبڏنو شيخ حمر جو هڪ همعصر درويش هو. جو شيخ حمر ڏانهس بيت چوائي موڪليو ته:

سچ چنڊ پيدا ڪين هٿا، هڪي اونداهي اڻين
نڪا ڇوءِ حمر جي، نڪي مينگهين مينهن
نڪي تارا ڪتيون، نڪي طبق تيئن
حمر حبيبن سين عهد بڏوسين اڻين
مون پڇ توئي سين، ٽي "قالوبلي" ڪهيو.

چون ٿا ته انهيءَ جي جواب ۾ شيخ صاحبڏني هيٺيون بيت چوائي موڪليو. روشن هجي ته شيخ حمر علم وارو هو. مگر شيخ صاحبڏنو پڙهيل ڪونه هو:

سچ چنڊ پيدا ڪين هٿا، نڪي هو روشن راه،
ارڙهن هزار آدم کا اڳي جيڪي جڳ ٿيا
تيائين پوءِ تدبير سني ٽيو پيغمبر پيدا [2]
تنهنلاءِ حفت زمينون آسمان پاڻ جبار جوڙيا
اهڙي چال انهن جي سچي قائم قدرتا
هادي حوض ڪوثر جي، جنت جوڙي جاءِ

---

[1] انجهه - هنجهه
[2] تيائين پوءِ - تنهائين پوءِ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

"وڻ يقينئون" واه پر هو تهڙي طريقا[1]
سموند سوئي چون تا جنهن منجه نور گهڙيو انبياء
هلي پنج حضور مان آيا قلم جا قطرا
سي سڀ سڳوري صاحبڏنو چئي، پڙهي پورا ڪيا
آءُ جت جانان ئي ڪينڪي منهنجي ناهه مجا
مالڪ جي مذڪور جا، سي ڏورينڊن ڏنا
مولي جن جي من پر سي پڄن پاڻهيا[2]
آهي عاقل ڳالهه اها، ڪ پڄان تنهن جو پڇرو.

شيخ صاحبڏني جا هيا ڪي بيت جي هڪ آيا آهن. تن کي هيٺ قلمبند ڪيو وڃي ٿو. انهن مڙني بيتن مان ظاهر آهي ته شيخ صاحبڏنو فراق جو ماريل ۽ وصال لاءِ ويڳاڻو هو.

دعا

واحد وريامن پر تون آهين سدا ساڪارو
سير سدايون سٽيئين، تون آهين عالم جو آڌو
سڀني ڏوريو صاحبنو چئي، هوتين لاءِ هاڙهو
مارئي ملير من پر، ساڪيئن وساري واڙو
سونهٽي گهڙي سير پر، جنهن کيو ڏاڍو ڏاواڙو
هو دائم جام چنيسر دامڙو سو ڪيئن ليلان لاوارو
ليلي مجنون مست ڪيو، جنهنجي ڪيو قلب ڪاڙهو
مومل ساري مينڊرو، ڪري راڻي لاءِ راڙو
پني ڪر پادشاهه هن سڪير تي سارو
آءُ پڻ عاصي بندو آهيان هولڙ منجهه پاڙو
پائير پاڙو صاحبا سائنبڌڻ جو.

---

[1] يعني "يقين جوڻ" جو بهشت پر هو
[2] هر هڪ ملير جي مدد جو الله

سانگ تروٽڙا سپرين

1_ سانگ تروٽڙا سپرين. تن مانٽيو پرم پرلائي
عاشق انڊ الوٽ هروليو ڀڻن وائي
متان ڪرين منهنجا ڏڻي ان ڏونهن[1] جٽري جدائي
ساجن سچائي. توجي سونڪي ٻئي تي مورڻ منڊي.

2_ سانگ تروٽڙا سپرين. تن جو وطن تڙڦويءَ
وڻ شل وٽڪار تي اچي پرين چونڌر پيءَ
جميعت جو جيءَ. منهنجو پسي ڪندو پرينءَ ڪي.

3_ سانگين سکيا سپرين! مونکي ڀالين سان ڳنڍيءَ
چاڙهي چگاين سين منهنجو وجود ڪي وڻڻيءَ
جاني من جڪوڙي پولن سان ٻڌيءَ
توتي رب راضي ٿيو شل وهم لهي وڃنديءَ
ساجن ڳڻ سنديءَ. آءٌ ٻئي تي مورڻ مڙيان.

سسئي

ڏيئي ڏيڪاري، ورنه وٽ وڻي ويا
هيءَ ٻڌي اُڪيري اُن پار ڏي، نيڻ ڪٽيو ناري
هوءَ جي رهي رات روان ٿيان. تي سڄڻ سي ساري
رڻ واريون رج برشل اچي ميون مانياري
مون جهڙي مسڪين سين من پٽ پنهون پياري
تنهن ولهيءَ جا واري، الله پرين آڻ تون.

مومل راڻو

1_ وسي وسائو ڪاڪ قلي وڻ موريا
مٿي ڪي مارم مينڙا چڙهي هيڏو هاواڙو

---

[1] ان ڏونهن = ان ڪان.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سومل ڪارڻ صاحب ڏنو چئي. جنهن هو وڏو وچائو
تنهن تان ورا وڃ وارج ڪينڪي لنگهي لوڏائو
هي ٿي ڏٺي پاڻ فراق ۾ پنهنجو پسيو پاوائو
مومل سين ملائو راڻا ڇڏ رمز جو.

2- راڻو ملائو راءِ سارهو وٽي مڏ مران
موٽائي ماڳن تي آڻيندو الله
سوڌا تو ڳر ساه. نه تر راڻا گهٽا راج ۾.

3- راڻا هياس ريءَ[1]. تنهنجي سڳ سون ڪياس[2]
مٽي ماڻڪ تنهنجي ٻر اجاريا س
تونان پوءِ ٽياس. ڪر سوڌا سياڪي جهڙي[2]

4- راڻا تو نه رهاءِ. ڪاڪيان وڃ ڪيڏهين
سنير ساهيڙين جا طعنا توئي لاءِ
ڪامل ڪاڪ وساءِ. موت مران ٿي مينڊرا.

5- هٿي هيءَ جيڪر هو. ڏلا سودومن جو
راڻا ڏٺ فراق جو لاهوتي لڳو.
سيني پرين صاحبنو چئي. هو نوازيو نالوءِ
تنهن تان ڏمر ڏک ڏور نيو. پيرو پان پڳوءِ
آڏاڏامي آهيان پرين ڪنان تو پوءِ
سوڌا هن سڀاڳ برکهڙو وڃو وڏوءِ
سوين سڪ سندوءِ ٽي ڪين وساريان ڪاڪ ۾.

---

[1] ريءَ = رڻ. ڪڇ
[2] تونان = توڪان

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

وريائو:

لس جو شاعر هوسندس احوال معلوم نه ٿي سگهيو مگر هيٺيان بيت مليا.

1_ چارڻ طنبور چوريو ويو رمي وٽ راءِ
تنهنجي سڀائي سرڪار کي ٿي مڙيئي معلوما
دان گهريائين دل وچان تنهنجا سچي سڏ سوا
ڏنو ڏياڻ اُن کي تهڏل تحقيقا
مليو آهه مگڻي کي گُن فيڪونا
اها صحيح ڀگالهه سچي آهي هي سڀ جڳت پوءِ جڙيا
ويئي ورونهن. وريائون چئي. ڏک سڀ ڏور ٽيا
عاشق معشوقا. ڳجهه ڳرهن پاڻ ۾.

2_ ڳجهه ڳرهن پاڻ ۾ هن وڃايو ونا
مگڻي مِئين پان ۾ سچي ڪئي سيا
عاشق معشوقن سين ريجهو ڪن رهاڻ
بخشيائينس برهه مان ڏيئي سيوئي ڏاڻ
ڪئي وڏي خوشيءَ مان خزانن جي ڪاڻ
پري مهرن ماڻ ٿي اُتان انعامي آئيو.

3_ ٿي اُتان انعامي آئيو ميراثي مهندیار
سمجهي سڀ سرود کي سرسجي سينگار
مون وڃايو وريائون چئي. سرمنڊل سوٽار
جيئن مئين ڏنس مهار. تيئن ٻڌي مگڻيُ مليو ڪينڪين.

- پير محمد:

لس جو شاعر هو. ڪبيرشاهه جي پران چيل سندس هيٺيون بيت مليو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هڏوڪنهن باندائ منهنجو آهي هنيون هوتين سائ
سوجهليو پليو نه رهي. جوريتو من رهائ
سي منهنجا پانڊيئڙا. پير محمد چئي. الله ڪئي آئ
سمن مون هي سائ. تي ڪيوسين پانجون ڳالهيون پائ.

سنگر پوتاڻي:

ميان محمد امين چيو ته سنگر سندن وڻن مان هوءِ درپجي جو ويئل هو. گهڻا بيت چيائين. جن مان هيٺيون بيت "مومل رائي" جي سُر مان ميان محمد امين کي ياد هو ته:

اتو آدمي کي جوڳي هي جواب
تنهن کل جوڙائي ڪامڻي طول وڏي سان تاب
تنهن جو سوڍي سپ صحيح ڪيو نات نڪت اي ناب
تڏ ٽيو رائو نر نواب. جڏ چڙهيو منهن مومل جي.

علو باشيراڻي:

سندس هيٺيان بيت مليا جي ڪبير شاهه جي بيتن پران چيل آهن.

آگ اجهامي ڪين اندر جي. باهه باروچل ياري هئي
سرتيون سائي چال چگن جي. مون خوب ڏٺئي خنڪاري هئي
پلئه پاريچون ڪين پاڻان. سهڻي ست سيکاري هئي
جهڙي جوڙ جتن جي تهڙا ساز سند سلکاري هئي
پٽ پٽيهر پاکڙا. ٻهرج ميناکاري هئي
گلم غاليچا گل پرين جا. سهڻا هنڊ سنجاري هئي
هشيار هوتن چيلهه چکي سين. چست چگي چلکاري هئي
آب انهن جو اهڙو 'علو' مرم انهنجا مري هئي
چور چگي ڪئي چست پريان سا سوڙي وچ سوپاري هئي
آڏين جي ڏک ڏاري هئي. ناڪير ڪچا ڪري ڪيچن جا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

آگ اجهامي کين کي. جا دلبر دل دکائي هئي
جگر جلاون. هنيو هلاون. اور ارواح مان آئي هئي
رندکٽيو مان پنڌ پچان ٿي سرتين سان ڀگالهه سائي هئي
واري وهنديس کينکي. آءٌ کيج پئي، دل کاهي هئي
چلن چٽا ڇُنڊ چوڌ برگجن سيڻن ساڻ نباهي هئي
نون سور . سرڻ ۽ هرڻ. بانين جي ات هائي هئي
امر الهي وارث نہ واهي. پوت پگڙ جي پائي هئي
تان به ترسيس کينکي. مون کي وات وڃڻ جي وائي هئي
هڪ اسونهين دل ۾ دونهين. پيڇ پنهل جي پائي هئي
ڏنيون پاسا ڏونگر ڏاسا. چپن پير چنائي هئي
پنڌ ڪشالا ڪرم جي کايا. امر لکٽي ڏانه آئي هئي
'علو' اهجاڻي آهه انهن جي. مون کي سنگهر وات سونهائي هئي
ڪنين ٻڌو مان کينکي. تن پپ پٽن ۾ وائي هئي
مٽ نہ ماڳين اصل آرياڻي. دلبر جي آءٌ داڻي هئي
جانب جنهن جيائي هئي. سو اڇي ٽيڙهه ساڻي ڪانڌ سنگهر ۾.

نورو آڇرو:

ويٺل وايارو لڳ سڪڻ. 1905-1900ع ڌاري گذاري ويو.

سڇڻ منهنجا سونهڙا. پرمل پيارا
ڪريج تنگ. نوروڇي. مون سين صحبت سونهارا
جيءَ جا جيارا. ڄڻڙيو هونڌين جهان ۾.

مانجهي آجرو:

ويٺل وايارو لڳ سُڪڻ. 1930 - 1932ع ڌاري گذاري ويو. محبت ۽ درد جو ماريل هو. سڇڻ جي سڪ جا سهڻا بيت چيائين:

سيڻ سباجنا سپرين منهنجا آوسر ڏور نيا
راتيون وهامن کينکي سڇ وڃاتي بيا

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

پسي پٽ پرين جا سونکي لهي لڙڪ ويا
محب مطرقن جيئن اچي سون هنيين هنڌ ڪيا
سي محب گڏيام مانجهي چٽي ڪامي ڪر ويا
حب جني جي هيا. سي الله آنڌا پرين.

هنڌڻين جو پانڌاڻ ڪنهن جو ڇڄي نه ائين
فقيرا هن فراق جي توکي ڪل نه پيئي ڪيئن
جنهن تي اوس عاشق جا. تِت آهن راتين مان ڏينهن[1]
ٽيو آهين ميارين مانجهي چٽي. جاڳي سمهه مرسيئن.
سندا محبت. مينهن. جن تان وٺا سي وسهنديون.

هنڌڻين جو پانڌاڻ ڪنهن جو ڇڄي ڪيئن
فقير هن فرق ۾. ويٺو آهي ڪيئن
محبت جي ميدان ۾. پر تي لڳاءِ ڏينهن
ٽيو آهين ميارين مانجهي چٽي. جاڳي سمهه مرسيئن
سندا محبت مينهن. جن تان وٺا سي وسهنديون.

سنگر آچرو.
سنگر پٽ نوروءَ جو. ويٽل ويارو لڳ سڪ:

سڄڻ منهنجا سونهٽا. عاقل عقلدار
ڏين متيون موڙهين ڪي. وڻجارا وينجهار
سپ ڪنهن ويڙ. سنگر چٽي. شل ڪنهنجا دوست برتين ڏار
عاشق آجهاگيدار. چور مَ شاخون مُور جون.

الهه مَ سڄ. آچرو چٽي. تر مَ ڪبي ڏيئي
سڪي مليا. سنگر چٽي. جي عاشق اچيئي

---

[1] اوس - تجلا - روشنايون.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڪٿيو اڪيون احسان جون مر بولين ٻيئي
پرين پرڏيهي شل قادر ڪنهن جا نه ڪري

گجڻ برفت:

گجڻ برفت ڪديجيءَ تي ويٺل هو. سندس هڪ بيت "مارئي جي سر" مان مليو ته:

عمر ابائي پار ڏي اڄ وڃن ٽيون وڙڪن
ڪارا ڪڪر آپ هڪ ڇپر پاس ڇڻڻ
گوڙيون اهي. گجڻ چئي. سانگي مان سڻن
پٽ پٽيهر بافتا تنهنجا سوين طاق سڙن.
ويجهي ناهيانوگن يڪ موران مونڻ
عمر ٻنڌيائي بند هر آهيان قابو منجهه ڪرن
ڪڙا عمر ڪوٽ جا ڪنجي مان ڪرن
پڪارون پنڇن. منهنجيون سگهيون سنگيارن کي.

قل فقير۔

لس جو شاعر هوءِ ڪاڪڙي طرف ويٺل هو.

1۔ شڪر ٿڪو سڃڻين سون ڏانهن ڳجهو ڳالهائي
پروڙان پرين مان ڏين ساجاڻ سڀائي
تو پاري مران پرينءَ سان. وحدت واجهائي
جوڙن تن جي ڄڻيءَ جو. آهيان ثابت سڄائي
ساجن سيڪائي. مون سان ٻنهين جهانين باجهه کي.

2۔ ٻنهي جهانين باجهه کي. جڳ سون جهڙين ميرين لڏامان
بنا رحمت رب جي. ٻي ڪنڊي ڪيڏي ڪانه
سون نوڙيءَ سان ور ڪيا. منهنجي رب رحمان
آيا پرين پرڇاڻيو جڳ ڪر شاديون تيا شڪران

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

منهنجي ساڻ ساريوٽي جن کي. تن اچي اندر ڪيام اُلتان
ساجن سندي شان ٻيوکي برابر ڪينيکي.

3۔ کي برابر ڪينکي. منهنجي محبوبن
وارث جي ولهين جا. جيارا جتن
سي اُڪارينڊا احسان سين. پانهون ڏيڪي ٻڌن
مونکي نينڊا پاڻ سين. وڻي ٻلارا ٻهشتن
ڪلمون جي گهن. سي جوان ماڻنڊا جنتيون.

4۔ جوان ماڻينڊا جنتون حورون ۽ حُجرا
جن جي پار (پاڻ) پاڻ ئي نه پوي. قلب ڪينر ها
تن کي ياد ته ياريتين سين. جي ٻوٽن سچي سرها
جن ڪٽو تن ڪرها. ٻيو ڪهڙو ٿيکين سماءِ سور جو.

5۔ ڪهڙو ٿيکين سماءِ سور جو. جي سنجيئي سهنڊيون
اولاڻي ارٿ کي. ڪاپوتان نه ڪنڊيون
اُتي آشورويل جو. سي شرمندون چنڊيون
تن سين ڪنڊين نفل پاڻ. "ڏل" چئي. جي آهن بيڪاريون بنڊيون
سي برين پاروندون سيان ڪهري سهاڳ سين.

خدا رکيو صابريو۔

ويڙل وايارو. لڳ ٿڪن. تعلقو اُڀل. سنڌ 1910_1920ع ڌاري گذاري
ويو.

ساجاڻ ڪر سومرا. آڳاٽ نه جالينڊياس
مال پنهنجو ملير ۾ آڻ ڇوڙيءِ چارينڊياس (I)
ڪوڏون پنهنجون. خدا رکيو چئي. آڳ نه ماڙي مٿينڊياس

---

[1] جوڙي: گهر جي ڪنڊ يعني گهرن پاسي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ساڙي مرڪ نه منهنجو پنهنجي پر ڪندياس
زال هياس. زور نه لڳو آمر ڪئي آندياس
گلا پنهنجي گهوٽ جي سومرا ڪين سڏندياس
تڏهن ئي جيئنديا‌س. جڏهن وڃي تور ڪوليان تند مان.

شفيع محمد:

ٽئين جو شاعر هو. سندس هيٺيون بيت سگهڙ حاجي اسماعيل بنديچي کان سنہ 1960ع ۾ مليو.

بنيوران ٻاهر پئي گس ڏسيون گهرندي
ويندي هو وٽڪار مان ڪوهيارو ڪندي
جبل ۽ جانار جا ڪي ڏونگر ڏورندي
جن گهٽين تان گهوٽ ويو تن لڪن تان لڙندي
هانيءَ ڪي بروچ لاءِ ڪيڙ هر ڪيڪون ڪندي
بي اکر بسم الله جو پنهنجي پر لاءِ پڙهندي
شرم پيرم ۽ شفيع محمد چئي. پنهنجو ور واري ورندي
مهندان شال مرندي پيراندي پنهنون جام جي.

مينهن وسايو شادهوڪ:

مينهن وسايو شاهوڪن جي "لڏن" جي پاڙي مان هو. اڄل کان اوير طرف "وندر" جو ويڙل هو. پنجونجاهه سالن جي عمر ۾ سنہ 1960ع ڌاري گذاريائين.

وڏا وڻ وٽڪار جا ليون سڀ لنگهجن
اڳيان ٽاڻا ٽڪيءَ کي تا سوين لڪ سُجن
اڳيان وحصول[1] وهنوار جو وار سو تت وڻن
تت ماڻڪ منهنجا. مينهن وسايو چئي سيئي سيڻ سُجن
پاڻا وڙولهيءَ سين. مان ڪيج ڏئي ڪن.

---

[1] وحصول = محصول.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڪن کي پنهنجن ملي ويو پلڪ ۾. ڪي سوين ٽيون سڪن
ڪن پڇي لڏواهي پيڇرن کي ٽيون اڇان پنڊ پڇن
محب جنهي جي من. تن سفر سولو چندو[1]

حاجي اقبال خاصخيلي:

لاکڙي ۾ رهندڙ آهي ۽ مولودي ۽ مداحي آهي. عمر چاليهه پنجيتاليهه سال کن آٿس. سندس بيتن مان مثال طور:

تڙ اونهو. تار گهٽي. چولين ۾ چولين
ڪاهي گهڙيس گن ۾ ٻڌير جي هولون
ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان اڌ ۾ ٽيس اولون
متان رڻ ۾ ٽيان رولون. اچي هٽ وٽيج هاشمي

تڙ اونهون. تار گهٽي. تري نه ڇاڻان تار
چولين ڇيهه ناهه ڪويرين ڏين نه وار
جڪولن ڪيئي جهٽي نيا پيڙا ڪٽي ٻار
اونهان ڪن عميق گهٽا درياءَ جي ڏڪار
تنهن جي هيبت ڪيئي هوليا لکين لک هزار
اچي سونهون ٽي سردار اوتڙ اولي آهيان.

---

[1] راوي عجب بٽ جاتوئي ويٺل آوازن لڪ اڳل.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ضميمو

لس بيلي جو سفر *(23-27 جون 1946ع)

ننڍي هوندي اسڪول ۾ پڙهيو هوسون تہ اسان جي سنڌ کي اُلهندي پاسي کان جبلن جون ديوارون آيل آهن. جن مان گذرڻ نهايت مشڪل آهي. ويتر جو سڄي جو هن ڏسي ڏي اٽانگو سفر ڪنين پيو. تنهن تہ الهندين؛ ڏس کان البت ڏيجاري ڇڏيو. جهونا جبل. ڪهنا لڪ. پٿر. ريتي. رڻ. رائي. رڄ. سڄ. اُڄ. بک. ڏک. ٻر. بيابان جهڙو هيبتناڪ لفظن ننڍي وهي؛ ۾ ڪمزور دل تي اهڙو ڀيانڪ نقش چٽيو. جو جبل جونالوئي هڪ آفت ٿڄي پيو. افسوس جو استادن اسان کي ڪڏهن ۽ ڪين سمجهايو تہ ڪو جبل ۽ سرسبز وادين ۾ دلڪش نظارا ۽ موجود آهن يا بيابانن ۾ جنت نشان خيابان ۽ هوندا آهن. جي هرماندي مسافر جا سڀ غم غلط ڪريو ڇڏين. جبلن جي سونهن ۾ سوڀيا تہ اسان جهونا ڳڙهه ۽ روڄي ڏني. جتي ڏاتار ۾ گرنارن جون وادين ۾ آبشار مثل دلين ۽ جياريو ڇڏين. انهن سڻڻ. ٻڌڻ. پرين جي آستانن. شاعر جي عنوانن ڊپ ۾ خوف جي بدلي جبلن جو عشق دل ۾ پيدا ڪري ڇڏيو.

انهيءَ ڪري ٻن ڇڻ سالن کان خيال پيدا ٿيو تہ شل ڪو اهڙو موقعو ملي. جو سنڌ جي الهندي طرف وارن جبلن کي ڪاٽي وڃي پرينءَ طرف جو سماءُ لهجي. تاريخ جي مطالعي ويتر تحقيق جي طلب کي وڌايو تہ ڪنهن ۾ اهي الهندي وارا لڪ پسجن. جن مان سڪندراعظم سنڌ مان ڪوچ ڪرڻ وقت گذريو هو. جن مان 17 ورهين جو نوجوان جنرل

---

* هي سفر نامو جولاءِ 1946ع ۾ لکيو ويو ۽ رسالي "مهراڻ" ڪراچي. مئي- جون- جولاءِ 1946ع جي پرچي ۾ ڇپيو جنهن وقت آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

محمد بن قاسم لنگهي سنڌ اندر آيو هو جن مان جلال الدين خوارزم شاهه جهڙو بهادر شاهه التمش جي ڏينهن ۾ سنڌ مٿجهان پنهنجو طوفاني سفر ختم ڪري لنگهي مڪران ڏانهن پار پيو هو جن لڪن مان سن جي عربي حڪومت جي دور ۾ واپاري قافلن جا شاهي رستا وهندا هئا. جن لڪن کي واپاري ڪاروانن آخر تائين آباد رکيو. جن لڪن مان پنهنجن جو قافلو ويچاري سسئيءَ جي سورن لاءِ ڪيچئون کهي آيو ۽ جنهن قافلي پويان سسئي اهي ڏونگر ڏوريا ۽ لڪ لتاڙيا. ۽ آخرڪار هن عشق جي راهه ۾ پيوٽي جو لڪ لنگهي سنگهر جي سرزمين ۾ پنهنجو سر گنوايو. بهرحال اهي الهنديان لڪ تاريخ، عشق ۽ افسانن جا دروازا آهن. جن کي ڪٿ لاءِ سالن کان من ماندو هو.

سنه 1944ع جو ذڪر آهي ته مال جي هڪ سوداگر سگهڙ دودي خان عاقلاڻي سان ميان مير محمد خان هيسباڻي جي معرفت ۽ مهرباني، سان نوابشاهه تعلقي جي دوڙ واري ريگستاني پٽ ۾ ملاقات ٿي. دودو خان ڪچهريءَ جو مور آهي. بيت، ڳجهارت ۽ خصوصاً ڏور جو ته سدا ملوڪ آهي. دودي خان جي واتان ٻهريون ٻيرو ٻڌم ته ڏور، ڳجهارت ۽ بيتن جا وڏي ۾ وڏا سگهڙ لس (لس ٻيلي) طرف آهن. چيائين ته "لس ٻيلي ۾ اڪثر سنڌي ٻولي ٻالهائجي ٿي." آهي، حقيقت ٻڌي حيران ٿي ويس ته اهو ملڪ جنهن جي زبان ساڳي سنڌي زبان آهي ۽ جنهن ۾ سنڌي ٻولي ۽ جا ڄاڻو ۽ ڏور، ڳجهارت ۽ بيتن جا سگهڙ ۽ ماهر موجود آهي. ان ملڪ جو اسان کي ڪوبه خاطرخواهه احوال معلوم ڪونهي! هن ساڳي حقيقت جي تائيد هڪ ٻئي سگهڙ ڪئي. جنهن ته بلڪل ٻي چين ڪري ڇڏيو. سال ڪن ٿيو جو ديپل بندر جي ڳولا ۾ وڃي ڳهاري شهر (ميرپور ساڪرو) کان پنج ميل ڏکڻ ڏانهن "راڄ ملڪ" واهڻ ۾ ميان عبدالله خان ۽ عبدالمجيد خان ملڪاڻيءَ جو اڻ سڏيو مهمان ٿيس. ويچارن وڏي حب ڏيکاري ۽ پنهنجي تر جي سگهڙ ميان حاميد خان رند کي به مارکي (مجلس) لاءِ گهرايو. حاميد خان وڏو سگهڙ آهي. بيتن جون وٽس ٻيڙون آهن. هن سگهڙ کان ٻهريون دفعو شيخ ابراهيم جا بيت ٻڌم. جن جي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

اوڇي لغت ۽ پختي بندش تي سر ڏوڻي عش عش ڪرڻ لڳس. پڇيومانس ته شيخ ابراهيم ڪٿي جو شاعر آهي؟ چيائين ته "شيخ ابراهيم لس وارو توکوڙ ٻڌو آهي؟ شيخ ابراهيم لس جو وڏو شاعر اهي. جنهن جي مقابلي لاءِ ڪبير شاعر هتان سنڌ مان قصد ڪري نڪتو هو!" حيران ٿي ويس ته لس ٻيلي ۾ سنڌي شاعريءَ جو هي چرچو ۽ اسين سنڌ وارا انهيءَ کان بلڪل ناواقف! انهيءَ ڏينهن کان ئي پختو ارادو ڪيم ته ڪنهن ڏينهن ضرور اهي الهنديان جبل جهاڳي. پريتءَ جوءِ ۽ وڃي. سنڌ جي تاريخ ۽ ادب جي گمنام خزانن جي تلاش ڪندس.

قسمت سان تازو اهڙو موقعو مليو. اوچتو ئي پنهنجي پراڻي دوست ميان صالح محمد خان ليڙي سان ملاقات ٿي. جو هن وقت لس ٻيلي جو ڪمشنر آفيسر آهي. ملندي ئي سان صلاح ڪيائين ته جي لس ٻيلي هلو ته فوراً تيار ٿيو جو لاري ٻيٽي آهي. مشغوليون به گهڻيئي هيون. مگر هي موقعو به غنيمت هو. صبر جو پيمانو تڪاڻي ئي لبريز ٿي چڪو هو. سو ها ٻرهاٽي ويئي.

23 جون 1946ع (23 رجب 1365هـ) آچر جي ڏينهن سائڍي ٻارهين وڳين تاڪ منجهند جو ٽپڙ ٻڌاسون. "لي مارڪيٽ" کان پريرو وڃي لاريءَ ٻيڙا ٽياسون. اسان جي واسطي ڊرائيور سان گڏ ٻ جايون رکيل هيون. جتي ڪجهه آرام هو. باقي پويان ته نسوري ٻچا ٻيهه لڳي ٻيئي هئي. لس ٻيلي ڏانهن لاري هفتي ۾ وڃي ٿڪ ٻيرو. سو سيڪو پيو ائين ڄاڻي ته جيئن هي، موقعو هٿان نه وڃي. ماڻهن مٿان ماڻهو ٽڙجي ويا. ٿڪڙي پاسي کان ٻيو ڊرائيور ماڻهو لاهي ته ٻئي پاسي کان ٻيا چڙهن ۽ ساڍ جو سانگو لاهي. ٻيا پاڻ کي اندر ٺسين. ويچارا ٻيلائي پانئين ائين ته ڪيئن به ڪري اڳتي هلون ۽ جي جيڏانهن ته مٿا به وڃي ماڻين ملون.

گهڻي ڇڪتاڻ بعد ڏيڍ وڳين لاري چالو ٿي. ڊرائيور جان محمد موندرو هڪ سڳهو سارو جوان ۽ طبع جو خوش مزاج نظر ٿي آيو. چپي چپي ٿي نيون خبرون ٻڌي ٻڌايائين. ٻي ٻجي حب نديءَ ٻهتاسين. جتان پڪو رستو ڇڏي لاري ڪچي رستي سان حب نديءَ جي ٻيٽ ۾ داخل

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ٿي. حب نديءَ جون موجون مينهن سان آهن. هن وقت وچ ڌاري سوپاڻي جي ڇڇ ٻيڙل هئي. باقي سڄي ٻيٽ ٻاريءَ جون ويرون لڳيون پيون هيون. لاري ٻه ڳهٽا گهوگهٽ ڪري مس مس حب نديءَ جو واريا سو ٻيٽ چيري وڃي پار پئي. مگر پرين ڪنڊي ايترو تہ اوچي ۽ اُپي هئي جو مون چاتو تہ لاري اونڊي ٿي اچي ڪرندي. منهنجي حيراني ڏسي. مون کي منهنجي دوست ٻڌايو تہ هن ڪنڊيءَ کان ڳهٽو اوچاءِ اُپا لڪ اڃا اڳتي آهن. هي ڪنڊي تہ انهن جي مقابلي ۾ ڪجهہ به نہ آهي:

ابتدائے عشق ہے روتا ہے کیا
آگے آگے دیکھیے ہوتا ہے کیا

منهنجي دوست اهي الفاظ چئي پورا ڪيا تہ لاري ٻه رينگڻ ڪري انهيءَ اُپي ڪنڊيءَ جي وچ تي ٻيهي رهي. لاريءَ کي جان محمد ڊرائيور جي حوالي ڪري اسين لهي پياسين ۽ نديءَ جي پراڙ اتكل هڪ فرلانگ پيدل هلي. وڃي لس پيلي رياست جي حب واري ناڪي تي پهتاسين. حب نديءَ برٽش گورنمينٽ ۽ لس رياست جي سرحدن جو ڏنگ آهي. انهيءَ ڪري حب نديءَ جي پراڙ آهيون سامهون لس رياست جو ناڪو آهي. جتي تحصيلدار ۽ ڪسٽم آفيسر جا هيڊڪوارٽر آهن. آفيسن جي پرسان هڪ ننڍڙو ٻگوڻ آهي ۽ وچ ۾ سهڻي مسجد آهي. جا پنهنجي سفيدي سبب پري کان نشانبر آهي. اسان هن ناڪي تي تر ياسين ۽ پندرهن منٽن بعد جان محمد به حرفت هلائي لاريءَ کي لڪ تپائي اچي ناڪي تي سهڙيو. اڌ ڪلاڪ لاري هتي بيهاري وئي: مسافرن چاتہ پائي پيتو ۽ ان بعد اڳتي جبل جي پنڌ جي تياري ٿي. سامهون سامهون جبلن جون ڪاريون قطارون پئي نظر آيون. لاري ٻه ڳهاڙو ڳس وٺي. ڪئي الهندي رخ رکيو. تان جو وڃي جبلن جي پهرئين لڪ کي ويجهو پهتاسين. انهيءَ لڪ جي اورئين پاسي ڇڇ پنڌ تي. ڳهاڙو ڳس جي ڪهي طرف ميٽائين پٿر جون قديم قبرون نظر آيون. جيئن پئي لڪ کي ويجها پياسين. تيئن تيئن ڳس جي ڪهي سڄي قديم بستين جا سڪيم آثار پئي نظر آيا. لڪ کان سڄي پاسي ٽڪر جي هڪ نهايت ڏڳهي ديوار ڪنڊي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مثل طوق ٻڌيو ٻيني هئي. پري کان جهڙو ٽڪل جانور جو ڪرنگهو. لڳ جي ڪنهي طرف ٻئي ٽڪر جو هڪ شاهي گول مول ٽوڙ نظر آيو. هن ٽوڙ جي ٻيڪ ۾ بناوٽ اهڙي هئي جو جوڳ ڪنهن هاري ان ئي واڙي صاف ڪري راهه بڻائي رکي آهي! جان محمد ٻڌايو ته هن ٽوڙ کي "ڳٽو ٻني" سڏيو وڃي ٿو. چون ٿا ته هن مٽي ڳٽون غار تيل آهي. جيڪڏهن هن ٽوڙ کي "ڳٽون ٻني" سڏيو وڃي ٿو ته سامهون ٻئي طرف ڏڳهي ٽاڪرو ڪنڊي کي جيڪڏهن "ڳٽون ٻني" سڏجي ته نهايت مناسب ٿيندو. چاڪاڻ ته انهيءَ ڏڳهي ڪنڊي جي بناوٽ هوبهو جانور جي ڪرنگهي جهڙي آهي. هن لڳ جو نالو هن وقت "گندهو" ڪري ٿي چيائون ۽ لاشڪ اهو نالو مشهور سورهيه گندهي منداڻي (ڪرمتي بلوچ) جي نالي تان پيو. جنهن هن لڳ تي وڏو مقابلو ڪيو.

خير. لڳ گندهو مان گذري لاري اڳتي رواني ٿي. لڳ جي الهندي طرف ٻه قديم بستين جا نهايت فنا ٿيل آثار ننڍن ٽڪرن جي ڪيڙ جي صورت ۾ نظر پئي آيا. ٻه فرلانگ اڳتي ۽ ڳهاڙو ڳس جي سڄي طرف لڳو پڳم ميٽائين پٿر جي قبرن جو هڪ قديم قبرستان نظر آيو. جنهن جي جاچ پڙتال موٽندي وقت تائين مهمل ڪئي سين ۽ لاري ٻه ٽي فرلانگ اڳتي وڏي هلي پوانيءَ جي هوٽل وٽ بيٺي. هن پوانيءَ جي وسنديءَ وٽ ٻه ٽي جهوپڙين ۽ هڪ ڪوهه آهي. شهري ٻاسندو هن وسنديءَ کي ٻه ويراني سڏڻ مناسب سمجهندو. مگر هن رڻ ۾ هيءَ وسندي وڏي غنيمت آهي. رڻ راهي ۽ ڏڳهي پنڌ جي نوٽي مسافر کي هنن وسندين ۾ ننڍڙين چانهه جي هوٽلن جي موجودگي نهايت تعجب خيز معلوم ٿيندي. مگر درحقيقت هي اڇوڪا ننڍڙا هوٽل. تاريخي قافلن جي پنڌڻ تي منزل بمنزل قديم رباطن ۽ آرامگاهن جا ڪهنا يادگار آهن. اهي ننڍڙا هوٽل انهيءَ تاريخي روايت جي ڪڙي آهن ۽ گويا انهن اڳين رباطن جا ڇوڙڙا ۽ يتيم ٻار آهن. جن رباطن وٽ ڪنهن وقت مسافرن جون ٻهيرون ۽ قافلن جون قطارون اچي منزل انداز ٿيندڙيون هيون. جتي سوداگر پنهنجي ساڻن سان ۽ جنگجو سپهه سالار پنهنجي فوجن سان اچي ڪئمپ ڪندا هئا ۽ انهن

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

رياطن وٽ هميشہ رنگ رتل ۽ ميلا متل هوندا هئا. اڄ ٻہ لاري ٻيهڻ وقت انهن بياباني هوتلن ۾ رڃانهہ پائي، جو ڇهڇٽو ڏسڻ وٽان آهي.

ڏهن منٽن بعد ٻوائي، جي ٻوني، ڇڏي لاري اڳتي رواني ٿي. هاڻي اڳين پٺي نظر آيو تہ دور دور چٽني قبلن تي جبلن جون قطارون ٻيٽل آهن ۽ لاري هڪ وڏي ٽاڪرو ماڙي، کي ايرندي ڪان الهندي طرف ٽڪي ڪري رهي آهي. جيڪڏهن هي، ماڙي سنئين سالمر ۽ نشيب واري هجي ها تہ منجهس سؤرنگ لڳل هجن ها! مگرهي، هڪ بلند ٽاڪرو ماڙي آهي. جنهن کي قدرت ويهي وڌ ۽ چير ڏنا آهن. برسات سبب اونها گهارا هن اراضي، کي ڪاهي ويا آهن. سڄي ماڙ ۾ نهايت عميق گهارون ڳٽيون ٻيون آهن. پري کان سنئين سطح پٺي نظر اچي. پر درحقيقت مومل وارو چار وڇايو ٻيو آهي ۽ چؤطرف وڏيون جهانار گهارون واسينگ وارا ور وڇهيو ٻيون آهن. ڪي تہ وري وڏي وڏي اونها ڊورا ٻڌجي ٻيا آهن. اهڙو هڪ اونهي ۾ اونهون "باگڙ جو ڊورو" آهي. جنهن مان هي گهاڙو گس نهي هٿي ٻاهر نڪري ٿو. انهي، گهار ۾ گهٽ هٿ وقت جان محمد ۽ پنهنجي ڊرائيوري فن ۾ غرق ٿي ويو. اکيون ڪٽي ويل ۾ ڪپايا. ٽين ۽ پير ڪٽي بريڪ تي ڦهايائين. گس جي ويڪر چار ترين مس هٿي. جو ٽڪر جي ڳچ مان ڪوري ڪڍيو ويو هو. گس سان لڳولڳ هيٺ هڪ جهنڊ ڪان ۽ اونهي جهانار گهار پٺي نظر آئي. اسين چڙ لاري، ۾ ويٺل ڪين هٽاسين. ۽ جنسي عرزائيل جي ڪلهي تي سوار هٽاسين. دل ۾ آسان پٺي پير سوريا تہ جان محمد پٺي هٽ چوريا ۽ پير سوريا. آهستي آهستي لاري ۽ وڙهندي وڙهندي آخرڪار اڇي "باگڙ" جي تر ۾ پهتي. گويا تحت الثري جي تري ۾ اڇي ساهہ ڪنياٽين. مگر هاڻي سوال هو مٽي چڙهن جو: چاڪاڻ جو ڪڏ ۾ پوڻ آسان اهي. مگر نڪرڻ البت مشڪل آهي. جان محمد جي اشاري تي مسافر سڀ لهي پيا ۽ پيدل مٽي چڙهڻ لڳا. آسان ۽ لاري توڙي جان محمد کي سنڌن قسمت تي ڇڏي. سيني سنوان مٽي چاڙهياسين. بس. پويان لاري جا گهوگهاٽ پٺي پيا. ڪنهن وٽ ڪوڙ ۽ تہ ڪنهن وقت نڪاد ۽. پورن پندرهن منٽن ۾ لاري ۽ رشدي وڙهندي اڇي مٽي سطح تي پهتي. شاباس هجي جان محمد جي حرفت کي ۽ شاباس

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هجي سنڌس همت کي جو واري سنئون ڪيترن ئي مسافرن کي عزرائيل جو منهن ڏيکاريو ۽ ويچارن کي سلامتيءَ سان اچي ٽوهن جهان پيڙو ڪريا

باگڙ جو ڏورو پار ڪري لاري جيڪو سوالهندي طرف رخ رکيو. تان جو هن مٿانهين ماڙ جي ڏکڻ-الهندين وٽ اچي ورتائين. ڏکڻ الهندي طرف زمين جي سطح يڪدم بلڪل هيٺ جهڪيل هئي. هن ڪشادي جهول ۾ ٽورو پرپرو سمنڊ پئي لهريون هنيون. لاري هن ماڙ جي اتاهين وٽ تان ائين پئي وئي جڻ ته ڪنهن اوچي قلعي جي ديوار تان پئي هلي. جنهن جي بغل ۾ گويا سمنڊ قدرتي طور هڪ اجهاڳ ڪاهي بٺائي ڇڏي هئي. ٽورو اڳتي هلڻ بعد معلوم ٿيو ته اسان کي هن ماڙيءَ جي بلنديءَ کي ڇڏي هيٺ ساموندي سطح واري ترائي ۾ لهڻو پوندو. آخرڪار لاري "لڪ بدوڪ" مان هلي هيٺ ڏري. لڪ بدوڪ درحقيقت هڪ وڏو گڙهه ۽ اونهو گهارو آهي. جنهن جي ذريعي انهيءَ مٿانهين ماڙ جي اوٽ جو پائي ساموندي ترائيءَ ۾ داخل ٿئي ٿو. انهيءَ بدوڪ جي گڙهه جي ڏاکڻي بغل مان هي گهاڙو گس گهڙيو ويو آهي ۽ چيائون ته جام علي خان اول هن لڪ بدوڪ کي آمد ورفت لاءِ استعمال ڪيو ۽ هي گهارو گس منجهائس ڪڍرايو. لاري هن لڪ مان لهي ساموندي سطح واري ترائيءَ ۾ پهتي ۽ اتان اتر الهندي طرف هن مٿانهين ماڙ ڪنڊيءَ جي سايي ۾ مفاصلو طئي ڪرڻ لڳي. هن ماڙ جي ڪنڊيءَ جي ساخت نهايت عجيب آهي. اڪثر ڪري سمنڊ جي ڪناري سان، توڙي اڳتي مڪران جي پوري سرحد سان سطح يڪدم ته ايترو اوچي آهي. جو جڻ ته سڄي ڪناري جي وٽ سان اُڀي ڪنڊي جو ڪوٽ بڻيو بيٺو آهي. هن وقت سمنڊ جو پاڻي هن ڪنڊيءَ کان ۽ ايڏائي ميل پري ڏکڻ طرف آهي ۽ نئين سر واري اڇلي پيو نئون ڪنارو ٺاهي. مگر ڪنهن سمي سمنڊ جي پاڻي يقيني طور هن ماڙ جي ديوار کي پٽي چميون ڏنيون هونديون. ارزوءِ علم الارض هن اُڀي ڪناري جي بناوت کا پراڻي ڪانهي ممڪن آهي ته تقريباً هزار يا ٻارهن سئو ورهيه اڳ سمنڊ واري اُڇلي هي ديوار ڪڍي ڪئي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هجي. * مگر اسان جي خيال ۾ سمنڊ واري اچلائڻ سان اڪثر لهواري ڪنارو جوڙيندو آهي. لس ٻيلي ۽ مڪران جي سرحد ۾ اوچي ۽ اُڀي ڪناري جي بناوت مان معلوم ٿو ٿئي ته ڪنهن سمي سمنڊ هن ارضيءَ جي مٿانهين ماڙين کي ڪائي ڪائي هي اڄو ڪنارو ڪوٽ مثل جوڙي ڇڏيو آهي.

بهرحال هن ڪناري جي اُڀي ديوار نهايت عبرت انگيز آهي ۽ گهاڙو گس جي مٿان چانو ۽ اوٽ ڪيو بيٺي آهي. لاري هن ديوار جي وٽ وڃي اڳتي رواني ٿي ۽ اڇي هڪ نهايت عجيب و غريب وانءِ يا کوهه وٽ پهتي. هي کوهه انهيءَ قدرتي ديوار جي بلڪل پاڙ ۾ ڪن مردن وڏين محنتن سان کوٽيو آهي. ڏاندن جي جوڙي منجهاننس هڪ وڏي ڪوس سان پٽي پاڻي باهر ڪڍيو ۽ انهيءَ پاڻي تي انبن جي وڻن جو جهڳٽو وڏي وڏوٽي چڪو هو. پرسان ڪدو ۽ تورين جون وليون ۽ ساون مرچن جا سلا سبزي ڪيو بيٺا هئا. اسان پنهنجي ايندڙ منزل واسطي ڪجهه ڪدو ۽ ساوا مرچ خريد ڪيا. مسافرن وانءِ جو مٺو پاڻي پيتو ۽ ڪن ڪليون ۽ اويون پري پاڻ سان ڪنيون. هي وانءِ يقيني طور هن گس جي آبادي، واسطي کوٽي وئي آهي ۽ ظاهر طور نهايت پراڻي زماني جي پئي معلوم ٿئي. ميان عبدالله سوناري جو اصل ڪاڻياواڙ طرف جو هو مگر هن وقت لس ٻيلي جي اُتل شهر ۾ گهٽي وقت ڪان وٽي مقيم آهي ۽ جنهن سان سچي وات اسان جي عربي. فارسي. گجراتي ۽ سنڌي زبانن ۾ گاهي بگاهي گفتگو پئي هلي. تنهن مون کي خاطري ڏني ته هي گس توڙي هيءَ وانءِ نهايت قديم آهن. ميان عبدالله چيو ته محمد بن قاسر سنڌ فتح ڪرڻ وقت هن رستي ڪان آيو هو. پنهنجي دعوي جي ثابتي ۾ ميل پنڌ اڳتي ڪجين جا جهڳٽا ڏيکاريائين ۽ چيائين ته هن پٽ ۾ ڪجين جا درخت عرب مجاهدن جي منزلن جون پڪيون نشانيون آهن. بهرحال هي

---

* موجوده محققن جو نظريو اهو آهي. ڪرنل هالڊچ جو ڪتاب: "هندستان جا دروازا" Gates of India by Col. Holdich and ۽ سر آريل سٽين جو آثار قديمه جي سلسلي ۾ بلوچستان ۽ مڪران جو سروي The Report of the Archaeological Survey of India No. 43: by Sir Aurel Stein.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

انبن جا وڻ توڙي اڳيرو هي ڪجين جا جهنگتا ڪر از ڪر هن اراضيءَ جي زمين جي زرخيزيءَ تي غمازي ڪري رهيا هئا. درحقيقت هن قديم ڪناري واري اُيي ديوار ۽ ڏکڻ طرف موجوده ڪچي ڪناري جي وارياسين پٽن جي وچ ۾ پيل زمين جي هيءَ ڊگهي پٽي بلڪل آبادي جي لائق آهي. جيڪڏهن رياست جا مالڪ هن زمين طرف توجهه ڪن ۽ هن اراضيءَ ۾ ڪوهه ڪوٽائي ان کي آبادي لائق بڻائين تہ هوند سندن سڀ محنتون سجايون ٿين ۽ هن زرخيز اراضيءَ ۾ منڊل مچي وڃن! انهن حسرتن ۽ ارمانن پٽي اندر ارهاٽيو تہ هوڏانهن لاريءَ هن واريءَ جي پنڊ کي پٽي وڌيو. شام جا چار لڳي چڪا هئا. اٽڪل هڪ ڪلاڪ جي چڪاڻ بعد يعني پنجين بجي اچي لاري ڪارڙي ناکي وٽ پهتي.

ڪارڙي جي ناکي وٽ اصلي جهوني ڪناري جي ايي ڪنڊي کي هڪ وڏو گهٽ آهي. پائنجي ٿوتہ اڳڪين وقت ۾ سمنڊ جي ڪاريءَ هي خال ٺاهيو آهي. جنهن ڪري ئي هن پيٽيءَ تي "ڪارڙي" نالو پئجي ويو آهي. ڪارڙيءَ جو گهٽ لس پيلي رياست جو ناکو آهي. جنهن تي ايندڙ ويندڙ مال کان سنگ يا محصول وصول ڪيو وڃي ٿو. ڪارڙي جي آبادي رڳو ٻه چار جهوپڙين ۾ هڪ ٻه چانهه جا هوٽل آهن. جن جي وچ تي رياست جو ڀاڪ بنگلو آهي. مگر ڪارڙي جي آبهوا لاثاني آهي. آڏو ڪليل لڪ وڃان سمنڊ جي هير لڳ لڳ ٽاريو چڏي. رياست جي توجهه سان ڪارڙي واپار جو دروازو ۽ هوا خوريءَ لاءِ بهترين مڪان بڻجي سگهي ٿو. اسان کي ٻه ڏڻ ڪلاڪن لاءِ ڪارڙي جي ڪليل هوا نصيب ٿي. چوتہ لس پيلي ڏانهن ويندي ڪارڙي جو ناکو لاريءَ لاءِ هڪ پڪي منزل آهي. هتي مسافرن جي سامان جي پڙتال ٿيندي. ۽ سرڪاري چونگي وصول ڪئي وڃي ٿي. اسان ٻه هي مهلت غنيمت ڄاڻي وڃي سرڪاري بنگلي ۾ ساهه پٽيو ۽ چانهه پي ڪجهه تازا ٿياسين. ان بعد سمنڊ طرف سير لاءِ نڪتاسين.

ڪارڙي جي ناکي ڪان ڏڏو ڏکڻ طرف وڌياسين تہ هڪ شاهي ڏوري جو پيٽ نظر آيو. هن وقت انهيءَ ڏوري مان شايد برسات جو پاڻي وهي وڃي سمنڊ ۾ پوي ٿو. مگر اڳڪين وقت هي ڏوري وارو پيٽ شايد سمنڊ جي کاري هئي. هن اراضيءَ ۾ هر هنڌ هيرڻ جا وڻ پٽي نظر آيا ۽ جيڪڏهن

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

انهن جي واڌاري جو باقاعدي انتظام ڪيو وڃي ته جڳي خاصي آپت ٽئي. ميل ڏيڍ پنڌ تي وڃي ملڪ جو واءُ سواءُ لهي واپس موٽياسين ۽ سانجهي نماز اچي ناڪي تي ادا ڪئي سون. مولئ سائين ۽ مهرباني ڪري ڪدوءَ جي ياڄي ۽ جي بدلي ڪڙ جو ٻوڙ نصيب ڪيو. جو ونڊي وراهي کاڌوسون.

هن وقت آٿي رات جا اٺ وڃي چڪا هئا ۽ اڳتي جي سفر جي سنبت شروع ٿي. آءُ حيران هوس ته رات جي وڳڙي ۾ هي ڏکيو سفر ڪيئن طئي ٿيندو! مگر ڊرائيور جان محمد خاطري ڏني ته هڪ ته اڳتي اڌ ڪ اٽانگا لڪ ڪين آهن ٻيو ته ڏينهن جي سخت گرميءَ کان رات جي ٿڌڪار ۾ تڪليف گهٽ ٿيندي چيائين ته آءُ ڪيئن به ڪري رات جو ئي بجي ڏاري هلي اٽل شهر ۾ اوهان کي پهچائيندس. بس خير سان ڪاروڙي جي دروازي منجهان لاري لس ٻيلي رياست جي پيٽ ۾ داخل ٿي. ڪلاڪ ڏڻي جي پنڌ بعد. سڄي هٽ تي پريرو بتيءَ جو شعاع نظر آيوءِ جان محمد ٻڌايو ته اها "ڪاٿور" وسندي جي بتي آهي.

لاري تيز رفتاريءَ سان پٽي هلي. رستو به قدري سٿڻن سڌو هو. اٽڪل يارهين بجي رات جو آڏو وڻ نظر آيا. ايستائين ڪراچي ڪان وٽي ڪنهن به اراضيءَ ۾ اهڙي وڻراهه خير ڪا نظر آئي هئي. سو مون جان محمد کان پڇيو ته هي ڪهڙي جاءِ آهي. جنهن ۾ ايترا وڻ تا نظر اچن! جان محمد چيو ته اهي وندر جا وڻ آهن. وندر جا وڻ! سڄو سٽي جو سفر اڪين آڏو تري آيو. ڪنهن وقت سٽي جي سفر ۾ وندر جا وڻ پڙهندا هئاسون. مگر اڄ رات انهيءَ خواب جي تعبير. بلڪ ان جي جيئري جاڳندي تصوير اڪين آڏو نظر آئي.... وندر جا وڻ!.... وندر جا وڻ!..... ائين دل ئي دل ۾ پئي ويچاريم ته لاري هڪ شاهي نڻن جي سڪل پيٽ ۾ داخل ٿي ۽ جان محمد مونکي سجاڳ ڪري چيو ته "وندر ندي هي اتوا!" ڏسڻ ته وندر جي ٻنهي ڪپين وڻراهه هئي. ڪنڊي جا وڻ اڪثر گهٽا هئا. بارش نه هئڻ سبب وندر سڪي پئي هئي. لاري به وندر جي واريامي پيٽ مان ڪيئن ڪوڪٽ ڪري وڃي پار پئي ۽ ڪجهه مفاصلي بعد هلي وندر جي هوٽل آڏو بيٺي. مسافر سڀ لهي پيا. آڏي رات جو وندر جي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ويران هوٽل تي وسندي لڳي وئي. چاءِ هڪ طرف تيار هئي ته بئي طرف هڪ درويش کاري ۽ انب پريو ويٺو هو. چيائين ته "ڪاڪور جا انب آهن. ڏاڍا مٺا آهن. ست پٺا هڪ انب جا وٺندس. مون چيومانس ته "پيلي انب مهانگا آهن." مگر منهنجي دوست صالح محمد خان نڪا ڪئي هر نڪا ته. يڪدم ريپو ڪڍي ڪٿي درويش کي ڏنائين ۽ مونکي چيائين ته "ميان! آڏي رات جو وندر جي سچي وڙاڻ ۽ مولئ سائين، ڪٿي مٺا انب ڏياريا آهن. سڳو شڪر ڪري ويني کائا! صالح محمد خان جو گفتو مونکي دل سان لڳو. سو شڪر ۽ صبر سان ڏڪ انب ته بنا حجاب کاڄي ويا. ايتري ۾ جان محمد آواز ڏنو ۽ وڃي لاريءَ ۾ ڇڙا ٽياسون. اڄا پنڊ پري هو. سو جان محمد ۽ رات پنهنجي تات ڪري اڇي لاريءَ کي ورتو. ڪاٽي رات جي تاريڪي ۽ خاموشيءَ ۾ آسمان جي ٽڪل دماغ کي لاريءَ جو آواز ۽ ٽولي ٽي لڳو ۽ مڙني کي ننڊ اڄي گهيريو. ڪڏهن اکڙي ته ڪڏهن پوٺي سچي لاريءَ ۾ جهٽ جهوتان لڳي پئي هئي. هڪڙو جان محمد سو "جاڳ جو جوان" هو. جنهن آخرڪار پنهنجو قول پاريو ۽ پوري ٻي ٻجي ڏاري لاري اڏل شهر ۾ ڏکڻ طرفان سرڪاري بنگلي جي آڏو آڻي بيهاريائين. مسافر لهي پيا ۽ وڃي پنهنجي ڏني آرامي ٽيا ۽ آسمان ۽ وڃي سرڪاري بنگلو وسايو.

صبح جو صالح محمد خان اول منهنجي سجاڻ منشي محمد عبدالله سان ڪرائي. منشي محمد عبدالله برفت (نومڙيو). عمر جو ڪراڙو" ۽ نهايت مهذب ۽ سنجيده پٺي نظر آيو. گفتي جي جواب ۾ "هائو" جي بدلي "بلي" ۽ حقيقت جي تاڪيد لاءِ "جي صاحب" جا سهڻا محاورا استعمال ڪري. جڏ پنهنجي سمجهه ۽ شائستگي جو وکر پئي وڌيائين. هن وقت ميان عبدالله اڏل جي نائبي ۾ منشي آهي. مگر آهي پراڏو ۽ پيڙهياتو. سندس وڏو ڏاڏو جنگي خان مٺير مرد ۽ جنگ جو جونجهار هو. چيائين ته: جڏهن جوکين ۽ جوهي (سنڌ) جي جمالين جو نزاع ٿي پيو. تڏهن جوکين اڇي لس بيلي جي جام مير خان جي مدد هٿ ڪئي. جمالين جو سردار به "شاهي" نالي شاهي بهادر هو. جنهن لس بيلي تي شاهه بلاول جي لڪ کان چڙهائي ڪئي. ان وقت جام مير خان جلدي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ٻر جنگي خان کي سپهه سالار بنائي. شاهه بلاول جي لڪ جهلڻ لاءِ موڪليو. جنگي خان سان جمعيت ٿوري هئي. پر هن مرد مرڻ جي ڪا نه ڪئي ۽ وڃي سرڪش جمالين جي سامهون ٿيو. وڙهندي وڙهندي پنجن سائين ساڻ شهيد ٿيو ۽ پنهنجي خون سان لڪ کي لال ڪري ڇڏيائين. جام مير خان جي شاعر نه فقير سندس مرثيو جوڙي ڪيس هميشه لاءِ حيات ڪري ڇڏيو:

جس کي جنگي خان جنهن قطر گهتايو ڪينڪي
هوڏانهن نوسئ نمر چوڻ جنگ مٿي سي جوان
هيڏانهن چورنگ چئن چئن سان. پنجون پاڻ بيني توپان
جهاجهاجهڳ مڳ جهوڪي اچندي اڇوان
مٽ ڪٽ مرواهين جي همٿ ٿيا حيران
دولهه ساڻ ڏيان تو ملهايو مير خان کي.

منشي عبدالله گهٽي مرحبا ڪئي ۽ جڏهن خبر پيس ته آءٌ لس جي شاعرن ۽ خصوصاً شيخ ابراهيم ۽ سيد ڪبير شاهه جي سڪ پئي آيو آهيان. تڏهن يڪدم ماڻهو ڊوڙايائين ته وڃي صالح محمد ۽ ڪريمداد کي وٺي اچو ته مهمان سان مارکو ڪن. انهيءَ وچ ۾ نائب تحصيلدار آيو تنهن به گهٽي حب خير ڏيکاري. اسان اڃا نيرن پٽي ڪئي ته صالح محمد به اچي ميڙيو ۽ وڏي حب وچان اچي هٽ ڏنائين.

صالح محمد عمر جوڪو شايد پنجهٽ ورهوندو[1]. پر ڪهي واهه جا اٽس! ملٽري ۾ به نوڪري ڪيل اٽس. مگر سپاهيانه تيز ڪان وڏيڪ وٽس غريبائو نياز آهي. اها نياز ۽ نوڙت جي وچ ڪيس ورثي ۾ مليل آهي. صالح محمد اٽل شهر جي اصلي مڱڻهارن منجهان آهي ۽ لس جي جامن جي مشهور منگتي مڱڻهار ۽ نامياري شاعر نمر جي قرابت مان آهي. سندس پيءُ راول درويش نمر جي خاص خدمت ۾ گذاريندو هو ۽ صالح محمد کي به ٻال-جتيءَ ۾ هن درويش جي صحبت حاصل ٿي هئي. جنهن ڪري ڪي اڃ سيون ۽ اڃ ٻڌيون ٻالهيون ڪيس به ازبر ٿي ويون. چوته نمر

---

[1] يعني ته 1964ع ۾.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هڪ نر شاعر ۽ وڏو سگهڑ هو:

نهرو نر چون گهيڙو گهندارو تيو.

هن ناميارين نر شاعر جي حقيقت ۽ لس هيلي جي جامن ۽ ستلن مخالفن جي جنگين جهيڙن جهگڙن جون خبرون صالح محمد وٽ جهجهيون هيون. سو صالح محمد ۽ اسان تہ ملنديئي ہكن تي ٿيي وياسون ۽ عام كچهريءَ كي چڏي وڃي اسكول جي وراندي كي وسايوسون تہ من نويكلائي ۽ هر كو جهجهو وكر وندي سگهون. ايڏا صالح محمد سان كچهري شروع ٿي تہ هڪ ٻئي جهوني مڙس اچي سلام ورايو. صالح محمد سون كي اشارو كيو تہ كريمداد اچي ويو. آئي كريمداد سان ملياسون ۽ خير خوش عافيت كري خبرون چارون ڏنيون ورتيون سون.

كريمداد پت سناسي. حسن پوتو هُرو برفت. عمر ۾ اسي كان گهٽ كو نہ ٿيندو. مگر ذهن ۾ تيز ۽ طبع ۾ جوان. زنده دل. كلمك ۽ خوش مزاج. جنهن كلنديئي خوشبوءِ ڏني. سندس زبان پكي ۽ پختي ۽ سندس كلام شيرين ۽ خوشتر. انهيءَ كان وڌ تہ پاڻ وڏو سگهڑ. جنهن وٽ وهائي وكر جي كمي تہ كا نہ هئي. مگر قلبي شعور ۽ جهجهو هو. هين جو وكر ۽ ٻئي وندياسين تہ پنهنجي هٿ جو هوكو ۽ ٻئي ڏنائين. سندس سيڻن گفتن مان يك مشت نمونہ خروار. هيءَ جو چياسين تہ "شعور اهو جو مشهور ٿئي": سياڻن چيو آهي تہ:

مورک مانيان گن. ويسر وڻن مات
چيڙي سر پرتو. جكس وجهاڻس ۾ كاٽ.

۾ كريمداد كي ۽ اهو گڻ ورثي ۾ مليل آهي. سندس پيءُ "سناسي" سگهڑ هو ۽ سندس ڏاڏو "صدفي" توڙي پڑڏاڏو "سناسي" ٻئي شاعر هئا. پر سندس امڙ توڙي پيءُ ۽ سڄاڻ مايون هيون ۽ درويش نر شاعر سان صحبتي هيون. سندس والد، نر درويش كان اچي دعا گهري تہ من سندن كك نڻن جي پائي جي هوڏ كان بچن! جنهن تي درويش نر هي نياپو نڻن ڏي موكليو تہ:

جيئي سنڌ ڊجيٽل كتاب گهر

Scanned with CamScanner

پر جو بخ چڏي پائي ون؟ پري
خاوند کيٽ پري ته ٽين سنا سياڻي سنرا.

قدرت الاهي جو پاڻي هٽي ويو ۽ سناسياڻي ٻوڙ کان بچي ويا! سندس پيڙ کان ته خود نمر درويش دعا گهري ۽ چياٿينس ته: مائي! منهنجي نظر جهڪي ٿي پئي آهي. مائي تون کا دعا ڪر. جنهن تي مائي هيڪر چيو ته:

ٽيو نور سائو نمر جو ڪئي ڪجل ڪارائي
وري پيهر چياٿين ته:

املهان ٿي اڳرا ٽيا. چڏي وڃ جهڙ رتولن

مطلب ته ڪريمداد جهڙو تاجي پيٽي پٽ سگهڙ ۽ مولئ ڪٽي ملايو. هاڻي صالح محمد ۽ ڪريمداد جو جوڙو سجوڙو ٽيو ۽ مون کي ڇڻ لس ٻيلي جا فيضي ۽ ابوالفضل ملي ويا: جو ڏس پئي پچيم سو پئي ڏٺائون ۽ اڻ ڏيون اڻ ٻڌيون خبرون پئي ٻڌايائون.

ڪبير شاهه جو پتو پچائيندي مون کي هڪ ٻ ورهيه گذري ويا هئا. هينئر هنن سگهڙن ڪبير شاهه جو سڄو احوال ٻڌايو ۽ اشارو ڪيائون ته "سائين! اهي جيڪي ڪنڀن جا ون پيا ڏسجن. اهو مقام آهي. جنهن ۾ ڪبير شاهه مدفون آهي. پوءِ سڄي خبر ٻڌايائون ته ڪيئن ڪبير شاهه سنڌ مان ڪهي لس ٻيلي ۾ شيخ ابراهيم شاعر جي مقابلي لاءِ آيو ۽ ڪيئن آخر اڃي جام دوري جي انهيءَ ڳوٺ ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. دل ۾ چيم ته ملوڪن سڄ چيو آهي ته "پچندڙ نه منجهندڙ" اسان به پچي پچي آخر اڃي خود ڪبير شاهه جي ڳوٺ کي اکيين لاتو. اهو ڏينهن سڄو صالح محمد ۽ ڪريمداد سان رهاڻ ڪري شام جو وڃينءَ نماز ڏاري ڪبير شاهه جي مقبري جي زيارت لاءِ نڪتاسون. ڪريمداد هاڻي مون سان گڏوگڏ رهيو. سيڻن مان به ڪا پهر هن کان اڳ اسان وٽ پهتي هئي. تنهن اسان جي اچڻ جي خبر اڳيئي وڃي ٻڌائي. اسين به سنئون رخ وٺي لوڙهو لتاڙي وڃي مقام جي حد ۾ داخل ٿياسون. وچ ۾ هڪ ٽلهي تي چارديواري اندر سدا حيات شاعر ڪبير شاهه جي شاهي قبر هئي. جنهن تي سلام واري وڃي پيراندينءَ کان گونڌا پچي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ويناسون ۽ ختمو ڏسوسون. بلي! ڪنهن وقت ته ڪبير شاھ جي صحيح سڪونت جو پتو ڪو نه ٿي پيو. اڄ ته سندس دائمي تڪيي ڪي به اڇي ڏوري ڏنوسون. اسان دعا گهري فارغ ٿي نڪتاسين ته ڪبير شاھ جي موجوده خاندان مان ميان نبي بخش شاھ نالي هڪ ماڻهو سنجيده ۽ پڪو موڪيل مڙس اڇي اسان کي مليو. جنهن ڏاڍي حب خير ڏيکاري ۽ ڪبير شاھ جي ڪتب مان اهل حياتيءَ جي تربتن جي سڃاڻپ ڪرائي. ان بعد وٽي هلي چانهه جي مهمان نوازي ڪيائين. جتي ميان ابراهيم شاھ ۽ علي اصغر شاھ جي پٽ هن خاندان جا عمر رسيده مرد آهن، تن سان ملاقات ٿي. وٽانئن ڪبير شاھ ۽ خصوصاً احمد شاھ (جو هتن سيڊن مان آخري شاعر ٿي گذريو آهي) جا بيت قلمبند ڪيا ويا. ميان نبي بخش شاھ جي زبان وڏيڪ شسته ۽ صاف هئي ۽ پڇڻ تي معلوم ٿيو ته سندس اڪثر سفر سنڌ پر ٿئي ٿو ۽ ڪراچي، حيدرآباد، دادو ۽ ويندي نوابشاھ ضلعي ۽ شهدادپور ۽ هالن تائين سندس اچڻ ٿئي ٿو. اسان به سانجهيءَ جي نماز پڙهي سيڊن کان موڪلايو ۽ اڇي پنهنجي منزل پيڙا ٽياسون.

اسان جي اصلوڪي پروگرام موجب ٻئي ڏينهن صبح جو يعني 25 جون تي اسان کي لياري ۽ لاکڙي جو چڪر ڪاٽي. رياست جي گادي "پيلي" ڏانهن اُسرڻو هو. لياري ۽ لاکڙي طرف شيخ ابراهيم ۽ هين حمراڻين شيخن شاعرن جا احوال هٿ ڪرڻا هئا ۽ لس پيلي برڪن سڳهڙن کي ملڻو هو. مگر 24 تاريخ جي رهاڻ ثابت ڪيو ته صالح محمد ۽ ڪريمداد سيني سڳهڙن جي سڪ لاهڻ وارا آهن ۽ خبري خزاني اوتڻ ۽ هو جملي هين خابرن جي طرفان فرض ڪفايا ادا ڪرڻ وارا آهن. تنهن ڪري هيلي ڏانهن ڪشالي ڪيڻ کان اسان به بس ڪري چڏيو. چو ته بس اڳيئي هيلي ڏانهن رواني ٿي چڪي هئي ۽ هاڻي آڏو اُٽل کان وٽي هيلي تائين وهڻ ڪوهن جو سفر اُٺن تي طئي ڪرڻو هو.

باقي وڃي رهيو سوال لياري ۽ لاکڙي وڃڻ جو. انهيءَ باري ۾ سڄي سنگت جي صلاح ٿي ته لاکڙي مان حمراڻي سڳهڙن کي اُٽل ۽ گهرائي وٺجي ته انهيءَ ڇهن ستن ڪوهن جي سفر کان بچي پئجي. اها سٺ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سڄي. دوست محترم صالح محمد خان. لاکڙي جي نائب ڏانهن انهيءَ باري
ہر خط لکيو ۽ منشي محمد عبدالله جي ڪوشش ۽ اُتل جي نائب جي
مهرباني، سان اهو خط رات رات لاکڙي ڏانهن اوٿي قاصد جي هٿان روانو
ڪيو. هاڻي اسان اُتل کي باقي بن تن ڏينهن لاءِ پنهنجو مستقل مرڪز
بنايو ۽ رات جي ماني کائي. ميان ڪريمداد سان رس رهاڻ ڪري وڃي
آرامي ٽياسون ۽ 25 جون جو خير جي سج اُپرڙ سان وري ميان ڪريمداد
۽ صالح محمد سان مارڪي ہر مشغول ٿي وياسون.

شام جو ڪنهن شخص اچي خبر ڏني ته حمراڻي شيخن مان سڀني
ہر عمر رسيده سگهڙ شيخ الله ڏنو فلاڻي هنڌ ويٺو آهي ۽ ڪراچي وڃڻ
جي سانگي ٿي. آيو آهي. هيءَ خبر ٻڌنديئي اسان يڪدم شيخ صاحب
کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو. شيخ الله ڏنو ولد شيخ ابراهيم ننڍو جُهور پير
مرد آهي ۽ سنڌس عمر سؤ ورهين کان سوائي آهي. شيخ ابراهيم شاعر
سنڌس پڙڏاڏو هوانهيءَ ڪري شيخ الهڏني کي پنهنجي پاڙي توڙي شيخ
ابراهيم شاعر جي حقيقت حال جي سڃي سريستي خبر هئي. ڏٺيءَ جا
احسان چٽيا. جو هن ٻيڙي شيخ سان گهر ويٺي ملاقات ٿي وئي. قاصد
هٿان اسان لاکڙي جي نائب ساڃڪي شيخ الله ڏني ۽ شيخ عثمان جي گهر
ڪٽي هئي. پر هينئر شيخ الله ڏني جي پيري ۽ ضعيفي جو حال ڏسي
اسان کي پڪ ٿي ته هي غيبي امداد آهي. جو شيخ جهڙو عنقا اسان کي
زمين تي مليو. ورنه لاکڙي مان نيابي تي سنڌس اچڻ مشڪل ۽ محال هو.
شيخ صاحب پيريءَ جي باوجود وڏي خوشيءَ سان ويڻي. اسان سان حال
ونڊيو: پنهنجي پاڙي جي خبر ڏنائين. شيخ ابراهيم توڙي ٻين شاعرن جي
حقيقت ٻڌايائين ۽ ڪبير شاهه شيخ ابراهيم جي هڪڙي پران ويهارو
ڪن بيت لکارايائين. سڌو ورهيه جي عمر ہر شيخ الله ڏني جي سالنہ ٻڌ ۽
صحيح حافظو ڏسي آءٌ حيران ٿي ويس. رات جو شيخ صاحب کي هنڌ
ٽاهي ڏنم. سو ويچارو دعائون ڪندو سمهي پيو. ڪريمداد ۽ اسين وري
ٽياسون ڪچهريءَ ہر شروع ايتري ہر لاکڙي ڏانهن راتوڪو ويل قاصد ٻه
اچي سهڙيو ۽ اُتان جي نائب جو نياپو آندائين ته صبح جو سويرر شيخ
عثمان شيخ گنج بخش ۽ ٻيو هڪ درويش حاجي موسو ليارڪيه جو. اهي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تيئي مارڪي لاءِ اسان وٽ پهچندا. باقي شيخ الله ڏنو ڪراچيءَ طرف روانو ٿي چڪو آهي (جو خوش بختيءَ سان اڳيئي اسان وٽ پهچي چڪو هو). اهي سنيها ڏيئي سمهي پياسون. تان جو ايريو سج خير جو.

26 جون صبح جو نيرن ڪري بمصداق 'ان جو منهن جند ڏانهن'. اسان وري ميان ڪريمداد ۽ شيخ صاحب سان مارڪي هر لڳي وياسون تہ ايتري هر هن مڙسن اڇي سلام ورايو..... شيخ عثمان ۽ شيخ گنج بخش اڇي وياَ. اٿي مليا سون ۽ خبرون چارن ڏينهن ورتيو سون. شيخ عثمان پڪو جوان مڙس. بت هر سڳهو صحتو ۽ ڪپڙن هر ٺهيل جڙيل. شيخ گنج بخش موٽيل مڙس، طبع هر سادو. نيڪ نيت. نيڪ خصلت ۽ شراف پڻي نظر آيو. زبان جا ٻڌي مٺا ۽ محبت جا تہ ٻنهي وٽ مٺ مٺا. ٻنهي کي شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهہ جو گهڻو بياض ياد هو. چوڻ تي شيخ عثمان هو. پر ڪچي پڪي ۽ گهٽ وڌ گفتي وقت گنج بخش پٽي ٽاڪائا ڏنا. مارڪي جا منڊل لڳي وياَ. پلا سگهڙ سگهڙ جي ذات اڇي گڏ ٿي. ميان ڪريمداد نہ منهنجو گوڏو جهليو وينو هو ۽ پنهنجي وسيع معلومات مان هر سگهڙ کي پٽي ورچ ڏنائين. بس گفتي جي وڌ ٽڪ لڳي ٿي: هڪ طرف سگهڙن جي زبان تہ ٻئي طرف بنده جي قلم هڪٻئي سان ڪلهو پئي هنيو. مطلب تہ پوري اٽ لڳي وئي. پياسپ اسان کي ديوانو سمجهي وڃي پنهنجي دنيائي ڳالهين ۾ لڳا. هاڻي اسان کي به نويڪلائيءَ ۾ ملي ويو بل. سو ڪولي مارکو ڪيوسون منجهند جي مانيءَ وقت ڏرو ويساهين ڏئي وري ويلاسون. تان جو سج اڇي وڃينءَ کي پهتو. اسان کي به جيڪي مطلب ڏيڻا ونڻا هٿا. يا اتي سمورن کي اسان پنهنجو ڏس پتو ٻڌايو ۽ هنن کان به سنڌن ايڊريسون ورتيون.

اهي آخري ناتا پٽي نباهياسون تہ جان محمد به ٻيلي مان لاري مسافرن جي پري اڇي واپس اٽل ۾ ٽڪاءَ ڪيو. لاريءَ ۾ سردار حاجي حيدر چانڊ صاحب نالي هڪ نوجوان به هو. ڪيس ڪانور وڃڻو هو. اٽل لاريءَ جي روانگيءَ جو وقت وري پٽي ڏينهن صبح جو مقرر ڪيو ويو. تنهن ڪري وري اڇي پنهنجي ساٿين پيڙا ٽياسون. مگر شيخ عثمان ۽ شيخ گنج بخش کي واپس وڃڻ جو اجازت ڏني سون شيخ الله ڏنو پير مرد

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڪراچيءَ اچڻو هو. سو اسان سان گڏ رهيو. ميان ڪريمداد ته اسان کان جدائي کين ٿيو ته ايتري ۾ حاجي موسيٰ به چڱا مزاحي ٽڪتا سڀايا. مل محمود پلي ضلعي ٽرپارڪر واري جو وڪر وٽس گهٽو هوءِ ٻڌي تعجب ۾ پنجي ويس ته ڪٿي جو شاعر ته ڪٿي سنڌس شعرا! وري به مارڪو ڪري سنجهي لڙئي سڀني پياسون. تان جو خير جو 27 جون جو سج اُپريو ۽ لاري تيار ٿي. شيخ الله ڏني درويش کي جڳهه ڪري ڏنيسون. ان بعد انهن دل وارن دوستن کان موڪلايوسون. منشي عبدالله کي الله واهي چئي سون ۽ نائب صاحب سان به نماز وٺديوسون. صالح محمد کي السلام عليڪم چيوسون ته ميان ڪريمداد کي قرب وچان پاڪر پائي ڪائنس منزل ڪوڄ ڪري وڃي لاريءَ ۾ ويڙهيا ٽياسون. جنهن وري واپس ڪراچيءَ ڏانهن رخ ڪيو.

اُٽل ڏانهن ويندي وقت رات جو وڳڙو هو. جنهن ڪري انهيءَ تر جو ترياءُ لهي نه سگهياسون. مگر هينئر ڏينهن ڏني جو هيءَ سچي جُوءَ جاچيندا آياسون. هن پاڳي جي زمين اڪثر سنڌين سڏي هئي ۽ مٿي به رڻ واري ۽ آبادي۽ جي لائق پئي نظر آئي. ڪٿي ڪٿي هيرن جاوڙ پئي نظر آيا. جي هيمشه زمين جي طاقت ۽ زرخيزيءَ جي پڪي پختي نشاني آهن. رڳو پاڻيءَ جي اڻاڻ سبب. هي ملڪ ويران لڳو پيو آهي. مون جڏهن زمين جي زرخيزي جي ڀالهه ڪئي ته حاجي حيدر ڀالهه ڪئي ته سڄي لس پيلي ۾ لاکڙو نهايت زرخيز آهي ۽ رياست جو ڪشمير آهي.

انهن ڀالهين ۾ ويڻا هٿاسين ته لاري اڇي منديارياءَ جي ننڍي ٽپي ۽ ڪپي پاسي. ٻر ۾ هڪ مٿانهين پيٽيءَ تي ميٽائين رنگ جون قبرون نظر آيون. اهڙيون قبرون عام طرح 'ڪلمتي قبرون' مشهور آهن. هي مقام ڏسي مون کي ڪرنل هالڊچ جو قول ياد آيو ته ڪلمتي قبرون سنڌ جي ڏکڻ اُلهندي ڪان وٺي ڪيچ مڪران تائين جابجا نظر ايندڙيون. هن صاحب قبرن جي سنگتراشيءَ جي فن جي تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي [1]. تحقيق اهي قديم قبرون نهايت سهڻيون هڪل آهن. پٿرن تي سنگتراشيءَ جو هنر انسان کي حيران ڪيو ڇڏي. هن وقت جابجا اهي

---

[1] ڪرنل هالڊچ جو ڪتاب: 'هندوستان جا دروازا'.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مقام اهڙن بيابانن ۾ بيٺل آهن. جو سمجهي نه ٿو سگهجي ته اهڙن سڄن ۽ ويران پٽن ۾ اهي سهڻا پٿر ڪٽان آيا ۽ اهي ڳريون ڇپون ڪيئن ڪڍي آيون! مون اهڙو مقام پهرياڻين سنه 1944ع ڌاري ڏٺي ڏوري جي ڪناري تي گهاري شهر (ضلعي ڪراچي) کان ست ميل ڏکڻ ڏي ديبل بندر جي ڀرسان ۾ رلندي ڏٺو هو. جنهن ۾ قبرن جي لکيل نالن مان معلوم ٿيو ته هي قبرون ڪرمتي بلوچن جون آهن [2]. قبرن تي لفظ "ڪلماتي" آيل آهي ۽ شايد اصل لفظ "ڪلمت" آهي. جو مڪران جي ڪناري لڳ آهي ۽ اتان جي رهندڙن بلوچن تي 'ڪلمتي' نالو پيو.

بلوچڪي نسب نامي جو شعر آهي ته:

اڙ حبا چانديه ڪاين ڪلمتي لوغ پهه گورين.
نـــوح نندي منه نليا جستگاني پهه گرين.

يعني ته: چانديا حب ۾ ڪلمتي انهن جي پر ۾ (رهن ٿا). نوحاڻي نِلي ۾ ۽ جستگاڻي انهن جي نزديڪ آباد آهن.

هنن ڪلمتي قبرن جي ڏسڻ جو اڳيئي شوق هو. سو پنج منٽ لاري روڪائي وڃي قبرن کي چتايوسون. هڪڙي قبر تي هن طرح: "حوط شنبه لس" نالو نظر آيو. حوط (هوت) جي نالي مان ثابت ٿيو ته هي هوتائين يعني ڪلمتي ڪتب جي ڪنهن شاخ جو جو مقام آهي. جان محمد ٻڌايو ته پهوٽي جي لڪ مان جيڪو رستو اُتر ڪان ڪراچيءَ طرف وڃي ٿو. انهيءَ تي پهوٽيءَ ڪان ڇهه ميل اتر طرف 'تاراڊه' جو مقام آهي ۽ تاراڊه ڪان ايڪا به اٽڪل چار ميل اتر طرف وري 'ملڙي' جو مقام آهي. اهڙي طرح گندهو لڪ واري رستي تي (جيئن اسان شروع ۾ بيان ڪيو) لڪ جي ٻنهي پاسي اهي قبرون نظر اچن ٿيون. هينئر موتندي وقت اسان پواڻي ۽ گندهو لڪ جي وچ تي. رستي لڳ واقع مقام کي جانچيوسون. ڪن قبرن تي هي نالا پڙهڻ ۾ آيا الله. آدم مندو. حدو مندو. توڪو هارون ... هارون علي ڪرازي. جمال زنگي. محدو دودو خان زنگي وغيره. اهي نالا به صاف بلوچڪا آهن. قبرن تي سنگتراشي جو واهه جو ڪم ٿيل آهي!

---

[2] هن مقام جي ٻوڏ ڪيترائي ڏنما جاج پڙتال ڪئي وئي. قبرن تي جملي لکيل نالا نوٽ ڪيا ويا. ۽ ضروري فوٽا ورتا ويا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

عام ماڻهون هتن مقامن کي "رومي يا روميون" ڪري پيا سڏين ۽ اسان کي پيا سمجهائين ته هي سڪندر جي وقت جون قبرون آهن. مگر اهي بلوچن جون قبرون آهن. جيئن اسان بيان ڪري آيا آهيون: ۽ پائنجي تو ته اهي گذريل ڇهن سون ورهين کان وٺي پوين پنهنجن ڇهن سون ورهين عرصي جون ٻڌيل آهن. ڇو ته تقريباً انهيءَ عرصي ۾ ئي بلوچن جا قبيلا سنڌ جي سرحد ڏانهن وڌي تعداد ۾ وڌيا. ڪرمتي بلوچن جا سردار سنڌ ۾ ملڪ مزار خان ۽ ملڪ غوث محمد خان وارا آهن. جي گهاري اضلعي ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا. انهن کي جاگيرون اول ۾ سرڪار طرفان اورنگزيب عالمگير جي ڏينهن ۾ مليون. اهو 17 صديءَ جو زمانو هو. مگر انهيءَ وقت ته حڪومت انهن قبيلن جو حق تسليم ڪيو. انهن جو سنڌ ۾ اچڻ مغلن جي دور حڪومت کان گهڻو اڳ ٿيو.

بهرحال انهن مٿير مردن پنهنجي مٿن تي به وڻ ۾ رنگ لائي ڇڏيا. هن وقت اهي مقامات وقت جي سنگتراشيءَ جي فن جو زنده ثبوت ۽ انهن قافلن جي راهن جي مسلسل آبادي جا جيئرا نشان آهن. هي تاريخ جو داستان ڏکهو آهي. تنهن ڪري اسان پنهنجي اصلي بيان ڏانهن ٿا اچون. هي 'منديارين' جو مقام ڏسي. وري اچي لاريءَ ۾ پيڙا ٽياسون. جا 'ڪڙڪيري' جي وسنديءَ وٽان ۽ وندر جي نڪ وچان. واڪا ڪنديءَ آخرا چي ڪائور جي نزديڪ پهتي. حاجي حيدر صاحب کي ڪائور وڃڻو هو. تنهن ڪري سڄي لاري اچي هن بستي ۾ پهتي. ڪائور جي وسنديءَ هن پربت جو خيابان آهي. شهر سان لڳولڳ هڪ سهڻو باغ هو. جو جنت نشان پئي معلوم ٿيو. اندر ميون جي به ڪمي ڪا نه هئي. انب، جمون، ليسوڙا ۽ ليار سڀ موجود هئا. اسان به ماندا ٿي وڃي لٽاسون ۽ وڻين ميون جو مزو ماڻيوسون. ان بعد حاجي حيدر صاحب ڇانهه موڪلي جا پي اچي لاري ۾ چڙهياسون. پوءِ ته ساڳيو پند ساڳيا رند. آخر سڪهوئي اچي ڪارڙي پهتاسين. ڪائوڙ ۽ ڪارڙيءَ جي وچ ۾ زمين جو ورق نهايت زرخيز نظر آيو. ڪاش! جوانهن پٽين کي آبادي لائق بڻايو وڃي.

ڪارڙيءَ ۾ مانجهاندو ڪري سڄ لڙئي وقت وري لاريءَ پيڙا ٽياسون ۽ سنڌ جي ڪنڊي جي وٽ وئي. لڪ بدوڪ مان مٿي چڙهي. باگڙ جي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڊوري کي پار ڪري. اڇي پوائي، جي پوءِ ۽ رسياسون. جتي قديم مقام جو معائنو ڪيوسون ۽ وري اڇي لڪ گندهي کي اکين لاتوسين. گندهي لڪ جي نالي آهيون. مگر هتي پهچڻ بعد اسان جي دوست ميان احمد خان (گهاري جي ڪلمتي سردار ملڪ غوث محمد جي پاءُ) اسان کي نهايت خاطريءَ سان هيءَ خبر ڏني ته انهيءَ لڪ تي اهو نالو گندهي بلوچ سردار جي نالي تان پيو آهي. چيائين ته گندهو منڊاڻي قبيلي جو هڪ ڏاڍو جوان سردار هو. جوگري نالي پنهنجي گهوڙي تي سوار ٿي. انهيءَ لڪ مان لنگهي وڃي لس ۾ لوڙهين يعني چوپائي مال جا ڏاڙا هٽندو هو. جنهن جي مرڻ تي ڪنهن شاعر مرثيو چيو ته:

گوري ۽ گندهي. آڻي، اُبتا پير
منڊاڻي مري ويا. هاڻي لس ڪاهيندو ڪير؟

اسين انهيءَ گندهي جي لڪ مان گذري اڇي 'حب ناڪي' تي پهتاسون. جتان دوست محترم صالح محمد خان کان موڪلايو. حب ندي، جي اورئين پر يعني ڪراچيءَ واري پاسي هڪ وڏو شيخ الله ڏنو به لهي پيو. جنهن کان به دعا گهري موڪلايو. هاڻي ته رستو هو پڪو. سو لاري لحظن ۾ اڇي 'لي مارڪيٽ' ۾ پهتي سانجهيءَ جو ٽائو ٽري چڪو هو: لاري مان لهندي وقت لس پيلي جو سڄو سفر دل تي تري آيو:

ذرا اس چمن میں دل سیر کر لے
دوبارہ پھر قدم آئے نہ آئے۔

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner


ریاست جموں کشمیر کی بین الاقوامی حدود نقشہ
(مغربی پاکستان)
ضلع سیالکوٹ
ضلع گورداسپور
ضلع گورداسپور
ضلع سیالکوٹ
ضلع گورداسپور
ضلع سیالکوٹ
ضلع گورداسپور
ضلع سیالکوٹ



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner